رسالو
غلام محمّد خانزئي

تصحيح ۽ مقدمو

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

اينڊو مينٽ فنڊ ٽرسٽ
فار پرزرويشن آف دي هيريٽيج آف سنڌ، ڪراچي

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ريسرچ فائونڊيشن حيدرآباد، سنڌ

رسالو غُلام مُحمّدَ خَانزئي جو

رسالو

غُلام مُحمّد خانزئي

جو

تصحيح ۽ مقدمو

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ
فار پرزرويشن آف دي هيريٽيج آف سنڌ

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ريسرچ فائونڊيشن حيدرآباد، سنڌ

2022ع

[حق ۽ واسطا اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ ۽ ڊاڪٽر بلوچ فائونڊيشن وٽ محفوظ]

اينڊومينٽ ۽ فائونڊيشن جي سهڪار سان ڇپيل ڪتاب نمبر (23)

ڪتاب جو نالو: رسالو غلام محمد خانزئي جو
تصحيح ۽ مقدمو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڇاپو پهريون: 1985ع
ڇاپو ٻيو: 2022ع
تعداد: هڪ هزار
ڪمپوزنگ: دانش ٻبر ڪمپوززس، حيدرآباد سنڌ
ڇپائيندڙ: اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ فار پرزرويشن آف دي هيريٽيج آف سنڌ، ڪراچي
ڇاپيندڙ: ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي 0300_2879794
رابطي لاءِ: محمد ارشد بلوچ 0333_2683907
ISBN: 978-969-9860-45-4

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

(1) ڊاڪٽر اين.اي. بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ، ڄامر شورو
(2) سنڌي ادبي بورڊ جو ڪتاب گهر، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد
(3) قليچ ڪتاب گهر، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد

انتساب

شمس العلماء

ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جي نالي

جنهن ’اعليٰ سنڌي شاعري‘ جي

آڳاٽن ذخيرن کي سهيڙيو

۽

تحقيق سان شايع ڪرايو

نبي بخش

عنوانن جي فهرست

❊	ناشر پاران	جهانگير صديقي	vii
❊	ڊاڪٽر بلوچ فائونڊيشن پاران	علي محمد بلوچ	viii
❊	مهاڳ	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	01
❊	مقدمو	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	02
1.	سر ڪلياڻ	....	۱
2.	سر جمن	....	۱۳
3.	سر سرراڳ	....	۳۱
4.	سر سامونڊي	....	۴۰
5.	سر سهڻي	....	٦۵
6.	سر سسئي آبري	....	۸۵
7.	سر معذور	....	۱۲۹
8.	سر ديسي	....	۱۴۴
9.	سر ڪوهياري	....	۱۵۹
10.	سر حسيني	....	۱۸۲
11.	سر ڪنيات	....	۲۱٦
12.	سر بلاول	....	۲۳۲
13.	سر بروئو سنڌي	....	۲۴۱
14.	سر بروئو هندي	....	۲۵۱
15.	سر سارنگ	....	۲۵۹
16.	سر آسا	....	۲٦۹
17.	سر سورٺ	....	۲۷۹
18.	سر پرڀاتي	....	۲۹۱
19.	سر هير رانجهو	....	۲۹۷
20.	سر پورب	....	۳۰۳

21. سر ڪاموڏ	....	....	٣١٠
22. سر ڪاريھل	....	....	٣١٩
23. سر ڪاھوڙي	....	....	٣٢٧
24. سر رپ	....	....	٣٣٧
25. سر رامڪلي	....	....	٣٤٨
26. سر ڪيڏارو	....	....	٣٧٦
27. سر ليلان چنيسر	....	....	٣٨٦
28. سر ڏھر	....	....	٣٩٥
29. سر ڪاپائتي	....	....	٤١٣
30. سر گھاتو	....	....	٤٢٤
31. سر راڻو	....	....	٤٣٢
32. سر مارئي	....	....	٤٥٢
33. سر ڏناسري	....	....	٤٧٩
34. سر شينھن ڪيڏارو		....	٤٨٥
35. سر بسنت		....	٤٩١
36. سر ڊول مارئي		....	٤٩٧

ضميمو

1. ڪافيون	....	....	٥٠٢
2. مولود	....	....	٥٣٦
3. لولي (ٿيه اکري)	....	....	٥٣٧
4. مناصح المؤمنين	....	....	٥٤٤
5. غزل	....	....	٥٥٥
6. منھاج العاشقين	....	....	٥٥٩
7. شاه عبداللطيف ڀٽائي جي ڀن بيتن جي معنيٰ			٥٨٣
● ڪن انوکن لفظن جي معنيٰ			٥٨٩

ناشر پاران

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سڄي حياتي تحقيق ۽ کوجنا ۾ گذاري. هن هنڌين ماڳين جيڪي ذخيرا ڏٺا تن کي ڳولي، ڇنڊي ڦوڪي صاف ۽ چٽو ڪري سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي علمي خزاني ۾ شامل ڪيو آهي. هو عمر جي جنهن به حصي ۾ جيڏانهن به ويو، اتان قيمتي معلومات ميڙي آيو ۽ پوءِ موتي اچي گودڙيءَ مان لال ڪڍي چمڪائيندو آيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ کي هن ڪتاب جو مسودو/ قلمي نسخو شمس العلماءَ ڊاڪٽر عمر بن محمد جي لائبريريءَ مان مليو هو.

غلام محمد خانزئي به تصوف جي ان سلسلي جي ڪڙي آهي جيڪا بقول ڊاڪٽر صاحب قاضي قادن کان شروع ٿي سندس دور تائين پهتي. هو اٺويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ جو شاعر هو. سندس انداز مان ان دور جي شاعريءَ ۾ ٻولي جا موضوع ۽ ماپا نظر اچن ٿا. غلام محمد خانزئي بيتن، ڪافين، مولودن، سنڌي غزل، فارسي غزل، لولي ۽ ٻين صنفن جو شاعر آهي. سندس سرائيڪي ڪلام به پڪو پختو آهي. هو پير جهنڊي واري بزرگن جو طالب هو، سندس ڪلام به انهن جي ڪتب خاني مان مليو آهي. سندس ڪلام تي شاهه لطيف جي ٻوليءَ جو وڏو اثر ڏسجي ٿو.

هي ڪتاب پهريون ڀيرو ۱۹۸۵ع ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي ورثي پاران شايع ڪرايو ويو هو. ۽ هاڻي ٻيهر ڊاڪٽر بلوچ جي ۱۰۵ سالگرهه جي موقعي تي پڙهندڙن آڏو پيش ڪجي ٿو.

انڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ريسرچ فائونڊيشن جي گڏيل سهڪار سان ڇپجندڙ هي ٽيويهون ڪتاب آهي. اميد ڪجي ٿي سنڌي ادب پڙهندڙن لاءِ اهم هوندو.

جهانگير صديقي

چيئرمين

انڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ

ڊاڪٽر بلوچ فائونڊيشن پاران

غلام محمد خانزئي جي رسالي جو قلمي نسخو شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي مرحوم جي ڪتب خاني ۾ موجود هو، جيڪو دائودپوٽي صاحب جي وفات کان پوءِ محترم عبدالحميد آخوند جي مهرباني ۽ تعاون سان پياري بابا سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي ملي سگهيو. جنهن جي بابا سائين مسلسل جدوجهد ۽ محنت سان تصحيح ڪئي ۽ اُن جو شاندار مقدمو پڻ لکيو جيڪو پوءِ شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه طرفان ۱۹۸۵ع ۾ رسالي جي صورت ۾ ڇپايو ويو.

بابا سائين ڊاڪٽر بلوچ صاحب رسالي جي مقدمي ۾ لکن ٿا ته: ”غلام محمد خانزئي سنڌي ٻولي جو وڏو ڄاڻو آهي ۽ گڏوگڏ هُو عربي، فارسي ۽ سرائيڪي ٻولي تي پڻ عبور رکي ٿو.“

ڊاڪٽر صاحب وڌيڪ لکن ٿا ته ”غلام محمد خانزئي پنهنجي رسالي جي تصنيف ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو شاگرد آهي، مگر اهڙو شاگرد جنهن پنهنجي اعليٰ علمي لياقت، سلوڪ ۽ طريقت جي ڄاڻ، شعر جي شعور ۽ ٻولي ۽ لغت تي عبور سان ڀٽائي صاحب جي ڇانوَ ۾ پنهنجي لاءِ هڪ جاءِ ٺاهي آهي.“

مون کي بيحد خوشي ٿي رهي آهي ته اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ جي مالي تعاون ۽ سهڪار سان 'رسالو غلام محمد خانزئي جو' سٽيهن (۳۷) سالن بعد ٻيهر ڇپجي رهيو آهي، جنهن لاءِ آءٌ محترم عبدالحميد آخوند، سيڪريٽري اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ جو بيحد مشڪور آهيان.

تاريخ 01-11-2022 دعاگو

حيدرآباد **علي محمد بلوچ**

مهاڳ

غلام محمد خانزئي اچ کان هڪ سؤ ورهيہ کن اڳ جو اديب، عالم ۽ سالڪ شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن جو ڪلام هن رسالي سميت هڪ قلمي 'ڪليات' جي صورت ۾ پير صاحب جهنڊي وارن جي ڪتبخاني ۾ محفوظ هو. جيڪو پير صاحب جن جي طرفان مرحوم شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي کي وڌيڪ تحقيق ۽ اشاعت خاطر عنايت ٿيو. اهڙو ذڪر ڊاڪٽر صاحب مرحوم، ڪتابڙي 'منهاج العاشقين' جي مهاڳ ۾ ڪيو آهي جيڪو پڻ غلام محمد خانزئي جو تصنيف ٿيل آهي ۽ جنهن کي ڊاڪٽر صاحب جن سوڌي سنواري سنہ ۱۹۳۴ع ۾ شايع ڪيو.

غالباً سنہ ۱۹۵۳ع ڌاري راقم کي ڊاڪٽر دائودپوٽي مرحوم پنهنجو ڪتبخانو ڏيکاريو ۽ پڻ غلام محمد خانزئي جي 'ڪليات' وارو قلمي نسخو مطالعي لاءِ ڏنو تہ آءٌ ڪين ان بابت پنهنجي راءِ ڏيان. ڪتاب ڪجهہ وقت مون وٽ رهيو ۽ تفصيلي مطالعي بعد مون ڊاڪٽر صاحب جن کي ٻڌايو تہ هي رسالو جيڪو خانزئي، حضرت شاه عبداللطيف جي رسالي کان متاثر ٿي جوڙيو، سو 'رسالن' جي سلسلي جي هڪ اهم ڪڙي آهي، ۽ بهتر ٿيندو تہ پاڻ ان کي شايع ڪن. ان وقت هن رسالي جي 'سُر ڏهر' مان ڪافي بيت مون چونڊي اُتاريا هئا، جن مان ڪي پوءِ سنہ ۱۹۵۸ع ۾ ڪتابڙي 'لاکو ڦلاڻي' لکڻ وقت اُن ۾ آندا ويا.

ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب جي وفات کان پوءِ اها اڻ تڻ رهندي آئي تہ اهڙو ڪو موقعو ملي جو خانزئي جو هي قيمتي رسالو شايع ڪجي تہ جيئن ڊاڪٽر صاحب مرحوم جي پنهنجي مدعا پوري ٿئي، جيڪا سندن حياتيءَ ۾ اڻپوري رهجي وئي. محترمہ بيگم خديجہ دائودپوٽي صاحبہ جن جا احسان جو هي قيمتي قلمي نسخو پاڻ وٽ سنڀالي رکيائون، جيڪو گذريل سال پياري سڄڻ آخوند عبدالحميد جي وساطت سان راقم کي دستياب ٿيو، ۽ جنهن کي مسلسل محنت سان صحيح طور پڙهي هن وقت شايع ڪجي ٿو.

محترم محمد اسماعيل شيخ رسالي جي مواد کي اُتارڻ، پريس ۾ موڪلڻ ۽ ڇپائي وقت پروفن پڙهڻ ۾ مدد ڪئي آهي، جنهن لاءِ آءٌ سندس شڪر گذار آهيان.

اسلام آباد — خادم العلم

ربيع الاول ۱۴۰۵ھ/ ڊسمبر 1984ع — **نبي بخش**

باسمه تعاليٰ

مقدمو

هيءُ 'رسالو غلام محمد خانزئِي جو' سنڌي اَساسي (ڪلاسيڪي) شاعري جي شاهڪارن مان آخري شاهڪار آهي: هيءُ رسالو شاه عبداللطيف جي رسالي جو تعبير ۽ تفسير آهي: ۽ رسالي جي سُرن ۽ موضوعن بابت معياري بيان ۽ معنيٰ جي لحاظ سان ساڳئي هڪ ئي شاعر جي چيل بيتن ۽ واين ۾ 'رسالي جي هيئت ۽ ترتيب' جي هڪ تڪميلي صورت آهي.

رسالا ۽ رسالن جا ڏٽي:

'اعليٰ سنڌي شاعري' جنهن جو اَساس يا بنياد نبي ﷺ طرفان ڏنل اسلامي تعليم جي روشني ۾ ڪائنات جي خالق جي وحدانيت ۾ ڪامل يقين، انسان ذات سان محبت، ۽ معاشري ۾ شخصي ڪردار جي اعليٰ قدرن واري فڪر ۽ فهم تي ٻڌل آهي، تنهن جو پهريون وڏو شاعر ۽ باني مباني قاضي قادن هو. ان بعد ميون شاه ڪريم ٿيو جيڪو ڪنهن حد تائين قاضي قادن جو شارح هو. انهن پهرين ٻن وڏن عارفن شاعرن جو سڄو سربستو ڪلام جيڪڏهن سلامت رهي ها تہ هرهڪ مجموعو پنهنجي جاءِ تي هڪ 'رسالو' هجي ها. البت اهڙن اعليٰ معنوي بيتن جي ذخيري کي 'رسالي' جو نالو پهريون پيرو شاه لطف الله قادري ڏنو. پر اهو رسالو فقط 'بيتن' جي مجموعي جي صورت وارو رسالو آهي. مختلف سُرن هيٺ، بيتن ۽ واين جي داستانن واري ترتيب سان، پهريون رسالو ميين شاه عنات جو آهي، جنهن کي سنڌس پنهنجي آنڌل لفظ 'ڪلام' جي لحاظ سان، 'ميين شاه عنات جو ڪلام' جي عنوان سان شايع ڪيو ويو آهي. ان بعد حضرت شاه عبداللطيف جو رسالو آهي جيڪو فڪر، معنيٰ ۽ بيان جي لحاظ سان سنڌي اساسي شاعري جي آسمان جو سج آهي. حضرت شاه صاحب کان پوءِ، سنڌس 'رسالي جي صورت ۽ هيئت' مطابق ٻين اهلِ دل شاعرن جي چيل بيتن ۽ واين جا مجموعا پڻ 'رسالن' جي صورت ۾ مرتب ٿيا. شاه لطف الله قادري

ڪان وٺي (جنهن پهريائين ’رسالي‘ جو نالو آندو) ٻيا اهي وڏا شاعر جن ڪي ”رسالن جا ڏڻي“ چئي سگهجي ٿو، سي هي آهن*:

١. شاه لطف الله قادري (وفات ١١ صدي هجري جو آخر). سندس ’سنڌي رسالو‘ سنہ ١٩٦٨/١٣٨٨ع ۾ شايع ٿيو.
٢. ميون شاه عنات (وفات ١١٣٣هہ). سندس رسالو ’ميين شاه عنات جو ڪلام‘ جي عنوان سان سنہ ١٣٨٣هہ/١٩٦٣ع ۾ شايع ٿيو.
٣. شاه عبداللطيف (وفات ١١٦٥هہ). سندس رسالي جي آڳاٽن قلمي نسخن کي پيڻي ٻہ جدا متن شايع ڪيا ويا آهن، ۽ هن وقت ’مستند جامع متن‘ تي ڪم هلندڙ آهي.
٤. فقير صوفي محمد صديق (وفات ١٢٦٥هہ). سندس رسالو ”راڳنامو“ جي عنوان سان سنہ ١٤٠١هہ/١٩٨١ع ۾ شايع ٿيو.
٥. قنبر علي شاه ياڏائي (وفات ١٢٦٤هہ). سندس رسالو ’شاه شريف ياڏائي جو رسالو‘ جي عنوان سان سنہ ١٣٩٢هہ/١٩٧٢ع ۾ شايع ٿيو.
٦. خليفو نبي بخش صاحب (وفات ١٢٨٠هہ/١٨٦٣ع ڌاري). ’خليفي صاحب جو رسالو‘ سنہ ١٣٩٠هہ/١٩٦٦ع ۾ شايع ٿيو.
٧. غلام محمد خانزئي (وفات ١٩٠٤-١٩١٤ع؟). ’رسالو غلام محمد خانزئي جو‘ سنہ ١٤٠٥هہ/١٩٨٥ع ۾ شايع ٿي رهيو آهي.

انهن ستن شاعرن جي رسالن ۾ اعليٰ سنڌي شاعري جو وڏي ۾ وڏو ذخيرو سمايل آهي، جنهن کي روشن ڪرڻ لاءِ اسان گذريل ٽيهن سالن ڪان وٺي سنڌن ’رسالن‘ ۽ ڪلام جي ذخيرن کي ڳولي هٿ ڪرڻ، انهن کي صحيح طور تي سمجهڻ، ۽ انهن کي سوڌي سنواري شايع ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. غلام محمد خانزئي واري هن ستين رسالي جي اشاعت سان ’سنڌي رسالن‘ بابت بنيادي تحقيق وارو مرحلو پورو ٿيو، ۽

* جيتوڻيڪ ڪن ٻين سالڪن جو ڪلام پڻ اعليٰ معيار جي لحاظ سان ’سنڌي اساسي شاعري‘ جو اهم جز آهي، مگر اهو ’رسالي جي سُرن‘ وارن موضوعن بدران ڪن خاص عنوانن سان يا فقط بيتن ۾ ئي مرتب ٿيو. البت حافظ عبدالوهاب سچل جو ڪلام بيتن ۽ واين توڙي سُروار موضوعن جي لحاظ سان اهڙو هو جو اهو جيڪر رسالي جي صورت ۾ مرتب ٿي سگهي ها، پر آڳاٽن ڪاتبن توڙي پوئين دور جي ترتيب ڏيندڙن انهي طرف پورو توجه نہ ڪيو. ضروري آهي تہ سچل سائين جي ڪلام جي هڪ وڏي حصي کي نئين سِر ’رسالي‘ جي صورت ۾ مرتب ڪري ’رسالن‘ جي صنف ۾ شامل ڪجي.

اَساسي (ڪلاسيڪي) سنڌي شاعري جو هي وڏو معياري ذخيرو، صحيح متن ۽ سهڻي ترتيب سان ڇپجي شايع ٿي ويو[1].

هن رسالي جو شاعر غلام محمد خانزئي:

جيتوڻيڪ هن رسالي جو شاعر غلام محمد خانزئي نسبتاً ويجهي دؤر جو آهي تہ بہ سندس زندگي جو تفصيلي احوال دستياب نہ ٿي سگهيو آهي[2]. البت هن پنهنجي تصنيف ۾ جيڪي تاڻا ۽ اهڃاڻ ڏنا آهن، تن مان سندس سوانح جو مختصر خاڪو هيٺينءَ طرح مرتب ڪري سگهجي ٿو.

غلام محمد ولد خان محمد خَانزَئِي اندازاً ١٢٥٠ هجري ڌاري ڄائو. غالباً سندس 'خانزئي' خاندان، بلوچن جي بروهي قبيلي جي نک مان هو[3] جيڪي پير صاحب جهنڊي واري جا مريد هئا. غلام محمد بہ شايد ابتدائي تعليم انهيءَ ساڳئي مڪتب ۾ پوري ڪئي جنهن ۾ بزرگن جا ٻار پڙهيا. اهڙي چڱي ماحول جو سندس تربيت تي وڏو اثر پيو. مڪتبي تعليم پوري ڪري سمجهہ وارو ٿيو تہ پاڻ بہ پير صاحب جهنڊي وارن جو مريد ٿيو. ساڳئي وقت سندس طبع ۾ شاعرانہ شعور پڻ پيدا ٿيو، جو پوءِ ان وقت جي سجاده نشين پير صاحب جهنڊي واري جي تعريف ۾ هيٺيون ڪلام چيائين تہ:

سهڻو چڙهيو سفر تي وو، نيزو ڪٽي نيشان لو
ٿيو سوار سقب تي، ساراهيو سبحان
منهنجو مرشد آيو جهنڊي وارو جوان، منهنجو مرشد آيو.[4]

هن ڪلام جي سٽاء مان ظاهر آهي تہ اهو سندس اوائلي دور واري عقيدت جو آئينو آهي، ۽ شاعرانہ لحاظ سان سرسري سطح وارو آهي. جنهن پير صاحب ڏانهن سندس اشارو آهي، سو غالبا پير رشيدالدين شاهہ (ولادت

---

[1] پير غوث محمد شاه لڪپت (ڪڇ) واري جو رسالو اسان جي سامهون آهي، پر معنيٰ توڙي بيان جي لحاظ سان اهو البت سادو آهي. اهڙي طرح ڪن ٻين جي ڪلام جا ٿورا گهڻا ذخيرا رسالن واري سٽاء ۾ موجود آهن، پر اهي بہ معياري سطح جا ناهن.

[2] ١٥- ٢٠ سال اڳ سرهياري (ضلعو نواب شاه) جي آسپاس ڪيل ڪنهن ڪچهري ۾ غلام محمد خانزئي جي احوال بابت اسان ڪي ڪي لکيل پنا مليا هئا، جن کي سنڀالي رکيو ويو پر وري پوءِ اهي دستياب نہ ٿي سگهيا.

[3] 'خانزئي' نالي مان پيو گمان اهو بہ ٿي سگهي ٿو شايد تہ اها نُک ڪنهن 'پٺاڻ قبيلي' جي هجي.

[4] سڄي ڪلام لاءِ ڏسو هن رسالي جو 'ضميمو' صفحو ٥٠٢.

۱۲۵۴هه- وفات ۱۳۱۷هه) هو جنهن کي 'بيعت ڏني' سڏيو وڃي ٿو. ان مان پائنجي ٿو تہ غلام محمد لڳ ڀڳ پير رشيدالدين شاہ جو همعصر هو.

نو عمر غلام محمد وڏي ذهن ۽ شعور وارو هو. اعليٰ تعليم چوٽيارين جي مشهور درسگاہ (تعلقو سانگهڙ) ۾ ورتائين. جيڪا ان وقت سنڌ جي وڏين اعليٰ تعليمي درسگاهن مان هڪ هئي، جتي وڏا لائق ۽ فاضل استاد پڙهائي رهيا هئا. اتي اعليٰ ديني تعليم سان گڏ، غلام محمد فارسي ۽ عربي ۾ ڪافي دسترس پيدا ڪئي. هن درسگاہ جي اُستادن مان جنهن جي غلام محمد تي خاص شفقت هئي، سو هو ميون عبدالحڪيم (بن ميون عبدالرحمان بن ميون محمد بن ميون مبين) جيڪو پنهنجي وقت جو عالم، فاضل ۽ فقيہ هو. "نجوم الهديٰ في آخر الظهر" سندس تصنيف ڪيل آهي.

مخدوم ميان عبدالحڪيم جي پنهنجي ذهين ۽ صالح شاگرد تي ايتري تہ مهر جي نظر ۽ مهرباني رهي جو سعادتمند غلام محمد بہ کيس علمي ۽ تعليمي سلسلي ۾ مرشد برابر سمجهيو ۽ تعليم جي تڪميل بعد بہ هو مبين صاحب جي فيض پري صحبت مان سرشار ٿيندو رهيو. سندس ارشاد تي سنہ ۱۳۰۲هه جي صفر مهيني ۾، سنڌي ۾ "مناصح المؤمنين" منظوم ڪيائين. مهاڳ ۾ ڄاڻايو اٿس تہ: 'سنڌي ۾ هن ڪتاب لکڻ جو امر مون کي منهنجي استاد ميان عبدالحڪيم وينل شهر چوٽياري جي ڪيو آهي، جيڪو شهر ٿر ۾ ڪاري ناري جي ڪپ تي آهي' (ڏسو صفحو ۵۴۴). غلام محمد جي پنهنجي شفيق استاد مبين عبدالحڪيم سان جيڪا محبت ۽ عقيدت هئي، ان جي مدنظر پائنجي ٿو تہ هن رسالي جي سُر ڏناسري جي 'داستان پهرئين' وارن آخري پنجن بيتن ۾ 'ميان صاحب' وارو خطاب (جنهن جو معنوي مفهوم الڳ آهي) بہ غالبا سندس پنهنجي اُستاد 'مبين صاحب' (عبدالحڪيم) جي نالي جو يادگار آهي.

ذهين ۽ سعادتمند طالب العلم غلام محمد بلاآخر چوٽياري جي درسگاہ مان ثي اديب ۽ عالم ٿي فارغ ٿيو. ان بعد غالباً هن پاڻ هڪ عالم ۽ اُستاد جي حيثيت ۾ پڙهايو ۽ ديني تعليم ڏني، ۽ 'مولوي' سڏجڻ لڳو جيئن تہ رسالي جي آخر ۾ ڏنل عبارت مان ظاهر آهي. سندس انهيءَ علمي ۽ تعليمي مشغلي واري دور جا حالات معلوم نہ ٿي سگهيا آهن، پر سندس تصنيفات مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ هو تصوف ۽ طريقت ڏانهن مائل ٿيو، ۽ پڻ سلوڪ ۽ طريقت جي سلسلي تي علمي طور سوچيائين ۽ ان کي گهڻو ڪجهہ

سمجهيائين. حضرت شاه عبداللطيف جي رسالي سان سندس دلي محبت ٿي ۽ ان جو گهرو مطالعو ڪيائين ۽ ان ڪان متاثر ٿي پنهنجو رسالو جوڙيائين. سنڌي توڙي فارسي شعر ۽ ادب سان سندس ذوق وڏيو. ۽ پاڻ سنڌي ۾ بيت، ڪافيون ۽ نظم توڙي فارسي ۾ غزل چيائين. سنه ١٣٠٢-١٣٠٣هجري ڌاري جڏهن سندس عمر پنجاه ڪان مٿي هئي تڏهن علم ۽ فضل، ادب ۽ شعر ۾ غلام محمد خانزئي اعليٰ درجي واري حيثيت رکندڙ هو. علمي ۽ ادبي لحاظ سان ميين عبدالحڪيم چوٽياروي جهڙي بزرگ ۽ برگزيده عالم جو مٿس ايترو ته اعتماد هو جو ڪيس سنڌي ۾ 'مناصح المؤمنين' منظوم ڪرڻ لاءِ چيائين.

سال وفات:

جيتوڻيڪ غلام محمد خانزئي جهڙي اعليٰ اديب ۽ سالڪ جي تاريخ وفات في الحال معلوم نه ٿي سگهي آهي، مگر ان سلسلي ۾ هيٺيان ٽاٽا ۽ اهڃاڻ غور طلب آهن: هو لڳ ڀڳ جهنڊي واري پير رشيدالدين جو همعصر هو، جنهن سنه ١٣١٧ه ۾ وفات ڪئي. هن شاعر رمضان واڍي جي هڪ ڪافي جي هيٺين ٿلهه ڪان متاثر ٿي. انهيءَ ساڳئي ٿلهه پويان پنهنجي طرفان مصراعون وڌايون. (ڏسو صفحو ٥٣٣):

ٿلهه: "مون ڪتيو نه پورو پاءُ ڙي، صبح سڏيندا سير لاءِ"

اصل 'قلمي مجموعي' ۾ پنهنجي هٿ اکرين مٿان لکيو اٿس ته:
"هي ڪافي منڍ رمضان واڍي جو ۽ مصراع هن نيازمند غلام محمد جون جوڙيل آهن." ان مان ظاهر آهي ته هو پاڻ ۽ رمضان واڍو (پٽ شهمير پٽ صالح شهميراڻي لاڪو واڍو ويٺل پنجمورو، جيڪو پيرجهنڊي جي ڳوٺ کي ويجهو آهي) همعصر هئا. رمضان واڍي ١٣٣٠ه (١٩١٢ع) ڌاري وفات ڪئي. غلام محمد خانزئي جي پنهنجن تصنيفن ۾ (جيڪي سندس پختہ ذهن ۽ اعليٰ فهم جو نتيجو آهن) سنه ١٣٠٢-١٣٠٣ه وارن سالن جا حوالا موجود آهن جنهن جي معنيٰ ته ان وقت سندس عمر پنجاهه سالن ڪان يقيني طور مٿي هئي. انهن اهڃاڻن جي بناء تي چئي سگهجي ٿو ته هن اندازاً ١٣٢٠-١٣٣٠ه (١٩٠٢-١٩١٢ع) واري عرصي ۾ وفات ڪئي. بهرحال سندس وفات جو پڪو پختو سال وڌيڪ تحقيق طلب آهي.

سندس تصنيفون:

١٣٠٢-١٣٠٣ه وارن ٻن سالن ۾ عالم ۽ اديب غلام محمد خانزئي پنهنجن تصنيفن جي تڪميل ۽ ڪتابت (صاف سهڻي اُتاري) ڏانهن خاص

توجهہ ڏنو. سندس تصنيفن ۽ تاليفن بابت اسان جي ڄاڻ في الحال فقط سندس هڪ ئي 'قلمي مجموعي' تائين محدود آهي، جيڪو ڪانئس پوءِ پير صاحب جهنڊي وارن جي ڪتبخاني ۾ محفوظ رهيو. جتان پوءِ مرحوم شمس العلماء ڊاڪٽر دائودپوٽي کي مليو، ۽ جيڪو هينئر اسان جي آڏو آهي. هن مجموعي ۾ خانزئي جو تصنيف ٿيل هيٺيون مواد شامل آهي:

* **رسالو غلام محمد خانزئي جو:**

رسالي جي ڪتابت (سهڻي صاف اتاري) جي تاريخ مهينو صفر سنہ ١٣٠٣ھ آهي. رسالي بابت هيٺ تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي.

* **ڪافيون:**

خانزئي، ڪافين ۽ واين جو برک شاعر آهي. هن رسالي ۾ 'واين' جو جملي تعداد ١٧۴ آهي، جن مان هڪ (سُر بروئو هندي، داستان-٣ جي آخر واري) فارسي ۾ آهي، باقي سنڌي توڙي سرائڪي ۾ آهن. جيتوڻيڪ سٽاء جي لحاظ سان انهن مان وڏو تعداد 'واين' جو آهي، مگر ست آٺ کن[1] فني سٽاء جي لحاظ سان 'ڦافيون' آهن، جن ۾ آلاپ ۽ ترنم جي لحاظ سان هر مصرع واري سٽ کي ڊگهو ڪيو ويو آهي، يا هر مصرع لاءِ هڪ سٽ بدران بہ سٽون آنديون ويون آهن، يا ٽلهہ توڙي مصراعن ۾ هڪ بدران بہ قافيا آندل آهن. رسالي جي متن کان سواءِ پڻ هن قلمي ذخيري ۾ ستهتر(٧٧) ڪافيون پيون قلمبند ٿيل آهن جن مان ڇاهٺ(٦٦) سنڌي ۽ يارهن (١١) سرائيڪي ۾ آهن. مضمون، معنيٰ توڙي لفظن ۽ قافين جي سهڻائي مان ظاهر آهي تہ غلام محمد خانزئي سنڌي توڙي سرائيڪي ڪافين جو وڏو شاعر آهي. نہ فقط ايترو پر هن 'فارسي' ۾ پڻ بہ ڪافيون منظوم ڪيون آهن، جن مان هڪ رسالي جي 'سُر بروي هندي' جي داستان-٣ جي وائي آهي، ۽ ٻي هيٺين ڪافي هڪ جدا ورق تي لکيل آهي:

دل را بدست تو کرده دلارام

شب روز کردم من فرياد زاري

١.بنامر خدا بين بحال حزينم

بکوي کريمان بگريان نشينم

ز چشمان بريزم فرو آب ناري

---

[1] مثلاً سُر جمن، داستان-٣، سُر راڳ، داستان-١، ٢، ۽ داستان-٣، سُر پرڀاتي، داستان-١، سُر هير رانجهو، داستان-١، سُر بسنت، داستان-١ ۽ داستان-٢.

۲. دلــم گشت صيدي ز تير قضائي
بجانــم خليده ز ســوفــار سائــي
دو ابرو چــو قوسِ قــزح مي بداري
۳. چــ وجهي وجــه تــو بيينم حبيبا
بــ بيمــاريــان را دوا كــن طبيبــا
بگيران خــود را نــه گريــان گــذاري
۴. اميدم چـنــان است از دســتِ جانا
بــخــاکِ فــتــاده بــگــردم تــوانــا
غــلامِ مــحمَّد مــكــن بــيــقــراري

* **مولود** (صفحو ۵۳۶):

هن ذخيري ۾ شامل سندس فقط هڪ ’مولود‘ آهي ۽ پيو مرشد جي ثنا ۽ تعريف، جيتوڻيڪ ڪاتب بئي ’مولود‘ جي عنوان هيٺ لکيا آهن.

* **سنڌي غزل** (صفحا ۵۵۵-۵۵۸):

هن ذخيري ۾ جملي ڇهہ غزل آهن، جن ۾ سندس غزل واري شاعري وچٿري سطح واري آهي. فارسي غزلن سان گڏ لکيل سندس هيٺين غزل ۾، فارسي سان گڏ سنڌي فقرا پيوند ٿيل آهن. اها مشق سندس شگفتہ طبع جو نتيجو آهي:

ميان مردمان ديدم تہ منهنجو يار ٿي آيو
دران دم دوست مي ديدم عجب اسرار ٿي آيو
نديدم همچين آدم نہ ديگر ڪو ٻڌو مون پيو
بصورت شمس فردوسي جُسي گلذار ٿي آيو
رخش رخشان ڪمان قوسِ قزح سهڻا پرُون اُن جا
معطر زلف مشڪينش ڪثوريءَ بارِ ٿي آيو
ز ميخانہ برون آمد پيالو مَي ڪيو هٿ ۾
ز بس نوشيدن آن مَي ڪَبڪ جي ڊار ٿي آيو
برون رفتہ نظرَ کردم ڏٺو مون يار پنهنجي کي
ڪہ بريڪرانِ ناز انگيز شہ هسوار ٿي آيو
غلام محمدَ بچشمان بين چڱي صورت رکي دلبر
ز صورت لامثال است و ڪيو سينگار ٿي آيو.

*** فارسي غزل:**

قلمي ذخيري جي آخر ۾ مٿئين فارسي- سنڌي آميز غزل کان سواءِ ٻيا ارڙهن(١٨) فارسي غزل غالباً خانزئي جي پنهنجي هٿ اکرين لکيل آهن، جيڪي هن ڇاپي ۾ شامل ٿيل ناهن. بيان توڙي معنيٰ جي لحاظ سان اهي غزل اعليٰ سطح وارا ناهن مگر سنڌ ۾ 'فارسي غزل' واري روايت جا يادگار آهن. ڪن جا مُطلعا ۽ مَقطعا مثال طور هيٺ ڏجن ٿا:

چرا در دست خود کردي بخون آلود کي کارد
مزن مهجور را خنجر که طاقت آن نمي دارد....
بجانان جانِ خود دادن مشو غافل غلام محمد
بجان بازيَ بجا آور بقدمش سر بکن وارد

چون صنوبر صورت تـــو ســرُوقد ماه وش تن گلبن و خورشيد خد....
چون غزل خواندي غلام محمَّد چنان وصف جانان از خـدا خواهي مـــدد

در طـريـقِ عـشقـبـازي عـاجـزي اوليتــرسـت
اي غــلام محمَّد بـنـــ در پــاي جــانــان خــويــش ســر

*** لولي** (صفحا ٥٣٧-٥٤٣):

هيءُ ٽيهه اکري آهي، جنهن جي هر اکر جي ڇئن سٽن واري بند جي پويان 'لولي' واري ورائٽي آهي. مکيه موضوع سڪ ۽ محبت آهي.

*** مناصح المؤمنين** (صفحا ٥٤٤-٥٥٤):

مثنوي جي قالب وارو هي هڪ سهڻو ڊگهو نظم، جنهن جو خاص موضوع آهي، توحيد، رسالت ۽ نيڪ عمل بابت هدايت ۽ نصيحت، سو پنهنجي اُستاد ميين عبدالحڪيم چوٽياروي جي چوڻ تي منظوم ڪيائين.

اي غلام محمَّد شروع ڪر هي ڪتاب امر ٿيو تصنيف سنڌي جو شتاب
امر ڪيو مونکي ميان ڪارڻ ڪريم سو ميان استاذ مون 'عبدالحڪيم'
ملڪ ريگستان'ناري' جي ڪنار شهر چوٽياري چوان اِي هوشيار
لقب تنهن'ناري'سندو'ڪارو' لَکن سو ٿيو استاذ منهنجي جو وطن

هي نظم مهيني صفر سن ١٣٠٢هه ۾ لکي پورو ڪيائين.

جيڪڏهن سنه سال هجرت جو پڇن سنه تيره سؤ، ورهه ٻيو ٿا لکن
هـــي مهينو ٿـا لکن ســاري صفـر ٿي جَهين تاريخ معنيٰ معتبر

جيتوڻيڪ اهو ڪتابڙو سال کن اڳ تصنيف ڪيائين، مگر ان جو سهڻو اُتارو پنهنجي هٿ اکرين ۱۵- رمضان سنہ تيرهن سؤ ٽري ۱۳۰۳ھ تي پورو ڪيائين (ڏسو صفحو ۵۵۴)، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ۱۳۰۲-۱۳۰۳ھ وارن سالن ۾ هن پنهنجي تصنيفن جي تڪميل ۽ ڪتابت طَرف خاص توجهہ ڏنو.

※ **منهاج العاشقين** (صفحا ۵۵۹-۵۸۲):

هن ڪتابڙي جي مهاڳ مان ئي اسان کي مصنف جو سڄو نالو معلوم ٿئي ٿو، جيڪو هن پاڻ پنهنجي هٿ اکرين ”غلام محمد بن خان محمد خانَ زَئي“ لکيو آهي. هيءَ ڪتابڙو (رساله) پير صاحب جهنڊي واري جي فرمائڻ تي پهريائين پارسي نثر ۾ لکيائين ۽ محرم مهيني جي ايڪيهين تاريخ جوڙي راس ڪيائين (يا ان تاريخ تي ان جو صاف سهڻو اُتارو لکي پورو ڪيائين). مهاڳ ۾ پير صاحب جي فرمائڻ وارو ذڪر ۽ آخر ۾ پوري ٿيڻ جي تاريخ هن طرح لکيا اٿس:

”بموجب فرموده عظامي حضرت بابرکت جناب والا شان قدسي نشان فياض زمان پير صاحب ذِي العَلمَ اند کي بيان بموجب مقصوره فهم خويش بقلم آورده شد....“

”از دست غلام محمد مصنف اين رسالہ
بتاريخ ۲۱- ماه محرم ۱۳۰۲ھ“

هن ڪتابڙي جو پوءِ پاڻ سنڌي ۾ ترجمو ڪيائين، جيڪو پڻ سندس هٿ اکرين 'قلمي مجموعي' ۾ شامل آهي. هن ڪتابڙي ۾ حضرت شاه عبداللطيف جي رسالي (يا بين اهڙن سنڌي بيتن) ۾ سمايل قصن جي ٽاڻن اهڃاڻن ۽ قصن جي ڪردارن بابت سُلوڪ جي روشني ۾ تمثيلي معنيٰ سمجهايل آهي. موضوع توڙي معنيٰ جي اعتبار سان هيءَ رسالو سنڌ ۾ سلوڪ ۽ تصوف واري فڪر ۽ فلسفي جي روايت جو نشان آهي. هن ڪتابڙي مان ظاهر آهي تہ مصنف غلام محمد خانزئي نہ صرف عالم ۽ اديب هو، پر سلوڪ جي سلسلي جي بہ ڪيس ڪافي ڄاڻ هئي.

※ **شاهہ عبداللطيف جي ٻن بيتن جي معنيٰ** (صفحا ۵۸۳-۵۸۸):

سلوڪ واري ڄاڻ جي روشني ۾، حضرت شاه صاحب جي ٻن بيتن (هڪڙو 'سسئي' ۽ ٻيو 'ڪاپائتي' مان) جي معنيٰ پهريائين پارسي ۾ لکيائين ۽ پوءِ ان جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيائين. 'قلمي مجموعي' ۾ اهي ٻئي سنڌس پنهنجي هٿ اکرين لکيل آهن.

خانزئي جي رسالي جي تصنيف وارا سال:

غلام محمد خانزئي پنهنجو رسالو جيتوڻيڪ ارادي طور جوڙيو، ۽ ”شاهه جي رسالي“ کان متاثر ٿي جوڙيو، مگر غالباً اهو ڪنهن هڪ مهيني يا هڪ سال ۾ ويهي جوڙي پورو ڪونه ڪيائين. سندس رسالي ۾ شامل ۲۵۹ بيتن ۽ ۱۷۴ واين جو وڏو شاهي ذخيرو ڪنهن وڏيڪ مدت ۾ جڙي راس ٿيو هوندو، ۽ ڪنهن حد تائين انهيءَ مدت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. خانزئي جي رسالي ۾ ڇٽيهه سُر ڏنل آهن. 'ڇٽيهن سُرن' وارو اهو تعداد، 'شاهه جي رسالي' جي قلمي نسخن يا ڇاپن مان اسان کي پهريائين سنه ۱۲۸۱ هجري (۱۸٦۴ع) ۾ ڪاتب عبدالحميد جي لکيل رسالي ۾ ملي ٿو، ۽ ڇاپي رسالن مان پهريون ڀيرو بمبئي واري ٻئي ڇاپي ۾ ملي ٿو جيڪو سنه ۱۲۹۳ھ (۱۸۷٦ع) ۾ شايع ٿيو. خانزئي يقيني طور جواني کان وٺي شاهه جي رسالي جو مطالعو ڪيو هوندو، ۽ سندس مطالعي وارو اهو رسالو (يا رسالا) به قلمي ئي هوندو. ٿي سگهي ٿو ته ان وقت سندس سامهون رسالي جو ڪو اهڙو قلمي نسخو هجي، جنهن ۾ 'ڇٽيهه سُر' ڏنل هجن. پر اهڙو امڪان گهٽ ٿو نظر اچي، ڇاڪاڻ جو هن وقت تائين ڇٽيهن سُرن وارو قلمي اُتارو فقط هڪ ئي معلوم ٿي سگهيو آهي، جيڪو ۱۲۸۱ھ جو لکيل آهي، جنهن ۾ ڇٽيهون سُر 'بسنت بهار' جي عنوان سان وڌايل آهي. 'بسنت بهار' جي واڌاري سان شاهه جي رسالي جي ڇٽيهن سُرن واري صورت حقيقت ۾ سنه ۱۲۹۳ھ (۱۸۷٦ع) ۾ ٻئي بمبئي ڇاپي جي اشاعت سان ئي عام طور مشهور ٿي. قوي گمان آهي ته اهو ڇاپو، جنهن ۾ ڇٽيهون سُر بسنت بهار آهي، خانزئي جي مطالعي هيٺ پڻ رهيو، ڇاڪاڻ جو خانزئي جي رسالي ۾ بلڪل اهي ئي ساڳيا ڇٽيهه سُر شامل آهن. اهو ٻيو بمبئي ڇاپو، شايع ٿيڻ کان پوءِ هڪ سال جي اندر سنڌ ۾ پهتو هوندو، يعني ته سنه ۱۲۹۴هجري ۾ خانزئي جي مطالعي هيٺ آيو هوندو. سندس پنهنجو موجوده رسالو سنه ۱۳۰۳ھ ۾ لکجي پورو ٿيو. انهن سالن کي مدنظر رکندي، هن نتيجي تي پهچجي ٿو ته خانزئي پنهنجي رسالي جو سُر 'بسنت بهار' ۽ توڙي ڪن ٻين سُرن جي تڪميل ۽ ترتيب غالباً سنه ۱۲۹۴ھ کان وٺي ۱۳۰۳ھ وارن ستن اٺن سالن ۾ ڪئي.

هن رسالي جو متن ۽ مواد:

سڄو 'قلمي مجموعو'، جنهن جو ذڪر اڳ اچي چڪو آهي، ڍگهن پنن تي ڪاري مس سان صاف ڇٽي قلم ۾ لکيل آهي. مجموعي جي ۲٦۱ ورقن مان، ۱۸۲ ورقن (يا ۳٦۳ صفحن) وارو ڀاڱو رسالي جي متن وارو آهي،

جيتوڻيڪ ان ۾ ڪافي صفحا يا صفحن جا پاڱا بنا لکيت جي خالي ڇڏيل آهن. هر صفحي تي لکيت واري اراضي ۹x ۵'/۲ انچ آهي، جنهن ۾ سراسري طور ۱۷ سٽون سمايل آهن. آخر ۾ ڪاتب طرفان رسالي جي خاتمي واري عبارت هيٺين طرح لکيل آهي:

”پورو ٿئو رسالو مولوي غلام محمد جو
تاريخ ستين مهيني صفر جي وقت صبوح
جو ڏينهن سومار جي سنہ تيره سؤ
ٽي وره مي ۱۳۰۳ھ“

هن عبارت مان پائنجي ٿو تہ سندس هي رسالو غلام محمد خانزئي خود پاڻ ڪونہ لکيو، پر ڪنهن ٻئي ڪاتب لکيو، جنهن سندس نالو (ضمير غائب ۾) ”مولوي غلام محمد جو“ (تصنيف ڪيل) ڪري ڄاڻايو. هن مجموعي ۾ غلام محمد جي پنهنجي هٿ اکرين لکيل عبارتن ۾ هن پاڻ کي ”نيازمند غلام محمد خانزئي“[۱] ”نيازمند غلام محمد“[۲] ”بنده غلام محمد“[۳] يا محض ”غلام محمد“[۴] ڪري لکيو آهي، ۽ ڪٿي بہ پاڻ کي ”مولوي غلام محمد“ ڪري ڪونہ لکيو اٿس. رسالي جي اندروني مطالعي مان پڻ ائين معلوم ٿئي ٿو تہ رسالو خود مصنف جي پنهنجي هٿ اکرين لکيل ناهي، نہ تہ ڪي خاميون پيدا نہ ٿين ها. مثلاً (الف) ڪن لفظن جي صورتخطي صحيح ناهي، جيئن تہ ’هيرات‘ کي ’حيرات‘، ’حَل‘ کي ’هل‘ ڪري لکيو ويو آهي. (ب) ڪن جاين تي شايد ڪاتب اصلوڪا الفاظ صحيح طور نہ اُتاريا آهن، جنهن ڪري معنيٰ مبهم ٿي پئي آهي (اسان اهڙين جاين تي هيٺ حاشين ۾ ڄاڻايو آهي تہ ’اصل ائين‘ ٿي لکيل آهي). (ج) سُرن يا داستانن جي عنوانن ۾ بيتن جو تعداد صحيح طور نہ لکيو ويو آهي. مثلاً ڪاتب سُر ڪلياڻ ۽ ان جي داستان پهرئين جو عنوان هيٺين طرح لکيو آهي:

”شروع ڪلياڻ جو ٽري داستانان آهن جملي بيت ٽيهٺ
آهن، داستانون پهرو هن داستاني ۾ پنجويهہ بيت آهن.“

---

[۱] ڀٽائي صاحب جي ٻن بيتن مان پهرئين بيت جي سنڌي معنيٰ ۽ شرح جي آخر ۾. (۲) رمضان واڍي جي ٺلهہ واري ڪافي جي مٿان. (۳) سندس لکيل ڪافين جي آخر ۾. (۴) ”منهاج العاشقين“ (فارسي) ۽ ”مناصح المؤمنين“ جي آخر ۾، ۽ ٻين ڪن جاين تي.

حالانڪ هن سُر هيٺ پاڻ جيڪو متن لکيو اٿس، ان موجب داستان ٽري نہ پر چار آهن ۽ پڻ هن پهرئين داستان ۾ 'پنجويهہ' نہ پر 'ڇهويهہ' بيت آهن. اهڙي طرح سُرن جي عنوانن ۾ بيتن جو جيڪو تعداد لکيو اٿس تنهن جو سڄي رسالي ۾ جملي جوڙ (٢١٠٨) بيهي ٿو، پر هر سُر هيٺ داستانن جي عنوانن ۾ بيتن جو جيڪو تعداد ڄاڻايو اٿس، ان جو جملي جوڙ (٢٤٤٩) آهي: يعني تہ ٻنهي ۾ ٣٤١ بيتن جو فرق آهي. پر ڪاتب عنوانن ۾ جيڪي ڪجهہ لکيو آهي تنهن کي ڇڏي، سڀني سُرن هيٺ جيڪي بيت واقعي لکيل آهن تن کي ڳڻجي ٿو تہ اهو تعداد (٢٥٩٠) بيهي ٿو.

اصل مواد جيڪو ڪاتب اُتاريو سو غالباً جدا جدا پنن تي لکيل هو، ۽ جيئن ئي مصنف (غلام محمد) انهن کي ڏسندو ۽ ڪيس ڏيندو ويو تيئن ڪاتب اتاري لکندو ويو. ڪن سُرن جي داستانن جا آخري بيت يا وايون بروقت ڪيس نہ مليون تہ انهن لاءِ اوتري جاءِ ڇڏي ڏنائين: يعني تہ صفحي جو اڌ يا سڄو صفحو يا اجان بہ وڌيڪ خالي ڇڏيائين. اهڙا ڪي ڇڏيل خال پوءِ مواد ملڻ تي لکي پورا ڪيائين، پر ڪي اجان بہ رهجي ويا. اصل قلمي مسودي ۾ هر سُر هيٺ جتي بہ اهڙو ڪو خال ڇڏيل آهي ۽ مواد ڪٽل آهي تہ اسان هن ڇاپي جي حاشيي ۾ اهڙو اشارو ڪيو آهي. مثلاً:

- سُر ڪلياڻ، داستان-٤ هيٺ فقط نَو بيت لکيل آهن، ۽ باقي ٻيا بيت توڙي وائي ڪٽل آهن.
- سُر سهڻي، داستان-٧ هيٺ وائي ڪٽل آهي.
- سُر معذور، داستان-٦ هيٺ وائي ڪٽل آهي.
- سُر ڪوهياري، داستان-٩ هيٺ فقط چار بيت لکيل آهن، ۽ باقي ٻيا بيت توڙي وائي ڪٽل آهن.
- سُر ڪنيات، داستان-٦ هيٺ فقط پنج بيت لکيل آهن، ۽ باقي ٻيا بيت توڙي وائي ڪٽل آهن.
- سُر آسا، داستان-٣ هيٺ وائي لکيل ڪانهي، جيتوڻيڪ ڪاتب طرفان لکيل عنوان "وائي" موجود آهي ۽ پڻ صفحو خالي ڇڏيل آهي.
- سُر ڪاهوڙي، داستان-٤ هيٺ وائي ڪٽل آهي.
- سُر ڏهر، داستان-٦ هيٺ وائي ڪٽل آهي.
- سُر ڪاپائتي، داستان-٤ هيٺ وائي ڪٽل آهي.

- سُر مارئي، داستان-١١ هيٺ وائي ڪٽل آهي.

اهو مٿيون وچور خالي ڇڏيل صفحن مطابق آهي. پر ان ڪان سواءِ، ڪاتب جيڪو مواد اُتاري لکيو، تنهن مان بہ ڪم از ڪم ٻہ ورق يا چار صفحا ڪٽل آهن. قلمي مسودي جي شروع ۾ ڏنل سُرن جي صفحن وار فهرست مان معلوم ٿئي ٿو تہ سُر آسا صفحي ١٩٠ کان شروع ٿي ٿو، مگر اهو صفحو (جنهن تي 'سر آسا' جو عنوان لکيل هو) توڙي ان کان اڳ وارا سُر سارنگ جا ٽي صفحا ڪٽل آهن. انهن ٽئن صفحن ۾ اندازاً چاليهہ کن بيت ۽ ڪم از ڪم هڪ وائي (سُر سارنگ جي) لکيل هئي، پر مسودي جا اهي چارئي صفحا (١٨-١٩) جلد ۾ موجود ناهن.

اصل مسودي ۾ جيڪي صفحا موجود ۽ لکيل آهن، تن ۾ جملي بيتن جو تعداد (٢٥٩٠) ۽ واين جو تعداد (١٤٧) آهي. جيڪڏهن ٻن ضايع ٿيل ورقن وارو مواد ۽ ٻيو باقي اڻ- اُتاريل مواد جنهن لاءِ صفحا خالي ڇڏيل آهن، موجود هجن ها تہ هن رسالي ۾ (٢٦٧٥) کن بيت ۽ (١٩٠) کن وايون هجن ها.

موضوع جي لحاظ سان هر داستان ۾ بيتن جي ترتيب مصنف جي ئي ڏنل آهي، ۽ مجموعي طور سان اها سڀ سهڻي بيٺل آهي، سواءِ سُر ڪنڀات جي داستان-٣ ۽ داستان-٦ جي، جن ٻنهي جو موضوع 'تارا' آهي؛ پر داستان-٣ ۾ ١٦ بيت آهن ۽ داستان-٦ ۾ فقط ٥ بيت. اهي ٻئي داستان گڏي هڪ يڪو داستان ڪجي ها تہ بہ جملي ٢١ بيت ٿين ها ۽ موضوع بہ ساڳيو رهي ها. بهرحال جيئن تہ اهو فقط هڪ ئي اهڙو مثال آهي، انهيءَ ڪري اسان اصل ترتيب کي قائم رکيو آهي. سُرن ۽ داستانن جي عنوانن ۾ بيتن جي ڄاڻايل تعداد ۾ جاءِ بجاءِ غلطيون هيون. انهيءَ ڪري اهي عنوان ڇڏي ڏنا ويا آهن. هر داستان هيٺ اسان بيتن کي پنهنجي طرفان چورس ڏنگين ۾ نمبر ڏنا آهن، انهيءَ لاءِ تہ حوالي ڏيڻ ۾ آساني ٿئي. ڪاتب جي اصل لکيت ۾ جتي بہ زير زبر جي غلطي هئي، تنهن کي اسان هن متن ۾ درست ڪري ڇڏيو آهي، ۽ اهڙين درستين تي وڌيڪ بحث ڪونہ ڪيو آهي. البت ڪن مبهم لفظن ۽ فقرن کي اسان صحيح طور پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر اهڙي حالت ۾ هيٺ حاشيي ۾ اشارو ڪيو آهي تہ اصل صورتخطي ڪيئن هئي. ڪي ڦاٽي ويل يا ميساريل لفظ ۽ فقرا، اسان پنهنجي گمان موجب لکيا آهن ۽ اهي [چورس ڏنگين] ۾ رکيا آهن.

رسالي ۾ استعمال ٿيل ٻولي جي نوعيت:

هت اسان جو مقصد، لساني يا لغوي اعتبار سان ڪو تفصيلي بحث ڪرڻ ناهي، پر هن موضوع ڪي رڳو ايتري قدر بيان ڪرڻو آهي جيتري قدر ان مان هن رسالي جي مصنف غلام محمد خانزئي جي مجموعي طور سان مختلف ٻولين بابت سندس ڄاڻ، يا خاص سنڌي ٻولي جيڪا هن ڪم آندي ان جي نوعيت معلوم ٿي سگهي. انهيءَ مان سندس سوانح بہ ڪنهن حد تائين روشن ٿي سگهي ٿي.

سندس هن رسالي جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ خاص ٻن ٻولين، يعني سنڌي ۽ سرائيڪي تي ڪيس مَلڪو آهي: انهن ٻنهي کي ائين آندو اٿس جو ڄڻ تہ سندس مادري زبانون آهن. ٻن ٻولين عربي ۽ فارسي جي ڪيس چڱي علمي ڄاڻ آهي. ٻين ٻن ملندڙ جلندڙ ٻولين، يعني هندي ۽ اردو جي پڻ ڪيس چڱي واقفيت آهي. اڳين 'رسالي ڏٺين' جي پيٽ ۾ غلام محمد خانزئي انهي پوئين دور جو شاعر آهي جڏهن ڪي انگريزي لفظ پڻ سنڌي ۾ استعمال ٿيڻ لڳا هئا ۽ ڄڻ سنڌي زبان جو جُز پئي بنيا. خانزئي اهڙا ڪي لفظ پڻ پنهنجن بيتن ۾ آندا آهن، جيئن تہ:

- 'پاس' (ص ص ٥٩-٦٠) يعني اجازت نامو

سي ڪئن پار پڇن، پاسُون جن پسائيون

(سُر ساموندي، د-٧)

- اسڪول (ص ص ٣٣٧-٣٤٠)

سورن جي اسڪول، ڏنم سبق سڪ جو

(سُر رپ، د-١)

- ڪامورو (ص ٢٢٠)

قمر قريبن جو ٿيءِ قاصد ڪامورو

(سُر ڪنيات، د- ٢)

سندس سنڌي ٻولي جي استعمال بابت اسان هيٺ ذرا تفصيل سان لکنداسون. سرائيڪي ٻولي ۾ سندس مهارت تي رسالي جو سُر هير رانجهو ۽ سرائيڪي ۾ چيل سندس وايون ۽ ڪافيون شاهد آهن. ٻوليءَ جي مزاج جي لحاظ سان، سُر جمن داستان-١ جي سندس هينئين وائي اهڙي آهي، جو سرائيڪي ۾ مادري زبان واري اهليت رکندڙ ڪان سواءِ ڄڻ ڪو ٻيو چئي نٿو سگهي:

وائي

مئن وَڍِيان وو مئن وَڍِيان
عشق تُساڏي وو يار مئن وڍِيان
١. پردا عدم دا دُور ٿئا، هُڻ قرابت ڪڍِيان
وو مئن وڍِيان
٢. مئن نماڻي نينه نہ ڄاڻان، هوش عقل وچ نِنڍِيان
وو مئن وڍِيان
٣. غلام محمد ريتِ رسم سَٽ، اول اَباڻِي اَڍِيان
وو مئن وڍِيان

فارسي ۾ سندس غزل موجود آهن، ۽ پڻ ڪافين جي خالص سنڌي صنف کي فارسي جو لباس پهرايو اٿس. رسالي ۾ ’سُر بروو هندي‘ جي داستان-٣ جي ’وائي‘ فارسي ۾ منظوم ڪئي اٿس. البت رسالي جي مختلف سُرن ۽ داستانن ۾ ’فارسي‘ کان وڌيڪ عربي لغت کي آندو اٿس. آيتن، حديثن ۽ قولن کان سواءِ عربي جا ڪافي الفاظ استعمال ڪيا اٿس، ۽ شايد سيني ’رسالن‘ ۾ هيءَ ئي رسالو اهڙو آهي، جنهن جي ڪن بيتن ۾ عربي لغت گهڻي ۾ گهڻي استعمال ٿيل آهي:

ذَنَبَ ذوي اَلاَرحامِ ٿئا، عُصبا سُور اصاب
’اَلاَقَارِبَ ڪالعقاربَ‘ ڪاڪيون ڪاڪ عقاب
سوڍِي رِيءَ صواب، ڪونہ ڏسان ٿي ڪو ٻئو.

(سر راڻو، داستان-٢)

’سر بروو هندي‘ هندي زبان جي اسلوب ۾ چيل آهي، ۽ چڱي معيار وارو آهي، جنهن جا پهريان ٻہ بيت جڻ ’هندي شاعري‘ جي ڪسوٽي تي لڳل آهن. پهرين ٻن داستانن واريون وايون البت ’اردو‘ اسلوب ۾ چيل آهن. رسالي کان ٻاهر وارين ڪافين مان خاص طرح هڪ ڪافي (نمبر ١٣، ص ٥٠٧) اردو رنگ ۾ رچيل آهي:

شمس قمر شرمائِي هي، نين سڄن هن هر دو تيري
١. دامِ زلف هِن دلبر تيري، خوب بناءِ بَنائِي هي
قيَر تَهِين وچ ڦاسن عاشق، ڳل ڳچي جَهِين پائي هي
نين سڄن هن هر دو تيري

۲. عشق تُماري تابَش ڪيتِي، دل هماري چائِي هي
مين نون اُسي ڪِي ڪل نہ ڪائِي، ناحق جان جَلائِي هي
نين سڄن هن هر دو تيري
۳. فرحت تَن ڪِي چوڙ سڏائي، باهہ بِره ڀڙڪائي هي
لونءَ لونءَ دي وچ آگ لڳي، سا مٺن چُم سِرچائِي هي
نين سڄن هن هر دو تيري
۴. آک 'غلام' رسول سچي ڪا، سخن سلوڪ سچائِي هي
پَڳُ اِسي دَڳُ سوئي پائي، جس ڪُون وحدت وائِي هي
نين سڄن هن هر دو تيري

خاص طرح سنڌي ٻولي جي لغات، اصطلاحن ۽ محاورن تي ڪيس پوري مهارت حاصل آهي، ايتري قدر جو اترادي توڙي لاڙي ٻولي جي لفظن ۽ محاورن ڪي اهڙو تہ سهڻي نموني ۾ آندو اٿس جو اهو چوڻ مشڪل تي پيو آهي تہ هو پاڻ اصل ڪٿي جو هو. شايد سندس ٻالجتي ۽ ننڍپڻ وارو عرصو اتر ۾ ڪٿي گذريو، ۽ ان بعد سندس والدين، جهنڊي وارن پيرن جي سهاري سان لڏي اچي 'پير جهنڊي جي ڳوٺ' يا ويجهو ڪٿي ٻئي هنڌ (نواب شاه، سعيدآباد ۽ سرهاري جي وچ واري علائقي ۾؟) وينا. جنهن ڪري سندس زبان تي لاڙي ٻولي جو رنگ چڙهيو. اترادي ۽ لاڙي ٻولين جا هيٺيان خاص الفاظ ۽ محاورا سندس بيتن ۽ واين ۾ سهڻي نموني سان سمايل آهن.

اُتر جي ٻولي جا مثال:

- جانڪون تانڪون (جمن، داستان-۲، بيت-۲)
- جا تي تا تي

جڪرو جا تي، وسي سانوڻ مينهن جان
تَرَ هلون، تاتي، ڪري ڪوڙين ڪيتريون
(بلاول، داستان-۲، بيت-۵)

- عيدان (سامونڊري، داستان-۱، بيت ۱۵)
- سَٿان (سامونڊري، داستان-٦، بيت ۹)
- لوڪان، موڪان، نوڪان (راڻو، داستان-٦، بيت ۹)
- اليلان، ريلان، ويلان (لولي، ص ۵۴۱)

"تيس ڪاٽياري ڪاڪ ۾ لڄايس لوڪان
ڦوڙائي فراق جون مَن اندر موڪان
نيه سنڌيون نوڪان، لُوءِ لُوءِ ۾ لائي ويون."

”ميمر منهنجي من تي لايون عشق اليلان
ويني هنجهون هاريان، رويو رت جون ريلان
والي وار ولهيءَ تي وري وصل جون ويلان.“

- اُڙهي= وُڙهي: ”سائر ٻوڙي سهٽي، لس ۾ اُڙهي سير“
(سهٽي د-١، بيت ٨)
- ڏُپَهرو= ٻپهرو: ”ڏپهرو ڏونگر ۾ ڪيو رات رهي.“
(ديسي د-٢، بيت ١)
- اوهي= ”اوهلا ڪرها ڪيم قطاريو، ٻاروچا!
رهو رات پنپور ۾ “ (ڪوهياري د-٧، وائي)
- ڏيوَن = ڏين: ”هلي ڪوري وچ ۾ ڏيوَن سر صحي“
(جمن د-٦، بيت ٨)
- وَتائين= ورتائين: ”وارث وتائين، وري رَنيي روح جو“
(سهٽي د-٦، بيت ١)
- وَدائون= ورتائون: ”ودائون ورد ڪري وجودي ورجيس“
(ڏهر د-٥، بيت ١٣)
- ڪَديُون= ”وجي پاڻ ڪديو، ڪويهارو ڪيچ ڏٽي“
(حسيني د-١، بيت ٢)
- وِهِنِي= ”ڪايا متي ڪانگ، مر وِهني سسئي“
(حسيني د-١٠، بيت ٦)

لاڙي ٻوليءَ جا مثال

- جينَ= جئن، ڪِج= ڪج، جِنَه تِنَه= جَنهن تَنهن
- تِيَن= تِيَن، نِيَن= نِيَن، پِيَن= پوَن، ڪِيَن= ڪائن

ذائقو زهرات جَا مَري مات نہ تِيَن
هتان ملڪ الموت جي ڪاتي ڪُنا ڪِيَن
نِينه نباهي نِيَن، پـي پيالو پِرت جو.
(جمن د-٤، بيت ٦)

مر تان ڪِيَن ڪِيان، هڏا ڏوتيڙن سين
(مارئي د-٦، بيت ١١)

متان اچي پِيَن، آڏا پهر پرين ڪي
(ڪوهياري د-١، بيت ١٣)

- پيِنڊِياءِ= پونڊياءِ، توکي پونڊي
تَهان پوءِ پينڊياءِ، سڌ پرين جي پار جي
(ڪلياڻ د-٥، بيت ٢)

- آنَ (اوهان)، آن ڪي (اوهان کي):
آءٌ نـه آنَ جيڏي، جـي مـون وسهـو سرتيـون
آن کـي سک سهـاڳ جـي قـرابـت ڪيڏي
تات نه مون تيڏي، جنهن سان پسان پرينءَ کي.
(ڪوهياري د-٦، بيت ٥)

- هُوَن= هئن، چُوَن= چوَن، ڏوَنِ= ڏئَنِ
رُوَنَ= رئن، پُونِ= پوَنِ

وائي

تان تان ويچ نه هُوَن، جان جان جيءُ نه جڏو ٿئي
١. ويڏن پنهنجي مرضَ جي، وجي ويچ نه چُوَن
جان جان جيءُ نه جڏو ٿئيَ
٢. جيسين ميرو نه ٿيي تيسين ڏوہي نه ڏُوَن
جان جان جيءُ نه جڏو ٿئيَ
٣. مادرِ مُور نه ڏي بُبا، جيسين نينَ نه رُوَن
جان جان جيءُ نه جڏو ٿئيَ
٤. واقف جي هن واٽ جا پنڌ پروڙي پُوَن
جان جان جيءُ نه جڏو ٿئيَ
٥. غلام محمد ڪونه لهي محبت جو مضمون
جان جان جيءُ نه جڏو ٿئي
(جمن: د-٥)

- روءِ= روئي، چوءِ= چوي، هوءِ= هجي:
اڌر نـڌر ايـري، هيءَ تان جڏي جوءِ
وينـي واٽڙيـن تـي رت ورنـو روءِ
ڪڏي پار پنهون جا، چاڪ چڪايو چوءِ
مَن مُنيءَ جـو هوءِ، جاني هن جبل ۾.
(حسيني: د-٩، بيت ٨)

اتر ۾ لاڙ جي محاورن کان سواءِ، خانزئي سنڌي ٻوليءَ جي ڳوڙهي انوکي لغت توڙي ان جي پنهنجي نج لساني خصوصيت (جيڪا تاريخي اعتبار کان سنڌي ٻوليءَ جي انفراديت ۽ اهميت تي شاهد آهي) کان باخبر آهي. مثلاً:

- انوکان الفاظ. جيئن تہ: اڏوهي (ڪلياڻ د-۱، بيت ۱۶)= ٻي ڏوهي
- اڳين ٻوليءَ جا ڪي خاص الفاظ: ڪِياءِ= ڪٿان؛
'لاڙيجو ليڙا'= لاڙجؤ ليڙا، اُنن ڪي وِرائجو؛ نڪٽيان=اڪيلي سر
- زمان ماضي ۾ 'ت' جو باقي رهڻ: سَلتي= سَلِي، ٻڌائي

"منهنجي مون پرين ڪي ذات سَلتي جن" (آبري د-۳، بيت ۳)

- ضميري پڇاڙيون: ڪيٽن (آبري د-۱۳، بيت ۱۲)= ڪيٽان، ڪين،
- ڪندان (جمن د-۴، بيت ۵)= ڪين ڪندا
- سَندونَ، ڳِڏون، ڪَندون.

چِنَّڻ نہ وِڙ جَني جو، ڳُنڍڻ ڳُڻ سندون
اَوُڳُٽان ڳُسڻ ڪري، ڳُٽن ساڻ ڳِڏونَ
پيو ڪونہ ڪندونِ، سُود سوداگر سَڏرو.

(جمن: د-۵، بيت ۳)

- جَري پڇاڙيون: ڪِينانَ (ڪلياڻ: د-۱، بيت ۹)= ڪِينَ مان: لَئَنِ (لنگهي لوڪ ليئن، جمن د-۴، بيت ۱)= لوڪ جي ليئن مانَ: لياڪن، سياڪن= لياڪن مان، سياڪن مان. (ڪلياڻ: د-۲، بيت ۲)

ڪٿي ڪٿي خانزئي نہ فقط انوکي لغت آندي آهي، پر ان سان گڏ نج سنڌي رسمن رواجن وارا اصطلاح پڻ استعمال ڪيا آهن:

پرٽي رات پليت ڪنهن ڏانوڻ ڏايا ڏيڻ

(ديسي: د-۵، بيت ۳)

تہ واري پاسي 'ڏائڻ' کي اڪثر 'ڏيڻ' چوندا[1] پر ان سان گڏ 'ڏانوڻ ڏائڻ' جي مَدائي ۽ مَنائي واري سوڻ جو ذڪر آندو اٿس. سندس ڪلام انوکي سنڌي لغت سان ڀرپور آهي جنهن جي وڏيڪ مطالعي جي ضرورت آهي. ٻولي ۽ لفظن جي وسيع ڄاڻ جي پروسي هن پنهنجو 'شاعرانہ اختيار' هلائي ڄڻ ڪي نئين سر نوان لفظ پيدا ڪيا آهن. جيئن تہ 'سڳوريو' (ڪلياڻ د-۱، بيت ۵)= سڳوريل، سڳورو ڪيل؛ حيفاٽيون= حيف واريون، جن تي حرف اچي ۽ جن کي حيف هجي؛ سَفريا (ص ۵۰)= سفر تي هليا؛ 'شفقتناڪ' جيڪو صحيح پر

[1] خانزئي چوٽيارين ۾ پڙهيو ۽ ان طرف جا ڪي لفظ ۽ اُچار سندس زبان جو جُز بنيا.

البت ڳرو لفظ آهي، يا 'مسروت' جيڪو سندس شاعرانہ اختيار سان 'مسرور' جي بدران قافيي جي پورائي لاءِ 'مسروت' تي آيو آهي.

سفر يا ساٿيہ، جِم وجني اوهري

(ساموندي د-۴، بيت ۳)

حيفياٿيون هزار، روهہ رهائي ڇڏيون

(ديسي د-۵، بيت ۱)

غلام محمد کي ڪرين، محبت ۾ مسروت

(راڻو د-۳، وائي)

فڪر ۽ شاعري:

غلام محمد خانزئي 'رسالي جو شاعر' آهي، ۽ 'رسالي جي شاعرن' جي وصف ۾ شامل آهي. 'رسالي جي شاعري' اعليٰ اخلاقي ۽ عارفانہ شاعري آهي: اها وقتي جذباتن، عارضي معاملن يا لفظي موشگافين واري شاعري ناهي، بلڪ ان جو پيغام دائمي ۽ آفاقي آهي: ڪائنات جي خالق جي احديت، بني نوع انسان جي وحدت، ۽ معاشري ۾ اعليٰ انساني ڪردار جي عظمت جو ذڪر 'رسالي جي شاعري' جا خاص موضوع آهن: سچائي ۽ اخلاص ان جي راهہ آهي، حق ۽ حقيقت ان جي ساڃاهہ آهي.

موجوده ڄاڻ مطابق، انهيءَ اعليٰ سطح واري 'اعليٰ سنڌي شاعري' جي علمبردارن جي قطار ۾ وقت جي لحاظ سان خانزئي سيپني ڪان پويون شاعر آهي، انهيءَ ڪري سندس معيار جي بہ نسبتاً ايتري قدر ٿي گهٽ هجڻ جو امڪان آهي: مگر ٻوليءَ جي وسيع ڄاڻ، سلوڪ ۽ تصوف جي اصطلاحن جي سمجهہ ۽ سرت، حضرت شاهہ عبداللطيف جي رسالي سان محبت ۽ ان مان حاصل ڪيل روشني ۽ رهبري سندس معيار جي 'امڪاني گهٽتائي' کي گهٽو گهٽائي ڇڏيو آهي. سندس گهٽتائي ۽ اوڻائي، 'شاعري جي خاص نزاڪتن' مان فقط ٻن جي ناپيد هجڻ تائين محدود آهي: هڪ تہ بيتن ۽ واين ۾ آندل سندس قافيا، 'اِعَراب' (آخري زبر، زير، پيش) جي لحاظ سان حضرت شاهہ عبداللطيف واري معيار کان گهٽو گهٽ آهن جيتوڻيڪ اهڙي ڪمي بيشي پوئين دور جي ٻين شاعرن ۾ بہ موجود آهي. ٻيو تہ ڪن بيتن ۽ واين ۾ ڪٿي ڪٿي ڪن سٽن ۾ لفظن جي اها پوچ ۽ سهڻائي جيڪا بيان ۾ شاعرانہ لطافت پيدا ڪري ٿي سا قائم نہ رهي آهي. اهو انهي ڪري جو اتي اهي الفاظ ۽ اهي سٽون فطري طور سندس زبان تي چڙهي نہ آيون، پر ڄڻ ارادي، ڪوشش ۽ ڪاوش جو

نتيجو آهن. خانزئي جي بيتن ۾ واين ڪي پڙهندي اهڙين ڪن جاين تي ڄڻ اصلاح جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي، ۽ انهيءَ طرف خيال وڃي ٿو تہ ’هيئن نہ هيئن هجي ها تہ جيڪر بهتر ٿئي ها‘. ان جي برعڪس حضرت شاه عبداللطيف جي ڪلام ۾ اهڙي تہ فطري پالوٽ آهي جو چئجي ٿو تہ ڄڻ سنڌي ٻولي ٺهي ائين هئي شاه صاحب کان پوءِ (سواءِ خليفي نبي بخش صاحب جي) ٻين جي ٻولي ۾ البت اصلاح لاءِ گنجايش نظر اچي ٿي جيئن خانزئي جي ڪلام ۾ آهي: مثلاً

ڪنهن سان سليان سڪ، جا مون اندر جنڊڙي
ڄاٽي مالڪ هڪ، مزو تنهن ذوق جو.

(حسيني: د-۵، بيت ۴)

ڀهرين سٽ سهڻي آهي، پر ٻيءَ سٽ ۾ ’مزو تنهن ذوق جو‘ بيان جي لطافت کان خالي آهي. ٿي سگهي ٿو تہ هت ڪاتب جي ڪا غلطي هجي، پر اها سٽ پڙهي خيال اچي ٿو تہ بهتر ٿئي ها، جيڪر ڪنهن ٻيءَ طرح چئي ها. سُر بروويءَ ۾ بيت آهي تہ:

ڏٺي عجيبن جي روح نہ رهي راس
مور نہ لهي دل تان دوستن جي اُداس
هينئڙو انهيءَ پاس، ڏسي اڪاسي گهڻو.

(داستان-۳، بيت ۴)

ڀانئجي ٿو تہ ٻيءَ سٽ ۾ ’بيان‘ واري صورت ائين بهتر ٿئي ها جيڪڏهن چوي ها تہ:

مور نہ لهي من تان انهن جي اُداس.

ڪن بيتن جي نظم ۾ تصنع ۽ تڪلف آهي: مثلاً

مون ڪي پنهوارن جو آيو هي پيغام
”وَلا تَجۡلِس فِي القُصور“ ڪري ڪو آرام
”وَلا تَلبس لِباسَہٗ عليٰ جَسدکَ“ آهي عين حرام
”کُل شَيءِ يَرجِعُ اِليٰ اَصلِہٖ“ تانگهي تن تمام
ڀڃي قيد ڪمام، موٽائي مُنج ماروئي.

(مارئي د-۴، بيت ۴)

ڪٿي ڪي لفظ لغت جي لحاظ سان ڳرا ڳوڙها آهن، جيڪي بيان جي نزاڪت تي بار ٿي پيا آهن. جيئن تہ:

رهي اشرافن جو شُرفتناڪي حال
(مارئي د-۵، بيت ۲۰)

ڪن بيتن ۾ چڻ لفظ جوڙيا ويا آهن، پر تہ بہ جڙي نہ بيٺا آهن. مگر خانزئي جو ڪلام ايترو تہ گهٽو آهي، جو مٿيون اوٽايون جيڪي ڪٿي ڪن بيتن ۾ آهن، سي بالڪل ٿورڙيون ٿيون لڳن. مجموعي طور سان سندس رسالي جو ڪلام معياري آهي.

شاه عبداللطيف جو اثر:

فڪر ۽ معنيٰ، موضوع ۽ مضمون، اسلوب ۽ بيان جي لحاظ سان "شاه جو رسالو" ئي 'غلام محمد خانزئي جي رسالي' جو سرچشمو آهي، خانزئي 'شاه جو رسالو' پڙهيو، اکر اکر ڪري پڙهيو، وڏي ڌيان سان پڙهيو، وري وري پڙهيو ۽ دل سان هنڊايو: ڪن سالن جي انهيءَ مشق ۽ محبت ڪيس راغب ڪيو ۽ اها راه ڏيکاري تہ هو پڻ پنهنجو رسالو جوڙي. اها حقيقت سندس رسالي جي پڙهڻ سان سامهون اُڀري اچي ٿي. غلام محمد ڀٽ تي بہ پيرا ڪيا ۽ يقيني طور 'شاه جو راڳ' ٻڌو. ايتري قدر جو واين جي ڳائڻ جي تار ڪي پروڙياٿين. پنهنجي رسالي ۾ 'سُر معذور، داستان-۲' واري وائي جو عنوان تار جي لحاظ سان 'وائي- ڇيڙ' ڪري ڄاڻائي اٿس.

بهرحال حضرت شاه عبداللطيف ۽ غلام محمد خانزئي ۾ استاد ۽ شاگرد وارو فرق آهي. معنوي لحاظ سان عارف ۽ سالڪ وارو فرق آهي، 'حال' ۽ 'قال' وارو فرق آهي: شاعريءَ جي لحاظ سان تخليق ۽ تقليد وارو فرق آهي. حضرت شاه عبداللطيف عارف ۽ مرشد آهي ۽ خانزئي سالڪ ۽ مريد: شاه معنيٰ ۽ مضمون جا خاڪا خلقيندڙ آهي ۽ خانزئي خاڪا پريندڙ. انهيءَ ڪري ساڳيءَ سطح تي مشابهت ۽ مُوازني جي پيٽي ئي ڪانهي. خانزئي جي وڏائي انهيءَ ۾ ئي آهي جو هو حضرت شاه عبداللطيف جهڙي وڏي عارف شاعر جو ڪامياب شاگرد آهي.

سلوڪ توڙي شاعري ۾ خانزئي صحيح معنيٰ ۾ شاه عبداللطيف جو شاگرد آهي، ۽ اهڙو ذهين ۽ لائق شاگرد جو جيڪر ان دور ۾ هجي ها تہ ٿيائي صاحب ڪيس جَس چوي ها ۽ پنهنجو ڪري سڏي ها. خانزئي پنهنجو رسالو بالڪل 'شاه جي رسالي' واري سٽاء ۾ جوڙيو ۽ مرتب ڪيو: پورا 'ڇٽيهہ سُر' قائم ڪيائين. هر سُر هيٺ موضوع ۽ معنيٰ جي لحاظ سان داستان آنداٿين، ۽ هر داستان جي بيتن پويان ساڳئي موضوع

واريون وايون منظوم ڪيائين[1]. مفهوم معنيٰ جي لحاظ سان پڻ خانزئي پنهنجي 'حال' ۽ 'قال' سارو، ڀٽائي صاحب جي رنگ ۾ ئي رڱيل آهي. هو (مثلاً خليفي نبي بخش صاحب وانگر) ڀٽائي صاحب کان الڳ ڪو پنهنجو انفرادي انداز ۽ اسلوب نٿو اختيار ڪري، پر البت ڀٽائي صاحب واري خيال ۽ معنيٰ کي، سندس ئي بيان ۽ اسلوب ۾ نت نئين نموني سان ورجائي ۽ وهڃائي ٿو. مثلاً 'سر جمن' ۾ شاه صاحب جا ٻه بيت اُنهيءَ معنيٰ ۾ آهن تہ: جن جو خالي 'جيءُ' چوڻ حقيقت ۾ 'ٻوڏ' آهي تن کان پاڻ پل، ۽ جن جي 'ٻوڏ' واري لفظ ۾ 'جيءُ' پريل آهي تن سان گڏ گذار.

جَني سندي جيءُ ۾ پَتو پَتين ٻوڏُ
کھڙو ڪريين ڪوڏُ، هِنيَڙا پَسي تَن کي.

جَني سندي ٻوڏ ۾، پَتو پَتين جيءُ
تون تَني سين پيءُ، اوڏا اَڏي پَڪڙا.

خانزئي انهيءَ معنوي نُڪتي کي تفصيل سان پنهنجي انوکي انداز ۾ بيان ڪيو تہ:

جَني سندي ٻوڏ ۾ پتو پتين پالَ
سيئي تَڳا تَن جِي، سيئي منجهہ مقالَ
سيئي حاڪِي حالَ، سيئي هِنيين حَل ٿيا.

ٻوڏُ جَني جِي ٻاجَھہ، مر سي چون ٻوڏ ڪي
سندي معشوقن لئي، عاشق وجهن واجهہ
اِيَ سي عبث هاجَ، ڏئڻ ڪن قَوالِيين.

ٻوڏُ جَني جي جيءَ ۾، سي سپيئي جَڏ
وجي وٽجارن سين، غازي گويا گڏ
جي جَني جا هَڏ، سي تني جا سيڪڙُو.

---

[1] سواءِ ڪن ٻن ٽن داستانن جي (جهڙوڪ سُر آسا داستان-١: سر ڏهر داستان-١) جن جي پويان داستانن واري موضوع بدران سسئي جون وايون آندل آهن. 'شاه جي رسالي' جي ڪاتبن ۽ ڇاپيندڙن اجان بہ وڏيڪ داستانن پويان ساڳئي موضوع بدران 'سسئي' جون وايون رکيون آهن.

جيءَ جَني جي ٻوڏ، سي نه سڄڻ سورَ جا
ڏيئي هِنيون اُن کي، متان ڪرين ڪوڏ
ٻَن تني جي لوڏ، جي لِچڪي هلن لوڪ ۾.

ٻوڏ جَني جي 'جي' سيئي سڄڻ ساهَ جا
وڃائيج وجود کي، منجهان هَٿُ هِي
پِرت پيالو پِي، هَلِي هٿان اُن جي.

(سر جمن، داستان-۵، بيت ۵-۹)

ڀٽائي صاحب، هن جهان ۾ انسان جي تڪليف ۽ ڪشالي واري عارضي زندگيءَ جي حقيقت کي سسئي جي زباني هن طرح بيان ڪيو ته:

پُورن پالِي آهيان، سُورن سانڍيياسِ
سُکن جي سيّد چئي، پُکي آءٌ نه پيياسِ
جُکُس آءٌ هُياسِ، گَرِي گُوندر وَلَ جي.

(حسيني، داستان-۱۲)

انهيءَ ساڳئي خيال کي، ساڳئي بيان ۾، سهٽي نموني سان ادا ڪرڻ سولو نه هو، پر خانزئي ادا ڪيو ته:

ڇيرن ۾ ڇاياسِ، ساعت سُک نه جنڊڙو
سُورن سامِاياس، ڏيئي سُتِي سک جي.

حضرت شاه صاحب مارئي بابت چيو ته:

ماروئي نه ڄائي، ته مارو پيا نه مامري.

خانزئي، اهو ساڳيو خيال، ساڳئي معنوي فقري سان مارئيءَ جي واتان چوايو آهي ته:

لوڪان لڄاياس، لقب لڳي سومرا
مادر ماروئڙن ۾ ناحق نپاياس
هوند نه جي ڄاياس، مارو پيا نه مامري.

(ماروئي، داستان-۳، بيت ٦)

شاه صاحب، سسئيءَ جي زبانان چوايو ته:

اول آخر آه، هلڻ منهنجو هوت ڏي

خانزئي ساڳيو فقرو مارئيءَ جي واتان چوايو ته:

اول آخر آه، منهنجو مُنهن ملير ڏي.

(ماروئي داستان-٦، بيت-۱)

پر ڪن جاين تي خانزئي فقط حضرت شاه صاحب واري معنيٰ ۽ بيان کي آڌڻ تي بس نہ ڪئي آهي، پر ان ۾ انوکي انداز سان اضافو ڪيو آهي. مثلاً شاه صاحب، سسئيءَ جي ڪيفيت بيان ڪئي تہ:

اچي عزرائيل، سُتي جاڳائي سسئي
تي دوڙائي، دليل، تہ پنهونءَ ماڻهو موڪليو.

خانزئي، مومل جي ڪيفيت کي سندس زبانان بيان ڪيو تہ ڪيس ڏسي خود 'موت' ئي فوت ٿي ويو:

سوڍا تنهنجي سِڪ ۾ آيو مٿي موت
وري ويچارو ويو، سُڻي سُورن صوت
پاڻ ويو ٿي فوت، ڏسي ڏکوئيءَ کي.

(راڻو، داستان-۳، بيت ۹)

خانزئي پنهنجن ڪن بيتن ۾ شاه صاحب جي بيتن جي معنيٰ کي وڌيڪ کوليو آهي. مثلاً شاه صاحب ترغيب ڏني تہ جيئن ڪنيارن جي آوي يا نهائين باه کي پنهنجي اندر ڍڪي ٿي، ۽ ٿانون کي پچائي ٿي، تيئن اي عاشق تون بہ پنهنجي محبت ۽ نيه کي اندر ۾ ڍڪ. انهيءَ مثال جو مقصد اهو هو تہ انهيءَ عشق جي راز کي ڍڪ تہ محبت جو مچ پَل اندر ۾ پيو ٻري تہ جيئن محبت مَچِي پَچِي پختي ٿئي. اها تشريح خانزئي پنهنجي هيٺئين بيت ۾ ڪئي تہ:

نهائين جئن نينه، ڍڪج اندر جندڙي
ٻاري راتو ڏينه، پڪو ڪج پريت کي.

جڻ شاه صاحب هڪ خاص معنوي اشارو ڪيو هو، جنهن جو مقصد خانزئي کولي سمجهايو. پنهنجي ٻئي هڪ بيت ۾ خانزئي جنهن طرح ڀٽائي صاحب جي هڪ ڏنل مثال ۽ ان جي معنيٰ واري مول مقصد کي نئين طرح مختصر، سليس ۽ سهڻن لفظن ۾ سمجهايو آهي، سو سندس ذهانت جو ڪمال آهي. انهيءَ سلسلي ۾ مولانا رومي، انڌن جو مثال ڏنو آهي جن هاٿيءَ کي هٿ لاتا، ۽ پوءِ جيتري قدر سندن هٿن معلوم ڪيو اوتري قدر ئي سمجهيائون تہ هاٿي ڪهڙو ٿيندو آهي. مولانا رومي پنهنجي مثنوي ۾ انهيءَ مثال جي تفصيل ۽ تفسير لاءِ ڪافي شعر چيا آهن. شاه عبداللطيف جي پڻ مثنوي سان محبت هئي ۽ هن مولانا رومي کي سلوڪ ۽ طريقت ۾ وڏو رهنما ڪري ٿي سمجهيو. پر مولانا رومي جي برعڪس،

هاٿي ۽ انڌن واري مثال کي شاه صاحب پنهنجي هڪ ٺي بيت ۾ بيان ڪيو، جنهن ۾ نہ فقط مولانا رومي واري ڪڍيل معنيٰ سمايائين، پر آخري سٽ ۾ ان تي وڌيڪ اضافو ڪيائين.

مُئي هاٿيءَ سين مامرو اچي پيو انڌن
مَناڙين هٿن سان، اکين ڪين پسن
في الحقيقت فِيل کي سَڄا سڃاڻن
سندي سردارن، بَصيرت بينا ڪري.

بنيادي معنيٰ ايتري هئي تہ 'اکين سڄا' ئي حقيقت ۾ هاٿي کي صحيح طور سڃاڻي سگهن ٿا. پر ڀِٽائي صاحب ان تي اضافو ڪيو تہ جيڪي اندر جي بصيرت رکندڙ عارف آهن، تن جي بصيرت 'نابينن' کي بہ 'بِينا' ڪيو ڇڏي، جو هو ظاهري اکين کان سواءِ بہ هر شيءِ جي حقيقت کي سمجهي ٿا سگهن. غلام محمد خانزئي هن مثال کي پنهنجي فقط ٻن سٽن واري بيت ۾ بيان ڪري هڪ نئين انداز سان ان ۾ سهٽي معنيٰ سمائي آهي تہ:

سڄا سڃاڻين، صحي سونهن سڄڻ جي
انڌا ٿا آٿِين، دعويٰ دليلن جي.

(آسا، د-٢، بيت ١٦)

نتيجي طور چئي سگهجي ٿو تہ معنوي لحاظ سان، ڪنهن حد تائين، 'غلام محمد خانزئي جو رسالو' شاه عبداللطيف جي بيتن ۽ واين ۾ سمايل فڪر جو تفسير ۽ تعبير آهي.

طريقت ۽ سلوڪ جو ڄاڻو ۽ شارح:

تصوف جي معنوي ۽ نفسياتي حقيقت، سلوڪ جي مسئلن ۽ عارفانہ منزلن جي وضاحت ۽ اپٽار قاضي قادن جي ڪلام سان شروع ٿي، پر شاه لطف الله قادري پنهنجي رسالي ۾ ان کي وڌيڪ تفصيل ۽ تفسير سان بيان ڪيو. شاه لطف الله قادري کان پوءِ، غلام محمد خانزئي انهيءَ ڏس ۾ قدم کنيو، ۽ تصوف جي نڪتن ۽ سلوڪ جي رازن ۽ رمزن کي مثالن ۽ تمثيلن سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ موضوع تي 'منهاج العاشقين' تصنيف ڪيائين، جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. ان کان سواءِ پنهنجي رسالي ۾ پڻ، موضوع جي لحاظ سان، ڪن بيتن ۾ وحدت ۽ ڪثرت، ذات ۽ صفات، نفي ۽ اثبات، قبض ۽ بسط، شهودي ۽ مَخفي، ۽ سلوڪ جي ٻين اهڃن معنوي نُڪتن کي بيان ڪيو اٿس. پر جيئن تہ لفظن ۽ اصطلاحن تي سندس ملڪو آهي، سو ساڳئي بيان کي جدا جدا

صورت سان ورجائي ٿو ۽ ساڳي معنيٰ کي مختلف مثالن سان سمجهائي ٿو. اڳ شاه لطف الله قادري ۽ پوءِ شاه عبداللطيف 'ذات ۽ صفات' جي حقيقت کي مثالن سان هينئينءَ طرح سمجهايو ته:

سائي صورت سيرت سڄڻين، سوئي حسن ڪمال
سائي ذات ظرافت پريَ جي، سوئي سو جمال
سوئي ظاهر، باطنَ سو، سوئي سو خيال
سڀ سپوئي حال، اونهائي انت ناه ڪو.

(شاه لطف الله قادري)

سو هِيءُ، سو هُو، سو اَجلُ، سو الله
سو پرين، سو پساه، سو ويري، سو واهرو.

(شاه لطيف: ڪلياڻ، داستان-١)

پاڻهين جَلّ جلالهُ، پاڻهين جانِ جمال
پاڻهين صورت پريَ جي، پاڻهين حسَن ڪمال
پاڻهين پير مريَد ٿئي، پاڻهين پاڻ خيال
سڀ سپوئي حال، منجهان ئي معلوم ٿيي.

(شاه لطيف: ڪلياڻ، داستان-١)

حقيقت ۾ شاه لطف الله قادري پنهنجن ڏيڍ درجن کن بيتن ۾[1] ذات ۽ صفات جا ايترا مثال آندا آهن، جو اهڙن وڏيڪ مثالن لاءِ باقي جاءِ ڪانه هئي. تنهن هوندي بہ خانزئي پنهنجن هينئين ٻن بيتن ۾ ساڳي حقيقت کي وڏيڪ مثالن سان ورجايو آهي تہ:

سائِي صورت سِڪَ جي، سائي صورت ساڻ
سائي صورت ماپ جي سائي ميو ماڻ
اهوئي اهڃاڻ، واحد جي وصال جو.

سائي صورت سوجهري، سائي صورت سِج
سائي صورت وڻ جي، سائي صورت ٻج
سائي ڪپت ڪِج، سائي سنگت سُک جي.

[1] ڏسو "شاه لطف الله قادري جو رسالو" (قِسم چوٿون، منجهہ وحدت ۽ موحدن)، ڇپيل اداره سنڌ شناسي (انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي)، ١٣٨٨هہ/١٩٦٨ع، صفحا ٣٦-٤٤

سچاڻ شاعر، عالم ۽ اديب:

خانزئي عالم شاعر آهي. هو عربي- فارسي لغات جو عالم آهي ۽ سنڌي ٻولي جو ڄاڻو آهي. لفظن، اصطلاحن ۽ محاورن جي وسيع ڄاڻ سان، سندس واسطي ڪلام ۾ بيان جي وسعت آسان ٿي آهي. ڀٽائي صاحب، نج سنڌي لفظن ۽ اصطلاحن جي سهڻي پوچ سان 'بيان' جي جدا جدا سهڻين صورتن ۽ نزاڪتن جي ادائگي ۾ ڪمال ڪيو. سندس ذهين 'شاگرد' خانزئي بہ اهڙي ادائگي ۾ پنهنجي لاءِ جاءِ پيدا ڪئي آهي. هو پڻ ساڳئي معنوي نُڪتي کي مختلف طور طريقن سان بيان ڪري ٿو. ڀٽائي صاحب کان پوءِ، هڪ خانزئي برک شاعر آهي، جنهن پنهنجي بيان جي قوت ۽ ذهني مشق سان هن صنعت ۾ گوءِ کنئي آهي. جيئن ڀٽائي صاحب پنهنجن ڪن بيتن ۾ بيان جي سينگار لاءِ عربي لغت جا ڪي لفظ آندا آهن، تيئن خانزئي پڻ اهڙا لفظ آندا آهن. پر خانزئي ايتري قدر تہ ڀٽائي صاحب جي واٽ ورتي آهي جو هڪ بيت ۾ شاه صاحب جيئن عربي صرف نحو (گرامر) جا ٻہ اصطلاح ('اِدغام' ۽ 'اعراب') آڻي 'سچي محبت جي ڪيفيت' کي هڪ خاص معنوي انداز ۾ نروار ڪيو آهي تيئن خانزئي پڻ ٻہ پيرا عربي صرف نحو جي ٻن اصطلاحن ('مبتدا' ۽ 'خبر'، 'عطف' ۽ 'معطوف') آڻڻ سان سهڻي معنيٰ پيدا ڪئي آهي. مثلا:

شاهہ صاحب:

ڪثرت آهي قرب ۾ 'اِدغا مين' 'اعراب'

(سهڻي: داستان-۱، وائي)

خانزئي:

'مبتدا' محمد هاشمي، 'خبر' مخلوقات

(ڪلياڻ: داستان-۱، بيت-۴)

'عطف' آهي توڙ، مُلا 'معطوفن' جو

(ڪلياڻ: داستان-۴، بيت-۷)

اهي مثال بيان توڙي 'معنيٰ' جي ڳوڙهائي وارا آهن. لغت ۽ لفظن تي مَلڪي سڀبان، خانزئي کي بيان جي ڳوڙهائي توڙي سلاست ۽ رواني تي دسترس آهي. سندس سڄي رسالي ۾ نہ، تہ بہ ڪٿي نہ ڪٿي بيان جي ڳوڙهائي ۽ ڳورائي توڙي رواني ۽ آساني جا جلوا موجود آهن. مثلاً عربي جي ڄاڻ سان، خانزئي بعضي نہ رڳو عربي جا لفظ، فقرا يا سٽون آڻي ٿو، پر عربي لفظن کي سنڌي آميز بنائي استعمال ڪري ٿو:

زاڪي مِنجهہ زَڪات، اَزاڪي آجا ٿيا
”وَلاَ يَحِلُّ لَہُ ڪل حال، اِلاَّ صَومر صَلات“
مَيا منجهہ مَمات، حَياتئون هيٺا ٿيا.

(جمن: داستان-۷، بيت ۱۰)

موضوع ’سالڪن جو سفر ۽ الاهي عشق ۾ هلندڙن جو حال‘ آهي. جيئن تہ موضوع ڳوڙهو آهي، انهيءَ ڪري ان کي ڳوڙهي ڊِکيل زبان ۾ آندو اٿس. پر سلوڪ جي سلسلي ۾ اهڙي ڳوڙهائي ۽ ڳرائي خانزئي نہ فقط عربي فقرن ۽ لفظن سان پيدا ڪري ٿو، پر نج سنڌي لغت ۽ لفظن تي پڻ ڪيس ايترو عبور آهي جو بيان کي ڳرو ڳوڙهو ڪري سگهي ٿو. مثلاً، سالڪن جي سفر ۽ منزل جا اهڃاڻ نج سنڌي لفظن جي ڍڪ ۽ پردي سان ڏئي ٿو تہ:

وَڃي وينا وِيُڙ ۾، سِيڏي سَڄائِي
اصل صورت ساه کي سَڄي نہ ڄاڻِي
لِڇِڪَ لَڄائِي، آئِي اُن جي نجهري.

(جمن: داستان-۷، بيت ۱۲)

ڳوڙهائي سان گڏوگڏ سلاست ۽ رواني پڻ خانزئي جي بيتن ۾ موجود آهي. هيٺيان بيت فصاحت ۽ سلاست ۾ خانزئي جي شاعرانہ لياقت جا اعليٰ مثال آهن:

لائي لاڳ ويا، اندر منهنجي جندڙي
ٻري مچ پيا، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري.

(سر رپ: د-۱، بيت ۱۷)

ڏکي ڏونگر ڏور، رلي روءِ نہ رت
سڃي ڇڏ مَ ست، هل تہ پسين هوت کي.

(آبري د-۳، بيت ۴)

سارو لوڪ سياه، جانب بنا جيڏيون.

(ديسي: د-۶، بيت ۷)

سِڪَ سان وڏي سڪَ، سڪَ پڻ آهي سِڪَ جي
سَڪَ سڪائو سِڪَ جا، سسئي پنهون هڪ
لوڪان ليکي لِڪ، پرڪا ڪارڻ پڌري.

(ڪوهياري: د-۲، بيت ۲)

قاف قضا جي قيد ۾ جوڳي جَڳتر ڪن
جو وُهُ ويراڳين کي سو ڪنهن سان ڪونہ سَلن

"الرّاكِعُونَ السّاجِدُون" نانگا نِت نمن
مسجد ڪري مَن، ٿين نمازي نِيهَ جا.
(رامڪلي: د-٨، بيت ٢١)

'رسالي جي نوعيت' وارن بيتن ۽ واين ۾ غلام محمد خانزئي جي شاعري قابل قدر آهي، پر ان کان سواءِ ڪافين ڪلامن ۾ پڻ سندس معيار عام سطح کان مٿي آهي. اهوئي سبب آهي جو ڪن داستانن جي پويان سادي سٽاء وارين واين بدران (ٽلهه توڙي مصراعن ۾ اندروني قافين جي ترنم واري) ڳوڙهي سٽاء واريون 'ڪافيون' آندل آهن. سُر 'بروي سنڌي' جي داستان-٢ ۽ داستان-٣ جي آخر واريون 'وايون' حقيقت ۾ معياري 'ڪافيون' آهن.

سڄاڻ عالم ۽ اديب:

شاعري جي دائري کان ٻاهر بہ غلام محمد خانزئي جو درجو هڪ سڄاڻ عالم ۽ اديب وارو آهي. ڪيس 'شاه جو راڳ' ۽ ان راڳ مطابق 'واين' جي ڳائڻ واري تار ۽ انداز جي خبر آهي جو پنهنجي هڪ 'وائي' ڪي تار جي لحاظ سان 'وائي چيڙ' جو عنوان ڏنو اٿس (ص ١٣٢). پاڻ چوٽيارين ۾ پڙهيو، ۽ انهيءَ طرف 'پچن ڳائڻ' واري لئي کان واقف ٿيو. سر سورٺ، داستان-١ (ص ٢٨٢) واري وائي ۾ "اي جي!" 'پچن ڳائڻ' واري ورائٽي آهي، جنهن کي 'سر سورٺ' جي قصي جي مقامي (ڪانيا واڙي- سورٺي) ماحول مطابق آندو اٿس.

رسالي جي مختلف سُرن ۾ سمايل قصن جي ٿاٽن اهڃاڻن ۽ جغرافيائي ماحول جي بہ خانزئي کي چڱي خاصي ڄاڻ آهي. 'سر ساموندري' ۾ سمنڊ واري سفر جا ڪي خاص اهڃاڻ ڏنا اٿس. 'سر سهڻي' ۾ لوهاٽي درياء (ص ٨٣) ۽ 'سر ليلان چنيسر' ۾ شهر 'ليئور' (ص ٣٨٦) يعني 'لهور' جو ذڪر آندو اٿس. ڪڇ ملڪ جي ڪيس ڪا خاص خبر هئي جو 'سر ڏهر' ۾ ڪڇ جي ڪن خاص ماڳن مقامن جا نالا ۽ پڻ 'لاکي اوڏڻ' جي قصي جا ڪي خاص اهڃاڻ (جسراج جو نالو، ص ٤٠٨) آند اٿس.

جيتوڻيڪ مختلف سُرن ۽ داستانن هيٺ سندس رسالي جا اڪثر موضوع اهي ئي آهن، جيڪي 'شاه جي رسالي' جا آهن، تنهن هوندي بہ ساڳين موضوعن جي نئين نکيڙ سان، يا انهن موضوعن موافق ڪن نون عنوانن آڻڻ سان، خانزئي مضمون- آفريني ڪئي آهي، جيڪا سندس علمي ادبي معيار ۽ ذوق تي شاهد آهي. مثلاً: 'سُر بلاول' هيٺ ('عالادين' يعني علاؤالدين بادشاه جي سنڌ تي حملي واري عامي روايت کان منهن

موڙي) 'عالادين' جي نالي بدران 'اعليٰ دين' جو اصطلاح آڻي ان مان حضرت نبي ﷺ جي آمد ۽ اسلام جي وسيع اشاعت جي معنيٰ نروار ڪيائين. 'سر آسا' جي داستان-١ هيٺ 'اکين' واري موضوع ڪي سهڻي تفصيل سان ورجايائين. 'سر ڪنيات' جي داستا-٥ لاءِ بالڪل نئي نئون موضوع 'پرڻي ۽ سهاڳ' جو آندائين. 'سر بسنت' هيٺ گلن جي گلزارين سان گڏ پنهنجي ادبي ذوق سان گلن ڦلن جي نالن ڪي نِروار ڪيائين.

مٿي اسان خانزئي جي لغت ۾ وسيع علمي ڄاڻ ۽ ٻولي ۾ مهارت جو ذڪر ڪري آيا آهيون. ڪلام پاڪ جي آيتن، حديثن، ۽ عربي جي فقرن کان سواءِ پڻ هن رسالي ۾ سنڌي ۽ ٻين ٻولين جي انوکن لفظن ۽ اصطلاحن جو هڪ وڏو ذخيرو موجود آهي. متن جي ضخامت سببان اسان في الحال پڙهندڙ جي سهولت خاطر ڪن انوکن سنڌي لفظن جي معنيٰ واري پٽي، متن جي آخر ۾ ڏني آهي. پر هيءُ موضوع وڌيڪ توجهه طلب آهي. ضروري آهي تہ بيتن ۽ واين ۾ سمايل فڪر جي شرح ۽ سمجهاڻي سان گڏ، هن رسالي ۾ آندل انوکن لفظن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ تفصيل سان لکي وڃي.

آخر ۾ نتيجي طور چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي اساسي شاعري جي 'رسالن' ۾ هيءَ وڏي ۾ وڏو 'رسالو' آهي. غلام محمد خانزئي پنهنجي رسالي جي تصنيف ۾ حضرت شاه عبداللطيف جو شاگرد آهي، مگر اهڙو شاگرد جنهن پنهنجي اعليٰ علمي لياقت، سلوڪ ۽ طريقت جي ڄاڻ، شعر جي شعور، ۽ ٻولي ۽ لغت تي عبور سان پيٽائي صاحب جي ڇانوَ ۾ پنهنجي لاءِ هڪ جاءِ ٺاهي آهي. موضوع، مقصد توڙي معنيٰ جي لحاظ سان غلام محمد خانزئي جو رسالو حضرت شاه عبداللطيف جي ڪلام جو شرح ۽ تفسير آهي. شاه لطف الله قادري وانگر غلام محمد خانزئي بہ عالم شاعر، صوفي سالڪ، ۽ سلوڪ ۽ طريقت جو شارح آهي. شاه لطف الله قادري ۽ ميين شاه عنات جي رسالن جي اشاعت سان شاه عبداللطيف جي فڪر ۽ ڪلام جو پس منظر روشن ٿيو، ۽ خانزئي جي رسالي جي اشاعت سان ڇڻ شاه جي ڪلام جي شرح ۽ تفسير ۾ اضافو ٿيو.

اسلام آباد ن. ب

١٩- ربيع الثاني ١٤٠٥ھ

(12- جنوري 1985ع)

لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَسُوْلُ اللّٰهِ

پُورو ٿِيو رسالو مولوي غلام محمد جو تاريخ ستين

ڇهين ظهر جي وقت صبح جو ڏينهن

هو مارچ سن تيره

سو ٻ ورهي

١٣٠٣

كاتب طرفان رسالي جي خاتمي واري عبارت.

شروع سر ماروئي جو هاڻي   داستان آهن جملي ٻٺ

يعني داستان ٻارهن هر داستان ۾ ٻندڙه ٻيت هڪ

بسم الله الرحمن الرحيم

١ اٿندي پئوم سنجهه منجهه سرير مٿيويايان سوڙا سارو
ملڪ مليرَ پيلا هون تقدير آئي ودوڪوٽ ۾ ٢ قضا آنديس
ڪوٽن ۾ ڪي ڄج ڄماياس پيڪي پنوارن جي ماڙ پيايس آئي
آرياس لکي لوح قلم جي ٣ قضا آنديس ڪوٽن ۾ ڪي ڄج
حيائي ڪي عمر سومرا ڪيٿ ماڙ ترا مائي آئي آرائي قسمت قيد
الماتهي ٤ قضا آنديس ڪوٽن ۾ منهنجو ملڪ مليرجي سانگير
جو ساڻ رهي تو سير ڪلٿو پنهنجي پاڻ ٻاوڙ جو پنير مونکي عمر ميٺر
ستائي مج اوڏ مٺم ٥ مونکي ماروئڙن جي لولو منجهه لغا روئڙي
پين وحو ڏاماءِ پنوارن ٽا ر صاحب رب ستار پهچ ڪرڙه لانيد
جا ٦ سٽي ڏٺم سهڻون جاءِ نجسوجيئي منهنجو ماروئڙن ۾ ساه
ٽيايوسئي ٽا اوارا يون وري ودنن ونر نجن ٧ سٽي لڏم

خانڙڪي جي رسالي مان سر مارئي جو

شروعاتي صفحو.

رسالہ منهاج العاشقین

بسم اللہ الرحمن الرحیم

حمد بی منتها محمودی کہ لا محمود جز او نہ و ستایش رسولی را کہ لا ... الا محمد رسوله صلی اللہ
وعلی آله الطیبین الطاهرین کالسفینة النوح فی الدنیا والدین واصحابه الغانمین کالنجوم
الهدی فی اللیل الدجی آمین من عبد العباد خادم الزهاد غلام محمد بن خان محمد خانزئی بهذه الرسالہ
مسمی بمنهاج العاشقین موسوم گشت السؤال السائل من هذه المنهاج هر یکی لیلان و مجنون
سسئی پنهون سیار سسئی عمر و ماروئی رانو و مومل سوهنی و مهیار
جیم ... جام چکهره جلم تماچی لیلان و چنیسر و جلم بشر وعلی هذا القیاس این
عاشقان از ابتدائی تا الیوم در افواه شعراء و غیره مردمان زبان در یاد گیری و در ... گویی
می آید چه سبب و چه جهت این باعث بوده باشد جواب بدین سوال هیچ علم و فهم عقل
بشری معلوم نمی شود مگر از اینها کنایه ... نامهای ایشان گرفته می شود چنانکه به تعلیم
چندین اشارت خدا تعالی جل و علی انسان در جهان بحکمت ... جهت حفظ النفس ...
آفریده است که آنچنان مردمان زمان دیده و شنیده باشند در این اندیشه ... مستغرق ادراک
بیت مدتی در کشتی فرو شد هزار کہ پیدا نشد تخته بر کنار واصل این احوالات خدا تعالی
بیانه بیدانند وان ... جنس نسیان است و ماهیت او معلوم ... هیچ طاقت ندارد و ...
قدر ... بیان نه ولیکن ... چو گفته اند پرسنده را جواب ... عقل ...

غلام محمد خانزئي جي دستخط

”رسالہ منهاج العاشقين“ فارسي جو شروعاتي

صفحو

عبارت از معشوق است و بزبان مطربان گویند در معشوقان بسیار بودند به یکی علیحده ساختن
دیگر به تعبیر دور و سوال داشتند مضمون بر یکی می فهمید و یکی گوش یا هم بسیار بر است
به یکی بود و دیگر معنی آنکه جام بت کنایه محمد مصطفی صلی الله علیه و سلم است و مطربان
کنایه بهو مهمان است و سخا خیرات دادن او کنایه دین متین محمدی است علیه الصلوة
والسلام و کسانی که طالب صادق می باشند او را حصه سخا داده می رسد و کسانی که رسیع الاعتقاد
نیستند اوشان را همه سخا بموجب قدر می رسد و بر این قیاس چندین معانیهای اذکار
هنگام می آیند ولیکن به مختصر اختصار کرده شد و الله اعلم بالصواب تمت تمام شد

رسالہ منهاج العاشقین
آمین ثم آمین ثم آمین
از دست غلام محمد مصنف
در سال تاریخ اعلی ماه...

بیت شاه عبداللطیف ثانی رحمة الله علیه

مَٿي ڪُهاڙي هَٿُ مَٿي وِيهُ پنوڙي ڪُوڙي ڪيچ
مَڪِيسانِ تي هاڪِيءَ مَٿَن جانِبُ ڪانَ مُحَمَلُ سَڪَرُ وَسَارَ مَسَنَ

معنی چنین همه معلوم می شود که ها تہ کنایه ملک شریعت متابعت محمدی علیه الصلوة
والسلام است و پنوڙ کنایه این جهان است ڪُوڙي ڪيچ مَڪِيسان
کنایه اثبات کردن ذات پاک است چونکه از مانزه و پنوڙ مانع شد اشاره طریقه
فنافی الله است و چون بدرجه فنافی الله رسید تطلب خود بنهون حقیقی رسید

غلام محمد خانزئي جي دستخط

"رسالہ منهاج العاشقين" فارسي جي خاتمي
واري عبارت ۽ شاه عبداللطيف جي بيتن
جو فارسيءَ ۾ شرح

بسم الله الرحمٰن الرحيم

ساري تعريف صاحب کي جو ناهي ڪو سارکو هيل سوا تعريف جي ۽ صفت تعريف
رسول ڪريم جي جو ناهي ڪو رسول الله تعالى جو جو نه ٻيون ٻئين جو مگر محمد
ڪريم رسول الله تعالى جو آهي ۽ رحمت الله تعالى جي مٿي محمد صلى الله عليه وآله
وسلم ۽ سارا رحمت مٿي اولاد ۽ اصحاب محمد ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم جي جو مثل ٻيڙي
حضرت نوح نبي جي منجهه دنيا ۽ دين آهن ۽ اصحاب سڀ محمد ڪريم صلى الله
عليه وآله وسلم جا جو هيشان قائم مثل تارن هدايت ڪندڙ يعني سڀ هدايت ڏيندڙ
منجهه راهن ۽ ٻئين آهن ڪي ڪنهن ٻانهي ٻانهن جي پشيمان وجود غلام محمد
بن خان محمد خان ترجمو هي رسالو نالي منهاج العاشقين آهي سوال سليل
هن طرح ته مجنون ۽ ليلان ۽ پنهون ۽ سسئي ۽ ميهار ۽ سهڻي ۽ عمر ۽
ماروئي ۽ رانو ۽ مومل ۽ راءِ ڏياچ ۽ سورٺ ۽ رانجهو ۽ هير ۽ جام جکهرو
جام تماچي ۽ جنيسر ۽ ليلان ۽ جام سپر مٿي انهن قياس هي عاشق
ڪنان اول تا آخر منجهه زبان شاعرن ۽ ڪالهه ڪنهن تارن زماني جي ياد آهن
۽ ڪاهيه آهن تنهن جو ڪهڙو سبب آهي ۽ ڪهڙا اسرار ڪنايا يعني مراد
ونيون جواب ڪنان هن سوال ڪو علم ۽ تنهن جو عقل جزئي يعني زماني
جي ڪي معلوم نه ٿو ٿئي جا ڳا جو ڪنان انهن عاشقن ڪنان سرود ۽ الغ
ڪنايا يعني هر هڪ جي مراد ونيو ٿيندي جنت الله تعالى جل شانه ۽ ٻيتن
مثال منجهه جهان سان حڪمت ٻڌي واسطي لذتن ۽ فرحتن ونم نفس
انساني جي خلقيا آهن جو ڪيترا مثال سوا تن جي جو ماڻ زماني جيا

”منهاج العاشقين“ جي سنڌي ترجمي جو
شروعاتي صفحو

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

سر ڪلياڻ

داستانو پهريون

(۱)

سو ساراهِ سَچو ڏٽي صاحب رَبَّ ستارَ
جوڙِي جوڙ جَهان جي هادي رِءِ آڌارَ
نَڪو آلو هَٿَ ۾ نڪا ڪِيرت ڪارَ
نَفي ملن اِثباتِ ڪري ساروئي سنُسارَ
پاڻهي اُپائڻهار پاڙُهورو پاڻَ ڪري.

(۲)

جامُ سَڀُ جهانُ، هُو حقيقتَ هيڪڙي
نڪو نالو نَفيَ جو نہ اِثباتي سبُحانُ
نڪو ذرهُ ثواب هو نڪو غير گمانُ
شهُوديَ جو شانُ، مخفي مَعمُورَتَ ۾.

(۳)

نڪو اَنتُ عَقلَ ڪي، نَڪا نِهايَتَ
نَڪا ڪَمي ڪَنزَ جي نڪا ڪفايَتَ
ويلو ولايت، هيڪڙائيءَ هيڪ هو.

(۴)

مُبتدا مُحَمدُ هاشمي، خَبر مخلوقاتَ
خِيمونَ خِلافَت جو اَفلاڪي طبقاتَ
مصابيح مَسِيحَ جا نوري نَجوماتَ
يُحَي الُعِظام عَظيم تي باري جي بشراتَ
متي تَنهِ صَلواتَ، پڙهو پڙهي پاڻ ڏٽي.

(۵)

مِير مُحمَّد ڪارڻي سڳوريو سلطانَ
مُحمَّد رسول اللّٰہُ چئي ساراهيو سبحانَ
ڪري اقرار قَلبَ سين مجو سين ايمانَ
صَحِي ساڻ لِسانَ، ويساهي سو وِسَهو.

(٦)

ويساهي سو وِسهو ميرَ مُحمّدَ جامَ
حامي هِمَت هاشمي قامعُ ذِينہَ قِيامَ
تنہِ دَر اچي سامَ، عاصِي لڳا آسِري.

(٧)

ڪري اقرار قَلبَ سين وِسَهو پاڪَ رَسُولُ
مِيرُ مُحمَّد ڪارَڻي مَولي جو مَقبُولُ
سندُس شانَ نزُول، آگي ڪِيو اڳرو.

(٨)

ڪڪينَ پَنينَ پڌرو ڪاريگر جو ڪمُ
اصُل ڪُلَ ڪَثرَت جو پردو آه عدمُ
سوئي سُورُ الَمُ، سوئي صِحَتَ سُک جِي.

(٩)

ڪَڪين پَنين پڌري ڪاريگري جي ڪارَ
ڪِينانَ ڪري ڪيتِرا نَمونا نروارَ
پرکي پَرکَٿهارَ، رَمِي انهِي رَمزَ کي.

(١٠)

ڪَڪينَ پنين پَڌرو جانبَ جو جَمالُ
ڪاريگر جي ڪَم رِي ڪَچو ڪارُ ڪَمالُ
اِي سَپِوئي حالُ، پَرکا ڪارڻ پَڌرو.

(١١)

پاڻَ پَروڙِي پاڻ ڪي، پنهنجو منجهان پاڻ
سائِي صُورَتَ سِڪَ جِي، سائِي صُورَتَ ساڻ
سائِي صُورَتَ ماپَ جِي سائي مَيو ماڻ
اهوئي اهڃاڻ، واحِدَ جي وِصال جو.

(١٢)

سائِي صُورَتَ سوجهري سائي صُورَتَ سڄَ
سائِي صُورَتَ وَڻ جي سائِي صُورَتَ ٻڄَ
سائِي ڪَپتَ ڪِڄَ، سائِي سَنگتَ سُک جِي.

(١٣)

جيڪين ڏِسين جو، سوجهي منجهه جهانَ
حَقِيقَت ۾ هيڪڙو جُدا ڪَثرَت ڪو
اصُل اولو هو، واحِدَ جي وِصالَ ۾.

(١٤)

وَحدَتَ جي وصالَ جو پَنڌُ نہ پَري پُورُ
جو ڪَثرَت مَنجَهہ قُصُورُ، سوئِي ويچ وِصالَ جو.

(١٥)

وَٽَن ۾ وائِي آهي وَحدَت وترِي
سوجهي صُورَت اصُل جي صَحي ڪِج سائِي
متان توائِي، ويڳِيا وَڻ وَڙوليين.

(١٦)

اَصُل اَڏوهي تِئو، ڏيئِي پنهنجو پاڻ
هَيَ هَيَ آهي هاڻ، وَحدتَ جِي وِصال ۾.

(١٧)

”وَحدَهُ لاشَرِيڪَ لهُ“ صَحِي ڪِج سوجهي
ساڏو سبوجهي، وَٽجُ وِهائج وَحدَ تي.

(١٨)

”وحدَهُ لاَشَرِيڪَ لهُ“ سوجهي صحي ڪِج
ٻُوڙُ ٻيائيءَ ٻِج، وَحدَتَ جي وِصالَ ۾.

(۱۹)

”وَحدَهُ لاَشَرِيڪَ لهُ“ صَحيَ ڪري سوجهه
رَڪِي سُڌُ سَبوجهه، ڏيج ٻِيائِي ٻَنَ ۾.

(۲۰)

”وَحدَهُ لاَشَرِيڪَ لهُ“ سوجهي ڪِج صحي
وَحدَتَ ذاتهُ وَهي، وَنج واٽَ وِصالَ جي.

(۲۱)

”وَحدَهُ لاَشَرِيڪَ لهُ“ هِي هِئين سين لاءِ
ڪونهي وارُ وِڇاءِ، هِنَ هُنَ ۾ ڪو هَڏهين.

(۲۲)

هِي سَيوئِي هُوءِ، حقُ حَقيقي هيڪڙو
جهڙو پَسَڻ مُنُه جو تَهڙو پَسَڻ رُوءِ
باسَ مِڙوئِي بُوءِ، جي تون پَسِين پاڻ ۾.

(۲۳)

پاڻهي لَهجُ پاڻَ مان پنهنجو ئي تون پاڻ
”ونَحنُ اقَرَبُ اِليهِ مِنَ حَبلِ الَورِيَدَ“رَکي سُرتُ سُڃاڻ
تنهنجو ئي تو ساڻ، تون پُڻ آهِين تَنهِ سان.

(۲۴)

هي پُڻ آهي هُنَ سان هُو پُڻ آهي هيءُ
وارُ وِلهو ڪونه لَهي وِڇان جُسي جيءُ
پاڻِهي پنهنجو پيءُ، پاڻهي پاڻَ پريتَ جو.

(۲۵)

هَڪلَ هاڪِي هيڪِڙو، سامعُ سَيِيئي
وَحدَتَ جي وِصالَ ۾ ٻُڌِي ويا ٻيئِي
تَني ۾ نيئِي، وِڃائيجَ وُجُود ڪي.

وائي

عشقَ تَيڏي مجنون ڪِيتا، مينُون ماهِي وي

۱. مئن گداگر دَر تَيڏي دا شانَ تيڏا هي شاهِي
شاهي ڪِيتا مينون ماهِي وي

۲. ظاهرُ باطنُ ماهِي مَيڏا هي تہ وسيلا واهِي
واهي ڪيتا مينون ماهي وي

۳. سِرُ عُشاقين بيشڪ مارين، سخت صحي سَرواهِي
سَرواهي ڪيتا مينون ماهي وي

۴. تون شَهنشاهَ شاهِي والا، مئن تان غلام سپاهي
سپاهي ڪيتا مينون ماهي وي.

داستان پيو

(۱)

جيڪينُ منجهہ فراقَ، واصُل سو نہ وصالَ ۾
وڃي جُڏِ وُجُود کي تِڪُون ڪري طاقَ
محبَتَ ۾ مشتاقَ، رهِن ڀيرا ڀُوٽيُون.

(۲)

اُتي وڃو هاڻِ، وَرِي وِيجَ وصال جا
سُتيُون صِحّت سنديون اوڏيون مُورُ مِ آڻِ
لتي قُربَت ڪاڻِ، وَصُل جي وصال جي.

(۳)

وڃو ويجَ وَرِي، هَڏِ نہ وٺو هاڻ مون
هي جا هَنج عجيبَ ري، سُڪي سا نہ هَري
مَحبَتَ منجهہ مِري، جَڏُو جِيئي جندَڙو.

(۴)

وِئو ويڄُ وَڍِي، جو مون ڏنو سَڄڻينَ
پَٽي ڪونہ ڪڍِي، اَصُل سَلي سِڪ جو.

(۵)

وَڃو ويڄَ وَرِي، مَر پيو ڏُکي ڏِيل
هُجي مانَ وُجود ۾ ساڳِي سِڪَ سَبيل
خوشي ذَوقُ ذَلِيل، هَڏِ نہ گهرجي هاڻ مون.

(٦)

ويڄَ وَرائي ڇَڏِ، چاڪَ چِڪندا چور
سُورِي صِحَتَ پائِيان هنيَڙي وَٽِن هور
تِڪُونَ ڪري تور، مَحَبَتَ جي مِيزانَ ۾.

(٧)

ويڄَ نہ ويجهو آءُ، ڏُکندو هوءِ
جيءَ ۾ آهي جوءِ، سوئي صحتَ سورَ جِي.

(٨)

ويڄ ورائي وڃُ، هِي جي صِحتَ سُتيون
وَتِيُون جي وِصَالَ جون پورا پيري پيڄُ
سائي سُتِي سَڃُ، جنه سان جُڪي جِندَڙو.

(٩)

وَڍِي ويڄَ وِيامِ، ڏيئي صحتَ سُکَ جي
سُپيريان جي سِڪ ۾ قائم تي قِيامِ
پاسي پَلِ پيامِ، سيئِي سورَ سَرير جا.

(١٠)

سَرو سِرِي سُور جو وِجي وِهائيج
وِتِي وِهُ وِصالَ جِي نِرولي نائيج
سيني سمائيج، قِوي ڪَنزُ ڪَلالَ جو.

(١١)

رڪي شَوق شرابَ جو، ونءُ ڪلالڪي هَٽ
هن سِسِي ۽ ساه جا سانگ سَپيئي سَٽ
منجهان محبَت مَٽ، پِيج ڪي پياليون.

(١٢)

ڪري تَرڪُ تُرابُ، وڃَا ڪلالَن وَٽ
”لاَ اُحَصِيَ ثَنائُڪَ“ جو پيتائون شرابُ
نَفِي نِهايَتَ ۾ نڪو ڏوهُ ثوابُ
آهي عَين عذابُ، بِاللهِ عِبادِيَتَ ۾.

(١٣)

سُرڪِي سَري صَرفَ جِي ڪا جا پيتائون
خِرقو خَفِي خِردَ جو سِيني سِيتائون
نمي نِيتائون، گويُون گودڙِيَن ڪان.

(١٤)

رَڪِي سَڏَ سُرڪَ جي پيرَ مَ پويون پاءِ
جيرا بُڪيُون جانَ جون، ڏيئي جوش جَلاءِ
باقي ڪيمَ بَچاءِ، هَڏيون هُئَنَ سَنديون.

(١٥)

ونڃي سُرڪي سِڪَ جي ساقِي هٿان پِي
”فَادَ خُلُوهَا خَالِدُوَن“ وڃي داخل ٿي
هِي جو هُئَنُ هِي، جَنجَلُ آهي جان جو.

(١٦)

تِڪي ڪاتي هٿ ۾ رَڪِي قَريبَن
سَڏڙِيا سِيراهَ ۾ موتِيو پوءِ وَجِنِ
ڪاتي پيالَنِ، پيالُڪو پيئَنِ ڪي.

(١٧)

قريبنِ جي هَٿَ ۾ تکِي ڪاتي تيزَ
سَهي سگهي ڪو نکو مَين جي مَهميزَ
رِندَ وَهائِن ريزَ، رَمِي ريلا رَتَ جا.

(١٨)

ڪاتي تکي ڪُوپَ جي قَريبنِ جي هَٿَ
وهي سا وُجود ۾ سَندِي سَورِهَ سَٿَ
مُورُ نہ ڪري ڪَٿِ، ڪُسَڻَ ۾ ڪا ڪڏهين.

(١٩)

جي تو سک سُرڪَ جي تہ هِي حوالا جِڏَ
وَجِي ڪَلالَنِ سين پاڻُ پنهنجو گڏَ
هُئَڻَ حيلا هَڏِ، ڪدي چِڏِ وُجودَ مان.

(٢٠)

پَهرينَ پاڻ وڃاءِ، پڇج پوءِ پريتّو
جانڪين جِيئَي جَندَڙو تان تون پير مَ پاءِ
لُڏِي ڪِيمَ لجاءِ، وڪون وحَدَت سنديون.

(٢١)

پيتي پياڪن، صَحي سُرڪَ سرير ۾
وئا وُجُودان نکري سِرڪي سياڪن
لَنگهي لياڪَن، وَجِي وَحدت گڏيا.

(٢٢)

پياڪَن پيتِي، سا ڪا سُرڪِي سِک جي
تَنِي پَنهنجي ساهَ سين صَفائِي سِيتي
نَفي مان نيتِي، وَڏي وِک وِصالَ جي.

وائي

ڪَنه ڪُون آکانَ مَئن حالَ، مَينُون نِينهَ نهوڙيا
١. رانجهي باجهئون سُٹو سَهيانَ جِيوَڻ هي تہ جَنجالَ
٢. چوڙُ سياڪي جهنگَ سيالين ٿِيسان مَنجهينَ مَنجهوالَ

۳. راتو ڏينهان هورُ اندر ڊي، آندا قيل مَقالَ
۴. غلام محمّد مَحَبت والي ڪيتا ذوقُ زَوالَ

داستانُ ٽيون

(۱)

سُورِي سَهج ڪري، سَڏي عاشِقَن کي
آءُ سِينگاري سِرَ کي پرتانُ پيرَ پِري
چِڙهه نِظاري نينهَ جي، کُلِهي ڪاتَ ڏري
کُنُلَ ڪونہ مَري، عاشِقُ مَعشوقُن جو.

(۲)

عاشِقَ معشوقَنَ جي سُورِي سَهَج جاڻ
نيزي هيٺان نِينهَ جي پاسي کَر مَ پاڻ
کَنهِ جي ڪڍِ مَ ڪاڻ، اُجَلِ تانُ اَڏَ ٿِئي.

(۳)

عاشِقَ معشوقَنَ جي سُورِي جاڃ سيج
چِڙهه تہ مَزا ماڻيين رکي هِنيون هيج
کَنه کي مَنجِهه مَ ڏيج، هِنَ سَڳوري سُورَ جو.

(۴)

عاشِقَ سِينگارِينِ، مٿي سُورِيءَ سِسِيُون
چِڙهندي چوسُولَ تي، ويسَنُدَ وارَ نہ ڏِينِ
گهايَلَ ڪِيئَن گهارِينِ، نيزي ڏاران نِينهَ جي.

(۵)

سُورِي سِينگاري، مَٿا عاشَقَنِ جا
آٽي چاڙهي نِينهَ جي نيزي نِظاري
مَجازِي ماري، مَيا مَهميزَنِ سان.

(٦)

موهِيا تَان نہ مَجازَ، عاشِقَ سُورِي سيڪڙُو
مُشاهِدي محبوبَ جي ناڻَ نَمايا نازَ
سِهرا بَڌي سازَ، چِڙهيا نيزي نِينهَ جي.

(٧)

سُوري سُونهَ صَحِي، آهي عاشقَن جِي
جو مَحَبتَ معشوقَنِ جي آتِنِ رُوحُ رهِي
قالُوا قِيلَ ڪَهي، سُورِه سِر سَچِين سي.

(٨)

جي تون عاشِق آهِيين تانَ سانگَ سَپِيئي چِڏِ
مَٿو ڏوئِي ڏار ڏري اَڏِي آڏو اَڏِ
تانَ تو هَڏيون هَڏِ، وڃِي نِين وصال ۾.

(٩)

جي تون عاشِقُ آهيين سِسِي سانگ مَ ڪَر
سَنياهي سِرُ پانهِنجو اَڏِي آڏو ڏرِ
مَرٹان اڳِي مَرِ، هَٿان حَبيبَنِ جي.

(١٠)

جي تون عاشِقُ آهيين سِسِي ڪر مَ سانگ
هِي جي حِيلا هُنُٹ جا رکي اَرٹُ اُرانگ
ٻُڏِي ٻرهَ بانگَ، تِي نمازي نِينهَ جو.

(١١)

سِسِي سِينگاري، چِڙهج سُورِيءَ سامُهون
وِڃِي ڏِيج وَجُودَ کي نِينهَ جي نظاري
پَر اِها پاري، پُورو ڪِج پرِيتڙو.

(١٢)

سِسِي سينگاري اَڏِي ڏانهِ اڏِيج
جيرا ٻُڪِيُونْ جانَ جُون شِيخُن منجهه گَڏِيج
سورِي پاسِ سَجيج، سِيئي ذرا ضَرُ ڪري.

(١٣)

چِڙهه نظاري نِينهَ جي عاشِقَ هٽي هاڪَ
حبيبن جي هَٽَ جا چورِ چِڪَندا چاڪَ
وسائيج وُجودَ تي سندِي مَحبَتَ ماڪَ
ڪري پنهنجو پاڪَ، سُوريءَ سِرُ سجيج تون.

(١٤)

عاشِقَ سُوريءَ سامُهان اُچي ڳاتِ وڃِنِ
مَحبَت جي ميدانُ ۾ سورِهَ سِرَ سَڃِنِ
پِئي پيولُ پيچَنِ، وَصُل جي وِصالَ ۾.

(١٥)

عاشِقَ سُورِهَ سَنَرا سُوريءَ سِر سَڃِينِ
مَحبتَ جي ميدانَ ۾ پويون پيرُ نہ ڏينِ
وڃي گوندَرِين، سين پنهنجو پاڻُ گَڏِينِ
چِنِي تان نہ چِڏِينِ، سنگت سُورُ صِراطُ جِي.

وائي

لُون لُون نال لڳا، سانُون نِينهُ تُساڏا

١. باه بِرهَ دي مچ مچايا، اندر ڏُوڏ ڏڳا
٢. طرَف تُسا ڏي مئن مُني دا سيريا سِڪ سَڳا
٣. راتو ڏينهانُ تن وچ تيڏا وَڄدا وره وَڳا
٤. غلام مُحمد مئن ماندي ڪُون تَهدِل تيڏي تڳا.

داستانو چوٿون

(١)

پيهي منجهان پاڻ، پَس تہ پَسين پرينءَ کي
”مَن عَرَفَ نَفسَہُ فَقَدُ عَرَفَ رَبَّہٗ“ اِهوئي اُهڃاڻ
صفا سيني ساڻ، صَحِيُ سُڃاڻج سُپرين.

(٢)

تي اوڏاهِين اوڏڙو، اوري پيرُ مَ پاءِ
لالائي لِگن کي لَطافتَ جي لاءِ
تهان پوءِ پِينديا‌ءِ، سُدُ پِرينِ جي پارَ جي.

(٣)

قَبَضُ قَضا جي هَٿ ۾، بَسطُ بهانو هوءِ
عِلَت آرَ عَليلَ ڏي، ويجُ ويچارو روءِ
سَندي حُجتَ جوءِ، شُوهَر کي شُومر ڪري.

(۴)

قَبضُ قَضا جي هَٿَ ۾، بسَطُ بهانو بَس
”لا تُحَرِّڪُ شَيءَ اِلا بِاذنہ“ تي واحِد جي وَس
قاري لوح قلم ڪان مُنهن نہ موڙِي مَس
اِهو دَورُ دَرَس، پَڙهہ تہ پَهلو نہ ٿِئي.

(۵)

سوئِي قابِضُ بسطُ جو، سوئي بَسطَ ڪري
سوئي پِيِچي پِچرا، سوئي دامُ ڏري
سوئي پِنڌ پري، سوئي اوڏ ڏِيلَ ۾.

(۶)

منجهان ئي مَنجهہ ٿيا سندا ڪَثرتَ سيرَ
سوئي مائل مَسجدين، سوئي ڏري ديرَ
سوئي وري واهَرُو سويئ وٺي ويرَ
سوئي پاسا پيرَ، سوئي سُجي آدمي.

(۷)

قَلمُ ڪاتِبُ هيڪڙو، آڪرَ لکَ ڪِروڙ
مسُ مثالي ڪَنزَ جي، ڪَنزَ جدا تي جوڙ
عَطفُ آهي توڙ، مُلا معطُوفَنِ جو.

(۸)

آڪرَ ڪُل قَلمَ جا قابو منجهہ ڪتابَ
جوڙي وڏا جِلدَ ۾ صاحبَ ساڻ حسابَ
ڪثرتَ ڪُلُ عِلمَ جي دَفتر مان درِيابَ
تانَ تون منجهان بابَ، پَڙهي پاڻَ پرُوڙِيِنَ.

(۹)

تون مُون وچان وار، وِٿِي وجهہ م ويسلا
هيڪڙائي حق ٿِيو دوستُ سندوَ ديدار
بِيائي ڪي ٻار، وَحدتَ جي وصالَ ۾.

سر جمن

داستانو پهريون

(١)

تون وِچا، تون ويجَ، سو تون صِحتَ سور جي
پوچُ پيارين پاڻ کي منجهان پلُرَ پيجَ
اِها آڏر ڏيج، مِلي مريضن کي.

(٢)

سو تون ويجَ وصال، سو تون صِحتَ سورَ جي
هن منهنجي مرضَ جو توکي معلومُ حال
کرڻ قِبُل مَقال، آهي عَبثُ آرزو.

(٣)

وِچا جِني هٿ ۾، سيئي سَگها سار
پَئِي پاسي اُنَ جي گهايل تي گُذار
تان کَنه ويلي وار، ڏيندا ٻُکِي ٻاجهَه جي.

(٤)

لَڳو جاٽي پاڻَ کي وَوءُ طبيبنِ وٽ
سُتِي صحتَ سورَ جي پِي منجهاران مٽ
مَچُڻُ پَوينُ گهٽِ، سَگر سَگهايَنِ جي.

(٥)

اگها اگهائيءَ سين ووءُ طبيبن ساڻ
پيچ کي پيالين، ڏيئي هِنيون هاڻ
تِهان پوءِ پاڻ، چورِڄ پِها پَتيُون.

(٦)

اگها اگهائيءَ سين گهايَلِ ڪيئن گهارينِ
طبيبن جي تڪيي طالبَ تنوارينِ
ويڄئون نہ وارينِ، ميان مريضَنِ کي.

(٧)

اگهائِي اگها ڪِئا، رَنجا رَنجوري
ويجن ويڄَ وصالَ جي سَجيائون سُوري
پياڪَئون پُوَرِي، عِلاجئون آجا ٿيا[١].

(٨)

لَڳو چاٽِي پاڻَ کي ووءُ طبيبن پاس
وَٿائيج وُجودَ جي نارِي نبض نِراس
وٺي وحدت واس، سڄو ڪِج سَريرَ کي.

(٩)

ڏُڪندو ئي ڏيکارِ، تِڪُون تَن طبيبَ کي
هَنجُون هِيٺي حال جون وٺن ويهي هارِ
تِهان پوءِ نِهارِ، ڪندا توڏي توهَ جي.

(١٠)

جانڪينَ چاٽين پاڻ کي سَگهو منجهہ سَرير
تانڪينَ اگهو آهيين گهايَلِ گُلوگِير
لَهينَ ساهَ سُڌير، طبيبن جيِ تڪيي.

(١١)

اَگها آگهي انگَ ٿئا، سَگهَن سَگهائي
نہ ڪَنهِ ڏُکَ ڏکوئِيا، نہ ڪَنهِ اَگهائي
تاَنڪُون تَنگهائي، ويئي وُجودانَ اُنِ جي.

(١٢)

اگهائي اگهي وِئا، ويهي ويڄَنِ وَٽِ
پيتائون پِياليون منجهان محبتَ مَٽِ
پَئي ڪانہ اُپَٽِ، وري ويڄَ وِصالَ جِي.

---

(١) اصل. پياڪو.

(١٣)

لَڳائِي چَڱا تِيا هَٿان حبيبَن
ڏِنا ڏُکيي ڏِيلَ کي ٽُکا طبيبَنِ[1]
روکي رقيبَن، کِئا وَهِيٽا ويچَ جا.

وائي

مئن وَڍِيان وو مئن وَڍِيان
عشق تُساڏي وو يار مئن وَڍِيان

١. پردا عدم دا دُور ٿئا، هُڻ قرب قَرابت کڍِيان
وو مئن وڍِيان

٢. مئن نماڻِي نينه نہ ڄاڻان، هوش عقل وِچ نندِيان
وو مئن وڍِيان

٣. غلام محمد رِيتِ رسمَ سَٿ، اولِ اَباڻِي اَڏِيان
وو مئن وڍِيان

داستانو پيو

(١)

پِيرُ پَروڙِي پاءِ، محبتَ جي ميدانَ ۾
اَول نيزي نِينه جي سسي کي اَٽڪاءِ
تهان پوءِ وَڏاءِ، وَکَ اَڳاهين پنڌ ۾.

(٢)

مَحبتَ جي ميدانَ ۾ پِيرُ پَروڙِي رَکُ
لوهُو لال لِڱن جو چاڪَن منجهان چَکُ
تِهان پوءِ سَرَکُ، تِيين واڍوڙِن ۾.

---

(١) اصل. ٽِڪا

(٣)

ويچارا واڍوڙ، سُکُ نہ سُمَهن کَڏهين
نيزي پاسؤن نِينهَ جي مُنهَ کي ڏِين نہ موڙ
تاٽي وِجن توڙ، پنهنجو پاڻ ڪلالَ ڏي.

(٤)

واڍوڙن وائِي، ووءِ ووءِ سندِي واتَ ۾
لڳن ناڻُکَ نِينهَ جي جيءَ اَندرِ جائِي
تَنيءَ کي آئِي، واڏائِي وصالَ جي.

(٥)

مَحبتَ جي ميدانَ ۾ سِرَ جو سانگُ مَ ڪَر
اَڳيان ڪانَ قريبَ جي سِپرِ سِينون ڏَر
مَرڻان اَڳي مَر، هئان حبيبَن جي.

(٦)

مَحبتَ جي ميدانَ ۾ آءُ سِينو سِينگاري
لَڳو ڪانَ قَريبَ جو ڪِڍِي ڏي واري
پَرِ اِها پاري، پُورو ڪِج پِريتَّو.

(٧)

عاشِقَ معشوقِن جا کُنا کِينَ کُچَن
مَحبتَ جي ميدانَ ۾ پئا لَعلَ لُچَن
دارُو کِينَ پُچِن، هِنَ ديوانَي دردَ جي.

(٨)

مُئا جي ميدانَ ۾، مَرَن سي نہ وري
ڏِنو تَنِ مُشاهِدو منجهان دردَ دَري
سا کا سُرک سَري، تَنِي سَندِي سڳرِينَ.

(٩)

مُئا جي مَيدانَ ۾ موتِي سي نہ مَرن
”مُوتُوا قَبلَ اَنَ تَمُوتُوا“ تانگهو تارَ تَرن
سُورِهَ سي سَرَنِ، سُتيُون صِحتَ سنديون.

(١٠)

جِتي وَهي ويڍ، تِتي عاشِقَ سَنَرا
ساري مَٿا سِيڍ، رَکن سوريءَ سامُهان.

(١١)

جِتي وِيڍ وَهي تِتي عاشِقَ سَنَرا
ٻولِي ٻي کَنهِ پارَ جِي کوئِي کونَ کَهي
سُورِهه سِرُ سَهي، صَحِي، سيلهو سُورَ جو.

(١٢)

عاشِقَ معشوقَنِ جي هٿان ٿيءُ کبابَ
کامِي پَچِي کوڙُ ٿي منجهان تِکي تابُ
لَهي ڏوهُ ثوابُ، خاڪِي خِجالَت جو.

(١٣)

عاشِق معشوقَنِ جي هَٿان پَئو پَچِي
چاڙهه چِکِي چَوسولُ جي صحي سِيخَ سَچِي
مَتان کُرِ کَچِي، رَهي کا رَڳَ روحَ ۾.

(١٤)

عاشِقَ معشوقَنِ جي هٿان پَئِي پَچ
هِي جي سَنڌ وجودَ جا کَپِي کندا کَچ
وِجهي جيرا ٻُکيون سِيخون چاڙهي سَچ
مَٿي مَحبتَ مَچ، پکو کِج پِريتَ کي.

(١٥)

وِڍِي وَڍَ وِصال جي عاشِقَ کئا اَڌ
سِسِي سانگو سَڌ، مَرکُ نہ معشوقَنِ جو.

(١٦)

کُنا کاتِي قرب جي ويچارا وَريام
ٿِئا سي ”کَالمَيِتُونَ“ نيزي سِر نِظام
کونهي اَرڙُ انجام، نتيجو کو نينه سان.

(١٧)

ڪُنا ڪاتِي قُرب جي حبيباڻي هاڻ
سي ڪيئن ڪَڍن ڪوڏيا قصابن جي ڪاڻ
اُهي پنهنجو پاڻ، ٽِئا قاصائي سُور جا.

(١٨)

جي جيارين پاڻ کي، ڪاتي پئي مَ ڪُڇُ
وجهي ڪَرتُ وُجودَ ۾ ٻيرا ٻُوتيون مُڇُ
لاهي لَچَڪ لُڇُ، تي سٽائو سيج کي.

وائي

وري آءِ ويجھِ وارا، دِلڙي دَردن ماري

١. ٻُڪي ڏي ڪا ٻاجَھ جِي وو، جانِبَ جيءَ جِيارا
آکِهي کي هن حال ۾ وو پُڇِج پِرين پيارا
دلڙي دردن ماري

٢. چِڪيا چاڪ وجُودَ ۾ وو، بيحد بي اَپارا
ڇُٽائيج چڱا ڪري وو، چاڪَ چِڪندا چارا
دلڙي دردن ماري

٣. حاذِقَ هِنَ جِهان ۾ وو،ڪونہ ڏِسان تو ڏارا
غلام محمد دردَ ۾ وو، صاحِبَ لَهج سَنڀارا
دلڙي دردن ماري

داستانو ٽيون

(١)

موکي مَٽ اُپٽيا جالَ پياري جامَ
پياڪُو پُر ٽِئا خالِي رَهيا خامَ
مَٽارَنِ ماتامَ، کِلي ڪَلالَنِ جي.

(٢)

موکِي مَٽ اُپٽيا جامَ پياري جالَ
مَخمورِي خَمارِئا منجهان خُوبُ خِيالَ
مَتارا مَتوالَ، پِيئن پاکَ پِياليون.

(٣)

موکِي سندي مَٽَ ۾ پيو مارُ مَري
پُرزا پاٽِي ۾ ٽِئو وِئا گِچَ گِري
مَنجهان تِنِه ذِري، جَن چکِي سي چُور ٿيا.

(٤)

موکِي سندي مَٽَ ۾ پيو مَري مار
ماٺو وِهُ وهاٽيو ڪِيو خيزُ خُمار
پِيتائُون تيزابَ کـي لاهي لـوک مَيـار[1]
نِظاري نِروار، آٽـي چاڙهيو اُنِ کي.

(٥)

موکِي سندي مَٽَ ۾ مَري مارُ پِئو
ماري مَتارَن کي ڪِيو کيپَ کِئو
وِچِي تِتِ نِئو، ڏِين سِسيون سي سَٽَ ۾.

(٦)

موکِي سندي مَٽَ ۾ مَري پيو نانگ
پيتائون تَنِهِ مَڌَ مان چِڏِي سِسيءَ سانگ
تانڪُون تازِي تانگ، مِيان مَتارَنِ کي.

(٧)

موکِي سندي مَٽَ ۾ کَپُر کيپُ ڪِيو
طهورا تيزابَ کي وهاٽي وِيو
پِيئَڻُ تَنِ پِيو، جي پِياڪُو پِکَ جا.

---

(١) شايد صحيح: 'تکيائون تيزاب کي'

(٨)

ماڻو وهُ وهاڻئو، وڻيون واُنڻا ڏي
موڪِي مَتارن ڪي چَنئُون ڪين چِڏي
تَنِي ساڻ گَڏي ڪري ڪوڏَ ڪَلا لَڪِي.

(٩)

ماڻو وهُ وهاڻئو، وَڻِي ڏي واُنڻو
سِسين سين ساَنڻو، مُل مَتارن مِليو.

(١٠)

مُلَ متارن مليو واُنڻو وانڻي وَڻِ
ڪڍيو ڪَنَزَ ڪلالَ جي قلب منجهاران ڪَٽَ
ڏيئي سِسيون سَٽِ، پيتائون تِڪُون ڪري.

(١١)

مَل مهانگي مُلَ جون وَڻيون وهائين
هڻان ساقِي سيڪڙُو نِروليُون نائِين
وِجي وِجائين، هي جو حالَ هُئڻ جو.

(١٢)

پياڪُو پري ڻِيا، موڪِي ماڻي وِڻ
پِيتو تَني پُر ڪري جي هلِي آيا هٽِ
گهاڻو ڪري نہ گهَٽِ، نائي ڏي نِروليون.

(١٣)

متارن ڪي ميٺِ، آئِي ماڻي مُلَ جي
ڪيائُون ڪَلالَ سين ويهي پنهنجي ڏيٺِ
تانڪُون چِتانَ چيٺِ، پِيتائون تِڪُون ڪري.

وائي

جيڪِينَ منجهہ مـاڻي، ڏيـج تِتانَ مونکي موڪِيا وو[1]

١. چَڪائيج چڳو ڪري وو چاڻَ منجهان چاڻي
ڏيج تتان مونکي موڪيا وو

---

(١) اصل: موڪي موڪيا وو

٢. پياريج پِياليون وو گهاٽَ منجهان گهاٽي
ڏيج تتان مونکي موکيا وو
٣. غلام محمد سان مِلي وو ساھ سسي ساٽي
ڏيج تتان مونکي موکيا وو

داستانو چوٿون

(١)

پياڪُو پِئن، پَري وَٽيون وهَ جون
مَنجهان ذَوقَ زهر جي پِئو پُر ٽِئَن
لنگهي لوڪَ لِئن، ٽِئا وهيٽا سجٽين.

(٢)

وهُ وِصاليا ڪِينڪين، وِصاليا وِيساهه
جاَنڪُون هوندو هوندَ ۾ هي سِسي ۽ ساهه
تاَنڪُون رحمتَ راهه، مُورُ نہ ملي موت ري.

(٣)

وَٽِي وهُ وِهاٽِيا، نہ ڪنهِ ڏنگيا نانگَ
سِسي لَتِنِ سانگَ، ٽِئا وِهاٽُو وهَ جا.

(٤)

ذائِقُو زَهرات جا وِرسِي ويرَ نہ ڪَنِ
مُور نہ سي ترسنِ، پِيتي رِي تِرَ جيترو.

(٥)

ذائَقُو زهراتَ جا، زَهر زور سندان
ذائـقي زافَ ڪِئا چـوري چـاڪ چـنـدانَ[١]
بِيو ڪير ڪندانِ، وِچا وِهاٽِن جِي.

---

(١) اصل: مذائقي زاف ڪئا

(٦)

ذائِقو زهراتَ جا مرِي ماتِ نہ ٿِين
هٿان ملَڪ الموتَ جي ڪاتِي ڪُنا ڪين
نِينه نِباهي نِينِ، پِي پِيالو پِرتِ جو.

(٧)

نالو نِينهَ ڳِنهَنِ جي، سي ڪيئن سُڪ سُمهن
مُنا معشوقن جا موهِيا مَحبتَ مَن
"ڪُلُّ مَنۡ عَلَيۡهَا فَانِي وَ يَبۡقيٰ" باقِي ڪِين بَچنِ
تانڪُون منجهان تَنِ، ڪونہ وَهِيٽو ويچ جو.

(٨)

نالو ڳِنهُ مَ نِينهَ جو، جي تو عِشقُ نہ هوءِ
ميان معشوقَنِ جو ڪرتَ ڪپارِي پوءِ
لوهُو اندر لوءِ، عاشِقَ پنهنجو پاڻ ڪي.

(٩)

لوهُو لال لِڳَنِ ڪي عاشِقَ لڳائينِ
"هٰذَالِباس الَعَاشِقِينَ" ڳِتَنِ سان ڳائينِ
پِرِيَنِئُون پائِينِ، سوئِي ويسُ وِصاليا.

(١٠)

ڇِني ڇِڏيائون، هِي جو حالُ هُئَڻُ جو
نيئي نابُوديءَ سين گوندرِ گڏيائُون
لوڪانُ لڏيائون، ويجهو ٿي وِصال ڪي.

(١١)

هي جو حالُ هُئَڻُ جو ماري ڪيائون ماتِ
"ڪُلُ نفسٍ ذائقة المَوتُ" چکِي ذَوقُ لَذات
حَقِي حَلاوتِ ۾ مِنو ڪري وات
رهيا توڙُ حياتَ، وحدَت جي وِصالَ ۾.

وائي

جَنه کي وڍيو وصالَ، سو ڪيئن حالَ 'هُئَڻُ' جي

۱. ويئي تَنهِ جي وُجودَ مان قالِي قِيل مَقال
سو ڪيئن حال هئڻ جي

۲. وِئو تني کان وِسرِي، خوبُ خوديءَ جو خيال
سو ڪيئن حال هئڻ جي

۳. 'مُوتُوا قَبلَ اَن تَمُوتوا' جِيئڻَ آهي جنجال
سو ڪيئن حال هئڻ جي

۴. غلام محمد غيرَ جو، ڪيائون ذَوقُ زَوالَ
سو ڪيئن حال هئڻ جي

داستانو پنجون

(۱)

هَرِ هَرِ هَرِي هوءِ، درِ درِ ڏِئڻِ دانهڙي
وڍي ڇَڏِ وُجودَ کي لَڏي منجهان لوءِ
تاَنکون وَتان توءِ، پَهُ پَروڙي پِرينءَ جو.

(۲)

پُڇَنِ جي نہ پُڇَنِ، تان پُڻ وَتِنِ ويهُ
ڪَڏِهن مانَ ڪُڇَنِ، کٽي مُنهُ ملاحَتِي.

(۳)

ڇِنڻُ نہ وڙُ جَنِي جو، ڳَنڍڻُ ڳُڻُ سَندونِ
اَوَڳُڻان ڳُڻَ ڪري ڳُڻِنِ سان ڳَڏونِ
ٻِيو ڪونہ ڪندونِ، سُودُ سوداگرُ سَڏُرو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

(۴)
جيڪي ڏِينِ وُجودَ کي سو سيپوئي سُودُ
ڪونهي ڪو نابُودُ، پريان سندي پارَ جو.

(۵)
جَنِي سندي ٻوڏ ۾ پيَتو پيَتين يالَ
سيئِي تَڳَا تَنِ جِي، سيئِي منجهه مقالَ
سيئِي حاکِي حالَ، سيئِي هِنيين حَل ٿِيا.

(٦)
ٻوڏُ جَنِي جي باجهَ، مَر سي چوَنِ ٻوڏ کي
سدا معشوقنِ لئي، عاشِقَ وجهنِ واجهه
اِي سَپ عَبث هاجَ، ڏِئُڻ کَنِ قَواليينَ.

(۷)
ٻوڏُ جَنِي جي جِيءَ ۾، سي سيپيئِي چِڏَ
وَجِي وٽجارَن سين، غازي گويا گَڏ[1]
جي جَنِي جا هَڏِ، سي تَنِي جا سيڪَڙُو.

(۸)
جِيءَ جَنِي جي ٻوڏُ، سي نہ سَجڻَ سُورَ جا
ڏيئِي هِنيون اُن کي، متان ڪرين ڪوڏ
ٻَنِ تَنِي جِي لوڏ، جي لِچڪِي هلنِ لوڪ ۾.

(۹)
ٻوڏُ جَنِي جي جِيءَ، سيئي سَجڻ ساهَ جا
وجائيج وُجودَ کي، مَنجهان هُٺُ هِي
پِرتِ پيالو پِي، هَلِي هٿان اُن جي.

وائي

تان تان ويچ نہ هُون، جان جان جيءَ نہ جَڏو ٿئي
۱. ويڏن پنهنجي مرض جي، وجي ويچ نہ چُونَ
جان جان جيءُ نہ جڏو ٿئي

---

(۱) اصل: گازي گويا گڏ

٢. جيسين ميرو نہ ٿِيي وو تيسين ڌوٻي نہ ڌُون
جان جان جيءُ نہ جڏو ٿئي
٣. مادرِ مُورَ نہ ڏي ٻُبا جيسين نينڻَ نہ رُونِ
جان جان جيءُ نہ جڏو ٿئي
٤. واقُف جي هِنَ واٽَ جا پَنڌ پَروڙي پُونِ
جان جان جيءُ نہ جڏو ٿئي
٥. غلام محمد كونہَ لَهي مَحبتَ جو مضمونِ
جان جان جيءُ نہ جڏو ٿئي

داستانو ڇهون

(١)

عاشِق! جانَ تون جوڙ، تانَ تو سُڌِ نہ سُور جِي
سُورائِتا سُورِي جا مُوڙي ٻڌنِ موڙ
منجهان سَختِي سوڙ، لنگهي وڃن هليا.

(٢)

عاشِقَ! جانَ تو جِيءَ، تان تو سُڌَ نہ سُورَ جِي
وڃائيج وجُود كي، منجهان هُئڻ هِي
رتِي راس نہ رِي، مَعشوقِنِ جي نِجهري.

(٣)

عاشق! جان تو ماس، تان تو سُڌِ نہ سورَ جِي
سُڪائيج وجودَ كي سورِيءَ چاڙهي ساسُ
رهي تانَ نہ رڳُن ۾ رَتِي رتُ نہ راسُ
”اِنّ اَولِياء اللهُ لاَ خَوفٌ عَلَيهِم وَلا هُم يَحزَنُون“
لَٿنِ هَولُ هراسُ
جَنّتَ جا اجناسُ، ٿيا حوالي اُنِ جي.

(۴)

عاشق! جان تو رت، تان تو سُڌِ نہ سور جي
وڃائيج وجودَ کي ڇڏي مورکَ مَت
اِيءَ سپ ڳھلِي ڳَت، جو ’ھُتَڻ‘ سان حق مِلي.

(۵)

عاشقَ! جان تو ھَڏُ. تان تو سُڌِ نہ سورَ جي
سوجھي رَڳُون ساھ جون چوھان ڇِني ڇَڏُ
لوکَ منجھاران لَڏُ، وڃي ويھہ وصالَ ۾.

(٦)

ڏُوڏا جت ڏڳِنِ، تتي سُورہَ سامُھان
عاشقَ پَتنگَ پَکَ جِينَ وڳَہ پاسِ وَڳِنِ
لُونءَ لُونءَ منجھِ لَڳِنِ، اُلانَ آڳِ عَميق جا.

(۷)

ڏوڏا ڏڳن جتِ، تِيتي سورہَ سامھانِ
کامي ٿئِنِ کوڙُ سي، رَھي رٿُ نہ پِتِ
جھڙا کُورِي کَڏِ ۾، تِھڙا ھاتِکَ ھِتِ
کَچِي کارَ کِرتِ، کا مُورُ نہ لَيي اُتھِين.[۱]

(۸)

پراونَن پَھي، کا جا ڳجھي ڳالھڙي
ھَلي کُورِي وچ ۾ ڏيوَن سِرَ صَحِي
اچي مانَ رھِي، سنگت سُپيرن سين.

(۹)

پَتنگنِ پرُ وڏو، قَدُر کُوري کڏُ جو
ساھَ سِسِي سُوڏو، آٽي ھٽن مچ ۾.

(۱۰)

مٿي مَچ مَرَن، پَکَہ پروانَن جا
ڏِسي سيکَ ڏَرَنَ، ٿانڊِنِ وٿان ٿنڊِٽيُون.

(۱) اصل: مور نہ ليي کا اتھين

(١١)

جهڙا پتنگن پڪَ، تهڙا تو نہ پڪڙا
ٿيندون تان نہ سَرڪُ، تَنِي سَندي سڳرين.

(١٢)

مَگَرَ تي مارو، پيو پروانَنِ جو
ساهَ سِسِي سارو، آٽي هٽِن مچ ۾.

(١٣)

مَگَرَ متي ميڙ، پيا پروانَنِ جا[1]
اَندرِ ڪُوريَ ڪيڙ، وِجي ويچارن جي.

(١٤)

مَگَرَ تي ميڙو، پيو پروانَنِ جو
جِيءَ اَندرِ جهيڙو پئنِ پاڻَ پَچَڻَ جو.

(١٥)

مگَرَ تي ماتامُ، پيو پروانِنِ جو
اچي ڪنِ سلامُ، جِتي پَسَنِ سوجهِرو.

(١٦)

پتنگڙا پارِينِ، پُورو پاڻَ پرِيتَڻو
مُور نہ نِهارِينِ، شَمعَ بنا شَبَ جي.

(١٧)

شَمسُ وڏو ئي شانُ، توڙِي ركي تَبَ ۾
رَكن كونہ ڏيانُ، شَمعَ بِنا شَبَ جي.

وائي

پيهي پَروانا، پاڻَ پَچائِنِ تا مَچَ ۾

١. ڪامِي ڪُورِي ۾ تيا اُلُونَ اَلوَانا
پاڻ پچائن تا مچ ۾

٢. باهِ پِرائِي بيحَد اُنِ جِيتا مَن جانا
پاڻ پچائن تا مچ ۾

---

(١) اصل: پيو پروانن جو

۳. پِئُو پِيَجڻَ جو باه ڪَنا پِتَنگِن ڪي طعنا
پاڻ پچائن تا مچ ۾
۴. سَڙڻِ سُورِهَ مَچَ مٿي، مانجهي مَردانا
پاڻ پچائن تا مچ ۾
۵. مٿان تَنهِ محبوبَ جي ڪَوڙيِنَ قربانا
پاڻ پچائن تا مچ ۾
۶. غلام محمد تي ڪِيا صاحِبَ اِحسانا
پاڻ پچائن تا مچ ۾

داستانو ستون

(۱)

ڪَني اوجرُ اڪيين ڪَنِي اُونداهو
سُورِجُ سَهائو، چگي چِتِ نہ چَمڙي.

(۲)

چگي چِتِ نہ چَمڙي، سَندي سُورجَ سُونهَ
راتو ڏينهَ وِرُونهَ، اُوندهَ اَنڌي اَکِ جو.

(۳)

چيتارِي نِهارِ، صَحي سورجَ سوجِهرو
اَظهَرُ مِنَ الشُّمسُ آ دلبرَ جو ديدارُ
دِيدَ اُهائي ڏارِ، جَنهِ سان پَسِين پِرينءَ ڪي.

(۴)

ڪَني اوجرُ اڪيين، ڪَنِي اوجرُ ڪَنِ
جانِبُ سندو تَنِ، جَنِي ديکيو سل سِين.

(۵)

سُونهَ اُهائِي سِيڏَ، جَنه سان پَسين پرينءَ ڪي
”اَلمؤمِنُ مِرأةُ المؤمِن“ وَهي وحدتَ ويڏ
اِها لالنَ لِيڏ، ڪَنِ ڏنِي ڪي وِرسيا.

(٦)

جَني سُجاتِي صَحي سُونهَ سجڻَ جي
مُئَلَ مَلاحَتَ ۾ تائين مَماتِي
حَياً حَياتِي، لَذّائون لِيذّ ڪري.

(٧)

صورتَ سُپيرِين جِي، صَحي سِيڌِيائون
لالائي لالڻ جِي لوچي لِيڌِيائون
وِرهُ وِيڌِيائون، وجِهي وِرَ وجودَ ۾.

(٨)

صَحي سا سجاڻ، صورَتَ سُپيرِينِ جي
نِهاريج نِرتَ سين پِيهي منجهان پاڻ
”وفِيَ اَنفُسڪُم اَفلاتُبصِرُوَنَ“ اِهوئي اُهجاڻ
پرينِ جا پَرِياڻ، هِنيِنَ ساڻ هٽيج تون.

(٩)

منجهان پَهَ پَروڙ، سائي سُونهَ صَحي ڪري
توڪي مُوءِ اَڪين ۾ موريا ڪري مُوڙ
پاڙان سيئي ڪُوڙ، اَزاڪي اوزارَ سين.

(١٠)

زاڪي منجهه زَڪــات، آزاڪي اَجـا ٿيا[١]
وَلاَيحِلُّ لَهُ كُلِّ حال اِلاَصَومُ صَلاتَ[٢]
مَيا منجهه مَماتَ، حَياتئون هِيٽا ٿئا.

(١١)

اَزاڪي آجا ٿِئا، زَڪواتان زاڪِي
پيتائون پِريتَ جو پيالو پاڪِي
يَقِيناً ياقِي، ڪِئا وَدَ وصالَ جي.

---

(١) اصل: زڪواة

(٢) اصل: ”ولا يحلّ له كلّ حال الآصومُ الصّلواة“

(۱۲)

وجي وينا ويڏ ۾، سِيڌِي سَجائِي
اَصُل صورتَ ساهَ کي سَچِي نہ جائِي
لِچَڪَ لَجائِي، آئِي اُنِي جي نِجهُري.

(۱۳)

لِچڪَ لَجَ سندان، صابِريا ثابُوتُ
”اَلَصَّبرُ مِفتاحُ الفَرحِ“، کري وينا قُوتُ
صِفَتَ لاَيَمُوتُ، مُوران مِلِي اُنِ کي.

وائي

نِهاريندڙا نيڻَ، سُهڻِي سُونهَ سَجڻَ جِي

۱. پَلُ پَراهون نہ ٿيي، سُونهي سدا سو سيڻَ
سهڻي سونه سجڻ جي

۲. مون کي مون پِريَنِ جا، وِيڙ وٽن ٿا ويڻَ
سهڻي سونه سجڻ جي.

۳. بنا جانِبَ جي ٿِئا، کُهِ کُٿون بَنِ کيڻَ
سهڻي سونه سجڻ جي.

۴. غلام محمد مُحبَنِ جي محبتَ ڪيئڙو ميڻَ
سهڻي سونه سجڻ جي.

سر سرراڳ

داستانو پهريون

(۱)

ناڪئا ڪِج نگاه متان ويهين ويسرو
هِن دادلي درياه جون دانهون ڪن آگاه
تني جي ساجاه، تاري ني طَراز ڪي.

(۲)

ناڪئا نهاريج، ڪَرَ ڪِنارِي ڪُنَ جِي
متان پوين آرَ ۾، اندر ڏيان ڏريج
اتاهون تاريج، موڙي پنهنجي مَڪُرِي.

(۳)

موڙي پنهنجي مڪري، آران اوري جهل
لهرن ليڪو ناهه ڪو آڇاڙن اُڇل
نڪو اَنتُ عميق جو نڪو ڪِينان ڪَل
هوش ڪري تون هل، هن اڙانگي آب مان.

(۴)

ڪِيِنانَ اوري ڪَر، موڙي پنهنجي مَڪُري
جت نہ انت عميق جو، جوش ڏيکاري جر
ترت اتاهون تر، ڪڏي ڪارُونپار مان.

(۵)

آران اوري آڻ، موڙي پنهنجي مَڪُري
هن ڪِيناري ڪُن جي، تُرهي اچي نہ تاڻ
پاڻي پرڪج پاڻ، ڪارو ڪارونپار جو.

(٦)

آران اوري موڙ، مَحڪم ڪري مَڪُري
اگهيري گرداب جي، پَري پوي ٽي گوڙ
سڙه، رسا، ناتاريون، جوپيو ڪري جوڙ
تان تون رسين توڙ، اورانگهي اوڙاهه ڪي.

(٧)

سونهان منجهه سَتوهَ، رڪن آر اڪين ۾
تن ڪي منجهان تـوهَ، اَوتڙائِين تڙُ ٽيو[١].

(٨)

اَوتڙان تَڙ ٽيا، سِير لنگهيا ثابت
وجي پهتا پار ڪي، نِيَرانَ نِجابَت[٢]
عِجلانَ اِجابَت، آرئون وٺا اُڪري[٣].

(٩)

هنيون ڪيم هَٽيج، ڏسي دَمُ درياه جو
پَڳه پوءِ ڪٽيج، ٻُڌي معلم خبرون.

(١٠)

سونهان ڏين سماءُ، هن سَترائِي سيرَ جو
جت نہ انت عميق جو، چوهو لڳِي واءُ
تتي قِبَل نُماءُ، سونهون گهُرجي ساڻ تو.[٤]

(١١)

سوگهو ڪج سُڪان، چوهي چڪون آندِيُون
چئوائي چَوگان، آٽي ڪَيلا ڪوڙيا.

(١٢)

نيچي ٽي نهار، تَري تُنَ طَراز جا
لڳن سخت سموندر جون، لهريون لک هزار

(١) اصل: اوتڙائي
(٢) اصل: نيراً نجابت
(٣) اصل: عِجلا اجابت
(٤) اصل: سونهِي گهرجي

”وَنَفَخۡتُ فِيۡهِ مِنۡ رُوحِي“ جو باري پرٽو بار
ساري سي سنپار، سيمانَ صَلابت سين.

(۱۳)

سيمان جت سِمَن، تتان تُنِ طَراز کي
لهرن ليکو ناهه کو چوهي ساڻ چنن
”اِنَّ الشَّيطَانَ عَدُوٌّ مُبينٌ“ نظر منجهه رکن
ويتر متان تن، سيري سوراخن کي.

(۱۴)

نــنــدِر مَ کيو ناکئــا، رکــو هنيون هوش[۱]
چوهي چکون آنديون جَرُ ڏيکاري جوش
پنڌ ۾ پَردي پوش، مُعلمَ ٿيندا کيترو.

(۱۵)

توکي مَت مَلاحَ، مُعلم ڏني کيتري
”صِراطَ الَّذِينَ اَنعَمتَ عَلَيهِم“ سُونُهينَ جي صلاح
متان تون صَباح، پيڙو پوڙين پارِ ۾.

وائي

مدتَ مون ٿيندا، نال وٺي نيندا، سونهان سير سمونڊ جا
١. جوکائتي جهاز جا، سيمان سڀ سِينْدا
کڏي کارونپار مان وو، پار وڃي پيندا
سونهان سير سمونڊ جا
٢. سونهان سونهپ سِيرَ جي، ڏڏن کي ڏيندا
واهر ويچارن جي وو، آڏو ٿي ايندا
سونهان سير سمونڊ جا
٣. غلام محمد مئڙا جانڪين تان جيندا
کاري کيڙائن سين وو، کير کندرون کيندا
سونهان سير سمونڊ جا.

(۱) اصل: رکن هنيون هوش

داستانو پيو

(١)

نورٌ عَليٰ نُور، نُوح نُمائِي ناکئو
”اَلمُعلّمُ كَالسّفِينةِ فِي البَحر“ مُلڪن ۾ مذڪور
پَتڻ پَهري پُور، لَنگهائيندو لَڪِيُون.

(٢)

پَتَڻ پائي پاند ۾ وچي وڻن ويه
سمونڊر جو ساٽيه، لحظي لنگهائينِ تو.

(٣)

پتڻ پائي پاند ۾ وچي وڻن آچ
اماٽين امن سان توکي منجهان چاچ
ڇڏي ڏڪ ڏُراچ، هُنَ يَرِ مَزا ماٽيين.

(٤)

پتڻ پائي پاند ۾ وچي وڻن رو
سوا سوئهين سِيرَ جي، کهل نہ ڪندو ڪو
تاري نيندا تو، چاڙهي پيڙي ٻاجهہ جي.

(٥)

پتڻ پائي پاند ۾ وچي وڻن دانه
وِڍي منجهان ٻانه، اُڪارِيندَي ناکئا.

(٦)

جَن کي اَنگ نہ اڳڙي پائي پئسو پاند
تن کي منجهان کاند، نِيّران نيندا ناکئا.

(٧)

پُتِي تنهنجي مَڪُري، راس نہ رسا رَسُ
ڇِيڪِلُو ڇيهاڙيون، سڙه پراٽا پَسُ
وکر وجهہ ۾ وترو، رکي تورڙ تَرسُ
اڳيان سخت سرسُ، پُجهي پيلو ٻارِ جو.

(۸)

سودو سچ سوداء، ڪَچُ ڪَمائج ڪيم ڪي
مُشتري اُن مال جا رکن ڪونہ رياءِ
سِلا ۽ سيماء لِک نہ لِڪي لوڪ ۾.

(۹)

سچو سودائيج، سودو ڪارڻ سُود جي
متان ڪمائيج، ڪوڙي ڪائي ڪَچ ڪي.

(۱۰)

ڪوڙ ڪمايم ڪچ، ماڻڪ مون نہ مُهاڙئا
هيري جنهورات جا هٿين ٻاريم ڳچ
پَسي سودا سچ، مُنهَ لِڳي لج مَران.

(۱۱)

ماڻڪَ مون نہ مُهاڙئا ڪَچ ڪمايم ڪُوڙ
ڪَيَچَل چاڙهي چُوڙ، چڏيم آرو عاج جو.

(۱۲)

ڪائي ڪَر متي ڪئو ماڻڪ ڏني موٽ
هيرو هجي هيٺ وئو، ڪَيَچَل چڙهئو چوٽ
ڪَري پيو ڪوٽ، وِهائو ويهي وٺا.

(۱۳)

وري وٺا وينجهار، واري جوهر جهوليون
اچي ڪائي ڪچ سين پَري سا بازار
مڙئا متي مال تي، خامي خريدار
ڏسي سو اسرار، جاهل ٿئا جوهري.

(۱۴)

تاڪي دَر دُڪان، وٺا وينجهارا اوهري
هليو ڪائي ڪچ جو چلتو منجهہ جهان
مورک لڏو مان، جاهل ٿئا جوهري.

(۱۵)

پَري پاٽي پَرکٽا، اوڏا وينا ڏڏ

جوڙي رکن عاج سان آڻي اوتا هڏ
ســي ئــي مــورک مــڏ، وڻئــا وڻجــارن کي.[1]

وائي

سودو سو سوداءِ، جو پوي تو سابَ ۾
١. تي سوداگر سچ جو ڪچ کي ڪيم ڪماءِ
جن ڪمايو ڪوڙ کي تن کي هرج پئاءِ
جو پوي تو ساب ۾
٢. اِر لڪائج ڪيم کي سودو ڏيج صفاءِ
اڳيان صرافن جي عيب نه تو لڪندا
جو پوي تو ساب ۾
٣. غلام محمد غير جا، هٿ پار سيپي پچندا
اُتي ڪائي ڪوڙ جو، ڪيم پلئه مون پاءِ
جو پوي تو ساب ۾

داستانو تيون

(١)

سپون سِيڌ غَواص، پائي مُنه مهراڻ ۾
رکي خوض خواص، تانگهه تَرو تار جو.

(٢)

موتي منجهه تري، ڪَرون ڪوه نهاريين
هيبتناڪ عميق جي مٿان وير وري
ڪاٽو منه ڪري، سوجهي لهج سپيون.

(٣)

پيهي منجهه پاتار، موتي آڻ آمُليا

---

(١) اصل: رَئِنا وڻجارن کي

”ڪَا لسَّمَڪ فِي البَحر“ رکي نرت نهار
ڇڏي ڪُڙيچَ ڪِنار، تي نهارو نُونڻ جو.

(۴)

موتي آڻ اَمُليا، منجهان بحر عميقَ
”لاَ مِثَالَ لَهُ في الدُّنيَا“ سودو ڪج دَقيقَ
عقل ساڻ عقيقَ، متان ماٽڪ مَٿيين.

(۵)

مڃي جينَ مهراڻ ۾ ٽوٻا ٽٻي ڏيج
سپون جي سامونڊر جون اوڙاهان آٽيج
”اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنبِ ڪَمَنَ لاَّ ذَنِبُ لَهُ“ اها ڪَٿ ڪَٿيج
متان مورُ مٿيج، نيئي ڪائي ڪَچ سين.

(٦)

ٽوٻا ٽٻي آڻ، سِپڙُي سِپَ سمونڊر جا
موتي پائي مٺ ۾ وَنُءَ صرافن ساڻ(۱)
تان توکي منجهان پاڻ، سِيِّجاهُو سڏينِ سي.

(۷)

جي سيجاهو سونَ جا، سيهي ڏين نہ سڏ
”اَلاِنسَانَ سِرِّيَ وَ اَنا سِرَّہُ“ تي تني جو هڏ
وٽان تني لڌ، گڏون ساڻ گڏينِ جي.

(۸)

تي سيجاهو تني جو، جي سيهي لهن نہ سار
”لاَ مَقصُودُ في الدَّارَينِ الاّ هُوَ“ اهو ڪن واپار
جوهريا جونجهار، اَمُل مُور نہ اوليَا.

(۹)

موتي پائي مُٺ ۾ ونءُ وينجهارن وٽ
جي اجارا جوهري ڪدين منجهان ڪَٽ(۲)
اَمُل ماٽڪ مٿ، مُور نہ ڪندا ڪچ سِين.

(۱) اصل: وَنُ
(۲) اصل: ڪدي

(۱۰)

امل پائي پاند ۾ پيري پڳو جَن
سي ڪيئن سچو ڪن، پئي اڌ هٿ ڪري.

(۱۱)

ماٽڪ ميڙيائون، تانگهي تروتار جو
ڪارو ڪيڙيائون، مُونان مُنه ڪائو ڪَري.

(۱۲)

جاڳي ڪيو ياد، سک نہ سُمهو سامِعا
”قُمُ الليّلَ اِلاقَلِيلاً نِّصفَهُ اَوانَقُص“ مِنهُ مَالِڪ جو امداد
فرمودي فرياد، ڪَري ڪَيان ڪيترو.

(۱۳)

سامِعَ سمهج ڪير، اٿي اور اَللهُ سِين
سو ساراهه سچو ڏٿي ساري رات سليم
اَعليٰ عِلمُ عَلِيمُ، ويجهو آهِ وُجود ۾.

(۱۴)

سامِعَ ڪير سمهيج، ڏيئي مونان مُنّه ۾
مالڪ ساڻ مَلهيج، ساري رات سجاڳ ۾.

(۱۵)

سامِع سمهن ڪين، ويڙهي مُنّه مٿن جِينَ
”شَاڪِرٌ فِي ڪُلِّ حَالِ“ اَمُر ۾ آمين
سدا سي مسڪين، سِيبَاٽًا سبحان ڪي.

(۱۶)

سامِعَ سمهن ڪينڪين، سمهن صُمٌّ صَحي
راحت جا رحمٰن جي اٿن روح رهي
قَالُوا فِيلَ ڪَهِي، ساري رات سجاڳ سي.

(١٧)

مَسّمُوعَن سبحان، ساري رات سنڀاليو[١]
تني جي طوفان ۾ متي لڏو مان
صَمُومَن سامان، سُمهي تان نہ سَميٽيو.

وائي

جاڳو اي يارا، وڃي ويل وِهامئو

١. ڪاڏي پيتي تو نہ سري وو، سٽج اَسارا
متان توتي هي رهي وو، مالڪ ميارا
جاڳو اي يارا، وڃي ويل وهامئو

٢. توکي ويسه ويسرا وو، وئا ويچارا
وڃڻ جي اُن پار ڏي وو، آئي تو وارا
جاڳو اي يارا، وڃي ويل وهامئو

٣. په پڇندء پانهنجا وو صَريحاً سارا
هاريندين ان حال ۾ وو، نيٽن مان نارا
جاڳو اي يارا، وڃي ويل وهامئو

٤. غلام محمد تو متي وو، محبتي مارا
نينڊُءِ آخر اوڏهين وو، جيڏنه تو عارا[٢]
جاڳو اي يارا، وڃي ويل وهامئو.

---

(١) اصل: ائين

(٢) اصل: ائين.

سر ساموندي

داستان ٻيو

(١)

ڏٺا وانئُٺا، ماءُ ساموندري آئيا
وِٺا مون وٺا، موٽي آيا مان گهرين.

(٢)

وانئوٽن وانئي، منهنجو جيءُ جٺاريو
عجيبن آئي، مَن مرادون پُنيون.

(٣)

باسون ٽـي باسيام، آيل ساموندرن جون[1]
اُهي ئي ايام، سي سلامت سپرين.

(٤)

باريءَ ۾ ٻيڙا، اڇي ٻيڻم سامُهَان
جيءَ اندر جهيڙا، پيم پارَ پرين جي.

(٥)

ٻيڙا بارِيَ منجهہ، اڇي ٻيڻم سامهان
مون هاريندي هنج، پڳه ڪٽي پنڌ ٽٺا.

(٦)

ٻيڙا بارِيَ جهل، اڇي ٻيڻم سامهان
وائي وڻجارن جي آئي 'هَلو هَل'
مون واهيندي نَل، پڳه ڪٽي پَنڌ ٽِٺا.

---

(١) اصل: ساگن

(۷)

پيڙا ٻارِيَ وٽ، اچي ٻيٺم ساماهان
آئي 'پٽوپٽ'، وائي وڻجارن جي.

(۸)

پيڙا ٻاريَ گڏ، اچي ٻيٺم ساماهان
وائي وڻجارن جي آئي لڏولڏ
سُٽي سانگن سڏ، سُڪو ساه سرير ۾.[۱]

(۹)

پيڙا ٻاريَ پار، اچي ٻيٺم ساماهان
ڪتا ڪيڙائن جا مٿي ننگر نار
ڪَري ڪُونَ قرار، وٺا وڻجارا اوهِري.

(۱۰)

پيڙا ٻاريَ ساڻ، اچي ٻيٺم ساماهان
آچاڙا عميق جا رَڪن تاٽو تاڻ[۲]
ويچارن جا واڻ، آيا لهرن وچ ۾.

(۱۱)

پيڙا ٻاريَ پاس، اچي ٻيٺم ساماهان
ننگر ناريون راس، ڪري هلئا ناڪئا.

(۱۲)

پيڙا ۽ ٻاري، ٻئي اُيا تي پاڻ ۾
نڪو اَنت عميق جو، نڪا ڪناري
نڪا مَت ملاح کي، نڪو ناتاري
بندر تي ٻاري، تاري ني طَراز کي.

(۱۳)

بندر ڏانهن ٻَهيرَ، وهي وڻجارن جي
ماءُ ساموندي آئيا، ڪوڏ پيان تِي ڪير
آيم هينئڙي هِير، پريان، سَندي پار جي.

(۱) اصل: ساگن
(۲) اصل: تانتڙو تاڻ

(۱۴)

بندر تي باري، ٻيڙا آٽي ٻاجهہ سين
مٿي ڪِنارِي، پڳهہ پائن ناڪئا.

(۱۵)

ڏچون ٽيون ڏٺُڪَن، آيل ساموندرن جون
اکيون عيدان ڪن، ڏسي ٻيڙا ٻار ۾.

(۱۶)

هُو جا دَٺُڪي ڏچُ، مون جا ڏني ڏور ڪان
سَهسِين ٽيا سَهَچ، ماءُ ساموندري آئيا.

(۱۷)

اُتاهون آيا، جتي اَنت نہ آبَ جو
ڪاري ڪيڙائن جي ڪَڪوري ڪايا
لائق لنگهايا، ٻيڙا رکي ٻاجهہ سين.

(۱۸)

ڪا جا لڳي اڪَ، منهنجي ساموندرن سين
نہ مون پڪيءَ پَڪ، ڪئن اُڏامان اُن پار ڏي.

(۱۹)

جيءَ اندر جيئي، مون نماٽي جل ٽئا
آٽي اُهيئي، مون ڪي مولئ ميڙِيين.

(۲۰)

جن سين منهنجو آر، سيئي سجڻ ساريان
مالڪ هٿ مهار، ڪاري ڪيڙائن جي.

(۲۱)

مون ڪي مارئو جن، موتي ڏسان سي پرين
وينئي واٽ نهاريان آيل ساموندرن
ڏوران ٽيون ڏسجن، ڏچون ڏاڙيچن جون.

(۲۲)

آيل آيون اڄ، ڏچُون ڏاڙي واريون
جِني سان مون ڏاهَ جِي پَلي لڳِي لَڄَ
روح رُچندا رَڄَ، ڪنديس ويهي ان سين.

وائي

کنڌي لَڳِ اُڪار، ماڳِ مَلاحن جي مَڪُري

١. پڳه ڪٽي پنڌ ٿيا الله توهار
ماڳ ملاحن جي مڪري

٢. ٿِئا سَٽاوا سير تي، واءُ سٽائو وار
ماڳ ملاحن جي مڪري

٣. "مِنَ الرَّوحِي" جي بار سين، پرئو باري بار
ماڳ ملاحن جي مڪري

٤. لڳن سخت سموندر جون لهريون لک هزار
ماڳ ملاحن جي مڪري

٥. سويون ڏيج سچا ڏٽي، ناکُئي نروار
ماڳ ملاحن جي مڪري

٦. نيئي پهچائي پاجهه سين متي بندر بار
ماڳ ملاحن جي مڪري

٧. لُطُف ساڻ لنگهايئين، اوريان پَريين پار
ماڳ ملاحن جي مڪري

٨. غلامر محمد ساب پوي، وڻجارن جو واپار
ماڳ ملاحن جي مڪري

داستانو ٻيو

(١)

"بِسم الله مَجرَيها" چئي چوڙيائون جهاز
مون کي ماري هلئا نئون ڏيکاري ناز
ايڏو قرب ڪواز، ڪِٿان سکئا ناکئا.

(٢)

"بسمِ الله مَجۡرَيۡها" چئي، ڪنيائون ڪيڙا
ٻاجهارن ٻيڙا، پار لنگهائج پاڻٺي.

(٣)

مون کي تي ماري، محبت مجازن جي
ڏَنۂ ڪو ڏيکاري، وِٺا ڏکي کي ڏک جو.[١]

(٤)

نَڪَا تڙ توار، نہ کي پڳه پاٽٺي
ساري ساموندرن کي نيڻ وهايان نار
ڪيان تي ڪُوڪار، ٻيهي بندر سامهان.

(٥)

عشق اڙانگو آه، آيل ساموندرن جو
مون نہ پروڙي پَهُه ڪري سندن باري باه
ڄاڻي هڪ الله، سورن ساڙئو جندڙو.

(٦)

جوش مَٿي جوش، ڏيئي ويا مون ڏاه کي
ويو هٿان مون نڪري هاٺي عقل هوش
مُنِيَ کي مدهوش، ڪري هلئا ناڪُئا.

(٧)

پيَمِ ڪَانَہ پرُوڙ، هِن اڙانگي نِيه جي
چُڪيَ چاڙهي چُوڙ، وئا وڻجارا اوهِري.

(٨)

پيم ڪونہ سماء، هن اڙانگي نِيه جو
لڳو واءُ سٺاءُ، پڳه ڪٽي پنڌ ٿئا.

(٩)

والي واري آڻ، مون لَهُ لڳو جن سين
وينٺي وات نهاريان ڪيڙائن جي ڪاڻ
وڻجارن جا واڻ، ڏسان شال اکين سان.

---

(١) اصل: ڏُکو ڏيکاري

(١٠)

منهنجو لڳو آر، آيل ساموندرن سين
ويني هنجون هاريان نيٽان نِيرا نار
ڪڙو تيم قرار، سَاعت سک نَہ ساريان.

(١١)

وني نَہ وينياس، پڳه پائي هَٿ ۾
هوند نہ ويا نِڪري لاڄُو لپيٽياس
چاڪن چپيٽياس، ٻڏي سورن سندرو.

(١٢)

سورن آندي سير، مٿي مون ساموندر جِينَ
وارو ڏيئي وِير، وَرِئا ويچاري تي.

(١٣)

ڪاري اندر ڪيڙ، ڪڙي ڪيڙائن جي[1]
سي مون مُنيَ ميڙ، صاحب ڪنهن سبب سان.

(١۴)

پڳه جَن ڪٽي، ٻيڙا وڏا بار ۾
تن ڪي پاڻ ڏٽي، اَمن ساڻ اماٽيين.

(١۵)

هَلئا هاڪاري، پڳه ڪٽي ناڪئا
ويني واٽ نهاريان ساموندي ساري
والي سي واري، ٻيڙا آڻي ٻاجه سين.

(١٦)

جنه تڙ پڳه ڏينِ، سو تڙ سدا سُرَهُو
مُني مون مسڪين، سي نَہ سڃاتا سپرين.

(١٧)

بندرَ ڪن بَهارَ، جِتي پائن پڳَها
ٻَهڪن ٻيلا ٻاجه سين واسيندي وٽڪار
نظارو نروار، پسان ساموندرن جو.

---

(١) اصل: گهري ڪيڙائن جي.

(١٨)

جتي ايرُ نـَ پيرُ، تتي ٽُرهو تن جو
ٻئو اُڪاري ڪير، ساري سير سمونڊ جي.

(١٩)

جني لايم نينه، سيئي سڄڻ سارِيان
اکيون اوهيرا ڪري وَسن راتو ڏينه
محبت سندا مينه، وَنا واهُوندڻ جين.

(٢٠)

نيرو منجهان نيڻ، ويني هنجهون هاريان
ساموندري مون سيڻ، ڪري سور پِرائيا.

(٢١)

نيڻن منجعهان نير، ويني هنجهون هاريان
ڪاري ڪيڙائن جي اندر منجهه اُڪير
مديني جا مير، سي مون مُني ميڙيين.

(٢٢)

نِيرو نيڻن منجهه، ويني هنجهون هاريان
وِرهَ وارو ونجهه، ڏيئي ويا مون ڏاهَ ڪي.

(٢٣)

سُرَهو سندن سَنگُ، مون سجاڻي نہ ڪيو
ڏيئي ويا مون ڏاه ڪي راتاهي جو رنگُ
داتا جي درَ منگُ، وينِي منگي منگتِي.

(٢٤)

موليٰ مون ڏيکار، سُوهِيُونَ ساموندرن جو
رهي رُوح قرار، ڏسي سِڙهه سُهاڳ جا.

وائي

ساموندري ساري، ماء مُهينجو جِندڙو
١. موليٰ مون کي ميڙيين، ڪيڙائو ڪاري
ماء مهينجو جندڙو

٢. پيڙا آڻن ٻاجهه سين وڻجارا واري
ماء مهينجو جندڙو
٣. موتي اَچن مون پرين، طَرازيون تاري
ماء مهينجو جندڙو
۴. اندر آه عجيب جي، ڳاريو تي ٻاري
ماء مهينجو جندڙو
۵. غلامر محمد محبن جو، مونجهارو ماري
ماء مهينجو جندڙو.

داستانو تيون

(١)

وڻجارن وتان، نئون نياپو آئيو
”اِنَّ الّذِينَ آمَنُوا و عَمِلُو الصالِحَات“ کيڙائن ڪتان
تَنِي جي هتان، وڻج وِهائج وِترو.

(٢)

سونهان سُجاڻين، ساڃي سير سموندر جي
”وَ مَنۡ يَتَوَڪّلُ عَلي الله فَهُوَ حَسۡبُهُ“ تيڏاهون تاڻينِ
اُتاهُون آڻينِ، جِت ليڪو ناهِ لُطَفَ جو.

(٣)

لنگهي جاجَهه جَهاز، وڃي پهتا پار ڪي
ڇڏي اوريين ڏيه جو ڪوڙو ڪچ مجاز
مهتابي ممتاز، لعلون لهي آئيا.

(۴)

لعلون منجهه لَڪا، لهي آيا اُوهِري[1]
ڇڏي سيڻ سَڪا، وِئا جي ان پار ڏي.

---

(١) اصل: لعلون منجهه لقا

(٥)

سگ سياڪو سُور، سارو ساموندرن جو
محبت ۾ ان پار جي هميشہ معمور
ڏاڍي ڪنه ضرور، لئہ لڪا جي لوڏيا.

(٦)

وئا تت وَهي، جت نہ اَنتُ عميقَ جو
وَساري ان پار ڪَي وينا تان نہ رهي
ڪِيائون سَپ سَهي، ساجائِي ساموندر جي.

(٧)

وڻجارا واپار، ڪَن لَڪا جي لوءِ ۾
سي سوداگر سونَ جا سِيهي لهن نہ سار
مُشتري مختار، موهيا ڪنه نہ مجاز ۾.

(٨)

ساجُو سپ ساموندر، مُحڪم ڪجان مَڪُري
چوڪا وجن چوندر، لنگهي لقاپُر ڏي.

(٩)

سچا سودياڻون، اَمُلَ انهين پار جا
تني ڪي آئون، ساه برابر ساريان.

(١٠)

وجي وڻجارا، پهتا پريين پار ڪي
تني لعلون لَڏيُون داخل ٿي دارا
سيئي سونهارا، ماڻڪ ميڙي موتيا.

(١١)

لعلون لڪا منجهہ، ڪونهي ڪَانَ ڪروڙ جو[١]
وسي صبح سنجهہ، هِيرو اوهيرا ڪري.

(١٢)

لَڪن ليڪو ناهِ ڪو ڪروڙن ڪَه ڪَانَ
وُتا واهُوندَن جين، موتي منجهہ ميدان
سانوڻ ڪيا سبحان، 'لڪا' سندي لوءِ ۾[٢]

---

(١) اصل: لقا منجهہ
(٢) اصل: لقا سندي

(۱۳)

اڇو ٽا آڇين، ماڻڪ پائي پاند ۾
مُلھ مھانگا قيمتي سورج سامائين
لڪين لَڄائين، موتي مُورُ مُلِيَدِڙا.

(۱۴)

اڇي آڇُون ڪن، ماڻڪ پائي پاند ۾
آندا مُلڪ عَميق مان وڃي وڻجارن
سودا سُود سندن، بندر جي بازار ۾[1].

(۱۵)

آندائون آيا، ماڻڪ پائي پاند ۾
ميڙي مُلڪ عميق مان مھانگِي مايا
مَر سي ئي ڄايا، سيھي سون سميٽيا[2].

(۱۶)

جيڪين آندائون، ميڙي مال عميق مان
”يُؤْتِيَ مَنْ يَشَاءُ“ ووڙي ڏنائون
تني جي آئون، ويني واٽ نھاريان.

(۱۷)

مھانگي ميڙُو، ماءُ سامونڊي آئيا
ڪاري جا ڪيڙُو، ڪٿي آيم خير سان.

وائي

’لَڪا‘ منجھ لڳا لا، مون پريان جا پَڳَھا
۱. آھي منھنجي جيءَ ۾ سندن توه تڳا لا
مون پريان جا پڳھا
۲. ڏسان شال اکين سان پنھنجا سيڻ سڳا لا
مون پريان جا پڳھا

---

(۱) اصل: ’سُودا سُود‘ (ٻنھي جاين ’س‘ تي پيش)
(۲) اصل: ائين

۳. آٽي مون عُريانَ کي ڏيندا ويس وڳا لا
مون پريان جا پڳها
۴. بندر جي بازار مٿي کندي ڏج ڏڳا لا
مون پريان جا پڳها
۵. غلام محمد محبن جي هينئڙي منجهہ هَڳا لا
مون پريان جا پڳها

داستانو چوٿون

(۱)

سُتي آڏي رات، مون ساموندري سارِيا
وڇوڙي وصال جي وائي پييم وات
لڳم لَڪائُنَ جو ڪُڙه ۾ ڪينر ڪات[۱]
پره ڦٽي پريات، تَڪي تَڙَ تنواريان.

(۲)

مون کي ٿو ماري، سفر ساموندرن جو
ڪٽي پڳه هليا، ڪيڙائو ڪاري
والي سي واري، ٻيڙا آٽي ٻاجهہ سين.

(۳)

وٺي هٿ ۾ ويهہ، پڳه پرڏيهن جو
سَفريا ساٽيه، جِم وَڃني اُوهِري.

(۴)

ڪَپر پاسي ڪرِ، پڳه پائي هٿ ۾
جمَ وڃو ولات ڏي سونهان ڪٽي سرِ
ورونهن جي وِرِ، مون مارينديِ ناڪئا.

---

(۱) اصل: 'لڪائن' (هت ائين 'ڪ' سان لکيل).
اصل: 'ڪُرمِي ڪيزڪات'

(۵)

مون تي رُنو رت، هُن وڏا هٿ پڳه ۾
فرياديون فقير جون ٿيون سڀ غلط
منهنجو هوش هلت، هلٺهار هٿي وِئا.

(٦)

هنجون هاري راڳ، جان ڪِينَ ڳرو ڳائيَان
جِمَ ڏِهو مون ڏاهَ ڪي، جدائي جو داڳ
منهنجو سُک سهاڳ، سنگت ساموندرن جي.

(۷)

نيَرانَ ناتارِي، پِتِي پاڙي وارِيين
هَڪَل هاڪارڻ جي آئي سَواري
تو ڪيئن آساري، سَرِي ساموندرن رِي.

(۸)

سُونَهَنِ سَڏ ڪيو، ٿئو سانباهو سڄٽين
وڻان مون ويو، وري ورق وصال جو.

(۹)

سندو سونهِن سڏ، مون ماريندو ناڪُئا
سيني سيرون پائيون، ڏکيو ڏري هَڏ
ڪو دَم هُجو گڏ، واري ورق وصال جو.

(۱۰)

تَن ۾ تاٽو تَاڻ، پيپم پريين پارَ جي
نکو ڏي اُن ڏيه جو پانڏيڙو پرياڻ
والي واري آڻ، سَفريا ساموندر جا.

(۱۱)

منهنجا هَڏيون هَڏ، وَڍي وٺجارا وٺا
وري ٿِيَنِ نہ گڏ، جي جدائي جُدا ڪِئا.

(۱۲)

اولا جَنِي لال، سي ساڳا مُور نہ موٽِيَا
روئي ڪيان رب کي سانجهي صبح سوال
سڄڻ مانَ سنپال، وري ڪن وصال جي.

(۱۳)

اولا لال ڪري، مُور نہ موتِيَا مَڪُرا
اوري آرو نہ لهان، جيڪس وِٺا پري
منهنجي تان نہ سري، ساعت ساموندڙن ري.

(۱۴)

موڳي چو نہ مرين، ناحق تڙ تنواريين
جتان ساموندڙي وِٺا تتان تون نہ ترين
ڪُوڙِي ڪوه ڪرين، فريادِيون فراق جون.

(۱۵)

مون وينئي وَهيا، ساڳا ساموندڙن جا
روئي ريهون تي ڪيان رات نہ سي رهيا
سيني ۾ سَهيا، سي مون فَلَڪَ فِراق جا.

وائي

جَـر نـاريـل پيا، وو ماء منهنجا سپرين[1]

۱. ڪَپَر لڳِ قريب ڪي مون جي سڏ ڪيا
وو ماء منهنجا سپرين

۲. وِٺا لَڪا جي لوءِ ڏي، لاهي لوڪ لِيا[2]
وو ماء منهنجا سپرين

۳. اُيا آب عميق ۾، ٻيڙا ٻار پيا
وو ماء منهنجا سپرين

۴. غلام محمد مون پرين، ناتي (نيہَ) نِيا
وو ماء منهنجا سپرين

---

(۱) اصل: جرنان ريل پيا
(۲) اصل: 'لَڪا' (هت اصل ائين لکيل)

داستانو پنجون

(١)

اندر آهو آه، مون کي مون پرين جي
جدائي جُدا ڪيو مَٽان جُسي ماه
سرتيون سُکو ساه، سُٽي سانگين سَڏڙا.

(٢)

ڪنهن سان ويهي ڪا، ڳجهي ڪيان ڳالهڙي
سَڳا سور نہ سنگتي، حال نہ پائي پاءَ
مون مُنِي کي ماء، ڇٽي وڏو ڇَر ۾.

(٣)

ڇيرن ۾ ڇاپاسِ، سَاعِت سُک نہ جندڙو
سُورنِ ساماياسِ، ڏيئي سُتي سِڪَ جي.

(٤)

ساريو ٿي ساريان، سگهر ساموندرن جا
ڪنهن کي ڏيکاريان، جَرحَ جيري جي پيا.

(٥)

جيرن ۾ جائي، جَرحَ پيا جَنِ جا
تَنِي جي وائي، سُٽي مانَ سَگهي ٿيان.

(٦)

سيني ۾ سِيرُون، سَڄَر ساموندرن جون
سُورن سِيرون آندِيُون، وَرائي ويرون
آڏر آڏِيرُون اڇي ڏيندم ڪڏهَين[١].

(٧)

ساڳا مٿي سِير، ڏسان ساموندرن جا
اُتي هنجون هاريان، رت وَرَنا نِير
ملاحن جا مِير، موٽ تہ ماندائي لهي.

---

(١) اصل: ڪڏهم

(٨)

ساڳا ساڳِن سِيئَنَ، مَتِي سِير سنوان ٿِيا
جينَ سي پيڙا پار ۾ تُرهو تَري نہ تيئن
هاٿي ڪريان ڪيئن، وِچان وَهُ وَرِي ويو.

(٩)

ساڳن سين ساڳا، متي سِير سنوان ٿئا
هُو هاڪاري هلئا آئون اُيي اُن ماڳا
لَڪائِي لاڳا، هِتان لاَهي هلئا.

(١٠)

ساڳا ساڳن ساڻ، متي سير سنوان ٿيا
ليڪو لاهي هلئا، وڻجارن جا واڻ
تيڏهن پنڌ پري پئو، جيڏهن پسان پاڻ
تيلاهون ٿي هاڻ، هنجون هاريان رَت جون.

(١١)

وَڻجارا وَرو، سُٽي سائلَ سڏڙا
مون ڪي پنڌ پَرار جو پوي ڪونہ پَرو
تانگهو تار ترو، متي چاڙهي مَڪُرا.

(١٢)

ورو وڻجارا، سُٽي سائلَ سڏڙا
سَلي سُور سَرير ڪي سانوڻ سيارا
آچاڙا عميق جا اَچن اوپارا
ڪَيان ڪُوڪارا، ڪَپَر لڳ قريب ڪي.

(١٣)

ڏِسيو ٿي ڏران، ڪَپر ڪارونپار جا
سَاري ساموندرن جا ڳايو ڳُڻَ ڳران
سَگهہ نہ سا سرير ۾ تانگهو تار تران[1]
وري ڪيئن وران، چِڏي جاءِ جهاز جي.

(١) اصل: سَگہ تَسَا سرير مي

(۱۴)

ڪَپر ڪارُونيار، ڏسي ڏُوران تي ڏران
ڪَري موتُو سيگهہ ۾ وڻجارا واپار
مون مُنيءَ تي مار، آندي سورن سِڪَ جي.

وائي

پيرين پنڌ ڪري، آئون ڪا پرينءَ پُڄَندِي
۱. جيئن سي پيڙا پار ۾، تُرهو تيئن نہ تري
آئون ڪا پرينءَ پڄندي
۲. ڏسي سير سمونڊر جي منهنجو ڏيل ڏري
آئون ڪا پرينءَ پڄندي
۳. جُدائي جي جوش ۾ جامون جَان پري[1]
آئون ڪا پرينءَ پڄندي
۴. غلام محمد مون پرين، موتي مان وري
آئون ڪا پرينءَ پڄندي.

داستانو ڇهون

(۱)

پَڳَہ ڪٽي جَن، پيڙا وڏا پار ۾
هو هاڪاري هليا آئون اُيي پاس تڙن
گهٽون اُڪنڊي آهيان آيل سامونڊرن
موتي مانَ مِلَن، مون سَڳيٽا سپرين.

(۱) اصل: جامُو جان پري (پوءِ حاشيي ۾ ڪا درستي ٿيل پر اهي لفظ ڪٽجي ويا آهن. 'جامئون جان پري' پڙهجي تہ بہ معنيٰ نڪرندي.

(٢)

ويـٺي پوڄارن پِير، پلؤ پائي هٿ ۾
ڪاري ڪيڙائن جي اندر منجهه اُڪير
نيڻ نچويان نِير، ڏسي ساڳا سير ۾.

(٣)

نِلو نيهُ نہ هوءِ، اُلانَ اَلوانِي هُوا
سيکيو سِڪَ سرير کي، لَڪَائِن جي لوءِ[1]
ويـٺي پسان پوءِ، انت نہ اڳاهون پوي.

(٤)

سِڙه سَوايون ڏين، واڏايون وصال جون
”وَتُعِزّمَنَ تَشَاء و تُذِلُّ مَنَ تَشَاء“ اِنهين ۾ آهين
پڳه تت پائين، جِت جاء نہ جانارن جي.

(٥)

جتي جُوءِ نہ جيت، جاءِ نہ جانارن جي
اُتي ماموين کي مويا ٿيو مَسيت
هُل هاڳاما هِيَت، آرانَ اوراهان ٿئا.

(٦)

نِيرانَ نَوائي، ڪَري هليا ناڪئا
سُڄي ڪانہ سمونڊر ۾، وڻجارن وائي
آئِي واڏائي، ڪِيَنَ چِڏيائون ڪنڏيين.

(٧)

هِتان جَني ڪال، ٻيڙا وڏا ٻار ۾
منهنجو جيءُ جنجال، وجهي وڻجارا ويا.

(٨)

وايون وڻجارا، ڪيو ڪِيَمَ وڃڻ جون
سڄڻ سوپارا، هجو شال حضور ۾.

---

(١) اصل: لڪائن

(٩)

وٽجارا وايون، ڪيو ڪيمَ وڃڻ جون
مون در واڏائون، اڇي ڏيندا ناڪئا.

(١٠)

هاٺي هن هَٿان، مون تازا سُور پرائيا
ڏنيون سورن سِڪَ جي سيني منجھ سٽان
مُنِي مون وٿان، پَلِ پَراهان مَ ٿيو.

(١١)

هَلو هَلان هوءِ، وائي وٽجارن جي
مون کي چِڏي پوءِ، پڳه ڪٽي پنڌ پئا.

(١٢)

هَلو هلان ڪَن، پڳه پائي هٿ ۾
پيئي پَريين پار جي وائي وٽجارن
منهنجو موهي من، سجڻ سفر هليا.

(١٣)

هَلو هلان چُونِ، پڳه پائي هٿ ۾
نيڻ نماٽا رُونِ، بيهي بندر سامهان.

وائي

ڪا پِريان ڪي چوءِ، آيَلَ حالُ منهنجو

١. ساري ساموندرن کي رويو وينڙي روءِ
جيجل حال منهنجو

٢. دانهن منهنجي درد جي پيش پريان جي پوءِ
جيجل حال منهنجو

٣. چاڙهي بيڙا ٻار مان وِيا لَڪا جي لوءِ
جيجل حال منهنجو

۴. غلام محمد مون پرين سُونهون سُونهَنِ هوءِ
جيجل حال منهنجو

داستانو ستون

(۱)

سدا ساموندرن، سانباهو سفر جو
مويا پاس مَندن، جوڙ جهازن کي.

(۲)

صبُح سانباهو، سڄي ساموندرن جو
ڪٽي هلن ناڪئا، ديس مٿان آهو
ٻَرِ ٻَرِ ٻاراهو، هنيين اُڊرڪو نه لَهي.

(۳)

نڪو محل ماڳ، آيل ساموندرن جو[۱]
سدا سفر سافِرو، سُونهان سِير سجاڳ
تني سندو لاڳ، لڳو لَڪا لوءِ ۾.

(۴)

جَني ڏينهان رات، وائي وَه وڄڻ جي
تَني سڙه سنيائيا اڳيئي ٻرڀات
لنگهي سِيرُ صفات، پَري پڳه ڪوڙيا.

(۵)

ڪا جا تي ڪِڙواهَ، بندر ڏانه ٻَهير جِي
”فَاتَبِعونِيَ بِحُڪُمِ الله“ سنجهي تي صلاح
تِهان پوءِ ملاحَ، وڏا هٿ پڳه ۾.

(٦)

سنجهي تا سنيرن، ساڳا ساموندرن جا
”فَاِذَارَڪِبُوا فِي الفُلُڪِ دَعوَا الله مُخلِصين“
تيلاهون تَرن
وري مانَ وَرن، لَڪا لوڙي لاڪُڙا.

---

(۱) اصل: مهل ماڳ

(۷)

هٿ ۾ پايو پاس، بينا پڇن پاسِيُون،
هلو هَلڻهاريا، لاهي هي لباس
پڳه پاڻي پاس، ڪٿو ڪاري ڪيڙئا.

(۸)

پاسُون پاسَ ڪَري، اٿي هلئا ناڪُئا
ڏسي سير سمونڊ جي، منهنجو ڏيل ڏري
وري مانَ وري، ساڳو ساموندن جو.

(۹)

ٻَٽيون ٽيون ٻَرن، اڄ پڻ پاڙيچن جون
هُو هاڪاري هلئا، ڪاهَ جَنِي ڪي ڪَن
سي ڪيئن پار پڇن، پاسُون جن پُسائيون.

(۱۰)

هُو هُلاچو هوءِ، اڄ پڻ پاڙيچن جو
صبح ويندا اوڏهين جيڏنهن لَڪا لوءِ[1]
تون پڻ ڪَندِينءَ ڪوه، ويهي وٽجارن ري.

(۱۱)

تڙ تڙ ٽي توار، ڪاري ڪيڙائُن جي
مُحڪم ڪيو مَڪُريُون ڪَرڙو ڪارونپار
واءُ سٽائو وارِ، والي ويل هلڻ جي.

(۱۲)

ڪَرڙي مٽان ڪو، تاريخ ني طَرازَ ڪي[2]
سُڄي سخت سمونڊ جو دِل اندر دانڪو
واوَ سندو واڪو، مَن ۾ مَلاحن جي.

(۱۳)

جيڏهن ڪُنَ ڪنَارَ، تيڏهن موڙ مَ مَڪُري
ٻاهر ٻيلو ٻار جو، اندر انڌوڪَار
رکي نرت نِهار، صحي سِير سمونڊ جي.

---

(۱) اصل: لڪا لوءِ

(۲) اصل: ترازڪي

(١۴)

پڳه متي هٿ، پائي بينا ناڪُئا
هوڪي هاڪارڻ جا هَٿَ ڪيائون مَٿَ
ساڳا سونهين سَٽَ، اُتي هلئا اوهِري.

(١۵)

جاڳي اوجاڳو، ڏنئي چو نہ اکين کي
وٺَاَن تو ساڳو، هوند نہ ويو نڪري.

وائي

جي مُهينجي مَن، سي مِلنَمِ سپرين

١. اَصلُ لاڪون آهِيَان، ساڳي سَڱ سندن
سي ملنم سپرين

٢. چاڙهي ٻيڙا ٻار مان، وري مَانَ ورن
سي ملنم سپرين

٣. لُطف جنهن جا لوڪ تي، ليکو نام لَکَنَ
سي ملنم سپرين

۴. لَؤن لَؤن ساڻ لپيٽيو، جيءُ منهنجو جن
سي ملنم سپرين

۵. غلام محمد دوست لئي، اکيون آس رکن
سي ملنم سپرين

داستانو اٺون

(١)

ساجهر سعيو ڪن، ساموندري سفر جو
پڳه پوءِ ڪٽن، ٻُڌي مُعلمَ خبرون.

(٢)

تَڙ تَڙ تِي توار، آيل سامونڊرن جي
آڇَاڙا عميق جا اچن سر ڪپار
سي ڪيئن سمهن سُکَ تِي متي جن مدار
ڪيو ڪِيَمَ قرار، نَاريون ڇڏي ناکئا.

(٣)

متي جن آهي، سانباهو سفر جو
سي ڪيئن سمهن سک تي، اوسيڙو لاهي
ڪَرڙي ڏي ڪاهي، هلو هلٽهاريا.

(٤)

هُو تا وڃن هاڻ، تون تو سنجهي سمهين
صبح توئي ساڻ، ڪون هلندو ڪو پيو.

(٥)

سک تي سمهو ڪيمَ، ناريون ڇڏي ناکئا
اڳيان سير سمونڊر جي قائم آهي قديم
جاٽي پاڻ ڪريم، وينن وَهُ ورِي ويو.

(٦)

هو تا وڃن اڄ، تون تو صبح سنبهين
ڪوڙيائون اُن پارَ جِي، ڏاڙي خاطر ڏَڄَ
روح رُچندا رَڄَ، ڪج ڪي ڪيڙائُنِ سين.

(٧)

مُهنجو جيءُ جنجال، وجهي وٽجارا ويا
آيَل، سامونڊرن جي هَلي قِيَل مَقال
حاصل ڪري حال، ماضي ڇڏي موتيا.

(٨)

هليا هاڪاري، پڳه ڪٽي پاتِٽي
ساه مُهينجو سرتيون، سامونڊري ساري
والي شل واري، وري ورق وصال جو.

(٩)

وڻـــان تـــو ويـــا، پڳه پاڙيچــا ڪٽــي[١]
اُو سڙھ ڪٽي هليا هاڪاري هِيا[٢]
وڃي پار پيا، ٻيڙا تن جا ٻاجھ سين.

(١٠)

تون ڪيئن آساري، تڙ تي تارون ڪرين
پائي پاند ڳچيءَ ۾ تي نيڙي ناتاري
ڪج ڪا قريبن ڪي زور وڏي زاري
ٻيلاٽيون ٻارِي، اُڪارينئي ناڪُئا.

(١١)

هٿان هڏ مَ ڇڏ، ٻياسو پاند پڳه جو
ويهي وڻجارن سين، گوڏا گوڏي گڏ
مَن ٻُڏين ڪو سڏ، ڪاري ڪيڙائن جو.

(١٢)

ڇڏي هَڏ مَ ويھ، پوري پاند پڳه جو
هو پُورينديئي پرڏيھ، پوءِ هٽندين هٽڙا.

(١٣)

جَني ٻيئي هَٿ، وڌا پاند پڳه ۾
سيئي سونهن سَٿ، سدا ساموندرن جي.

(١٤)

سندو پڳه پاند، وٺي ويھ مَ ويسري
سنگت ساموندرن جي پورِي ياڻ مَ راند
سو ڪيئن ٿئي ڪاند، جنهن سان نيھ نِفاق جو.

(١٥)

جو تو ڪيو سگ، سڪي ساموندرن سين
سو ٿي رَتو رگ، لُوني لاھ مَ لِڪَ سِين.

---

(١) اصل: پڳه پاڙيچن جا ڪٽي
(٢) اصل: اُو سَر هليا هاڪاري هيا

(١٦)

ويندئي وڻجارا، وهاڻي ويچو ڪَري
وٺي پاند پڳه جو ٿي هنيين هشيارا
هلڻ جي هارا، جمَ وڃني اوهِري.

(١٧)

هليا هاڪاري، پڳه ڪٽي پاتڻي
ساه منهنجو سرتيون ساموندري ساري
وري شل واري، والي ورق وصال جو.

(١٨)

بندر جي بازار، سونهي ساموندرن سين
ويهي جمَ وساريين تَني جي پچار
قرب جني جو ڪار، اصل نه آسارن سين.[١]

(١٩)

ڪنه پَرِ پَسان سي، ساڳا ساموندرن جا
وٺي جي واٽ ٿيا، جاني منهنجو جي
آيل تَني ڪي، جيئري شال ڏسي مران.

(٢٠)

آهون ۽ دانهون، جي ٿي ڪيان جيڏيون
ٻُڏيءَ جون ٻانهون، وٺن مانَ وصال سين.

وائي

نندر مَ هيرج نيڻ، ڏي اوجاڳو اکڙيين(٢)

١. تون آساري سُمَهين، سنجهي ويندَئي سيڻ
٢. جدائي جدا ٿَئي، ڏُور ڏکندا ڏيڻ(٣)
٣. ٻُڏي دانه درد جي ڪَهل من (سي) ڪيڻ
٤. غلام محمد محب بنا، ڪُڻ ڪٿون ٻَن ڪيڻ

(١) اصل: 'اصل آسارن سين'
(٢) اصل: نندر مَ هيريو نيڻ
(٣) اصل: ائين.

وائي

آئون هلندين پرينءَ ڏي وو وو
منهنجو رات نہ آيو هوت

١. ڦاڙي ڪيئن ڦٽو ڪيان هي پريتٽو پوت
آئون هلندي پرينءَ ڏي

٢. ڏسان شال اکين سان سندي جانب جوت
آئون هلندي پرينءَ ڏي

٣. غلام محمد غم ۾ مُور نہ ماري موت
آئون هلندي پرينءَ ڏي.

سر سهڻي

داستانو پهريون

(١)

اٿيو آڌيَ رات، ٿي وڃڻ جا واجهہ وجهي
”هَيۡهَات هَيۡهَات لِمَا تُو عَدوُنَ“ وائي وِڳوڻي وات
جتان بِره نَبات، تتان توڏي تڙ ڪري.

(٢)

پيلي پر نہ جهلئو، ڪَچي ڪئي ڪُپت
انگَ ڏسي، رنگَ پُلي، ريلو ڏنو رت
داخل ٿئڻ ستت، پِڃي سو پورا ٿئو.

(٣)

انگَ ڏسي، رنگَ پُلي، پيلي جهلئو نہ پر
وٺا وسامي انگُڙا، بانهن چِڏي بَر
ڪچي ڪئي ڪُپَر، ويو وِيَچَاري وِچ ۾.

(٤)

انگ ڏسي، رنگ پُلي، پيلو پيو پُري
حيلي ري مِهراڻ ۾، سگهي تان نہ چُري
هِنُيَڙي منجهہ هُري، مِلتَ مَلَڪَ اَلمَوت جي.

(٥)

آگهيرانَ گهِڙي، گهيڙ نہ پڇي سُهڻي
تيلاهون مڙِي، پنهنجي مُحب ميهار کي.

(٦)

ٻُڏيءَ ٻاڪاريو، ساهڙ ڪي سڏ ڪري
وَر وسيلا واهرو، آرانَ اُڪاريو
جَڏي جٺاريو، ڪيڏي ڪارونيار مان.

(٧)

ٻُڏي ٻانهون ٻوڙيون، مٿان وِير وِري
ٽُرَهِي رِءِ هِنَ تار ۾، سگهي تان نہ تري
واهر ٿيءُ وِري، ساهڙ اڇي سير ۾.

(٨)

ٻُڏيءَ ٻانهون ٻوڙيون، مَٿان وري وير
سائر ٻوڙي سهڻي لَس ۾ اُڙهِي سِير[1]
قادر جي تقدير، لوڙهي وِڏي لُڙ ۾.

(٩)

ٻُڏيءَ ٻانهون ٻوڙيون، تري سگهي ڪين
مري ٿي مسڪين، وَرُ وسيلا واهرو.

(١٠)

ٻُڏي ٻانهون ٻوڙيون، مٿان پاٽي تار
لهرن ليڪو ناه ڪو نڪا ڪُڙِڇ ڪِنار
واڳون وڳ وري وٺا چؤگردا چوڏار[2]
موتج محب ميهار، ماريس انهيءَ مامري.

(١١)

ٻُڏيءَ ٻانهون ٻوڙي، سگهي تان نہ تري
مٿان ويچاريءَ جي اڇي وير وري
لڳس ڳالهہ ڳري، ثابت نڪرڻ سير مان.

---

(١) اصل: لس ۾ اوري سير. اڙهي = وُڙهي، وهي وئي
(٢) اصل: چهدا

وائي

پاڙي پاڙي اَلو، پئي نہ منهنجي پچار
۱. لکي ويندیس لک ۾ ماري لوک ميار
پاڙي پاڙي اَلو
۲. بي ننگي جي ننگ جي توتي لڄ ستار
پاڙي پاڙي اَلو
۳. ڏکي کي درياه جا ڏکا کين ڏيکار
پاڙي پاڙي اَلو
۴. ٻانهون ڏيئي ٻاجهہ جون پريين پار اُکار
پاڙي پاڙي اَلو
۵. غلام محمد چئي مُئي کي، موليٰ ميل ميهار
پاڙي پاڙي اَلو

داستانو ٻئو

(۱)

ساهڙ بينو سامهون سهڻا سڏ کري
تَرِي آهين تار مان سهڻي سُرت ڏري
وڃي سا نہ تري، جَنهن کي ساجَهہ سِير جي.(۱)

(۲)

ساهڙ بِينو سامهون سهڻا کري سڏ
متي اُڇل سهڻي ٻانهون ٻئي گڏ
تان تون ڏسين نہ هَڏ، ترو تانگهي تار جو(۲)

(۳)

جان کينَ سارينَ زور، تانَ کينَ تَرج تار مان
ٻَئي ٻانهون مَٿ کري چارئي عضوا چور
مَتان تيج لغور، لُڏي لهرن وچ ۾.

---

(۱) اصل: ائين
(۲) اصل: ائين

(۴)

جان ڪين سارين ساه، تان ڪين ترج تار مان
دهلج ڪيم دليل ري ڏسي دَم درياه
جنهن کي سُڌ ساجاه، سا ڪيئن ٻُڏي پار ۾.

(۵)

ٻُڏي پانهون ٻوڙيون، تري نہ جاڻي تِرَ
سا ڪيئن تري تار ۾ رِءَ تُرهي اُوهِر
سوا سونهين سِر، ٻوڙي پنهنجو پار ۾.

(٦)

پانهون ٻوڙ مَ سهڻي، متي ڪري تَر
وَڏا واهڙ ڪي ٽئا وَهُڪري جا وَر
اڳيان سختي سير جي ڏور ڏيکاري ڏر
ڏيان اوڏانهين ڏر، جيڏانهن ساهڙ سامهون.

(۷)

تري آهين تار مان، پانهون ٻئي مَ ٻوڙ
هِن آڙانگي آب جي، پري پوي ٿي گوڙ
سونهين جي صلاح سين، تَرِي وڃجي توڙ
اکيون اوڏاهين ڪوڙ، جيڏهن ساهڙ سامهون.

(۸)

سُهڻي سانگ مَ رک، ڪاهي پئو ڪنن ۾
جنهن کي توڪل ترهو، جر ماري ٿو جک
اکيون اوڏاهين رک، جيڏهن ساهڙ سامهون.

وائي

پريين پار تَوارَ، هو جا ٻڌم ٻيلاين جي
١. سمن پنهنجو جي متيان متي ويندو مِهَارَ
هو جا ٻڌم ٻيلاين جي

۲. پار لنگهائيج پانهجي گولي گنهگار
هو جا پڏم پيلاين جي
۳. دهشت ڏينم تا دل ۾ ڪُنَنَ جا ڪڙڪار
هو جا پڏم پيلاين جي
۴. غلام محمد مُنڌ سين پيڙو ٿيج پتار
هو جا پڏم پيلاين جي

داستانو ٽيون

(۱)

اسم ساڻ الله جي، ٿي توڏي جي توار
ڪنڌي لگ قريب جي، پيئي پريين پار
تهان پوءِ مِهار، ٿيو سيڃاهو سهڻي.

(۲)

پيلو پڳو پَر پَري، نڪا ويجهي واه
رات اونداهي، ڌُنڌ گهڻو، ڊَڙ لائي درياه
لهرن لوڏي آهيان سير سڪايو ساه
ساهڙ ڏي ساڃاه، تہ تاران تَري تڙِ ٿيان.

(۳)

پيلو پڳو، پر پري، نڪا ويجهي وَسَ
رات اونداهي، ڌُنڌ گهڻو، لهرن لائي لَسَ
سگهو سونهان رَسَ، اَسونهين ڪي سير ۾.

(۴)

پيلو پورِي تو ڪنيو، ڏسي چوڪا چِٽر
ڪچو ڪم ڪنڀار جو، سهڻيءَ ليکي سِٽر
اهڙا ساز سِلِتر، پيري هٽن پَن ۾.

(۵)

تُرهو تاڻي ٻَڌ، ٻُجهي ٻيلو ٻار جو
رکين جي اُن پار ڏي سندي ساهڙ سَڏ
اندر جني اَڏ، گهيڙان سي نہ گهڙنديون.

(٦)

ترهو تاڻي هل، جيڏهن ساهڙ سامهون
چؤگردا چؤطرف ۾، ڏئي تو آب اُڇَل
تان تون ڪپر جهل، پهچين مُحَب ميهار ڪي.

(۷)

تاڻي ترهو تار ۾، تري هلج تار
ساهڙ ڄام ستار، ساڻي تيندو سير ۾.

(۸)

لهرن لِڳ لُڏائيا، واڳون وجهن وات
سنجهي سج لهي ويو، تي مٿان آڌي رات
مانَ اڳي پريات، تُرهو توڏيءَ تِڙ ٿئي.

(۹)

لهرن لِڳ لُڏائيا، واڳون وات وجهن
جِت سيٽاهيا سِڄَن، تِتان ترهو تاريي.

(۱۰)

سُتي سڪنديءَ ڪي، ساهڙ سڏ ڪيو
”فَاصبِرَ لِحکُمِ رَبِڪَ“ ٿڪيءَ توڪ ٿئو
لٿو لَوڪ لِئو، تِي سير سَولي سهڻي.

(۱۱)

سُتي سڪنديءَ ڪي، ساهڙ ڪيو سڏ
ڪَٽِي ڪَکا ڪانيون ميڙي ٻَڌ مَ مَڏ
ٻوٽي ٻئي اڪيون، گوڏا گوڏي گَڏ
تا هِي هُلاچا هَڏ، آرَ نہ ڏي ارواح ڪي.

(١٢)
اُپيون پچن پار، سهسين سَڏن واريُون
پُڄڻ په پريتّو، اِيَ کُپيريءَ کار
جي هَلن ڏانهن کنپار، آر اَٽائِي اُن کي.[١]

(١٣)
اُپيون اورينءَ پر، سهسين سَڏن واريُون
ڏسي دم درياه جو، ڪري پئن ڪَر
جن کي سِڪَ سَڏر، سير سَٽائي ان کي.

(١٤)
جي تو پوي نہ ڪَل، ڪَچي پَڪي ڪم جي
تان تون هِن درياه ڏي، پاڻ ڪٽي مَ هَل
متان موت اجل، آٽي هٽئي آر ۾.

(١٥)
نڪو واهڙ وچ ۾، نَڪو واڳون وات
نڪو پاٽي پٽ ۾، نَڪا اونده رات
طلب جَني کي تات، ساهڙ سي پَسنديُون.

(١٦)
نڪو واهڙ وچ ۾، نَڪو واڳون وير(٢)
نَڪو پاٽي پٽ ۾، نڪو گهارو گهير(٣)
سِيرَ تني کي سيرَ، جي هلن ساهڙ سامهيُون.(٤)

وائي

ڏي ڏينهاٽي، مون ڏوراپا ڏي
١. آئون هِتي، هُت سامهون ساهڙ چام سڏي
ڏم ڏينهاٽي
٢. ٻانهون ڏيئي ٻاجهہ جون، ڇوهي ۾ نہ ڇڏي
ڏم ڏينهاٽي

(١) اصل: "آرَ آنڙ اِئِي اِنکي"
(٢) اصل: ويبر (ق جي زير سان)
(٣) اصل: گارو گهير (گهہ جي زير سان)
(٤) اصل: "سِير تني کي سِير".

داستانو چوٿون

(۱)

اکيون ٻئي ٻُوٽ، رکي ميهر مَن ۾
الفت ساڻ اَلُوٽ، هَلج ساهڙ سامُهين.

(۲)

اکيون ٻوٽي هِي، اُپٽي هَلج هُوءِ
تان تو هِن درياه جي، مور نه اچي ٻُوءِ
وڃي روبروءِ، پسين محب ميهار کي.

(۳)

دهشت هِن درياه جي ڏکا ڏيکاري
آٽي هٽي آر ۾ طَرازيون تاري
معذوريون ماري، لوڏي لهرن وچ ۾.

(۴)

دهشت هن درياه جي، سَگهي کونه سَهي
آمَه مارِي کينکي لحظو لِکَ لهي
جِينَ ماٽي منجهه مَهي، تينَ ٿو تارون کري.

(۵)

سهڻي کي تان سِکَ جو اندر ۾ درياه
نَکا کنڊي کَرَ جِي، نکو کري لاه
تنهن جي اڳيان آه، هي تان واهُڙ وِکڙي.

(۶)

سهڻِي ٻڏِي کينکي، ٻڏي ٻئائي
پاڻي پاڻي ۾ گڏيو، (ٿيا) تاکا توائي
آئِي آوائِي، وائي وِرکن وات ۾.

(٧)

رکي سهڻي سڪ جو اندر آب عميق
هي تان واهڙ وڪڙي، اصل ساڻ رفيق
شفقتناڪ شفيق، سائر مَتي سِڪ جو[١].

(٨)

سائرَ سُکين شال، جِنَ تو پيڙا پوڙئا
منهنجا محب ميهار سين پَڪا قول ڪمال
پير نہ پُسي منهنجو تو ۾ ڪو هِن حال
چَڙهيءَ جُتي جالَ، وِيان هَلي وچ مان.

(٩)

تَران تَري نَہ سگهان ٿَڪي ٿئس بس
وِئا وسيلا وچ ۾ گوندر لايا گس
سَائرَ چاڙهيس سير تي، لهرن لائي لَس
اچي ساهڙ رس، مران ٿي مهراڻ ۾.

(١٠)

تَران تَري نہ سگهان، ٻانهن ڇڏئو ٻَر
نہ ڪو ساريان پاڻ سان وسيلو واهر
ساهڙ جام سڌر، ساٽي ٿيندم سير ۾.

(١١)

اُتي ئي آياس، جتي لهريون لَس جون
چولِن چِنا عضوا، ٻيوس ٿي پيياس
آٽي ڪاري ڪُن ۾ ڪَرمن ڪيراياس
سا نَہ پُني مون آس، جا منهنجي مُحب ميهار ۾.

(١٢)

اُتي آيَسِ هاڻ، جتي ليٺؤن لس وَهي
مون کي محب ميهار جي تن ۾ تاڻو تاڻ
مُعلم ٿي مهراڻ، تہ پُران پَريين پار ڏي.

---

(١) اصل: شفقتنناڪ

(۱۳)

جتي لهريون ليٿ، تتي تاري تنهنجي
تن طُفيلي چڙيو چڪُڙ جي چپيٽ
پيلا پوڙي پيٽ، دهشتِ هِن درياه جي.

(۱۴)

آٽي هنيائين، مون کي کاري کُن ۾
لوڙهي لهرن وچ ۾ قابو ڪيائين
نِپَٽ نِيَائين، وجهي وَراڪن ۾.

(۱۵)

پائيندڙ ۾ پاڻ، اچي پئَس اوچتي
تران تري نہ سگهان، نَڪا سيڻَه ساڻ
تن ۾ تاڻو تاڻ، پيم پَريين پار جي.

(۱۶)

پيلا پيلاٽيون، آٽي هَٽي آر ۾
وجهي وَراڪن ۾ مُهاٽا ماٽيون
اُلٽايو لاٽيُون، ڪَري ڪارونپار ۾.

(۱۷)

آٽي هٽي آر ۾، پيلاٽيون پيلا
مون کي آندو سير تي سائر تَنه ويلا
رُوح ڏنا ريلا، منهنجا محب ميهار ڏي.

وائي

تن ۾ تانگهہ تنوار، منهنجي مَن ۾ ميهارن جي

۱. راتون ڏينهان روح ۾ روئڻ زارو زار
منهنجي مَن ۾ ميهارن جي

۲. مون کي محب ميهار جي لڳي لئہ لغار
منهنجي مَن ۾ ميهارن جي

۳. چڙن چوريو جندڙو، جي پرُن تا پرار
منهنجي مَن ۾ ميهارن جي

۴. غلام محمد مُنڌ کي، ملندو مُحب ميهار
منهنجي مَن ۾ ميهارن جي

داستانو پنجون

(١)

چڙن چانگاري، چوريو منهنجو جندڙو
مون کي مُحب ميهار جو مونجهارو ماري
اندر جي آري، آٽي وڌو آر ۾.

(٢)

ڪا جا تي چانگار، ٻيلي پاس چڙن جي
ٻڌا پنهنجي مال ۾ منهنجي محب ميهار
سُتي ٽيم سار، سمهان سک نہ جندڙو.

(٣)

ٻيلي پاس ٻري، مون کي چڙن چوريو
نئين نائڪ نينهن جي، هينئڙي منجهہ هُري
ڪري ڪاپَ ڪُري، اندر منهنجي جندڙي.

(٤)

هُن پر محب ميهار جا ڏُکن ٿا دونهان
ٽيندم سي سونهان، هن سَٽراٽِي سِير ۾.

(٥)

واڳون وجهہ مَ وات، جيسين پسان پرينءَ کي
مون کي عشق اُٿاريو سُتي آڌي رات
رَفِيۡعُ الّدرجَات، ميلو ڪج محبوب سين.

(٦)

سانيارن سانيَرَ، ٻُرن ٻيلائن جا
ٻُڌي ٻيس مامري، ڪٽي سور سمر
ٻيَمِ ٻُورا ٻَر، پِريان سندي پارَ جا.

(٧)

ويندِيس تري تار، هُن پر محب مهار ڏي
چڙن جي چانگار جي لؤن لؤن لڳي لار
ويو قلب قرار، ساعِت سک نہ جندڙو.

(٨)

سُک نہ ساهڙ چام ري ساعت پايان سال
اَندر آرِيءَ قرب جِي وڏو جيءُ جنجال
روئي وچايم حال، سائر سنڌو نہ لَهان.

(٩)

کيم وجهو مون جهَلَ، آئين جي جهَلَڻ واريون
پيَمِ پَريين پار جِي گهَر ۾ گهوڙن گهَل
وَائي هلو هل، بُري پيلائِن جي.

(١٠)

بُڏي بُڏڻ واريين وائي پيلائي
تَني سُک نَہ جندڙو وَتن تَوائي
پوڙن بِئائي، بُڏي کُوڙي کُن ۾.

(١١)

کُوڙا کوري کَڍِ، سچا سي ئي ڏارَ
جَنه سان بُڏين پارَ جي لاکيٽي تون لارَ
سيو وچي وسري ظاهر جو سينگار
کرين کونہ قرار، کاهي پَوين کُن ۾.

(١٢)

کاهي پوندين کُن ۾ ميهر جني مَن
سي نہ سمهن سک تي گهر ۾ ساڻ وَرن
مون کان اڳ گهڙن، گهڙا کٽي هَٿ کري.

(١٣)

ميهر ماکي کان مِٺو، نَکو شکر شير
جني چکي چاشني تني کي اَکسير
سکي وچي سير، ساهڙ سندي سِک ۾.

(١٤)

سِک تہ ساهڙ چام جي لِک نہ لهي مُور
سَمنڊر سُرکي سک جي، سير سراڙو سور[١]
وچي سپ ضرور، وَصل ساڻ وصال جي.

---

(١) اصل: سرارو سور

(١۵)

جني پيتي سِڪ جي سُرڪي طَھُورا
تني ڪي پيرن (۾) نِھانِي نُورا
وٺن وجودان نڪري ظاھر ضرورا
سَاھڙ سمورا، قصا تني سان ڪري.

(١٦)

سھڻي سِڪ ساھڙ جي پيتي ڏيئي تِڪ
ھلي ڏمر درياھ ڏي گھڙو ڪٽي ھڪ
ڪچي ڪِئَسِ چِڪ، ڪپڙا پاڪ پريت جاَ.[1]

(١٧)

سھڻي ڪي سِڪ ساھڙ جي، پيتي لھي نَہ تاس
مُسْتَسْقِي درياھ ۾ پوري ڪري نہ آس
پَرِ ۾ پرت پِياس، ظاھر ذوق زَمان جو.

وائي

ساھڙ سار لھيج، ٻُڏيءَ جي ٻار ۾

١. ويچاري ڪي وِير ۾ اچي رئيس رسيج
ھِن ٻڏي جي ٻار ۾
٢. ڪڏي ڪارونڀار مان ڪنڌيءَ لڳ ڪريج
ھِن ٻڏي جي ٻار ۾
٣. چوھي جي ھِن چيھ ۾ چنا ڪيمَ چڏيج
ھِن ٻڏي جي ٻار ۾
۴. رسج سونھان سير ۾ سچو سِيڏ سچيج
ھِن ٻڏي جي ٻار ۾
۵. غلام محمد حب ۾ پئي پيول پچيج
ھِن ٻڏي جي ٻار ۾

(١) اصل: ائين

داستانو ڇهون

(١)

سَمُن ساهڙ ڄام سان، ڪو جو ٻَڌائين[1]
’قالوا‘ ڪَهي لَوحَ ۾ لائون لَڏائين
وارث وَتائين، وري رَنيي رُوح جو(٢).

(٢)

ساهڙ سي نہ پڇنديون جني رَنيا روح
سيئي سنجهہ صبوح، پَرنيون وتن پَر سين.

(٣)

محبتي ميهار سان، منهنجو لڳو آر
سُتي ويني نہ ڪري راحت روح قرار
ويندِيس تَري تار، ٻُڏِيس تان ٻَنِ جندڙو.

(٤)

پورا ڪنديس قَول، جي منهنجا محب ميهار سين
ٻُڏي موتان ڪينڪي هيبتناڪي هَول
ڄاڻان ڪُن چوڏول، ساهڙ سندي سِڪَ ۾.

(٥)

صورت ساهڙ ڄام جِي جي ڏسو چتائي
ٿئو سڀ ديوانيون وهمون وڃائي
اڳي مون آئي، گهڙو سڀ گهڙا ڪٽي.

(٦)

صورت ساهڙ ڄام جي ڏسو جي جوڙي
ٿيو سڀ ديوانيون وار ڇڏيو ڇوڙي
مُلهاتا موڙي، گهڙو سڀ گهڙا ڪٽي.

---

(١) اصل: ثمن

(٢) وتائين= ورتائين

اصل: ’وارث وڌائين‘ (واو جي زبر سان)

(۷)

صورت ساهڙ ڄام جي، جي صحي سڃاڻو
نَڪا پڇو سهڻي نَڪو ٻئو پاڙو
مَٿي اگهاڙو، گهڙو سيٽ گهڙا ڪٽي.

(۸)

ڪَچُيون پچن ڪُر ڪي، پَڪيون پچن پَاڻ
صورت ساهڙ ڄام جي رکن سيني ساڻ
تني جا پرياڻ، ڪونہ پروڙي ڪو ٻئو.

(۹)

لُؤن لُؤن منجهہ لغار، لڳي جن ڪي لاڙَ جي
سي ڪيئن اچن آڇ ڪري پَرڪي پنهنجو پار
تَن ڪي پاڻي نہ ڪَري، توڙي تانگهو تار
نَڪا ڪَن نهار، ڪاهي پون ڪُننِ ۾.

(۱۰)

جَن ڪي سڪ ساهڙ جي، تَن ڪان ڪُنَ ڪَنبن
طَلبا ڪَن تُنُبَنَ، متان ٻُڏن ٻار ۾.

(۱۱)

جَن ڪي سِڪ ساهڙ جي تن ڪان ڪَنبن ڪُنُ
ڏسي لهر حق جِي، لهي هيٺ وڃن
پاڻ پَراهون ڪن، متان ٻڏن ٻار ۾.

(۱۲)

سهڻي رکي سِڪَ، گهڙي گهڙو هٿ ڪري
ويُس وُجودان نِڪري سَيو هور هِڙڪَ
طَهورا جي تِڪَ، پيتائين تِڪون ڪري.

(۱۳)

گهڙو ڪٽي هٿ ڪري، گهڙي منجهہ درياهَ
هلي مُحب ميهار ڏي سوڏي ساهہ پساهَ
ساهڙ جي ساڃاه، ترهو ٿئس تار ۾.

(١٤)

گهڙو ڪٽي هٿ ڪري، گهڙي پاڻي پاس
آيس ڪونہ وجود ۾ لحظو لهرن لاس
رکي پرت پياس، پهتي محب ميهار کي.

وائي

تو رِيءَ محب ميهار، ڪو وسيلو نہ ساريان

١. ڪاري رات ڪچو گهڙو، پيلو ٻُجهي ٻار
ڪو وسيلو نہ ساريان

٢. چولِن چِني آهيان، آرو آندو آر
ڪو وسيلو نہ ساريان

٣. اچي پيئس آر ۾، نَڪا ڪڙُڇ ڪِنار
ڪو وسيلو نہ ساريان

٤. ڏيئي ٻانهون ٻاجھ جون، ڪنڌيءَ لڳ اُڪار
ڪو وسيلو نہ ساريان

٥. غلام محمد چئي مُنڌ سين، پيڙو ٿيج پتار
ڪو وسيلو نہ ساريان

داستانو ستون

(١)

ميهر پائي مَن ۾ چڏ دِلي جو دَليل
"اَيۡنَماتَوَ لُوافَثَمّ وَجۡهُ اللّٰه" اِها سِڪَ سبيل
تيلاهون خليل، مويا مِهراني ٿِئو.

(٢)

'اصَبرَ' ساهڙ سير ۾، سهڻي سَڏ سَلال
آئي وڏو آر ۾، خامي خَدش خال
"وَمَن يَعَمَلُ مِثقَال ذَرّةٍ شَراًيّرَہٗ" ميهر جي مَقال
وَصل جو وِصَالَ، ويو ويچاري وچ ۾.

(٣)

دَست دَرازيءَ نہ رسي، رسي دل دَراز
"لايُحَصُل عُبورَہُ الِابِسَفِينَہ" ٻُڌائين آواز
ڪَچي جي ڪَوارَ، پَہُ وِڃايو پار جو.

(٤)

ٻانهن وَرائڻ، ڪُن ڪپڻ، اِيَ پڻ همت هوءِ
سينو ساهي سير ۾ ڇا حجت ڪندي جوءِ
ساهڙ سڏ سندوءِ، تُرهو تئي تار ۾.

(٥)

نڪو ترهو تار ۾، نڪا ٻيڙي ٻارَ
نڪو عُمَق عَميق جو، نڪا ڪُڙيچ ڪنار
مونکي ڏاَوَ ڏتاريو، ڪچي ڪم ڪنپار
ساهڙ جِي سنپار، اوڪَر ٿيندُم آرَ جو.

(٦)

دوست دلاسو ڏي، هِن ٻُڏيءَ ڪي ٻار ۾
ڪڍي ڪارونپار مان، ني ساهڙ ڄام سڏي
گوڏي ساڻ گڏي، رڪج متي هٿڙا.

(٧)

هيءُ جو وڃان واه، ٿو وايون ونگُوٽيون ڪري
روڪي رقيبن جِيَن منهنجو ساه پساه
تِتان لڳِ الله، اُڪارِيمِ تہ اُڪران.

(٨)

هُت ساهڙ، هِت سُهڻي، وڃان وَهي وير
نَيو نِوائي ۾ ٿو نعرا هٽي نير

(٧)

چاپَندي پئو، هيءُ جو فَلَڪُ فيراق جو
وِرهُ واري وِترو وِلهوڙي وئو
سورن ساڻ سِهو، اچي تِيمِر اوچتو.

(٨)

حُسنُ جامَ پنهونءَ جو، جَني ڏٺو جيئن
آئي تَنِي تيئَن، واڌائي وصالَ جي.

(٩)

حسنُ جامَ پنهونءَ جو نِسوروئي نُور
"لَمَ يَخلُقَ مِثلِها فِي البِلاَدَ" اهوئي مذَڪُور
موليٰ ڪِيو مَعمُور، اَنگُ اَزَلَ ۾ اُنِ جو.

(١٠)

وِهان تان وِهُ ٿِيو، سمهان اچي نہ سُک
جِيجان هن جبلَ جا ڏولِي جاٽان ڏُک
لَڪَن سندِي لُک، هِيرانَ هَرِي ياٿيان.

(١١)

ڏونگر ڏوريندياس، جانبَ ڪارڻ جيڏيُون
ونگي واٽَ وِندُر جي، وَر ڏي ووڙيندياسِ
جانڪِيتان جِيندِياس، ٿيندِيس گهوري گهوٽ جي.

(١٢)

ڏونگر مون ڪي ڏس، سَوَلِي واٽَ وندُرَ جي
وَٽان تو ڪي لَنگهيا ڪَري گَنٽُرا گس
جانب جي جَمال ري روح نہ اچي رَس
سجڻ سندي ساٿ جو بُڌان مانَ جَرَس
موٽڻ منهنجو مَس، بنا هوتَ پنهونءَ جي.

(١٣)

ڏُونگر ڏُڪوياس، آڏا ڏيئي لَڪَ

(١٤)

ساهڙ ساڳن ريءَ سَري، ساڳا ساهڙ وٽ
جي گهَڙي ڪري گهٽ، تہ ڪُنَنِ ڪَٽيي واريون.

(١٥)

ساهڙُ سهڻو سچ رِي، سچ نہ سونهين ساڻ
سَهائِي ۾ سوجهرو ڪاٽيارن جي ڪَاڻ
جَن وڃايو ڄاڻ، پهرين سي پَسَنديُون.

(١٦)

هُن پِيَر مُحب ميهار جا دُکن ٿا دونهان
تيم آٿائي آر ۾ سِير اندر سونهان
محبت جو مُونُهان، پَهُ پروڙيو نہ ٿئي.

(١٧)

جَنه پَر پُران پار، سا پَر پوري نہ پوي
اڳيان سير سمونڊر جِي، ڪَرڙو ڪارونپار
ساهڙ ڄام ستار، اَمن ساڻ اُماٽيين.

(١٨)

تَڙ تِکو تار وَهي موجن سين مهراڻ
نہ مون تُرهو تار جو، نَہ مون سيٽاهہ ساڻ
گِهڙان گهوريو جندڙو قريبن جي ڪاڻ
ميهر ڄام اُماڻ، ڏيئي ٻانهون ٻاجهہ جون.

(١٩)

تڙ تکو تار وهي، پاٽي پاسي پَل
لُهاٽُون لَهرن سين ڏئي متي آب اُڇل
نکو اَنت عميق جو نہ ڪا ڪنڌيءَ ڪَل
گهڙان گهوريو جندڙو، وائـي وات نَہ وَل[1]
مشڪل ڪندم حَل، ساهڙ اچي سير ۾.

---

(١) اصل: نَوَلِ

(۲۰)

تتڙ تکو، تار وهي، نہ کنڌيءَ کنارو
پاڻي ٻنهي کنڌيين پائـي اوپارو
موٽان تان کُرَ مِهڻو، چلڻ نہ چارو
سائين ساندارو، سولو کندم سير جو.

سر سسئي: آبري

داستانو پھريون

(۱)

هُتِ منهنجو هوتَ ري جَڏو ۽ جهيڻو
وَرُ وَنئي مون واٽ ٿئا ساجنُ سَڳيڻو
هِنيَڙو ٿيو هيڻو، جاڙ جِئان ٿِي جيڏيون.

(۲)

اندر آڏو آڏ، منهنجو هوت پروچَ ري
ٿيندي‌س گهوري گهوٽ جي ٻَڌي آڏو ٻنڌ
وِرهُ وِلهيءَ کي وَڌ، پيرنَ هِنَ پنهور ۾.

(۳)

هيءُ جو ساهُ سَرير ۾، ساڙو ٿي آيوم
وِهڻُ وِهُ ٿيوم، سُمهان سک نہ جندڙو.

(۴)

وهڻ تان وِهُ ٿئوم، سُمهڻ مان ساڙو
آهي آواڙو، پَري پنڌ پهاڙ جو.

(۵)

وِهڻ وهُ ٿئوم، سمهان سُک نہ جندڙو
کِشالو تان کيچ جو اچي پيش پئوم
وِجهي واجهَ وِئوم، پُنهون پاڻ پريت جو.

(٦)

جتَن جيڏوئي کِيو، جيءَ جَڏي سين جورُ
وهڻ مون وِهُ ٿيو، پانيان باھ پنهورُ
آرياڻي آتورَ، مون کي موليٰ ميڙيين
سَولي ٿئي سير، وَرَ سين وَصل وارِيين.

(٧)

هُت ساھڙ، ھت سھڻي، وچان وير وَھي
اوپارو عميق جو ڏکيءَ ڏيل ڏھي
فِجَارُون فيراق جون نئو ساھ سھي
جي لمحو لِکَ لھي، تہ پَسان مُنہ ميھار جو.

(٨)

منھنجون ساڻ ميھار، ڳجھون آھن ڳالھيون
سي نہ آڇيان عام کي، چَپن پئي نہ پچار
مستوراتيون مَن ۾، تن ۾ تارو تار
ساھڙ ڇام ستار، سِيڏي سُڌ سَرير جِي.

(٩)

ساھڙ ساڻ صحي، ڳجھي اتم ڳالھڙي
وڏائين وجود کي ڳُڻن سَاڻ ڳھي
اوري رھان نہ راتڙي پَريُون پارُ پَھي
واھڙ وِک وَھي، ڪندو ڪونہ ڪنگال کي.

(١٠)

ساھڙ ساڳن ريءَ سَري، ساڳا ساھڙ ساڻ
وَسَن تَنہ وَسال سين سندا ياڳن ياڻ
تَن ڪُنڊِن ڪھڙي ڪاڻ، جي چاھَڪَ چيڪ چَرنديُون.

(١١)

ساھڙ سين ساڳا، سکيا گھارڻ ڏينھڙا
مَحفوظان معاف ٿيا، تَنہ لَٽ مٿان لاڳا(١)
وَسنِ محب مِھار سين مِھارن ماڳا
دُوئي جا داڳا، جَن لڏا سي دُور ٿيون.(٢)

---

(١) اصل: اثين. شايد صحيح پڙھڻي تہ: ”محصولان معاف ٿئا“

(٢) اصل: ”دوئي جا داگا“ ٻي پڙھڻي ”دوئي جا ڏاڳا“ ٿي سگھي ٿي.

پيرينُ پُڄي نہ سگهان، پانُهنِ وجهان چَڪَ
فيراقن فَلَڪ، آٽي وڌو اوچتو.

(١٢)

ڏونگر ڏوري نہ سَگهان، پيرين پيَادي
واٽ وِلَهاڳُو پَنڌ پَري، وَر وڏا وادِي(١)
ميڙيندو هادِي، مون کي هوت پنهونءَ سين.

(١٣)

اَمڙ ڪيَمَ اُلاڻ، چرکو منهنجي آسري
اچي پيم اوچِتي تَن ۾ تاٽو تاڻ
ٻاروچي جي ٻَاڻ، منهنجو جيءُ جڏو ڪيو.

(١٤)

اَرڻُ اُلاٽيو ڪَڻ، اَمڙ آتڻ وچ مان
پَڇِي پَها پُوٽِيُون پيري پُونءِ تي هَڻ(٢)
هاٽي هنجهون ڳڻ، جي تِي، هاريان هوت ري.

(١٥)

چَرکو چيهاڙيون ڪري، پُوٽيُون پاٽيءَ پاءِ
اَمڙ اُماڙِي ڪَٽِي آتَڻ آتش لاءِ
مون کي لَعلڻ لاءِ، چُلڻ پيو چِپَرين.

وائي

جَهليو تان نہ جهلجؤ وو ٻَڙي جيڏيون،
مون کي پنهل پياري ري.

١. آئون وينديس اوڏهين اَلا، اَوهين پاڙيچُون مَ پَلجؤ
وو ٻَڙِي جيڏيون

(١) "واٽ ولهاڳو" (اصل ائين).

(٢) پڇي پها پوٽيون (اصل ائين).

٢. اَوهين وَرنَ واريون، مون سان ڪِيَمَ هَلَجؤ
وو ٻڙي جيڏيون
٣. عَيبَ تہ منهنجي ذاتَ جا سَجَڻ مَ سَلَجؤ
وو ٻڙي جيڏيون
۴. غلام محمد مُنڊّ سان، مَحبَت منجهہ مَلهجؤ
وو ٻڙي جيڏيون

داستانو ٻئو

(١)

پِريان سندي پارَ جي لُوَ لُوَ وَٽي واءِ
ڪَٿوري خوشبوءِ ڪان سُرهي پايان ساءِ
جِيئڙي اندر جاءِ، جانب جي جمالَ جي.

(٢)

پريان سندي پار جي هنيڙي وَٽِي هِيرَ
جڏو جِيئي جِندَڙو، لَهي ساه سُڌِيرَ
زُلفن جا زَنجِير، جَڙا ٿِيَم جانَ جِي.

(٣)

پريان سندي پارَ جو جيڪِينَ ڏِسان جِتِ
سوئي پايان تِتِ، بينو سجڻ سامهون.

(۴)

پريان سندي پارَ جو جيڪين ڏسان جو
وٽي سو وُجُودَ ڪي، ڏڪيي ڏيلَ اُهو
سجڻُ ساهَ سِهو، سوئِي پايان سامُهون.

(٥)

وٹي تو وجودَ ۾ پريان سندو پار
اچي راحت روحَ کي رهي قلب قَرار
سوئي سپ چمار، نِتِ نِهارڻ آئيو.

(٦)

ويٺي نِتَ نهاريَان، اديون اوڏاهين
جانبُ جيڏَاهين، تيڏاهين تَٽي هِنُيُون.

(٧)

هِنيئڙي تاٹو تاڻ، آهي اُنِهين پارَ جِي
وَٹي کاڻ وجود ۾ جانبَ رِيءَ رِهاڻ
سرتيون سُورَن ساڻ، ويٺِي، وِرهَ وِرُ ونُهِيَان.

(٨)

هِنُيَڙي کي آهي، تانگهہ پريان جي پار ڏي
دانهُون دردَ فراق جُونَ، آلاپيو لاهي
سِياکَا ساهي، کاڻ پهُچَندِي پرينءَ کي.[1]

(٩)

سَڱُ سياکو هوتَ سين، آهي ڳالهہ ڳِري[2]
کَنُهن جِي هلي کانَکا ظاهِر زور ذِري
کوٺِي خامَ کَرِي، آهِيان پنهنجي پرينءَ جي.

(١٠)

سڱ سياکو هوت پرينءَ سين آهي ڳري ڳَالَ[3]
چِڏي پنهنجو حال، هَلِجي هوت پنهونءَ ڏي.

(١١)

سَڱُ سياکو پرينءَ سين کنهن جو کوڻ هَلي
پنهنجو پاڻ پَلي، هَلِجي هوت پنهونءَ ڏي.

---

(١) اصل: پرء کي
(٢) اصل: (هت توڙي هيٺين بيتن ۾). سنگ سياکو. ڳال ڳري
(٣) اصل: (هت توڙي هيٺ). پرء سين.

(۱۲)

سگ سياڪو پرينءَ سين مون ڪميٽي ڪيهو
چڏي ڏِجي پانهنجو سِيَاڪَتَ سيهو
جيهو ۽ تيهو، هلجي هوت پنهونءَ ڏي.

(۱۳)

وڏا وَراڪَنِ سين ڏونگر ڪي ڏاڪا
ساريان ڪانه سرير ۾ سَگهائي ساڪا[1]
واڪَن تي واڪَا، ڪَيان تِي ڪوهيارَ ڪي[2]

(۱۴)

وڏا وراڪن سين ڏاڪا ڏونگر ڪي
وچَ ۾ ويچاريءَ ڪي روڪيو روهُ رَڪي
چيتاريو چِڪي، تازا سُور سَريرَ ۾.

وائي

جِنڙو نِيو تہ جَتَن وو ہڙي جيڏيون
مون ڪي نِيهَ نِهوڙيو وو
۱. اگڻ اَسَرَوَندَ جي پرين مان اَچن، وو ہڙي جيڏيون
مون ڪي نِيهَ نِهوڙيو وو
۲. هُونِ هَمِيشَان مون وٽ، پَلُ پري نہ هجن،
مون ڪي نِيهَ نِهوڙيو وو
۳. ڏينهاٽِي ڏسڻ جون اَڪِيون عيدان ڪَنِ،
مون ڪي نِيهَ نِهوڙيو وو
۴. غلام محمد ”مَنۡ لَهُ المولِيٰ ڪُلّ له“ ڪيڏا ڪرم سندن
مون ڪي نِيهَ نِهوڙيو وو

---

(۱) اصل: سگائي
(۲) اصل: ڪويهار ڪي

داستانو تيون

(۱)

مون کي ويساهي سُتـي رات اُٺي وئا[1]
کَنڌ ڪَڪورئا ڪَرها، ڪيچي وئا ڪاهي
قيامَتَ آهي، هاڻي هِنَ پَنڀورَ ۾.

(۲)

سُتي رات اُٺي وئا مُون کي ڏيئي ويسَاه
جاٺي هيڪ الله، ساعِت سُک نہ جندڙو.

(۳)

منهنجي مُون پرين کي ذات سَلَتي جَنِ
جيڪُس پاڙي واريون ڏُکي تيون دشمنِ
مَندو پائي مَنِ، جيڏيون منهنجي جِندڙي.

(۴)

ڏُکي ڏونگر ڏور، رُلي روءِ مَ رَت
سُجي چِڏِ مَ سَت، هَل تہ پسين هوت کي.

(۵)

ڏور تہ ڏسين هوت کي، رُلي رَت مَ روءِ
متان ڪرين پَاڻ کي، جَڳَ ۾ ويهي، جوء
پُنّيءَ پُنهونءَ پوءِ، سُکُ وساري سسئي.

(٦)

ڇِپَرَ ڇيٿون تِڪيُون، ڇپُون پير ڇننِ
وِينديسِ ڏانه پرِين، رائو ريلا رَتُ ڪري.

(۷)

ڇپر ڇيتون تڪيُون، ڇنن پيرَ ڇپُون
بيُجي پيرَن سان بَڌي کَپي ڪيتَ ڪِپُون[2]
ڪَگري قُوتُ پپُون، وينديس پنهنجي پرينءَ ڏي.

---

(۱) اصل: وئيا

(۲) بيجي (اصل: ائين)

(۸)

سُورن سازِي سسئي، نَکي سازِي سُجَ
نہ کنهن مـارِي مامِري، نَکين مـارِي رُجَ(۱)
پڇي پار اُهُجَ، پِريان سندي پار جا.

(۹)

جيکُس منهنجي ذاتَ جي پَئي کويَهاري کَل
بانپڻ بيٺي آهيان واجاڻي ويٺل
مسلمان عَمَل، ڏيندُم ڏٽي ڪيچ جو.

(۱۰)

ذات تہ منهنجي جيڏِيُون موت نہ موچاري
نَکا سونَهَ حُسن جي رونَقَ ۾ ڪاري
ڄامَ پُنهون آرِي، مون کي پاڻَ قبوليو.

(۱۱)

دُعا ڪَجو ڪا جيڏيُون مون کي مِلي حَق
لَهن شُبَها شَڪ، مُنيءَ مَٿان لوڪَ جا.

(۱۲)

آهيان گهوري حقَ جي، ناحقَ بَنِ ڏيَان
مُقابل مانَ ٿيان، وڃي هوت پنهون سين.

(۱۳)

آهيان گهورِي حق جي، ناحق ڏيان بَنِ
سيئي مُحِبَ مِلَنِ، جَن نِيرَ وِڌو نِيهَن جو.

(۱۴)

حَق تہ منهنجو جيڏيُون، آهي آرياڻي
جَهين لاءِ لَڪَن ۾ وَتان وِيڳاڻي
سوئي سرواڻي، ملِيندُمِ سَچو ڏٽي.

(۱۵)

آهيان گهوري حقَ جي، ناحقُ نَجَاسَت
رَکي ڪَچائِيءَ کان صاحبُ ڏيئي سَت
رَهجي اَچي پَت، منهنجي هوت پنهونءَ سين.

---

(۱) اصل لفظ ميساريل آهي: اهو لفظ 'رج' تي سگهي ٿو.

(١٦)

حق تہ منهنجو جيڏيُون آرياڻي آهي
رَسي اَسُونَهنِ کي ڪيچَ ڏٽي ڪاهي
لَڪَن تان لاهي، وَسُونءَ ڪَري ويسرِيون.

وائي- 'ڇيڙ'

ويهُہ مَر ويسري، پُليي هِن پنيورَ ۾

١. پٽي تيجَ تون پنڌ ۾، ڏيئي ساهُ سِري
پليي هن پنيور ۾

٢. جدا جالڻ جندڙي، آهي ڳالهہ ڳري،
پليي هن پنيور ۾

٣. سا ڪيئن سُمهي سُک تي، جنهن کي بره پَري
پليي هن پنيور ۾

٤. اڳڻ اَسرِوَند جي اچن ماڻ وري
پليي هن پنيور ۾

٥. آڏيءَ رات اُٿي وِيا پُوري دوست دَري
پليي هن پنيور ۾

٦. بنان هوت پُنهونءَ جي وِينديس ماڳ مَرِي
پليي هن پنيور ۾

٧. اندرِ باه بره جا، پٽا مَچ بَرِي
پليي هن پنيور ۾

٨. غلام محمد دوست ري، سَگهِجي تان نہ سَري
پليي هن پنيور ۾

داستانو چوٿون

(۱)

نيهُ نِهايتَ نہ ڪري، نَڪو ڇپر ڇيهُ
ڇڏي پنڌ پريتڻو وِتي وارَ ۾ ويهُ
ڏوري ڏونگر ڏيهُ، ڏِسُ ڪَڪوري ڪيچ ڪي.

(۲)

نيهُ نهايتَ نہ ڪري، نڪو ڇيهُ ڇَپَر
چاڙهيڪَن چُڪائِيو، واٽَ وَراڪا وَر
پويون پيرُ ڪُپَر، پريان سندي پارَ ڏي.

(۳)

ڪامَ ڪري ڪا سَڌ، ڪُوڙي ڪيچَ هلڻ جي
آڏا ڏونگر لَڪِيُون، واٽَ وَراڪا وَڌ
اندر جَنِي اَڌ، هاڙهي سي هَلنديُون.

(۴)

ڪا مَ ڪري ڪا رِيسَ، ڪُوڙي ڪيچَ هَلڻ جي
اَول عَاق عَقُل جي وِجائي وَرجِيسَ
رڪـي دردَ فِــراقَ جِـي انــدر ۾ تَـدريَسَ[1]
تِهان پوءِ تَجِنيس، تِيندي هوتِ پُنهونءَ سين.

(۵)

ڪاڪيون ڪيچَ هَلڻ جو جڏهن تِيندو سڌ
وهنديون سي نہ وڙن سين گوڏا ڏيئي گڏ[2]
تَني سَندا هڏ، هَلَندا هوت پُنهونءَ ڏي.

(۶)

سُڌ نہ هُيَم سِڪَ جي نَڪا پرت پچار
ٻَاروچاٽـي ٻار، منهنجو جِيءُ جَڏو ڪِيو.

---

(۱) اصل: رڪي درد فراق جو

(۲) اصل: وَرَن سين

(٧)

سُڌ نہ هُيَم سِڪَ جي، نڪو ناتو نِيه
نڪا بُوند برھ جي نڪو محبتَ مِينه
عِشق شمائِل شينھ، آيو آرِيءَ- جَن جو.

(٨)

چڙهي ڏونگر تي ڪيان ڪويَهاري ڪي سَڏ
روھ رَهائي آهيان، لَڪَن لوڏيا هَڏ
تيءُ گولِي سين گڏ، ڪاملَ ڏٺي ڪيچ جا.

(٩)

چڙهي ڏونگر تي ڪَيان ڪويَهاري ڪي ڪُوڪ
هُجي مانَ لَڪَن ۾ منهنجو مير مَلوڪ
هنيڙي اندر هُوڪ، سِڪَ پِريان جي سُونهَ جي.

(١٠)

قُربُ جَهين کي ڪيچ جو، سا سُورُ سَميٽي سِڪَ[1]
بَڏي سورهَ سَندرو اُتي هلِي هڪِ
اِيَ پِريان جي پِڪَ، پَلِيرِيءَ ياڳ مِڙي.

(١١)

هَنجُون هاري هَلُ، پُنيءَ پير پنهونءَ جي
سُک وساري سسئي، جانب ڪارڻ جَلُ
اِيَ پَلائي جو پَلُ، ڪنه پليريءَ ياڳ مِڙي.

(١٢)

هَنجون هاري روءِ، سک وساري سسئي
لاهي لِيَا لوڪَ جا پُنيءَ پنهون پوءِ
اِيَ پَلائِي هوءِ، ڪنه پليريءَ ياڳ مِڙي.

---

(١) اصل: ائين

وائي

مـــون تـــي آهـــي مَـيـار،
آئون تان ٿيندِيس گهوري گهوٽ جي.
١. آڏيءَ رات اُٺي وٺا ساٿي ٿي هَسوار
آئون تان ٿيندِيس گهوري گهوٽ جي.
٢. ساريو توکي سُپرين، نيڻ وَهن نِت نار
آئون تان ٿيندِيس گهوري گهوٽ جي.
٣. ڏسان شال اَکينَ سان، ڪيچ ڏٺي ڪوبَهار
آئون تان ٿيندِيس گهوري گهوٽ جي.
٤. غلام محمد ڪي ڏِهو، دَرسَن جو ديدار
آئون تان ٿيندِيس گهوري گهوٽ جي.

داستانو پنجون

(١)

هَلو هَلڻ واريُون، وهو ڪيمَ وَرِي
اڳيان سُجهي سخت تيَ ڏونگر ڏاهَ ڏَرِي
جِنِهِ ڪـي سِڪسَرِي سـا مَـر چُـلي چَپَرين[1]

(٢)

هلو هلڻ واريُون، وَري ڪِيمَ وهو
ڏوري هَڏا هَڏِيُون ڏونگر مَنجهه ڏَهو
جنه ڪي عشق اِهو، سا مر هلي هوت ڏَي.

(٣)

ڪوڙيون ڪيچَ هلڻ جون وينيون پچن پنڌ
دل نَہ ڪٹن ديسَ تان هِنيُون مَتّان هنڌ
تَني سندا رَند، روهَ رَهائي چڏِيا.

---

(١) اصل” ’مرَ‘ (’ر‘ تي جزم)

(۴)

کوڙيون ڪيچ هلڻ جو وينيون پُڇن پار
ڪاڏي پيتي سَنَريون نَڪو ڏُک ڏوار
نڪا محبتَ من ۾ نَڪَا پرتَ پچار
گهاري تن چمار، بُرِي هن ڀنڀور ۾.

(۵)

کوڙيون ڪيچ هلڻ جو، وينيون هٽن وات
گهاريندي گهَرن ۾ ويئي وهامِي رات
پِرهَ ڦُٽي پِريات، هارِيون هَٽن هَٽڙا.

(٦)

دَور جَني کي دَرد جو، سبق سور پڙهن
فِکر ڦرهي هٿ ۾ هنيي ساڻ هٽن
محبت مُور مَٽن، لامون لَکن لوڏِيُون.

(۷)

نَئِي نِهار لَکن ۾ تازا پنهونءَ پير
ڪاهي رسيا ڪيچ کي ڏوري ڏونگر ڏير
سسئي سَرَها سير، وٺي پُورج پرينءَ کي.

(۸)

پانهين پوءِ مَ سسئي، اڳاهين ٿي هَل
سِڪَڻُ سُور سَريرَ جا ڪيمَ ڪَهينَ سان سَل
جوش جڳائي جَل، تہ پهُچين جام پنهونءَ کي.

(۹)

اَڳاهين هلُ سسئي، پاهِينَ مُور مَ پوءِ
جاڏي هن جبل ۾ متان ٿِئين جوءِ
هوت تَني جو هوءِ، جئڻُ جَنِ کي جاڙ ٿي.

(۱۰)

پننَدِي هلُ پنهونءَ ڏي، سَمر ڪڻ مَ ساڻ
ٿي گداگر دوست جِي، ڇڏي پنهنجو پاڻ
ڏونگر منجهان ڏاڻ، ڏيندءِ ڏاها ڏَس جو.

(۱۱)

پننڊي هل پنھونءَ ڏي، بَرَن منجهان بيَڪَ
سَيني انــدر سِيکَ، پَچائيج پريت جـي.(۱)

(۱۲)

پننڊي هل پنھونءَ ڏي، ڏونگر منجهان ڏَسُ
ووڙج وَرَ وَٽڪار ۾ ڪٽي سُور سَرسُ
گوندر سندو گسُ، پير ڏيکاري پرينءَ جو.

وائي

هَلنڊي پير پيادِي وو آلا،
آءُ ڪيئن پُڄندي پنڌ ۾ وو

۱. آڏا ڏونگر لَڪيُون، م ور وڏا وادِي
آءُ ڪيئن پُڄندي پنڌ ۾ وو

۲. ميڙينڊو مُنيءَ کي آلا، ڪيچ ڏٺي هادي
آءُ ڪيئن پُڄندي پنڌ ۾ وو

۳. گوندرُ مون گهَرِ آئيو، سَرتين گهَر شادي
آءُ ڪيئن پُڄندي پنڌ ۾ وو

۴. غلام محمد مَنَ ۾، ڏني نيهَ مُنَادي
آءُ ڪيئن پُڄندي پنڌ ۾ وو

داستانو چهون

(۱)

جَنَه کي ڇڪ ڇپر جِي، سا مَر پُڇي پار
هَلـي اولهَ سامُهين نائـي نِيرا نار
سائِي صُبحُ وارَ، پَسَندِي هوتَ پنھونءَ کي.

(۱) سيک - سيخ

(٢)

جَنه کي چِڪ چِپر جي، سا مَر پار پڇي
هلي اولهہ سامُهين کنه سان کين ڪِڇي
لکن منجهہ لُڇي، تہ پَسي پير پنهونءَ جو.

(٣)

جَنه کي چِڪَ چِپر جي، سا مر پُڇي پنڌ
هلي اولهہ سامُهين، کيڏهن ڪٽي نہ ڪنڌ
جام پنهونءَ جا هَنڌ، پَسي پاڻ اکين سين.

(٤)

بَڏي سندرو سِڪ جو اُتي ڏونگر ڏور
هَلُ هنيين سان هوت ڏي منجهان پنيور
متان ٿيج لغور، ڪيچان اوري ڪاف ۾.

(٥)

بڌي سندرو سڪ جو، ڪٽج سور سَمر
"فَلْيَضْحَكُوا قَلِيلاً وَ يَبْكُوا كَثِيرا" اِيءُ پروڙج پر
ڏيانُ اوڏاهين ڏر، جيڏهن پُنهون پنڌ پِيو.

(٦)

هورِي ٿي هَل هوت ڏي، پورِي ڪڻ مَر بار
آڏا ڏونگر لَڪِيُون هيبتناڪ هَزار
متان ٿِينَ سنگسار، جاڏي هِن جبل ۾.

(٧)

هوري ٿي هل هوت ڏي، پوري بارُ مَر ڪڻُ
ڳِرائِي هِن ڳوٺ جي پيري پُونءِ ٿي هَڻُ
محبت پائي مَنُ، تہ پَسين پيرُ پنهونءَ جو.

(٨)

بڌي سندرو سڪ جو، مُني مُور مَر چوڙ
ڪيچن ڪارڻ ڪافَ ۾ مَرُ ڪامِي ٿيءُ ڪوڙ
وَرُ پنهنجو وٽڪار ۾ ڏيئي وَراڪا ووڙ
طالبُ ٿيءُ تان تورِ، پَهُچين جامَ پنهونءَ کي.

(٩)

بَڏي سندرو سِڪ جو، اُتي رائو ريل
وينن تان وارِي وَري سُتَن سور سَويل
پنهوارانَ تي اَپرئو سُورن جو سُهيل
کُپيلي سان ٻيل، ٻَڌُ ڪاملَ ڏٽي ڪيچ جا.

(١٠)

ٻڏي سندرو سڪ جو، اُتي هاڙهي هل
پريان سندي پار ڏي چال چڱي ڪا چل
ڏورج ڏونگر ڏاڪڙا، گُونان گُوَنَ جَبل
متان جوش اَجل، آٽي توتي اوچتو.

(١١)

هَلندِي هلجُ هوت ڏي، ويهُه مَ وٽن هيٺ
توکي مُني ميٺ، ڏنو ساهي سُڄ جي.

(١٢)

هلندي هلج هوت ڏي، وڻ وڻ هيٺ مَ ويهه
جامَ پنهونءَ جو ڏيهُه، ڏور تہ ڏِسين سسئي.

وائي

جبل جاڙُون جي ڪيون، منهنجي جيءَ جَڏي
روه رَمَلَ رِجَ رنڊيو وو![1]

١. ڪو دم ترسو ڪيچيا، وجو ڪيم چڏي
روه رَمَلَ رِجَ رنڊيو وو!

٢. نيو نماٽي پاڻ سين، صاحبَ ساڻ سڏي
روه رَمَلَ رِجَ رنڊيو وو!

٣. غلام محمد غم ۾، ملو ويل وڏي
روه رَمَلَ رِجَ رنڊيو وو!

(١) اصل: رِنج

داستانو ستون

(۱)

ليڙا کيمَ پَلاڻ، بابُو بلوچن جا
چوڙي چڏ ائن کي ڏوڙا ڏيئي ڏاڻ
رهِي رات رهاڻ، کيان کويَهارَل سين.

(۲)

کَشي کَمر قرب جي، پٽر پيرين پاءِ
لحظي لک لنگهي هلي، ڏس جانب سندي جاءِ
متان تنهنجي لاءِ، مِرون پون مامري.

(۳)

رَنُون روه رهائيُون، زالون ٿئن زافُ
هلي کون لکن ۾ کَنهن جو کُوڙ قذافُ
جَنهن کي زير زرافُ، سا چپر چڏي چک ۾.[1]

(۴)

رنون روه رهائيُون، زالون زاف ٿئن
پسي پنڌ پهاڙ جو پويان پير پئن
منجهان لوک لِئن، لُولهڻ کن لَلجِيُون.

(۵)

کافُ کشالو کيچ جو، ٻُجهي سخت صحي
ڏونگر ڏکوئن جا کري ڏِيل ڏهي
رائـي منجهه رَهي، متان وِهو ويسريون.

(٦)

کافُ کشالو کيچ جو، ٻُجهي سخت سفر
چِڪي ٻڏو چيلهه سان، قابو قربَ کمر
کٽي سورَ سمر، رڙهِي هلو روهَ ڏي.

---

(۱) اصل: زراف ('ز' جي پيش سان)، چڏي ('ڏ' جي زير سان)

(٧)

كاف ڪشالو ڪيچ جو، ٻُجهي سفر سخت
باري تن جا بخت، جي پهتيون ڄام پنهونءَ ڪي.

(٨)

كاف ڪشالو ڪيچ جو، سفر سخت ٻُجهي
جنهن کي سڪ سَرير ۾ سا روهن ۾ نہ رُجهي
جنهن جو من مُنجهي، سا مر گهورِي گهَرِ مَري.

(٩)

كاف ڪشالو ڪيچ جو، سفر باري بَس
"اَلسَّفَرُ قِطْعَةٌ مِنَ النّارِ" گوندر سندو گس
ڏورڻ منجهان ڏس، پيِّنڍُءِ ڄام پنهونءَ جو.

(١٠)

سرتيون سورن سَنگ، نِسري ڪَيا نيه جا
نڪو اَنُ عِنايَتِي، نڪو رونق رَنگ
تن تَسي ۾ تنگ، رزق رازق هٿ ۾.

(١١)

ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو، ڏور ڏيکاري ڏاه
مُنيون موتي آئيون سانڍي پنهنجو ساه
جي پهٽن ڪيون پاه، سي تيون حوالي هوت جي.

(١٢)

سُورن سِرُ نہ پير، نڪا صورت سڪ جي
واري وِينا وچ ۾ ويچاريءَ سين وِير
صُبحُ ساڻ سوير، صالحُ تيندو سُپرين.

وائي

پنهل پاڻ سجاڻ، آءُ نماڻي جي نجهري
١. ڄاپندي ڄَرِ پئا، سور سُڄي کي ساڻ
آءُ نماڻي جي نجهري وو
٢. ڦوڙائي فراق جا، ڏيرن ڏنڙم ڏاڻ
آءُ نماڻي جي نجهري وو
٣. ويئي واٽ نهاريان، ڪيچ ڏٽي جي ڪاڻ
آءُ نماڻي جي نجهري وو
٤. غلام محمد غم ۾ والي ڪر وراڻ
آءُ نماڻي جي نجهري وو

داستانو اٺون

(١)

هنيُون هِنيين گڏيو، سينو سيني ساڻ
رَسي راحت روح کي پَري پيئي پاڻ
لؤن لؤن منجھ لڳي ويو ٻاروچي جو ٻاڻ
محبت سندو ماڻ، ماپِيندي دَم ڏيان.

(٢)

'حال' هنيين سان حَلُ ڪَري، ڇپر پاسي ڇُلَ
سڪ پريان جي پار جي ڪين وڪامي مُلَ
پوري چڙ ڍينيور جا هي هُلاچا هلَ
روهَ رَتولا رُلُ، تہ پسين پيرُ پنهونءَ جو.(١)

(٣)

حال هنيين سان حل ڪري، ڇپر پاس ڇُليج
ڄَراڻ جام پنهون ڏي، رکي جاڻ ڄُليج(٢)
پول نہ ڪَنهن پُليج، پوري هن ڍينيور ۾.

---

(١) اصل: روهُ
(٢) اصل: ڄَراَ جام

(٤)

حال هِنيين سان حل ڪري، ڇُلج پاس ڇپر
ووڙج وَرَ وڻڪار ۾ ڏيئي وراڪا ور
سندِي پِرت پِرِ، پُرُ تہ پُورائي پوي.

(٥)

حال هِنّيين سان حل ڪري، هلج پاسي هوت
سندو پِرت پوت، ڳنڍِ تہ اڳاهين ٿئين.

(٦)

سفرُ مُنّڌ سنڀار، پِرين پَراهون ٿيو
رَهي ڪِج مَ ڪيچ ري ڪيرن هيٺ قرار[1]
ڪري پير ڪپار، پُرُ تہ پَهُچين پرينءَ ڪي.

(٧)

پُرُ تہ پهچين پرينءَ ڪي، ٿُرُ مَ ٿاٽو ويہ
پائي سڪ سرير ۾ ڇُلي ڇپر پيہ
ڏونگر سندو ڏيہ، ڏور تہ اوڏائي ٿئي.

(٨)

پُر تہ پهچين پرينءَ ڪي، ٿُرُ مَ ٿاٽو ڪَر
ٻَڌي سورن سندرو ڇُلي پوءِ ڇپر
دوستن سندو در، ڏُکن سان ديکيو ٿئي.

(٩)

هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پوري ڪر مَ بس
گوندر سندو گس، وٺ تہ ويجهائي ٿئي.

---

(١) ”ڪيِرن هيٺ قرار“ (اصل ائين، ڪ ۽ ر جي زير سان). ڪيرن هيٺ= ڪيرن جي وڻن هيٺ. پر ’قرار‘ واري اُچَار جي لحاظ سان، ’ڪيرن هيٺ‘ بدران، ’ڪِڙين هيٺ‘ (جهوپن هيٺ، گهرن ۾) يا ’ڪِرڙن هيٺ‘ (ڪرڙ جي هيٺان) پڙهڻيون وڌيڪ موزون ٿينديون.

(١٠)

هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پوري بس مَ ڪر
هلي سورن سامُهُون سپر سينو ڌر
تان تو وَرِي وَر، اوڏاهون اوڏو اچي.

(١١)

هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پويان پير ۾ پاءِ
هل هنيين سان اوڏهين، جيڏهن جانب جاءِ
تہ پِرين تنهنجي لاءِ، اوڏاهون اوڏو اچي.

(١٢)

هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پويان پير مَ ڏي
تہ وڃِي ويلُ وڏي، وَصُل ڪي ويجهي ٿئين.

(١٣)

لُوٺي، لاڳاپن ڪي تو پاٽان پاتو پيچ
پنڌ پراهون ڪيچ، اوري وَڳَرَ وارِيُون.

(١٤)

لُوٺي، لاڳاپن ڪي تو واري وڏا ٻَڪ
هلڻ اهڙي حال سين جوءِ هَٿِين ٿِي جَڪ
لوڪان ٿي اَلَڪ، تہ اوڏاهِين اوڏِي ٿئين.

(١٥)

لُوٺِي، لاڳاپن ڪي لوڪان ڇني ڇڏ
هل هنيين سان سامُهين جيڏهن هَلي لَڏ
گوندر ڪٽي گڏ، تہ وَصُل ڪي ويجهي ٿئين.

وائي- 'چيز'

آءٌ نا باب بلوچ، لوحَ لِکيي لَئُہ لائي
آٽي لکيي لئہ لائي

١. جدائي جي جيءَ ۾، لڳي لؤن لؤن لوچ
لوح لکيي لئہ لائي

٢. وڃي هوت پنهونءَ جو، وٺان ڪنجڪ ڪوچ
آٽي لڪيي لئہ لائي
٣. ساريان ڪانہ سَرير جي، پيرين پُهچ نہ پوچ
لوح لڪيي لئہ لائي
۴. غلام محمد غم ۾، ڏمو ويئي ڏموچ
آٽي لڪيي لئہ لائي

داستانو ناٸون

(١)
هَلُ هنيين سان هوت ڏي، لاهي لِيا لوڪ
محبت سندي موڪ، وهائيج وجود ۾.
(٢)
هل هنيين سان هوت ڏي، لاهي لاڳاپا
ڪاهي ڪجان ڪيچ ڏي وَرَ وڏا واڪا
ڏونگر جا ڏاڪا، ڏور تہ ڏسين سسئي.
(٣)
چني هلج هوت ڏي واڳان وَڏو واجهہ[1]
اِها هَلڻ هاج، سِڪُ تہ ساٿياٽي تيين.
(۴)
چني هلج هوت ڏي واجهان وڏي واڳ
"اَلدّنيَا جِيفَةٌ وَطَالِبُهَا ڪلابٌ"، سندو مرڻ ماڳ
اَڳہُ وَري آڳ، جي حال هنيين سان حل ٿئي.
(۵)
نِيہُ نَياپو سسئي، جهولي جهلي جوءِ
اِئين رويو چوءِ، پِرين پَرِتي آهيان.

---

(١) اصل: واڳا وڏو

(٦)

نيه نياپو سسئي سيني سين لائي
جانب مٿان جندڙو گھوڙون گھمائي
پرينَ تو آئي، ساٿِن سُئِي آهيَان.

(٧)

نيه نياپو سسئي صحي سيني ساڻ
پاتائين پريت جو پيچ پنھونءَ سين پاڻ
ڪاملَ تَهِين ڪاڻ، ڪافان ڪَهي ڪوڏ ڪري.

(٨)

نيه نياپو سسئي سيني ساڻ صحي
بَڌائين وُجود سين ڪا جا قرب ڪَهي
تَهين ساڻ رهي، روح رَتائين رت سين.

(٩)

ڪَهُ تہ پهچين ڪيچ ڪي، اوري رات مَر رَهُ
سَترائـي سفر جون سَهمُون سيني سَهُ
پرت پچارون پہُ، پِريان سندي پارَ جون.

(١٠)

ڪَهُ تہ پهچين ڪيچ ڪي، اوري رَهُ مَر رات
وِهَڻ واٽڙين تي، اِي تَوائن تات
ڪَوُرَ نہ پُڇن پرينءَ ڪي، مورک ٿئن مات
هلڻُ جَن حِمات، هوتُ حِماتي تَن جو.

(١١)

ڪَه تہ پهچين ڪيچ ڪي، اوري ڪر مَر دير
چِپر مان چُلي وٺا ڏيهَ ڏوراهين ڏير
سُتَن سَوان سير، پُريَ ڪين پروڙٿا.

(١٢)

ڪَه تہ پهچين ڪيچ ڪي، اوري دير مَر ڪر
اڳيان سجهي سخت تو ڏونگر ڏانه سفر
واٽ وراڪا وَر، ووڙ تہ ويجهائي ٿئي.

(۱۳)

لُونِي لاه لباس، چوري چڏ چپر کي
اڄان تو مان ٿو اچي قِردَةَ جو ڪُواسُ
لالائي جِي لاس، لاءِ تہ لڪ لنگهي وڃين.

(۱۴)

لُوني لاه لباس کي، چوري، چپر چڏ
اڄان تنهنجو ٿو لڳي گوڏو قِردَةَ گڏ
سندو سونهن سَڏ. سِڪُ تہ سونهين ساٿ سين.

(۱۵)

لوني لاه لباس کي، چوري چڏ چپر
قِرداتِي ڪِردار جو ڏُران ڏيان مَ ڏر
ڪويَهاري ڏي ڪَر، ڪڻ تہ ڪوٺي نہ ٿيين.

(۱۶)

هاري هنجَ رَتولَ، هَل هنيين سان هوت ڏي
توکي رِجَ رهائيو ڏيئي هُلاچا هول
سِڪجُ صَدائُون ڪَري سورن جو سِڪول[1]
ٻاروچي جو ٻول، ڪم نہ ٿيندو ڪڏهين.

(۱۷)

بُوزَ بلائون بَرَ جون، چيتا چِهُڪارِنِ
توکي واٽان ويسَري، وَرَ ڏيئي وارِنِ
هاڙهي هَلٽهاريُون رويو جَرُ هارِنِ
ڏڙ جو ڏيان ڏڙيليُون ڏُران نہ ڏارِنِ
جي سِسي نہ سارِنِ، سي سگهيون پڄن پِرينءَ کي.

---

(۱) اصل: سداءِ ڪري ...... اسڪول

وائي

هيءُ سوز سيني سر آيو
جيڏيون منهنجو رانوَل رات نہ رانئيو
۱. هي سر ڏيئي صدقو، ساجن کي سرچايو
جيڏيون منهنجو رانوَل رات نہ رانئيو
۲. الله کارڻ اوٺيا، وَرُ ولهيءَ جو ورايو
جيڏيون منهنجو رانوَل رات نہ رانئيو
۳. دانهون ڪريان درد مان، سوز سيني نہ سمايو
جيڏيون منهنجو رانوَل رات نہ رانئيو
۴. جدائي جي جوش ۾ جيءُ جسو مون جلايو
جيڏيون منهنجو رانوَل رات نہ رانئيو
۵. غلام محمد غم ۾، محب مُنيءَ کي ملايو
جيڏيون منهنجو رانوَل رات نہ رانئيو

داستانو ڏهون

(۱)

پيلي ڪِجُ پروچ، پُڇج پوءِ پريتڻو
لالــڻ لاءِ عـليـل تــي لائي اُلانَ لـــوچ[۱]
سندو ڪَنجَڪَ ڪوچ، وٺ تہ وِلهي نہ ٿئين.

(۲)

جي تو وٺان وار، وَرُ وِلهائي نہ ڪري
وجهي هٿ ڪَنجَڪَ ۾ پيڙي جهَل پتار
تہ قَطاري ڪيچ ڏٺي توکي منجھ قطار[۲]
اَسُونَهنِ سنپار، لهي لال لکن ۾.[۳]

(۱) اصل: لعلن لاءِ اليل تي
(۲) اصل: ڪتاري .... ڪتار
(۳) اصل: لعل لکن ۾

(٣)

’عقل عاقِي‘ كافُ ٿئو. ’عقل كُلُ‘ قريب
جَنِ كي نيهُ نصيب. تَن ٻئي ڇڏيا ٻاجهہ سين.

(٤)

’عقل عاقِي‘ كاف ٿئو. ’عقل كَلِيَ‘ كيچ
جني كي اُنَ پار جو پيو پر ۾ پيچ
اُتي هوت نہ هيچ. نكا سُڄي سسئي.

(٥)

’عقل عاقِي‘ كاف ٿئو. ’عقل كل‘ كويَهار
”لا تُفَرّقُ بَيّنِيَ وَ بَيّنِكَ“ وِتي وِرَهَ وار
دلبر جو ديدار. اجان اوراهون ٿئو.

(٦)

اَبَهمُ ٿـيءُ تہ اُبَهين. ’عقل عاقي‘ ڇڏ[1]
اوڏا نيئي آڏ. آجها اَيُومن سين.

(٧)

اَبَهمَ اَيُوسِن سين. پُويان ٿي پُٽن
صُمٌّ بُكمٌّ بات ٻي. سي كڏهن كانہ سٽن
ڳَهيا ڳوٺ ڳُٽن. ٻرُ تَني كي ٻانڌُ ٿئو.

(٨)

ڏيرن ڏانه نہ ڏوهہ. هيءُ قلمَ كَم كرائيو
جيكي لكيو لوح. سو موتي كَنهن نہ ميٽيو.

(٩)

ڏوهُ نہ ڏيرن ڏانه. هيءُ قلمَ كم كرائيو
كَيُمِ آه الله كي درد منجهاران دانه
ٻاروچي كي ٻانه. منهنجي مِيٿاقان مِلِي.

---

(١) اصل: ايهم

(۱۰)

سُونُهان سَگِرَ ساهُرين، اَسونُهان هن جاءِ
سُتِي سوز فراق جي مون کي ڏني ماءِ
ڪاڪيون هي ڪِياءِ، پيو فلڪ فراق جو.

(۱۱)

سونهان سَگِرَ ساهُرين، اَسونهان تِي هِت
ويو ڪوپَهارو نڪري، چُڪي چوري چِت
جانبُ منهنجو جِت، هلڻ تتي حق ٿيو.

(۱۲)

سونهان سَگِرَ ساهُرين، اسونهان هن ماڳ
ڦوڙائي فراق جي لُڏَ لُڏَ لَمِي آڳِ
جدائيءَ جو داڳ، ڏنو هوت هٿن سين.

وائي

آءُ وري، تو رِءَ مون نہ سِري،
منهنجا لال ٻاروچا هوت

۱. اندر آڙه عشق جا، ٻارڻ پيڙا ٻري
منهنجا لال ٻاروچا هوت

۲. ڪنديس دانهہ درد مان، ڏونگر پوندا ڏري
منهنجا لال ٻاروچا هوت

۳. ڳالهہ پِريان جي ڳجهہ جي، پاڙيچون نہ پَري
منهنجا لال ٻاروچا هوت

۴. غلام محمد غم ۾ ڪولي دوست دري
منهنجا لال ٻاروچا هوت

داستانو يارهون

(١)

مُحبَ مُحِيّطي مامِري، آءُ جُزي منجهہ جَهان
ڏوريان ڏوريو نہ ٿئي جبل جو ميدان
نَہ لافِينِدِي كيترو مُٺي سين مِهراڻ
جي دوست ڏياري دان، تہ اوڏاهين اوڏي ٿيان.

(٢)

محب مُحِيطي مامري، آءُ جُزي جوءِ ٿياس
چڏي پاهت پرينءَ جو پَري ٿي پيياس
جي وري وَصُلَ واس، تہ آءُ اهائي هو ٿيان.

(٣)

نِيہَ نمازي آئيو، منهنجي مَنِ ماتام
وضُو ساريم ويسرو، تپش تَن تمام
كيڏهن كِيان قيام، پِرين پُركَاري ٿئو.

(٤)

پَري ٿي پُركار، پرين پراهون مَ چؤ
”وَنحَنَ اَقرَبُ اِلَيہِ مِن حَبل الوَرِيد“ دم نہ ٿئي ڏار
لَئُ لَئُ وٺان وار، وَر وِلهائِي نَہ كَري.

(٥)

وَرُ وِلهائي نہ كَري، پَلُ پراهون پِيءِ
مون كي وڏو مامِري آٿي جُسي جيءِ
جي ساڻ نہ هجن هِيءِ، تہ ’هِي‘ مڙوئي ’هُو‘ ٿئي.

(٦)

پَل پَراهون نہ ٿئي، پرين منجهہ پَساه
جيڏهن ڏسان لاه، تيڏهن آڏا سپرين.

(٧)

ڪَڪرُ ڪويَهارو ٿيو، آءٌ ڪَلَر ڪاري روءِ
وَسڻ واهُوندنِ جِينَ ڪَمُ نہ ڪَٿِي هُوءِ[1]
تان مون منجهان بوءِ، اچي ڪانہ ڪڪن جِي.

(٨)

ڪڪر ڪويَهارو ٿئو، آءٌ ڪَلر ڪاري رنگ
وسي واهُوندن جٿن ٻاروچي جو ٻَنگ
سندا سُورن سنگ، منه ڏيئي مون موريا.

(٩)

ڪَڪ ٿئين تان لَڪ لهين، ٿي وچولِي وَس[2]
پڇج ڪِيمَ پريتَٽو، نڪو ڏونگر ڏس
چڙي گِسي گَس، ويجهي ٿي وصال ڪي.

(١٠)

اَچا سندن ڪپڙا، ڪيچي ڪَن نَہ ڪيس
سيني سُونهَہ سُونَهارِيُون، مٿي مُنه مَهيس
لالائي لَبيس، اصل آريچن جو.[3]

(١١)

اچا سندن ڪپڙا، ڪيچي ڪيس نہ ڪن
لالائي لِڱن جي، سهڻا سونَ وَرَن
ڪي وِرِسِي وينيون ويسريون، صحيح سجاتا ڪَن
جيرا جاءِ نہ جَن، پنهون سي پسنديون.

(١٢)

اچا سندن ڪپڙا، ڪيس نہ ڪن ڪيچي
ٻَنِّيا وارَ وَرَن سين، پيچ مٿي پيچي
هِنَيَڙي جا هيچِي، هتان ڪالهہ ڪَهِي ويا.

---

(١) اصل: ڪَمُ نَڪَرِيَ هُوءِ
(٢) اصل: لڪت موجب "ڪڪ ٿيي"
(٣) اصل: لعلائِي لَبِيس

(١٣)

موٽ مران تي سپرين، مِرُون مارا مون
"اَلاِنْسَانُ سِرِيْ وَاَنَا سِرّهُ". صحي سڄڻ تون
لُؤن لُؤن منجهان لُؤن، سُڏِکي ڪَيان سَڏڙا.

(١٤)

موٽ مران تي سپرين، مرون تا مارين
رَهِي رَمَهُ رِڄَ، سيجَاهُو سارين[1]
وَلَر ڏي وارِين، چانگان چِڻي چيڪَڙِي.

(١٥)

چانگان چِڻي آهِيَان، مِرُن مُنَهَ پيياسِ
مَوَاسِي تي آئيا گِرِي گُرگ گواس
هِن رتولي روه ۾ نَڪو ڪن قياس
ڇڏائي نِئي چانگ ڏي پرين پنهنجي پاس
مانَ مُنيءَ جو ماس، ڪِينِ ڪتا هٿ ڪيچ جا.

وائي- ’چيز‘

ساٿي مون سٺاءِ، پانڌي مون ٻڌاءِ
ڪا پريان جي ڳالهڙي
١. مون کي مون پرين جا گهَٽَ ۾ گهاتا گهاءِ
ڪا پريان جي ڳالهڙي
٢. وِجي ڪينِ وُجود مان، سندن سرهو ساءِ
ڪا پريان جي ڳالهڙي
٣. جانب بِنا جڳ ۾ جيئڻ نہ مون جڳاءِ
ڪا پريان جي ڳالهڙي
٤. غلام محمد غم ۾، محب اچي ملنداءِ
ڪا پريان جي ڳالهڙي.

(١) اصل: "رَمَهُ رِنجَ ۾"

داستانو ٻارهون

(١)

ٻَن ٻيائي ٻانهَہ، جا ڏائي پاسِ لُڏِي هَلي
نالو جَني نانهہ، نيہُ تَني جو نِجهُرو.

(٢)

وک وڏندي پاءِ، هَل هِنيين سان هوت ڏي
تون اوراهُون تي رهين، پنهون پنهنجِي جاءِ
لوڻِي تنهنجي لاءِ، مِرُون پيا مامِري.

(٣)

هل هنيين سان هوت ڏي، لاهي لِيَا لَڏَ
سي تو ساٿي نہ ٿيا جي هئا گوڏي گڏ
مُڻِي مورک مَڏ، وکو پاءِ وڏنديون.

(٤)

وِکون پاءِ وڏنديون، لَک لنگهندِي هَل
هي جا سک سرير جي کِيَمَ کنهين سان سَل
جانب کارڻ جَل، تہ وصل کي ويجهي ٿئين.

(٥)

روهن مٿي روه، ڏوريان ڏوري نہ سگهان
سو مون ميٽيو نہ ٿئي، جيڪي لکيو لوح
سُوره جي سَتوه، لِڳ مُنهينجا لوڏِيَا.

(٦)

ڏونگر ڏڏِي آهيَان، سائرَ سُڏ نہ ڏين
وجهي وَراکن ۾ معذوريون مارين
پَل پَراهُون پِيَنِ، تہ پَسڻ ٿئي پِرينءَ جو.

(٧)

ڏونگر ڏڏي آهيان، سائرَ سارو ڏينهن
وُنا مون معذور تي ڦوڙائي جا مينهن
عشق شَمائل شينهن، مُنه ڏيئي مون موٽيو.[١]

---

(١) اصل صورتخطي ذرا ميٽيل: شايد ائين

(٨)

ڏونگر ڏٽي آهيان، سائرَ تا سارين
آڏا ڏيـل ڏكـيءَ كي وَر ڏيئي ولاڙين[١]
لُؤن لُؤن لتاڙين، سُوري چاڙهي سِسِيُون.

(٩)

جُويا جوءِ كَريج، پنهونءَ كارڻ پٻ ۾(٢)
سِسي ڏڙان ڏار ڏري، پوءِ پيبر پَريج
كيچان اوري كاف ۾ وري تان نہ وَريج
سائِي سِڪ سَريج، جنهن سان پسين پرينءَ كي.

(١٠)

چِڏ جُويائي جوءِ، تي جُويائي جَڳ ۾
جيڏهن پَہُ پَرُوڙئين تيڏهن هوت نہ هوءِ
تيلاهُون تَكُون كري رندن مٿي روءِ
لالڻ سندي لوءِ، پاءِ وِكون تان پَهُچئين.

(١١)

ڏونگر ڏورڻ ڏاكڙو، كُبِيلائِي كَمُ
هيكل جي هَلَنديون پَيجي تَن پَرَ مُ
جَني لڄ شرمُ، سونهان سي پڇنديون.

(١٢)

سُونَهين سَوا سُجَ ۾، جَبل جايون جاڙ
چيتا چَهُكَن چِٽَ ۾، مَمُون ماڳ مَواڙ
واٽون وَرَ آواڙ، اَسُونَهِن سِرِ آئيا.

(١٣)

اَسونهن جي آسري پورِي پَڌُ مَ بار
متان رهيـن رِڃَ ۾ چيري ڏيـن چَمار[٣]
مٿي تو ميار، آهي آريچن جِي.

(١) اصل: ورڏي ولاڙين
(٢) اصل: جويا جوءِ
(٣) اصل: رهي رڃ ۾

(۱۴)

اَسُونهَنِ جي آسري پورِي بارُ مَر بِدَ
سلڻ سک سرير جي سا سَپائي سَدَ
اندر اڏو اڌ. کري هلج هوت ڏي.

وائي

چپر چڏ مَر چوري، منهنجا لال پاروچا
منهنجا لال کويهارا

۱. پينر هن پنپور ۾، هي برهمڻ پوري
منهنجا لال پاروچا....

۲. جانب کارڻ جيڏيون، ٽيندس ڏونگر ڏوري
منهنجا لال پاروچا.....

۳. اٿـر هوت پنهونءَ جي، هِيَنڙي اندر هوري
منهنجا لال پاروچا.....

۴. غلا محمد هوت جي، آهيان ٽريلڻ ٽوري
منهنجا لال پاروچا.....

داستانو تيرهون

(۱)

پنهون پاڻ سجاڻ، عيبنِ پَري آهيان
مون تان کارُون نہ کيون کويهارا تو کاڻ
هُيَسِ جَني ساڻ، سيئي ٽِيبرِ سامُهَان.

(٢)

ڪا مَ هَلي ڪا سرتيُون مون سان تي پيري[1]
اڳيان سخت سفر جي وائي وَڏيرِي
وره جَن ويري، هاڙهي سي هلنديون.

(٣)

هاڙهي جي هلڻ جو هوتن هُل نہ هو
ويو ڪويَهارو نڪري تيس جَرِيدِي جوءِ
بانپڻ جو پروچ سين، سگُ نہ سِياڪو
وَر لَئہ وَراڪو، چُلي ڏينديس چِپَرين.

(٤)

هاڙهي جي هلڻ جو، هوتنِ هو نہ هُل
ڪاهي ڪرها ڪيچ ويا ڪين چِڏيائون ڪُل
آهي ماٺ اَمُل، جي مون سرتيون[وِسَهو][2]

(٥)

هاڙهي هَلٺهارِيُون سِرِن سَويريون
ويهي اَويريون، پُرِي سي نہ پُجنديون.

(٦)

هاڙهي سي هلنديون جيرا جاء نہ جَن
اندر آلا اُن جا، پرزا ڪيا پرين
سي مَرُ سعيو ڪَن، سُرَهي هِن سفر جو.

(٧)

هاڙهي سي هلنديون جاءِ نہ جَن جيرا
ووڙينديون وٹڪار ۾ پرينءَ لَئہ پيرا
دوستن جا ديرا، پِهرِين سي پَسَنديون.

---

(١) اصل: پيڙي
(٢) اصل ۾ هت لفظ ڪٹل آهي

(٨)

هـل تـ هاڙهو مَٽِيئين، پوري چـڏ پنپور[1]
ٻَڏي سندرو سڪ جو اُتي ڏونگر ڏور
هي هُلاچا هور، آڏا آريچن ڪي.

(٩)

هل تـ هاڙهو مٽئين، پوري ٿي بيرُونَ
اوري آري چام ري ڪُئِ پيون ڪيرون
هِنَيَڙي جون هيرون، پاسي ڪن پريتٽو.

(١٠)

هل تـ هاڙهو مٽئين، جتي پاڻ پنهون
مر تئي جيءُ جهُنُونَ، پِٺُ پِٺُ ڪندي پنڌ ۾[2]

(١١)

هل تـ هاڙهو مٽئين، جتي پنهون پاڻ
چُلي پوءُ چپر ۾ ڪويَهاري جي ڪاڻ
سونهون ڪٽج ساڻ، تـ اَسُونُهِينَ ساٿ مِڙين.

(١٢)

ڏنو چو نـ سسئي تو سانباهو سيٽَنِ
هوند ڪِيئُي دانهہ درد مان ڪَل پيئي ڪيٽَن
وِداع جي ويٽن، وَر ڪي وِلَهاڪو ڪِيو[3]

(١٣)

ڪر سانباهو سسئي، سيڻ ويا ساجهُر
جنهين لاءِ لِيَا ڪَرين سا دولابي ڏُر
پِريان پاسي پُر، تـ پَهُچين ڪَنڌِيءَ ڪيچ جي.

---

(١) اصل: 'هاڙهو مٽيي'
(٢) اصل: پيءَ پيءَ
(٣) اصل: ائين

(۱۴)

ڪر سانباهو سسئي، ساجهُر سيڻ ويا
لاهي هليا لوڪ مان لاڳاپن ليا
وجي تت پيا. جت پَهُچ پيرنِئان نہ ٿئي.

وائي- ’چيز‘

[مونکي]مــن ۾ آهي، ڪا پريان جي ڳالهڙي
مون پريان جي ڳالهڙي
۱. سانديان سا سرير ۾، سيني سانباهي
مون پريان جي ڳالهڙي
۲. پڇان مانَ پرين ڪي، ڪاڪيون اُت ڪاهي
مون پريان جي ڳالهڙي
۳. پسان پير پنهون جو، لڪ مٿان لاهي
مون پريان جي ڳالهڙي
۴. غلام محمد غم جو، ڏس ڏنو ڏاهي
مون پريان جي ڳالهڙي

داستانو چوڏهون

(۱)

ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو، سورائتِين سُڌ
سُورن سِوا سرِتيون ٻئن کهڙي ٻُڌ
جئن سا ڏهي ڏُڌ. تئن اندر مون وِلاڙِيو.

(۲)

ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو، ڏُکويون ڏورين
تَسَبِيَحُون تَسَلِيم جون چپ اندر چورين
هِنَيَڙي منجهہ اورين، ڳُجهَہ پِريان جِي ڳالهڙي.

(٣)

ڏونگر ڏکوئن تان، وچو ڏُور هَنْي
ٿيو پوءِ پٽي، تہ پَسان پير پنهونءَ جو.

(٤)

ڏونگر ڏکوئن کان هَنّي ڏور ٿيو
منهنجو پيچ پنهونءَ سين ميثاقان پيو
لُوءَ لُوءَ منجهہ لِيو، پائڻ آيو پِرينءَ لئي.

(٥)

ڏونگر ڏکوئي کان هٽي ٿيو ڏور
ڏسان وڻ وٽکار جا، جتي هوت حضور
درماندي کان دور، در نہ ٿئي دوست جو.

(٦)

پيا چاڪَ چِکي، مون کي مون پرين جا
نَمِي لايم نِيهَڙو سجڻ ساڻ سِکي
هئي کا ڳالهہ لِکي، ڦوڙائي فِراق جي.

(٧)

چِکي چاڪ پيا، مون کي مون پرين جا
هيءُ جو فَلَکُ فيراق جو کاکيون پئو کئا
ٿيم سُور سِيَا، سارينديِ سَرير ۾.

(٨)

چِکي چاڪ پيام، مون کي پرين جا
وَڏي وِره ورُون ٿيا اديون منجهہ اَنْدام
طبيبن تمامَ، سُڌ نہ لڌي سور جي.

(٩)

چِکي پيا چاڪ، مون کي مون پرين جا
آٽي سورن سڪ جي اندر کئي اوطاق
وهي ٿي وجود ۾ هَي هَي سندي هاڪ
چِنا سَگَ سِياڪَ، آيَل عِلاجن جا.

(۱۰)

ڪاڪيون ڪو ڪيچا، آيم ساٿي ساٿ جو
سُڪياٽي سَرير ۾ ٿيس تَنه ويرا
”فَاذْڪُرُونيَ اَذْڪُرُ ڪُمۡ“، نت نت نياپا
سندو صحبت ساء، ڪن اَسارَن وِسري

(۱۱)

ڪاڪيون ڪيچا ڪو، آيم ساٿي ساٿ جو
لاٿائين لُطفَ سين لُؤن لُؤن اولاڪو
سو ئي سِياڪو، سو ئي ساه سرير جو.

وائي

لِڱن لالائي اَلا لائينّدياس لَڪن ۾
۱. ٻولي ٻاروچن جي وات اٿم وائي الا
لائينّدياس لڪن ۾
۲. ڏيندم هوت پنهونءَ جي وڻ وڻ واڌائي اَلا
لائينّدياس لڪن ۾
۳. ڪاهي وينديس ڪيچ ڏي، جيءُ وٺي جائي اَلا
لائينّدياس لڪن ۾
۴. ٿينديس در دوستن جي ڏوٻياٽي دائي اَلا
لائينّدياس لڪن ۾
۵. غلام محمد غم ۾ جيڪس آئون چائي اَلا
لائينّدياس لڪن ۾

داستانو پندرهون

(۱)

پنهوران بيرُون، ويو ڪويَهارو نڪري
اوري آري چام ري ڪُٺہ پيپيون ڪيرُونَ
دوست بنا ديرون، تو نہ مناسب سسئي.

(٢)

پيئر پنہوران، مون تازا سور پرائيا
ڪَرها ڪاهي ڪيچ ويا زابر ٽي زوران
ساد سِسي گهوران، ڪري هلنديس هوت ڏي.

(٣)

ٽيو سانباهو سڄڻين، آءُ سُتيسِ سَويرِي
وهڻ وِيلو وچ ۾ وَرَ بنا ويري
صحبت سپيرين جي پيئر ٽي پيرِي
دم دم دَليرِي ڏيندم ڏٽي ڪيچ جو.

(٤)

الله ڪارڻ اوٺيا، وجو ڪِيمَ پَري
ڏسي ڏونگر ڏاڪڙا ڏکيءَ ڏيلُ ڏري
ساعت تان نہ سَري، پنڌ پيرنِشان نہ نبري.

(٥)

پنڌ پيرنشان نہ نبري، پاسي پَرِ پيئِي
ڏکيءَ ڏينه وجائيا، ڏونگر ۾ ڏيئي
لڳي لُوتَ لِباس جِي لُوءَ لُوءَ ۾ ليئي
پَري جا پيئي، سا سميٽيو سپرين.

(٦)

پنڌ پير نشان نہ نبري، پاسي پَر پياس
اندر اُٽتڻ هوت جي لُوءَ لُوءَ لڳي لاس
ڪنه پَر پڇان پرين کي، وَسان ٽي وييِاس
روحَ نہ رهي راس، پيئر هن پنہور ۾.

(٧)

الله ڪارڻ اوٺيا، پَري ڪِيمَ وجو
مُني مون معذور جِي منٿ ميڙ مچو
ڪو دم دوست پَچو، تہ سَويرِي ساٿِ مڙان.

(٨)

الله كارڻ اوٺيا، ڪَرَها مَ ڪاهيو
اَسُونّهِينَ ڪي سيج ۾ آسانگو آهيو
پاند نہ مون لاهيو، لَوَلاَڪِيَ لُطفَ جو.

(٩)

الله كارڻ اوٺيا، ڪاهيو مَ ڪَرَها
وارُو وَرُ وٺي ويا ساٿي تِي سَرَها
مُنّي مارڻ آئيا بلائون بَـرَهَا
ٿَڪيءَ تي ٿرها، وارِيءَ جينءَ وَرِي ويا.

(١٠)

الله كارڻ اوٺيا، ليڙا نِيو مَ لَس
اچي پِيَسِ پٿرين گَسُ ڪري ويا بس
هلي ڪَونہ لکن ۾ ويچاريءَ جو وس
پنهون چام پهَس، پهُچ تہ پَري نہ پَوان.

(١١)

الله كارڻ اوٺيا، لاڙيجو ليڙا
اچي ٿيو بَرَن ۾ پُلي سين پيڙا
پيا جڏيءَ جي جيء ۾ جبل جا جهيڙا
مِرُن جا ميڙا، مُنّي مون مَعذُور تي.

(١٢)

الله كارڻ اوٺيا، ليڙا لاڙيجو
چنو ڪيمَ چپر ۾ پاهت پاڙي جو
هلڻُ هاڙي جو، هوت بنا مون نہ ٿِيئي.

وائي

پنهل جا پيرا، آلا ڏسان شال لکن ۾
١. لڳي باهہ برہ جي، پرن ٿا پيرا
الا ڏسان شال لکن ۾

۲. ڏوري ڏسنديس ڏونگرين، دوست سندا ديرا
الا ڏسان شال لڪن ۾

۳. ڏور ڏونگر ڏيه جو، ڏيئي ويم ڏيرا
الا ڏسان شال لڪن ۾

۴. غلام محمد غم ۾، محب ڪندم پيرا
الا ڏسان شال لڪن ۾

داستانو سورهون

(۱)

نڪو اُٺ پَلاڻ، نڪو وَهٺُ وِلهيءَ ڪي
نڪو سمر سڃ جو، نڪو سؤدو ساڻ
اتي پنهون پاڻ، اچي پَهُچ پيادِيين.

(۲)

ڏِسي ڏونگر ڏارَ، ڏري ڏيلُ ڏُکيءَ جو
جاڏي هن جبل ۾ چيٽنِ جي چَهُڪار
مــرُون مــڙي آئيا چُڪيءَ ڪــي چؤڏار[1]
ڪيچ ڏٽي ڪويَهار، موتَج مون معذور تي.

(۳)

جَتن مون سِين جي، جاڙُون ڪيون جيڏيون
پنهون نيائون پاڻ سين حب ۾ چَڏي هي
هاٽي ڪنهن سان ڪي، ڳُجهَ ڳرِهينديس ڳالهيُون.

---

(۱) اصل: چهدار

(۴)

جت مُنيءَ سان جاڙ، ڪالهہ ڪري ويا ڪيچ ڏي
آڏا ڏونگر لَڪيُون پَري پنڌُ پهاڙ
واٽون وَرَ اَواڙ، ڏاهَہ ڏورِينديِ ڪيترو.

(۵)

جَت ڪري ويا جور، جيءَ جَڏيءَ سان جيڏيون
اٿم هوت پنهونءَ جو هنيَڙي اندر هور
ڪاهينديس ڪوه ڪاف ڏي چِڏي هي پنيور
آرياڻي آتور، وچ ۾ ٿيندو واهَرو.

(٦)

جت ڏيئي ويا مَت، مُني مون معذور کي
”اَلنَّومُ فِيِ کُل لَيَال“ اها ٻُڌلي ڳَت
تيلاهون ٿي تت، رُئان ڪارَڻ جي.

(۷)

جَنهِ سِر جامُ سُوار، تَنهِ مَيي مارِي آهيان
وڃي پهتو ڪيچ کي قافلو ڪويهار
مون پيادي پار، کهڙو ٿيندو ڪاف ۾.

(۸)

اوري جي وٽڪار، ڏسان ساٿ سڄڻ جو
ڏاڳها سپئي ڏائيَان ڏيئي وَڙيڪا وار
نيٽان نِيرا نار، هاري مِلان هوت کي.

وائي

ڏونگر ڏيرن ساڻ، سي آءُ ڏيهَ ڏورِينديِ وڃان
۱. گهوري آهيان جن جي، ڏسان سي سَرواڻ
آءُ ڏيه ڏوريندي وڃان
۲. ”لاتَخَافُوا فِي طرِيَقيِ“ پريان جا پَرياڻ
آءُ ڏيه ڏوريندي وڃان

۳. چُلي پيينديس چِپَرين، ڪاڪيون ڪيچن ڪاڻ
آءُ ڏيه ڏوريندي وڃان
۴. وڃي ٽيينديس ڪيچ ۾ دوستن جي دَرواڻ
آءُ ڏيه ڏوريندي وڃان
۵. غلام محمد مُنڌ ڪي مُرسل مِيرَ اُماڻ
آءُ ڏيه ڏوريندي وڃان.

داستانو سترهون

(۱)

ڪَهان تان ڪوهه ڪاف، وِهان تان وَر وارِيُون
آڏا ڏونگر ڪَہَ گهٽي، جاڏا جبل جاف
جَني زير زَراف، لحظي سي لنگهنديون.

(۲)

وَرَ وَڏا واري، ڏونگر ڏوريو نہ ٿئي
آئون پيادي، پنڌ پري، جبل جَباري
اوراهون آرِي، آءُ تہ اولِي نہ ٿِيان.

(۳)

ڪويَهارو ۽ ڪيچ، ٻَئي ڏکيءَ ڪان ڏور ٿيا
نہ مون محبت من ۾، نہ پريتاٽو پيچ
هَڏ نہ هِنيُون هيچ، ڇا سين ڏونگر ڏوريان.

(۴)

هلڻ ۾ هورِي ٿيان، جي هوت حِماتي هوءِ
وَرَ بنا هن بَرَ ۾ جَڏي آهيان جوءِ
نہ مون ڪرهو ڪوءِ، نہ مون ساٿي ساٿ جو.

(۵)

آءٌ اوراهين تي رَهان، ڏير ڏسَاٽا ڏُور
وچي پهتا ڪيچ ڪي پرين پَهري پُور
مون جيهيون معذور، روَه رَهائي ڇڏِيون.

(٦)

رُٺان تان رُوحُ راس، ڪِولان تان ڪُورو ٻَري
اندر درد اُداس، سدا سُپيرين جي.

وائي

مون ڪي آتڻ آڇ مَر ماء، آءٌ هلندي هوت ڏي

۱. ڪاهي ويندس ڪيچ ڏي لوچي لالڻ لاءِ
آءٌ هلندي هوت ڏي

۲. وَرِي مانَ وصال جو، والِي واري واءِ
آءٌ هلندي هوت ڏي

۳. پينر هن پنيور ۾ منهنجو ڪونهي سَنگ سياءِ
آءٌ هلندي هوت ڏي

۴. غلام محمد محب بنا، جئڻ مون نہ جڳاءِ
آءٌ هلندي هوت ڏي.

سر معذور

داستانو پهريون

(١)

اُتي اُسَہَ سسئي، ويھہ مَ وساري
چپُاتا چُري ويا، آڏيءَ اُتاري
ڪيچي ڪِناري، وڃي لڳا ڪيچ جي.

(٢)

اُتي اُسَہَ سسئي، سُمهڻ مان ساڙو
هوت لنگھيو هاڙهو، تي نيا ڳي ننڊرون ڪرين.

(٣)

هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پڇن شال پساه
مَري تان مانُ لَهي، هي جُسو ۽ جاه
اَديون اونده آه، بُري هن پنيور ۾.

(٤)

پينر هن پنيور ۾، هاٽي وِهان ڪيئن
جانب جيئڻ سيئن، نِيرَ وڌو نينه جو.

(٥)

لاهي ليا لڏ، پوري هن پنيور مان
جنه ۾ گوندر گڏ، قوڙائي فراق جا.

(٦)

اوني رات اُتي ويا، جيڏيون ڪري جاڙ
ور وني مون واٽ ٿيا، تاڪيون پيچي تاڙ
ڳوڙها ۽ ڳاڙ، آيا موتي منه ۾.

(٧)

ووڙينديس وٺڪار، ٻڌي سورنِ سندرو
ڦوڙائي فراق جو اندر انڌوڪار
ڪنديس ڪونہ قرار، ڪيچان اوري ڪاف ۾.

(٨)

ڏکا ڪيمَ ڏيکار، ڏونگر ڏکوين کي
تو وٽ اورڻ آئيون ويچاريون لاچار
تَني سان هيڪار، ڪوڙين ڪِجن ڪُرمُشون.

(٩)

ڏونگر ڏکوين کي ڏجن دلاسا
پوري ڪجي پرينءَ سين آسائتن آسا
پهٽن سان پاسا، تون پيري پيچي اُن جا.

(١٠)

ڏونگر ڏکوين کي تو ڏکا ڏيکارين
معذوريون مارين، وجهي وَراڪَن ۾.

(١١)

ڏونگر ڏکيا ڏينهڙا نہ هميشہ هوندا
نکي فَلڪ فِراق جا پرديسن پُونَدا
هوندن تي هُوندا، لاڳاپا هِن لوڪ جا.

(١٢)

جبل تو جاڙون ڪرين، آڏا ڏيئي لَڪَ
ويندي هي پَلَڪَ، لنگهي لحظي وچ ۾.

(١٣)

جبل هُجي جس، توکي پرديسن جي
تُراري تِرَ جيترو ڪرين ڪونہ ترس
جي هجي منهنجي وَس، تہ توکي پاڙان پٽِيان.

وائي

سي مَر رويو رُونِ، جن جا مسافر سپرين وو
١. اندر آڳ انهن کي، ٻاهر ڪنهن کي نہ چُونِ
جن جا مُسافر سپرين
٢. عشق وارن جون جيڏيُون، پيئيُون پچارون پُونِ
جن جا مُسافر سپرين
٣. ڏوه ڪنهن کي ڪونہ ڪو، ڪَيو ڪينڪين مون نہ
جن جا مُسافر سپرين
۴. غلام محمد حَبَ ۾ مانَ مُنٺيءَ جا هُونءِ
جن جا مُسافر سپرين

داستانو پيو

(١)

سَنبُرَندي پنيور ۾ لڙي سج ويومِ
آڏا ڏونگر لڪُيون، پيرين پنڌ پيومِ
لوحانَ هو لکيومِ، هي ڪشالو ڪيچ جو.

(٢)

سنبرندي پنيور ۾ سج ڪيو لاڙو
هڪ وراڪا واٽ جا پيو مُنه سامهون ساڙو
آهي اَوارڙو، ويهڻ وَراڪَن ۾.

(٣)

سنبرندي پنيور ۾ لهي ويو سج
قاصد قريبن کي نيئي نياپا ڏج
چِنان ڪيمَ چڏج، هيٺيءَ کي هِن حَبَ ۾.

(۴)

سنبرندي پنهور ۾ ويو سج لهي
ڪري ڪشالا ڪاف جا، ويندي‌س ڪيچ ڪهي
پرينءَ ساڻ پهي، ڳجه ڳرهينديس ڳالهيُون.

(۵)

لٿي سج لَڪن تان رَتو رَتائين
جاني جتائين، وَيجي اُٿو اوڏهين.

(۶)

لٿو سج لَڪن تان، رتو ڏيئي رنگُ
ڪويَهاري جو سنگُ، نهاريندي نہ نِبري.

(۷)

لهي سج لَڪن تان، ڪري ويو رات
پُٺِس مُنه مِرُن جي، واسِينگاٽي وات
هَي هَي آهي هات، هاٽي هوت پنهونءَ ري.

وائي- 'چيز'

هَيَ هَيَ آهي هُوءِ، هاٽي هوت پنهونءَ جي
۱. ڏسان شال اکين سان، وَيجي جتن جي جُوءِ
هاٽي هوت پنهونءَ جي
۲. چونديس عرض عجيب ڪي، هلي روءِ بروء
هاٽي هوت پنهونءَ جي
۳. ماري ٿي معذور ڪي، پنهل جي پابُوءِ
هاٽي هوت پنهونءَ جي
۴. غلام محمد حُبَ مان ڪَرُ نہ ٿئي شل مُوءِ
هاٽي هوت پنهونءَ جي

داستانو تيون

(۱)

ڪچي ڪوڙي اصل کان ذات زالاٽي آه
رُونديون ڏٺم ڪيتريون رَنون مٿي راه
اديون سپ اونداه، وارث ري هن واٽ ۾.

(٢)

وَرُ وسيلا واهَرُو، هيڪَلڙي آهيان
اَڻَ سونهين هِن واٽ جي، ڪيڏانهين ڪاهيان
سينو چا ساهيان، جاڏي هِن جبل ۾.

(٣)

نَڪا حُجَ هلڻ جي، نڪا هَلي هوڏ
مُني مون معذور تي لَڪن لائي لوڏ
ڪَنه سان ڪيان ڪوڏ، هاٺي هوت ٻروچ ري.

(٤)

پيڳي حُجَ هلڻ جي، لڪن تان لُڏياس
پَهُچ، پيرن چِڏيو، چاڙهيڪن چُڪياس
جانڪينتان جينڊياس، هلنديس هوت پنهونءَ ڏي.

(٥)

پيڳي حُجَ هلڻ جي، چِپن چِنا پير
هڪ وراڪا واٽ جا، ٻئا لَڪَ اَلڪا سير
ڪري لال اُلير، پَـهُچ اچي پبَ ۾.

(٦)

پيڳي حُجَ هلڻ جي، وئا وسيلا
ويچاري وٺڪار ڏي ڪيا هيڪلڙي حيلا
رهبر رسيلا، سگهو رسج راه ۾.

(٧)

هلان هلي نـ سگهان، ويهان وري ڪيئن
مون ڪي مرڻ سيئن، هلڻ گهرجي هوت ڏي.

(٨)

هلان هلن نـ سگهان، تڪي تئسِ بَس
بنا هوت پنهونءَ جي روح نـ اچي رَس
جبل توڪي جَس، تو جڏِي سان جاڙون ڪرين.

(٩)

آءٌ پيادي پنڌ ۾، هو مَهرن مٿي مور
پيرين پڄي نہ سگهان، نڪو ساريان زور
ڇڏيندیس پنهور، جانب ڪارڻ جيڏيُون.

(١٠)

آءٌ پيادي پنڌ ۾، هو مَهرن مٿي مير
ڏسي ڏونگر ڏاڪڙا، پئي سَئچنو منجهہ سرير
صاحب رب بصير، مون ڪي پنهون ميڙيين.

(١١)

آءٌ پيادي پنڌ ۾، هو مَهرن مٿي مَل
هڪ وراڪا واٽ جا، ٻيو گوناگون جبل
ڪانہ پوي ٿي ڪَل، هن اڙانگي پنڌ جي.

(١٢)

آءٌ پيادي پنڌ ۾، هنن زير زَراف
پيرين پڄي نہ سگهان، ڏوري ڏونگر ڪاف
سُڪِي ٿيس سچ ۾، جانب ڪارڻ جاف
هلي ڪانہ ڪذاف، جاڏي هن جبل ۾.

وائي

آيا ٿِيَڙيُون شاديون، پينر هن پنهور ۾ وو

١. آءٌ وڃايان ور لائي پائي پلنگن گاديون
پينر هن پنهور ۾ وو

٢. اڇي ڏسو جيڏيون صورت صاحبزاديون
پينر هن پنهور ۾ وو
٣. جني ڏنو پرينءَ کي، سي کن پنڌ پياديون
پينر هن پنهور ۾ وو
٤. غلام محمد غم ويا، پُنيون مَنَ مُراديون
پينر هن پنهور ۾ وو.

داستانون چوٿون

(١)

ٻولي ٻُجهارات، ٻاري ٻلوچن جي
کونہ پروڙي کو پيو سا لطيفي لات
اُتي آڌيءَ رات، ور وٺي مون واٽ ٿيا.

(٢)

نکا آهوڙي هٿ ۾، نہ کوڏر کهاڙي
ويئي روئي رت ڦُڙا سورن جي ساڙي
آهي اَواڙي، وِنگِي واٽ وندر جي.

(٣)

ٽکر ٽاڪيو نہ ٽِپئي، نکا سونهپ سُڌ
نکا ٻُجهي ٻُڌ، ٻولي ٻاروچن جي.

(٤)

هَي هَي آهي هاءِ، هِنيون هوت هٽي ويا
ويئي هنجهون هاريان ٻاروچي جي لاءِ
پيم کونہ سماءِ، سُتي ساٿ اٿي ويو.

(٥)

ٻارڻ منهنجي من تي، ويو ٻاروچو ٻاري
جيئي جيري جَر جي تي اُلان اٽاري
گهايل ڪيئن گهاري، ويهِي ويلو وچ ۾.

(٦)

پنھون ڪاھ مَ ڪَرَھو، ڪري پوئواري
پيرين پڄي نہ سگھي منزلن ماري
واٽن جي واري، وِري ويچاريءَ تي.

(٧)

پنھون ڪاھ مَ ڪرھو، موٽي جھل مھار
آڏا ڏونگر لَڪِيُون ھيبتناڪ ھزار
ٽيان ٽي سنگسار، جاڏي ھن جبل ۾.

(٨)

چيتا چَھُڪارينِ، ھن رَتولي روھ ۾
مون ڪي ٽا مارينِ سينَبَاڪا سرير جا.[1]

(٩)

وانگِي ٻُجھي ڪونہ ڪو، ممون وُوءِ وُوَءِ ڪن
چيتا ٽا چَھڪن، ڏسي ڏيلُ ڏُڪيءَ جو.

(١٠)

واٽون ڪارا ڪڪرا، چِپُوٽ چنن پير
ھلان ھلي نہ سگھان، سورن لايا سير
پيو اُڪاري ڪير، بنا ھوت پنھونءَ جي.

(١١)

ٻاري ٻاروچو ويو، دونھان دُکائي
لئون لئون ۾ لائي، ٻاري ٻاھ ٻره جي.

(١٢)

ٻاري ٻاروچو ويو اندر ٻاري ٻاھ
سا نہ اجھامي ڪڏھن لُوءَ لُوءَ لڳي آھ
سرتيون سڪو ساھ، ڏسي لَھُہ لوساٽ جو.

---

(١) اصل: سينباڪا

(١٣)

اندر آتش عشق جي لُوءَ لُوءَ ساٿي
جيرا بُڪيون جان جون ڪاراٽيو ڪاٿي
آلــن ڪــي آٿـي، وجهي ور وجود ۾.[1]

(١٤)

اَڏا ڏونگر لڪيون، جبل گوناگُونِ
هونگارون مرن جون، پڙلا ڪَنين پُوَنِ
مان مُنيءَ جا هُوَنِ، اوڏا ڏير لڪن ۾.

(١٥)

چڙهي ڏونگر چوٽيئين ڪيان ڪوڪارون
موٽ مُٺيءَ جا سپيرين بُڌي ٻاڪارون
تو ريءَ هِت آرون، ڪونہ ميجي ٿو ڪو پيو.

وائي

ڏونگر ڏي ڪو ڏَس ميان، ڏُکي کي ڏيرن جو وو

١. وجن ويل ولهي کي، جاڳايو نہ جرس ميان
ڏکيءَ کي ڏيرن جو وو

٢. ڪاهي ڪرها ڪيچ ويا ڪري ڪونہ ترس ميان
ڏکيءَ کي ڏيرن جو وو

٣. وٺان تو کي لنگهيا، ڪري گَونرا گس ميان
ڏکيءَ کي ڏيرن جو وو

٤. غلام محمد غم ۾ سِرجن سُور سرس ميان
ڏَکيءَ کي ڏيرن جو وو

(١) اصل: اٿين (آندرن کي آٿي؟)

داستانو پنجون

(۱)

قصن قَساوَت، ڏني ڪاري قلب کي
رَمي رونق روح جي، نڪا صورت ست
نڪو لحم لڳن تي، نڪا رتي رت
مادر موڙهي مت، ڪنهن پر ڪاهيان ڪيچ ڏي.

(۲)

مون کي ڪادي ڪيچ جي ڪڍي وڌو پٽ
هيءَ سر گهوري گهوريان، ساه ڏيان پڻ سَٽ
لَکن سندي لٽ، ٿيَمِ ساه سرير جو.

(۳)

اَمڙ مَت مَ ڏي، مُنيءَ مون موٽڻ جي
ڪڻ فراسي، ويڙهه تڏو، تون پڻ هَل لڏي
جانب ساڻ گڏي، گوندر لاهيون دل جا.

(۴)

اَمڙ آڇ مَ مت، مُنيءَ مون موٽڻ جي
وسري ڪين وجود مان سندن سونهن سنگت
ڪيچين ڪارڻ ڪاف ۾ مُرَ رُلي ٿيان رت
ڳهلِي تنهنجي ڳت، جا تِي اُبتا آرَ ڪَرِين.

(۵)

شال لڳي تو نيهن، امڙ آريچن جو
وهَڻ وجيئي وسري، روئين راتو ڏينهن
مَحبت سندا مينهن، وسائيندي وَس مِڙين.

(٦)

عشق اگهاڙو آهه، ڍِڪي ڍَڪڻ وارئين
چَرين کي چوڏول ڏي، ڏاهن ڏکيا ڏاهَ
سُونهنِ کي ساچاهه، سانڍِڻ سُرهي سور جي.

(٧)

تَڪُون ڪندي تَپِيو ڏينهن مٿان ڏاڍو
مون کي وِرهن وڍِيو جيئن وڻ وڍي واڍو
قسمت جو ڪاڍو. ڪڏهن ٿيندم ڪيچ ڏي.

(٨)

تڪون ڪندي تپيو رائو رَمَلَ روهه
”قَيدُ اَلّمَاءِ اشَدَّ مِنَ اَلّحَدِيدِ“ لڳڻ لڳو لوهه
ڪوڙِي سک ستوه. ڪين رَساٽي ڪيچ کي.

(٩)

رمل روڪي ڇڏيو. جبل جاءِ نہ ڏي
ويو ڪويهارو نڪري گوندر منجهہ گڏي
سورن سک سڏي. ڏنو نياپو نيه جو.

(١٠)

رَمل روڪ ۾ مون. ڏيئي لڪ اَلَڪَتّا
نَمِي نِماڻيءَ سين نيڪ- نُما ٿي تون
تہ پنهنجو ڄام پنهون. سگهو ڏسان سڪ ۾.

(١١)

ٻُڏي دهليون دادليون. ڏونگر جو ڏهڪار
ماءِ پيءُ جن کي من ۾ سي ڪوه پڇن ڪويهار
سورن جو سينگار. ڪا ڪري هلندي ڪيچ ڏي.

وائي

هيءَ منزلن ماري. وَرُ ڪوهيارا ڪيچ جا
ور ٻاروچا ڪيچ جا

۱. هڪ ڪشالو ڪاف جو پيو واٽن جي واري
ور پاروچا ڪيچ جا
۲. آڏا ڏونگر لڪيون، بَرَ سُڃن باري
ور پاروچا ڪيچ جا
۳. ساريان ڪانہ سرير ۾، توري تڳا تاري
ور پاروچا ڪيچ جا
۴. چڏيو ڪين چپر ۾ دوست ڪري ڏاري
ور پاروچا ڪيچ جا
۵. هلان هلي نہ سگهان، آءُ اوراهون آري
ور پاروچا ڪيچ جا
٦. غلام محمد درد جو ويچ نہ ويچاري
ور پاروچا ڪيچ جا

داستانو ڇهون

(۱)

ساٿين سڏ ڪيا، سي نہ سُئا تو سسئي
هاٽي ڪيچ ڪِئا، پهچندئينءَ پنهونءَ ڪي.

(۲)

سندا ساٿين سَڏ، سي نہ سُئا تو سسئي
ساجهي سُتئينءَ سک تي، گوڙا ڏيئي گڏ
تيلاهون تو هڏ، ڏونگر تو ڏهيون ڪَري.

(۳)

سُتي تو وٿان، ساٿ سويرو لڏيو
سنديون سورَ سَٽان، سهہ سيني تي سسئي.

(٤)

ستي وتان توءِ، ساٿ سويرو لڏيو
اوجاڳو اکين کي ڏُکي چو نہ ڏنوءِ
هاٿي هَي هَي هوءِ، کوه ڪَرئين ٿي ڏونگرين.

(٥)

اوٺين اُٺَ پلاڻيا ساجهر سويرا
ڪرهن ڪَرَ متي ڪيا وڃڻ جي ويرا
پنهونءَ جا پيرا، ڪڻ تہ ڪوتي نہ ٿِئين.

(٦)

جان تون سجي هڏ، تان ڏونگر ڏوريو نہ ٿئي
پِٺُونَ پٽر گڏ، تہ پَسين پير پنهونءَ جو.

(٧)

پٽر متي پير، ڏُهلا ڏي مَ سَسئي
سندي هئڻ هير، ڇيهُون ڪِچ ڇپر ۾.

(٨)

ڏونگر ۾ ڏاڪا، ڏِسن ڏورڻ واريُون
هوندي هوت پنهونءَ سان، ڪوڙين مان ڪا ڪا
وِيندن جا واڪا، سي نہ سُئا تو سسئي.

(٩)

هي ڏونگر هِت هيٺ، هُو متاهان ٿي پَسان
اَکُٺُ پنڌ پهاڙ جو، ناهہ نهايت نيٺ
ڪاڪيون ڪڏهين ڏيٺ، ٿيندير هوت پنهون سين.

(١٠)

رائي منجهہ رهاڻ، آيم هوت پنهونءَ جي
وڻ وڻ ساڻ وروُنَهيَانَ، رُج ۾ رويو پاڻ
سرتيون سي سَرواڻ، ڏَوري ڏسنديس ڏونگرين.

(١١)

تي ساٿياڻي ساٿ جي، پوري چڏ پنيور
آڏا آريچن کي هي هُلاچا هور
ڏُکي ڏونگر ڏور، تہ پسين پير پنهونءَ جو.

(١٢)

جي هُجي تان نہ هوءِ، اُٿهونديِ هل هوت ڏي
متان پئجي پوءِ، ويهي وَر وِسارئين.

(١٣)

ساٿ اتاهون ٿو وڃي، جِت جاءِ نہ جانارن
نَڪو ڇيهُ ڇپر جو، اَنتُ نہ اوتارن
ڪَرَها ڪارڻ ڪَن، سونهان ٿيا ساٿ ۾.

(١٤)

لَڪَن مٿي لَڪَ، آءُ ڪيئن لڪ لڳهندي جيڏيون
ڏنا ڏونگر ڏوڙا، ڏڪ، ڏُکوئيءَ جي ڏيل کي.[١]

داستان ٻيون

(١)

جيڏهين جبل جاڙ، مون لَهُ لڳو تيڏهين
اَپر پنڌ پهاڙ جو، واٽون، وَرَ، اَواڙ
وِڏا وِيَڌ وِلاڙ، جيءَ منهنجي جيڏيُون.[٢]

(٢)

نِرتئون نهاريج، پُري پير پنهونءَ جو
ڏُوئي دَلالت جي، ڏُران مَ ڏاريج
تهان پوءِ ساريج، ڏيندءِ سجڻ سڏڙا.

(١) اصل: "ڏکوئي جي ڏيل کي ڏنا ڏونگر ڏڪ"

(٢) اصل: ائين

(۳)

حرف حڪايت حيف، تو سِر مٿي سسئي
اوڳي اڪڙين ڪي، ڪو جو ڏنئي ڪيف
سندي سورن سيف، جيرن ۾ جاري وَهي.

(۴)

تون حُجائتي هوت سين، هُت نہ حُجت هوءِ
مقابلو مردن سان، ڇا جڏي ڪندي جوءِ
حيف تنهين ڪي هوءِ، پاڻ مٿاهون جا ڪري.

(۵)

تون حُجائتي هوت سين، هٿ نہ حاج حُجت
"اَلاَعمَال بِالنِّيات" چوندا ويا جَت
سُتي سُورَ سُتَت، پئي پرايا سسئي.

(۶)

تون حُجائتي هوت سين، هُت نہ حُجت هاج
پارڻ پَهُ پريتٽو روهيلنِ رَواج
ڏورڻ ڏونگر ڏاڪڙو اِيَ ڏڪوين ڏاج
سورن جي سِراج، ٻاري هلج هوت ڏي.

(۷)

پوري هن پنيور مان ويا ساٿ لڏي
ڏوراپا ڏيرن ڪي ڏڪي هڏ مَ ڏي
تُنهنجي جيءَ جڏي، سُمهي سورَ پِرائيا.

وائي*

سيئي سُرها سير، جتي پير پنهونءَ جا
۱. ڏورو ڏونگر ڏيهہ جو ڏيئي ويڙا ڏير
۲. پينر هن پنيور ۾ پايان دوزخ دير
۳. غلام محمد محبن سان آهي هِنيَڙي هير

-----

* هن وائي جي مصراعن جي پويان ٿلهہ واري ورائڻي ڏنل نہ آهي.

سر ديسي

داستانو پهريون

(۱)

جهڙا ديسي سيڻ، تهڙا نہ پرديسي پرين
هو لڏيو پنهنجي ديس وڃن، هي نيٽن اڳيان نيڻ
سَتَر ڪاڏا ڪيڻ، جي ڏنو منهن محبوب جو.

(۲)

ديسي پرين ڪَن سندا، منهنجا پرديسي
ٿيندي سَ اَويسي، وڃهي جوڳ جتن لاءِ.

(۳)

وڃهي جوڳ جتن لاءِ ڏونگر ڏوريندياس
جانڪِيتان جيندياس، ٿيندي س گهوري گهوٽ جي.

(۴)

گهوريو جيئڻ جندڙو پرين پچاٽا
محل ماڙيون بنگلا پانيان تي پاٽا
آيُم اولاٽا، چَنيءَ پاس چَپَر جا

(۵)

هَلان هَلِي نہ سگهان، صبر سارو سُور
هڪ ڪشالو ڪاف جو پيو ديس پُڄهي تو دور[۱]
ماريس ان مذڪور، پيرين آءٌ نہ پُڄٽي.[۲]

---

(۱) اصل: ڏور

(۲) اصل: انهيءَ مذڪور

(٦)

صبر سهي نہ سگهان، نکو ساريان پنڌ
دوزخ پايان هَنڌ، پينر هن پنهور جو.

(۷)

نکا سونهپ سِڌ جي، نکو بورائو
نکا عينڪ اک ۾، نکو منهن ڪائو
ڪندو سڻائو، قادر پنڌ پهاڙ جو.

(۸)

نکا سونهپ سِڌ جي، نکو سونهون ساڻ
نکو ثمر سُڄ جو، نکو اُٺ پلاڻ
ڪيچ ڏٺيءَ جي ڪاڻ، ڇِلي پَوَنديس ڇپرين.

وائي

منهنجو ساه سدا تو ساري، آءُ اوراهون سپرين
۱. راتو ڏينهان سڪ ۾، رويو هنجهون ٿي هاري
آءُ اوراهون سپرين
۲. نيو نماڻي پاڻ سين، جيءُ جڏي جو جياري
آءُ اوراهون سپرين
۳. جيهي آهيان تهڙي، پيُس تنهنجي پناري
آءُ اوراهون سپرين
۴. پارڻ پيئڙو پرين سين، قول ڪيم جو ڪنواري
آءُ اوراهون سپرين
۵. تِر تفاوت نہ ڪري، قلم لکيو ڪُوڪاري
آءُ اوراهون سپرين
٦. غلام محمد درمانديءَ ڏي، واڳَ اچو وَرَ واري
آءُ اوراهون سپرين

داستانو بيو

(١)

اُٺَنِ ڪي ڪا اوٺيا، وجهو ڏاڻَ ڏهي
ڏُيَهرو ڏونگرِ ۾ ڪيو رات رهي
ڪَنهين ويل ڪَهِي، پُڄان مانَ پرينِ ڪي.

(٢)

اٺن ڪي ڪو اوٺيا، وجهو ڏاوڻ ڳچ
مُئي ماري ٿا وڃو من ۾ ٻاري مَچ
ڪونہ چوي ڪو سچ، لڳي ريءَ هن لوڪ ۾.

(٣)

لڪن تان لاڙي، ليڙا نيو مَ لُر
وَهي ٿي وجود ۾ سنڌيِ هوتن هُر
ڏٽي نيندا ڏُر، پورهيت پنهنجي پاڻ سين.

(٤)

جت زوراور ذات، ترس نہ ڪن تِر جيترو
ور وٺي مون واتِ، ٿيا، اُٿي آڏيءَ رات
وائي ڪيائون نہ وات، ڇُپاتا ڇُري ويا.

(٥)

جتن جي مون جيڏيون، ڪانہ پروڙي ڪَل
وائي وِڳوٽي ڪري، ڪيائون هَلو هَل
آيا جِنِس اَجل، پيہر هن پنهور ۾.

(٦)

آئي واڏائي، ڏيرن جي هن ڏيهہ ۾
اچي ڪيائون پاڻ ۾ وِڳوٽي وائي
ڪري ويا سا ٿي، جيڪا هُيَن من ۾.

(٧)

صورت چام پنهونءَ جي، مون ڏٺي جِئائين
جي ڏسو ٿئائين، تہ هوند نہ سمهو سُک ٿي.

(٨)

صورت ڇام پنهونءَ جي، مون جا ڏٺي جيئن
سا جي ڏسو تيئن، تہ هوند نہ سمهو سُک تي.

(٩)

صورت ڇام پنهونءَ جي، جا مون ڏٺي جت
سا جي ڏسو تتِ، تہ هوند نہ سمهو سُک تي.

(١٠)

صورت ڇام پنهونءَ جي، ڏٺي مون جوڙي
اکيون منهنجي اک ۾، رکو آئين کوڙي
تتان منهن مـوڙي، صحي سڃاڻو سپرين[١].

وائي

آئون تا رات ستي منجهہ خواب،
بِره جڳايس وو جيڏيون
١. ”قُمَ بِاذْنِيَ“ عشق جو آيو خوب خطاب
بِره جڳايس وو جيڏيون
٢. ڀاري آتش عشق جي، کيائين قلب ڪباب
بِره جڳايس وو جيڏيون
٣. جُدا جيئڻ جڳ ۾، آهي عَين عذاب
بِره جڳايس وو جيڏيون
٤. نيئي گڏيندا پاڻ سين، لاهي حرف حساب
بِره جڳايس وو جيڏيون
٥. موليٰ مونکي ميڙئين، شائق عشق شراب
بِره جڳايس وو جيڏيون
٦. ڏسان شال اکين سين آرياڻي ارباب
بِره جڳايس وو جيڏيون

---

(١) اصل: ائين

۷. طالب مطلوبن کي، مولٰي ميل شتاب
بِره جڳايس وو جيڏيون
۸. غلام محمد مَدَ جو، ڏي کو لال لُعاب
بِره جڳايس وو جيڏيون

داستانو تيون

(۱)
ساريو ويني ساريان، پنھونءَ جي پاہُوھ
اندر اُٿ تڻ ھوت جي، رَسَ نہ اچي روح
کُٺي سي پيا کُوھ، پرين ري پِريتڻان.

(۲)
مولٰي مون کي ميڙئين پنھون پيارو
ساھ سِسِي سارو، قرباني قَريب تان.

(۳)
چوري ھن چپر ۾ چَنان کِيمَ چڏج
پوئواري پاجيءَ جي کوھيارا کا کج
نال نماٽي نِج، ڏسي پنھنجي ننگ ڏي.

(۴)
جا پَلئہ لڳي تنھنجي، پيئي پَناري
چڏيو کيمَ چپر ۾ گولي گذاري
نرمل نھاري نيو نماٽي پاڻ سين.

(۵)
پنھون پارس پاڻ، کج پوئواري پَرتِ جي
نکا وندر دل جي، نکا روح رھاڻ
کويَھارا تو کاڻ، ويني واٽ نھاريان.

(٦)

سُتي رات اٿي ويا جابر جت جوان
ماري مون معذور کي جدا ڪري جان
صاحب رب سبحان، مونکي پنهون ميڙئين.

(٧)

ستي رات اٿي ويا ڏمر ڏير ڪري
هاٿي هن پنيور ۾ هيءَ برهمڻ مري
آءُ اوراهون سپرين پرٿئون پير پري
تو ريءَ ڪير ڪري، واهر ويچاريءَ جي.

(٨)

ستي رات اٿي ويا ڪري ڏير ڏمر
ڪويَهارا ڪا ڪر، پوئواري پريت جي.

(٩)

ستي رات اٿي ويا ڏمر ڪري ڏير
پره ڦٽي جو پير، وٺي واٽون ووڙيان.

(١٠)

مون پانيو مون وٽ، هميشہ هوندا پرين
ڪين ڇڏيندا ڪڏهين پنهنجي پاڻ پرٽ
محبت سندو مٽ، پِيَندا مون معذور سين.

(١١)

مون پانيو مون ساڻ، هميشہ هوندا پرين
ڪين ڇڏيندا ڪڏهين پنهنجي پَرتِ پاڻ
خطا ٿيم اوساڻ، ويو ڪوهيارو نڪري.

(١٢)

مون پانيو مون گڏ، هميشہ هوندا پرين
ڏور نہ ٿيندا هڏ، وٽان مون معذور جي.

(١٣)

مون کي ننڊ نهوڙيو، ڏوه ڪنهين کي ڪونہ
موٽي مُور وڃڻ جو هڏ ارادو هونِ
جتن زور نِيونِ، پنهون پاڻ نہ وڃٹو.

(١٤)

سُتيَس پير ڊگها ڪري، منهن ويڙهو ڏيئي
آڌيءَ رات اٺي ويا سرتيون سپيئي
هٿان مون پيئي، ڏوهہ ڪنهين کي ڪونہ ڪو.

(١٥)

ستيس پير ڊگها ڪري سرتيون سويرِي
مون سِياڪا پانئيا، ڏير وڏا ويري
ڪري ويا ڪبري، ويڙهو ويچاريءَ جو.

(١٦)

سُتيس پير ڊگها ڪري، ڏيئي منهن تي پاند
مون پانيو مون ڏاهہ کي، ڪين چڏيندو ڪانڌ
ويلو ڏسي واند، ويو ڪوهيارو نڪري.

وائي

پوري چڏي هي پنيور، ڏونگر ڏور ڏيرن لاءِ لکيون

١. پنهل نيائون پاڻ سين، ڪري زوراور زور
ڏور ڏيرن لاءِ لکيون

٢. مون کي هوت پنهل جا، هورن متي هور
ڏور ڏيرن لاءِ لکيون

٣. ڦوڙائي فراق جا ويهي ڪنهن سان ڦوليان ڦور
ڏور ڏيرن لاءِ لکيون

٤. غلام محمد درد جا، دَورن متي دوَرَ
ڏور ڏيرن لاءِ لکيون.

داستانو چوٿون

(۱)

سَڳ سڳاوت سُرهو پنهون نيندو سَڳ
ريءَ تپائڻ رڳ، پرين ڏي پاڀُوھ سين.

(۲)

شال نہ ڇڇي سرتيون سُرهو سَڳُ سندان
ٻـاروچا ٻيا گهٽا پر منهنجو پنهون خـان[۱]
تهين سندي شان، ٿي سچاپان لوڪ ۾.

(۳)

وارث منهنجو جيڏيون، آرياڻي آهي
ويندي‌س آخر اوڏهين لاڳاپا لاهي
منهنجو هٿ ڇاهي، پينر هن پنيور ۾.

(۴)

وارث منهنجو جيڏيون آهي آرياڻي
جهين ڪارڻ لوڪ ۾ وتان ويڳاڻي
سو ئي سَرواڻي، جيئري شال ڏسي مران.

(۵)

وارث منهنجو جيڏيون، آهي پنهون ڄامر
ڇڏي پرٿ پانهنجا لڳيس جنهن جي لامر
تهين ڪاڻ تمام، ڇُلي پونديَس ڇپرين.

(٦)

دعوا سڳاوت جي مور نہ منهنجي وَس
حجت حبيبن سان آهي هاج عبث
گولي لائي گس، نيندا پرين پاڻ سين.

---

(۱) اصل ۾ لفظ 'پر' لکيل ناهي.

(۷)

آهيان پنهنجي پرين جي گولاڙي گولي
ڪين ڇڏيندا ڪڏهين اولاڪن اولِي
روهن جي رولي، وٺي نيندا پاڻ سين.

(۸)

پهڻ پٿاري پائيان، ڇپُون ڇپر ڪٽ
سمهان سک تي ڪينڪين پاسو ڏيئي پٽ
ڪري سر جي سٽ، ويندِيس هوت پنهون ڏي.

(۹)

ورو وَرَن واريون، مون سان ڪيم هلو
منهنجو هوت پنهونءَ ري ٿيو گار گلو
جنهن سان پاند پلو، سو ڏوري ڏسنديس ڏونگرين.

(۱۰)

جڙ جسي کي جيڏيون، ويو هوت هٽي
ٻڌي ٻاروچو ويو تانڪون تن ٽٽي
پني پنج ڪٽي، ويندِيس پنهنجي پرين ڏي.

(۱۱)

ڇڏيو ڪين ڇپر ۾ گولي گولن جِيءَ
جُسي جاڙ پرائيو ڪوهيارا تو رِيءَ
اچي پيارل پيءَ، پِيَالو پريت پِي

(۱۲)

ڇڏيو ڪين ڇپر ۾، گولن جي گولي
هڪ ڪشالا ڪاف جا، ٻيو لڪن جي لولي
ڏونگر ٿيو ڏولي، ڏوريندي ڏکيءَ کي.

(۱۳)

ڪر سُهاڳڻ سپرين، ڏيئي سُک سهاڳ
اندر ڏُک ڏهاڳ جي اپر لڳي آڳ
پوريءَ پِري پاڳ، بُري هن پنيور ۾.

(١٤)

جن کي سُک سهاڳ جو مَر سيئي مرڪن
سدا سَنَريون ورن سين ڏکويون نہ ڏکن
مور نہ پاسي ڪن، ور تَني کي ويسرو.

(١٥)

سيئي سدا هُوَنِ ورن ساڻ سهاڳڻيون
ورن ري ويچارِيون راتو ڏينهان رُون
ڪين ڪنهن کي چُونِ، وچي ڏک ڏهاڳ جو.

وائي

ڏونگر ڏينديس ڏوري، پلو تَنهن ڪويهاري جي ڪاڻ
وندر ڏينديس ووڙي، پلو تَنهن ٻاروچي جي ڪاڻ

١. ڪُهي ڪميني هليا، زور ڪري زوري
پلو تنهن ٻاروچي جي ڪاڻ

٢. ڏير ڏيئي ويا جيڏيون، جِيءَ جهڄڻ جهوري
پلو تنهن ڪويهاري جي ڪاڻ

٣. راتو ڏينهان روح ۾ هورَن لائي هوري
پلو تنهن ٻاروچي جي ڪاڻ

٤. غلام محمد مُنڊ کي، ڪونهي ٻيو ڪو توري
پلو تنهن ڪويهاري جي ڪاڻ.

داستانو پنجون

(١)

جيڏهَن ويو ڪوهيار، هل هيين سان اوڏهين
”وَ فِيٓ اَنۡفُسِكُمۡ اَفَلَا تُبۡصِرُوۡنَ“ پيو ڪيڏهن ڪيم نهار
حَيَفاڻيون هزار، روهہ رَهائي ڇڏِيُون.

(٢)

اَمَڙ هِتان مون، تازا سور پرائِيَا
بري هن پنيور ۾ متان ويهين تون
لاهه ليا، لڏ لوڪ مان، تہ هاڙهي ڏانهن هلون
پنهنجو چام پنهون، وچ ۾ ٿيندو واهرو.

(٣)

ڪُٺِ ڪٺون، ٻن ماڙيون، ڪُٺِ ڪيرولا ڪيڻ
آڏيءَ رات اٺي ويا، ساٿي سُرها سيڻ
پرٺي رات پليت ڪنهن ڏاوَڻ ڏانيا ڏيڻ
واه وٺن ٺا ويڻ، مون ڪي چام پنهونءَ جا.

(٤)

نڪو عشق اکين ڪي، نڪا سيني سڪ
سرتيون سُرهي سيج تي سُتي هيس هڪ
ڪيچان آيو قافلو، ڪا لوڪان ڪري لِڪ
تِنهن پانوَ سندي پِڪ، چوري چٽ چريو ڪيو.

(٥)

ٻاروچي جي ٻاجهہ، منهنجو جيءُ جڏو ڪيو
وِره وارو واجهہ، وجهي ويو وجود ۾.

(٦)

حيف حياتي هوت ري، جيڻ جاڙ جُسي
ويهي هن پنيور ۾ ڪائي ڪام مُسي
طالبَ سا تسي، وِهَڻ جنهن ڪي وِهُ ٿيو.

(٧)

حيف حياتي هوت ري، جئڻ جُسي ڪي جاڙ
جني ڪي وجود ۾ وِڏا وِرَه ولاڙ
ويڀون جي آواڙ، سي پنهون پاڻ پَهُچائيين.

(٨)

روه رتائين رت سين ڏيئي اُڃنگارون
چڙهي ڏونگر چوٽيئن ڪري ڪوڪارون
ڏکِيءَ ڪي دارون، ڏي ڪو درد فراق جو.

(٩)

پَهرُون پڇي سسئي، رويو رڙهي راهه
نڪا ڪنڌي ڪيچ جي نڪا ويجهي واهه
سورائتي جو ساهه، سورن ساڙي ڇڏِيو.

(١٠)

باپِيهي جو ٻاڻ، لڳم هِنيَڙي وچ ۾
پنهونءَ جي پريت جا ڏاڏئي وينو ڏاڻ
اچي پيِم پَر ۾ ڪوهياري جي ڪاڻ
سرتيون سو سَرواڻ، منهنجو ساهه سَلي ويو.

(١١)

واءَ وڃي ڪو ڏيج، سَنيهو ڪي سڄڻين
پهرين منهنجي پرين ڪي پيرن تي پئيج
تِهان پوءِ چئيج، حقيقت هن حال جي.

(١٢)

واءَ وڃي ڪو ڏج، سنيهو ڪي سڄڻين
مون ڪي منهنجا سپرين، ڇپر ۾ نہ ڇڏج
نال نماڻي نج، ٻاروچا ٻانهِين ڪري.

وائي

مون ڪي پيَرِڙي آهي پچار
وو يار پل پل ۾ پريان جي
١. ساريو سپرين ڪي، نيڻن وهايان نار
وو يار پل پل ۾ پريان جي.

٢. سُتي ڏيئي سڪ جي، جيءُ جڏي جو جيار
وو يار پل پل ۾ پريان جي
٣. جدائي جا جيءُ ۾، ڪاپَ وڏا ڪويهار
وو يار پل پل ۾ پريان جي
۴. ڪِيرا قابو قرب جا، هينئڙي منجهه هزار
وو يار پل پل ۾ پريان جي
۵. غلام محمد حُب ۾، مان پُڄي مون ڄمار
وو يار پل پل ۾ پريان جي

داستانو ڇهون

(١)

آڏيءَ رات اوندوهه، پيرِ هوت پنهونءَ جو
هڪ اونداهي، پنڌ پري، ٻئو راه رَمالِي روهه
سُورن جي ستوهه، ماري وڌو مامري.

(٢)

وٽن ۾ واڪا، ڪندي وڃي ڪيچ ڏي
مون ڪي ڄام پنهونءَ جي، سُڌ ڏيو سا ڪا
ڏونگر جا ڏاڪا، ڏوريان ڏوري نہ سگهان.

(٣)

ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو، اَسُونهينءَ ڪي سُور
پريان سندي پارَ جا، پُورن مَٿي پُور
ظاهر ذوق ضرور، ويو ويچارن وسري.

(۴)

جبل تو نہ جڳاءِ، جو پاڻ مٿاهون تو ڪرين
منهنجي مــارڻ لاءِ، تــو قَرارا ڪَرَ ڪِئا.[1]

---

(١) اصل: ائين.

(۵)

روهن رَهاياسِ، پرين پيرو نہ لهان
ڪيچين ڪارڻ جيَڏيون اولاڪن آياسِ
وَرن وراياس، ڇپرُ ڇيهو نہ ڪري.

(٦)

ڇپر ڇيهو نہ ڪري، لڪن لائي لوڏ
مُنيءَ مون معذور سين گوندر ٻڏي گوڏ
هاٿي ڏکيءَ جا ڪوڏ، ڪون ٻُڌين ڪو ڪيچيا.[1]

(٧)

سورن سوريءَ چاڙهيو منهنجو ساه پساه
نڪو پاڙو پرينءَ سين، نڪا ويجهي واه
سارو لوڪ سياه، جانب بنا جيڏيُون.

(٨)

سورن سوريءَ چاڙهيو منهنجو جيءَ جُسو
هتان حبيبن جي ڪاتيءَ ساڻ ڪُسو
متان ماڳ مُسو، پينر هن پنپور ۾.

(٩)

پينر هن پنپور ۾ ڏهيون ڏيل تيوم
ڪو جو پيچ پريت جو پنهونءَ ساڻ پيوم
وهڻ وسريوم، هيءُ گهر گهوري گهوريان.

(١٠)

هيءُ گهر گهوريان، هو پڻ گهوريان گهور
ري ڪوهياري ڪاڪُيون، پانيان باهہ پنپور
آرياڻي اَتور، ويو ڏيل ڏهيون ڪري.

(١١)

اتم روح رهي، صورت سپيرين جي
وڇوڙي وصال جي وڌو ڏيل ڏهي
سيني منجهہ صَحي، پيم پيچ پريت جو.

---

(١) اصل: ٻڌي.

(١٢)

سيني ۾ سيرون، وڏيون سُورن سِڪ جي
ڏنائين ڏکيءَ کي ڇڇاري ڇِيرون
دوا آڏيرُون، ڏيندم هوت هٿن سان.

وائي

کونهي سگ سياڪو، منهنجو يار سڄڻ سان
کونهي سگ سياڪو، منهنجو دوست سڄڻ سان
١. پرين جي پاٻُوهه جو پسان کونہ پَهاکو
منهنجو دوست سڄڻ سان
٢. آڏا ڏونگر لکيون کونہ ڏسان تي ڏاکو
منهنجو يار سڄڻ سان
٣. نيه نهوڙي آهيان، لٿو لڄ لياکو
منهنجو دوست سڄڻ سان
٤. مانَ پڇائي پرين کي واءُ ولهي جو واکو
منهنجو يار سڄڻ سان
٥. مون مُنِيءَ کي ماريو ڏيئي وره وراکو
منهنجو دوست سڄڻ سان
٦. پُلئي هن پنيور ۾ منهنجو پيڻ نہ پا کو
منهنجو يار سڄڻ سان
٧. جانب ٻاجهؤن جهان ۾ لئون لئون منجهہ اُلاکو
منهنجو دوست سڄڻ سان
٨. کونہ پسان تي کٿهين ساڳيو صحبت سا (ء) کو
منهنجو يار سڄڻ سان
٩. ڇُمان هوت پنهونءَ جو، نيٹن سان هلي ناکو
منهنجو دوست سڄڻ سان
١٠. غلام محمد حب ۾، آهي آرياڻيءَ علاقو
منهنجو يار سڄڻ سان.

سر ڪوهياري

داستانو پهريون

(۱)

قافلو ڪويهار جو آيو منجهه ڀنڀور
وڻ ڪٿوري واسِيَا، هاريائون آٿَتور
پيرو ڪري پور، وري وئا ولات ڏي.

(۲)

قافلو ڪويهارو جو جنس موچاريءَ جوڙ
سونيون ناڪيليون نڪن ۾، ميناڪاري موڙ
مَهارون مَيَن جون، سونَ وَرنا ڏوڙ
جتن ڪي بڌ ڇوڙ، ماري وڌو مامري.

(۳)

وڏا اُٺَ ڪيچين جا، مَيا متارا
هڪ رَڱان، هڪ جهڙا، وڏي جنسارا
نيرو منجهن ناهه ڪو، نه ڪڪا، نه ڪارا
اهڙي آچارا، سونهنِ سيئي ساٿ ۾.

(۴)

ٻُوٽا ٽا ٻهڪن، جتان پير پنهونءَ جا
عنبر بوءِ بَرن، ڏني ڏکوئيءَ کي.

(۵)

ٻُوٽا ٽا ٻهڪن، جتان پنهونءَ پير
وڻ ڪٿوري واسيا، سُرها ٿيا سير
پيو واسيندو ڪير، سوا ساٿ سڄڻ جي.

(٦)

وڻن ۾ واڪا ڪيو پڇي پنهونءَ پار:
آنءُ وڻانءُ ڪي لنگهيا ڪري ڪَرهَ قطار
ساٿ ڏٺي سردار، هو ڪوهيارو ڪيچ جو.

(٧)

جبل جلدايون ڪري متي معذورِن
اندر اڏو اڏ ڪري، گهاءَ وڏا گهورن
سُورن تي سورن، آٽي حشر لائيا.

(٨)

رات اونداهي رُج ۾، نڪو سمر ساڻ
چيتا پلنگ پهاڙ جا، روجهون ڪن رهاڻ
سنجهي ويا سرواڻ، روه رهايا ڪِينڪين.

(٩)

ڪيرَن ڪارِياس، واٽون وَراڪا ڪري
هئي هَئي هارِيَاس، هِن هوتاٽي پنڌ ڪان.

(١٠)

ڪيرُون ٽيون ڪارين، مُني مون معذورَ ڪي
ٽڏي چانءَ چَنان ڪيو، ڏکيءَ ڏيڪارين
وَر ڏيئي وارين، آڏا ڏِيو هٽڙا.

(١١)

ڪيرون سيٻ ڪرو، شل سُڪي ٽيو سوڙيون
پريان سندي پار جو ڏيو ڪونہ پرو
آڏو ٽيون ورو، جوڙي جاءِ جهلڻ جي.

(١٢)

ڪيرون سيٻ ڪَرو، شَل ٻَري ٽيو ٻُٽ
ويجهو اچيوَ نہ آدمي، شال نہ اَٽڪي اٽ
جهلي ڪيو جُٽ، ويندن کي هن واٽ ۾.

(١٣)

توهر توڪ ٿڪِيءَ ڪي آيائي آچين:
’هو ٿا وڃن سسئي، اوڏائي آهين!‘
مَتان اچي پِيِنِ، آڏا پَهَر پِرين ڪي.[1]

(١٤)

مَنڌي ٿنڌي آهيان، هلي سگهان ڪينِ
هن رتولي روه ۾ مَري ٿي مسڪين
هوت اُجارا ڏين، رسج اچي روهَ ۾.

(١٥)

منڌي ٿنڌي آهيان، پرزا پيرَ ٿيام
ور وسيلا واهرو آرياڻي ورِيام
ڪاري رات قيام، جاڳي جت ڪري ويا.

وائي

وڃو سڀ وَرِي وو

جِيءَ جون جيڏيون، جيڏيون!

١. جن جو ڪاڏو ڪيچ ڏي، ويندِيون پنڌ مري وو
جيءَ جون جيڏيون جيڏيون

٢. اڏيون منهنجي درد جي، آهي ڳالهه ڳري وو
جيءَ جون جيڏيون جيڏيون

٣. سا ڪيئن سُمهي سُک ٿي، جنهن کي برهه پِري وو
جيءَ جون جيڏيون جيڏيون

٤. غلام محمد غم ۾، ڪولي دوست دري وو
جيءَ جون جيڏيون جيڏيون

---

(١) اصل ائين. شايد صحيح ”مٿان اچي پيين“

داستانو پيو

(١)

سِڪ وڏو سينگار، اصل آريچن جو
سسئي سُورِھُ سڪ جو، پُوئِي پاتو هار
تِهان پوءِ نِهار، تي حوالي هوت جي.

(٢)

سِڪ سان وَڏي سڪ، سڪ پڻ آهي سڪ جي
سِڪَ سڪائو سِڪ جا، سسئي پنهون هڪ
لوڪان ليکي لِڪ، پَرڪا ڪارڻ پَڌري.

(٣)

سو پنهون، سو سسئي، سو فراق وصال
ڪونہ پروڙي ڪو پيو، قالِي قِيلَ مَقال
ايءُ سپوئي حال، رکي حالت حال سين.

(٤)

جنهن کي سِڪ سڄڻ جي، سا مر رويو روءِ
اکيون پاٽي آليُون، مور نہ ميريون ڏوءِ
هوت تني جو هوءِ، جنهن کي ناوَڪ نينهن جي.

(٥)

دانهون درد فراق جون ٻڌي مانَ پروچ
لُڱَ لُڱَ لڳي لوچ، هيئين کي هن حَبَ ۾.

(٦)

دانهون درد فراق جون ٻُڌِي مانَ وَري
محبت جو محتاج تي اچي دَست ڌَري
مُنيءَ پوءِ مري، ڏسي پَهُه پريت جو.

(٧)

ونيو واڻون تي رُڻان، واء وڃايا پير
هڪ اونداهي رات تي، پيو لٽو سج سوير

سُک ۾ سنگتي سيڪو، ڏک ۾ سيڪو سير
ڏيئي ويڙا ڏير، ڏولائو هن ڏاهَ ڪي.

(۸)

ور وسيلا واهرو، پاروچا پيلِي
چڏيو ڪين ڇپر ۾ چانگ چني چيلِي
رويو آلاپون ڪري بر ۾ اَلبيلِي
ساجن سويلي، نيو نماڻي پاڻ سين.

(۹)

جيڪُس منهنجي حق ۾ هو ڦوڙائو فراق
ڇُتا ڦٽ ڦِري پيا، ڇُڪي ڇڪيا چاڪ
تَن تِڪُون ٿي طاق، پيو هوت پنهونءَ ري.

(۱۰)

ڏکن ڪارڻ جيڏيون جيڪس آئون جائي
لِکيي ڪُندي قرب جي آٽي اڙائي
ساهُ سِسِي سائي، وجي تاٽيندي گهٽو.

(۱۱)

ڏکن ڪارڻ جيڏيون جيڪس آئون ڄاياسِ
ٻانيڻ ٻيٽي آهيان، پَرتَنِ نِپاياسِ
روهن رُلاياسِ، لکيئي لوح قلم جي.

(۱۲)

لکيو لوح قلم جو جنهن جي حق ۾ جيئن
تنهن کي ملي تيئن، ترُ تفاوت نہ ڪري.

(۱۳)

ڏکن ڏيکاري، مون کي واڻ وندر جي
سکن آساري، ڏِنم ننڊر نياڳ جي.

(۱۴)

جس ڏکن کي جيڏيون، جي مون مُنِيءَ ساڻ
راتو ڏينهن رهاڻ، رکن هوت پنهونءَ جي.

(١٥)

جس ڏکن کي جيڏيون، جي مُنِي ساڻ رفيق
شفقتناڪ شفيق، اولِيءَ کي هر حال ۾.

(١٦)

وَر تَني لاءِ ڪوڏيا، جي هُجن ڪاڻ ورن
"فَاذْكُرُوْنِي اَذْكُرْكُمْ" سُرهو سگ سندن
پل نہ پاسي ڪن، ور تني کي ويسرو.

(١٧)

آيم ڏُک ڏهاڳ جو، ور ڇڏي سُتيَاس
موٽي مور وچڻ جو هوتن هو نہ تَپاس
ڪري ڪونہ قياس، نِڌر ڇڏي ويا ننڌر ۾.

(١٨)

ويسلي ٿي ور ڪان، ناحق ستيس آئون
هاٹي ڏڪِيءَ لڏيون ڏکن سان لائون
سکن سِين سائُون، مور نہ ڏيان ڏُکڙا.

(١٩)

ڏکن کي تان جَسُ، جي ٿيا سگيٽا سنگتي
ڏکيي سکيي حال سين رکيو اچن رس
سُکن سورَ سرس، ڏنا ڏکوئيءَ کي.

(٢٠)

سُکن ساڻ صحي، مون تان سُور پِرائيا
ڏکن ڏانَ ڏهي، وڏو منهنجي جيءَ ۾.

وائي

ويندِيس تانَ نہ وري وو
آءٌ هلنديس هوت حبيب ڏي
١. اندر آڙهہ عشق جا، ٻارڻ پيڙا ٻري وو
آءٌ هلنديس هوت حبيب ڏي

٢. وِهڻ هن پنيور ۾، آهي ٻالهه ڳري وو
آءُ هلنديس هوت حبيب ڏي
٣. ڏوري ڏونگر ڏاڪڙا، ڏسنديس دوست وري وو
آءُ هلنديس هوت حبيب ڏي
٤. دانهون ڪنديس درد مان، ڏونگر پوندا ڏري وو
آءُ هلنديس هوت حبيب ڏي
٥. غلام محمد حُب ۾، ملنديَم ذوق ذري وو
آءُ هلنديس هوت حبيب ڏي

داستانو تيون

(١)

وِهُ مَ وساري سسئي، چام پنهون آري
جهين ڪارڻ تي ڪرين فريادون زاري
ڳل ڳچي ڳاري، پائي پُورج پرينءَ ڪي.

(٢)

رِيءَ ڪِشالي ڪاف جي مُور نہ ملي هوت
جانب سندي جوت، ڏورِ تہ ڏسين سسئي.

(٣)

وات وڃايم ويسري، نڪو پنهونءَ پير
نڪا سونهپ سِڌ جي، نڪي سنوان سير
لهي سج لڪن تان ڪري ويو اوير
لکيو منهنجي حق ۾، پيو پاريندو ڪير
ڏيئي وِيڙا ڏير، هي ڪشالو ڪيچ جو.

(٤)

رات اونداهي، پنڌ پري، پيرين پيادي
نڪا سونهپ سِڌ جي، وَرَ وَڏا وادي
ميڙيندو هادي، مون کي هوت پنهونءَ سين.

(٥)

رات اونداهي، پنڌ پري، پيرين اگهاڙي
چڙهي ڏونگر تي هٽي توارون تاڙي
مري تي هن روهه ۾ سورن جي ساڙي
گولي گولاڙي، ونيو واٽون وِندُري.

(٦)

پنهون ساڻ سگ ڪري، تي سُمهين اَسارِي
رکي غيرت غَيَظ تو ڪويهارو ڪاري
مونجهاري ماري، هن رتولي روهه ۾.

(٧)

وهُ مَ وساري سسئي، وَرَ پنهنجو ويني
اَلا ڦٽ فراق جا چيتاريو چيني
اندر جي ريٽي، لاهي ڪٽ قلوب تان.

(٨)

جي مون ڏٺا ها ڪالهه، سي جي ڏسان اڄ
لڄ پريئي کي لڄ، پَلئِہ وجهان پانهنِجي.

(٩)

جي مون ڏٺا ها ڪالهه، سي جي ڏسان هاڻ
تَني ساڻ رهاڻ، ڪريان قيامت سين.

(١٠)

بِن حياتي جِنڊُڙي جانب پچاٽا
سدا سُرها سنگتي ڪٿوري هاٽا
مور نہ وسرن ڪڏهين سيني سيباٽا
قسمت جا داٽا، جيڪس آهن جيڏيون.

(١١)

حياتي هوتن ري ڪاري قيامت
ساريو سپيرين کي رُٺان ويني رت
مون ۾ پتو پت، سورن سانگهيڙا ڪيا.

(١٢)

حياتي هوتن ري قيامت ڪاري
مون تي محشر آئيو وڇوڙو واري
ملي جي آري، تہ محشر عَشرت پائيَان.

(١٣)

جانب بنا جيڏيُون جئڻ مون نہ جُڳاءِ
بُري هن پنہور ۾ حياتي حَيفاءِ
مونکي ماريو ماء، ڏيئي سُتِي سور جي.

وائي

منهنجو سَڱ تيو ڪنهن سانگي
ساڻ ڪويهاري جي جيڏيون
١. جيڏهن ويئڙو جانب جاني، هيئڙو اوڏانهين تانگهي
ساڻ ڪويهاري جي جيڏيون
٢. هي جڳ هو جڳ وسري ويڙا، بانگ پڙهايم بانگي
ساڻ ڪويهاري جي جيڏيون
٣. غلام محمد روز ازل کان، نِيه لايو مون سان نانگي
ساڻ ڪويهاري جي جيڏيون

داستانو چوٿون

(١)

ڪنهن پَر ڪاهيان ڪيچ ڏي، نہ ڪو پسان پير
اکين ڪارا ڪَرا، اندوڏنڌ انڌير
"اَلاَقَارِبَ ڪَالعَقَارِبَ". واري وينا وير
ري ڏوراپي ڏير، وَرُ وٺي مون واٽ تيا.

(٢)

ڪنهن پر ڪاهيان ڪيچ ڏي، نہ ڪو پسان پار
رات اونداهي پنڌ پري، ڏونگر وڏا ڏار
مرون مارا مون ٿيا، چؤگرد چوڌار
ڪيچ ڏٽي ڪويهار، آٿج عُذُر واريُون.

(٣)

ڪيچ نہ اوڏو هوءِ، متان وهين ويسري
هو جماعتي جت ويا، تون جَريدي جوءِ
سونهون ڪٿج سوءِ، جو وَسُون ڪري ويسريون.

(٤)

ڪيچ نہ اوڏو ڏس، متان وهين ويسري
سونهان هلن سامهان، غازي ڳولي ڳس
هن اڙانگي پنڌ ۾ پاڻ پَنهِينجو پس
جت مرد پڄندا مس، تت زالون ٿين ذليليون.

(٥)

پُڇي پنڌ پهاڙ جو هَلج سونَهين سيئن
اَسُوهيون سرواڻ ري ٿيون توائي تِيئن
سي ڪيچ پڄنديون ڪيئن، جي ڪيرين هيٺ ڪَمنديُون.

(٦)

پڇي پنڌ پهاڙ جو هلج سونهينَ ساڻ
ٿج پيادي پنڌ ۾ چڙي پنهنجو پاڻ
سور ڪري سرواڻ، پهچج جام پنهونءَ ڪي.

(٧)

پڇي پنڌ پهاڙ جو سُونَهينَ ساڻ هليج
ڪشالو ڪُهقاف جو ڪنهن سان ڪِيَمَ سَليج
پنهنجو پاڻ پليج، ڏسي ڏونگر ڏاڪڙا.

(٨)

ايئن نہ پنهون هوءِ، جو تو پوري پانئيو
آري جي عِلم ۾ جاهل آهين جوءِ
تانڪُون وٿان توءِ، سُتي ساٿ اٿي ويو.

(٩)

اِيَ نہ پنهون پير، جي تو پوري پانئيا
سنجهي ساٿ اٿي ويو، تون اوڃي منجهہ اوير
جن ڪَنيا سور سوير، سي هلي هوت پسنديون.

(١٠)

اِيَ نہ پنهونءَ پار، جو تو پوري پانئيو
توکي اکڙين ۾ اوڃي ابتا آر
دوست سندو ديدار، هيڪڙائي حق ٿئي.

(١١)

ڪيچ جَني کي ڪڇ ۾، پنهون پاڻَ ٿِيُون
سي ڪڏهن ڪين مُيون، پِٺَ پِٺَ ڪندي پنڌ ۾.

(١٢)

هوت جَنِي کي هنج ۾، جبل جهولِيءَ جيئن
سي مادر ٿيون تيئن، سُڪائنيون سورن جون.

(١٣)

پنهون پري پنڌ ٿيو، تون اوڃي آهين هِت
لڳو ڪونہَ لڪن جو توکي چاوَت چِت
نيه جَنِي کي نِت، وهڻ تني وِهُ ٿِيو.

(١٤)

سورن ڪيو سڏ، مون سُتِيَ کي سرتيون
سيئي سُک سرير جا چوري چني چڏ
جي گوڏي هٿا گڏ، سي وٿان رات اٿي ويا.

(١٥)

سورن سڏ ڪيو، مون سُتيءَ کي سرتيون
وچڻ تت پيو، جت پنهون پاڻ پَسائيو.

وائي

آئون ويندي‌س ڪيچ ڪهي، وهنديس تان نہ رهي
مونۡ ٻاروچي سين ٻول ٻڌا وو،
مون ڪويهاري سان قول ڪيا وو
١. وهان ڪيئن پنيور ۾ هيڏو سور سهي
مون ڪويهاري سان قول ڪيا
٢. چيتون ڪنديس چڪ ۾ چپر ساڻ ڇِهي
مون ٻاروچي سان ٻول ٻڌا
٣. غلام محمد حُبَ ۾ ويندا غم لهي
مون ڪويهاري سان قول ڪيا.

داستان پنجون

(١)

سُک تي سمهو سرتيون، جي وَرُ وهيڻو هوءِ
حُجت حبيبن سان ڪا مَ ڪري ڪا جوءِ
متان پوي پوءِ، مون جيئن جُدا جيڏيون.

(٢)

سُک تي سمهو ڪِيَمَ، مون جيئن جُدا جيڏيون
ڪري رات يتيم، ويو ڪويهارو نڪري.

(٣)

سک تي سمهو سرتيون، جي ڏسو ويساهُون
ٻاروچو ٻانُهون، ڏيندو ويسه وارِيين.

(٤)

سُک تي سمهي ڪا مَ، مون جيئن جُدا جيڏيون
ڪاري رات قيام، ڪري ڪويهارو ويو.

(٥)

سُڪ تي سمهي ڪانَہ، مون جيئن جدا جيڏيون
مُنِي جا مزمان، ستي رات اٿي ويا.

(٦)

سُڪ تي سمهو ڪين، مون جيئن جدا جيڏيون
مُنيءَ مون مسڪين، سُتي سُور پرائيو.

(٧)

نہ مون ويسه وَر ۾، نڪو ڏي ويساھ
ڄاڻي هيڪ الله، ڳري لايو تي ڳَران.

(٨)

نہ مون ويسه ور ۾، نہ مون وهيٽو
نہ مون جيڏو جيڏ، نہ مون سَڳيٽو
حال سندمر هيٽو، پوي ٻاجھ ٻروچ کي.

(٩)

نہ مون جيهو جيڏيون، نڪو منهنجي هٿ
ٽيس نماڻي نڪٽيان، گولي لهان نہ گس
حُجت حاج عبث، ٻاروچاڻي ٻار سين.

(١٠)

نہ مون جيهو جيڏيون، نڪو منهنجي هٿ
هلي ڪانہ ٻروچ سان عقل عاقي ڪَٿ
سونهي تَني سَٿ، سُتيون جي نہ اويسريون.

(١١)

پُلو پايان لوڪ، جي مون وسهو سرتيون[1]
سُڪ تي سمهن راتيون، ڏينهان مُرڪن موڪ
منهنجو سينو سوڪ، ڪيو سورن سڪ جي.

---

(١) اصل: پَلو (پ مٿان زبر)

(١٢)

سڪ تي ڏسان جيڏيون، جويون منجهہ جهان
سونهن سَگهر ساهُرين، رکي محبت مان
مون جيئن ڪندي ڪانہَ نمي نِندر نياڳ جي.

(١٣)

جبل جيهي جڳ ۾ ڪاڪيون ڪين تياس[١]
تازا پير پنهونءَ جا لڪن منجهہ لڳاس
مونکي مون پرين جي پيئي پرت پياس[٢]
والي واري واس، وَرِي مانَ وصال جي.

(١٤)

جبل جيهي جڳ ۾ ڪاڪيون تيس ڪين
تازا پير پنهونءَ جا لڳا منجهہ زمين
مُنِيءَ مون مسڪين، سُمهي سور پرائيا.

(١٥)

نڪو مون سان وير، جبل پاتو جيڏيون
آءٌ تي هِت ٽڪ پيچان، ڏُور ڏساٽا ڏير
لڪن متي پير، لڳا هوت پنهون جا.

(١٦)

جبل جيهو جڳَ ۾ ڪونہ ڏسان ڪوئي
جنهن تي پير پنهونءَ جا ڏنا مون روئي
مون ڏي سپوئي، حرف حڪايت هوت جو.

---

(١) يعني جبل تي پنهون جا پير لڳا، مون تي نہ لڳا.

(٢) پهريائين هيءَ سٽ هن طرح لکيل:

'مونکي مون پرين جي اندر منجهہ اداس'

ان بعد پويون اڌ ڪاٽي، حاشيي ۾ 'پيئي پرت پياس' لکيو ويو آهي.

وائي

منهنجو هــوتــن مٿي حق،

آءٌ ڪا هيڪلي آهيان

١. ڪيان دور درد جو، ڏنو سڄڻ هي سبق

آءٌ ڪا هيڪلي آهيان

٢. هلان هلي نہ سگهان، آيا آڏو وڏا لڪ

آءٌ ڪا هيڪلي آهيان

٣. ڏکن ڏيل ڏکوئيو، ڏنا ڏونگر ڏوڙا ڏک

آءٌ ڪا هيڪلي آهيان

۴. غلام محمد منڌ کي، آئي پرين پاران پڪ

آءٌ ڪا هيڪلي آهيان.

داستانو ڇهون

(١)

شال مَر هُجي ڪا، مون جيئن جدا جيڏيون
اصل سُتي سِڪ جي مون کي ڏني ماء
تانڪُون پنهونءَ لاءِ، ڇُلي پيِنديس ڇپرين.

(٢)

ڪَہ ۾ ڪين ڪُڇن، بودا بلوچن جا
پُرڻ پنڌ پريتڻو، ڇپر ڇيه پڇن
لکن منجهہ لُڇن، ڪرها ڪارڻ ڪيچ جي.

(٣)

ڪَہ ۾ ڪُڇن ڪين، بودا بلوچن جا
تازي تَرٽ تِري جي نہ ڏونگر مٿي ڏين
لڪايو لکن ۾ لال پنهون ٿا نِين
مٿي مون مسڪين، حشر ڪري هَلِيَا.

(٤)

ڪَه ۾ ڪين ڪچيا، بودا بلوچن جا
ڪيانِ ڪنواتِن جي چپر پاس پُچيا
لُڱَ لُڱَ مجهه لُچا، لڳم لال پنهونءَ جي.

(٥)

آءُ نَه آنَ جيڏِي، جي مون وسهو سرتيون
آنَ ڪي سُک سهاڳ جي قرابت ڪيڏي
تات نہ مون تيڏي، جنهن سان پَهُچان پرين ڪي.

(٦)

آءُ نَه آنَ جيهي، جي مون وسهو سرتيون
آنَ ڪي وَصُل وَرَ سين، تِلاوَت تيهي
وڃايو ويهي، مون ور پنهنجو ويسرو.

(٧)

ڪيم وهو مون وٽ، آئين جي ورن واريون
مُنيءَ مون معذور کي ڏني سورن سَٽ
متان مَرِي مَٽ، پوو ماتَم وارِيين.

(٨)

مون وٽ ڪيمَ وهو، آئين جي ورن وارِيُون
منهنجو سَڱ سِهو، تيو سورن سان سرتيون.

(٩)

مون وٽ وهو ڪيِم، آئين جي وَرَن واريون
وڃي سمهو سُک تي مڙسن ساڻ مُقِيم
مُنهنجو حال حليم، جانب بنا جيڏيون.

(١٠)

وڃو ڪيم پَري، اوري رهو راتڙي
منهنجو من ٻروچ ري راتو ڏينهن ٻري
موليٰ مانَ ڪري، ميلو مون معذور سين.

(١١)

ڏيرَ مَ وڃو ڏُور، اوري رهو راتڙي
مونکي مون پريَن جا پُورن متي پُور

وسري ڪين وجود مان دوستن جو دستور
وڃان تي وهلور، ساريو سپرين ڪي.

(۱۲)

ڏور مَ وڃو ڏير، اوري رهو راتڙي
مُنيءَ مون معذور تي سورن سندا سير
چامر پنهونءَ جا پير، جئري شال ڏسي مران.

(۱۳)

سڄَ سهائو هوءِ، تہ پَسان پير پنهونءَ جا
مان پريان جي پارَ جو ڪو مونکي پرو پوءِ
لالڻ سندي لوءِ، جئري شال ڏسي مران.

(۱۴)

سڄُ سَهائو ڪر، تہ پسان پير پنهونءَ جا
وِهَڻ واٽڙين تي اِيَ ڪُپيرِيءَ پَر
دوستن سندو دَر، جئري شال ڏسي مران.

(۱۵)

سج سهائو ڪِجُ، تہ پسان پير پنهون جا
اونداهو عَليل ڪي نہ اکينِ آڏو ڏِجُ
چئو چاڙهي چِجُ، 'هو پنهون هي پيچرو'.

(۱٦)

سج مَ سگهو تي، متان اونداهو ٿيئي
پسان پير پنهونءَ جا لکن متي هي
جيڏنهن جڏو جي، تيڏنهن سِبان ساه ڪي.

(۱۷)

سج مَ سگهو تيج، متان اونداهو ٿيئي
پسڻ پير پنهون جا ڏونگر متي ڏيج
ڪاوُر پاس ڪميج، تہ پوي ڪامَ ڪَرن ۾.

وائي

اوهين ڪو دم دوست گذاريو

مون نماڻيءَ جي نجهري

١. ڏيئي فلڪ فراق جو، ڪِيمَ مُنِيءَ کي ماريو

مون نماڻيءَ جي نجهري

٢. موتي مون معذور تي، واڳ وري ور ورايو

مون نماڻيءَ جي نجهري

٣. درمانديءَ کي درد مان، ڪاهي ڪَرهہ اُڪاريو

مون نماڻيءَ جي نجهري

٤. سِڪنديءَ کي سِڪَ ۾، پنهنجو پاڻ ڏيکاريو

مون نماڻيءَ جي نجهري

٥. غلام محمد غم ۾، محب منا مَنُ ٺاريو

مون نماڻيءَ جي نجهري

داستانو ستون

(١)

پنهونءَ جي پاڙي، شل ڪاٽياري ڪام ٿِئي
ڏسي فعل فقير جا هوت لنگهيو هاڙهي
ماريو مون معذور کي دوستن جي ڏاڙي
ڳوڙها ڳل ڳاڙي، ڪاهي هلنديس ڪيچ ڏي.

(٢)

آرياڻي ارواح کي ريبي رات نِيو
پَرو پير پنهونءَ جو پِرهانَ پوءِ پيو
ڪاڏي پنڌ پهاڙ جو، ڪاَڏي ڪيچ ٿيو
لڪن منجهہ لِيو، پاءِ تہ پهچين پرينءَ کي.

(٣)

جڏي جوء ٿياس، پنڌ پيرنئان نہ نِبري
چُران چُري نہ سگهان، پاسي پِر پياس
سنڌِيءَ پنهون پياس، مَنَ متاهون نہ لهي.

(٤)

چڙهان چوٽ پَري ٿيو، لهان تان لَڪُ ڏُور
ايهي ٻئي پور، پيا پيش پَريت جي.

(٥)

ڏونگر ڏکوين کي ڏي چاڙيڪا چوٽيون
هلندي هوت پنهونءَ ڏي متاريون موٽيون
کُهيون ۽ کوٽيون، ڪين رسنديون ڪيچ کي.

(٦)

جان تو ساه سرير ۾، تان وکَ وَڏنڊِي پاءِ
لالائي لالڻ جي لِڳَنَ متي لاءِ
جوڳياڻي ٿي جاءِ، تہ رسين روهيلن کي.

(٧)

ڪَهَنڊِيِن ڪيچ اکيين ڪيو، رهيون رت روئن
هوت پڄاڻا هت ٿيو، ميڙائُو مُئن
مر سي مُنهن ڏُٺَن، دوستن ڏارا ڏوڙ سين.

(٨)

ڪَهنديِن ڪيچ اکيين ڪيو، رهيون ٿيون رت روُن
هوت پڄاڻا هتَهين هاريون هٿ نہ هُونَ
سي چو چايو چُونِ، تہ ڪا هلندي ڪيچ ڏي.[1]

(٩)

اجان تو ۾ پير، پوري آهي پنيور جو
تون آسودي سُمَهين متي سيج سوير
تيلاهون تو ڏير، ڏور ڏيئي ويا ڏک جي.

---

(١) اصل: ڪا هلندي ڪيچ ڏي

وائي

اُوهي ڪَرها ڪِيمَ قطاريو، پاروچا!

رهو رات پنهور ۾

١. نماڻيءَ جي نِجُهري ڪو دَمُ دوست گذاريو، پاروچا!

رهو رات پنهور ۾

٢. ڏيئي فَلڪُ فراق جو، ڪِيمَ مُنيءَ ڪي ماريو، پاروچا!

رهو رات پنهور ۾

٣. واري ورق وصال جو، جيءَ جَڏي جو جياريو، پاروچا!

رهو رات پنهور ۾

٤. موڙي مَجَر ٿاريون اوهي چانگن ڪي هت چاريو، پاروچا!

رهو رات پنهور ۾

داستانو اٺون

(١)

جيڏيون جَت وٺي ويا، وَرُ ويچاريءَ واري
وِڃي لڳا ڪيچ جي ڪَرها ڪِناري
مون ڪي ٿو ماري، ڦوڙائو فراق جو.

(٢)

واري وَر وٺي ويا، جَت ڪري جاڙُون
آيا آواڙون، وَراڪا وٽڪار ۾.

(٣)

واري جَت وٺي ويا منهنجو جانب جِي
ڪُٺِ ڪٺون، ٻن ماڙيون، ٻَن حياتي هِي
ڪاڪيون ڪيچن رِي، روهُ رڳيندِيس رَت سين.

(۴)

رُونديئي رَهياسِ، پيئر هن پنهور ۾
جا هُيڙ ۾ هوت پنهونءَ سين سا نہ پُني مون آسَ
ڏوري هَڏا هڏيُون، ڏونگر ۾ ڏينداس
مَن مُنيءَ جو ماس، ڪِين، ڪُتا هُت ڪيچ جا.

(۵)

آئون هِتي، هُت سُپرين، وچان فَلڪُ فِراق
سُمَهي سُور پرائيا، مُني مون مشتاق
تِڪون ڪري طاق، ويو ڪوهيارو نڪري.

(٦)

هيُون هِت نہ ونڌري، پيو پريان جي پاس
ٻاڦن منجهہ ٻَري ويو هَڏ متيءَ جو ماس
رَتي روُح نہ راس، جانب بنا جيڏيُون.

(۷)

مون نہ پروڙيو ماء، تہ ڪو سجڻ ٿيندم سافِرُ
ڦوڙائو فيراق جو ڏيئي ڏير ويا
ڪاهي ڪيچ ڪيا، پيہر پُڇندا پرينءَ ڪي.

(۸)

جتن ڪي تان جَسُ، جَن چولي وڏيس چپرين
ڏيڪاري ڏير ويا سندا گوندر گس
ڏيان ڏونگر ڏَس، ڦوڙائي فِراق جا.

(۹)

اچا ڏونگر ڏوُرِ، آئون ٿي اوراهين رهان
ليڙا لَسَ لنگهي ويا، ڪَري ڪَره ڪَلُورُ
پِرين پَهري پُور، ويجها ٿيا وٽڪارَ ڪي.

(۱۰)

گوليءَ سان گذران، ڪر ڪامِل ڏٽي ڪيچ جا
دَفَع ٿِيَنِ دُکي تان سُورن جا سامان
مَن ۾ محبت مانَ، ڏِسي آسُودِي ٿيَان.

(١١)

هيڏي ۽ هوڏانه، جي رکِي نِرت نِهاريَان
مِرون تَڪي آئيا مون مُنيءَ جو ماه
هِي روهُ رمالي راه، آمُن سَاڻ اُماڻيين.

وائي

ڇپَر ڇيهُ نہ ڏي، وو ڀلو
آءٌ ڪِيئن هلندي پرينءَ پڄندي!
١. نيو نماڻي پاڻ سين، گولي نال گڏي، وو ڀلو
آءٌ ڪِيئن هلندي پرينءَ پڄندي
٢. ڦوڙائو فراق جو، هن ڏکيءَ کي نہ ڏي، وو ڀلو
آءٌ ڪِيئن هلندي پرينءَ پڄندي
٣. ٻُکي ڏي ڪا ٻاجھ جي، جانب جيءَ جَدي، وو ڀلو
آءٌ ڪِيئن هلندي پرينءَ پڄندي
٤. غلام محمد مَنڊ کي وو ويندا تان نہ ڇڏي، وو ڀلو
آءٌ ڪِيئن هلندي پرينءَ پڄندي

داستانو نائون

(١)

ڏوريندِيس ڏونگر، جانب ڪارڻ جيڏيون
ووڙيندِيس وٽڪار ۾ ڏيئي وَراڪا وَر
ڪاهي ويندِيس ڪيچ ڏي ڇني ڇيهُ ڇپَر
اِيَ ڪُپيري پَر، پيرن پاسي جي ٽيَان.

(٢)

پَٻ مَٿي پيرا، ڏنم ٻاروچن جا
اولهہ لَڪ لنگهي ويا ساٿي سويرا
وِلهي اَويـــرا، وَهندِيَ ٿِـــي وٽڪـــار ۾.(١)

(١) اصل: وِهندي ('و' جي هيٺان زير سان)

(٣)

پٽر متي پير، ڏنم ٻاروچن جا
وڃي ڪيچ قراريا ڏوري ڏونگر ڏير
سَوا سُونھين سير، لَهان ڪونہ لَڪن ۾.

(٤)

جَبلَ ۾ جايُون، ٻُجهَن ٻاروچَن جون
نَڪِي محلا ماڙيون، چَنا نہ چايُون
’بُرو‘ بلوچن ڪي واتَ اندر وايُون
ڪَہ ۾ ڪَمايُون، ڪندا وڃن ڪيچ ڏي.

سر حسيني

داستانو پهريون

(١)

وَڏِيُون ڪِيمَ وِهو، اُتي ٻَڌو سَندرا
جنه سان سَڱُ سِهو، سو ڪويهارو ڪيچ وِيو.

(٢)

وِهو ڪِيمَ وَڏِيون، اُتي ٻَڌو سندرا
وَجي پاڻ ڪَڏِيون ڪويهارو ڪيچ ڏي.

(٣)

جيڪي هَلڻهار، سِي مَر ٻڌن سندرا
ٻِئن ناهِ مَيار، ڇُلَڻ پاسِ ڇپرَ جي.

(٤)

ڇُڪِيءَ چوري چاڪَ، وِيو ڪويهارو نڪري
قُوڙائو فِراقَ، آيا موٽي مَنّهَ ۾.

(٥)

فراقن ڦاڪُونَ، ڪِئو منهنجو جِندَڙو
اجا تَڏاڪُون، ڪچ نه ٻَنديجَنِ پاڻ ۾.

(٦)

ڦاڪُون ڪئو فراق، جيءُ منهينجو جيڏيون
اَجان دَر اوطاق، بينا آهن اُپٽِيَا.

(٧)

والي واري آڻِ، ٻاروچا پنهيور ۾
وينئي واٽ نهاريان ڪويَهاري جي ڪاڻ
ڪري روح رهاڻ، ڳُجهه ڳرهيان ڪي ڳالهيون.

(٨)

پينر هن پنيور مان وجو سڀ پَڇي
هاچي منجهه هڇي، متان وجو ويسريون.

(٩)

پينر هي پنيور، آهي دوزخ اَڳرو
ڏسي ظُلمت زور، وڃي دوزخ دَهلِيو.

وائي

مون کي ڇپر ۾ نه ڇڏيجا، کوهيارا ڪيچ جا
١. هيٺيءَ تي هِن حَبَ ۾، هلي هوت اچيجا
پاروچا ڪيچ جا
٢. پورهيت پنهنجي پاڻ سين، گوِلي نيئي گڏيجا(١)
کوهيارا ڪيچ جا
٣. پاڻُ پَلائي پنهنجو، نال نماٽي نيجا
پاروچا ڪيچ جا
٤. غلام محمد مانديءَ کي، اچي محبَ مِليجا
کوهيارا ڪيچ جا

داستانو پيو

(١)

ونجُهلڻ وَڏياس، جَنّ جوکو جيءَ کي
مَادَرِ مارِيَاس، ڦوڙائي پرينِ جي.

(٢)

سرتيون تا ساڙينِ، مون کي سورَ سڄڻ جا
وَرَ ڏي وِلاڙينِ، وڃهي ڇيري ڇَرَ ۾.

---

(١) اصل: پُهريَت

(۳)

مَن تي مَگرُ مڇُ، ٻاري ٻاروچو ويو
لڳيءَ ري هِن لوڪ ۾ ڪونَ پَروُڙي سَچُ
اَمڙ اوري اڄُ، ڏِسُ چاراتيو ڄندڙو.

(۴)

لُوءَ لُوءَ منجهه لُوساٽَ. لڳي ڄيري ڄَر جي
اَندرِ اُڄ اُساٽَ. مون کي مون پريـنِ جي.

(۵)

آڏا لَڪِيون لَڪ. نڪي سَوان سيرَ ٿئا
جُدا دوزخ پائيان پرينءَ ري پَلَڪ
مَرڻ مون مَرَڪ، پُنّي پير پنهونءَ جي.

(٦)

موتُ نہ ماري ماء، ماري ڦوڙائو
حياتي هوتن ري ڪارِي قِيَاما
وري وَصُل واء، تہ جَڏو جيئي جِندڙو.

(۷)

موت نہ ماري جيڏيون، تي ماري جدائي
حياتي هوتن ري قيامت آئي
سَڪراتان سائي، ڳري پايان ڳالهڙي.

(۸)

نڪا راحت روح کي، نڪو سُمهڻ سُڪ
ڏڪن مٿي ڏڪ، آيم هوت پنهونءَ ري.

(۹)

پنهون پاڻ سڃاڻ، عيبن پري آهيان
نہ ڪي ڪارون مون ڪيون، ڪويهارا تو ڪاڻ
خطا ٿِئم اوساڻ، پَسي لکڻ پانهنجا.

(۱۰)

پنهون پاڻ سڃاڻ، مون ۾ عيب عميق
توريِءَ ٻِئو شفيق، ڪونہ ڏسان ٿي ڪو ٻئو.

(۱۱)

کيئن ڪَيان ڪاڏي وڃان، نہ ڪو مُنہ ٿِئومِ
ڪرڻ پنڌ پئومِ، جاڏي جبل جو.

وائي

دَردَ وَندِيءَ ڏي ايندا، نيندا ڪين ڇڏيندا
مئي کي مور نہ مَٽيندا

۱. پورهيت پنهنجي پاڻ سين گولي نيئي گڏيندا
نيندا ڪين ڇڏيندا

۲. مُنہ مقابل مئيءَ سان محبَ ملاقي ٿيندا
نيندا ڪين ڇڏيندا

۳. ڪيچي نيئي ڪيچ ۾ لوڙه مُنيءَ جو لَٿيندا
نيندا ڪين ڇڏيندا

۴. غلام محمد دَرمانديءَ کي، ڪَلمي ساڻ سڏيندا
نيندا ڪين ڇڏيندا.

داستانو ٽرئو

(۱)

جهُنو سيِ جَهان، جانب بنان جيڏيون
ٿيئي نينهن نهوڙئا عقل، شرمر، شان
صاحب رب سُبحان، ميلو ڪندو سَڄڻين.

(۲)

پيئر هن پنيور ۾ سَڄڻ هُئُم صَحي
ڳٽُن سندي ڳالهڙي آيم روح رَهي
ايڏو سُور سَهي، ڪينِ جِيان ٿي جيڏيون.

(٣)

کين جيان تي جيڏيون، نڪِي تي مران
ٻالهيون ڳُڻن سنديُون ڳُٽيو تي ڳَران
چيتاريو چَران، تازا سُور سرير ۾.

(٤)

رويو ڪَڏان پار، ساريو سُپيرن کي
آڌيءَ رات وٺي وٺا پوريءَ جو پتار
هاڻي هَنجُن هار، ويٺي هاريان رَت جا.

(٥)

اندر ڪاتي قرب جي ڪَپي ۽ ڪوري
تَڪي ۽ توري، هينئڙو هَڻي هٿ ڪَري.

(٦)

سُورن ساڙيَاس، هنيين سان هاجُو ڪري
هَي هَي هارِياس، اَندر آڙهه عشق جي.

(٧)

عشق نہ آهي ذات، جنهن کي ڏوراپو ڏيان
اُلانبا عَميق ڏي، ڏُکيءَ ڏينهان رات
ساري ڪِيائين مات، وجهي ڄيري ڄَر ۾.

(٨)

پيئنر هي پنيور، باه برابر پائيان
ظاهر باطن زور، ٻَران هوت ٻروچ ري.

(٩)

هورَن حَشر لائيَا، مُنيءَ کي ماري
هنجهون تي هاري، ڪڍي پار پنهونءَ جا.

(١٠)

پرِيتَمُ پنهونءَ جو نسورو ئي نور
مُنيءَ مور نہ وسري اُهو ذوق ضرور
هاڻي هيءُ قصور، پرينءَ متّان گهوريان.

(١١)

وِهان ويهي نہ سگهان، هَلان هيٺو حال
نَڪا وِندُر دِل جي نڪا قِيل مَقَال
سَاعِت پايان سال، پيئر هن پنيور ۾.

(١٢)

مُنيءَ متي هٿڙا، واڻن تي وينِي
ڪڍي پار پنهونءَ جا چپر ۾ پيني
ڏُکيءَ سان ڏيني، ڪِج ڪامل ڏٺي ڪيچ جا.

(١٣)

منيءَ متي هٿڙا، ويني وڻن هيٺ
پيرين پڄي نہ سگهي، وِهَڻ اچي نہ ميٺِ
اچي جانب چيٺِ، اَلا ڦٽ فراق جا.

وائي

آئون ويندس سڄڻن ساڻ، ڏيئي باه پنيور کي

١. ڏسان شال اکين سان وَڃي سي سرواڻ
ڏيئي باه پنيور کي

٢. "فَاذْكُرُوْنِي اَذْكُر كُمَ" پِرين جا پرياڻ
ڏيئي باه پنيور کي

٣. ڪين ڇڏيندا ڪڏهن پنهنجي پورهيت پاڻ
ڏيئي باه پنيور کي

٤. هيٺي سان هن حَبَ ۾ ڪندا روح رهاڻ
ڏيئي باه پنيور کي

٥. غلام محمد مامَ ۾ پنهنجو پاڻ سڃاڻ
ڏيئي باه پنيور کي

وائي

قسمت قَيدَ المَاءِ، قَوي آهي حَدِيَد کان

۱. ڪو مٿائي ڪون ڪو، لکئو جو قلماءِ، جو قلماءِ
قوي آهي حديد کان

۲. والي مانَ وصال جو ڪو ورائي واء، ورائي واء
قوي آهي حديد کان

۳. ويِنديس وِهَنديس ڪينڪي مونکي پل م پاءِ، پل م پاءِ
قوي آهي حديد کان

۴. جنه کي نائڪَ نينه جي هوندو تنه کي سماء، تنه کي سماء
قوي آهي حديد کان

۵. غلام محمد مَامَ ۾ مون کي محب مِلاءِ، محب مِلاءِ
قوي آهي حديد کان

داستانو چوٿون

(۱)

ڏسي ڪَرڙا ڪَاڪَ، رُئان ٿي رَتَ گاڏوون
مون کي قسم مُصاف، وِرهَ وِلهوڙي آهِيَان.

(۲)

ڏسي ڪاڪ وڏا، ويٺي هنجهون هاريان
پيچي ڏير هَڏا، وئا ويچاريءَ جا.

(۳)

ڪَاڪن ڪُنِي آهيان، ڪري واتون وَرَ
سور سُجيءَ کي سَرَ، ڏِسي ڏونگر ڏاڪڙا.

(۴)

سورن سِڏاياس، ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان
ڏکن ڪارڻ جيڏيون مادر نپاياس
هوند نہ جي ڄاياس، تان نہ پِئِسِ مَامِري.

(۵)

ڪافَن ڪِئو ڪَڪ، جڏو ڪري جندڙو
اَڏ ترِچا آهُڙا وڏا ڏونگر لَڪ
ڏُڪِيءَ ڏانه فَلڪ، مُڪِي فوج فراق جِي.

(٦)

ڪافَن ڪَڪ ڪِئو، جيءُ منهنجو جيڏيُون
هلان هلي نہ سگهان، نِپَٽ نِيهَ نِئو
جنجل جيءُ ٿِئو، مَرڻ ماڪيءَ ڪان مِنو.

(۷)

چُڪيءَ چاڪ مَ چور، جي وِنجهلڻُ وِڍي چِڏئا
ڦوڙائي فِراق جا آيَمِ هينئڙي هور
هاٿي هي پنهور، پينر پيڙو نہ ٿئو.

(۸)

چُڪيءَ چور مَ چَاڪ، جي ونجهلڻ وِڍي چِڏئا
هڪ ڪشالو ڪَاف جو، ٻئو ڦوڙائو فراق
اندرِ ڪِي اوطاق، آٿي سورن سِڪَ جي.

(۹)

هيڏي هوڏي هَڏ، منهنجا لَڪَن لوڏِيا
آيون عجيبن رِي عيدون گوندر گَڏ
مَنَ منيءَ جا سڌ، ٻُڏي باروچو وري.

وائي

وچو ڪيم ورِي، وو باروچا، رهو رات پنهور ۾

۱. جدا جالڻ جندڙي آيم ڳالهہ ڳري
وو باروچا، رهو رات پنهور ۾

۲. ڏسي ڏونگر ڏاڪڙا، ڏُکي ڏُور ڏرِي
وو ڪوهيارا، رهو رات پنهور ۾

۳. غلام محمد غم ۾، ڪولي دوست دري
وو باروچا، رهو رات پنهور ۾

وائي

وري آءُ وري، وو ينيا گهوٽ ينيور ۾
١. ڦوڙائي فراق جا. چکيا چاڪَ چري
وو ينيا گهوٽ ينيور ۾
٢. ڪنهن کي ٻُڌايان درد جي اها ڳالهه ٻري
وو ينيا گهوٽ ينيور ۾
٣. واري وار وڃائيان جي ڪولي دوست دري
وو ينيا گهوٽ ينيور ۾
٤. غلام محمد غم ۾ ويندِيس مَاڳ مري
وو ينيا گهوٽ ينيور ۾

داستانو پنجون

(١)

ڏِسِي مَران شال، رَوَيَتَ چام پنهونءَ جي
جهين ڪارڻ حال، روئي وڃايم روهه ۾.

(٢)

رويو ڪيان پار، ڏسي ڏونگر ڏاڪڙا
پٽر پير پٿون ڪيا، ويچاريءَ هيڪار
وَرُ ڪويَهارا يارَ، ڏُڪن ڏيل ڏکوئيو.

(٣)

مادر مون کي ڪا، ڏني سُتي سِڪَ جي
مُنيءَ مور نه وسري سرتيون پيئر سان
مون کي ماريو ماء، جهوليءَ جَهلي جندڙو.

(٤)

ڪَنهِ سان سَلان سِڪ، جا مون اندرِ جندڙي
چاڻي مالڪُ هڪ، مَزو تهين ذوقَ جو.

(۵)
ويندِيس ڪيچ ڪَهي، ڏوري ڏونگر ڏاڪڙا
ايڏو سور سهي، ڪين جيئنديس جيڏيُون.
(٦)
وينديس ڪهي ڪيچ، ڏوري ڏونگر ڏاڪڙا
جَنه سان پِيو پيچ، سوئي پسان پنڌ ڪري.
(٧)
ڪيچن ڪارڻ هوءِ، مونکي ماتم مَنَ ۾
ڪونہ ڏسان پيو ڪوءِ، جانب جيهو جيڏيُون.
(٨)
ڏونگر ڏيئي ڏُک، منهنجو ڏيل ڏکوئيو
لَڪَن سندي لُکَ، لُوءَ لُوءَ کي لُوساڙِيو.
(٩)
ڏُکي، هن ڏونگر جا ڏولِي جاتَج ڏُکَ
ساڙ سيپيئي سُکَ، ڏورِ تہ ڏسين هوت کي.
(١٠)
ڏُکن جون سَڏون ڪري، سُکن کي نہ چڏين
مُنيون سي مسڪين، مُور نہ مِلن هوت کي.
(١١)
ڏسي ڏونگر ڏاڪڙا، ويٺي رُئان رَتَ
وَر وني مون واتَ ٿئا، جاڙون ڪري جَتَ
نڪا سُڌ سَوَنُتَ، پريان سندي پار جي.

وائي

سانجهيءَ ساڻ سوير، سُتِينءَ پير درگها ڪري
١. آڏيءَ رات اُٿي وِئا، پُڇين پره جو پير
سُتِينءَ پير دِرگها ڪري
٢. ڏونگرَ ڏيجُ ڏکيءَ کي ڏيئي ويڙا ڏير
سُتِينءَ پير دِرگها ڪري

٣. ماري ويا معذور کي، ڪري رات انڌير
سُتِينَ پير ٻر گها ڪري
٤. جبل ٿو جاڙون ڪري، لَکَن لائي اُلير
سُتِينَ پير ٻر گها ڪري
٥. ري ڪويهاري ڪاف مان ٻيو اُڪاري ڪير
سُتِينَ پير ٻر گها ڪري
٦. مِلان مانَ ٻروچ کي جَنه سان هينئڙي هير
سُتِينَ پير ٻر گها ڪري
٧. غلام محمد محبن رِي، پايان دوزخ دير
سُتِينَ پير ٻر گها ڪري

داستانو ڇهون

(١)

پردو رکج پير، پياديءَ جو پنڌ ۾
مون کي ڄام پنهونءَ جي اندر منجهه اڪير
وِهان وِهَڻ نه ڏئي قادر جي تقدير
وَجهي ويا وجود ۾ زوراور زنجير
لڳو لوه عَليل کي ڪَرمي قابو ڪِير
مديني جا مير، اَمُن سان اُماٽيين.

(٢)

پينر مون کي ڪا، پيئي ڇِڪ ڇَپر جي
لڳو پاند پنهونءَ سين منهنجو مِيَثاقا
ڏوري ڏسان ڏيهه ڏٽي ڏونگر جا ڏاڪا
تَنُ تِڪُون طاقا، ڪَري ويندِيس ڪيچ ڏي.

(٣)

پينر ڪا پيئي، مون کي چِڪ چير جي
وهَان وهي نه سگهان، واڳ وَسان ويئي
پاءِ، پاٽينجُون، پينرُون، وسريا سپيئي
ساهُ سسي نيئي، ڏيان هوتَ پنهونءَ کي.

(٤)

هيڪلي هَلُ مَ سسئي، سونهون ڪٽج ساڻ
"مَنَ لاَ شَيۡخُ لَهُ فَشَيۡخُهُ الشَّيۡطانُ"، هي پروڙج پاڻ
اڳي توکان ڪيتري ويئي لَکَن هيٺ لَڏاڻ
وري پيدا نه ٿِئو ڪو منجهان تَنه اَلَواڻ
ڪويهاري جي ڪاڻ، پڇي پورج پنڌ ۾.

(٥)

هيڪلي هَل مَ سسئي، ڪڻ بابُو بُرائو
اڳيان سُجهي سخت ٿو رِمَالِي رائو
وَرڻ وَرائو، سونهون گهرجي ساڻ ٿيو.

(٦)

سونهان هلن سامهان، اَسونهن کي سُور
رِي وسيلي ويسريون غارن ڪِيون غَرقُور
تني جا مذڪور، ڪَري ڪِجَن ڪيترا.

(٧)

آءُ اورانهون سپرين، مِرون ٿا مارين
وجهي وات وِلهيءَ کي ڳچ اندر ڳارين
ڪو دم جيئارين، ته جِئري پَسان پرينءَ کي.

(٨)

آءُ اوراهون سپرين، سيرَ ڪيّا سُورن
آٽي حشر لائِيَا پُورن تي پُورنَ
واري وَهلورن، مون مَنُ وِڏو مامريَ.

(٩)

مونکي چِڏ مَ ڇپرين جامَ پنهُون آري
وريو ويچاريءَ تي وِڇوڙو واري

جُدائيءَ جي جِيءَ تي قيَامَت كاري
دل كي دلداري، ڏي كويهارا كيچ جا.

(١٠)

چوري چڏ مَ چيرين، پُنهون پيارا
آٽي جوڙيا جيءَ ۾، جولاهَنِ جارا
نيٽن مان نارا، ويني هنجهون هاريَان.

(١١)

توڏن تان نه تَواريو، كُٽكيا كين كنواٹ
سنجهي ساٹ سَنواٹ، ٿِئو روانو روهَ ڏي.

(١٢)

نكو حرفُ بَروچ ڏي، نكو ڏيرن ڏوه
نكو راه رَملَ كي، نكو رائي روه
جيكي لكيو لوح، سو ٿِي پاريان پٽرين.

وائي

منهنجي جيءَ ۾ جوشُ اَجهلُ ڙي جيڏيون
مون كي پارٹ پاريو پاروچي
١. وئو كوهيارو نكري، كانہ پيم كا كل ڙي جيڏيون
مون كي پارٹ پاريو پاروچي
٢. هيءُ ڦوڙائو پرينءَ جو، لكيو روز اَل ڙي جيڏيون
مون كي پارٹ پاريو پاروچي
٣. جيءُ منهِينجو جيڏيون جاليئو جوش جبل
مون كي پارٹ پاريو پاروچي
٤. غلام محمد غم ۾، جيئٹ آهي جنجل ڙي جيڏيون
مون كي پارٹ پاريو پاروچي.

داستانوستون

(١)

چو تـي سُتِينءَ سسئي، پائي پير پلنگ
لڳو ڪونہ ٻروچ جو توڪي ڀهڳڻ ڀَنگُ
وڇوڙي جو ونگ، وِجهي وِيئي وَلُهو.

(٢)

ٻاروچي ڪي ٻاجهہ، پوي مانَ پَرتِ جي
وڇوڙي جو واجهہ، ڇِني ڇڏي ڇپرين.

(٣)

نِيهُ نِبيرو نہ ڪري، نڪا ساهي سُور
پريان سندي پار جا پُورن مٿي پور
غَمَن ڪِيو غُرقُور، جيئڻ منهنجو جيڏيُون.

(٤)

نيهُ نبيرو نَہ ڪري، نڪا ساهي سڪَ
اندر اُج عَميق جي پُورِي پوي نَہ پڪَ
اِيءَ لَولاڪي لِڪَ، لڪي ڪين اَلَڪَ ۾.

(٥)

ٻاروچِي ٻولي، صَحِي سِڪج سسئي
اچي ڪندا پاڻ ۾ گُفتو گِردولي
شَب رَوان بَڪيچا بگذران گولي
ڏِکن جي ڏولي، مَتان ڏِينِي ڏوسِيا.

(٦)

صَحي سڪج سسئي، ٻولي ٻاروچي
گويا ڪندا پاڻ ۾ بَرادرم روچي
متان ڪا روچِي، ڪَري وَجنِيَ ڪيچ جا.

(٧)

ڪين ٻُجهان تـي ڪِي، ٻئو نَسوري نـادان[1]
مون تي خَندو خَلق جو، جاهلَ منجهہ جهان
ٻاروچي جـي مانُ، مون ڪي ماڙِهن مان ڪيو.[2]

---

(١) اصل: ڪيئہ ٻئو

(٢) اصل: ماڙن مان

(٨)

ڏيرن ڏنو ڏاج، ڏونگر ڏُکوئِيءَ کي
هليو درد فراق جو رئي منجهه رواج
وجهي هلنديس هوت ڏي تارک متي تاج
مون سان پاڻ پهَاج، ڪا مَ هلي ڪا ڪيچ ڏي.

(٩)

'مون' جَني جي مَن ۾، سي مون سان ڪيم هلن
جانب جي جمال ۾ جامعُ تِي جَلَنِ
تِهان پوءِ سَلَن، سِڪ پريان جي سونهن جي.

(١٠)

'مون' سان ڪا مَ هلي، 'مون' کان هوت پَري ٿئو
مَرُ سان پاڻ پَلي، 'مون' جهين کي ماريو.

(١١)

'مون' کان هوت پري ٿئو، هوت پراهون مون
آرِيءَ جي وِصال ۾ 'مون' نہ ليپي ڪا 'تون'
مون کي جَن گُذاريو، سي اصل هُيُون هُون
لَعلڻ سندِي لُون، ڪوڙن مان ڪا لَهي.

(١٢)

تَڪيو هوت پنهونءَ جو ڏوريندیون ڏِسَن
پرين سي پَسن، جن پاڻ وڃايو پانهنجو.

(١٣)

جيسينءُ هُيون پاڻ، تيسينءَ 'پاڻ' پَري ڪِيُون
ڇڏيو جَن جاهِل تي جِتائيءَ جو جاڻ
ٿيون ڪنگاليون قرب جون ڪويهاري جي ڪاڻ
سورَ ڪري سَرواڻ، ديکيائون در دوست جو.

وائي

منهنجي لعلڻ لايا ڏِينهَ
آيَلَ هيئن، جدا ڪيئن گذاريان
١. آيو اوهيرا ڪري، مون تي محبت سندڙو مينه
آيَلَ هيئن، جدا ڪيئن گذاريان
٢. لڳي ناڻُڪَ نِيهَ جي منهنجي سيني منجهه سَرينه
آيَلَ هيئن، جدا ڪيئن گذاريان
٣. منهنجو مَنُ نِهوڙيو چامَ پُنهل جي نِينهَ
آيَلَ هيئن، جدا ڪيئن گذاريان
٤. غلام محمد مامَ ۾، آيو عشقُ شَمائِلَ شينه
آيَلَ هيئن، جدا ڪيئن گذاريان

داستانو ائون

(١)

سُورائتي ڪِي سِر، اڃان هوت اڳي ٿئو
هلِي هيٺي حال سين، پيش پريان جي ڪِر
سندِي وِرهِنِ وِر، چيڙيِنِي چيٽ ڪَري.

(٢)

سَگهيون هَلن هوت ڏي، آڱهيون تان مَرهُون
متان رهي روه ۾ رَت وَرَنُو رُوُنَ
پويان پيرَ نه پُونِ، هِيَانُ هَلَٺَهاريين.

(٣)

سَگهي انگَ صَحِي، سِگهيون پُڄن پرين کي
اوري آريءَ چام ري وينيون تان نه رهِي
منجهان ڪاف ڪَهي، وِڃي ڪيچِ قَرارِيُون.

(۴)

سَگھو جَنِ سَرير، سي مَرُ هَلن هوت ڏي
ڪانَ پُڳِي ڪا پرين ڪي، تابعُ تي تدبير
جي محبت متي مِير، ڇپَرُ تَن ڪي ڇاڙِڪي.

(۵)

پينر هن پنيور مان آگهي ڪا مَ هلي
جَڏائِي جبل سين، ڪنهن جي ڪانه چلي
متان سُورَ سَلي، هلِي سجڻَ سامُهان.

(٦)

منهنجو مَن مريض، ڪَنه، پَرِ پُڄي پرينءَ ڪي
عقل هوش هَلِي وئا، تالانَ تِي تميز
محبت جي مَويز، چڪڻ سان چريو ڪري.

(۷)

گِسِي گَسُ نهاريَان، جَت نه پَسان جُوءِ
وڃي تي وجود ۾، سندي هوتن هُوءِ
بَرن منجهان بُوءِ، آيم چام پنهُونءَ جي.

(۸)

گِسي گَس نهاريان،، جُوءِ نه پَسان جَت
وَتان وِڳاٽي گهٽو، رويو رُئان رَت
منهنجِي مُوڙهي مَت، جانب بِنا جيڏِيُون.

(۹)

گِسي گَس نِهاريان، ڏير نَه اوڏا هُون
هَاري هنجون رَت جون، نيڻ نِماڻا رُوَن
پَر ۾ پيئيُون پُونِ، پچارون پرينءَ جون.

(١٠)

'ڪَتر' ڇڏي 'ڪَسَر' ڏي جَڏهن هليون جي
تڏهن وڃي سي، ويجهو ٿيون وصال ڪي.

(١١)

ڪَٽر ڇڏي ڪَسر ڏي جڏهن جي هَلَنِ
سي ڪڏهن ڪين سَلَنِ، سِڪَ پريان جي سُوَنه جِي.

(١٢)

ڪَٽر ڇڏي ڪَسر ڏي، جي هليون هِيَائُون
تن ڪي تٽائون، پَسَڻِ پيو پرينءَ جو.

وائي

منهنجا ساري ڏيج سلام، ڏيج سلام
پانڌي پيش پريان جي
١. جدائيءَ جِي جِيءَ ۾، قائم آهي قيام، آهي قيام
پانڌي پيش پريان جي
٢. نائي نيڻ نياز سين، ٻڌي هَٿَ تمام، هٿ تمام
پانڌي پيش پريان جي
٣. ڏولائو هن ڏيهہ جو، ڏيئي ڏير ويام، ڏير ويام
پانڌي پيش پريان جي
۴. غلام محمد غم ۾، منهنجو مَن مُدام، مَن مدام
پانڌي پيش پريان جي.

داستانو نائون

(١)

پينرَ تِي پيِّرا، مون ڪان هوت هَلي وئا[1]
ڪيچن اُٿ پلاٽيا ساجهر سويرا
تانڪُونَ تَنهِ ويرا، مون تي محشر آئيو.

---

(١) 'پيرا' (پ جي هيٺان زير). اصل: ائين، هت توڙي هيٺ ايندڙ بيتن ۾.

(۲)

پينر پيُرا تـي، مون كـان هوت هَلِي وئا
ائين مـون نَـہ پـروڙيـو، كو واءُ ورندو هِي[1]
جَڏو تِئِمِ جِي، چُرَڻ سَپ چُكي وِيا.[2]

(۳)

حشر كري هَلِيَا، پيرا تي بلوچ
لُوءَ لُوءَ لڳي لوچ، نيٽان نِيرَ نَئِي پِئا.

(۴)

حشر كري هَلِيَا، منهنجا سيڻ سڳا
اُلا آڳ عميق جا لُوءَ لُوءَ منجهہ لڳا
ويئي وجودان نكري، تانكُون تن تڳا
وسريا ويس وڳا، كِئڻ كامَڻ آئيو.

(۵)

حشر كري هليا، منهنجا سڳا سيڻ
محرم منهنجي حال جو، ياءُ نہ پانيان پيڻ
وينئي هنجون هاريَان، نيرو منجهان نيڻ
وِردَ وظيفا ويڻَ، مون كي ڇام پنهونءَ جا.

(٦)

اَڏر نڌَرَ اَپري، پنڌ نہ پڄي مون
الله لَڳِ عليل ڏي، اڄچ اوراهون
توسان لڳي لُون، ميثاقان منهنجا پرين.

(۷)

اَڏر نڌر اَپري، پير نہ پڄن هي
جاڏي هن جبل ۾، جڏو تيمِ جي
آءُ پيارا پي، تہ پراهين پري پوي.

(۸)

اڏر نڌر اپري، هيءَ تان جڏي جوءِ

---

(۱) اصل: هيءَ

(۲) اصل: جيءَ

ويٺي واٽڙين تي رَت وَرنو روءِ
ڪَڍي پار پنهون جا، چاڪ چڪايو چوءِ
مَنَ مُٺي جو هوءِ، جاني هن جبل ۾.

(۹)

پير نہ پڇن پرينءَ کي، توڙي ٽِئن رت
پسي پنڌ پهاڙ جو موڳي ٿئي مت
هينئڙي جي هِمَتِ، هلڻ رِيءَ هُت ملي.

(۱۰)

پير نہ پڇن پرينءَ کي، توڙي رَت ٽِئن
سندو پنڌ پرين، هنيين سان هَل ٿئي.(۱)

(۱۱)

پير پرائي پر، ڪَنه پر پڇن پرين کي
دوستن سندو در، هنيين سان هل ٿئي.

(۱۲)

هٿين، پيرين، اکيين، پرين پراهون
ويٺي وصلُ نہ ٿئي، آرَ نہ اوراهون
هينئڙي جون آهون، اوري ڪن قريب کي.

(۱۳)

ويجهو ٿيون وصال کي، ڇڏي پنهنجو پاڻ
”وَ نَحنُ اَقرَبُ اِلَيهِ مِنَ حَبلِ الورِيدَ“ سِگهي سنگت ساڻ
تَنِي جا پرياڻ، پنهون ڄامَ پروڙئا.

وائي

آئون جا ڇِنيسِ ڇپر ڇوري
ڪا ڪوهياري کي کهل پوي
١. جدائي جي جيءَ ۾، لُوءَ لُوءَ لڳڙي لوري
ڪا ٻاروچي کي ٻاجهہ پوي

(۱) اصل ائين. (هينين سان حل ٿئي؟)

٢. جانِبَ ڪارڻ جيڏيون، ڏونگر ٽينديس ڏوري
ڪا ڪوهياري ڪي ڪهل پوي
٣. سڄڻ ساريو ٽي مَري، هِن پنهور ۾ پوري
ڪا پاروچي ڪي پاجهه پوي
٤. غلام محمد غم ۾، آهي جهجڻ ۽ جهوري
ڪا ڪوهياري ڪي ڪهل پوي.

داستانو ڏهون

(١)

اجان هيءُ پنهور، چوري چو نہ چڏيئي
ٻَڌي سندرو سڪ جو اُتي ڏونگر ڏور
آرياڻي آتور، وِچ ۾ ٽيندئي واهَرُو.

(٢)

اجان تو ۾ پير، پوري هن پنهور جو
پُنيءَ پنهونءَ پير، ڪاهِ تہ پهچين ڪيچ کي.

(٣)

اجان تو ۾ بُوءِ، پوري هن پنهور جي
چڏ سِياڪا سسئي، هي هتي جاءِ هُوءِ
تان تون روءِ بروُءِ، پيسن چام پنهونءَ جي.

(٤)

اجان تو ۾ باس، پوري هن پنهور جي
لاهي چَڏ لِڱن تان لالائي لباس(١)
هُتَڻ جا حواس، آڏا آهن هوت کي.

---

(١) اصل: لعلائي

(۵)

آجان تون اوري، ٿي پير نهارين پرَ جو
پرين پراهون ٽئو ٽڪيءَ جي ٽوري
ڪايا تان ڪوري، ڏجان ماه مرن ڪي.

(٦)

ڪايا مٿي ڪانگ، مر وهِني سسئي
اجـان ڪنين نــ سُيَئِي سنـدي بــره بـانـگ[1]
سندو سِسيءَ سانگ، لاهہ تہ ملين هوت ڪي.

(۷)

پنهون آءُ پيهي، نِماٽيءَ جي نِجهُري
گُجهہ گُرهَيون پاڻ ۾ وِڇوڙيا ويهي
تيزابن تيهي، لڳي باه بره جي.

(۸)

سورن سندي سير، در ڏيکاريو دوست جو
سونهپ سپيرن جي، ٻيو ڏيکاري ڪير
تَن پلارن پير، شال مَ وڃي وسري.

(۹)

سَگها هجن سور، آگها ٿِينِ نہ ڪڏهن
اَجهي جن جي آهيان هميشہ مَعمور
دوستن جي دستور، در ڏيکاريو دوست جو.

(۱۰)

سگها سور هجن، آگها ٿِيَن مَ ڪڏهين
پايو مُنه مُونن ۾ تڳان تاريءَ تَنِ
پاران جي پِرِينِ، سانديان سي سرير ۾.[2]

---

(۱) اصل: ”اجان تو ڪنين نہ سئي سندي بره بانگ“

(۲) اصل: پرئن

(۱۱)

سپيريان جي پار ڏي، سونهان سُور ٿيام
ڪيچن ڪارڻ ڪاف ۾ قائم ٿي قيام
"يَسۡتَعۡجِلُوۡنَ فِي سَبِيۡلَ اللهٰ" پنهون جا پيغام
نيڻن ننڊ حرام، ڪر تہ پهچين ڪيچ ڪي.

(۱۲)

ويهي جِمُ وساريين، پرين جي پچار
ڏُکائيج اندر ۾، دونهون انڌوڪار
ٻـيجاٽِي ٻيهار، ٻارج ٻاف ٻروچ جي.

(۱۳)

ٻاري ٻاف ٻروچ جي هلج پاسي هوت
وساريج مَ ويسري جانب سندي جوت
"لَيۡس لِيلاۡنسان اِلاّ ماسَعَيٰ" سوئي سُٽج صَوۡت[۱]
پِريتاٽو پوت، پاتـي، پورو نہ پوي.

(۱۴)

ٻاري ٻاف ٻروچ جي مَرُ ڪامِي ٿيءُ ڪوڙ
اَنَا اَدِيۡتَہُ جي عُهۡد ۾ جُزِيَ جاءِ مَ جوڙ[۲]
تاٽج مٿي توڙ، مَٿـي مُنہُ مجاز جو.

(۱۵)

ڪَرَها مَٿي ڪَرَ، ڪَري هليا ڪيچ ڏي
آءٌ اوراهون ٿي رهان، هو ڏوري ويا ڏونگر
ٿَڪِيءَ ٿيلهيو نہ ٿئي هٿين پيرين ٽر
ڪويهارا ڪنهن پر، ڇوري ڇڏ مَ ڇپرين.

(۱٦)

وِلهيءَ سين واپار، ڪر ڪويهارا قرب جو
مُنِي مون معذور ۾ اوگڻ عيب اپار

---

(۱) اصل: ليس علي الانسان الا ماسعيٰ"

(۲) 'انا اديته جي عهد ۾' اصل ائين جڻن هٽ رکيل. 'عهد' جي دال تي بهرحال زبر هجڻ گهرجي.

”وَنَحنُ اَقَربُ اِلَيه مِنَ حَبل اَلوَرِيد“ پرينءَ تو پچار
ڏُکيءَ ڏيکيو نہ ٿئي دوستاڻو ديدار
ٻاروچا ٻيهار، وارج ورق وصال جو.

(١٧)

وندر آءُ ويندي، چني ڇيه ڇپر جو
هٿين پيرين هوت جي لڳي مون ميندي
سورن سان سيندي، ٿيس ميثاقان اڳي.

وائي

ڏوري سان ڏسندياس، جتي جُوءِ جتن جي
١. ٿيندس گهوري گهوٽ جي، جانکيتان جيندياس
جتي جوءِ جتن جي
٢. چڙهي ڏونگر چوٽيين، کا جا کُوک کندياس
جتي جوءِ جتن جي
٣. ڏسان شال اکين سان، سهٽي سونهن سندياس
جتي جوءِ جتن جي
۴. غلام محمد غم ۾، محبن کي ملندياس
جتي جوءِ جتن جي

داستان ويارهون

(١)

وندر آئون ويندي، ٻاروچي ٻولي کري
لائيندس لـگـن کـي، مـليـرؤن ميندي[1]
سورن سان سيندي، ٿيس ميثاقان اڳي[2]

---

(١) اصل: مليرؤ

(٢) هي بيت، جڻ ساڳيو هن کان اڳئين داستاني واري آخري بيت جهڙو آهي.

(۲)

منهنجو ميثاقا، لڳو پاند پنهونءَ سين
جانب جِيءِ سان ڪا، جَڙ هٽي ويو جيڏيون.

(۳)

اُٺ نه ڪو اوٺار، نڪو ساٿن سڏڙو
نڪا پهر پهاڙ ۾، نه طائر جي توار
ڪارا ڏونگر، ڪَه گهٽي، اونده انڌوڪار
مرن جي، غلام چئي، ٻَرن ۾ پُٽڪار
اُتي آرياڻي آڌار، وچ ۾ ٽيندو واهَرو.

(۴)

نڪو ساٿن سڏڙو، نڪا ڪُٽڪ ڪنوات
هڪ چاڙيڪا چوٽيون، پيو واٽون وَرَ اَوات
ڪيچن ڪارڻ ڪَاف ۾، اٿم اُڃ اُسات
سبب ساڻ سَوانَتَ، ڏيڪاريج ڏکيءَ ڪي.

(۵)

پٽر متي پير، پَسان مانَ پنهونءَ جا
ڪاهي ڪرها ڪيچ ويا، هن ڏکيءَ جا ڏير
منيءَ مون معذورَ ڪي، ڪاف اُڪاري ڪير
سندا سونهپ سير، ڏيڪاريج ڏکيءَ ڪي.

(٦)

پٽر تي پيرا، پسان شال پنهونءَ جا
جاليندس جبل ۾ جانب لاءِ جيرا
نهاريندس نِڪٽيان گهَتيون گهَٽ گهيرا
والي ڪنه ويرا، ڪافان ڪيچ رساٽيين.[۱]

(۷)

وندُر منجهان واٽ، وجي تي وَٽڪار ڏي[۲]
هَل اڳاهين سسئي، ڇڏي ڇپر ڇاٽ
ڪيڏو قصد ڪوانٺ، ڪري پهتا ڪيچ ڏي.

(۱) ٻي پڙهٽي: 'قادر ڪنه ويرا'
(۲) اصل: ڏونگر منجهان واٽ

(٨)

توکي جتن جيئن، هلڻ گهرجي هوت ڏي
ٿُنڊي مَنڊي ٿور ۾، هيٺي هَل مَ هيئن
چام پنهون کي کيئن، پَئي پَهُچنڊينءَ کيترو.

(٩)

هيٺي هَل مَ سسئي، سَگهائي ساري[1]
ڏونگر ڏکوئن کي ڏکا ڏيکاري
پرت پکي پاري، ڪِجان پَهُ پهاڙ جو.

(١٠)

ڪالهه هَلي ويا قافلا، اَڄ هلي آنَ تون
سڻ هنئين سان سڏڙا سندا چام پنهون
جي تون مارين 'مون'، تہ وصل کي ويجهي ٿئين.

(١١)

چامَ پنهونءَ جا سڏ، سڻ هنئين سان سسئي
حق نهارج هيڪڙو 'هِي' 'هُو' کي ڇڏ
"فَادۡخُلوها خَالِدوُن" هنڌ اوڏاهين اَڏ
متان مُورَکَ مَڏ، وَرَ سان ويهين ويسَري.

(١٢)

ساٿن ساٿ سنياهيا، تون ٿي سمهين آساري
کيچ پراهون پنڌ ٿيو، نہ اورانهون آري
نَڪا جاءِ جنبش جي، نہ زور ڪرڻ زوري
صبح سَواري، ڪَاهہ تہ پهچين پرينءَ کي.

وائي

والي واري وار، وو باروچا پنهور ۾
١. کيچان اوري ڪاف ۾، کيائين کيئن قرار
وو باروچا پنهور ۾

(١) اصل: سگائي

٢. چڙهي ڏونگر چوٽيين، ڪيان ڪا ڪوڪار
وو ٻاروچا پنهور ۾
٣. ڏري ڏيل ڏکيءَ جو، ڏسي ڏونگر ڏار
وو ٻاروچا پنهور ۾
۴. ڏسان شال اکين سان، سهڻو سو سردار
وو ٻاروچا پنهور ۾.

داستانو ٻارهون

(١)
ڪَهج پاسي ڪيچ، پُنيءَ پير پنهون جي
سوگهو ڪج سرير ۾، ڏيئي پريتاڻو پيچ
'هي' 'هُو' سيو هيچ، پارج ڪيمر پرينءَ سين.
(٢)
چوري چَڏ مَ پير، پسي چام پنهون جا
رِيءَ ڪويهاري ڪير، وچ ۾ ٽيندو واهرو.
(٣)
ري ٻاروچي ٻاجَهہ، ڪين پوندي ڪَنه ڳَري
صاحب سونه سٻاجهہ، وچ ۾ ٽيندو واهَرو.
(۴)
هل هنيين سان هوت ڏي وِجائي واهُون
ڪِجان ڪي قريب ڪي درد منجهان داهون
آرياڻي آهون، ٻُڌي ايندو حَب ۾.
(۵)
جَبَل ۾ جهونگار، سڀي ساٿيڙن جي
وڃي ٽي وڏڪار ڏي سندي ڪيچ قطار

نَڪو پير پنهور جو، نہ سسئي سندي سار
ايڏو رکي آر، ٿا وڃن آري ڄامَ ڏي.

(٦)

نَيون ڇڏ نَونَدِيُون، چڙهہ متي چوٽي
وِک مَ ڪج ڪوٽي، هلڻ پاسي هوت ڏي.

(٧)

جلائيج جبل ۾ جانب لاءِ جيرا
پَسين مَنَ پَٻَ مٿان پرينءَ جا پيرا
دوست سندا ديرا، ڏور تہ ڏسين سسئي.

(٨)

ڪرها قطارون، ڪري هليا ڪيچ ڏي
ڇڏي پُونءِ پنهور جي موڙي مُهارون
نَڪا تَرتَ تَرِيءَ جي، نَہ توڏن تنوارون
ڏِنائون ڏيساوري، ڏونگر ڪي ڏارون[1]
جبل جهونگارون، ٻُڌيون ٻاروچن جون.

(٩)

مون کي 'مون' نہ ماريو، توکي طعنو 'تون'
هَڻ هٿيار هٿن سين، مر تان وٺي پون
مهميزون محبوب جون صَحي سمجهون سُون
لالائي جي لُون، لاهہ تہ لڪ لنگهي وڃين.

(١٠)

سندو ڏيرن ڏسُ، پڇي پورج سسئي
"اهْدِنَا صراطَ المُستَقِيمر" اهو گورن گس
تون مُني اُتين مس، هو ويجها ٿيا وٽڪار ڪي.

(١١)

ڏاگها تو نہ ڏائيا، ڏکي ڏيئي ڏاڻ
وٺان تو اُتي ويا سويرا سرواڻ
ٿيلاهون ٿي هاڻ، ڇُلون پائين ڇپرين.

---

(١) اصل: ڏنائون

وائي

آءُ اوراهون آري وو، آءُ تہ اولِي نہ ٿِيَان

۱. آهون دانهون ٿي ڪيان، زور منجهان زاري وو
آءُ تہ اولي نہ ٿيان
۲. آڏا ڏونگر لَڪِيُون، واٽون ور واري وو
آءُ تہ اولي نہ ٿيان
۳. آءُ پيادي، پنڌ پري، بَرَ سُجهن باري وو
آءُ تہ اولي نہ ٿيان
۴. غلام محمد غَم ۾، دوست ڏِهو دلداري وو
آءُ تہ اولي نہ ٿيان.

داستانو تيرهون

(۱)

ڏُکوئي ڪي ڏير، ڏور ڏيئي ويا ڏک جي
نَہ مون ڪرهو ڪيچ جو، نہ ينپوراٽون پيير
ڪٿي پنهونءَ پيير، ڪٿي تي هٿ ڪٽان.

(۲)

ادا اي اوٺار، تو ڪي ڏٺا ڏير مون
اوري ڪِينَ وٺڪار، يا لنگهي ويا لَڪِيُون.

(۳)

ادا اي اوٺي، تو ڪي ڏٺا ڏير مون
لَڪَن ۾ لوٺي، تيس لعل پنهونءَ ري.

(۴)

ادا اي سرواڻ، تو ڪي ڏٺا ڏير مون
مون مُنيءَ جي ڪاڻ، ڪاڙهو ڪري ڪيچ ويا.

(۵)

ڪنائون ڪوني، مُني مون معذور کي
پير ڏيئي پوني، پاڻ پيهي ويا ڇپرين.

(٦)

جِت نہ جاءِ حُجت جي، نَڪا قِيلَ مَقال
نڪو منه مَجازَ جو، نڪو ويچ وصال
اتي کهڙو حال، ٿيندو مون معذور جو.

(۷)

والي ڪر وَراڻ، تہ ڏسان منه محبوب جو
وسيلا تو ساڻ، ٿيئي مانَ وصال ڪو.

(٨)

آئون جَرِيَدِي جوءِ، هو جماعتي جت ويا
ڏونگرُ ڏُکوئيءَ سين پلي پيڙو هوءِ
مون سان ويهي روءِ، تہ ڪِڍون پار پنهونءَ جا.

(٩)

سسئي ۽ سور، ويئا روئن پاڻ ۾
هُن جو اورڻ هوت سين، هي وجي ٿي وهلور
اهي پيئي پور، پيا پيش پرت جي.

(١٠)

سورن سين سِر تاج، ويني ڏوري ڏڪڙا
نڪي مِنّه ملاقات جو، نڪا حجت هاج
اهو روءِ رواج، رت ۾ روهيلن کي.

(١١)

سُورن متي سور، آيِمِ قطارون ڪري
پنپوران پرپور، پينر مون پيڙا ٿيا.

(١٢)

ڪُبيلياڻي ڪِيمَ، حَبَ ۾ هلج هيڪلي
جَر جانارا راه ۾، مَمُون مار عميم
سهسين ٿيون يتيم، هِن رتولي روه ۾.

(١٣)

هو ڪالهوٽان ڪالهہ ويا، تو کُهي ڪنئي نہ وڪ[1]
ڏُکي تي ڏيڪاريين ڏيرن ڪارڻ ڏک
جا تو ليکي لِک، سا منه ۾ آيئي سامُهين.

(١٤)

هي ڪالهوٽان ڪالهہ، وڃي پهتا ڪيچ ڪي
هن هيٽيءَ جو حال، ڪهڙو ٿيندو ڪاف ۾.

(١٥)

هوت جَني جي هنج ۾، سي مَرُ سُک سمهن
وَصل جي وِصال ۾، هر دم عيدان ڪن
سَڌر سڪ سندَن، جنهن سان پَهتيون پرينءَ ڪي.

(١٦)

هوت جني جي هنج ۾، سي مَرُ سرهيون هُوَنِ
جانبَ ڪاڻَ نہ رُوَنِ، ووء ووء ڪري وٽڪار ۾.

(١٧)

جوڙي جَتَ نِهار، ڏُکوئي ڏونگر ۾
پري ناهي پرتَ ڪان ڪيچ ڏٽي ڪويهار
اوري ئِي وٽڪار، آهي ديرو دوست جو.

(١٨)

وٽڪاران وري، نَئِي نِهارج نجهرو[2]
منجهان دوست دري، ڏوري ڏسج ڏيل ۾.

وائي

ڏيئـي ڏيرَ ويام وو، ڏورو ڏونگر ڏيه جو[3]

١. پينر هن پنيور ۾، قائم آهي قيام وو
ڏورو ڏونگر ڏيه جو

(١) اصل: 'ڪالوٽان ڪالهہ ويا تو کُهي ڪَئِي نَوِڪ'

(٢) نئي نهارج (اصل ائين) =١. نئينءَ نهارج، يعني نئين سر ٢. نيئي نهارج

(٣) اصل ۾ هت 'وو' لکيل ناهي.

٢. پانڌي هوت حبيب کي، ساري ڏيج سلام وو
ڏورو ڏونگر ڏيه جو
٣. ڦوڙائو فيراق جو، منهنجي مَن مدام وو
ڏورو ڏونگر ڏيه جو
٤. غلام محمد محبن جي، گولي آهيان غلام وو
ڏورو ڏونگر ڏيه جو.

داستانو چوڏهون

(١)

لَکَن ۾ لائُون، لڏم لال پنهونءَ سين
آيا هن پنپور ۾، کيچي ڪئائون
"بُرو" بلوچي چئي، ليڙا لڏيائون
مُني مون معذور کي نال نہ نيائون
هاڻ وهان آئون، ڪَنه سِر ڏيئي آسرو.

(٢)

چاڙهِيکن ڪِيو چور، جيءَ منهنجو جيڏيُون
هيٺيءَ کي هن حَبَ ۾ ڪارا ڪوه ڪلور
ڏٺي ڪِج مَ دُور، پنڌ پريان جي پار جو.

(٣)

وندر ۾ واڪا، ڪنديس هوت پنهونءَ کي
ڪَنين ڪوهيارل جي ڪوڪ پوي ڪا ڪا
ماري مون معذور کي واري وراڪا
ڏونگر جا ڏاڪا، آرياڻي اُڪاريين.

(٤)

جَت نہ اُهيئي، جي مون ڏنا جيڏيون
ڦوڙائو فقير کي ڏير ويا ڏيئي
جيءَ اندر جيئي، سيئي سجڻ سارِيَان.

(۵)

جَت نہ اُهي هُوَنِ، جي مون ڏٺا جيڏيون
ساريو سُپيرين کي نيڻ نماڻا رُوَنِ
پَري پَڙلا پُوَنِ، کيچن جا کُوه ڪاف ۾.

(٦)

ڏير ڏساڻا ڏور، آئون تي اوراهين رهان
واٽ وراڪا وارِيُون ڪارا ڪوه ڪَلُور
ماري مون معذور کي محبت جو مذڪور
ڏٺي ڪِج مَ دُور، دروازو دوست جو.

(۷)

آءُ اوراهون هوت، پرت پُراڻي نہ ٿئي
پريتاڻو پوت، ڳِنن ڳوپي چڙيو.

(۸)

پريتان پري، شال مَ تيان جيڏيون
ڪاهي ويندي ڪيچ ڏي پيرين پنڌ ڪري
سا ئي سڪ سَري، جنهن سان پسان پرينءَ کي.

(۹)

پريتان پاسي، شال مَ، تيان جيڏيون
جي وڻ ويا واسي، سيئي سُرها سيڻ مون.

(۱۰)

آئون تي ڪِدان پارِ، اوهين اوساريو سرتيُون
ڪيچ ڏٺي ڪويهارو، ڪالهہ ڪَهي ويو ڪيچ ڏي.

(۱۱)

پَلو هومِ پَتار، پيئنر هن پنيور ۾
وِلهن سندو واهرو سونهارو سردار
برپٽ سپ بهاريا، واسيائين وٽڪار
ڏيہ ڏٺي ڏاتار، هو ڪويهارو ڪيچ جو.

وائي

پاروچي جي ڪاڻ، ڪوهياري جي ڪاڻ،
چُلي پيُنديسِ آءٌ چپرين

١. پينر هن پنپور مان، لَڏي ويئي لَڏاڻ
چلي پينديس آءٌ چپرين

٢. ڪيچين ڪارڻ ڪاف ۾، پرزا ڪنديس پاڻ
چلي پينديس آءٌ چپرين

٣. ويِنديس وِهنديس ڪينڪي، سونهان ساٿين ساڻ
چلي پينديس آءٌ چپرين

٤. واري وَرُ وراڻيان، ڏيئي ڏاگهن ڏاڻ
چلي پينديس آءٌ چپرين

٥. غلام محمد مون پرين، ڪندا روح رهاڻ
چلي پينديس آءٌ چپرين.

سر ڪنڀات

داستان پهريون

(١)

اول الله عليم، ميلو ڪندو سڀڻين
سيئي ويٺي سارين سيني صاف سليم
هينئڙو ٿيو حليم، بنا محبوبن جي.

(٢)

صورت سپيرين جي نسوروئي نور
سورج ڪَنان سهڻو، قمر مٿ نہ مُور
دلبر جو دستور، ڪين ڏسان ٿي ڪنهن ۾.

(٣)

صورت سپرين جي لاشڪ لاثاني
قمر ڪوڙين ڪيترا ڪيان قرباني
اجان پڻ جاني، اِنهان آهي اڳرو.

(٤)

صورت سپيرين جي لاثاني لاشڪ
حورون سڀ حيران ٿيون، سَرگردانُ فَلڪ
نِج نوراني نڪ، خالق ڪٽي خلقيو.

(٥)

صورت سورج اڳري، سورج سُوالي
ظُلمت زوالي، مُور نہ ليپي اُتهين.

(٦)

سپيرين جي سونهن جو نڪو پاندُ پَرو
حد لنگهي لاحد ۾ لهي ڪونہ ذرو
ڪامي ٿا ڪَرو، ڪَرُ ڪُذاتي ذاتڙي.

(٧)

سپيرين جي سونهن جي نڪا حد حدود
نڪا ابتدا عبد جي، نہ واجب الوجود
ڪَعُبو ڪَعُبُ قَوسَيَن جو، محبوبن معبود
اچي مُنّه محراب ۾ ڪيو سج سجود.(١)

(٨)

اڳيان قريبن جي قمرُ ڪاري روُءِ
سج سَهائو نَہ ڪَري، ڪتوري ڪا بُوءِ!
سا سُرهي ٿئي جوءِ، جتي ڪري تَڪِيو.

(٩)

اڳيان قريبن جي قمرُ ڪاري رنگ
سج سهائو نہ ڪري، چڏي تابش تنگ
تارا ٿي تاراج ويا، ڪَتِن سُڪا سنگ
وڏي نالي ننگ، آهي منهنجو سپرين.

(١٠)

ڏِٺي عجيبن جي ناري نيڻ ٺرن
سدا صُورت سڦرو، سهٽو سون وَرَن
قرباني قريب تان ڪروڙين قمرن
پوي ڪام ڪرن، جن کي سڌ نہ سونه جي.

(١١)

مَرُ سي ڪامن ڪر، جي اَنڌا اُونڌا آهُرا
تن کي سپيرين جي کهڙي آهي خبر
رَڪن ڪُپيري پَر، وجن ابتا عامَ ڏي.

(١) اصل: ائين

(۱۲)
ڏسان ڪونہ جهان ۾ جانب جيهو ڪو
حسن حبيبن جي ڪيو سج جهڪو
ڏٺو ڪهين نہ ڪو، پاڇولو پرين جو.

(۱۳)
چوڏهينءَ چنڊر ڪان اڳرو جانب جو جمال
مهندان مون پرين جي سارو لوڪ هلال
”لَيۡسَ ڪَمِثۡلِه شيئاً“ مثلانً بي مثال
هاڻي تان اَوال، ڪونہ ٿئو ڪو پڌرو.

(۱۴)
نڪو پاڇولو سج جو، نڪو مون پرين
اچي سجدا ڪن، قمر قريبن ڪي.

(۱۵)
پيشاني پرين جي نُورٌ اعليٰ نُور
شمس شامل نہ ٿئي، قمر مٽ نہ مُور
حورون هارَ قُصور، جهڪا جلوي جوت سين.

(۱۶)
پيشانيءَ ۾ پرين جي چشمو آب حيات
جٺاري جوين سين، موتي مَنُ مَمات
خِجل ٿيو خِضرات، ڏسي سَاوڪ سجٽين.

(۱۷)
جَهڪا سَپ جمال، حسن مُقابل پرين جي
ظُلمت ٿي زَوال، صورت سورج اُپريي.

وائي

مون کي چنڊر ڪتيون سج تارا
خبر ڏهو محبوبن جي
۱. اوهين سيئي تا ڏسو محب منو منٺارا
خبر ڏهو محبوبن جي

۲. راسينديي راسن سان، دوست ڏسو دلدارا
خبر ڏهو محبوبن جي
۳. اچو جڏهن چوٽيـين، چوٽ چُمو چَهُدارا
خبر ڏهو محبوبن جي
۴. تارا تو ڏي تي ڏسان، تون ڏس پرين پيارا
خبر ڏهو محبوبن جي
۵. وچان مون پرين جي، جُهڙ نہ اچي ڪنه وارا
خبر ڏهو محبوبن جي
٦. غلام محمد حُب ۾، شال پُڄي مون چمارا
خبر ڏهو محبوبن جي

داستانو پيو

(۱)

پسڻ خاطر پرين جي حُورن ٻڌا هار
شمس قمر شرمائيا جانب جلويدار
مشڪل آيو ڪار، تئڻ مقابل پرينءَ سين.

(۲)

هَلِي منهنجي پرينءَ جي هَر جا حسن هاڪَ
مَلڪ جِنَ انسان تِئا سيئي حيرتناڪ
اَچي چُمَن خاڪ، سُرهي سير سجڻ جي.

(۳)

قمر ڪُوماڻو، ڏسڻ ساڻ عجيب جي
تِئو جڏو اوساڻو، حُورن جو هر جاءِ ۾.

(۴)

هي هي ڪيو هاءِ، هرڪو هٽي هٽڙا
اڳيان قريبن جي قمر پئو ڪُوماءِ
ٻئي جي ناهي جاءِ، جانب جي جمال سين.

(٥)

قمر قريبن ڪيِ تي نوڪر نهاريج
ڪري ڪوڙين ڪُرمُشون، پيرن تي پئيج
تِهان پوءِ چئيج، سنيهو ڪي سڄڻين.

(٦)

قمر قريبن ڪي ساري ڏيج سلام
پري اُپي ادب ۾ ٻڌي هٿ تمام
متان اچي قيام، اوڏائيءَ جِي اُوڏِڙي.

(٧)

قمر قريبن ڪي نيئي سنيها ڏِج
ادب ساڻ اُپِج، پري مون پرين ڪان.

(٨)

قمر قريبن ڪي ڏي سنيها ساري
پيليپو پاري، رکج پيرين هٿڙا.

(٩)

قمر توکي نَ کيان قريبن جو مَٽ
هو سَدا سَچو صورت ۾، تو ۾ گهاٽو گهٽ
جي مٿو هٽين پٽ، تان پڻ سَرڪُ نہ ٿيين سڄڻين.

(١٠)

قمر قريبن جو تي قاصد ڪامورو
منهنجو مون پرين ڏي تي پيغامِي پورو
تان تون طهورو، پئين پاڻ پريت جو.

(١١)

قمر قريبن جي ڪر قاصيداڻي ڪار
جيڏهن منهنجا سپرين تيڏهن تون نهار
پُڇي پرين پار، ڏي ڪا خبر خير جي.

(١٢)

گهٽو ڪري نِهاريَان تنهنجي پيشاني
جيڏهن مون جاني، تيڏهن ٿو نهاريين.

(١٣)

تو ڏي گهٽو نهاريان اِها رکي آس
ڏسڻ جو تپاس، تو ۾ مون پرين جو.

(١٤)

وَر ڏيئي ولاڙيان، سورج تنهنجي سونهن
منجهان تو ورونه، اچي مون پرين جي.

(١٥)

وَرَ ڏيئي وِلاڙيان سورج تنهنجو ساز
توکي نئون نوازيو مون پريان جي ناز
منهنجي مَن مجاز، لڳو تنهنجي آسري.

(١٦)

سورج سهي ڏيج، ساري هي سنيهڙا
مون ڪي منهنجا سپرين گوندر ۾ گڏيج
چني تان نہ ڇڏيج، سَگو ساڳي سِڪَ جو.

(١٧)

سورج ڏيج صحي، ساري هي سنيهڙا
سِڪ تہ تنهنجي سپرين اتم روح رَهي
ڪنه سان قِيل ڪَهي، ڳجهہ ڳرهيان ڪي ڳالهڙيون.

وائي

ڪنهن ساڻ ويهي، اي يار هي حال اوريان
١. دلڙي منهنجي دوست پيارا، رمزن سان تو ريهي
اي يار هي حال اوريان
٢. ني نماڻي پاڻ سين، جيهي آهي تيهي
اي يار هي حال اوريان

٣. قريبن جي قرب جي ڳالھ ڪريان آئون ڪيھي
اي يار ھي حال اوريان
٤. غلام محمد نڌر سان نينھ نڀائيندا نيھي
اي يار ھي حال اوريان.

داستانو ٽرئو

(١)
تارا ڇڏ تعَجِيل، ڪِينِ اُڀيــج اَيِن ۾
جانب جي جمال جي تو ۾ سونهن سبيل
منجهان عين عليل، تو وِرهَ وِرُ ونهِيَان.
(٢)
تارا تڪڙ ڇڏ، ڪين اُڀيج اَين ۾
منهنجون مون پرين سين اکيون اکين گڏ
تيلاھون مون مَڏ، آھي تنهنجو آسرو.
(٣)
تارا تنهنجو تيز، گهٽو ڪري نهاريان
توتي مون پرين جي آھي رونق ريز
محبت ۾ آميز، ڏي ڪو ڏڪويل ڪي.
(٤)
تارا تيڏھن ڏس، جيڏھن منهنجو سپرين
تيلاھون تو دِس، گهٽو ڪري نهارِيَان.
(٥)
جتان جاني نِڱيو، تتان نِڱيو نہ ڪو
ھرڪو حَاڪِيَ ھوءِ، جانب جي جمال جو.

(٦)

تارا تنهنجي روءِ، ويٺي نت نهاريان
توکي رو بروءِ، اک پريان جي اک ۾.

(٧)

هولِي ڪَري هَل، ڪَروُنَّ موڙ مَ ڪَرها
جاڳيا منهنجي جِيءَ ۾، جانب ڪارڻ جَل
هوندي رات مهل، مون کي ميڙ پرينءَ سين.

(٨)

وِکَ وڌندي پاءِ، جَمَل جانب ڏي گهٽو
مون کي مون پرين سين هوندِيءَ مهَل مِلاءِ
ڪَهَ ۾ ڪيمَ ڪَتاءِ، مَيَا محبوبنِ ڏي.

(٩)

وِکَ وڌندي رک، جَمل جانب ڏي گهٽو
منهنجي مون پرين سين لَوَحانَ لڳي اک
مَرُ سو ماري جک، مانعُ مُنه ميرو ڪري.

(١٠)

هَل هنيين سان اوڏهين، سونهان سانڻ سُرت
هِتان هَلي هُت، مون کي ميڙ پرين سين.

(١١)

هَل هنيين سان اوڏهين، جيڏانهن جانب جُوءِ
مون کي ميڙ پرين سين هلي رُوءِ بروءِ
رکي خادِمِ خوءِ، توکي چندن چاريَان.

(١٢)

مَيَا مُوَڙِي چڏ، هَل هنيين سان اوڏهين
”اِهّدِنَا الِصّرَاطَ المُستَقِيمَ“ سٽي اهو سڏ
اوڏو نيئي گڏ، مون کي مون پرين سين.

(١٣)

هونديءَ رات هُت مِلان، جتي منهنجو جيءُ
پهچائيج پرين سين نيئي نِماڻي هيءُ
پاڻي پِلُر پيءُ، هَلِي هُت حَلاوَتِي.

(١٤)

هونديءَ رات هُت ملان، جِتي منهنجي جَانِ
ڪَاهِ ڪَڪوريان ڪَرهَا، پَهرئين پَهَر ملانَ
تَہ مٿان تو قربان، هي سر گهوري گهورِيَان.

(١٥)

ڪَڪَا ڪاهي هَل، مون ڪي ميڙ پرينءَ سين
وٺي وَرهَ پاڻيَان، پَري پريانَ پَل
نيــٺان نِيرا نَل، هارِيندي هُتِ مِلان.

(١٦)

ڪَڪَا ڪاهي ميــڙ، مون ڪي مون پرين سين
وَهــي تي وجود ۾ ڪُوري ڪاٺِي ڪــيڙ
هنجهون چِنَانَ چيــڙ، هارِيندي هُتِ ملان.

وائي

آئون ويندي، اي يار ويندي، پاڻ پريان جي پار ڏي

١. هٿين پيرين پرين جي لائيندس آئون ميندي
اي يار ويندي

٢. سُڌ نہ جنه ڪي سِڪَ جي، سورن ڪئي سيندي
اي يار ويندي

٣. ڪِلي پنهنجي پرينءَ سين، ڪير ڪندون گڏ ڪِينّدي
اي يار ويـندي

٤. غلام محمد محبن سان، نينه نِڀائي نيندي
اي يار ويـندي.

داستانو چوٿون

(١)

چَڙهو چِڪِي آئيو، ڪَرَهو ڪَهِي رات
نايو ناڪيلن کي وڏا وِجهي وات
جو پره ڦُٽي پرڀات، سو ميي مَيٽ نہ آئيو.

(٢)

چڙهو چڪي آئيو، ڪرهو رات ڪَهِي
چِنائين چيت ڪري منجهان چِت چِهَي
صبح ويل سَهِي، جُوءِ نہ پَسي جَت سين.

(٣)

چڙهو چڪي آئيو، ڪرهو ڪري ڪوڏ
مَيو مَتارو ٿيو، تانڪُون مَچِي توڏ
لُڏي اُها لوڏ، جتان جُوءِ جُهَارِيو.

(٤)

مَيي مِنو نہ لڳي، جيڪين چنو جڳ
ناڳو نيرانو وَتي واڳيو وڏي وَڳ
تيڏهن پائي پَڳ، جيڏهن جُوءِ نہ جاتِيين.

(٥)

جيڏهن جوڪو جاتيين، تيڏهن ڪَرهي ڪاه
لالائي لڱن کي لايو پٽِي لاه
تتان لڳ الله، وماسيو وَڻ چري.

(٦)

اُتي منجهان ساٿ، چڙهو چڪي آئيو
اوسيڙو عليل کي لِڪَ نہ لهي لاٿ
ڪرهو ڪري نہ ڪاٿ، ڏينهاٽي ڏُور چري.

(٧)

جتي جت نہ جُوءِ، تِتي ڪرهو ڪَٺُونَر چَري
اوڳاري اوڳر ۾ اچي عنبر بُوءِ
رَتو رَتيءَ رُوءِ، اُتاهون ٿي آئيو.

(۸)

مَيو متارو ٿيو، چري سا چرهات
چنائين چيت ڪري وجهي وڏا وات
جُوءِ نہ پسي جاتيين، موڳي مَت مَزات
توڏو تهين تات، تواريندي تڙ ٽئو.

(۹)

جنه تڙ توڏو تڙ ٽئو، تنه تڙ اُجو آب
پيتائين تڪون ڪري طهورا شراب
تيلاهون تَنهِ تاب، تڳائي تازو ڪيو.

(۱۰)

ڪرهي ڪَڪر ڪن ۾ پاتو پهرائين
پاهڻ پيرن هيٺ ڪري چاهَڪ چنائين
توڏو تٽائين، تڳي تَوانو ٿِئو.

(۱۱)

ڪرهي ڪَڪَر ڪن ۾، پاتو پهرين پور
چَرهو چري آئيو، ڪچا ڪئونَر ڪَچور
نورٌ اعليٰ نور، ڪيو نَوالي نيه جي.

(۱۲)

چڏي ڪَٽر ڪرهي چني چَاهَڪَ چَڳَ
يَهارِي باغات ۾ پِائي آيو پَڳ
جنه جُوءِ نہ ڏٺي اڳ، سو هينئر هِري آئيو.

(۱۳)

چڏي ڪٽر ڪرهي، چِنائين چاهڪ
واڳيو وَتـي وڳ سين چَرَهِي وجهي نَہ چَڪ
مُور نہ ڏي ڪنه عامَ ڪي ناگو نائي نَڪ
جيڏنه شور نہ شڪ، تيڏاهُون ڏار چَرِي.

(۱۴)

چڏي ڪٽر ڪرهي، چنو چاهَڪ گاه
سانڍِيائين سرير ۾ سرسو مِثلِ ساهَ
جيڏنهَ پسي پاه، تيڏاهِين ڏايو وَڃي.

(١٥)

سڙي چَمُ لَحَمر ويو، باقي بچيا هَڏ
ڏکيا ڏينه گذاريا گئونري گَرَ سين گڏ
جا مٿس هُئي لَڏِ، سا لَولاڪِيَ لاهي ڇڏي.

وائي

منهنجو هوتن ساڻ، نيه نبيرو نہ ڪري.

١. ور وٺي مون واڻ ٽيا، رات سُتي سرواڻ
نيه نبيرو نہ ڪري

٢. چلي پيِنديس چپرين، ڪوهياري جي ڪاڻ
نيه نبيرو نہ ڪري

٣. چڙهي ڏونگر چوٽيين، پرزا ڪنديس پاڻ
نيه نبيرو نہ ڪري

٤. مادر مون کي ماريو، پاروچي جي پاڻ
نيه نبيرو نہ ڪري

٥. ويندس وِهنديس ڪينڪي، هاڙهي هلنديس هاڻ
نيه نبيرو نہ ڪري

٦. غلام محمد دوست جي تن ۾ تاڻو تاڻ
نيه نبيرو نہ ڪري.

داستانو پنجون

(١)

ڪيڏنه وِيو وڪيل، پيئي ڪَل ڪنوارِيين
منجهان سِڪَ سبيل، پُني آس اُداسيين.

(۲)

لِڪي لاءِ وَرَنِ، سِبيا ڪَنَ ڪنواريين
پاڪ ڪِيَائون پانهجا مَتّا ماجي مَن
تيلاهون ٿي تَن، شادي شهيدن سين.

(۳)

نَٿون پائي نڪ ۾، بُولا ٻِڳائون
لڏائون وَرَن سين وِهانُوَ ۾ لائون
ڳهٽو آگاهيءَ جو ڳچيءَ پاتائون
تَنِي تِئائون، عطر لاتو لِڳئين.

(۴)

ڪنوارين جو ڪاڄ، ميثاقان اڳ ٿيو
جيڏنه رِتّا راڄ، تيڏنه ڏڻ نہ ڏائِيو.

(۵)

لڳِي ڪَس ڪنواريين پرٿيون پاسا ڏِينِ
صحي سَڏ وصال جي ڪنهن سان ڪانہ سَلينِ
گَهَرن منجهہ گهارين، وَرن ساڻ وِصالِيُون.

(۶)

لڳِي ڪَس ڪنواريين، پرٿيون پاسي پير
"اَلتّقِدير يَضحَڪُ عَلىٰ التدبيرَ" اِي وَراڻي وَرَ
ڪي داخل ٿيون در، ڪي رُونديون رهيون راڄ ۾.

(۷)

آجان تون بوراق، سَڏون چڏ سُهاڳ جون
"اِن الله وتر يُحِبُ الوِترِ" تَڪِيَو جوڙج طاق
مَتان فوج فِراق، پوي وچ وصال جي.

(۸)

اجان تون اڻ چاڻ، سَڏون چڏ سهاڳ جون
آيِهَم پوري پائيين پسي پنهنجو پاڻ
نڪو نيه نياز سين، نڪا ڪنهن جي ڪاڻ
جيڏنه وَرُ وَراڻ، تيڏنه ڏڻ نہ ڏائيين.

(٩)

سَڏون چڱ سهاڳ جون، پَرٽان پاسي ٿيءُ
متان پوري پَنَ ۾ آٿي هٽي هِيءُ
جوڪائي ۾ جيءُ، ڏيئي ڏُک پرائيين.

(١٠)

سَڏون چڱ سهاڳ، جون پرٽان ٿي پاسي
وَرسي وِماسي، سَڄر سُور پرائيين.

(١١)

چَرِي چاڳ مَ ڪَر، پسي پَرٽي واريُون
پنهنجو ڪري نہ قرب سين، ويسر واريون وَر
”اَلطّلاقُ مَرّتانَ“ ڏيئي ڏوه ڏمَر
اِيءِ دُواري دَر، ديوانيون دُور ڪري.

(١٢)

چري ڪر مَ چاڳ، پسي پرٽي واريون
وٽيون جي وَرَن ڪي تن پورِين پِرِئو پاڳ
سو نَہ مِلي ڪو لاڳ، عقل عاقي واريين.

(١٣)

ديوانيون ڪِيتُون دل ۾، ڏاهيون ڏور ٿيون
پِهِري پُور پِيُون، پَسند سي پرينءَ ڪي.

(١٤)

چَريون ڪيائون چت ۾ ڏاهيون ٿيون ڏور
جي حاضر منجهہ حضور، سي پيون پَسند پرينءَ ڪي.

(١٥)

توڙي تارا ڪتيون، توڙي چوڏس ماه
سهٽو سونهن حُسن ۾ سج سَهَائو آه
سارج سِپ سِيَاه مَهندان مون پرينءَ جي.

(١٦)

توڙي تارا ڪتيون، توڙي چوڏس چندر
مُنہُ ماهيسِي مندر، مٿي مون پرينءَ جو.

وائي

ٻن سي راتڙيون، پرينءَ پڄاڻان جي پيون
ڪُڙِ سي ساعتڙيون، پرينءَ پڄاڻان جي پيون

١. لڳيون منهنجي جيءَ ۾ قرب جون ڪاتڙيون
پرينءَ پڄاڻان جي پيون

٢. پاتيون پاڻ پريت جون جانب جهاتڙيون
پرينءَ پڄاڻان جي پيون

٣. غلام محمد ڏي مُڪِيون مُحب بَراتڙيون
پرينءَ پڄاڻان جي پيون

داستانو ڇهون

(١)

تارا توڏي تار، ويـٺي نيڻ نِچوئِيَان
تيڏاهين نِهار، جيڏانه منهنجا سپرين.

(٢)

تارا توڏي تانگهہ، نِت نيڻون نہ لهي
تائين پِرهَ بانگ، نهاريندي دم ڏيان.

(٣)

تارا تاٽي نـي، اکيون قريبن ڏي
جدا جانب جي، اوڏا آٽج سي پرين.

(۴)

چنڊر مٿي مَ آءُ، سگھو ڪر مَ سوجھرو
اونداهي اَجھو ڪيان پائي پرينءَ لاءِ
شاهدَ تو شعاع، تو شَمُون شوميين.[۱]

(۱۵)

چنڊر مَ آءُ مٿي، سگھو ڪر مَ سوجھرو
سنجھي سُپيرينِ سان وينيس سور سَٿي
لِڪَ سين تو اُلَٽي، ڳُجھ ڳرهيان ڪي ڳالهيون.[*]

---

(۱) اصل شمو وجهي شوميي

(*) هن بيت بعد، ڏيڍ صفحو خالي ڇڏيل آهي، جنهن جي معنيٰ تہ هن داستان جا رهيل بيت اجا لکڻا هئا پر لکڻ کان رهجي ويا.

سر بلاول

داستانو پهريون

(۱)

سُورِهَ ساماٽي جَکري، لٿي پُجَ پئِي
کَنين اُنڙ ڇام جي وَڄي هاڪَ پئي.
تہ ٿيندي رُڪَ رَئي، کَٿان اوري رڻ ۾.

(۲)

اُنڙُ اَناڙِي، فهم فکر جا فند کري
کڏي گهوڙا کَڇ تي فوج وڏي چاڙهي
آهي اَواڙِي، مَاتِ مُقابل مَامِري.

(۳)

آروڙجِي اُٺيو جکرو وڏيءَ جوڙ
اُنڙ آڻيرو ٿيو ڏسي سختي سوڙ
مَرُ سو ٻڌي موڙ، مَرکي مَرسُولن ۾.

(۴)

آروڙجي اُٺيو، جکرو وڏي جنسار
دَڙي دشمن تي ويو، ڏسي تکَ ترار
مَرُ مَرکي سردار، جَنهِ عالَمُ آرامي کيو.

(۵)

آروڙجي اٿيو، جکرو جنگ جوان
اُنڙ آڻيرو ٿيو، ڏسي وڏو شان
پِڙ ۾ پهلوان، مَرکي بيٺو آبڙو.

(٦)

اَبِڙو وڏي وَڙ، تو وِلهن سان وَڙ ڪري
بي واهَن جو واهَرو آڙين اولو آڙ
قائم ڪري ڪَڙ، جِت دشمن داخل نہ ٿئي.

(٧)

اَبڙو وَڏ وَڙو، واهَرُ وسيلو
ڪري تو هر جاءِ ۾ هيٺن سان حيلو
رَهبر رسيلو، وِلهن سندو واهرو.

(٨)

اَبڙو وڏي شان، تو هيٺن تي هٿ ڌري
جهين جَڳَ آجا ڪيا، جوهر جنگ جوان
پسو پهلوان، جو تو پَرتي پالوٺون ڪري.[1]

(٩)

جاڙيجا جيڪي، آيا اَجهي اَبڙي
تَني کي ڏي ڪي، وڏا ڏاڻ وڏاندرا.

(١٠)

جاڙيجا جي ئي، آيا اجهي ابڙي
ٻَڌي پاڳون پَٽ جون، مَر مَرڪن سيئي
تني کي نيئي، پارس پَرنيون پاڻ سين.

(١١)

جکري کي جائِي، چڳي آهي چت ۾
وائي جَنہ جي وات ۾ اَچو ڙي يائي
کيو مَ ڪائي، يئِي يولي يَجَ جِي.

(١٢)

لٿو يولو ييچ، جُنگ ساماٽي جکري
اُيو اَيُومَنِ سين سَمون ڪري سَهَج
لَجَ يَريي کي لج، اچي ييئي لوک جي.

(١) اصل: پرتي = ڌرتي.

(١٣)

راهُوجا رِهي، رهو پنهنجي راڄ ۾
آيو جهالُو جکرو ڪاڇن ڪاڻ ڪَهي
ويو هُل لهي، هرڪو آرامي ٿئو.

(١٤)

رکو ڪَنين ڪاڇِئا، اُنڙ جي هُڏڪار
متان اَچي اوچتي ڀولي جي ڀُلڪار
ڪيو پوءِ قرار، اَجهي اچي اَبڙي.

(١٥)

جي اَجهي آيا اَبڙي، مُرُ سِي ئي مَرڪن
تِليو ٿور تِلن، پائي پاڳُون پَٽ جون.

(١٦)

ڀَلِي چائو چام، جَنه وڏا ڪيا سُک
اهنجاڀون سهنج ٿيا، ويا ڏولاوا ڏُک
لٿا اُنڙ اَهُڪَ، جي ٿـي پِئا لوک ۾.

(١٧)

ڀلي چائو چام، عالم آرامي ٿِئا
آيا جنهن جـي سام، سيئي سمان سومرا.

(١٨)

جکرو جُنگ جَهان ۾ آهي وڏي جوڙ
سرتاج سَڀ عالَم جو، مٿس موگهٽ موڙ
چڙهي وينو تخت تي ڪري مُڇ مَروڙ
ڪوڙين لک ڪرور، سوالي تنهن سردار جا.

وائي

ڀَلِي ڪَڇ ڀُڄ مَرڪُ ڪري،
ڪونہ ٿئو ڪو جهو جکري
١. چامن چام هيٺن جو حامي، لاياٿين لَوڪ ڳَري
ڪونہ ٿيو ڪو جِهو جکري
٢. وارث وِير وِلَهن جو والي، واهر وريام وَري
ڪونہ ٿيو ڪو جِهو جکري

٣. ڏڏُ نوازي، ڏاڻ ڏياري، محتاجن تي دست ڌري
ڪونہ ٿيو ڪو جِهو جڪري
٤. غلام محمد مَدت ٿي، آيو ڪَرمانُ ڪرم ڪري
ڪونہ ٿيو ڪو جِهو جڪري

داستانو ٻئو

(١)
جڪري جيهو جڳ ۾، نہ سُوره ساماڻو
جَهلون جَهلي لوڪ جون، راڄن جو راڻو
آيون اُماڻونُ، پارس پَرِني پاڻ ڪي.
(٢)
جڪري جيهو جڳ ۾، نڪو ڄائو ڄام
سما ۽ سومرا اچي ڪن سلام
توتي آهي تمام، لڄ پَريا لَڄ لوڪ جي.
(٣)
جِڪرو جائِي، ٿو وَسي سانوڻ مينه جان
اُتـي اوهيرا ڪري جا پُونَ اُجائي
سدا سا سائي، وسڻ ساڻ سَحابَ جي.
(٤)
وَسي تان پٽ پيري، سُڪي تان سڃ
اِهي ٻئي اُهڃ، جڳ ۾ رکي جڪرو.
(٥)
جڪرو جاتـي، وَسي سانوڻ مينه جان
تَرهَلُون تاتي، ڪري ڪوڙين ڪيتريون.

(٦)

جڪرو جَهين جاءِ، وسي سانوڻ مينه جان
سدا سائيَ سا رهي، نہ ڪو وڻ ڪُوماءِ
ترهلون تلاءِ، ساوا ڪري سُڃ ۾.

(٧)

نڪو ڏسان جڳ ۾، جڪري جيهو ڪو
سخاوت جي سخي ڪي وائي واتِ ڏهو
وڃِي چو نہ وِهو، تَنہ در مٿي مڱڻان.

(٨)

ٿئو مڱڻهار، ڏيڏيءَ مٿي مڱڻان
ڪري ڪانہ نهار، ڏيجَ ڏِيَاري جڪرو.

(٩)

پَرچي پالوٽون ڪري، ڏمري ڏياري
سانوڻ سياري، جال وسي ٿو جڪرو.

(١٠)

پرچي پالوٽون ڪري، ڏمري پيري پَٽَ
ماڻڪ موتي ڇَٽ، جال وسي ٿو جڪرو.

(١١)

حال ڏسي پال ڪري، هيٽن حمايت
”رَحمَةٌ لِلعَالَمِيـن“ رَحمت جي آيت
هادي هدايت، حاصل ڪري ڪُل ڪي.

(١٢)

حال ڏسي پال ڪري، پلو پليرو
رکي جِت پيرو، تِتي پالوٽون ڪري.

(١٣)

ليڪيان ليڪو ناهي ڪو، لوڏيا لَکَ ڪروڙ[1]
مُڇون موڙي اُٿيو جڪرو وڏيءَ جوڙ
وڏائين آڏ رات جو لوڏائن تي لوڙ
تڙجي اچي توڙ، راتوڏا رِڻ لنگهيا.

---

(١) اصل: لوڏا لک ڪروڙ

(١٤)

سمون سخاوت جا اُيو كري سڏ
اچي ويهو وٽ مون، گوڏا ڏيئي گڏ
تان ڏكيو ڏسو نه هڏ، ويلو لحظي جيترو.

(١٥)

سمون سخاوت جي اُيو كري آچَ
اچو اوري اولِيا، ڇڏي ڏک ڏُراچَ
ڪاڇيلو ۽ ڪَاڇَ، آيا اَجهي ابڙي.

(١٦)

سمون سخاوت جو، اُيو سڏ كري
اَچو اوري اولِيَا، ڏيئي ڏکَ ڏري
زَرِي پاند پِري، وِهو سک تي سُرتِيَا.

(١٧)

سمون سخاوت جا سڏ كري پاٽان
اچي وهو وٽ مون لڏي لهاٽان
ڏيج ڏَيان ڏاٽان، ڏوڙا ڏُهيلن كي.

وائي

چام جهليندو سام صحي، ويجها وهو وجي راڄ رهي
١. آيو ڪاڇِن ڪارڻ ڪامل، ويندا سَڀي ڏک ڏول لهي
ويجها وهو وجي راڄ رهي
٢. لڄ لياقت لوک جي لائق پاڻ ڪنئي آيو پُرس پَهي
ويجها وهو وجي راڄ رهي
٣. ويندا دشمن درس دفع تي، ايندو جڏه منجهه ڪڇ ڪهي
ويجها وهو وجي راڄ رهي
٤. غلام محمد محب ملندا، ويندا سيئي غم وهم وهي
ويجها وهو وجي راڄ رهي.

داستانو ٽرئو

(١)

وِڳنڊ وِڳوڙا، وَڏا وِهاڻيءَ ڪِئا[1]
لَوڪ متان لوڙا، سمي لاهي سُک ڪِئا.

(٢)

وِڳنڊ وهاڻي، وڏا وِڳوڙا ڪئا
پيتو جني تِيزَ مان طَهورا پاڻي
سائي سِيبَاڻي، ساقي هٿان سُرڪِڙِي.

(٣)

وهاڻيءَ آيو، وِڳنڊ وماسي گهڻو
رکي آس سخا ۾ ٿئو سَهِمِي سجايو
پَلئه ۾ پايو، آڇِيندي دَمر تِئو.

(٤)

وِماسي وينو، وِڳنڊ وهاڻيءَ گهڻو
پَائي پِٿُون پَٽَ جون پاچاڙِي پينو
ڏاتاري ڏينو، سَوَلو ٿيو ساٿ جو.

(٥)

'اَعلىٰ دين' هَلي، آيو اِيلاٿُون ڪري
وٺا تَنه وريامر جا چوڏس چاڪَ چَلي
پَلي جامر پِلِي، رسمر رکي راج ۾.

(٦)

آيو ايلائون ڪري، هلي 'اعلىٰ دين'
پٽر پيرا چُمِيَا، مَرڪيو روءِ زمين
مُلڪن ۾ آمين، آئي تنه اَمير جي.

(٧)

آئي 'اعلىٰ دين' جي، ٿئو دينُ قَوِي
ڏنائين ماسِوَ الله ڪي سائِي سُونَه سَوِي
هر جا روءِ رَوِي، هَلِي تَنه سردار جِي.

(١) اصل: 'وگند و ڪوڙا'

(٨)

عَلَوِي 'اعليٰ دين' جي دِيم چڙهي دُوڏِي
وَدائــيــن ديــوان كــان سَمِٽانُ سُــوڏِي(١)
نَرَ جي نَمُودِي، هر جا هَلِي حَقَ جي.

(٩)

عَلَوِيَ 'اعليٰ دين' جي هاءِ پيئي هاكـي
ڏكِي ڏهاري وِٺا وِڳوٽـي واكـي
سُوڙِيَ سِيَاكـي، ٽِپا روهيلا رَعِيَتِي.

(١٠)

كُوپو كَربلا جو آيو شاهه حسين
رائـي رَتِي رَيَن، ڏسي سو مَشاهِدو.

(١١)

كربلا جي پڙ ۾ كُوپن پيا پير
آٽي كَنَا كوڙِيا رِڻ ۾ عَلي شير
ڍونڍ كيائين ڍير، ماري مُردارن كي.

(١٢)

حسيني جي هاڪَ، هَلِي هَلائون كري
آندِي اِمامن تي آفِريني افلاڪ
شَكيلا اِشَـلاڪ، لـڳـا يـزيـدن [كـي].

(١٣)

كُوپن پير پيا، كربلا جي پڙ ۾
چِڏي ريت رِيا، شير شهادت رَسِيا.

وائي

پائي پڙ ۾ پارس پير، شير شهادت كي رسيا
١. اعليٰ آل رَسُولَ سچي جا، ظالم كٺڙا زير
شير شهادت كي رسيا

(١) اصل ائين

۲. چڏي دين ايمان منافق، واري ويٺا وير
شير شهادت کي رسيا
۳. ساڻ اِمَامن ڪيڏا ڪئا، ظالم دُزد انڌير
شير شهادت کي رسيا
۴. شاه شهيد شهادت رسيا مانجهي مرد مٿير
شير شهادت کي رسيا
۵. غلام محمد آل نبي جا قلب پَروڙي نہ ڪير
شير شهادت کي رسيا

سُر بروئو سنڌي[1]

داستانو پهريون

(۱)

اچا اُجرا سُپرين، ڪٿوري خشبوءِ
ڪونہ ڏسان تي ڪو پيو، جانب جيهِي روءِ
هنڌين ماڳين هُوءِ، هَلِي حبيبن جي.

(۲)

سونَ وَرَنا سپرين، نيڻ سندن نيلا
چاڙهي ڪان ڪمان تي، چاڪاسي چيلا
هٽڻ سان حيلا، جانب جيڏائِي ڪري.

(۳)

سون ورنا سپرين، اڪيون ڪاريون ڪيس
ڪري لعل لبيس، ماري مشتاقن کي.

(۴)

جانب جيهو جڳ ۾، ڪونہ ڏسان ڪوئي
جنهن جي جاءِ اڪين ۾، ساه اندر سوئي
اٿم اهو ئي، تڳان تاري تنَ جي.

(۵)

جانب جيهو جڳ ۾، ڏسان ڪونہ جوان
آهي سينڱان سهٽو صورت جو سلطان
سيوئي سبحان، حسن حبيبن جو.

---

(۱) اصل: بروئي سنڌي

(٦)

سهڻي سونه سڄڻ جي، نسورو ئي نور
ڏسان کونہ جهان ۾، جانب جيهو مور
اکبر حج ضرور، ڏسڻ عجيبن جو.

(٧)

ڏکن ڏکوياس، جانب جدائي جي
موٽي ملاقات جي، مانَ پڇي مون آس
پرين تو پياس، پاڻي پِيتي نہ لهي.

(٨)

سورن سِيراهي، آٽي چاڙهي ساه تي
سک نہ ڏي ساهي، سَلِيندي سَرير کي.

(٩)

سيراهي سورن، آٽي چاڙهي ساه تي
سَليندي سرير کي، ويسَند وار نہ کن
سندي سک پرين، وڍيو تو وَيڏ کَري.

(١٠)

کٽي نيڻ نهار، پاڀُوهي منهنجا پرين
لُوءَ لُوءَ اَندر جندڙي اَپَر لڳِي آر
صورت جا سردار، کر کو غور غريب جو.

(١١)

پاڀوهي هيکار، مون کان پڇو سڄڻين
”وَ فِيۡ اَنۡفُسَکُمۡ اَفَلاَ تُبۡصِرُوۡنَ“ ٻئي ڏي کيم نهار
دلبَر ديري دار، تو ۾ رکي تَکِيو.

(١٢)

تون تَهين سان رک، نٿون ناتو نيه جو
کَري کانءَ کَريم تي عيب صواب پَرک
سدا سُونَه سرک، آهي منهنجو سُپرين.

وائي

مون ڏي ڏنڙو دوست نياپو
١. ”فَاذۡكُرُونِي أَذۡكُرۡكُمۡ“، آيو جيءَ جو جياپو
پلو مون ڏي ڏنڙو دوست نياپو
٢. آءٌ اوراهون سپرين، لاهي لوڪ لڳايو
پلو مون ڏي ڏنڙو دوست نياپو
٣. غلام محمد چوي غم ۾، ڪندا محب ملايو
پلو مون ڏي ڏنڙو دوست نياپو.

داستانو پيو

(١)

عجيبن جيهو، ڏسان ڪونہ جهان ۾
جهين ڏنو نہ قرب جو روح اندر ريهو
”وَنَحۡنُ أَقۡرَبُ إِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ ٱلۡوَرِيدِ“ سِياڪت سيهو
قريبن ڪيهو، رکيو ناتو نيہ جو.

(٢)

ڪنڊو منجهہ ڪپار، لڳو قريبن جو
مِڙن لک لهار، لوڏيو لوہ نہ نڪري.

(٣)

ڪنڊو قريبن، هنيو هِينَڙي وچ ۾
چوريا چاڪَ چِڪَن، آلا قُٺ فراق جا.

(٤)

مَرُ سيئي مَرِڪن جن وٽ سَدا سپرين
ڏينهاڙِي ڏسڻ جون، اکيون عيدان ڪن
چڱي چال سندن، پُڇن پاٻوهي گهڻون.

(۵)

پابُوهيندي پاڻ، مون کان پڇيو سڄڻين
جي اڻِي حب ملڻ جي تہ پنهنجو ڪڻ ۾ پاڻ
محبتَ سندو ماڻ، ماپيو پورو نہ پوي.

(٦)

ڪوڙين قريبن جا پيال پيلا پايان
رکي پيرين هٿڙا، پاند ڳچي پايان
ساڳي سَڏايان، نوڪَر نِلي نانوَ جِي.

(٧)

مَنّهَ ۾ مون پرين جي پَلائيءَ جا پير
نهارين نيڻ ڪٽي، ڪري لال اُلير[(١)]
پيو نوازي ڪير، مرڪي مشتاقن ڪي.

(٨)

مُنه ۾ مون پرينِ جي پلائي جا پيال
نوازين نِگاه سين ڪٽي نيڻ نهال
ايڏا قرب ڪمال، ڪري ڪير قريب ري.

وائي

ڏولڻ ڪٽي نازڪ نيڻ نهار.

١. محبت جو پئو مَن ۾ سَبائڻ، مشڪل ٽئڙو عشق لڪائڻ
نيه ڪِيَسِ نروار
ڏولڻ ڪٽي نازڪ نيڻ نهار

٢. باه بره جي ٻارڻ ٻاريو، جيءُ جُسي کي جوشن ڳاريو
وَرِي پيهار مَر ٻار
سڄڻ ڪٽي نازڪ نيڻ نهار

(١) اصل: لعل الير

٣. ڪر نه مٺي سان محب تون ماٺا، سهڻا سائين ساه سيباٺا
مشتاقن کي مَر مار
ڍولڻ ڪٺي نازڪ نيڻ نهار
٤. غلام محمد محب نه ملندا، خير خوشيءَ سان ساڻ مون ڪلندا
ڏيندا مبارڪ يار
سڄڻ ڪٺي نازڪ نيڻ نهار.

داستانو ترئو

(١)

اِسْتَسقَا صورت، رکي سِڪ سڄڻ جِي
پاڻي پيتي نه ڪري پريتڻو پورت
صورت ري نه لَهي مانَ وڏو مورت
ڪَسر قُصُورَت، ڪانه ليپي ان حال ۾.

(٢)

ڏٺي عجيبن جي، مور نه رڄي روح
سڄڻ سنجهه صبوح، پَلَ پَراهون نه ٿئي.

(٣)

ڏٺي عجيبن جي روح نه رڄي مور
هجي شال حضور، پرين پَراهون نه ٿئي.

(٤)

ڏٺي عجيبن جي روح نه رهي راس
مور نه لهي دل تان دوستن جي اداس
هنيڙو اُنَهِين پاس، ڏسي اُڪاسي گهڻو.

(٥)

مون کي مون پرين جي هنيڙي حيراني
جِنڙي جا جاني، جڙا ٿئم جانَ جِي.

(٦)

وڍي وڏائون، هٿ ڪري ڪاتي
چيتاري چشمن سان تڪيائون چاتي
تائين مماتي، بس نه ڪن منهنجا پرين.

(٧)

مَرُ منهنجي ماه ۾ هٿ پريان جو هوءِ
جيرا بڪيون جان جون چُنڊيو وينو چوءِ
'اهڙو هوندو ڪوءِ، جو ڪنو ڪاتي قرب جي'.

(٨)

مون کي تا مارين، موڙِي منه مَلاحتي
جيرا بڪيون جان جون ڳچ اندر ڳارين
جَڏِي جيئارين، جي موتي مشڪن مام ۾.

(٩)

مون کي ماريائون، موڙِي مُنه مَلِيح
ويئي وجودان نڪري درد اندر جي رِيه
سيني منجهه صَريح، ڪپي ڪاتي قريب جي.

(١٠)

ڳُٽن ساڻ ڳِهي، مون کي وڏو سڄٽين
جدائي تِرَ جيتري نٿو ساه سَهي
ساريو سپرين کي راس نه روح رهي
پِرين مان پَهي، ڪو پَهُ پاڻُ پريت جو.

(١١)

اکيون ڪَيّفَ ڪڪوريون، جڏهن خوب ڪٽن
پري ناوَڪَ نيه جي هنيڙي منجهه هٽن
ويتر ٽيون وٽن، چوڪون چشمن سَندِيُون.

(١٢)

منه ۾ مون پرينِ جي خوني نيڻ خمار
ماري مشتاقن کي ڪري ڪانه نهار
جانب جلويدار، ڪا جا عادت سکيو.

(١٣)

عادت عجيبن جي عجب جيهي آه
مُرڪي مشتاقن ڏي ڪري ناز نگاه
پرين جي پرواه، هنيين سان هاچو ڪري.

(۱۴)

موٽي ملاقات جون مانَ پچارون ڪن
مُنِي مون معذور جي عيبن ڏي نہ ڏسن
ڍڪي ڍول ڍِلَنِ، ڏيئي پاند پناه جو.

وائي

آهي بره سارو بدنامي، پينر!
پيو ڪونہ چڱو ڪوئي چوندو
۱. محبت جي ميدان ۾، سوره ٿيندا سلامي پينر!
پيو ڪونہ چڱو ڪوئي چوندو
۲. ورَه واري وِيڙ ۾، وِير ڪندا وريامي، پينر!
پيو ڪونہ چڱو ڪوئي چوندو
۳. ماهِيَت جي ماڳَ ۾، خام خيال نہ خامي پينر!
پيو ڪونہ چڱو ڪوئي چوندو
۴. ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي، سا نہ ڪڏي ڪجي عامي، پينر!
پيو ڪونہ چڱو ڪوئي چوندو
۵. غلام محمد مُحبن جي مچ مدام غلامي، پينر!
پيو ڪونہ چڱو ڪوئي چوندو.

داستانو چوٿون

(۱)

اول لوح قلم ۾، پئي پرت پچار
مَلڪن ۾ ماتام ٿيو، عرش ڏني اُڇنگار
ڏونگر ڏڪي ڏُور ٿيا، نائـي نيرا نار
سندو بره بار، ڪنيو خاڪي خِيَر ڪَري.

(۲)

وڍي هن وجود کي ذرا پرزا ڪر
سِيراهي صبر جي سيني اندر ڏر
ڪچڻ ڪُپيري پَر، پريان سندي پار جي.

(۳)

ماڻ منائي ڀائيان، ايريو اِشارَت
صبر صورت سڪ جو ڀاڙي بشارت
خِجلو خَسارت. ڏسڻ ڏک پرينِ جو.

(۴)

سانڍڻ سڪ پرين جي، اي پڻ وڏو ڪم
ڏاري هَڏا ڏِيل ۾ لَحم ڇِڇاري چَم
دوا درد عدم، سُپيرين جي سونَهَ ۾.

(۵)

ٻوٽڻ ٻاجهہ پرين جي، ڪُهڻ قُرب سندونِ
وڍِڻ سو وَٽندونِ، هٿ ڪاتي ڳُڙ وات ۾.

(۶)

وِجهي ڪاتي قرب جي لُحمُ ڇِڇاري چم
ڪُهِي ڪي قِيمان ڪري، ڪي پرزا نيل پدم
رکي هاتڪ هٿ ۾، قاصائي ڪو ڪم
دوستي سندو دم، جيء ڏِني رِءَ نہ جُڙي.

(۷)

وِجهي ڪاتي قرب جي، ٻُوٽيون ٻُوٽاري
ٻَاري باه بره جي ڳچ اندر ڳاري
پَر اها پاري پرين پاڻ پريت جي.

(۸)

وجهي ڪاتي قرب جي ٻوٽاري ٻوٽيون
لاهي لَحُم لڳن تان لال وجي لُوٽيون
قالِبَ جون ڪُوٽيون، ڪيڏهن ڪيڏاهين ڪري.

(٩)

وِجهي ڪاتي قرب جي وڍي نِي وينو
چاڪَن جو چينو، چڱو آيم سپرين.

(١٠)

جي تو سانگو ساه جو، تہ ويجهو مُور مَ وڃ
اڳيان ڪاتي قرب جي سور سينگاري سَڃ
پورا پيري پيچ، سُتيون صحت سَڌَ جون.

(١١)

جي تو سانگو ساه جو تہ ويجهو مُور م آءِ
متان سورن سامُهين ياد پوي تو ماءُ
هي تني جي جاءِ، جئڻ جن کي جاڙ ٿي.

(١٢)

جي تو سانگو ساه جو تہ لاه مَ لڏو لڏ
متان تنهنجو هڏ، ڪري دانهه درد جي.

(١٣)

جي تو سانگو ساه جو تہ ويجهو مور مَ ويه
هي تني جو ڏيه، موت جني کي ماڙِ ٿي.

(١٤)

سُورَ مَ وجهو سِيَرَ، آئون اڳ ڪُٺي آهيان
مون کي مون پرين جي تيز پَئِي تڪبير
نيڻن منجهان نير، هاريندي دم ڏيان.

(١٥)

ڏک مَ ڏُکائيج، آئون اڳ ڏکوئي آهيان
وِجهي واڳ وِره جي لِڱَ مَ لُڏائيج
هوري هَلائيج، تہ جيئري پَسان پرين کي.

(١٦)

ڏک مَ ڏهو ڏک، آئون اڳ ڏکوئي آهيان
نڪي ماريس ماري، نڪي ماريس بُک
لُوءَ لُوءَ اندر لُک، لڳم درد فراق جِي.

وائي

مون کي ڪالهہ ڏني ڪل ڪانگي

۱. سگها ملندا سپرين، سانگ پئَي ڪنه سانگي
پلو مون کي ڪالهہ ڏَني ڪل ڪانگي

۲. محبت ماري آهيان، نيه لايو مان سين نانگي
پلو مون کي ڪالهہ ڏني ڪل ڪانگي

۳. عشق اُلانئبو باه جو، بانگ ڏني اها بانگي
پلو مون کي ڪالهہ ڏني ڪل ڪانگي

۴. غلام محمد چوي غم ۾، دوستن ڏي دل تانگهي
پلو مون کي ڪالهہ ڏني ڪل ڪانگي

سُر بروئو هندي

داستانو پهريون

(۱)

کول نقاب دکايا مجکو اپنا حسن حبيب
تن بيمار همارلآ کا هم هويا دوست طبيب
جب ديکي همسون دلبر، ڦر جيولآ جان غريب.

(۲)

جس آنکون سلآ هم ديکا هلآ تم ديکو اُس بيچ
کب نہ آولآ تجهہ پر کوئي، مثل اسي کا هيچ
آپي آپ لگاوو اُسکُونٗ پا کي محبت پيچ.

(۳)

پَک هوون تان اُڙ جاوان جٺ همارا دوست
غم کا باز جگ کون کاولآ، هاٺ ﻬ لاکلآ گوست
محبوب همارلآ اسکون سکلائي ايسي عادت کہ اوست.

(۴)

جب نقابا دلبر ميرا رخ روشن کا کوللآ
شمس قمر شرماون هر دو ديک حسن کلآ شعللآ
آپ ڇِپَاون اپنا دڙکِي ڏي عدم کلآ اوللآ.[۱]

(۵)

عدم عدم ٿي جاولآ، جس جا هلآ دلبر کا دم
نهين مقابل اسکا کوئي، لاکون نيل پدم
غلام محمد ديک حسن کون، کول نقابا غم.

---

(۱) اصل. ائين

(٦)

شمس نهين، قمر نهين، نهين ايسا ڪام
آدم نهين، محمَّد نهين، يوسف نهين غلام
ڪب نہ رکي مثل اسيڪا، ڪوئي حسن تمام.

(٧)

مثل نهين دلبر ڪا ڪوئي، جو هم ديڪا هلاَ
ڪيسي طرح بيان ڪهون، نا ڪجھ لکنا ليڪا هلاَ.

(٨)

هين همارلاَ دلبر ڪون آنکون مين الماس
جس دم ديکلاَ تِس وِنّڌي دل ڪون لاڪي لاس
اور محبت رشتہ پا ڪلاَ ڪينچي اپنلاَ پاس.

(٩)

خاڪ پاؤن دلبر ڪي ڊالون هم نلاَ آنکون بيچ
انڌِي اک تجلي پاولاَ هوولاَ سَرنَو سيچ
اور نہ آولاَ اس ڪون ڪوئي قُر ڪچائي ڪينچ.[1]

(١٠)

لب ياقوت رُمانِي هوئي دُر دَنّدان شَهوارِي
آبرو قَوس ڪمان ڪيانِي، رنگ سياه نگاري
بِينِي ڪان ڪماني محڪم، پَرّتَ رکي پَرواري
جسڪون ديکي سامهان تِسڪون جاولاَ مارِي ماري.[2]

(١١)

نُڪتَہ خوب ميرلاَ دلبر ڪا اور نهين ڪو ايسا
لا تَقْنَطُوْا مِنْ رَحمة الله جِي همارلاَ جيسا
بڙي اميد دڪائي دلبر، ڪَهون ڪِسلاَ ڪون ڪيسا.

---

(١) اصل: ڪَچائِي ڪِيچ

(٢) 'جاوي ماري': پر وچ تي ڪو لفظ ڪٽل آهي.

(۱۲)

عجب رسم هي دلبر ميري کي، کون نهين کو سڳّا
حرف حقاني ايک يگانا، لِکني والي لِکا
باب عشاقان بيشک هويا تيز تيغون سلاّ تِکا.

(۱۳)

جس آنکون سي مجھ پر ديکي دونو تير تُفنگي
لنگھ جاوي جگر هماري سي، کجھ قياس نہ کرتا جنگي
عشق آليل اُسيکا لشکر، فوج فراق فرنگي.

(۱۴)

محب همارا کعبه هويا، کُل عُشاق طوافي
ڦِر ڦِر کي لَبّيک کهون، هم الله اکبر وافي
مِلِي هر مشتاقون کون، تب عين صورت کِي صافي.

(۱۵)

نهين نهايت اسکول جو هي حسن ميري دلبر کا
مئن کيا جانان ذکر اسي کا، هون گداگر در کا
اور اُسِي سي مجهکون هوولاّ، ثمرا سُود سفر کا.

وائي

تم آوو ايذَر اس ويلي کُون درسن اپنا دوست دکائو

۱. درسن اپنا دوست دکائو، مجنون مست البيلي کون
ايدر اس ويلي کون

۲. مجنون مجنون هو رهيا هلاّ، بولو بات اس لَيلي کون
ايدر اس ويلي کون

۳. غلام محمد سپ سنائو، حال احوال البيلي کون
ايدر اس ويلي کون

داستانو ٻئو

(١)

کول نقابا مُک دکلاوي، کُلي قِسّوَت جاوي
ساس سُکُر بچہ سک جاوي ڦر سبزاوي پاوي
جان مريض چُٽاوي اُس دم، جس دم هاٿ لگاوي.

(٢)

کوئي طبيب نہ جانلاّ مخفي مشکل مرض همارا
نبض نهانِي هوئي ناري، صفرا تيز نظارا
کجهہ فرق نہ ديوي اسکون شربت شِير تمارا
ايک لحظي بچ ڇُٽ جاوان، جب دکلاوي حسن پيارا.

(٣)

هي طبيب همارا دلبر جاني مرض نهاني
اور نہ جاني اسکون کوئي، مشکل نقش معاني
مرض مِرارِي هرکو جاني اور نہ جاني جاني
جان اندر جو مُجرا هي سو جاني ميرا جاني.

(٤)

دو لبون ۾ رکتا هي وه آيتّ يُحِي العِظام
اور بيچاره عاشق مَري کا کي غم مُدام
وه مُردا ڦر جيوي جب بولي عَلَيۡکَ السّلام.

(٥)

محبوب همارا محراب مثل هَي هم ساجد هون اُسيکا
هووي جان صَلاتي مک بچ نہ ساجد هون کسيکا
طرح طرح کي طبقي ديکي، طبقا طور تِسيکا.

(٦)

عينک پا آنکون ۾ ديکون حسن دقيق حقيقي
عينک هم بتلاوي اڇا تجلي تم تحقيقي
جس کون عينک عين نہ هوئي وه هويا عين عتيقي.

(٧)

هم ساجد هون اس ڪلاّ جو هَي حسن حقاني
پڙهون نماز مقابل قبله، ڪهون ڪلام رباني
"سُبحَانَ الّذي آسَريٰ بَعَبدِه" اس مين تسبيح سِبَاني[1]
هاٿ اُٺاڪلاّ منگون حَاجت، ايسي بات بياني
"رَبَّـنَا ظَلَمنَا" ڪام همارا بلڪل ظُلم زبون زياني.

(٨)

کول نقاب دِکايا مُجڪون ساجن اپنا بيک
ايک رتي نہ هوئي اُسمين لاڪہ مَنُون ڪي ليک
مجڪون بولا اسڪون سڪو خوب حسابا سيک.

(٩)

عشق نهين، ڪو آتش هي، جسڪون روپ نہ رنگ
آلا سُوڪا ڪُل جلاوي جس جا لاوي لنگ
نهين ڪسي ڪون طاقت ڪائي، جو پَلي هاٿ پلنگ.

(١٠)

ساجن ساجن ڪر رهي هون، ساجن نهين هماري بات
جو دم ساجن پوڇي همسون، سو دم دور دِرات.

(١١)

ساجن بولا همڪون، اي حَزين همارا
هم بولا هي تُمڪون ليئو يہ قول قرارا
ڪجهہ تفاوت مت ڪرو اِسمين ايک ذرا اظهارا.

(١٢)

بي مثل ميرا دلبر هي جو هڪ ڪهون ڪي اَيسا
آپ فرمايا "لَيس ڪَمِثْلِهِ شَيئاً" اور نہ جِسمُون جَيَسا
وه حريف اُسي ڪون جاني، جو هي صَاحب تيسا.

(١٣)

خوب حسن رڪتا هي ساجن، جو هَي نور يگانَہ
نهين مقابل اسڪلاّ ڪائي صورت بيچ زمانه

---

(١) اصل: ائين

سورج نِڪلي جاون تارلاَ تي تاراج توانه.

(١٤)

قدرت نهين ستارون ڪون جو شمس مقابل هوون
اپنا آپ ڇُپاوَن دڙڪي، هاٿ عدم وچ ڏوون.

(١٥)

ايک يگانہ هويا دلبر، نهين اُسيڪا ثاني
کيا ڪهي ڪو اُسکي صورت ڪرڪي بات بياني
عاجز آوي ذڪر اُسِيمين يه الهام لساني.

وائي

تيري رخ روشن ڪيا هي، هي جهان هم هو جهان
نهين مقابل ڪوئي تمهاري، ڪيا ڪهون هم ڪيا ڪهان

١. هور پروين دور جاون، ديک جلوي ڪون تمام
اور هَي حصہ اُسُونڪا هم نهان و هم عيان

٢. دل هماري تم لُٽي هلاَ، دي حسن ڪي روشني
هو رهئي هن در غلامي، هم مهان و هم ڪهان

٣. ڪب نہ هوويگا ڪوئي تم سي برابر اي عجيب
شمس ڪي آگي ڪيا هي هم ستارون ڪي سهان

٤. اي غلام محمد مدامي هو غلامون ڪا غلام
تا مليگا دوست تمڪون، خيش را زين غم رهان.

داستانو ٽرئو

(١)

اور قدر سوراخ سوزن ڪا، اُسمين ڪجهہ دِڪلاوي
هوش عقل ڪُل جاوي گُم تي، قِر نا اس جا آوي
يه عجائب رنگ دلبر ڪي، هر جا آپ ڇُپاوي.

(٢)

آپ ڇپا ڪي مجڪون بولا، اي ديوانا هوش
ديک تمهاري تن بيچ هون، نهين ذرلاَ ڪا پوش
”وَفِيۤ اَنۡفُسِكُمۡ اَفَلَا تُبۡصِرُوۡنَ“ يہ نيشان نيوش

ڪجهہ خلاف نہ هوگا اسمين، سنو لاڪي گوش.

(٣)

ايڪ پيالا هاٿ مين لاڪي آيا هماري پاس
”خُذۡ هٰـــذا بـــولا ڪُلُوۡا و اَشۡرَبُوۡ ولاتُسۡرفُوۡ اِنَّ الله
يُحِب اَلۡمُسۡرفِيۡن“ رهو اس مين راس
رکو اپني دَل مين درد والون ڪا قياس.

(٤)

ايڪ دلاسا دوست هماري هم ڪون خوب ديا هَي
”اِنَّ مَعَ العُسۡرِ يُسۡريٰ“ ڪرم ڪريم ڪيا هَي
نهين خلاف ذري ڪا اسمين سر نو روز نيا هَي.

(٥)

هم هون ابتر ڪام همارا ڪُلّي ابتر هَي
ڪيا جانون ڪس طرح دوست ملي سميح نہ سَبتر هَي
خوب خيال ميري دلبر ڪا، هر جاگه مين خوشتر هَي.

(٦)

بخت بلند اسيڪا هويا جو هي ساجن ساٿ
محبت لاڪي پڪڙي اسڪون هاٿ ۾ پاڪي هاٿ
صادق دوست هميشہ اسڪا جو هي اس ڪي ڪاٿ.

(٧)

هس پوڇا ساجن همڪون اي دلبر دوست همارا
هم نـلاّ تمڪون دوست رکا هي پيڇي عالم سارا
تم ڪيا هو ديتـلاّ مجڪون چيج آڇا ايڪ بارا.

(٨)

هاٿ اپني ۾ رکتا هي وه ڪان ڪمان ڪَياني
جسڪون ديکي اسڪون ماري مرغي مثل مَجَاني
هم بيچارهہ مرغ مثل هون، نا ڪجهہ ذات حيواني
باطن اپنا هم نہ جانون، هون صورت انساني
آپ مراوي، آپ بچاوي، آو هوئـي لاثاني.

(٩)

صورت خوب ميري دلبر ڪِي، نهين مقابل ڪوئي
خشمناڪ آڪون جبْ چاوي، ڪري نہ ڪجهہ دل جوئي

اِيسِي عادت سخت سِکا هَي اور نہ کِسکي هوئي.

(١٠)

عجب خيال هي ميري دلبر کا، کوئي نہ اسکون جاني
”ختم اَللّٰہُ عَليٰ قَلُوبهمۡ وَ عَليٰ اَبۡصَارهِمۡ“ بي توفيق تواني
اپني خبر نہ کَسکون دِيولاَ دانشمندلاَ ديواني
جسکون جاني دوست اپنا کر، اُسکون بخشي خوب بياني.

وائي فارسي

ای بنازم بنُمَای خود ديدار به دم
تا شَود برمَن از تو لطف اُلُوف پدم
جان دل را صد بار کنم قربان بر تو
چون نهی بار بک در ايوان قدم
ساغری آر وصل تا بکشم اين هجرت را
گر شوی همدم تا که شوم آزاد ز غم
گر رخت رخشان کُنی ز بُرقه حجاب برون
رُخِ خورشيد نهد خود در ظلمات عدم
مئی آلود مست بديد چون نرگس
نرگس از شرم بُرد سر در گريبان عدم
گر وزد باد نسيم بَمُشکين زلفت را
مُشک تاتار نهد پا خود در زنجير الم
ای غلام محمد غواص دُر ادراک دُری
گر نياری بُرون مَزَن غوطه در بحر نظم.

سر سارنگ

داستان پهريون

(۱)

سڄو صاف نہ ايري، ايرندي ڪان سڄ
هارين هَر سنباهيا، ٻيڻا ٻڌي ٻج
لٿي ڪپت ڪِڄ، آيم جاني جُوءِ ۾.

(۲)

اُتڪ ڪري اٿيو ڪڪر ڪاري رنگ
لٿو اوهيرا ڪري ساز وڏي سارنگ
سڪا سپ ساوا ٿيا، سانگين ڪارڻ سنگ
تن جني لاءِ تنگ، سي مينهن آٽي ميڙيا.

(۳)

اوتڪ ڪري اٿيو ڪڪر ڪاريءَ رُوءِ
لٿو اوهيرا ڪري بوند بهاري بُوءِ
سُرهي سپ زمين تي ڪٿوري خوشبُوءِ
جوپين وريو جوءِ، جانب جي جمال سين.

(۴)

اوتڪ ڪري اٿيو ڪڪر ڪاريءَ ڪَر
آيو چڙهي چاڳلو جوڙ وڏي جوهر
پهريا پيچ پٽن تي، جال وسي پيا جر
هارين ٻڌا هر، من مرادون پنيُون.

(۵)

اوتڪ ڪري اٿيو ڪڪر ڪاريءَ ڪير
وسائي ساوا ڪيا سارنگ سپيئي سير
جت گهمائي پير، سي سَرَ ڪري سرها.

(٦)
اوٺک کري اٽيو ککر کاري کر
لٿو اوهيرا کري جال وسائي جر
پاٽي پوڄ پٽن تي چَنن لائي چِر
پريا بند بارانيون، هارين پڏا هَر
سائين کيو سُکَر، ويو ڏوگاهو ڏيهه مان.

(٧)
اُتران تي اُٽيو ککر کارَ کري
وسائي وڏ ڦڙو تو باري بند ڀري
ڏُک ڏولاوا ڏيه تان وئا تَحَتَ تَري
برن تي تي سيکا چاهک گاهه چري
ويا ڏُرت ڏري، آيا سُکَر سک ٿئا.

(٨)
اُتران تي اٿيو ابر بوءِ بهار
کٿوري خوشبوءِ تي چوڏس تي چوڏار[1]
برپٽ سڀ بَهاريا صاحب رب ستار
گاهن کيا گلزار، وُٺا مينهن آگوندَرا.

(٩)
اَڄُ پُڻ پورب پار ڏي تو ککر کارائي
سيئي ساز وسڻ جا تو سارنگ سارائي
ايندو آرائي، اوري آروناپار کي.

(١٠)
اڄ پڻ اُتر پار ڏي ککر کاري کيس
وڄون وسڻ آئيون کري لعل لبيس
دَيس وٺو پرديس، اچڻ ساڻ عجيب جي.

(١١)
وُٺا مينهن وڏ ڦُڙا، تيون پٽَن پالوٺون
راضي رب کريم ٿيو، جال لڳيون جاٺون
لٿيون اوساٺون، وسڻ ساڻ سَرير تان.

---

(١) اصل: تي چهدار

(١٢)

چَوگِردا چوڏِس تِي ڪِئا مينهِن ماندِاٽا
پٽَن تي ڄاپي پيا، مڪٽيون ماندڙاٽا
سونهن ساوڪ وچ ۾، ڀاڳين جا ڀاٽا
سانگي سيباٽا، مينهن آٽي ميڙيا.

(١٣)

وٺا مينهن وسون ٿيون، چوڏس تي چوڏار
سُڪا پَٽَ ساوا ٿيا، گاهن ڪيا گلذار
ڏراڙن ڏڻ ڇيڙيا، چڙن جي چانگار
مَر مرڪن ميهار، ڏسي مينهون پانهنجون.

(١٤)

ڏُڪر جي ڏور ڪئا، سي والي واري آڻ
ڏسان شال اکين سان، ڀاڳ ڀريا سي ڀاڻ
ڪري روح رهاڻ، ڳجهہ ڳرهيان ڪي ڳالهيون.

(١٥)

ڏڪر جي ڏور ڪئا، وري شال اچن
وُٺي مانَ مِلن، پٽن تي منهنجا پرين.

وائي

وري وطن ڏي وارِ، سُڪيا سي سانگِي
ڏاتر مون ڏيکار، جُڙيا منهنجا جهانگِي

١. ڪڪر ڪيڙا ويس وسڻ جا، پيري پورب پار
جڙيا منهنجا جهانگي

٢. ٿڏي هير وَرِي پورب جي، تاڙي ڪئڙي توار
جڙيا منهنجا جهانگي

٣. وُٺا مينهن ٿيون برساتون، گاهن ڪيا گلذار
جڙيا منهنجا جهانگي
٤. وُٺن مِينهَنِ مانَ ملنِ سي محب مٺا منٺار
جڙيا منهنجا جهانگي
٥. غلام محمد غم سڀ ويڙا، سانوڻ ڪيڙا ستار
جڙيا منهنجا جهانگي

داستانو ٻيو

(١)

ورئو اوتر واءُ، تاڙي ڪئي توار
بينا پورب پار ڏي نهارِين ڳوار
ککر ڪئي ڪِنار، چڙهيو سارنگ ساز ڪري.

(٢)

آئي مُندَ مينهَنِ جي، لڳو چووائو
تَپي سڄ اِيَنِ تي ٿيو ڪاپارِي ڪائو
ملَڪ وسائي مون ڏٺي ڪيو سانگين جو سائو
ٿِئي سَٽائو، وَرِي وار اچڻ جو.

(٣)

ڍَٽ وٺو، پَٽ وٺو، وٺي جيسلمير
سانگي آسودا ٿيا، ڏسي مال مٿير
ڏُکر ڏيهَنَ تان ويو، سُکر پاتا پير
ڪري آءُ اُلير، ديس وٺو دلجاءِ ٿي.

(٤)

ڍٽ وٺو، پٽ وٺو، وُٺو ڪڇ هالار
پارڪر پَڇي پيو، گاج گجي گِرنار
سُکر ڪيا ستار، آيم جاني جُوءِ ۾.

(٥)

ڍِٽ وٺو، پٽ وٺو، وُٺو ڪيچ ڪلات
عالمر سپ آباد ٿيو، بيحد ٿي برسات
سُڪا پٽ ساوا ٿيا خاوند ڪئي خضرات
هاڻ پرين تون آ تہ، ويتر آبادي ٿيئي.

(٦)

ڍِٽ وُٺو، پٽ وُٺو، وُٺا چارئي طرف
سارنگ ڪي سچي ڏٺي ڏنو شان شرف
سانگي آسودا ٿئا ڇڏي سانگ صرف
لٿو حَيف حرف، ڏيهَن تان ڏوگاھ جو.

(٧)

پَٽَ پريا، بند پريا، پريون بارانيون
هارين تي هر جاءِ ۾ ڪيون سائين آسانيون
جوڙي جوڙن کي ٻڌيون ڳوارن ڳانيون
مَٽيِن مانڌاٽيون، ڏوڏيـــن وڏيـون ڏُڌ ۾.[١]

(٨)

پَٽَ پريا، بند پريا، پريون ڇيڪ ڇنيُونَ
پاڃُوها ڇاپي پيا، ٻَهڪن ٻج ٻنيون
پَچِي لال پَنيون، پيون پاڪ پٽن تي.

(٩)

پرين جي پرڏيھ ويا ڪري سانگي سانگ
جِني لاءِ ڏِينهن ڪي تي اُڏايان ڪانگ
شل واري اچن ڇانگ، موٽي جاني جُوءِ ۾.

(١٠)

شال نہ پوي ڏيھ ۾ ڪو ڏڪر ڏوگاهو
مور نہ ڪن منهنجا پرين ڪيڏنهن سانباهو
هينئڙي جو آهو، وِٽي وار نٽو ڳهري.

---

(١) اصل: مٽي مانڌاٽيون

(١١)

ڏوگاهو ڏڪار جو ڏوٽي ڏور ڪري
جُدائي جانب جي اندر داغ ڏري
پرين شال پري، مور نہ وڃن ڪَڏهِين.

(١٢)

وُٺي شال ملن، پرين جي پرڏيهہ وئا
راتو ڏينهان ڏک ۾ جيرا جال جلن
هُتان حال هلن، ٿين مقابل مون پرين.

(١٣)

سانگي سيئي آڻ، والي واري ملڪ تي
راتو ڏينهن اُداسيو، جيءُ جني جي ڪاڻ
هنجهون هاري تي رُئان ڏسي پاڳين پاڻ
سکيا جني ساڻ، گڏ گذاريم ڏينهڙا.

(١٤)

وائي ورائيج، پرين جي پرڏيهہ وئا
مون کي مون پرين سان هيڪند ڪرائيج
وطن وسائيج، تہ سانگ نہ وڃن سپرين.

وائي

ميڙائي جا مينهن، ڪڏهن وري وسندا
١. ساريو سانگيڙن کي، رئان راتو ڏينهن
ڪڏهن وري وسندا
٢. جوشن جيڏيون جيئڙو جلايو، من نهوڙيو نينهن
ڪڏهن وري وسندا
٣. ڏنو عشق ڏکي کي ڏيکائو، شڪل شامل شينهن
ڪڏهن وري وسندا
۴. غلاممحمد آگمَ ٿيندا، غم ويندا غمِگينُہ
ڪڏهن وري وسندا.

داستانو ٽرئو

(١)

وِري هير اُتر جي ڪئي تاڙي توارا
اوتڪ ڪري اُٺيا بادل بهارا
چوگردا چوطرف ڪن وڄون وسڪارا[1]
وٺا مينهن وڏ ڦڙا ڪيا سانوڻ ستارا
پٽن پالوٽون ڪيون وُڙها گهٽ گهارا
سانگي سَوارا، والي وار وطن ڏي.

(٢)

سانگي آيا سانگ ڪري، جايون ٿا جوڙين
اڏي واڙا واڙيُون، نِهيرا ڪوڙين
مکڻ پريا هٿڙا، وينيون ولوڙين
ساوا گاھ پٽن تي اَلوڙيون لوڙين
چيلا چيڪ چَنن ۾ چڳيريون چوڙين
ور ڏيئي ووڙين، پهارو پَٽَ پئا.

(٣)

سهرا سارنگ جا چوَو، ٻڌي مُنگهٽ موڙ
اٿيو اتر پار ڪان گجي ڪري گوڙ
ڪِوَٽيَن ڪنا ڪوڙيا جلوا ڪري جوڙ
لٿي سختي سوڙ، جانب آيم جوء ۾.

(٤)

سهرا سارنگ جا چوو، حورن ٻڌا هار
وڄون وسڻ آئيون چوگرد چوڌار
لٿا اوهيرا ڪري اَبَرَ بُوءِ بهار
ويو ڏُرت ڏڪار، آيو سُڪر، سُک ٿئا.

---

(١) اصل: چوطرف تي

(٥)

ڪانگا قريبن ڏي وڃ تون اُڏامي
ڏيج سنيها سڄڻين ڪري غلامي
اڄ پڻ پنهنجي ديس تي ٿيو سُڪر سلامي
ڏڪر ڏيهَنَ تان ويو، ٿيا عالَم آرامي
ٿُرتَئون تمامي، سِڳها موٽو سپرين.

(٦)

ڪانگا قريبن کي ڏي سنيها ساري
ايندو سارنگ ساز ڪري صبح سَواري
وسائيندو وڏڦڙو پٽَن پلٽاري
ساوا گاهه گسن تي سائين سينگاري
واڳ وري واري، سڳها موٽو سپرين.

(٧)

ڪانگا قريبن کي نيئي سنيها ڏِج
نهاريندي نِڪَٽِئا ويا وهامي سِج
مُنِي مون مَحتاج کي اچي محب مِلج
سيئي سي ساوا ٿيا جي ٻيجن پوکيا ٻج
لٿي ڪپت ڪج، سڳها موٽو سپرين.

(٨)

ڪانگا قريبن کي وڃي روبروءِ
ڏيج سنيها سڄڻين رکي خادم خُوءِ
ديس وٺو پرديس وُٺو، وُٺي پنهنجي جُوءِ
ڇڏي جايون هُوء، سڳها موٽو سپرين.

(٩)

ٻاڳيا ٻجن ڪينڪي ڏسي ڏُک ڏکار
ويهي پنهنجي ديس ۾ جاراتِين چمار
تني ڪاڻ سُڪار، سدا آهي سڄ ۾.

(١٠)

ٻاڳيا ٻجن ڪينڪي ڏسي ڏوگاهو
مور نہ ڪٽن پانهنجو ديس مٿان آهو
تن وٽ ٻاراهو، سدا سانوڻ سڄ ۾.

(۱۱)

ياڳيا پڃن ڪينڪي، پڃن سُڪ سانگِي
لڳي جاء اَٽاٽ جي ان ڪي اڙانگي
جِتِ ڏسن وانگِي، تتي سندن تڪيا.

(۱۲)

ياڳيا وهو ياڻ ڪري چتائي سا جاءِ
جت سداَ سانوڻ ٿو وسي، نڪو وڻ ڪُوماءِ
نڪو واء خِزان جو، نڪو ڏڪ ڏُواء
سڪن سندو ساء، چيتاري چِت ڪيو.

(۱۳)

متان وهو سک ٿي جتي ڏسو ڏُک
لڳي لوساٽي گهٽو جهولي لاڳو لُڪَ
مال مَر ماريو بُک، ويهي ويرانين ۾.

(۱۴)

سانگي سنگت سُک جي، ياڳيا بُک باسينِ
سي نہ سانگين جهڙا، جي وِلاتون واسينِ
مال تني جا سنرا نِيرَتَ ڏي ناسِينِ
اُيا اَرداسين، سدا سارنگ ڏي گهٽو.

(۱۵)

آيو سارنگ سُک ٿئا، ويو ڏرت ڏڪار
موڪل مينهن کي ڏني ڏيهہ ڌڻي ڏاتار
سَرها ٿيا سنگهار، وسڻ ساڻ سرير ۾.

وائي

جِيءُ نہ جيڏيون جاءِ، بنا جانب جيءَ جي[1]
۱. وسئون بيوس ٿيَڙي آهيان، ڪل نہ پيم ڪاء
بنا جانب جيءَ جي

(۱) اصل: (هت تورڙي هيٺ) 'بنان جانب جي'

٢. لڳي جنه کي باھ بره جي، هوند تنه کي سماء
بنا جانب جيءَ جي
٣. پلپل پَر ۾ پُور پَوَن ٿا، پَل نہ مون کي ماء
بنا جانب جيءَ جي
۴. غلام محمد حب محبن جي، وڏا اندر ۾ گھاء
بنا جانب جيءَ جي.

سر آسا *

داستانو پهريون

(۱)

آهي جدا جسم کان حيرت حياتي
اَسَتا لاَتِي، لَوَنُدا وتن لوک ۾.[۱]

(۲)

تون تهين سان رک، نئون ناتو نينهن جو
ڏسي ڏوهہ صواب کي کرين کانہ پرک
پري ڦير مَ اَک، نئِي ووڙ وجود ۾.

(۳)

اکيون کري پاک، ڏوئي رکج دل ۾
متان غِلظَت ناک، کٿي پار پرين جي.

(۴)

اکين کي اوجار، ڏيئي پاھُ پريت جو
تهان پوء نِهار، کٿي پار پرين جي.

(۵)

اکيون غير غَلِيَظ، کٿج کيم پرين ڏي
متان غيرت غِيَظ، اچي عجيبن کي.

---

* اصل نسخي ۾ 'سُر' يا 'داستان' جو عنوان ڏنل ناهي. غالباً کاتب کان اها ڀل ٿي. ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ 'سر ۽ داستان جو عنوان' ۽ ان بعد آيل بيتن وارو صفحو نقل نہ ٿيو هجي.

(۱) اصل: ائين

(٦)

اکيون غِلَظَت گڏ، کٽج کيم پرين ڏي
سو پردو ڏوئي ڇڏ، آڏو جو عجيب کي.

(٧)

پنبڙين ساڻ بُهار، پٽي پير پرين جِي
واري اکڙين ۾ اها کٽي هار
تِهان پوءِ نِهار، صفائي صورت جي.

(٨)

اکين ۾ اوطاق، آٽي جوڙ عجيب جي
واري ڇپر طاق، قابو ڪج قريب کي.

(٩)

ڇپر وچائي ڏي، پيرن هيٺ پرين جي
مُشڪ ڪٽوري گاڏوان پير جڏهن پائي
عجيبن آئي، ٽِيَنِ سڀ سَوَلِيون.

(١٠)

پهرين ڏوئي پاڪ، ڪِجان پئي هٿڙا
تِهَان پوءِ خاڪ، کٽج پير پرين جي.

(١١)

ڏوئي صفا ڪِج، پهرين پئي اکڙِيُون
تِهان پوءِ وجهج، سرمون خاڪ پرين جي.

(١٢)

ڦُلا ڪوري ڪڍ، جي تو اکڙين ۾
جي آڏا عجيبن کي سي چِلُر چِلي وَڍِ
اولو اولي اَڍِ، رکج کيم وجود ۾.

(١٣)

پاڙان پٽي ڇڏ، جي تو وڻ وَنِين ۾
دارُون ديدائيءَ جو آٽي گوشن گڏ
تان تون ڏسين نہ هڏ، تِرڪا ڇَوڪا تيڏ جا.

(١٣)

اکيون ڳِھلِي ڳت، سُٽن سمجهن ڪين ڪي
بي متيون متواليُون، ويٺيون روئن رت
جتي انت نہ اَت، تِتي وچي لَڳُيون.

(١٥)

تِريڏيون تري پسن، حق حقيقي هيڪڙو
سچيون سجاڻن، صحي سونهن سڄڻ جي.

(١٦)

اکيون اُڪاسِين، پريان سندي پار ڏي
سوا سونهن سڄڻ جي، باس نہ ٻي باسين
ٻيٺيون اُداسينِ، درسن ڪارڻ دوست جي.

(١٧)

اکين آڻي آر، رکيو پار پرين جي
جهليون پليون نہ رهيون، آچيندي ٻئي پار
ڪري ڪونہ قرار، ويهي وِرمن ڪينڪِي.

(١٨)

اکين اڙانگو، وچي نينهن اڙائيو
نڪو ڪن وچڻ ۾ ساھہ سندو سانگو
لنگھہ پسي لانگھو، لڳيون پاڻ مُراديُون.

(١٩)

اکيون اونداهيون، ڪٿج ڪِيَمَ پِرين ڏي
ٻر ٻر ٻاراهيون، مُور نہ پسن سوجهرو.

وائي

سياڪا ساهي، ساهي
ڪانہ پڇندي ڪا پرينءَ ڪي
١. جهڙي تهڙي حال سين ڪيچ هلو ڪاهي، ساهي
ڪانہ پڇندي ڪا پرينءَ ڪي

۲. جنهن کي حب حبيب جي، روچ نہ سا لاهي، ساهي
کانہ پچندي کا پرينءَ کي
۳. پوري پيرو پال جو هئي هئي ۾ آهي، ساهي
کانہ پچندي کا پرينءَ کي
۴. ايندو ويچارن ڏي کيچ ڏٽي کاهي، ساهي
کانہ پچندي کا پرينءَ کي
۵. غلام محمد غير ۾ نينهن نظامت ناهي، ساهي
کانہ پچندي کا پرينءَ کي.

داستانو ٻئو

(۱)

انڌيون سي مر هُوَن، اوجَرُ جي نہ پسنديون
چِلُرِ چالا اچ ڪري، ڦلا ڦانڪون پُون
جي جانب ڪاڻ نہ رون، سي ڪڍي ڏج ڪانگن کي.

(۲)

اکيون جي نہ پسن، سج سهائو سوجهرو
ٻئي ٻتِ ڏجن، ڪڍي هوند ڪانگن کي.

(۳)

مر سي ڪانگا کِيِن، اکيون اوجر انڌيون
سج سهائو سامهون مُوران پسن ڪين
اهي سي نابين، ڪڍي ڏج ڪانگن کي.

(۴)

انڌي اک مَ ڏار، جنهن ۾ اونداهو گهٽو
سڏ نہ رکي سونهن جي، نکو کهين نهار
ڪيري پَر ڪپار، نيئي نَوَنِڏِينِ ۾.

(۵)

اک اُهائي رک، جنهن سان پسن پرين کي
مر سا ماري، جَک، جنهن کي سڏ نہ سونهن جي.

(٦)
اکيون اوڏاهين، لڳيون پاڻ مراديون
وک نہ رکن پانهنجي موٽائي پاهين
عَادت اوراهين، ڇڏي وجن هليون.

(۷)
اکيون اوڏاهون، پرت پِرائي آئيون
آرو اوڏاهون، ڇڏي وَجن هليون.

(۸)
نِيتَجي نماز، ڪري ڪَعبو پرينءَ ڪي
سجدو ساڻ نياز، نيئي ڏجي اوڏهين.

(۹)
اکيون ٻيئي رک، جوڙي جاء سُجودَ جي
لحظو ڦير مَ لکِ، ڪٽي ٻئي ڪنهن پار ڏي.

(۱۰)
عجب جيهي آهہ، عادت مون پرين جي
ڪري ناز نگاهہ، موٽي مشڪن مام ۾.

(۱۱)
مون ڪي ٽا مارين، هٽي ناٽُڪ نينهن جي
واري جيارين، ڏيئي نوش نگاهہ جو.

(۱۲)
ڪٽي نيڻ هٽن، پري نائڪ نينهن جي
نوڪون نيزي نرت جون، ڪُٽيون ڪين ڪٽن
ويتر ٽيون وٽن، دانهون درد فراق جون.

(۱۳)
سور سيوئي سُک، پريان سندي پار جو
ڪونهين ڏوک نہ ڏُک، چکين جي چيت ڪري.

(۱۴)
ڳُٽن ساڻ ڳنڊين، پيڳو هِيُونَ هٿ ڪري
اَتاريو ريهِيَنِ، هڏيون هڏين سان گڏي.

(١٥)

انڌن اونداهي، اکين آڌو ڌک جي

گوندر گُمراهي، موتي آين منهن ۾.

(١٦)

سڄَا سڄاڻين، صحي سونهن سڄڻ جي

انڌا تا آڻين، دعوا دليلن جي.

وائي

[مهر]مدارا آهي آهي، جانب ڪارڻ جندڙو[1]

١. اندر اور عجيب جي، ڳاهه ڳنجهه اندر ڳاهي.... آهي
جانب ڪارڻ جندڙو

٢. رويو ڏينهان راتيون، واهَ هنجهن جا واهي.... آهي
جانب ڪارڻ جندڙو

٣. آرو عشق عجيب جو، لڄ لياقت لاهي.... آهي
جانب ڪارڻ جندڙو

٤. بنا محبت هيڪلي، ڪان وجي ڪا ڪاهي.... آهي
جانب ڪارڻ جندڙو

٥. حاجت ناهي حُج جِي، سُهڳ متان ڪا ساهي.... آهي
جانب ڪارڻ جندڙو

٦. غلام محمد حُبَ ۾، گام رکو ڪا گاهي.... آهي
جانب ڪارڻ جندڙو

---

(١) اصل نسخي ۾ پهريون لفظ (يا پهريان لفظ) ميساريل آهي. ڏنگين ۾ ڏنل پڙهڻي گماني آهي.

داستانو ترئو

(١)

لُوءَ لُوءَ ليا پاء، پسڻ خاطر پرين جي،
وَ فِيۡ اَنۡفُسِكُمۡ اَفَلاَ تُبۡصِرُوۡنَ سوجهي لهہ سَماء
لِگن متي لاءِ، لالائي لالڻ جي.[1]

(٢)

پيٽو ڏيئي پار، من ۾ مچ مجاز جو
بکيون برياني ڪري چيري ڏي چمار
تيهان پوءِ توار، پوي ڪن قريب جي.

(٣)

سِيّراهِي سيري، وِنڌج وَرَ وجود جا
دوستن جي ديري، سورج سڳو سِڪَ جو.

(٤)

سيراهي سا سير، جا وِنڌي ور وجود جا
تيڏهہ پائج پير، جيڏهن سانچو سڪ جو.

(٥)

چوراسي چاڙهي، ونڌج ور وجود جا
پَرِ اِها پاڙهي، مُلان معشوقن ڪي.[2]

(٦)

سُپيريان جي سونهن، مَنان مور نہ وسري
راتو ڏينهن ورونهن، لُونَ لُونَ منجهان نہ لهي.

(٧)

سپريان جي سڪ، منان مور نہ وسري
وڏا چاڪ چهَڪ، جدائي جانب جي.

---

(١) اصل: 'لعلائي لعلن جي'

(٢) اصل: ائين

(٨)

روح رُچندو رَج، اکين کڏهن کونہ کيو
اندر درد فراق جي ڏٺي بيني ڏج
مُنهِ پايو لج، لِکايو لَکَ چڙهي.

(٩)

جِيءَ ۾ جي ئِي جوڙ، سيئي سڄڻ ساريان
تاٽي نيائون نينهن سين تن منهينجو توڙ
مُنهَ کي ڏيئي موڙ، پاڻ پيهي ويا ڇپرين.

(١٠)

جِيءَ ۾ جي ئِي جال، سيئي سڄڻ ساريان
مونکي پَراهون کيو، پنهنجي خواب خيال
واري ورق وصال، مانَ ملنمِ سپرين.

(١١)

جِيءَ ۾ جي ئي جان، سيئي سڄڻ ساريان
منهنجو من مجازيو، سهٽي سونهن سندان
صاحب رب سبحان، ميل تہ مانڊائي لهي.

(١٢)

کِيَ جو اکيون کالهہ، پرين پَسي آئيون
توڙي نيڻ نِهال، تہ پيي تَن تساؤ نہ لهي.

(١٣)

کِي جو اکيون اڄ، پرين پسي آئيون
روحَ نہ کيو رڄ، نهاريندي نِکِٽِيَان.

(١٤)

اکين جي آري، در ڏيکاريو دوست جو
سانوڻ سياري، سک پريان جي نہ لهي.

(١٥)

اکين کي آرو، پيو پار پرين جي
سانوڻ سيارو، تن تساؤ نہ لهي.

(۱۶)

اکين آٽي آر، رکيو پار پرين جي
سي کنديون کيئن قرار، درستن ڏاران دوست جي.

(۱۷)

اکين کي آهي، سک پريان جي [پار] ڏي
اوسيڙو لاهي، سک نہ سمهن کڏهين.

(۱۸)

کا جا وٺي واٽ، پرين پسي آئيون
سا جا اڄ اُساٽَ، نِتِ نيٽنئان نہ لهي.

وائي*

داستانو چوٿون

(۱)

گولي تي گذار، دروازي دوستن جي
نهاريج مَ نيڻ کٽي دوُئي دَر دُوار[۱]
بِي کا کيمَ پچار، ڪِجان قريبنِ ري.

(۲)

دوُئي دور کَري، هوءِ يگانو يارِ سين
ٿِجان کيم پري، پريتاٽي پَکَڙين.

(۳)

پَچائيج پريت، پکي پَه پرين سان
متان رسم ريت، رکين قريبن سين.

(۴)

پرين آءُ پيهي، نماٽيءَ جي نِجُهري
وَنينِ ۾ ويهي، ڳجهہ ڳرهيُون کي ڳالهيُون.

---

* نسخي ۾ اهو عنوان موجود آهي، مگر ڪاتب اصل مسودي تان 'وائي' اتاري ڪانہ لکي.

(۱) اصل: ائين

(۵)

پرين پيهي آء، نماڻيءَ جي نجهري
اکيون تهجهي لاءِ، پيرين پٽر پائيان.

(٦)

اکين کي آهي، پکو پہ پريت جو
اک نہ سمهن کڏهين اوسيڙو لاهي
سِسِي سانباهي، آڻي رکن اوهِري.

(۷)

اکيون کيرَ پِيَن، پاٻوهي پريَنَ سين
رَڄُون تان نہ تِيَنَ، هٿان حَبيبن جي.

(۸)

اکين پيتو کير، پاٻوهي پرينِ سين
نيڻان نائي نير، روئن رتَ وَرنيُون.[1]

---

(۱) هن بيت کان پوءِ صفحو خالي آهي، جنهن جي معنيٰ تہ اڃا ٻيا بيت هئا پر ڪاتب کان اُتارڻ ۾ رهجي ويا.

سر سورٺ

داستانو پهريون

(۱)

اَوّلِ آس الله جي چارڻ رکي چِت
هليو رَاوَ ڏياچ ڏي ڪٽي پيرِ پرت
راجا رتولن ۾ تو ڏيج ڏياري نِت
مڇِي مير مِنت، مَن متو ڏئي مگّٽي.[۱]

(۲)

چارڻ چنگ کُلهي ڪري هليو ڏي گرنار
جت راجا راوَ ڏياچ جي ٻُجهي تي دربار
داتا سندي دَر تي ڪيان ڪيرت ڪار
ٻُڌِي تندُ تَنوارَ، مَن متو ڏئي مگّٽي.

(۳)

چارڻ چنگ چَپينَ ڪَري ساراهيو سُبحان[۲]
"وَ اَمَّا السَّائِلَ فَلاَ تَنۡهَرۡ" ٻُڌو سو سلطان
ميان مهربان، مَن متو ڏئي مگّٽي.

(۴)

صَدا جي آس ڪري آيس در ڏاتارَ[۳]
ڪَهان جو ڪَمانچَ سين [سو] مون ڏيج ڏِيَارَ
مَلِهي مگّٽهار، سِر وَڍِي سلطان ڏي.

---

(۱) اصل: هت توڙي هيٺ 'متو ڏي'

(۲) اصل: اثين

(۳) اصل: سدا جي

(٥)

سِر جو صدا ٿو ڪيان، نڪو منگان مَال[١]
آهيمِ اِيُ خيال، تہ وڃي مُلهان مُلڪ ۾.

(٦)

ڏاتار ڪي مڱٽي ويهي واڪاٽيو
”اَلسَّخِي حَبِيبُ اللّٰه وَ لَوڪَان فاسقاً“
تندن ڪي تاٽيو
اِتاهُون آٽيو، سر جون صَدائون ڪري.[٢]

(٧)

ڏُولَهَہ جي درٻار تي پيجل ٻولايو
داتا در تنهنجي تي هي آديسي آيو
موتي مڱٽهار ڪي مُور نہ موٽايو
پَلي مون پايو، جا مَنَگِہ منهنجي مَن ۾.

(٨)

جا مَنَگِہ منهنجي مَن ۾، سا مون پَلي پاء
اَرداسُون سائل جون ڏيئي ڪن اُناءِ
مون ڪي مَ موٽاءِ، سوا سر سلطان تون.

(٩)

آئون سوالي سر جو، آيس تو وٽ اڄ
وينس تنهنجي در تي پلو پائي لڄ
منهنجو عيبين ڪَڄ، ٿي راجا رتولن ۾.

(١٠)

آئون سوالي سِر جو، آيس تو وٽ هاڻ
وينس تنهنجي در تي پلو پائي پاڻ
تون ڏيارين ڏيج ٿو امل ماڻڪ ماڻ
ميان منهنجي ڪاڻ، سِر وڍي سلطان ڏي.

---

(١) اصل: سدا ٿو ڪيان
(٢) اصل: سدائون

(١١)

آيس پري ڪان هلي ٻُڌي تنهنجو شان
تو وٽ سخاوت جي ڪمي آهي ڪان
مَرڪائيج مريض کي سر ڏيئي سلطان
تان مون ٿئي مان، متي ملوڪن ۾.

(١٢)

آئون ڏورانهين ڏِسِ جو، آيس دَر
تون سَدا صاحب سَدرو منهنجو ڪارڻ ڪَر[1]
سنياهي سر پانهجو آٿي آڏو ڏر
تہ متي ڪري ڪَر، مَرڪان ملوڪن ۾.

(١٣)

آئون ڏورانهين ڏس جو، آيس سوالي
مُور مَ موٽائيج تون خِلوَت مان خالي
توڙي ڪِيَمِ ڪَچَ سين ڪِيَرَت قوالي
وِلهن جا والي، ڏوڙا ڏيج ڏيار مون.

(١٤)

آئون سوالي سر جو، تون راجا ڏڏ نواز
جَنه پَتِ رِيجهن راڳ تي، سو مون سُر نہ ساز
موٽائي ممتاز، ڪج مَ مگٿهار کي.[2]

(١٥)

پيو نہ ٻُجهان ڪو ٻئو، راجا تو جيهو
تون سوالي سَر ڪرين سخاوت [سيهو]
تيلاهون ويهو، تو در تند تواريَان.

(١٦)

پيو نہ ٻجهان ڪو ٻئو، راجا تنهنجي رُوءِ
هلي سخاوت جي هنڌين ماڳين هُوءِ
اَچي روبروءِ، پينائون پُر ڪرين.

---

(١) اصل: ائين

(٢) اصل. ائين

وائي

اچي سائل جي لهُه سار

اي جِي! راجا راوَ ڏياچ تون

۱. ڏيڍيءَ تي هِن ڏومَ کي ڏوڙا ڏيج ڏيار

اي جِي! راجا راوَ ڏياچ تون

۲. رهِي رات رتول ۾ والي ڪيم وسار

اي جِي! راجا راوَ ڏياچ تون

۳. رهي روز قيام سين داتار تو دربار

اي جِي! راجا راوَ ڏياچ تون

۴. راضي ٿي هن ڏوم تي سونهن پريا سردار

اي جِي! راجا راوَ ڏياچ تون

۵. غلام محمد در تنهنجي تي آيو وٺي درڪار

اي جِي! راجا راوَ ڏياچ تون

داستانو ٻيو

(۱)

آءُ متي تون مڱتا، ٻوليون ڏيئي ٻَن
ڪَماچڻُون ڪَمانچَ جو ڪو پڙلو پيُمَ ڪَن[۱]
تنهنجي تنوارن تن، طُفيلي چڏِيو.

(۲)

آءُ چڙهي تون مڱتا، ماڙ متي مِير
مون کي تو ڪَمانچ سين صحي پاتي سير
ڪُڄن سي نَہ سَرير ۾، ڪُنا جي تقديرَ
چڏي ڪَٽ ڪَثير، سِرُ وَدي نــي سيگهہ ۾.

---

(۱) اصل: ڪَهمانڪون ڪمانچ جو

(٣)

آءُ متي تون مڱڻا، ماڙي متي مَل
تنهنجي تند تنوار جا سيني اندر سَل
هِي مٿان تو گهوريان ماڙيون ماڳ مَهَل
مِيراثي مُرسَل، سِرُ وڍي ني سيگهه ۾.

(٤)

آءُ متي تون مڱڻا، مِيان ميراثي
تنهنجي تند تنوار تي مون باس اِها باسي
تِي خلوت خُلاصي، سر وڍي ني سيگهه ۾.

(٥)

ريڏو راڳائي سين راجا راوَ ڏياچ
سو سپوئي صاب پيو ڪَهيو جو ڪمانچ
ڪِيَنَر ڪَهي ڪيترا، وِيا متي واچ[1]
رکي محبت ماچ، هر دوئي هيڪ ٿيا.

(٦)

ريڏو راڳائي سين راجا منجهه رَتول
"لاَ نُفَرّق بَيَني و بَيَنَڪَ" اهو ٻڌي ٻول
يَجي پولا پول، هر دوئي هيڪ ٿيا.

(٧)

هر دوئي هيڪ ٿِيا، راجا راڳائي
هَلِي اَنَتَ "لَڪَ لِيَ" جي وچان ويئي وائي
آئي واڏائي، تہ متو مليو مڱڻي.

(٨)

راجا راڳي هڪ ٿِيا، يڳا ساز سُرود
نڪو رهيو وچ ۾ واڇو ورد وُجود
ٿيو سپوئي سُود، جو متو مِلِيو مڱڻي.

---

(١) اصل: ائين

(٩)

راجا راڳي هڪ ٿيا، ٻُڌڻ ۾ پيئي
سيئي راڳُ ڏياچ سو سوالي سيئي[١]
لِکِي جا اَلڪ ۾ سا پَڌرِ ٿي پيئي
وائي اِيَ ويئي، تہ متو مليو مڱڻي.

(١٠)

داتا ڌرمُ ڪَيو، متو ڏيئي مڱڻي
راڻِ راوَ ڏياچ جي اچي روڄ پيو
متي رِءَ ملوڪ جي تون ٻيجل منگ پيو
تون وٺ نِت نِيو، ساري ڏيون سر پنهنجو.

(١١)

تون تان وڍي وَڄُ، هيءُ سِر سگهو مڱڻا
چڙ ڪَٽون ڪيتريون، پورا پيري پَڄُ
متان تو ۾ سَڄَ، راجا رکن رت جي.

(١٢)

تون تان متو مڱڻا وڍي وڄ ڪٽي
راجا راڳائي سين ريڌو پاڻ ڌٽي
اِها سُڌ سٽي، ڳِريو پيو ڳرنار ۾.

(١٣)

تون تان متو مڱڻا وڍي وڄ وري
سر جي سخاوت ۾ تو آٽي آس ڌري
راجا راڳائي ڏي آيو ڍول ڍري
اِها ڳالھ ڳَري، لڳي لاڳاپن ڪي.

(١٤)

ڳريو پيو ڳرنار ۾، راڻِ رُنو رَت
چُوڙا چو ٽيليون پيچي ٽيون مستاني مَتِ
پيئي سَپ سِپاهَ ۾ اَفسوسي عُسرَتِ
ونِي مال متاع ڪي ٿي ميراثي مسرت
اِها ڳِهلِي ڳَتِ، جو تو سِر جون صدائون ڪرين.

---

(١) اصل: ائين

وائي

آهي راڳي ساڻ رايو، راجا راوَ ڏياچ جو
١. سائل سوزان ساز سين ٻيجل ٻولايو
راجا راوَ ڏياچ جو
٢. ڏيڊيءَ تي ڏاتار جي وينو پلو ڪي پايو
راجا راوَ ڏياچ جو
٣. "خُذۡ هَذا" چئي ڏوم ڪي، آٽي سَخي سِرُنايو
راجا راوَ ڏياچ جو
۴. غلام محمد در داتا جي چارڻ چنگ چَلايو
راجا راوَ ڏياچ جو

داستانو ترئو

(١)

راتِي رَاوَ ڏياچ جي آئي گُوندر گڏ
ٻوليون سَڀ عَبِيثيُون ٻيجل ٻاري چڏ
وٺي مال متاع ڪي تون ڏيڊيءَ مٿان لَڏ
سُٽي تنهنجو سڏ، ٿو گِريو پئي گرنار ۾.

(٢)

ٻيجل ٻاجهه ڪري تون موٽي وڃ وَري
اِها لڳي لوڪ ڪي آهي ڳالهه ڳري
پيري پاند زري، ٿي روانو رات ۾.

(٣)

راجا ريجهائي نِيو تو چَپين چاڙهي چنگ
وِيو محلاتن مان رَتو رونق رنگ
رَاجا رِيءَ رتول ۾ اونڌا ٿيا پلنگ
جا تو مَنگين مَنگ، سا چڏي ڏي ڏُومِيا.

(٤)

ڏومَ ڍاڙي هُونِ، تو نہ جيهو ڪوئي
راجا راوَ ڏياچ کي تو ريجهايو روئي
آرو اُهوئي، لاهہ مٿي تان مڱڻا!

(٥)

مٿو مڱڻهار کي راجا ڏنو رات
هَي هَي جي افسوس جي وائي پيئي وات
شهر شور شرار ٿئا ماتامِ مَحلات
پِره ڦٽي پريات، پڌر ٿيندي ڳالهڙي.

(٦)

جا راڳي جي رِتِ ۾ سا مِيان لڳي مَنِ
هر دوئي هيڪ ٿئا سوجهي لڌي تَنِ
جا لِڪي پَردي پَنِ، سا پڌر پيئي ڳالهڙي.

(٧)

جا راڳي جي رِتِ ۾ سا ميان کي معلوم
هر دوئي هيڪ ٿِيا چڏي هور هُجوم
جا مخفي ۾ مَعدُوم، سا پڌر پئي ڳالهڙي.

(٨)

جا راڳي جي رِتِ ۾، سا راجا وٺ رهي
هر دوئي هيڪ ٿيا سوجهي ڪج صحي
جا ڪَهين ڪانہَ ڪهِي، سا پڌر پيئي ڳالهڙي.

(٩)

جا راڳي جي رِتِ ۾ سائي راجا وَٽِ
نڪا وٿي وار جي، نڪو لمَحو لَٽِ
هي پيناڻُو پنج ڪٽي، هو ڪِلي وينو ڪٽِ
هيڪڙائي جي حَق جي ڪنہ کي ڪانہ اُپٽِ
سا پڌر پيئي پٽِ، سر ڏني سلطان جي.

(١٠)

سر جي سخاوت جو انت نہ پوي عَامَ
ماڙي منجهہ مَلُوڪَ جي مِڙيي ڪَن مَاتَامَ
تني ڪي وجود ۾ فرداتي جو قَامَ
جي جامع پِئِن جَامَ سي ڏين متو ڪي مگٽي.

(١١)

سر جي سخاوت جي ڪانہَ ڪنهين ڪي ڪَل
آهي ليڪي لوڪ جي دهشتناڪ اَجل
جي پَرڪي پَسن پَل، تہ ڏينِ متو ڪي مگٽي.

(١٢)

سر جي سخاوت جي ڪل ڪنهين ڪي ڪانہ
جني سچ صحي ڪري ڏنو محبت مان
تني ڌُهرو دان، متو ڏنو مگٽي.

(١٣)

سر جي سخاوت جي لهن سُڌ صَحي
راجا راوَ ڏياچ تان وچن حرف لَهي
سيڪو پاڻ پهي، ڏي متو ڪي مگٽي.

(١٤)

سر جي سخاوت جي صحي لَهن سُڌ
تِي باراٹي ٻُڌ، ڏينِ متو ڪي مگٽي

(١٥)

سر جي سخاوت جي، جي صحي سُڌ لَهنِ
اِيَ عَدالت عادُلي پَر ۾ پاڻ پَهَنِ
ڪنهن سان ڪينِ ڪَهن، ڏينَ مَتو ڪي مگٽي.

وائي

وَڏي وير مَ لاءِ، اي جيءَ آيون جَهين جي لاءِ
هي سر سيگهہ منجهان مگٽا!

١. مَخفي نِي هِن مُلڪُ مان، ڪنهن کي پوي نہ سماءِ
هي سر سيگھہ منجهان مڱڻا
٢. جا منگي منگ مڱڻان سا نَہ پلي تون پاءِ
هي سر سيگھہ منجهان مڱڻا
٣. ڏيدي تي هن ڏاهَہ کي پانوَ پهر پياءِ
هي سر سيگھہ منجهان مڱڻا
٤. مٿو ڏنو ڏوم کي، چڙهي راوَ رياءِ
هي سر سيگھہ منجهان مڱڻا
٥. غلام محمد مٿو تون نوڙت ساڻ نَماءِ
هي سر سيگھہ منجهان مڱڻا

داستانو چوٿون

(١)

تون ڪٿي جو مڱڻا، ڪِٿي تنهنجو ديس
نڪو تنهنجي تَن تي هتيجاٽون ويس
هي لعلائي لبيس آهي ٻئي ڪَنه پار جي.

(٢)

تون ڪٿي جو مڱڻا، ڪٿي تنهنجي جاءِ
"لَيسَ ڪَمثلِہ شَيًا" ڏور ڏيکارين راءِ
"لَم يخلق مِثلَها فِي البلاَدِ" تنهنجو سَگ سِيَاءِ
هي تہ مَٿو تو هٿَ ۾ وَڍي وير مَ لاءِ
سا ئي پَلي پاءِ، جا مَنگَ مَنگيئي مڱڻا.

(٣)

طرح تُنهنجي تند جي ٻيجل ٻُڌم [نہ] ٻي
نڪو واڄو هٿ جو نڪو رهيو رِي
وٽي سا وجود ۾ جا تو ڪِيرت ڪي
هاڻ وَڍي ني هِي، سائل سسي سيگھہ ۾.

(٤)

عجب تنهنجي تند جا واڄا وِرد وَٺَنِ
نوڪون نِيهَ نِراليُون هينئڙي منجهہ هَٽَن
سي ڪڏهن ڪين ڪٽن، سر ڏني رِيءَ ساهَ مان.

(٥)

ساهُ سَلهاڙي سر سان، ٻئي ٻِڻ ڏِجنِ
ڇڏي آسانگا سيي، پنهنجا تان نہ ڪِجن
شال هَلِي هَٽجن، ٻئي مٿا هٿِ مگٽي.

(٦)

ساهَ سلهاڙي سر سان ٻيئي ٻِٽ ڏيان
”مُوتُوا قَبلَ اَن تَمُوتوا“ سُرڪي سَڪ پيان
قرباني ڪَمانچ تان ڪُلِي ڪارَ ڪَيان
جانڪُون جَڳتَ جِيان، هُجان هٿ ۾ مگٽي.

(٧)

راڳي تنهنجي راه ۾، طرحين طرحين تانَ
ريڏو تند تنوار تي، سورٺ جو سلطان
راضي راوَ ڏياچ ٿيو، مُهت مليو مِزمان
ڪَل ڪَهين ڪي ڪان، پئي قُرب ڪَمانچَ جِي.

(٨)

جيڪين قرب ڪمانچ ۾، سي ٻوڙا ٻجهن ڪيئن
جَني سمجهيو سچ ڪري، تن مٿا ڏنا هيئن
سيئي سائل سِيئنُ، ڪوڙين ڪَن قَرابَتِيون.

(٩)

جيڪين قرب ڪمانچ ۾، سي ٻوڙا ڪين ٻجهن
طالب طنبورن جا، اوڳا تان نہ اُجهن
ٻَڏي واڄا وِترا، وينا ماڳ مُنجهن
سُورِهَ سي سُجهَن، جي ياوُرَ يَڪتارن جا.

(١٠)

دنبورو دوراڳ ڪَري، يڪتارو يَڪَّتاءِ
قَواليون ڪثرت جون، موڳا مَن مَ لاءِ
ياراني يڪتار جي، سيني ۾ ساماءِ
تِهان پوءِ پِيئِنڍياءِ، ڪَنين ڪِيرت قرب جي.

(١١)

جن ڪي ڪيرت قرب جي، لڳي هينئڙي منجهه
مُور نہ سُڪي تن ڪي، اکين منجهان هَنج
سيئي صبح سنجهه، ڏينِ مٿو ڪي مڱٽي.

(١٢)

جن ڪي قرب ڪَمانچ سين، سسي سي ڏيندا
تانڪُون تند تنوار تي پتنگَ جيئن پِيندا
ٻيجل ڏي ايندا، ٻَڌي سِهرا سڪ جا.

وائي

لــڳـــي منـــجهه ڪَـــپـــار، اي يـــار!

تازي تند تُنهِينجِي

١. لائي تو جا ڪَمانچ سين لُوءَ لُوءَ منجهه لغار، اَي يار!

تازي تند تُنهِينجِي

٢. ڪانِي تنهنجي قرب جي سا تہ لنگهي مون پار، اَي يار!

تازي تند تُنهِينجِي

٣. لٿو سانگو ساه جو ڏڙ ڪان سسي ڪر ڏار، اَي يار!

تازي تند تُنهِينجِي

٤. وَڍِڻ هن وجود جي ڪِيُمَ وجهو وٺ وار، اَي يار!

تازي تند تُنهِينجِي

٥. غلام محمد ڪي مدَ مان، پرت پيالو پيار، اَي يار!

تازي تند تُنهِينجِي

سر پرياتي

داستانو پهريون

(۱)

صُبح سَواري سَبڙ تو سڏ ڪري
اُتِي سَنيَهُ مگٽا، سَازَ ڪٽج ساري
توکي ننڊر نياڳ جي، ڪيپ ڏيو ڪاري
ويراڳيون واري، ڪُلهي لائج ڪِينَرو.

(۲)

سَبڙ سالڪُ راڳ جو صحي سپ ڪري
واڄي وِلاڳُو ڏي نتو ڏيان ڏري
ذرو ساڻ ذري، ٻُجهِي ٻولي تند جي.

(۳)

ٻجهي ٻولي تند جي ڪري سپ صحي
ڪي ڪَماچي ڪينري ڪوڙين ڪِبُت ڪَهي
تني ساڻ رهي، راڳ پروڙي راڇيو.

(۴)

راڳ پروڙي راڇيو صحي ڪري سپ
رکي معنيٰ مُنهَ ۾، عرش زمينون اَپُ
اُلتِي لاتَ اَليُ، تاناٺِن جي تند ۾.

(۵)

جيڪين سمجهين سُر مان، سوئي ساز سُرود
تر تفاوت نہ ڪري واڄو ورد وجود
لَيِ نَقَلُ تي نابُود، اصل آلاپُون ڪري.

(٦)

سبڙ ساجَهَه سُر جي، تند سُرُودي ساز
لِڪو ڪين اَلڪَ ۾ زِيَر بَمِي آواز
رُوحي رِيحي راز، سِپو سمجهي سُر ۾.

(٧)

سبڙ سمجهي سيڪين ساز سُرودي تَند
ڳجهو رَهي ڪينڪي تانَ حُسيني هَند
وڄن واڪا ڪندِيُون رڳون راڳِي رَند
پڌر پيڙو پنڌ، سمجهن ڪينِ ڪَمانچ ۾.

(٨)

سبڙ چامَ صحي ڪري آوازُون آلاپ
معنيٰ مَخفِيَات جي رکي ڪاپو ڪاپ
تهدل تَسِئو تاپ، مُورُ نہ مڱڻهار ڪي.

(٩)

صَحي ڪري سُر ڪي جيڪين توارينِ
مايا رکي مَن ۾ ويراڳِيون وارينِ
جنهن سان ريجهي راڄيو، سُر نہ سو سارينِ
وينا نِهارينِ، سخا سبڙ چام جي.

(١٠)

مَن ۾ رکج مڱڻا صحي صورت سا
جنهن ڪي مَلاحَت جي مُنہ ۾ سونهن سخا
در تهين جي آ، سنجهي صبح ساز ڪٽي.

(١١)

سخاوت جو سخِي ڪي راتو ڏينہ خيال
تي سوالي مڱڻا هيٺون وَٺي حال
”فَادۡعُوۡنِيۡ يَسۡتَجِبۡلَكُمۡ“ سندس قرب ڪمال
داتا جو دُوالَ، وٺ تہ وِلهو نہ ٿئين.

(١٢)

ڪُلهي لائي ڪِينَرو ويهي وڄائيج
سَخي ڪي سُر پانهنجا سِپي سڻائيج

وٽي جو وجود کي ڳانڃُ اُهو ڳائيج
مَتان لڄائيج، پنهنجو پاڻ پِنڻ ۾.

(١٣)

سازَ سَيِي تون سِکيُون، پِنِي چاڻين ڪِينِ
ڇَڏ وَڏائي ڏوميا، مَرِي ٿي مسڪين
ڪَچ ۾ ڪٿي ڪِينِ وِهج سَبڙ سامُهون.

(١٤)

جي تو پَهُ پِنَڻُ جو تہ پيرو وَٺي پِن
ڪَر نہ قَالِيَ قِيَلَ سين ڪِينَريا کي ڪِنِ
متان ماڳ مِلن، توکي طعنا تند جا.

(١٥)

سَخي سنڌِي سَٽ ۾ سا ڪا تند تَوار
ٻُجهي ڪولي ڪُنجِيُون ڏيہَ ڏٽي ڏاتار
ڏيجَ ڏياري ڏوم کي سبڙ چامر ستار
مَلهِي مڱڻهار، رُپي سان رانديون ڪرين.

وائي

ڳانيو وجي ڳانج مُنگتا مُجاور
ويهو وَٺي اوهين ڏاتار جو در

١. اڳلا ڪري سو سَڳلا سدائين، ڏيجا ڏياري ڏڏن کي ڏاتر
ڳانيو وجي ڳانج
٢. ڏولي چاڙهي ڏوڙا ڏُهارِي، صاحب سَخا جي تو پاري اها پَر
ڳانيو وجي ڳانج
٣. تڪيي تهين جي جيڪي اَچن ٿا، ڏئي ٿو تني کي سو آڌار آڌر
ڳانيو وجي ڳانج
۴. غلام محمد غور ڪري تو، صاحب سخا جو اعليٰ اڪبر
ڳانيو وجي ڳانج

داستانو ٻئو

(۱)

جاجُڪَ جاڳي لِڪَ سين، راڳ نہ سِکيون تون
جنهن سان ريجهي راڇيو سا نَہ لَيين ڪا لُونَ
تنهنجي ليکي چامَ کي پنهنجو ڪيو مون
اِهو ياڻُ يُون ڪَڍي ڇڏ وجود مان.

(۲)

جاجُڪَ جاڳي لِڪ سين ڪين سکيون تون راڳ
تنهنجو ننڍر نياڳ جي پيري پڳو پاڳ
سو نہ مِلي تو لاڳ، جنهن سان پينو پُر ٿئين.

(۳)

سُتون ساري رات، اُٿيون ڪِين اَسُور جو
پره ڦٽيءَ پرڀات، وايون وڳوٽيون ڪَرين.

(۴)

اُٿي جاڳج جاجُڪا، ويهي وڄائيج
تندن کي تحقيق جو لاڳو لڳائيج
ڳانءُ اهو ڳائيج، جنهن سان ريجهي راڇيو.

(۵)

سڀيون راتيون سُمَهين، جاجڪ جوڙِي جاء
توکي ننڍر نياڳ جي سُتي ڏنو ساء
اٿي ويل اَسُور جي واڇو وِرد وڄاء
وِلها ڪِيمَ وِڃاء، وقت وِصالي ويسرا.

(۶)

جيڪين وٺي چام کي سوئي سُرُ آلاپ
وجهي جو وجود ۾ ڪاپو ڪري ڪاپ
”لاَ اِلٰهَ اِلاَّ اَنۡتَ سُبحَانَڪ اِنّي ڪُنتُ مِنَ الظّالِمِينَ
سو سپ ڪپت ڪاپ، سوا صاف سرُود جي.

(٧)

توکي مُنهَ ۾ مڱڻا نَڪو پِنڻَ پار
سهڻي سُوَنهَ سپڙ جي رَکي نِرت نهار
"وَجَهتُ وُجهِيَ لِلّذي فَطَرَ السمٰوات والارض" اِها تند تَوارَ
رَوِيَتَ رُوحي راڳ جي وائي واڄو وار
موڳا "مَاسوَ الله" جا سيِي سُر وِسار
تان تو ڏي ڏاتار، مايا مُلڪ عَميق جِي.

(٨)

توکي منه ۾ مڱڻا، نڪو پنڻ پنڌ
"فَادخُلِيَ فِيَ عِبَادِيَ" سَخي وسَند هنڌ
بِي ڏانه ڪڻ مَ ڪنڌ، موڳا مُورک مڱڻا.

(٩)

جي تون سُر نَ سکيو تہ وايون وِنگيون ڇڏ
وَجي راڳائن سين پاڻ پنهنجو گڏ
ساري سکج سُرتيا سُرن سندو سَڏ
تان تو مِلي مَڏ، مايا مُلڪ عميق جي.

(١٠)

ذات سڏائين مڱڻو تون [نہ] تني جيهو
جِتي ڪِتي پاڻ کي وَڏائين ويهو
نڪو رکين راڳ ۾ رُوحاني ريهو
سِياڪت سيهو، مُور نہ تنهنجو تن سين.

(١١)

ذات سڏائين مڱڻو، تون نہ منجهائين تَنِ
هو سدا سالڪ راڳ جا، توکي مايا مَن
مَر سي ئي مَرڪَن، جي وِهَنِ سَپڙ سامهان.

(۱۲)

ڪِيريءَ ٽنگيو ڪينرو، ڪٽي ڪلهي لاءِ
وڃي سڀڙ سامهون ويهي وِرد وَڃاءِ
پاڇي پَلي پاءِ، جيڪي مِليئي مگٽا.

(۱۳)

چاڙهي چَنگ چپَن تي، چالَ چگي ڪا چول
ٻيجل جِينَ ٻاجهائيو ٻهڳڻ ٻولِي ٻول
توسان رِيجهي مُلڪ جو راجا منجهه رَتول
پيري ڏي تون جهول، هيري جَهَوارات جِي.

وائي

سَمجهِي صَحِي ڪر ساڌو سياڻا
توڪيَ وَٽي ويا هي طُول وهاڻا

۱. هِي جي پَسارَا سڀ ڪيا تَو اجايا
توڪان هِتي هُتِ پڇندا پڇاڻا
سمجهي صحي ڪر

۲. وڃي ويهه داتا جي دَر تي سوالي،
تان تو ڏياري سو ڏاتار ڏاڻا
سمجهي صحي ڪر

۳. هي جاءِ هِتي جي تو ڪئي آهي پنهنجي،
ويندُون ڇڏي تون هي ٿهلون ٽڪاڻا
سمجهي صحي ڪر

۴. ڏڏ نـــوازي ڏيـــجـــا ڏيـــاري،
در تان تنهين جي ٿي، اگلا اگهاڻا
سمجهي صحي ڪر

۵. غلام محمد مَـــرد مـــدامـــي،
سدا سي سپڙ ڪي هو ساڌو سيباڻا
سمجهي صحي ڪر.

سر هير رانجهو

داستانو پهريون

(۱)
ساقي وار اسان کُون رانجهن سُرکي آڻ پلائي
پيوَڻ نال تَهين چا تَن وِچ، لُونَ لُونَ آتش لائي
کيهي ڳالهہ کَران هُڻ تنهن دي، ويندا عشق اُنائِي.

(۲)
مئن رانجهن دي، رانجهن ميڏا، ٻولي ٻي نہ ٻُليسان
جو دَم جِيسان جانَ جُسي کون رانجهن نال رَليسان
لوک ساري وچ حق ادا هوکا هولِي کر هُليسان.

(۳)
مئن رانجهن دِي ٻانهي [اَنْ تيـن] رانجهن ميڏا سائين
کَٽَڙا پيَٽَڙآ پيَج پَري تِي ميکون هَٽ نہ لائين
مئن تان حَق پَرايا تون [تـان] ميڏا پاک پِرائين.

(۴)
رانجهن ميڏي سِر دا سائين مئن رانجهن دي گولي
اصل لانَکُون نَالَ رانجهن دي ميڏي ٻانهپ ٻولي
سا سُتي وِچ ڏِتي ميکون، مادَر پاکي جهولي.

(۵)
رانجهن ميڏي سر دا سائين مئن رانجهن دي دائي
حَق کِنون ول ناحق ڏي تون ميکُون پَل نہ مائِي
وڏا پِير تنهين دي پِچون جو ڏيوي داغ جُدائي.

(٦)

مئن رانجهن تَئون صدقي صدقي تي قرباني ويسان
رانجهن ميڏي سر دا سائين کئڙا گهول گهتيسان
تِي مِهَوالَ مَنجِهيندي [مئن چا] چهنگ سِيَال سَتيسان.

(٧)

داغ جُدائي دا وَل ميکون دلبر مُور نہ ڏيوِين
يا وَت هووِين نال اساڏي، يا اسان کُون نيوِين.

(٨)

حسن رانجهن دا مئن جو ڏٺا سو جي تُسان ڏيکو
ٿيوو سبِ حيران اُتاهين ٻِي کا سونه نہ ليکو.

(٩)

حُسن رانجهن دا مئن جو ڏٺا سو جي ڏيکو تُسان
آپو آپ ديوانيان ٿِيوو لهن اسان تون هَسان.

(١٠)

رانجهن نال حُسن دي دعوا متان ٻي کا رکي
کر سينگار هَزاري توڙي تيل عِطر دا مکي
بيشک بدبُوءِ هووي سائي، لوک تهيندِي لکي
مور نہ ٿِيسِي جوڙ جُتي دا مر سا ماري جَکي.

(١١)

رانجهن نال حسن دي، دعوا جيکا رن رَکيسِي
ٿي خراب خودي دي خادم، تَحت ثَريٰ دي ويسي
مفت مُئِي سا دوزخ دي وچ اپڻي جان جَليسِي.

(١٢)

حُسن حَسين رانجهن دي ماريا هر جا دي وچ هوکا
پوک حُسن دي ظاهر، هرکا آئي سُکِڻ سوکا
اي سدائين ساوِي هوندي ويسَهہ کَرو اي لوکا.[١]

---

(١) اصل: ساوا هوندي

وائي

ڏيڪان اکين دي نال وو مئن رانجها
بي دي ڏٺي ميڏي سڪ نهين لهندي

١. حسن رانجهن دي رمزان لايان، ساقي سر ڪيان آڻ پلايان
ڪيهي ڪران هڻ ڳالهہ، وو مئن رَانجها
سچ بنا ڪجهہ ڪوڙ نہ ڪَهندِي
ڏيڪان اکين دي نال وو مئن رانجها

٢. نال رانجهن رل ٻيلي مئن ويسان، جهنگ سيال سيوئي ستّيان
تّيسان منجهين مَنّجهوال، وو مئن رانجها
سوز اهو تہ نهين دل سهندي
ڏيڪان اکين دي نال وو مئن رانجها

٣. محبت ميڪون قابو ڪيتا، پرم پيالا پريتان پيتا
ڪيتا قرب ڪنگال، وو مئَن رانجَها
دلڙي ويچاري وره وچ رهندي
ڏيڪان اکين دي نال وو مئن رانجها

٤. غلام محمد مئن ماهِي دِي، گولي تّيسان در شاهِي دِي
توڙي ذات سيال، وو مئن رانجها
په اهو دل آپي پَهندي
ڏيڪان اکين دي نال وو مئن رانجها

داستانو ٻيو

(١)

عشق ڪِنهان ڪون مَٽين ماوي، ڪنهان مُور نہ ماوي ماسا
هَلڪي تِي ول آپ لجاوَن، اور سَهندي لاسا
عشق اَلَيّل تنهان ڪون ڏتي ويندا پارس پاسا.[1]

---

(١) اصل: اٿين

(٢)

عشق كنهان كون مَٽين ماوي، كنهان مور نہ ماوي رَتي
سائِي سُڃي سِر تي چائي، وَتَن هوڪا گهتِي.[١]

(٣)

عشق رانجهن دا شينه شڪل هي متان ڪائي چولي
چَنبين نال مشتاقين ڪون هي مار ڪريندا مولي
ڏي جدائي جان جُسي ڪون آڻ گهَتيندا رولي.

(٣)

جي چا مَيڪُون ماري چنبا، ذري پرزي ٿِيوان
مارڻ ڪنون جي بس نہ ڪري تہ مئن ول ول پِئِي جِيوان.

(٤)

گهت زنجير زلف دا رانجهن عاشق قيد ڪريندا
خوني نين خمارِي خنجر سر مشتاق مَريندا
اينجهي ظلم ڪِٿون هي سِکيَا، نا ڪجهہ ڏيان ڏريندا.

(٥)

هڪ صورت دا سهٽا پيا اکين ڪاليان ڪجليان[٢]
تجلي ڏي مريندِيان عاشق جِيوين اَبُران بجليان[٣]
چَوگِردِيانَ چؤڏار، تَهِينديان پوَن تازيان تجليان.

(٦)

هڪ صورت دا سهٽا پيا اکين ڪجليان ڪاليان
چٽي ڏندِ لڄاون چاندي لعل لبين ڪون لاليان[٤]
ڪيهي ڳالهہ حسن دي ڪَرکي آکان نِتِ نِراليان.

(٨)

مِل سهيليان ميڪون متان تُسان آکي پَلو
سٿ سِيَاکي جهنگ سِيَالين رانجها ڏيکڻ هَلو
ٿيوو قيد حسن وچ قابو مور نہ ايڏي وَلو.

---

(١) اصل. ائين (٢) ڪجليان ڪاليان (٣) اصل. ابريان بجليان (٤) اصل. لعليان.

(٩)

مئن ڏٺا هي رانجهن سائين مور نہ ايڏي وَلسان
هٿ وچ پينگھا، سر تي ماٽي، نال رانجهن دي رَلسان
چال سپا مِهوالين والي چيڙ منجهين مئن چَلسان.

(١٠)

بينا- ٻال اصل دا آهَس نيه نِپَٽ هُڻ نِيتا
سُرکي ڏي کا سک دي ميکون لاڳيا پِرم پَلِيتا
لوءِ لوءِ دي وچ رانجهن سائين سَنهي سُوئي سِيتا.

(١١)

بينا- ٻال اصل دا آهَس نيه نِپَٽ هڻ چاتا
عشق رانجهن دي آتش وانگي لوءَ لوءَ اُلان لاتا
نهين اُجهامڻ جيها سو هي راتو ڏينهن اُراتا.

(١٢)

ٻهڻ اڻان هي مشکل ميکون جهنگ- سيال سڙيسان
چولِي تَقويٰ والِي کون مئن هٿين نال ڦڙيسيان
ڳَل اگهاڙي تي کر واڙي وَڇين آڻ وَڙيسان.

(١٣)

عشق رانجهن دا جنهکون لڳا تنهکون خبر هوسِي
ڳالهہ نہ وئسي کائي تنهکون راتو ڏينهان روسي
توڙي حُسن هزارين هوَن کوئي نہ دل تي پوسِي.[١]

(١٤)

تائين قيامِت بس نہ ٿِيوي جي ڳُڻ رانجهن دي ڳاوان
مئن تان لَڏيان نال عجيبان لؤ لؤ دي وچ لاوان
حيف حياتي هو وي اُها جي ول اِڻان آوان.

(١) اصل. حسن حسين هزارين

وائي

مئن كَئڙي دي مور نہ ٿيسان وو
مئن ماهي دِي ٿئي جو ٿِيسان وو

١. زهر پيالا رانجهن والا، پرت وچون گهِن پيسان وو
مئن ماهي دي ٿئي جو ٿيسان وو

٢. گولي ٿيسان مئن ماهي دي جيسين جو دم جيسان وو
مئن كئڙي دي مور نہ ٿيسان وو

٣. مادر ميكون پل نہ پل تون، پل كنهين نہ پلِيسان وو
مئن ماهي دي ٿئي جو ٿيسان وو

٤. غلام محمد مئن رانجهن دي، رانجهن نال رَلِيسان وو
مئن كئڙي دي مور نہ ٿيسان وو

سر پورب

داستانو پهريون

(۱)

آءَ اُڏامي اوڏڙو، ڪانگا ڪول ڪتاب
مون کي قريبن جي ڪيو عشق ڪباب
ڏي ڪا خبر خير جي شفقتناڪ شتاب
ڪڏهه ملندا مون پرين خاوند خوب خطاب
نرمل نور نواب، مالڪ مُلڪ عَمِيق جا.

(۲)

ڪانگي قريبن جي لَئِي لطيفي لات
"فَاذْكُرُوْنِيَ اَذْكُرْكُمْ" ورد وظيفو وات
ٻي ڪا بره نہ بات، سوا سالم سِڪ جي.

(۳)

ڪانگا توکي تي ڏيان سنيها ساري
وڃي ڏيج قريب کي پيلِيَپو پاري
رويو هنجون رت جون ويچاري هاري
نِرتئون نهاري، ويني واٽ وصال جي.

(۴)

ڪانگا ڏيج قريب کي هي حقيقت حق
"لَيْسَ لِيَ سِوَاکَ فِيَ كُلِّ حَالٍ" دَور دَقِيقو دَق
سپو سور سبق، ورد وظيفو وِترو.

(٥)

كانگا تو ڏي تي ڏسان تيلاهون توڙا
توکي ڏسن مون پرين ڳُڻن جا ڳوڙا
محبت جا موڙا، پَکِي تنهنجي پَکَ ۾.

(٦)

كانگا کَهِي آء، ڏي كا خبر خير جي
اچي ويه وجود ۾ جوڙي پنهنجي جاء
مونکي مون پرينِ جي سڪ چکايو ساء
سا كا سڌ سُڻاء، جَمِيَعَتَ جانِ کي.

(٧)

كانگا اُكنڊينِ جا وجي ڏيج سلام
مٺو پيرن تي رکي ادب ساڻ تمام
فراقن فقير كيو منهنجو من مدام
كاري رات قيام، قائم قريبن ري.

(٨)

ويٺي نت نهاريان، كانگا تنهنجي واٽ
مونکي مون پرين جي اندر اچ اُساٽ
جوشن جيءُ جلائيو، لوءَ لوءِ لڳي لاٽ
ڏک ڏکي جا كاٽ، لطيفاٽي لاٽ سِين.

(٩)

ويٺي تِت نهارِيَان، كانگا تنهنجو پار
پريان سندي پار جي اَپَر لِڳِي آر
منهنجو قلب قرار، كر لطيفي لاٽ سين.

(١٠)

ويٺي نت نهاريان كانگا تنهنجو ماڳ
سُپيريان جي سڪ جي لُوءَ لُوءَ لِڳِي آڳ
پورِيءَ پِري پاڳ، جي كا لَئِين لاتڙي.

(١١)

كانگا ويهي وڻ تي مٺي ٻولي ٻول
پريان سندي پار جي خوب كِتابَتِ كول
لحظي لاهج هول، جيءَ تان جدائي جا.

(۱۲)

اکيون آکيرا ڪري وَنِن ۾ تي ويه
ڇڏي ڏاريون ڏور تِي مَرُ تان ڏِسي ڏيه
روحانيت ڪي ريه، جيڪا اَندرِ جِنڊَڙي.

(۱۳)

ويهي وَنن وٽ، لَئِج ڪانگا لاتڙي
پريان سندي پار جي پِرت پَچارا پَٽ
مونجهاري جو مَن تي اچي لٿو لَٽ
قَحط ڪِشالا ڪَٽ، هن ڏکيءَ جي ڏِيل تان.

(۱۴)

ويهي ونن منجهه، لئج ڪانگا لاتڙي
پريان سندي پار جو ڏي ڪو مون کي منجهه
هَاٽي هَرِي هَنجهه، مُور نہ سُڪي منه ۾.

(۱۵)

لامُون ٿيو لَٽڪن، وهڻ واڪَ نہ ڪانگڙا
پيير نہ تُنهنجا لِڪَ سِين تني تي اٽڪن
ڪِشالا ڪَتِڪَن، ڏارن مٿي ڏک جا.

وائي

ڪانگا لَوَ ڪا لات، پاڻ پريان جي پار جي

۱. ويهي وڻن تي وصال، جي ٻول سباجهڙي بات
پاڻ پريان جي پار جي
۲. راتو ڏينهان روح اُداسي، تن ۾ تُنهنجڙي تات
پاڻ پريان جي پار جي
۳. ويل ڪُويل سڄڻ وينِي، ساريان، نرمل نور نِجات
پاڻ پريان جي پار جي
۴. غلام محمد محب ملندا، ڏاتر ڏيندم ڏات
پار پريان جي پار جي.

داستان پيو

(١)

ڪدي ڪانگا تو ڏيان، هنيُون تنهنجي هَٿَ
وڃي ڪاءِ ولات آءِ سپريان جي سَٿِ
رڪِي آر اَرَٿِ، مانَ پُڇِني مون پرين.

(٢)

ڪدي ڪانگا تو ڏيان، هنيو هٿن ساڻ
وڃي ڪاء ولاتَ ۾ رکي پرت پَرياڻ
مانَ پُڇِني پاڻ، پاڻهي منهنجا پرين.

(٣)

ڪدي ڪانگا تو ڏيان جيرا بُڪيون جال
وڃي ڪاء ولات م هيٺو وني حال
سڄڻ مانَ سنڀال، لهن ويچارِيءَ جي.

(٤)

لحظو چڏي لام، آءِ اُڏامي ڪانگڙا
سوا سُپيريان جي ڪَهِج ڪومَ ڪلام
منهنجو تن تمام، ساڙئو سورن سِڪ جي.

(٥)

ڏاريون ڏُکيون چڏ، آءِ اُڏامي ڪانگڙا
اچي ويه وجود ۾، گوڏا ڏيئي گڏ
هِنيون هِيٺي هڏ، وَتي وار نٿو گهري.

(٦)

آءِ اُڏامي ڪانگڙا چڏي ڏاريون ڏار
اکيون آکيرا ڪري ويهي ڪر قرار
تِهان پوءِ توار، سِڪ پِريان جي پار جي.

(٧)

ڏائِي ڏاري ڏک جِي، سائِي سارو سُور
وَڻ وِلهاڳو نہ ٿِيا لائق تنهنجو مور

اچي ويه وجود ۾ موسيٰ طالب طور
نورُ اعليٰ نور، جلوو جانب جوت جو.

(٨)

ڏائي ڏاري ڏک جي، سائي سک نہ ساء
وِلهاڻُو وَٽڪار ۾ ڪوسو لڳي واء
تنه تي پير مَ پاء، جنه ۾ تابش تک جي.

(٩)

ڪانگا قريبن جا ڪر اکيون اکيرا
اچي منهنجي پنبڻين تي پنهنجا ڏي پيرا
مُدامي ديرا، جوڙي ويه وُجود ۾.

(١٠)

ڪانگا پورب پار جي ڏي ڪا حقيقت
مُنجهي وينا ماڳهين طالب طريقت
شملو شريعت، ٻڌي ٻولج لاتڙي.

(١١)

ڪانگا قريبن جا، خبر ڏيج ڪري
مون کي ملندا مون پرين يا وينديس ماڳ مري
ڳٽتين منجهه ڳري، سُڪو ساه سرير ۾.

(١٢)

ڪانگا قريبن جا، ٻول مٺي ٻولي
اچڻ جي هِن پار ڏي ڪا ڳالهه پريان چولي
گولاڙِي گولي، آهيان پنهنجي پرينءَ جي.

(١٣)

ڪانگا قريبن جا اچي ڏي ڪا ڪَل
مون کي مون پرين جا جنڙي اندر جل
ساريو سُپيرين کي نيڻ وهايان نل
مٿي ڳوڙها ڳل، هارِيندي رت مران.

(۱۴)

ڪانگا قريبن جا پلي ڪري آء
اچي ويه وجود ۾ جوڙي پنهنجي جاء
تو مان سُرَهو ساء، اچي مون پرينِ جو.

(۱۵)

ڪانگا اچي ويه، جوڙي جاءِ اڪين ۾
ڏيئي خبر خير جي پڳو هِنيون ريه
ويا جي پرڏيه، سي ڪڏه ملندا مون پرين.

(۱۶)

پڪي تنهنجا پکڙا ڏسان چيتاري
توکي هوندو مون پرين ڏنو ڪنه واري
تيلاهون تاري، اڪيون تو ڏي تِي ڪٽان.

(۱۷)

پڪي تنهنجا پکڙ تازا هجن توڙ
ڏيئي خبر خير جي جئڙو ڪرين جوڙ
ڪوڙين لک ڪروڙ، لطف تنهنجي لات جا.

(۱۸)

لَئُ ڪِنياتا لات، پريان سندي پار جي
اچڻ جي هن ڏيه ڏي، ڪا وائي ڪيائون وات
نيڻن ننڊر حرام ٿي، سک نہ ڏينهان رات
مانَ اڳي سَڪرات، مون کي ملن مون پرين.

(۱۹)

تازا هجن تنهنجا سدا پکي پَک
ڏي ڪا خبر خير جي ڪارڻ رب اَلک
ڏور ڏيکاري اک، ويا جيء جڏو ڪري.

(۲۰)

منهنجون تو ڏي اَکِيُون، تنهنجو اوڏاهين
سور سيئي لاهين، لَئِي لات لطف جي.

(٢١)

پسي پورب پار ڏي، ويني رئان رت
ڪانگا قريبن جي ڏي ڪا حقيقت
منهنجي مُوڙهي مُت، سائي سرت نہ سارين.

(٢٢)

اسين اوڙڪ اوريان، پُورب پري پنڌ
جتي جانب جاءِ تي اُتي روحي رَنّد
هِت هَلاڪت هنڌ، هُت نہ هَيڪَلَ هيڪَڙِي.[١]

وائي

منهنجا توسان نيڻ لڳا، مون مُني ڪي مون پرين آهي تنهنجي تڳا
منهنجا توسان نيڻ لڳا

١. وسري وِيڙا سگ سِيَاڪا، صاحب سيڻ سڳا
منهنجا توسان نيڻ لڳا

٢. باه بره جي ٻارڻ ٻاريو، اندر ڏُوڌ ڏڳا
منهنجا توسان نيڻ لڳا

٣. غلام محمد حب ۾، پيري پول پڳا
منهنجا توسان نيڻ لڳا.

---

(١) اصل. ائين

سر ڪاموڏ

داستانو پهريون

(۱)

ڄام تماچي آئيو ڪينجهر منجهه ڪَهِي
وينو ملاحن ۾ راجا رات رهي
ڪيائين سونه سهي، نوري جي نگاه سين.

(۲)

نوري سارِي نُور ٿي، پيرن تان چوٽي
ڇڏي مڇي ڄام ڏي مُهاٽي موٽي
پارسَ پالوٽي، آٽي رکِي اُن تي.

(۳)

مَرُ سا مَرڪي مي، جا اَجهي آئِي ڄام جي
تهين جيهون ڪي، هونديون ملاحن ۾.

(۴)

اُتي بينو ڄام، تو مَلهي ملاحن ڪي
اچي ڪيائون ڪوڏ ڪري صاحب جو سلام
تن اگهاڙن تمام، مليو مُلڪ انعام ٿي.

(۵)

ڄام تماچي آئيو، ٿيون وسون وسڪارا
سڃا سپ ساوا ٿيا، مي مڇي مارا
ڪاريون ۽ ڪارا، پيري هنيائون پُونءِ تي.

(٦)

مرڪي وينو ڄام، مَنَهن ملاحن جي
ننڍا وڏا گندرا آيا سمي سام
تَني ساڻ تمام، سمورا سهڄ ڪري.

(٧)

ڏسي سک سَمي جا، ٿا مهاڻا مرڪن
دعا عامر گهرن، گهر ۾ وينا گندرا

(٨)

راجا ريجهي آئيو، مهاڻن ۾ مير
ننڍي وڏي گندري، ڪليو پيئي ڪير
لاهي لُڱا لِير، ڪيائون ويس وڏاندرا.

(٩)

گهوڙي چڙهي گهوٽ، ٿو گهُمي ملاحن ۾
آيو اگهاڙن جو ڄامر تماچي اوٽ
لٿي ڪپت ڪوٽ، سمي جي سُهاڳ سين.

(١٠)

منڇر ملاحن ڪي ڄامر ڪيو معافي
لٿو ويچارن تان واڌارو وافي
ڪفايت ڪافي، ملي ملاحن ڪي.

(١١)

ڄارا رَڇ ڇڏي، وينا سمي آسري
ڄامر تماچي پاڻ سان وهارينِ گڏي
سُکن ڪاڻ سڏي، وينو ويچارن ڪي.

(١٢)

ڇڏي ڄار رڇ، آيا اَجهي ڄامر جي
بينو آچي ان ڪي راجا رُپو اڇ
پَري ڪٿو ڪَڇ، خاوند خزانن جا.

(١٣)

ڇڏي ڄاريون ڄار، آيا اجهي ڄامر جي
اُپو ڪري ان سان سخاوت سردار

مڇي- مارا مير ٺٽا دائم دنيادار
بيحد بي اَپار، تو آروُن مڇي ان جون.

(۱۴)

انگ اگهاڙا اگلا مڇي ٻُو هاڻا
سمي سي سيڻ ڪِيا، ميڀُون مُهاڻا
ڏيج ڏنائين تن کي سونَ رُپو ناڻا
ڪٿوري خوشبوءِ ٿيا، صاحب سيباڻا
طولون وهاڻا، پٽري سمهن پٽ جا.

(۱۵)

ڄام تماچي آئيو صورت جو سردار
نندي وڏي گندري پويو پائي هار
ڪٿوري خوشبوءِ ٿي چوڏس تي چؤڌار
ٻانڌن مٿي ٻار، مرڪن ملاحن جا.

(۱۶)

سَمي سگَيٽا ڪيا مي مڇيءَ مارا
ڪارا ڪوجها ڪُوَڙا، مُور نہ موچارا
تَني جي دارا، راجا ريجهِي آيو.

(۱۷)

سمي سان سگ ڪري، ٿيا مهاڻا مير
ڪلٺو پٺن ڪير، پري ڄام جنت جا.

(۱۸)

ماڻا ملاحن سان مور نہ ڪري ڄام
انگ اگهاڙي اگلا، آيا سمي سام
تني ساڻ تمام، اُيو پَلايون ڪري.

(۱۹)

ڇڏي ٻانڌا ٻانڌِيُون، آيا سڀ هلي
تني ساڻ مَلهِي، سمون سخائون ڪري.

(٢٠)

نڪا ڪمي سخي جي، نڪا ڪمي پَل
هيري جَهوارات جِي ڇوڙي ڇڏ ڇَل
هيٺن مٿي هل، ڪري ڀال ڀلائيون.

وائي

آيا ميءَ ملاح مهاڻا، ڄام تماچي جي تَڪيي
١. انگ اگهاڙا اگلا صاحب ڪي سيباٽا
ڄام تماچي جي تڪيي
٢. پَرنِيا پارس پاڻ ڪي، بوءِ ڪڪي جي هاٽا
ڄام تماچي جي تڪيي
٣. ڪارا ڪوجها ڪُوَڙا سڀ سمي سي سُهاٽا
ڄام تماچي جي تڪيي
٤. غلام محمد درماندي ڪي، ڏيج ڏياري ڏاٽا
ڄام تماچي جي تڪيي

داستانو ٻئو

(١)

مَلهي آيو ڄام، مَنهن ملاحن جي
لٿو لانگوٽن تان واَڏاري جو دام
ڪينجهر ڪُل انعام، اتاهون ٿي آئيو.

(٢)

آيو ڄام هلي، اڱڻ اگهاڙن جي
ٻينيون سڀ ملهي، مَرڪِي مي مُهاڻيُون.

(٣)

جهولِي ملاحن جي پيو چنڊر جُهلي
خزاني خيرات جا پئا در کُلي
ڪينجهر منجهه ڪلي، مرڪن مڇي وارِيُون.

(۴)

سڏي ملاحن کي ڏياري ڏاٽا
آيا هلي ڄام ڏي ميڀون مُهاڻا
سيئي سيباٽا، ٿي سگهيٽا ڄام کي.

(۵)

سڏي ملاحن کي ڏيجا ڏياري
تماچي جي تڪيي اچن سَواري
سيئي سنپاري، ٿو چاڙهي چوڏولن ۾.

(٦)

آيا تماچي ڄام ڏي هلي ڪري هيج
سيئي چاڙهيا سيج، سمي سخاوت سين.

(۷)

ماڙي چاڙهيا مصطفيٰ مِيبُون مهاڻا
ڪٿوري خوشبوءِ ٿئا ميچيءَ بُو هاٽا
سيئي سيباٽا، توڏ تماچي ڄام کي.

(۸)

ڪارِي ڪوجهي ڪُوَڙِي، مُنهَ ميري مي
چڏي ڪکي ڪاريون آئي سمي ڏي
وهاري ڄام گڏي، چاڙهي سا چوڏول ۾.

(۹)

ڪاري ڪوجهي ڪُوَڙي، باري لڳس بخت
ڄام تماچي پاڻ سان چاڙهي مٿي تخت
چڏي سانگو سخت، ويٺي هندورن ۾.

(۱۰)

ڪاري ڪوجهي ڪُوَڙي، ميچي هاٽس هٽ
چاڙهي سا چوڏول ۾، ڄام تماچي مٿ
ويٺي راٽين سٽ، گوڏي لڳي گندري.

(۱۱)

ڪاري ڪوجهي ڪُوَڙِي، عادت اجائي
بت ٻيوتي بدولي، چِٽن ۾ چائي
پسند سا آئي، توڏ تماچي چام ڪي.

(۱۲)

مُنه ميري گندري، ڪوجهي ڪاري رنگ
سمي چاڙهي سيج تي رکي ناتو ننگ
پائي پير پلنگ، جا ٿِي ليٽي لُڏَڙِي.

(۱۳)

مُنه ميري گندري، ڪوجهي ڪاري روءِ
سمي جي سهاڳ سين ٿي بهاري بوءِ
عطر مليا مُوءِ، چِنڊي وينِي چاڳُلي.

(۱۴)

مُنه ميري گندري، ڪوجهي اَٻالي
سمي جي سهاڳ سين ٿي سدا سَٻالي
لبن ڪي لالي، ويني لائي لاڏُڪي.

(۱۵)

مُنه ميري گندري، ڪوجهي ڪاراٽي
سمي جي سهاڳ سين ڪونہ رکي ماٺي
اصل جا ساٿي، سمي سي سيڻ ڪيا.

(۱۶)

مڇيءَ ڀريا هٿڙا، ڇڇيءَ هاٿس ڇڄ
جنهن ڪان رکن لڄ، سا سمي چاڙهي سيج تي.

(۱۷)

سمي جي سهاڳ جو ماڪيءَ جيهو آر
نڪي ڏسي وڻ ڏي، نڪي ڏسي ڏار
ڪري تت قرار، جت نہ لکا لوڪ جي.

وائي

آئـــون آنهِيَان مي مهاٽـــي،

پيس سمي جي سام ۾

١. پائي بديون پاندَ ۾ ميان، لِڪِي لوڪ لڄاٽي
پيس سمي جي سام ۾

٢. ڪرم ڪندو ڪمذات تي ميان، پنهنجو پاڻ سڃاٽي
پيس سمي جي سام ۾

٣. ڪم ڪيون مون ڪو نڪو ميان، وڃي ويل وهاٽي
پيس سمي جي سام ۾

٤. غلام محمد سپ سمي سان، سونهي سونمياٽي
پيس سمي جي سام ۾

داستانو ٽرئو

(١)

سمون سَواري، سخاوت جا سڏ ڪري
پَلئِ ملاحن جي سون رُپا هاري
پنهنجا ٿو پاري، قول قرار قَرابَتِي.

(٢)

ڪينجهر ڪل قراريو، تماچي آئـي
وينو ملاحن ڪي لال ڳچي لائي
سمي جي چائي، عالَم آرامي ٿيو.

(٣)

ميان ملاحن ڪي اُپو آچي اڄ
هتان وڃهو پانهنجا جوڙي رڇون رڇ
پَري هلو ڪڇ، پائي ڄَرڪا چار ۾.

(٤)

انگ اگهاڙي اگلي مور نہ موچاري
مي مهاٽي گندري رونق ۾ ڪاري
سمي سينگاري، ڏيئي ڏيج سهاڳ جا.

(۵)
انگ اگھاڙي اگلي ميري مهاٽي
سائي سيباٽي، سمي چاڙھي سيج تي.

(٦)
ڪاري ڪوجهي ڪُوَڙي، متي اگھاڙي
چُچِي چَرِيٽ چِبِري چولو چيهاڙي
نوري اَناڙي، سمي چاڙھي سيج تي.

(٧)
وڏي وڪٽي ڪينڪين، واتن تي ويھي
سمي جي سهاڳ سين تي سونه پِري تيهِي
قَرابت ڪيهي، راجا رکي اُن سين.

(٨)
وڏي وڪٽي ڪينڪين، ويچاري ويٺي
تهين سان ڏيني، تي تماچي ڄام جي.

(٩)
نڪا ڪاتي هٿ ۾، نڪا ڪهاڙي
مڪيون ميچي تان تڙي وڄائي تاڙي
سورن جي ساڙي، سا سمي چاڙھي سيج تي.

(١٠)
نوريءَ پاران نور تي ساري مياٽي
ايڏِي عِزّ عظيمَ سان سر تي سانٺياٽي
مر سا ساماٽي، مُورت ملاحن ۾.

(١١)
ابي ڏاڏي گندري، مهاٽي ميرِي
تڪيي تماچي ڄام جي آئي سويري
قُلن قُليري، سمي جي سهاڳ سين.

(١٢)
آئي تماچي ڄام جي مرڪن بيٺا مي
تني ڪي تو ڏي، هيرا لعل هٿن سان.

(۱۳)

ناپو ڪائي نِپَنا، مي مڇي مارا
اوچڻ اگهاڙن جو چاريون ۽ چارا
گُنديون پَليون گهرن ۾، ڪاريون ۽ ڪارا
وِلها ويچارا، ڄام تماچي چاڙهيا.

(۱۴)

مليو ملاحن کي منڇر مُلڪ مُباح
تني ساڻ صلاح، سدا تماچي ڄام جي.

(۱۵)

ناپو قوتَ جَني جو، پاپوڙا اوڍينِ
ڪڍي بِهه ڪِيرولِيُون، سيئِن جانَ سيڪِين
نپوڙيو سي پِيَنِ، ناڙاپو پوچ ڪَري.

وائي

رکي روح رايو، آيو ڄام ملاحن ۾

۱. ويڙهو ويچارن جو، والي وسايو
آيو ڄام ملاحن ۾

۲. اچي سونمياڻي ۾ سوره سامايو
آيو ڄام ملاحن ۾

۳. لائي ناتو نيه جو، نوري نمايو
آيو ڄام ملاحن ۾

۴. مي مهاڻي ماڻُ لڏو، پلوُ ۾ پايو
آيو ڄام ملاحن ۾

۵. غلام محمد مانديءَ کي، مولي مرڪايو
آيو ڄام ملاحن ۾

سر ڪاريهل

داستانو پهريون

(۱)

ڪاريهل ڪُنياس، هٿي نائڪ نيه جي
هاٿي ماءُ مُنياس، ويئي واڪ وجود مان.

(۲)

ڪاريهل جو ڪان، لڳم هينئڙي وِچ ۾
مادر مِلان مان، طبيبن جي تڪيي.

(۳)

ٻڳا ٻوليون ڪن، هِن اَساري سَر ۾
ڪَرڪي ڪانيرن، ڏُٻا سيٻ ڏَٻائيا.

(۴)

ڏُٻا داقي ڇڏيا ڪوڙن ڪانيرن
چلڙ ۾ چُنج هٽي، ڪڪيءَ ڪاڄو ڪن
هنجھ نہ منجهان تن، جي چُوٽو چُٽن چڪ ۾.

(۵)

اَچي اُجري پڪئين، سندي ذات هنجھن
چلڙ ۾ چنج هٽي، مور نہ ميري ڪن
ملي مَخفِيَات ۾ چوٽو چوڳ چُٽن
پرڪ نہ پاڙهيرين، تہ ڪٿان رات رهي [ويا].

(٦)

هنجھ نہ هَرِي ذات، جو ويهي ڪانگيرا ڪري[1]
جتي رهي راتڙي وائِي ڪري نہ وات
پاڙهيري پرڀات، هردو هٽي هنڙا.

---

(۱) اصل. ڪاڪيرا ڪري

(٧)

هنجھہ نہ ڏي ڪو منجھہ، پنھنجو پکيئڙن کي[١]
جتي رهي سنجھہ، تِتِ نہ لکا لوڪ کي.

(٨)

هنجھہ نہ هيجو ڪن، جهڙو هيج هَنَجَھر جو
لڏيو لهرين وچ ۾، چوٽو چوڳ چٽن
پرکي پاڙهيرين، پَهُہ پروڙي چِڏِيا.

(٩)

هنجھہ نہ ميرا هُوَنِ، پکي پاڪيزا گهٽو
چُوٽي ڪارڻ چڪ ۾، وچي پاڻ نہ پُونِ
هٿ هريائي ڏُونِ، سُڪا سائي سَر ۾.

(١٠)

هنجهن هَريا پير، مُور نہ سُکن ڪڏهين
هيراڪُو هِيَرات جا، چوٽو هِيري هير[٢]
جتي رهن راتڙي، سي ڪن ساوا سير
پيو پروڙي ڪِير، رَمِي انهين رمز کي.

(١١)

هنجھہ نہ هَري ذات، جو ڪوتي ڪائي ڪِرڪَٽا
سَر ۾ ڏينهان رات، اَمُلِهيَا موتي چُٽي.

(١٢)

بگن سان بيل بڌي، چوٽو چُٽي نہ گڏ
هنجھہ نہ هَري هڏ، جو للن سان لاتون ڪري.

(١٣)

اچا اُجرا هنجهڙا، ميرو منجهن ناهہ
سِيَاڪت صورت جي، رکي نہ ساڻن سانُہ
اِتي آڌي دانہ، ڪن نہ ڪانيرن جيئن.

---

(١) اصل. پکڙين کي

(٢) اصل. هيرات (هہ جي مٿان زير، ي تي جزم)

(١۴)

مڇي پائي من ۾، ٻگا پوليون ڪن
مت نہ موتين جي پوي، تانڪُون منجهان تن
ڪکيءَ ڪاچو جن، سي ڪيئن هلن هنجهن سين.

(١۵)

ويهي هنجهن وٽ، تون ڪيئن لَئِين لاتڙِي
هنجهہ ڪٿوري هيروان، تو ۾ چلر چَٽِ
چوٽو چوڳ چلڙ جو، صحي ڪري سٽ
تان تون منجهان پَٽ، اَمُلهيا موتي چُٽين.

(١٦)

هنجهہ هيرڪو هوءِ، پَکيَڙو پاتار جو
چارئي پَلئَو چڪ ۾ للو پنهنجي لوءِ
سو ڪيئن پسي پوءِ، جنهن ڪي انت نہ آڳ جو.

(١٧)

پکي پکين جهڙا هنجهہ، پڻ منجهان تن
هُو تَري جا موتي چٽي، هي چلڙ چُوٽو ڪن
پارِڪَ ڪي پَرڪن، هِي هَنجهان، هو هَنجَهرُون.

وائي

هنجهڙو هارين اَلو لا، پره قتي ڪان پوءِ هنجهڙا

١. ويئي وهامي راتڙي، ساريو ٿا سارين الو لا
پره قتي ڪان پوءِ هنجهڙا

٢. پر ۾ پنهنجو پاڻ ڪي ماريو ٿا مارين الو لا
پره قتي ڪان پوءِ هنجهڙا

٣. سنگت پنهنجي پاڻ ۾ پکيئڙا پارين الو لا
پره قتي ڪان پوءِ هنجهڙا

۴. غلام محمد مامر ۾ گهڙيون ڪي گهارين الو لا
پره قتي ڪان پوءِ هنجهڙا

داستانو ٻيو

(١)

هنجهه اڏامي آءِ، سَر ۾ سارِيِنِي گهٽو
امل ماڻڪ پٽ پيا، موتي تنهنجي لاءِ
تون ڪيئن هُت هوا، جهلين جهولي جهَڙي.

(٢)

پَرَ پُسائي پانهنجا هَريا هنجهه ڪريج
پيهي تون پاتار ۾، چوٽو چوڳ چُٽيج
متان وڃائيج، ويهي حال وِٺُن ۾.

(٣)

متان پَرَ پسائيين، لُڙ ۾ لَلَن جَيئَن
تون ڪيئن منجهان تيئَن، مٺيءَ ۾ ميرا ڪَرِين.

(٤)

هن آساري سَرَ ۾ پڪي پيرِ مَ پاءِ
وتن تنهنجي لاءِ، پاڙهيري پَهُ ڪيو.

(٥)

هن آساري سر ۾، پڪي پاءِ مَ پيرِ
هَل اڏامي اوڏهين، جيڏهين هنجهن هير
متان مَلي مير، لُڙي لِڳَ وڃائيين.

(٦)

هن لَوائي لُڙَ ۾ للا لاتيون ڪن
گهڙي گهاٽي گهد ۾ چوٽو چوڳ چُٽن
سندي ذات هنجهن، ڇُهنجَ نہ هڻن چڪ ۾.

(٧)

گهورا گوگهيتن جا ڪنگ ڪانيرا هُوَن
پليتي ۾ پاڻ هٽي، ميرا مور نہ ڏُوَنِ
پَرَ پُسائي پُوَنِ، ڏُرِڙن ڪاڻ ڏبن ۾.

(٨)

لَلَو لائق لُڙ جو، چَلي چال هنجهن
مٿي پائي من، هاري هار هنجهن
چوي ماڳ منجهن، هنجهه حَيَراتِي آهِيَان.[١]

(٩)

ڪُڏي ڪانيرا، توڙي هلن هنجهه سين
هو سونهان سائي سَر جا، وچن سويرا
هي مورڪ مُنهن ميرا، ليٿي پوَن لُڙ ۾.

(١٠)

هنجهن سان هوڏ هٿي، لَلا مور مَ هَل
تون چلڙ ۾ چهنج هٽين، هو پاٽي پسن پَل
موجب مهل عمل، ٿا سُچاپن سَرَ ۾.

(١١)

هنجهن سان هوڏ هٽي، لَلا لئج مَ لات
ڪِڪي ڪاڇي ڦُوت جي توڪي وائي وات
هو هيراڪو حيرات، موتي چٽن ماٺ ڪري.[٢]

(١٢)

چلڙ چوٽو جن جو، ڪڪي ڪاڇ ٿيون
پاڪيزي پاٽيءَ سين پاهت تان نہ پيونَ
وَهي ويل ويونِ، دانهِينّدي دُٻن ۾.

(١٣)

دُٻا داقي چِڏيا، ڪانيرن ڪيئي
صفائي جا سَر جي، هٿان تن ويئي
تني ڪي نيئي، چُوٽي هنيو چِڪ ۾.

(١٤)

چوٽو چِڏي چِڪ ۾، اُتي هنجهه هلن
هن آساري سَرَ ۾، لايو لُڙ للن
سي ڪيئن سِڪ سلن، موتي جن جي من ۾.

---

(١) اصل ائين. شايد صحيح ”هنجهه هَيَراتِي آهيان“
(٢) شايد صحيح ’هو هيراڪو هيرات‘

وائي

آيا تان نَہ وري، لڳڙين ڳالهہ ڳري
ڳالهہ اڏاٽا جي هنجهڙا
۱. سارينديٰ سَر سامهان، هاري هنجهہ هَري
ڪالهہ اڏاٽا جي هنجهڙا
۲. باطوني درياهہ جي اتن ذوق ذري
ڪالهہ اڏاٽا جي هنجهڙا
۳. مانيٽا هن حال ۾ ويڙا ماڳ مري
ڪالهہ اڏاٽا جي هنجهڙا
۴. غلام محمد دوست ڏي ٽيڙن درست دري
ڪالهہ اڏاٽا جي هنجهڙا

داستانو ٽرئو

(۱)

پاڙهيڙي پہ ڪري، ونيو سير وتن
متان وهين ويسرو لُڙ ۾ ساڻ للن
سندي پيل ڀڳن، ڇڏ تہ ڏکيو نہ ٽئين.

(۲)

پاڙهيڙي پهہ ڪيو، ونيو وتن سير
پسي تنهنجا پير، تا ماري مرڪن مُنهن ۾.

(۳)

پاڙهيري جي پَهہ ڪي پکيَڙا پرڪيج
مورو پائي منهن ۾ ونيو وَتِي ريج
ويهي وَجهہ مَ ڏيج، اوڏو اچي اُن ڪي.

(۴)

مورو پائي منهن ۾ ماري مارو ڪَن
پسي پہ پکين جو، پاڙهيري پرڪن
اهڙي ريت رمن، پيهي سي پاتار ۾.

(۵)

جتي ھنجھن ھير، اتي رھن راتڙي
لڪي اچن لوڪ ۾، سَر ۾ وڃي سير
ويچارن سين وير، من ۾ مھاڻن ڪي.

(٦)

پاڙھيري پھ ڪري ونيو وتي واٽ
مورو پائي منھن ۾، جھلي تُنھنجا گھاٽ
لوڻي پير لپاٽ، لُڇو ھٽي لِڪَ ۾.

(٧)

پاڙھيري جو پَھ، پڪي پرڪج پاڻ ۾
جيڏھن تنھنجو لھ، تيڏاھون آڏو اچي.

(٨)

پاڙھيري په ڪري ونيو واٽ وتي
ميڙي منجھ مَتي، وڃي ويچارن ڪي.

(٩)

پاڙھيري جي پھ ڪي، صحي ڪج ساري
تڪي تنھنجا تڪِيَا، ساجھر سواري
متان ڪنھن واري، جھلي توکي جھٽ ۾.

(١٠)

پاڙھيري جي په ڪي صحي ساري ڪج
مورو پائي منھن ۾، پڪيڙا پرڪج
ويجھو وجھ مَ ڏج، اوڏو اچي ان ڪي.

(١١)

پاڙھيري جي پھ ڪي ساري ڪج صحي
نڪا لئي لاتڙي نڪا ڪِبَتَ ڪَھِي
تنھنجي رمز رھِي، وِجھي تو ۾ ھٿڙا.

وائي

پاڙهيري ڪي پارڪي، هينڙو هوش رڪِي
اي صحي سڄاٽج تون هنجهڙا

١. تو جهڙا پرَ ٿو رڪي، پيرا پار پڪي
اي صحي سڄاٽج تون هنجهڙا

٢. اڇي تو ڏي تار ۾، تو جهڙي لات لڪي
اي صحي سڄاٽج تون هنجهڙا

٣. متان توکي ڪا هٽي ٻهڳڻ ٻاڻ ٻڪي
اي صحي سڄاٽج تون هنجهڙا

٤. غلام محمد ماڳهين ماريا مُور مڪي
اي صحي سڄاٽج تون هنجهڙا

سر ڪاهوڙي

داستان پهريون

(۱)

رائـي پاس رمن، ڪيڙُون ڪاهوڙين جون
ڏوري سو ڏسن، جت نهايت ناهه ڪا.

(۲)

ڪاهوڙين ڪي ڪا، ڳجهي آهي ڳالهڙي
لِڪائي لوڪا، نيندا انهي ڏيهه ڏي.

(۳)

سَفَرِيا ثابوت، پِيڙِي ٻَڏن سندرا
ڏٺ ڏورانهين ڏيهه جو، ڪاهوڙِيَڪو قوت
صِفَت لاَيَمُوت، رکن انهين ڏيهه جي.

(۴)

ڏيهه ڏيهانءُ ئي ڏور، جتي پير نہ پيچرا
وڃن تِت ضرور، ڏوٽي ڪارڻ ڏٺ جي.

(۵)

هلو هلان ڪن، سُک نہ سمهن ڪڏهين
راتو ڏينهان ڏٺ جي، ڪپت ڪاهوڙين
ور ڏيئي ووڙن، ڏٺ ڏورانهين ڏيهه جو.

(٦)

نَوان نِيَچَ ڪري، ڏوٽي هلن ڏٺ ڪي
وڃن پنڌ پري، اوري رهن نہ راتڙي.

(۷)

وَرچِي ڪين وهن، پورهيو چڏي پورهيتِي[1]
راتو ڏينهن هٽن، رنبا روهن وچ ۾.

(۸)

رنبا رَنّدائـي، آٽـي هٽن ڏٿ ۾
پلئو ۾ پائي، پاڇي آٽين پورهيو.[1]

(۹)

ڪَٿا ڪاهوڙي ڪٽي هليا ڏٿ کي
ڏرتي اُن ولات جي تن رنبن سان روڙي
ڏوتيڙن ڏوڙي، ڪيما لڏي ڪم مان.

(۱۰)

ڪُڙئنِ سان ڪُرڙين، ڏوتي وينا ڏٿ کي
پورهيي ڪارڻ پاڻ کي، پهٽن ۾ پُرڙين
دَرُوڙا دَرُڙين، ڏسي ڏونگر ڏاڪڙا.[۲]

(۱۱)

ڪاهوڙين کي ڪو، لَکي ڪونہَ لَکَڻ ۾
اَبالپ سين باگهلا رکن لِياڪو
صورت سِيَاڪو، آهي عبث ان کي.

(۱۲)

اندر اُجَرئون، باهر ميرا ميسِڙا
نکو منه ماٺهن سان، نکو سِيَاڪون
پري پنڌ پِئونِ، وجن واڳيا وڳ سينَ.

(۱۳)

ڪَرڪَٺ ڪاهوڙي، پيڙي بَڌن پنڌ ۾
هٿ ۾ آهوڙي، وڄن واڪيندا گهٽو.

(۱۴)

جتي ڏٿ ڏسن، تتي رهن راتڙي
تِتان چَڳَ چُٽن، ڏيئي وَرَ وٽن مان.

---

(۱) اصل. صورتخطي 'پُهَرِيو' ۽ 'پُهِرَيتِي'

(۲) اصل. ائين

(١٥)

جتي ڏسن ڏٿ، تتي رھن راتڙي
تتان پُوڙا ٻُٽ، پٽي وجھن پِنڌَ ۾.

(١٦)

ظاھر ذِلّ زَبُون، ڪيتي ڪاھوڙين جي
باطن اُپَت پُوَنِ، سونا سنگ سَگِر ۾.

(١٧)

ظاھر ذِلت انگ، ٻَني ٻاجھارن جي
باطن سونا سنگ، ڪوڙِي ڪاھوڙين جي.

(١٨)

ظاھر ذلت ذات، ڪيڙي ڪاھوڙين جي
باطن صاف صفات، رايو روھيلن جو.

وائي

اٿي آڌي رات، ڏوٽي ويڙا ڏٿ ڪي
١. وڃن وِھلو ماٺ ڪري، وائي ڪن نہ وات
ڏوٽي ويڙا ڏٿ ڪي
٢. ڪرڪڻ پائي پير ۾ ھليا ڏي حيرات
ڏوٽي ويڙا ڏٿ ڪي
٣. پڇن پنڌ پرِيتَمُ، پرھ ڦٽي پرڀات
ڏوٽي ويڙا ڏٿ ڪي
٤. اٿن اور عجيب جي، راتو ڏينھن روات
ڏوٽي ويڙا ڏٿ ڪي
٥. رکن پنھنجي پاڻ سين مانيٽا مَصَلات
ڏوٽي ويڙا ڏٿ ڪي
٦. غلام محمد مام ۾ ڏاتر ڏنئن ڏات
ڏوٽي ويڙا ڏٿ ڪي

داستانو ٻئو

(١)

گَنجي منجهه گهمن، ڪيڙون ڪاهوڙين جون
پاسو پٿر تي رکي، لَمَحو ڪين سمهن
ڏوري سو ڏسن، جتي پير نہ پَکِيَانِ.

(٢)

نڪو پکيءَ پير، نڪو ڏوتِيءَ ڏٿڙو
اتي گهمي ڪير، ڪاهوڙِڪي ڪيڙ ري.

(٣)

ذِلَتِيا ظاهر، باطن سندن اُجرو
اندر عين خوشي ۾، ٻاجهارا ٻاهر
رکن خوب خبر، اِن پراهين پنڌ جي.

(٤)

ميرا مُنهن سندانِ، بت پَيُوتا بودلا
اورانِيو اُن ڏيهہ جو، وِنجهُل وجودانِ
سارو ئي سبحان، اندر اوجر ان جو.

(٥)

اَٻالا اٻوجهہ، ظاهر صورت ذِلتِي
سَٻالا سٻوجهہ، آهن اُنهين ڏيهہ جا.

(٦)

ڏُهيرا ڏسجن، ڪاهوڙي هن ڪيت ۾
پير تني جا پيچرا پَري ٿا پسجن
اُتي ٿا هَسجن، جتي ننگر نِيه جو.

(٧)

ٻاجهارا ٻارينِ، مٿي ڏونگر ٻاهڙي
ڪونہ پروڙي ڪو ٻيو، جتي گذارين
نِرتئون نهارين، چُرون چِيٽي چِپَ جون.

(٨)

جتي پير نہ پيچرا، نڪا هونگ نہ هُوءِ
نڪا 'مون' 'تون' هُت پُجهي، نڪا رُوَيَت رُوءِ
وڃي اُها جُوءِ، ڏسن ڪري ڏاڪڙو.

(٩)

گنجو ڏونگر گامر، ڪَپَت ڪاهوڙين جي
اندر ۾ اُن ڏيهہ جو رکن ڌُهرو دامر
ڪري تن تمامر، پُوري هلن پنڌ ۾.

(١٠)

ڪاهوڙي ڪانُتو، رکن گنجي گامر ۾
آڏو ترِڇا آهوڙا ڇاتُوئَنِ ڇاتو
صحي سڃاتو، ڏوتين ڪري ڏنڙو.

(١١)

ڪاهوڙي ڪوڙينِ، ڪِلا گنجي گامر ۾
لڄ لياقت لوڪ جي، پاڄهارا پوڙينِ
اَلا اَلوڙِين، پُوري هلن پنڌ ۾.

(١٢)

گنجو گامر گرڪَ، پيهِي پَرکن پٽرا
رکن اوريين روهہ جو آديسي دَرَڪ
ڪري پاڻ ترڪ، رَوَيَت روحاني ٿيا.

(١٣)

پير پروڙي پاءِ، گنجي ڏونگر گامر ۾
ڏوري ڏسڄ ڏيهہ ۾، جُنگن سندي جاء
لِگن مٿي لاءِ، لالائـــي لالـــڻ جـــي.[1]

(١٤)

پير پروڙي رک، گنجي ڏونگر گامر ۾
جاڏي هن جبل ۾، لال لاهوتي لَڪ
رکي پاڻ پرک، ڪِرَ ۾ ڪاهوڙين جي.[2]

(١) اصل. لعلائي لعلن جي

(٢) اصل. ڪِرَمِيَ ڪاهوڙين جي

(١٥)

واتون وراڪا، گنجي ڏونگر گام ۾
ڪاهوڙين سا ڪا، چونڊي رکي چِت ۾.

(١٦)

گنجي ۾ آهين، واتون وَراڪن سِين
سونهان سجاڻينِ، سِڏي واتَ سَڳر جي.

(١٧)

گنجو ڏونگر گام، رکي واتون ونگِيُون
ڪاهوڙي تمام، رکن سُونهپَ سِڏَ جي.

(١٨)

اندر ۾ آهي، ڪپت ڪاهوڙين کي
وڃائين وجود کي، پارُوڙي پاهي
لاڳاپا لاهي، وڃن اُن ولات ڏي.

وائي

ڏوري ڏونگر گام، ڏيهہ ڏڻائون ڏٿ جو
١. چِڏي سانگو ساهہ جو ڪيائون تن تمام
ڏيهہ ڏڻائون ڏٿ جو
٢. لاڳاپا هن لوڪ جا، عارف عين حرام
ڏيهہ ڏڻائون ڏٿ جو
٣. ڪاهوڙين کي ڪَپت ري، قائم آهي قيام(١)
ڏيهہ ڏڻائون ڏٿ جو
٤. لڳن نائڪ نينهن جي ماريا محبت مام
ڏيهہ ڏڻائون ڏٿ جو
٥. غلام محمد مام ۾، ٽيڙن نيه نظام
ڏيهہ ڏڻائون ڏٿ جو

---

(١) اصل. ’ڪاهوڙين کي ڪيت ري‘

داستانو ٽرئو

(١)

ڪاھوڙين آھين، پارس پارڪَ پنڌ جا
پيرن ۾ پائين، ڪَرڪَن انهَين ڏيهہ جا.

(٢)

ڪرڪٽا لاھي، سڪ نہ سمهن ڪڏهين
انهن ڪي آھي، اُٽُڻ انهين ڏيهہ جي.

(٣)

نڪي پڌر پير، ڪِرَ ۾ ڪاھوڙين جو
ڪونہ پروڙي ڪو پيو، آلَڪِنَ اُلير
سدا سونهان سير، گنجي ڏونگر گام ۾.

(٤)

واٽون وراڪا، گنجي ڏونگر گام ۾
آھي سُڌ اندر ۾ ڪاھوڙين سا ڪا
واڪن تي واڪا، ڪندا وڃن ڪوڏِيَا.

(٥)

اندر منجهہ اندوھ، ڪاھوڙين کي پنڌ جو
ويندا وڃن اوڏهين، رهائين نہ روھ
رکي سِڪ سَتوھ، ويهي وِرمَن ڪينڪي.

(٦)

پيرن ۾ پائين، ڪَرڪَڻ ڪِتا ڪيتِرا
اڄي چار لڳن کي لاھوتي لائين
لوڪان لڪائين، پارڪَ، پنهنجو پاڻ.

(٧)

ڪاھوڙين کي ڪو، پرکي ڪونہ پرک ۾
رکن ڪونہ جهان ۾، سنگت سياڪو
آلــو عِــلاقــو، اٿن انهين ڏيهہ جو.[1]

---

(١) اصل. آلو عَلاڪو

(٨)

ونجهُلَ وجودان، راتو ڏينهان ڏيھہ جي
جَزِي جُزاوَتَ ۾، نسورا نادان
سپوئي سبحان، پارک پرکي اُن جو.[1]

(٩)

اُلُوھِيتَ ۾ آھہ، ڪانُتو ڪاھوڙين جو
ڪٿن ڪونہ جهان ۾، پنهنجو پاڻ پساھہ
ڪري تن تباھہ، وڃن واڳيا ان سين.

(١٠)

جِتي انت نہ عام، تِتي سندن تَڪِيَا
ڪهن ڪونہ ڪلام، سوا ’قالَوا‘ ڪوڏيا.

(١١)

اَلَسّتِي آواز، ڪاھوڙين ڪي ڪَن ۾
نڪو ھن جهان جي موھيا ڪنهن مجاز
وڃائي سڀ ساز، ڪامي ڪاھوڙي ٿيا.

(١٢)

نڪا ڪَن نِهار، ڪاھوڙي ڪنهن پار ڏي
اَپَرَ لڳن آر، اندر انهين ڏيھہ جو.

(١٣)

اڪيون ڪاھوڙِي، ڪوڙِي رکن پنڌ ۾
لڄ لياقت لَوڪ جي ٻاجهارن ٻوڙي[2]
حياتي توڙِي، مور نہ مَرڪن مُنہ ۾.

(١٤)

اَلَڪِيَا اورين، راتو ڏينهان روح ۾
شمل شريعت سين، طريقت تورين
معرفت جي ماٿ ۾، چَپَ اندر چورين
گھوريو ٿا گھورين، مٿان جانب جندڙو.

---

(١) اصل. ڪو پارک پکي ان جو

(٢) اصل. ٻاجهارا ٻوڙين

وائي

سهٽي سونهن سندان، مون سچاتا سپرين
چڳي چال سندان، مون سچاتا سپرين
١. اُٽَنڙ انهين ڏيهه جي، راتيون تان ڏينهان
مون سچاتا سپرين
٢. رڪن ڪونہ جهان ۾، پنهنجو پاڻ بيان
مون سچاتا سپرين
٣. ديوانا هن ديس ۾، عارف عين عيان
مون سچاتا سپرين
٤. گنجي ڏونگر گام ۾، اچي پير پيان
مون سچاتا سپرين
٥. گنجو گام تہ گهور ڪري، پاڻ مٿان قدمان
مون سچاتا سپرين
٦. دعوتي داتا سندا، دهرا مِلئَن دان
مون سچاتا سپرين
٧. غلام محمد غير ڪان، رکيا رب رحمان
مون سچاتا سپرين

داستانو چوٿون

(١)

ڪَها ڪاهوڙي، ڪٽي هليا ڏٿ کي
ڏوريندي ڏوڙي، ڪِرت لڌائون قيمتي.

(٢)

ڪَهنَ سان ڪوٺي، ڏُٿ ڏنائون ڏيهہ جو
جِيءُ جُسا جوٺي، وينا هٽن هٽڙا.

(٣)

جي تون ڪاهوڙي ٿيون، ڪر طبع کي ٺُم
گهران ڪڻ مَ ڪيٽرا، ڪَرڪڻ پائي مَ گهُم
هي هڏ چم لحم، سُڪائيج سرير جو.

(٤)

جي تون ڪاهوڙي ٿيون، ويهي ڪر مَ وير
ٻڏي ٿمر سڪ جو، پُڇ پَراهان پير
صبح ويل سوير، ڪاهه تہ پهچين پيچري*

---

* هن بعد صفحو خالي آهي، يعني ڪاتب کي باقي بيت نقل ڪرڻا هئا.

سر رپ

داستانو پهريون

(۱)
گوندَر گَسُ ڪري، جڏو ڪيم جندڙو
هاٿي هيءَ مري، ويچاري ري سڄٽين.
(۲)
گوندر ڪيو گس، ماء منهينجي جندڙي،
سِرجيا سور سرس، هٿين هاج نہ اُڄَهي.
(۳)
گوندر ۾ گهاري، ماء منهينجو جندڙو
مونجهاري ماري، وڏو منهنجي جيءَ ڪي.
(۴)
اندر لڳي آڳ، چاراٽيو چَر چڙهي
لاڳو لڳي نہ لاڳ، آتش ڪي علاج جو.
(۵)
چاراٽيو چيري، ماء منهينجو جندڙو
لُوءَ لُوءَ اُلان باهہ تي، جوش پيا جيري
ورائي سيري، ڏوڙِي ڏِني سڄٽين.
(٦)
چيري چاراٽيو، ماء منهينجو جندڙو
جيرا بڪيون جان جون، ڪوري ڪاراٽيو
آلــن ڪي آٽيو، آٽــي هٽي پُونءِ تي.[۱]

---

(۱) اصل. پوء تي

(٧)

پُورن متي پُور، مون کي مون پرين جا
وچان تي وهلور، ساريو سپيرين کي.

(٨)

اندر اُپــريــامِ، اوپـــڙ حبيبن جا[1]
واريءَ جيئن وريامِ، وِرهَ وراڪا ڪري.

(٩)

ورهه وراڪا ڏين، هن ڏکي جي ڏيل ۾
گوندر منجهه گڏين، نيئي نَواڙي نِڏرين.

(١٠)

اورانيو ارواح، منهنجو مون پرين ڏي
ساريو سنجهه صباح، ويني رئان رت ڦڙا.

(١١)

نيٽن منجهان نيه، وسي واهُوندَن جيئن
آٽي آب اکين مان روئان راتو ڏينه
محبت سندو مِينه، آيو اوهيرا ڪري.

(١٢)

سيني منجهه صحي، لڳي ناٺُڪ نيه جي
ڪاني قُرُوبت جي، اتم روح رهي
ڏکن ڏيل ڏهي، آٽي وڏو گوندرين.

(١٣)

جيرن ۾ جائي، لڳي باهه برهه جي
بُکيون برياني ٿيون، پيرن پَر لائي
ساڙيندي سائي، چُري چڙهي چوٽئين.

(١٤)

لُوءَ لُوءَ اُلان باهه، پرن ٻاڦ نه نڪري
منهنجو ساهه پساهه، سورن ساڙي چِڏِيو.

---

(١) اصل. اوپر حبيبن جا

(١٥)

ٻرپَر ڪِيو ٻرن، منهنجا جيرا ٻڪِيُون
ڪامي ڪوري وچ ۾ ٻُرِي ڳچ ڳرن
ٽري تان نہ ٽرن، سوا سپيرين جي.

(١٦)

ڪا جا لايائون، سا نہ اجهامي باهڙي
وجهي ڪَکَ قرب جا، موتي مچايائون
ويتر وڌايائون، ڏيئي ڦوڪ فراق جي.

(١٧)

لائي آڳ ويا، اندر منهنجي جندڙي
ٻري مچ پيا، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري.

(١٨)

نهائين جيئن نيه، ڏِڪج اندر جندڙي
ٻاري راتو ڏينه، پڪو ڪِج پريت کي.

(١٩)

سانديج سيني منجهہ، نيه نهائين جهڙو
هاري هَرِي هنجهہ، متان تارين ٽِپيو.

(٢٠)

سيني ۾ سانڍيج، نيه نهائينءَ جهڙو
هن دُکائي دُود جو، ڪنهن کي منجهہ مَ ڏيج
پئِي پاڻ پچيج، ڏيئي سيڪو سِڪ جو.

(٢١)

آويءَ جيئَن واري، ڏِڪج باهہ برهہ جي
دونهان اندوهيءَ جا، سانيج سنياري
ٻاڦن سين ٻاري، چِڏج ٻيرا ٻوٽِيُون.

(٢٢)

روئي رات رَتوم، ڪُلهي ڪارو ڪَنجَرو
ڪنان 'ناڙُ حَاميۃٌ' اندر مچ مَتوم
گوندر منجهہ گتوم، جر هاريندي جندڙو.

(۳۳)

روئي رتم رات، ڪلهي ڪارو ڪنجرو
’مَنۡ شَغَفَ حُبًّا‘، ملي مون بِشرات[۱]
تائين سا پرڀات، ڏوڻان ڏوتي نہ لهي.

(۲۴)

روئي رات رتول، ڪِيُم ڪُلهي ڪنجرو
سورن جي اسڪول، ڏنم سبق سڪ جو.

وائي

ڪي گهڙيون اچي پيَج، مون نماڻيءَ جي نجهري

۱. مِنت مون معذور جي، منهنجا جانب مِج
مون نماڻيءَ جي نجهري

۲. تازا سور سرير ۾، ڪري آيم ڇج
مون نماڻيءَ جي نجهري

۳. الله لڳ عَليل ڪي، ڪو عِلاجو سِج
مون نماڻيءَ جي نجهري

۴. ويهي ويچاريءَ وٽان وري مور مَر وڃ
مون نماڻيءَ جي نجهري

۵. وتي ڏيئي وصال جي، لاهہ اُجارن اڄ
مون نماڻيءَ جي نجهري

۶. غلام محمد محبن سان، وَسي ساري سُڃ
مون نماڻيءَ جي نجهري

---

(۱) اصل. بَشرات (ب تي زبر)

داستانو ٻئو

(١)

جيئن سو سج ڪپار، تيئن تيزابي تن ۾
نيٽن منجهان نـار، هاريندي هُت مُئي.(١)

(٢)

منهنجي تَن تَمُوز، آندي تيزابي ڪري
راتو ڏينهن رَمُوز، ڪُڙهه ۾ ڪاريزَن جِيَن.

(٣)

آڙنگ منجهه ارواح، اڪين اوهيرا ڪيا
وسن سنجهه صباح، وِرهه واهوندن جِيَن.

(٤)

آڱِميو اچن، اڪيون اوهيرا ڪري
بوندون بس نه ڪن، برساتي بارانَ جين.

(٥)

اَرَئو عُشاقن، توڙي رسن مينهڙا
مشڪل مشتاقن، وتن گوندر گڏِيَا.

(٦)

نهاريندي نيڻ، ويئي وهامي راتڙي
جي جياپا جندڙي، سي مون ڪئا سيڻ
ڪٿا ٿيم ڪيڻ، راتو ڏينهان ان ري.

(٧)

واڍي جيئن وڍِينِ، وِرهه واري وِترا
آٽي منجهه مَنڍِينِ، قابو ڪانَ ڪَپار ۾.

(٨)

واهولي جيَنَ وَڍَ، وجهن اندر جندڙي
سهسين ڏَيان ڏَڍَ، تا پڻ وجن وڍِيو.

(١) اصل سٽ: "نيٽن منجهان نار، پلٽيا پگهارا ڪري" ان بعد، خانزئي پاڻ اها مٿين پڙهڻي آندي.

(۹)

واهولي جين وِيڏ، وجهن اندر جندڙي
ساري سُڏيون سِيڏ، وجن وڍيندا گهٽو.

(۱۰)

نکا کَهل کَٽ، سُورن سندي سٽ ۾
وجهي هِنيڙي هٽ، وجڻ تاڻيندا گهٽو.

(۱۱)

نکو کهل قياس، سورن سندي سٽ ۾
وڍي نينِ وجود جو کاتي پائي ماس
تَرسي تِر تپاس، مور نہ کن سي کڏهين.

(۱۲)

آٽي جوتِري جوش، جَندِري منهنجي جيءَ ۾
هٽي کيو هينئڙو ناٽُک نيه انوش
محبت ۾ مدهوش، رهيو روحاني گهٽو.

(۱۳)

جندري چڙهيو جيء، ڏک ڏوريندي ڏيل ۾
هينئڙو رَنُدي ريءَ، چِرَن چِلي چڏيو.

(۱۴)

جيئري پيم جندر، چُران چُري نہ سگهان
محبت سندا منڊر، لڳم اندر جندڙي.

(۱۵)

جيئري جندر پيام، چُران چري نہ سگهان
هٽي دوست ويام، کَٽا قابو قرب جا.

(۱٦)

سارينديي مون ساهہ، چُري چڙهيو چوٽِئين
پريَن ري پساهہ، ڏيندي پورِي نہ پوان.

(١٧)

عاجُز عزرائيل، ڏسي ضعف زِلت جو[1]
سپيرين جي سونهن جي مون ۾ سک سبيل
ڏکوئيءَ جو ڏيل، ڏکن ڏاري ڇڏيو.

(١٨)

مونکي تي ماري، سک پريان جي سونهن جي
وڌو اونداهِيءَ ۾ اندر جي آري
گوندر گذاري، ڪندا سنگت سک جي.

(١٩)

ڏيکاري وئا، ڪا جا صورت سپرين
تانڪُون پيچ پيا، مون پريان سين سک جا.

(٢٠)

سوريءَ چاڙهيو ساهه، منهنجو سورن سک جي
ڏيان ڏوري ڏک سين حياتي همراه
پِرينءَ هٿ پساه، ويچان ويئي آهِيَان.

(٢١)

منهنجو جڏو جيءَ، ٻاجهه پريان ري نه پَري
ڪڏهن چوندم هيءَ، پِي پيالو پرت جو.

(٢٢)

منهنجو جيءُ جڏو، ٻاجهه پريان ري نه پَري
وڌو وَهم پرين جي، اندر ويڌ وڏو
لُوءَ لُوءَ هيٺ لڏو، آٽي سُورن سَٽِيو.

(٢٣)

سورنِ سنگ ڪئا، سيني پيُمِ نِسري
لُوءَ لُوءَ منجهه پئا، لکين لابَارو ڪري.

(٢٤)

لُوءَ لُوءَ لابارو، وڌو سورن سک جي
وِرونَهنِ وارو، مُور نه ڏنو ڏيل کي.

---

(١) اصل. 'ذلت جو'. غالباً صحيح 'زلت'. يعني زِل= سخت سور، ايذاء

وائي

موں نہ وهيٽي سڄڻين، ووءِ ووءِ
آءُ نہ سگهيٽي سڄڻين، ووءِ ووءِ

١. لڳو آهہ وجود ۾ مون کي نيه نِلو
آءُ نہ سگهيٽي سڄڻين ووءِ ووءِ
٢. ڏسان شال اکين سانِ وجي کيچ کِلو
آءُ نہ سگهيٽي سڄڻين ووءِ ووءِ
٣. موٽي مون معذور کي، منهنجا محب ملو
آءُ نہ سگهيٽي سڄڻين ووءِ ووءِ
۴. غلام محمد محب بنا، کندو کونہ بلو
آءُ نہ سگهيٽي سڄڻين ووءِ ووءِ

داستانو ٽرئو

(١)

جيءُ جنازي جيئن، ٽيو وهيٽو سڄڻين
’مَنۡ مَات فِيۡ حَيَاتِهِ‘ کُنو کُجي کِيئن
هِنُيڙو هٽِي هِيئن، کين چڏيندا کَڏهِين.

(٢)

ساريندي سَکرات، کا جا لڳي سک جي
بنا محبوبن جي ٿيو من مَمَات
هاٽي هِي حيات، موٽي کندا مون پرين.

(٣)

ٿي حياتي حيف، سوا سپيرين جي
لڳِي قريبن جي سيني اندر سيف
کِيو کيم کَيف، پيتي ري پرين جي.

(۴)

سُک سمهي سا کيئن، جنهن کي نائک نيه جي
سائي سورن سيئن، گهڙيون گهاريندي مري.

(٥)

رَهِي سا نہ رهي، جنهن کي نائڪ نيه جي
مر سا سور سهي، جا سگيٽي سڪ جي.

(٦)

سورن سگ ڪيو، اچي منهنجي جيءَ سين
وِره واري وترو، ولوڙي ويو
نِرهہ نيه نِيو، جئڻ جوکو جندڙي.

(٧)

چوري چاڪ ويام، ڏيئي ڇهڪ ڇِت ۾
پَچي پيچ پيام، وَرِي وَڏَ وِرهہ جا.

(٨)

مَنڌي جيئن منڌيو، اندر منهنجو جندڙو
وري وِرهہ ويو، ويرو تار وجود ۾.

(٩)

ٻُڪي ٻاجهہ پرينِ، هِن جوڪائتي جيءَ جي
هٿان جا ڪِريَنِ، سا ڪيئن اُٿي ان ري.

(١٠)

تيو دوست دوا، هن ديواني درد جي
لڳو منهنجي جيءَ کي وڇوڙي جو واءَ
تنهنجي هٿ شفا، ميان مريضن جي.

(١١)

ڪو جو پيچ پيو، مونکي مون پرينءَ جو
لڳو جو وجود ۾ وري سو نہ ويو
هِنَيڙي منجهہ پيو، نهرو نِيَرُ نيه جو.

(١٢)

منهنجو من مجاز، واهولي جيئن وڍيو
ڏيئي غسل ڏاهَ کي، پڙهن مان نماز
سِڪ سَواري ساز، نيئي دَفِنيندا دل ۾.

(١٣)

مٿو مُوڙهه ٿيو، مَر منجهان مون نہ لهي
ويئي واڪَ وجود مان، نِپَٽ نيه نيو
ميروئي رهيو، ڏوتي ڏاران دوست جي.

(١٤)

مر سو مرڪي روءِ، جَنه ڏٺو مُنه محبوب جو
سائي سُرهي بُوء، جنَه جو غاسِلُ سپرين.[١]

(١٥)

جن کي قريبن، ڏنو ڪفن قرب جو
مر سيئي مرڪن، مقامن ۾ قبرون.

(١٦)

هٿان هاڻ ويوم، صابڻ صفائي جو
ميرو منه ٿيوم، ڏوتي ڏاران دوست جي.[٢]

(١٧)

پرين پيهي آءُ، نماٽيءَ جي نجهري
تانڪون تنهنجي لاءِ، ويٺي واجهايان گهڻو.

(١٨)

واجهائيندي ويل، وئي وهامي راتڙي
آءُ اوراهون سپرين، ڪري لال اُليل
روحاني ڪي ريل، آهي تنهنجي آسري.

(١٩)

ريلو روح ڪري، رهيو تنهنجي آسري
تون تڪيو، تون توشڪي، توڪان سڀ سري
پيو ڪير ڪري، واهر ويچارن جي.

(١) اصل. سوئي سر هي بوءِ
(٢) اصل. ميرو من ٿيوم

وائي

سا مون آس پُڄي، جا مهينجي من جي

١. وڃي فَلڪ فراق جو، جو ٿو سخت سڄي
جا مهينجي من جي

٢. راتو ڏينه وجود ۾، وارِي ورھ وڄي
جا مهينجي من جي

٣. عاجز ڪي آجو ڪري، منجهان ڪَک ڪڄي
جا مهينجي من جي

٤. غلام محمد رمز ۾، ريجهي روح رڄي
جا مهينجي من جي

سر رامڪلي

داستان پهريون

(۱)
اول ويل آسُور، سُتا سامي اُٿِيَا
پيو ڪاپڙين کي پنڌ پَراهين پور
چڙهي ذوق ضرور، مٿي گنگا گجئا.

(۲)
جوڳي جَڳَتر جوڙ، تاڪي هلن تڪيا
مُنهن ۾ مَهيسِين کي، روڪائي جي روڙ[1]
تاڻي وجن توڙ، اوري ڪن نه آسرو.

(۳)
جوڳي جڳتر گنج، تاڪي هلن تڪيا
منهن ۾ مهيسين کي روڪائي جو رنج
چڙهي سڪ سهنج، مٿي پورپ رميا.

(۴)
نانگن کي ناگاهه، لڳي نائڪ نيه جي
ٿيا رَسيلا رام سين جالي جڳتر جاهه
پِرِمُ پِرائي پاهه، وڃي گنگا گڏيا.

(۵)
سامي صدا سُڪ جي مور نه ڪٿي ڪن
ڏيل ڪيائون ڏبرا ڏوري ساڻ ڏکن
اهڙي ريت رمن، ڪانوٽيا ڪابول ڏي.[2]

---

(۱) اصل. ماهيسين کي
(۲) اصل ۾ هت توڙي هيٺ: قابول

(٦)

ڪانوڙِن ڪائي، ڪا جا ڳجهي ڳالهڙي
لڪاٺين لوڪ ڪان ساھ اندر سائي
اوڙڪ اُهائي، پورپ ڪندا پڌري.

(٧)

ڪانوڙيا ڪَن ڪَپ، اوري ڪن نہ آسرو
ڪونہ پروڙي ڪو پيو مَهيسِيَڪو مَپ[1]
جتي تسيا تپ، تتي سندن تڪيا.

(٨)

ڪانوڙيا ڪن چير، اوري ڪن نہ آسرو
اصل انهينءَ پار جي آديسين آڏير
ظاهر شهر فقير، باطن بابو بڪئا.

(٩)

ڪانوڙيا ڪن- ڪاٽ، اوري ڪِن نہ آسرو
اصل انهين پار جي رڪن اُڃ اوساٽ
ڪاپڙي ڪابول جا سونهان سُوڏ سَواٽ
وڃن اوچيءَ ڳاٽ، سامي سفر سامهان.

(١٠)

ڏساندر ڏورين، سامي سفر سُرتيا
ڪا جا ڳجهي ڳالهڙي اوري نہ اورين
سوئي ٽا سورين، سڳو ساڳي سِڪ جو.

(١١)

سامي سفر سود، سڪ نہ سمهن ڪڏهين
هلن انهين پار ڏي جيڏهن ساھ سجود
نانگا ٽي نابود، وڃي گر ڪي گڏيا.

(١٢)

سامي صورت سڦرا ظاهر زبوني[2]
لڪا وتن لوڪ ۾ بابو بيروني
تني جي اوني، ڪونہ پروڙي ڳالهڙي.

---

(١) اصل. ماهيسِيَڪو

(٢) اصل ۾ هت توڙي هيٺ: سفرا

(١٣)

سامي صورت سڦرا ظاهر ظُلماتي
متي لال لڳن ڪي لاهوتين لاتي
ذاتي صفاتي، لانگوٽيا هن لوڪ ۾.

(١٤)

لانگوٽيا لاهوت جا لَڪَڻ ڪونہ لَڪينِ
اَلَڪيا هن لوڪ ۾ پري په پوينِ
اوريان تان اورين، وجن پَرئين پار ڏي.

(١٥)

اوريان اوري رهيا، پريان پرئين پنڌ
جت نهايت ناهہ ڪا، نڪا هيڪل هنڌ
سامي سا سرهند، ڏسن ڪري ڏاڪڙو.

(١٦)

لانگوٽيا لنگ لال، سدا سامي سنرا[1]
وِيَن وجودان نڪري خودي خوب خيال
ظُلمت ذوق زوال، ويو ويچارن وسري.

(١٧)

ٻوڌن ٻانو ڳُڻ جو ٻچيءَ ۾ پاتو
لڙڪ لالائي جو لانگوٽين لاتو
آينِ اوراتو، اوري انهين ڏيهہ جو.

وائي

مڙهيون ماڳ ڇڏي، ڪالهہ لڏي ويا ڪاپڙي

١. وري پورب پار جو ڪو سنيهو نہ ڏي
ڪالهہ لڏي ويا ڪاپڙي

---

(١) اصل. لنگ لعل

۲. ساري پنهنجا صابِري، سامي وِيڙا سڏي
ڪالهہ لڏي ويا ڪاپڙي
۳. جوڪو ڏيئي جال ويا، جوڳي جيءَ جڏي
ڪالهہ لڏي ويا ڪاپڙي
۴. غلام محمد گودڙيا ويڙا غم ۾ گڏي
ڪالهہ لڏي ويا ڪاپڙي.

داستانو ٻئو

(۱)

تڪيا تاڪي رات، سامي سفر هليا
پيبون پورپين جون پچارون پريات
هَي هَي آهي هات، پسي آسڻ ان جا.

(۲)

آسڻ اوساتِين، منهنجا جيرا بڪيون
”اَلْفِراق اَشَدُّ مِنَ اَلْمَوتِ“ ڪُلهنيئون ڪاتِين
چيري چاراتِين، جيجان منهنجو جندڙو.

(۳)

اندر اُڄ اُسات، لڳم لاهوتين جي
هٽي ويا مون ڏاهہ ڪي چوٽي پر چپاٽ
ساميڙا سَــوات، لنگهي رڃ روان ٿــيا.[۱]

(۴)

سامي سَيناڻُو، ثنا سَين هٽن
”يُعطِيَڪَ ربُّڪ فَتَرضيٰ“ ديري دار وٽن
تيلاهون تَٽِن، چِڏي آسڻ اوڏهين.

---

(۱) اصل. سنوات

(۵)

لڏيا لاهوتي، چڙهي آسڻ آسرو
آرزُو رَزّاق سين پيناڻن پُوتي
ساميڙا سُوتِي، وتي آيا اوهِري.[1]

(۶)

سامي وَسُون سُج جِي، رِنُجَ رهاڪُو راج[2]
هُلاچو هنگلاج، پيو ڪاپڙين جو.

(۷)

نَمازي ناراڻ جا صحي سجدا ڏينِ
نيئي ناني سامهون پنهنجو پاڻ چڙهين
گرو ساڻ گڏينِ، آٺي اَرڪانن ڪي.

(۸)

نمازي ناراڻ جا، ناني نيّت ڪَن
اَللهُ اَڪبر عَين تيا، گوڏا گوڏڙين
”هُوَ اللهُ ڪُلَّ شَيءٍ“، پيو ڪين پسن
سِجدا سُود سندن، آڏاري آديس جي.

(۹)

نانگا عين نماز، سِجدو سَهَوَ سندون[3]
ناني ۽ ناراڻ جو رکيائون ڪو رَاز
اِي سيوئي ساز، سامِيَڙنِ سميٽيو.

(۱۰)

اديائون آديس، چڙهي اوسر آسرو
ويراڳِيَڪو ويس، ڪري رانول رميا.

(۱۱)

ڪيچي ڪاچوتي، نانگن ٻڌي نيهَ جي
ويا جي هنگلاج ڏي آيا نہ موٽي
ڪجِائي ڪوٽي، پورِي پائي رميا.

(۱) اصل. ائين
(۲) اصل. ائين
(۳) اصل. ائين

(١٠)

گنگا اندر گامر، گِڙِي گيتائُن جي
مَري مُورُ مَڙهي ٿيا، ناٿ وجائي نامر[١]
باقي ڪَن قيامر، جي آديسي اڏ جا.

(١١)

گُر گنگا کي گڏيا، گنگا گڏي تَن
”ڪَاَلمَاءِ فِي اَلماءِ“ لَڪا ڪانہ لهَنِ
موتي منجهان مَنِ، ڪنهن نہ سڃاتا ڪاپڙي.

(١٢)

جي گنگا کي گڏيا، آيا نہ موٽي
ٻڌائون وجود سين ’لا‘ جي لانگوٽي
ڪڇ ۾ ڪاچوٽي، سامين سونهي سُڄ ۾.

(١٣)

گُر گنگا کي گڏيا، آيا تا نہ وري
مڙهي ۾ سي مَحَو ٿي ويا ماڳ مري
منجهان تنهن دَري، دَوُنڪي، دُونهاٽِين کي.

(١٦)

اَندوهيا دونهات جا، دونهون دُنڌُ ٿيون
نالو ’جوڳي‘ جَڳ ۾ پُهريو پيش پيون[٢]
ويلو وقت ويونِ، دکائيندي دونهِيُونَ.

(١٧)

گِيتا جا گُرناٿ جي، پُرس پروڙي ڪُوءِ
هَرڪو حاڪِيَ هُوءِ، گُر گنگا کي گڏيا.

وائي

ڪونہ پروڙي پيو ڪوئي، جا جوڳيڙن جي جيءَ ۾

١. ظاهر اورن عامر سين، باطن بار اهوئي
جا جوڳيڙن جي جيءَ ۾

---

(١) اصل. ائين

(٢) اصل. ’نالي جوڳي جڳ ۾‘

٢. گر ڪي گڏيا ڪاپڙي، رائي منجهہ سي روئي
جا جوڳيڙن جي جيءَ ۾
٣. ڏيئي ويا مون ڏاهہ ڪي، سامي سور سيوئي
جا جوڳيڙن جي جيءَ ۾
٤. غلام محمد جي ڪندا، جوڳيڙا دلجوئي
جا جوڳيڙن جي جيءَ ۾

داستانو ٽرئو

(١)

جان تو جوڳي جڳ ۾، تان تون سَدُون ڇڏ
لوڪ منجهاران لڏ، ڇڏي اَسَڻ آسرو.

(٢)

ڪَني آسڻ من ۾، ڪَني آسڻ سور
مَڙهي جو مذڪور، ڪالهہ ڪندا ويا ڪاپڙي.

(٣)

ڪٽي سڳا سڳيون، هليا هنگلاڄي
ويا واٽ وصال جي، ساميڙا ساڄي.

(٤)

سامي صبر سکيا، تسيا ڏيئي تن
”الصَّبرِ مِفُتاحُ الفَرَح“ فَردا عيدون ڪن
جَڳ ۾ جوڳيڙن، جڳتر جالي ڇڏيا.

(٥)

سامي صبر سکيا، سپ وڄائي ساز
نانگا نهايت ۾ نَمي ڪن نَماز
”وَ اَنا لَکَ وَ اَنَتَ لِيَ“ جو ٻُڌائون آواز
جوڳيڙا جَواز، جوڙي رکن جيءَ ۾.

(٦)

سامي صبر سڪيا، جوازان جوڙي
”اَلدّنيا جِيفَة وطالِبها ڪِلابٌ“ ڇڏيائون ڇوڙي
مَهيسِي موڙي، هليا مُنه مجاز جو.[1]

(٧)

سامي ساڙي هل، هي جي سڳا سِگيُون
اجان تو ۾ تي وهي گنگا اوري گهَل
ري سِيراهي سل، ڏي سيني ۾ سڪ جا.

(٨)

سامي ساڙي ڇڏ، هي جي سڳا سگيون
وڃي گنگائن سين، پاڻ پنهنجو گڏ
لوڪ منجهاران لڏ، تاڪي پنهنجا تڪيا.

(٩)

حقيقت ۾ ڪاپڙي ويا هاڪ هٽي
ٻڌائون توحيد جي تن ۾ توڙ تٽي
ويراڳين وٽي، ڪا جا ڳجهي ڳالهڙي.

(١٠)

حقيقت ۾ ڪاپڙي ويا هٽي هاڪ
نانگا نهايت ۾ ٿيا حيرتناڪ
وَسائينِ وجود تي سندي محبت ماڪ
چولو ڪري چاڪ، گُر گنگا کي گڏيا.

(١١)

حقيقت ۾ ڪاپڙي هٽي هاڪ ويا
رکن ڪونہ جهان ۾ سامي سگ سِيا
لُوءَ لُوءَ منجهہ لِيَا، پيا پُوربينِ کي.

(١) اصل. ماهيسي

(١٢)

ڪالهه لڏي ويا ڪاپڙي، مڙهيون ماڳ ڇڏي
سَينَ هنيائون سيج ۾ منجهان لوڪ لَڏي
گرو ساڻ گڏي، اڏي وينا اَڏِيَا.

(١٣)

ڪالهه لڏي ويا ڪاپڙي، ڇڏي مڙهيون ماڳ
لاياڻون لاهوت جو لِڱَن متي لاڳ
ساميڙن سهاڳ، لڏو لانگوٽيءَ ۾.

(١٤)

لڏي لوڪان هليا جوڳي جُنگ جوان
وينا آسڻ اصلي، وَسائي ويران
لاهـوت لامـڪـان، مَـسـڻ مَهيسِينِ جو.[1]

(١٥)

لڏي لوڪان هليا جوڳيئڙا جائي
لالائي لڱن ڪي لاهوتين لائي
سامِيَڙا سائي، ڏوري ڏسن ڏک سين.

وائي

منهنجو جيءَ جڙيو آه، جيجان جوڳيئڙي سان
١. روز ازل ڪان ساڻ سناسِي، قابو زنجيرن ڪڙيو آه
جيجان جوڳيئڙي سان
٢. اَلّعِشق ناراً يُحَرِقُ آهي، سوز انهين ۾ سڙيو آه
جيجان جوڳيئڙي سان
٣. غلام محمد چئي هينئڙو هيٺيءَ جو، عَيَنَن ساڻ اڙيو آه
جيجان جوڳيئڙي سان.

---

(١) اصل. ماهيسين جو

داستانو چوٿون

(١)

تي جوڳي ڇڏ جڳتيُون، ڀَڏي محبت مُوءِ
اڃان تو مان تي اڇي سندي باسڻ ٻُوءِ
جتي جوڳين جوءِ، هل هنئين سان اوڏهين.

(٢)

تي جوڳي ڇڏ جڳتيون، ڀڏي محبت مول
ڳس گنگا گرناٿ جو ڳلا لائي ڳول
ڄُل تَني جِي ڄول، تي سياڳا صابري.

(٣)

تي جوڳي ڇڏ جڳتيون، ڏي مَسڻ متي مَن
ڪٽي سڳا سڱيون، پاءِ ڪَڙولا ڪَن
تِلڪ لائي تن، تي سياڳا صابري.

(٤)

تي جوڳي ڇڏ جڳتيون، ڏي مَسڻ متي مال
وڃائي هي حال، تي سياڳا صابري.

(٥)

تي جوڳي ڇڏ جڳتيون، ڏي مسڻ متي ماڳ
وڃائي ويراڳ، تي سياڳا صابري.

(٦)

مَسڻُ پائي من ۾ ڇڏ قبر جو قرار
”حَيٌّ الّذي لاَيَمُوتُ فِيۡهَا“ ڀڏي تن توار
تني ساڻ گذار، جي گنگا ۾ گم ٿيا.

(٧)

مَسڻ پائي من ۾ ڇڏ قبر جو قال
تي تَني جو حال، جي گنگا ۾ گم ٿيا.

(٨)

مسڻ پائي من ۾ ڇڏ قبر جو قِيلو
وڃائيج وجود ۾ هُئڻ جو حيلو
تي تن سان رسيلو، جي گنگا ۾ گم ٿيا.

(۹)

مَسڻُ پائي مَن ۾ قَبرِ قِيلو ڇڏ
ڇڏي آسڻ آسرو لاهي لِيَا لڏ
تي تَنِي جو هڏ، جي گنگا ۾ گم ٿيا.

(۱۰)

مسڻ ماڳ مرڻ جو، جيئڻ جاءِ نهار
جت گنگا گرناٿ جو ڪونہ پروڙي پار
نکي سڳا سِگيون نکا مڙهي مار
تني قرب قرار، قائم ڪاپڙين کي.

(۱۱)

سامي ڪيم سڏاءِ، جيسين جِيئي جندڙو
ڪپي ڪن ڪپار جا ڪيمَ ڪڙولا پاءِ
هي تني جي جاءِ، جني آسڻ آسرو.

(۱۲)

ڇڏي آسڻ آسرو هليا جي هنگلاج
بَڌائون لاهوت ۾ آڌوتِيَڪي ڏاڄ
”مِنَ الرُّوحِيَ“ جو راڄ، سکر سناسين جو.

(۱۳)

ڇڏي آسڻ آسرو، هليا اُلاٽي
چڪر چمڙا چيلهہ سان بڌائون تاٽي
وڌائون پڙتال ۾ گروءَ جي گهاٽي
ماهو سر ماٽي، موتيا ملڪ عميق ڏي.

(۱۴)

ڇڏي آسڻ آسرو ويڙهي هليا وَٽ
وجي گر ڪي گڏيا نانگا پائي نٽ
سامي سَڌر سَٽ، موتيا ملڪ عميق ڏي.

وائي

پڙنئانِ پريات، جوڳي جُوءِ ڇڏي ويا
١. لَڏي وِيتّا لوڪ مان، وائي ڪيائون نہ وات
جوڳي جوءِ ڇڏي ويا
٢. ڇڏي آسڻ آسرو هليا ڏي حيرات
جوڳي جوءِ ڇڏي ويا
٣. ڪابل ويتّا ڪاپڙي ڪپي ڪوه ڪلات
جوڳي جوءِ ڇڏي ويا
٤. غلام محمد مام ۾ مري ٿين مَمات
جوڳي جوءِ ڇڏي ويا.

داستانو پنجون

(١)

جوڳي جوڙ مَ جاءِ، تازا ڪر مَ تَڪِيا
"مَنَ تَرَڪَ الدّنيا لامَڪان لَهُ" ڪن ڪڙولا پاءِ
تِلڪ توڪل لاءِ، هل هنيين سان اوڏهين.

(٢)

جوڳي جاءِ نہ جوڙ، تازا ڪر مَ تڪيا
"الدّنيا کَضِيّقُ النَّفسِ" سندي سيني سوڙ
وُسِعَت واري ووڙ، جاڳَہَ جَلالَنِ سين.

(٣)

جوڳي منجهان جَڳ، هل هنيين سان اوڏهين
لاهي ليا لوڪ جا توهہ توڪل تڳ
پوريو پاسي پڳ، پاءِ تہ پهچين ڪاپڙي.

(٤)

سامي ٿيءُ سجاڳ، سنگت ساجهر سَنبَهيَ
سمهڻ سيجڙين تي پورا پانءِ اپاڳ
لاهوتيَڪو لاڳ، ننڊون ڪندي نہ لڳي.

(٥)

اُڏَنَدَ جيئن اُڏِي ويا جُوءِ منجها جوڳي
رُوَنّدا وَتن رت ڦُڙا رَندن تي روڳي
پوپا ۽ پوڳي، پُنگن پاس پُلِي پيا.

(٦)

پنگا پيلي هليا جوڳي منجهان جُوءِ
جت نہ جاءِ جُڳت جي، نڪا باسڻ بُوءِ[1]
تني روبروءِ، ريجهي ويئا رام سين.

(٧)

پنگا پيلي بر، ڪري هليا ڪاپڙي
نڪا پِڙي پَٽ ۾ نڪو گُرَن گهَرَ
جيڏهن سُجو سَر، تيڏهن وَسُون سامئين.

(٨)

باسڻ پيجي پور، ڪري هليا ڪاپڙي
نڪو آسڻ آسرو، نڪا هِنيَڙي هور
ويا جي هنگلور، سي سامي مور نہ موٽيا.

(٩)

باسڻ پيجي مُجَ، ڪري هليا ڪاپڙي
نڪو پِنُّرَ پِنڻ جو، نہ اوئِي ڪارڻ اڄ
هلن متي سِڄ، مَهيسي منهن سامُهان.[2]

(١٠)

سامي تي ثابوت، ڪڇو تيڄ مَ ڪاپڙي
”اَلجُوع طَعامُ العاشِقين“ ڪج قرارو قوت
جي ’حَيٌّ لاَ يَمُوتُ‘، سو گرُ گلارو نہ ڪري.

---

(١) ’جَڳت جِي‘ (اصل ائين). شايد صحيح ’جڳتر جي‘

(٢) اصل. ماهيسي

(١١)

ساري ثابت هوءِ، ڪجو ٽيج مَ ڪاپڙي
"فِيٓ اَحۡسَن تَقۡوِيۡمِ" تي لاهُوتيَڪي لوءِ
تان جو پَسين پوءِ، سو گُر گِلارو نہ ڪري.[1]

وائي

سا ڪيئن آڇيان عام، جا جڙ جوڳين لائي

١. جدا جوڳيڙن ڪان، قائم آهي قيام
جا جڙ جوڳين لائي

٢. دونهين دُکڌ دونهاٽيا، ڏاڳا دلق اندام
جا جڙ جوڳين لائي

٣. موٽي مور نہ موٽيا، جوڳي جوڳ انجام
جا جڙ جوڳين لائي

٤. غلام محمد غم ۾ منهنجو من مدام
جا جڙ جوڳين لائي.

داستانو ڇهون

(١)

سک نہ ساميئڙن کي گنگا رِي گرنار
ويڙهيائون وجود سين ونگ وَرنا وار
ڏوڙ ڏماچي ڏار، پائي هليا ڪاپڙي.

(٢)

پڙيون پٽي پَٽ، ڪري هليا ڪاپڙي
تَرڪ ڪيائون تڪيا، حال ڪيائون هٺ
وڏائون وجود تي لالائي جي لٺ
وٺي وحدت وَٽ، ويجها ٽيا وصال کي.

---

(١) اصل. تاجو پَسِي پوءِ

(٣)

ڪَن ڪڙولا ڪيوَتيون پاتا ڪاپڙين
تاڪيا تحقيقات سين تڪيا طاقڙين
جڙي سان جڙين، جهين جوء جُهاريا.

(۴)

ڪن ڪڙولا ڪيوَتيون اي سڳورن سُوَنهَ
راتو ڏينهن الک سين ويراڳين ورونهَ
ٻاري ڏوڏا ڌُونهَ، جوڳين جيءُ اُجَاريا.

(۵)

ڪن ڪڙولا ڪيوتيون، اي سڳورن سينگار
لُونءَ لُونءَ لاهوتين ڪي، 'تون تون' تند تنوار
گنگا ۽ گرنار، جَفا جوڳيڙن جي.

(٦)

ڪن ڪڙولا ڪيوَتيون جوڳين پاتا جي
ڪن گنگائي ڪابُلي، پورب پاسي ڪي
'حال' جَني ڪي هي، 'قال' تَني ڪي ڪيوَتيون.

(٧)

ڪن ڪڙولا ڪيوَتيون جوڳيڙن جيئي
ڪي ڪڪوريا ڪيوَتي، ڪانوٽيا ڪيئي
سامِيَڙا سيئي، سُک نہ ستا ڪڏهين.

(٨)

ڪالهہ لڏي ويا ڪاپڙي، بابو بيڪاري
سَيَن هنيائون سچ ۾ جت دارُ نہ دُواري
"اَلڪُفَّار فِي نَارَ جَهّنمر" هي جنت جَواري
تَڪيا تواري، ڇڏي هليا اوهري.

(٩)

ڪالهہ لڏي ويا ڪاپڙي، پورب پاسي پَهي
جِت نہ جاءِ جهان جِي، ويا تِت وَهي

تني سندي ڳالهڙي اتر روح رهي
ايڏو سور سهي، سگهان نہ ساميڙن جو.

(١٠)

ڪالهہ لڏي ويا ڪاپڙي، پَهر نہ پيناءُو
سَيَنُونَ هٽن سُج ۾ ساميڙا ساٿُو
تَسيي طاماٺُو قُوتَ نہ اوڏا ڪڏهين.

(١١)

ڪالهہ لڏي ويا ڪاپڙي، مڙهيون ماڳُ ڇڏي
جوڪو ڏيئي جال ويا منهنجي جيءَ جڏي
ساميڙا سڏي، سيڪ ڏيئي ويا سڪ جو.

(١٢)

دُوئي جي دُوار جا نہ سامي آساٿُو
نہ ڪنهن گهورا گامر جا، پَهَر نہ پيتائو
تسيي طامائو، بک وڏائون بُگرئين.

(١٣)

قوت نہ اوڏا ڪاپڙي، تَسيا توشو تن
رهن رضا جي راج ۾ جتي ڪين پنن
اتي تڪيا ڪن، جت نهايت ناهِ ڪا.

(١٤)

قوت نہ اوڏا ڪاپڙي، ويجها تان نہ وِصال
هٿ ڪيائون حال ڪي ڇڏي ڪيرتَ قال
مڙهي ماڳ محال، اصل آويسينِ جو.

(١٤)

ڪَهيا ڪَني ڪاڻ، ڪانوتيا ڪالهہ ويا[١]
رهيا بہ ٽي راتڙيون مڙهي ۾ مهماڻ
مَهيسي مون ساڻ، موٽي ملندا ڪڏهين.[٢]

---

(١) اصل. ڪهان ڪَسِي ڪاڻ

(٢) اصل. ماهيسي

(١٦)

ڪهيا ڪارڻ ڪن، ڪانوٽيا ڪالهہ ويا[1]
نوان نِيَرَ نيہَ جا جوڙيِ وڏا جن
مون مُنيءَ جو من، موهي مهيسي ويا.[2]

(١٧)

ڪهيا ڪني لاءِ، ڪانوٽيا ڪالهہ ويا(٣)
جيءَ جُڪي جندڙو ساميڙن جي ساء
مون مُنيءَ ڪي ماء، ڪَرمين ملندا ڪاپڙي.

وائي

سامي صاف صفات، رائي رات رمي ويا

١. 'فَاصبِرَ' ساري صابِري، وائي ڪيائون وات
رائي رات رمي ويا

٢. ڇڏي ذات صفات ڪي، هليا ڏي حيرات
رائي رات رمي ويا

٣. قال ڇڏي ويا ڪاپڙي ڪري حال هِمات
رائي رات رمي ويا

۴. غلام محمد مانڻ ۾ ڪيائون من ممات
رائي رات رمي ويا

داستانو ستون

(١)

اڄ نہ اوطاقن ۾ ساميڙا سيئي
وڃي تن ڪي راتڙي پَراهين پيئي
ٽيلاهون ڏيئي، ويا ڏورو ڏک جو.

---

(١) اصل. ڪَهان
(٢) ماهيسي
(٣) اصل. ڪهان

(٢)

اڄ نہ اوطاقن ۾ سِنّا ساميڙن
نڪي سڳا سِڱيُون نہ گويا گودڙِين
نڪا پڙي پَٽ ۾، نہ ڏڙڪيون ڏڙڪِين
والي وَڙ ڪِيَنِ، وڃي وحدت گڏيا.

(٣)

اڄ نہ اوطاقن ۾ جوڳي جنگ جوان
ڇڏي هليا اوهري مڙهيون ماڳ مڪان
ڪين ڪيائون ڪي پيو سفر جو سامان
ٻُڪ وڏائون ٻُگرئين اُجارا عُريان
نفي نامر نيشان، اصل آديسين جو.

(٤)

اڄ نہ اوطاقن ۾ آديسي آهين
ڪَن ڪڙولا ڪيوَتيون ڪانوتيا پائين
دوئي سندي ديس ۾ نہ دونهان دکائين
وحدت جو وجود ۾ واڄٽ وڄائين
لِڱن ڪي لائينِ، لالائي لاهوت جي.

(٥)

اڄ نہ اوطاقن ۾ سامي سُود صفا
ڏين پراهين پنڌ ۾ جُسي جان جفا
پُرن پَريان جي پيجري خلوت ۾ اَخفيٰ
پوري ڪن وفا، وصل جي وصال ۾.

(٦)

اڄ نہ اوطاقن ۾ سَفريا ثابوت
’وَنَحَن‘ جي قرب ۾ ڪَن قرارو قوت
لاهُوتُ لايَمُوتُ، صفت سامِيَڙن جي.

(٧)

اڄ نہ اوطاقن ۾ ڪانوتيو ڪوئي
وڃي گُر ڪي گڏيا رائي ۾ روئي

داغ ڇڏيائون دل تان دُوئي جو ڏوئي
سامي سپوئي، سوز ڏيئي ويا سڪ جو.

(۸)

اڄ نہ اوطاقن ۾ ڪانوٽيا ڪن ڇير
ونئي واٽ وصال جي مَرڪي هليا مير
رهن رضا جي راڄ ۾ ثابت متي سير
فنا ٿي فقير، گُر ڪي گڏيا گودڙيا.

وائي

صابِرِيَا ثابوت، قوت ڪري ويا قوت جو لا
۱. ڇڏيَ ڏيهہ ڏهاڳ جو، هليا ڏي لاهوت
قوت ڪري ويا قرب جو لا
۲. رکي نيه نياز سين، نَيا ۾ ناسُوت
قوت ڪري ويا قرب جو لا
۳. گوء ڪٽي ويا گودڙيا جُنبي مان جبروت
قوت ڪري ويا قرب جو لا
۴. غلام محمد مامر ۾ مَحوَ ڪيا مَلَڪُوت
قوت ڪري ويا قرب جو لا

داستانو اٺون

(۱)

الف آديسِي، چوندي رکن چِتَ ۾
لاهـوت لامـڪان ۾ ڪـن ماهو مَهيسِي[۱]
”اَتَا مُرُون النَّاسِ بِاَلبرّ“ ڪَسُونَبا ڪيسِي[۲]
جوڳيڙا جيسي، متي گنگا گجيا.

---

(۱) اصل. ماهيسي
(۲) اصل. ڪسونبا ڪيسي

(٢)

بي بيراڳي بَر جا آديسي آهين
لالائي لڱن کي لاهوتي لائين
"وَلاَ تَلَبِسُ الحّق بِالبَاطِلِ" نہ لانگوٽي لاهين
جئري جلائين، جوڳي پنهنجو جندڙو.

(٣)

تي توڪل تڪيا جوڳيئڙا جوڙين
آٽي سڱيون سچ ۾ ڪاهوڙي ڪوڙين
"اُوفُوا بِعَهدِيَ اُوفُ بِعَهدِ ڪُمَ" ويراڳي ووڙين
لَقائُون لوڙين، سامي سفر سُرتيا.

(٤)

ثي ثابت لنگھيا جوڳي جُنگ جوان
لامڪاني لوڪ ۾ موهيا ڪنهن نہ مڪان
"فَلاَ تَتَّبِعُوا خُطُواتِ الشّيطان" رکي دُرس ڏيان
امن ساڻ امان، گُر کي گڏيا ڪاپڙي.

(٥)

جيم جُدا تي جڳ ۾ جوڳي جاڳو ڪن
قرب قرابت ڪاپڙي ڇڏي هِت هلن
"فَتُوبُوا اِلي الله تَوبَةَ النَّصُوحاً" هِنيين ساڻ هٽن
منجهان پرت پڙهن، سامي سبق سڪ جو.

(٦)

حي حَلميت سڪيا سامي منجهان سِڪ
ڪري هليا ڪاپڙي لوڪ منجهارا لِڪ
"وَ اللهُ بَصِيرٌ بِمَا تَعَلَمُونُ" هڪ سان ٿيا هڪ
جيڪا پِيَنِ پِڪَ، سا پورب ٿيئِي پڌري.

(٧)

خي خرابي خود جي جوڳيڙا جالين
پهه پَراهين پنڌ جو پوربيا پَالين
"ببابل هاروت و ماروت" کي نهاري نالينِ
ڪَهَ ۾ قَوالينِ، سامي سفر سُرتيا.

(٨)

دال دنيا ۾ دادلا دَڻُڪي ڪين هلن
اَلکيا هن لوڪ ۾ چڱي چال چَلن
"فَايۡنَ مَا تَوَلوّا فَثَمَّ وَجَهُ اللهُ" اها سُڌ سلن
جوڳي جنگ جلن، پسي پورب پڌرو.

(٩)

ذال ذڪر منجهه ذوق جي رمن راتو ڏينه
هٽي آکي اک جي ناٿ نمايا نيه
"مَنۡ يَشَاءِ الِيٰ صِراطَ اَلۡمُستَقِيۡمَ" سندو محبت مينه
شڪ جو شامَل شينه، ڪپي هليا ڪاپڙي.

(١٠)

ري رهاڪو رِجَ جا جوڳي منجهه جهان
وهَن اَوسَر اَسري وسائي ويران
"اِنَّ الله بالنّاسِ لَرؤُفُ الرّحِيۡمِ" ساميڙن سامان
مَهيسِيَڪو مانُ، مليو ماهيسِينِ کي.[1]

(١١)

زي زڪواتي ذوق جا ظاهر منجهه ظهير
لڳن پورب پار جي هينئڙي اندر هير
"اِسۡتِعَنُوۡا بالصّبرو الصلواة" تابع ۾ تدبير
فنا ٿيا فقير، ويا وجودان نڪري.

---

(١) اصل، 'ماهيسيڪو مان، مليو ماهيسين ڪي'

(١٢)

سين سِيَاڪو سامِيَڙا ڪنهن سان ڪونہ رکن
نہ ڪنهن ڪوتِ ڪکوريا، نہ ڪنهن پہ پکن
"اِنَّ اللهَ مَعَ الصَّابِرِيْن" لَکيا تان نہ لَکَن
آٺي عين اکينِ، نانگا نيہ نمائيا.

(١٣)

شين شمع ڪي شب ۾ پاجهارا پارين
نانگا گس گروءَ جو نمي نهارين
"اِنَّالِلّٰهِ وَ اِنّا اِلَيهِ الرّاجعون" جيءَ ڪي جيارين
مهيسي مارين، هي جو حال هئڻ جو.

(١٤)

صاد صبر ڪي سکيا سامِيَڙا ساري
آيا عين يقين ڪي نانگا نهاري
"حَتيٰ يَلجُ الجَمَلُ في سَمِ الخِيَاط" پر اها پاري
ويراڳي واري، آنڌائين آديس ۾.

(١٥)

ضاد ضميرا ضَرَ ڪَري ويا تِتِ وَهي
جت نہ لَکا لوڪ جي اچي ڪونہ رهي
"وَ اَغْرَ قْنا الذين ڪَذَّبُوا" سوجهي ڪن صحي
ڪُوڙا ڪُور کهي، ورِدُ وجائي وِرِسِيَا.

(١٦)

طئي طمع ڪي ترڪ ڪري ويراڳي وينا
ڪيائون جڏي جيء جي چيتاري چينا
"وَ اللهُ يُحِبَّ المتطِهّرِين" محبت ۾ مينا
پورب ۾ پينا، جِڏي آسڻ آسرو.

(١٧)

ظئي ظَهِيرا ذوق جا جوڳيڙا جائي
تني ڪي گرناٿ جي واڏائي آئي
"رَضِيَ اَللهُ عَنَهُمَر وَ رَضُوَا عَنہُ" ورونهن وائي
سامِيڙا سائي، چونڊي رکن چت ۾.

(١٨)

عين عنايت نيہَ جا نانگا نور ٿيا
وڃي پورب پار ۾ پارُوڙي پيا
”اِنَّ اللهَ مَعَ الْمُتَّقِينَ“ سامِيڙن سِيَا
ڇڏي ريت ريا، وڃي گنگا گڏيا.

(١٩)

غين غمازي حق جا ڪڍَهن ڪين ٿين
سامِي سُتِي سچ جي منجهان پرت پِيِن
”كُونُوا مَعَ الصَّادِقِينَ“ اتي نِرت نئَن
لِڪَ سين لوڪ لڱن، ڪين رهايا ڪاپڙي.

(٢٠)

في فنا ۾ فوت ٿي جوڳي جُنگ ويا
جَت نہ جوڙ جهَتَ جي وڃي تتِ پيا
”سَيُدُ خِلُهُمُ اللهُ فِي رَحمتہِ“ قابو قربَ ڪِيا
نانگا نرت نِيا، رکن انهين پار جو.

(٢١)

قاف قضا جي قيد ۾ جوڳي جَڳَتر ڪن
جو وَهُ ويراڳين ڪِي سو ڪنهن سان ڪونہ سلن
”الرّاڪِعُونَ السَّاجِدُوْن“ نانگا نِت نمن
مسجدَ ڪري من، ٿين نمازي نِيہَ جا.

(٢٢)

ڪاف ڪکوريا ڪاپڙي، موهيا ڪنهن نہ مجاز
ٿيا ويراڳي ورھ جا سڀ وڃائي ساز
”وَلا تَقُمْ فِيه ابداً“ ٻُڌائون آواز
روح ۾ رکي راز، ٿيا رَسيلا رام سين.

(٢٣)

لام لاهوتي لڏي ڇڏي مڙهيون ماڳ
لايائون لڱن کي لالائي جو لاڳ
”اِنَّ اللهَ لايُضِيعُ اَجرُ المحسنين“ سامِيڙن سهاڳ
پورن پِريو پاڳ، ٿيا سُهيلا سُک جا.

(۲۴)

ميم مُجاهد حق جا جوڳي منجهہ جهان
وجي وحدت گڏيا ساڙي سپ سامان
"وَ لحافِظُوَنَ لِحُدُوَدُ اللهُ" نانگا نگهبان
وسائي ويران، گر کي گڏيا ڪاپڙي.

(۲۵)

نون نمازي نيه جا سامِيَڙا سيئي
الله اڪبر عين ٿيا ڪوڙِيَن مان ڪيئي
"اَلدُّنيا سِجَنُ لِلمؤمِن" ڏنائون نيئي[1]
اوڙڪ اُهيئي، پورب ٿيندا پڌرا.

(۲۶)

واءِ وجائي هليا جوڳي جَڳِتَرَ جوڙ
ڇڏي آسڻ آسرو وجي پهتا توڙ
"وَ اَدخُلَنَا فِي رَحَمتِنا" ٻڌي محبت موڙ
ڪوڙئين لک ڪروڙ، ڪرم ڪڪوريا ڪاپڙي.

(۲۷)

هي هدايت رسيا سامي سفر سود
مڙهي ۾ موجود ٿي ڪيو ڪاپڙين سجود
"اللهُ لطيفٌ بِعِادِهِ" وجائي وجود
نانگا ٿي نابود، وجي گُر کي گڏيا.

(۲۸)

الف آديسين کي راتو ڏينهن وِرونه
دکائين وجود ۾ ڏُوڏا اندر دونه
احسن الخالقين سهٽي سندن سونه
پاٻوهيندي مُونه، گر کي گڏيا ڪاپڙي[2].

---

(۱) اصل. ائين

(۲) اصل. ائين

(٢٩)

لا لانگوٽيا لوڪ ۾ لَڪَڻ ڪونہ لَڪِينِ
اَخۡفيٰ خيز خَفِي جا، رِجَ ۾ راز رَکِين
"وَرَضوۡا بِالۡحَيَاهِ الدّنُيا" پارِڪَ ڪو پَرکِينِ
محبت منجهہ مَڪِينِ، تيلاٽو تحقيق جو.

(٣٠)

يي يگانا حق جا ياقي ساڻ يقين
ويا وجودان نڪري مَهيسي مسڪين
"سَيَجۡزِيۡهِمۡ وَ صَفۡهُمۡ" محبت ۾ آمين
ڪَڇ ۾ ڪٽي ڪين، گر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

وائي

سامي ساز ڪٽي وو، ڪالهہ ويا هنگلاج ڏي

١. گويا گودڙين جي گنگا منجهہ گهٽي
ڪالهہ ويا هنگلاج ڏي
٢. ساميڙن ڪي سور جي، ڪا جا ڳالهہ وٽي
ڪالهہ ويا هنگلاج ڏي
٣. گر ڪي گڏيا ڪاپڙي، پني پنج ڪٽي
ڪالهہ ويا هنگلاج ڏي
۴. تيلاهون درگاه ۾، ڏُئا پاڻ ڏٽي
ڪالهہ ويا هنگلاج ڏي
۵. وڃي پورب پار ۾، ڪيائون پاڻ پَٽي
ڪالهہ ويا هنگلاج ڏي
٦. غلام محمد دوست جي، بَڌِي تن تَٽي
ڪالهہ ويا هنگلاج ڏي.

داستانو نائون

(١)

صَنَم ساڻ سَمُن، سدا سناسين جو[1]
تَرڪ ڪيائون تڪيا، ڏيل ڏنائون ڏن
نڪا طلب طعام جي، نہ تڳا تاري تن
"ڪُلُّ مَن عَلَيها فَاني وَيَبقيٰ وَجہ ذُوالجلال
والاڪرام" باقي ڪين بچن
اهڙن اهجاڻن، آديسي هن ديس ۾.

(٢)

نڪو ساہ صَنَم ڪي نہ جوڳين جُسا جيءِ
"وَ نَهي النَّفسَ عَنِ الهَويٰ" ويراڳيڪو ويءِ
سَنگ سِيَاڪا سِيءِ، سدا سناسين ڪي.

(٣)

'مون' 'تون' ڇڏي ماٺ، ڪري ويٺا ڪاپڙي
تَسيا ڏيئي تن ڪي، ڏند ڀڳائون ڏاٺ
اَرو ۽ اَٽاٺ، سَمَرُ سامِيَڙن جو.

(٤)

پَهَر نہ پِنن ڪاپڙي، نہ گويا پچن گام
بيڪاري بَرن جا، تسيا سندن طعام
نڪا ڪاڻ ڪفر جي، نہ آسائو اسلام
مَهيسي مُدامَ، سُوَالي اَلَسّت جا.

(٥)

گنجا پڇن نہ گودڙيا، نڪا پَهَر پچار
رهن انهين راڄ ۾ جتي ڏيهہ ڏڪار
اتي وارو وار، پرت پڻِن ٽا ڪاپڙي.

(٦)

گنجن ڪيو غرق، گُر جَني جو گام ۾
سي ڪندا ڪين ترڪ، تَن تَنبيرا تَن سين.

---

(١) اصل. 'صنم ساڻ ثمن'

(٧)

گنجن منجهان گس، هلي تو هنگلاج ڏي
وڃائيج وجود مان، راڄ رَسمي رس
تسيا ڏيئي تن کي، چَڪج چوکي چس
ڏيهه ڏورانهين ڏس، پڇي پورِج ڪاپڙي.

(٨)

تُنّبيرا تسبيح، پڙهي پُرجهن پاڻ ۾
تَحلِيل ڪيائون تکيا، ڇڏي قرب قبيح
سائِي سِڪ صريح، سدا ستاسين ڪي.

(٩)

ڪن مڙهي ۾ مات، سامِيڙا سَرير ڪي
”فَاصۡبِرۡ لِحُكۡمِ رَبِّكَ“ وائي ڪر نہ وات
پڇي باسڻ سَڌ جا، ڇڏ تَڪيي جي تات
جانِ تون هِت حيات، تا تون هُت نہ اُپهين.

(١٠)

مڙهي ڪين لڄاءِ، سامِيڙا سرير سين
لالائي لاهوت جي، لِڱن متي لاءِ
هڻڻ سندي حال سين پير نہ پورب پاءِ
وحدت کي وجود ۾ واڄڻ جيئن وڄاءِ
تهان پوءِ پيندياءِ، پرت پَراهين پنڌ جي.

(١١)

مڙهي ۾ تو عيب، 'مون' مهيسي مارِيين[١]
اَعليٰ اُلُوهيت ۾ لاهُوتي لارَيب
نَفِي نام نشيب، ڪري هلن ڪاپڙي.

(١٢)

من مڙهي ۾ مار، مهَيسي سَرير جو[٢]
”اَلصَّبۡرُ مِفۡتَاحُ الۡفَرَحِ“ وائي وات نہ وار
تهان پوءِ توار، پُڌين آديسين جي.

---

(١) اصل. ”مڙهي مي تون عيب مون ماهيسي فَارِيِيٰ“
(٢) اصل. ماهيسي

وائي*

ڪانوڻيا ڪن ڪاڻ، ڪالهہ ڪَهِي ويا ڪاپڙي

١. هليا پورب پار ڏي سونهان سُوڌ سَنُواڻ
ڪالهہ ڪهي ويا ڪاپڙي

٢. ويراڳي ويران منجهان، وٺي وِيڙا واٽ
ڪالهہ ڪهي ويا ڪاپڙي

٣. بابوڄي بُرهان ۾ دونهاڻيا نہ دونهاٽ
ڪالهہ ڪهي ويا ڪاپڙي

٤. دونهي درد فراق جي لڳي منجهہ لڙاٽ
ڪالهہ ڪهي ويا ڪاپڙي

٥. غلام محمد محبن جي چَڪي چست چپاٽ
ڪالهہ ڪهي ويا ڪاپڙي.

---

* اصل ۾ هيءَ وائي، مٿي 'ذال' واري بيت (نمبر ١٥) کان پوءِ لکيل آهي.

سر ڪيڏارو

داستان پهريون

(۱)

آئِي امامن تي قادر جي قضا
مجي رَبّ رضا، شير شهادت رسيا.

(۲)

شير شهادت رسيا شهزادا امام
عرشن تي اُچنگار ٿي، مَلڪن ڪيو ماتام
پُنا قول قيام، ڪربلا جي پڙ ۾.

(۳)

ڪربلا ۾ ڪوڪ، آئي شهزادن جي
ماريا مير ملوڪ، ياراني يزيد جي.

(۴)

مَلڪَن ۾ ماتام، ٿيو شهزادن جو
ڪاري ڪربلا ۾، قائم ٿي قيام
مديني جا ڄام، ور وسيلا واهرو.

(۵)

هَي هَي ڪيو هاء، هرڪو هٽي هٽڙا
ڪربلا قيام ٿي، امامن جي لاءِ
پٽن منجهه پيا، لاشا شهيدن جا.

(۶)

موٽ محمّد ڪارٽي، نانا نور خُدا
ڪربلا قيام ٿي، ڪري جان جُدا
محشر ڪيو مُدا، اڄ اڄوڪي ڏينهڙي.

(٧)

موٽ محمّد ڪارڻي، نانا پاڪ رسول
مٿا شهيدن جا پيا ۾ چؤسول
پوي مانَ قبول، شُهَدُوَ شهيدن جو.

(٨)

موٽ محمّد ڪارڻي، نانا نبي نُور
ڪربلا جي پٽ ۾ ڪُسڻ ڪُوپ ڪلُور
حاضر ٿيو حضور، مرسل معصومن تي.

(٩)

موٽ محمّد ڪارڻي، نانا نوراني
قيامت جي ڪوپ جي آئي نيشاني
ڪيو احساني، مرسل معصومن تي.

(١٠)

موٽ محمّد ڪارڻي، هيٺن حمايت
ڪربلا قيام تي، ريلا وُڙها رت
وَهُلو وئي فرحت، پُنا قول قيام جا.

(١١)

موٽ محمّد ڪارڻي، واهر وسيلا
ڪربلا جي پٽ ۾ هلي ويا حيلا
رهبر رسيلا، سگهو رسيج رڻ ۾.

(١٢)

ور وسيلا واهرو، بابا علي شير
ڪربلا جي پٽ ۾، اچي پيا پير
پيو اڪاري ڪير، ترارن جي تِڪ مان.

(١٣)

ور وسيلا واهرو، بابا علي شاهه
ڪربلا جي پٽ ۾ بري پيئي باهه
جاٽي هيڪ الله، تڪائي هن تيغ جي.

(١٤)

ڪاتي ڪاپو ڪوڙيو، ترارن تيزي
خنجر خان ڪِرائيا ڪري خونريزي
تپش تبريزي، آئي امامن تي.

(١٥)

شهزادا شهيد ٿيا، مانجهي مرد مٿير
هَي هَي ٿيو انڌير، عليءَ جي اولاد سان.

(١٦)

شهزادا شهيد ٿيا، اولاد علي شاهه
ڪربلا قيام ٿي رائو روهه سياهه
واحد وٺي واهه، شادي شهادت جي.

(١٧)

شَملا شهيدن جا رتا لال رتول
پيا رائي رڻ ۾ لوهُوءَ هاٺا هول
مٿا پائي جهول، سُتا شير شهيد ٿي.

وائي

ڪيتا ملڪين مِل ماتام، شاهه حسين شهيد ٿيا

١. ڪربلا وچ ڪوپ ڪسڻ دا، قائم ٿِي تہ قيام
شاهه حسين شهيد ٿيا
٢. ڪالي ڪپڙي رت رنگيلُو، هول ڪپيين صمصام
شاهه حسين شهيد ٿيا
٣. نال امامين ڪيڏا ڪيتا، ڪُوفي قهر قِمام
شاهه حسين شهيد ٿيا
٤. آکي 'غلام' امام سونهاري، ناحق ٿئي قتلام
شاهه حسين شهيد ٿيا.

داستانو ٻيو

(١)

ڪربلا جي پِڙ ۾ پيا لال لُڇڻ
ماتم ڪيو مَلڪن، ڏسي شهيدن ڪي.

(٢)

گهوڙا تن گهوٽن جا، نَرياڻِي نيلا
ڪربلا جي پِڙ ۾ ڪن حيراني حيلا
وِيُنِ وسيلا، ٿيا حوالي رِڻ جي.

(٣)

گهوڙا تن گهوٽن جا رَتا رائي رت
متارا ميدان ۾ رکي سورهيه سَت[١]
پوري ڪري پت، ٿيا حوالي رڻ جي.[٢]

(٤)

جهيڙو امامن سان لاهي ڇڏ يزيد
اعليٰ آل رسول جو سورهيه سونهن سعيد
مرڪي ٿيءُ مريد، موڳا مرشدن جو.

(٥)

جهيڙو امامن سان لُچا لاهي ڇڏ
متان تنهنجي هڏ، پوي ڪَرٽ قهار جو.

(٦)

جهيڙو امامن سان يزيدن ڪيهو
روحن ڪي ريهو، مِيلو مَلاحَت جو.

(٧)

ڪربلا قيام ٿي، پاڻي ملي نہ پاء
سختي شهادت جي آئي تنهن مٿا
قادر جي قضا، آٽي ڪنا ڪوڙيا.

---

(١) اصل. ائين

(٢) اصل. پوري ڪري پرت

(٨)

ڪربلا قيام تي متان تِڙڪو تِڪ
تڪائي ترار جي ويسند ڏي نہ وِڪ
لحظو لهي نہ لِڪ، سختي تنهن سڪرات جي.

(٩)

ڪربلا قيام تي مٿان تتو ڏينه
وٺو امامن تي مماتي جو مينه
شهادت جو شينه، آيو شهيدن تي.

(١٠)

ڪربلا قيام تي رِڻ وُٺو رائو
نيزن نوڪون ڪوڙيون ترارن تائو
مَلڪن امامن ڪي ويس ڏنو سائو
سائين سٽائو، ڪندو ساٿ سيّد جو.

(١١)

ڪربلا قيام تي وُٺي رڻ رَئي
مُنهن ۾ ملوڪن جي ريلا رت پئي
هَي هَي هاڪ هنئي، ڪربلا جي پڙ ۾.

(١٢)

ڪربلا جي پڙ ۾ رُڪ لَڳا روهِي
ڪاپو ڪَنن ڪوڙيو مَلڪن اندوهي
مَلوڪن موهي، ملي مَلاحت جي.

وائي

امامين ڪون مَلڪين ٻڌڙي موڙ
شهيدين ڪون مَلڪين ٻڌڙي موڙ
١. ڪربلا وچ آئي ڪوپي، سُهٽيان سيڄان چوڙ
امامين ڪون ملڪين ٻڌڙي موڙ
٢. ٿئي مقابل نال امامين ڪوفِي جِنسَ نہ جوڙ
امامين ڪون ملڪين ٻڌڙي موڙ

۳. ڪالي مُنهن تي ڪوفِي ويسن تحت ثريٰ وچ توڙ
امامين ڪون ملڪين ٻڏڙي موڙ
۴. غلام محمد مرسل مليا، سخت لڳي سڀ سوڙ
امامين ڪون ملڪين ٻڏڙي موڙ

داستانو ترئو

(۱)

مُنهن ۾ ملوڪن جي رت ڏنا ريلا
رتيون پاڳون رت سين مُلهاتا ميلا
ڪَني جا ڪيلا، آيا امامن تي.

(۲)

منهن ۾ ملوڪن جي ريلا ڏنا رت
ڪربلا قيام تي، انت نہ پوي اَت
مَلڪن موڙهي مت، قادر جي تقدير ۾.

(۳)

منهن ۾ ملوڪن جي گهاتا لڳا گهاء
ڪربلا قيام تي وُتو ڏُنڌ اونڌاء
آڳي ڪي آگاھہ، سيا ڏوھہ ثواب جي.

(۴)

شربت شهادت جو امامن پيتو
ڪِردارن ڪِيتو، اڇي يزيد ڪي.(۱)

(۵)

شربت شهادت جو پيتو امامن
ماتم ڪيو ملڪن، ڏسي سو مشاهدو.

---

(۱) اصل. ائين

(٦)

لاها شهيدن جا رڻ پيا لٽڪن
مٿا امامن جا ڪيرا ڪيا ڪنن
وينا رت روئن، مُرَسَل امامن تي.

(٧)

لاشا شهيدن جا پڌر پٽ پيا
رَتيون رائي رت سين ڏاڙهيون ڏيھہ ڏيا
ڪَني ڪاپ ڪِيا، ڪربلا جي پٽ ۾.

(٨)

لاشا شهيدن جا پڌر پيا پَٽ
رتا رائي رت سين جي هيراڪو ڪٽ
اَمُل ماڻڪ مَٽ، مور نہ ٿيئي تن جو.

(٩)

معصومن تي مامرو آندو يزيدن
ڪربلا جي پٽ ۾ ڪوڙيو ڪوپ ڪَنَن
وينا رت رئن، ساريو سگر پانهنجا.

(١٠)

معصومن ماتام، ڪربلا جي پٽ ۾
موٽ محمّد ڄام، نانا نور اسانهنجا.

(١١)

ڪربلا جي پٽ ۾ رت ريلا رڻ روءِ
هلي شهادت جي هنڌين ماڳين هُوءِ
جي ڪٿوري خوشبوءِ، سي رتا رائي سين.

(١٢)

ڳجھہ ڳورانيو ڇڏ، مُني امامن تان
پاَڻ تني سان گڏ، مرين هن ميدان ۾.

(١٣)

ڳجھُون ڳهليءَ ڳَت، ڇو ٿيون ڳورانيا ڏيو
قَضيو امامن جو ٿيو هاڻ سٿَت
شهادت جو رت، اڃان ٿو ريلا ڪري.

(۱۴)

ٻُجهون شال ڳرو، چو ٿيون ڳورانيا ڏيو
ڪربلا جي پٽ ۾ پوي ڪونہ پرو
وجي چونہ مرو، مُنيون امامن سين.

(۱۵)

ٻُجهون ڳرو شال، ڪُسي وڃنوَ ڪنپ
دين دنيا جا ٿنڀ، ٿيا حوالي رڻ جي.

(۱٦)

ٻُجهون ڳرو شال، وڃنوَ ڪنپ ڪُسي
ماڪرون امامن جون ويئيون ماڳ مُسِي
ويئي ڪانہ ڳُسي، قضا جا تقدير جي.

وائي

پائي پٽيءَ پارس پير، شير شهادت ڪي رسيا
۱. اعليٰ آلِ رسول سچي جا، ظالم ڪيڙا زير
شير شهادت ڪي رسيا
۲. ڇڏي دين ايمان منافق، واري ويٺا وِير
شير شهادت ڪي رسيا
۳. ساڻ امامن ڪيڏا ڪيڙا، ظالم دزد انڌير
شير شهادت ڪي رسيا
۴. مير شهيد شهادت رسيا، مانجهي مرد مٿير
شير شهادت ڪي رسيا
۵. غلام محمد آل نبي جي ڪَلبَ پروڙي نہ ڪير
شير شهادت ڪي رسيا

داستانو چوٿون

(۱)

’ڪُوفي لاَصُوفي‘، آچو ڪونہ چوينِ
پيرن منجھہ پوينِ، نِيَرُ دھرو دوزِخي.

(۲)

’ڪُوفي لاَصُوفي‘، اندر ڪاري رنگ
ٿيا يار يزيد جا رکي ناحق ننگ
تَحت ثَريٰ ۾ تنگ، ويندا پينُو پيڙجي.

(۳)

’ڪُوفي لاَصُوفي‘، اندر ۾ ڪارا
ياراني تہ يزيد جي نيا حاوِيۂ هچارا
محشر مُنهن ڪارا، ٿيندا يزيدن جا.

(۴)

ڪوفين قهر ڪيو لکي ڪوڙو خط
اسين تابع تنهنجا ڏني اسان بيعت
حامِي ٿيو مَدثُ، مُرشد مريدن جا.

(۵)

ڪوفين قهر ڪيو، لکي خط ڪوڙو
ڏسي ڪوڙي خط کي صاحب وسوڙو
هَي هَي سنيوڙو، ٿو وجي دشمن سامُهون.

(۶)

مديني جي شهر مان چڙهيو شاه حسين
اچي پين رَين، پهرين رائي رڻ ۾.

(۷)

مديني جي شهر ۾ اچي پيو ماتام
هي هي شاهہ لڏي ويو، ڪري ڪاري قيام
مِنو مير امام، ٿو وجي دشمن سامهون.

(۸)

مديني جي شهر ۾ روج پيو راڙو
پٽيو سيڪنهن پاڻ ڪري مٿو اگهاڙو
هَي هَي آوازو، سفر شاهه حسين جو.

(۹)

مديني جي شهر ۾ واويلا وائي
پٽيو سيڪنهن پاڻ ٿي وجهي مُنهن ڇائي
قضا ڪا آئي، مُحڪم امامن تي.

وائي

ڪا جا آئي قضا، شاهه مَني اي رضا

۱. آل علي دِي، دار دنيا دا، ڇوڙيا ذوق مزا
شاهه مني اي رضا

۲. ڪربلا وچ پاڪ پياري، غازي ڪَرن غذا
شاهه مني اي رضا

۳. ڪوفي ويسن دوزخ دي وچ، ڏيک ظلم دي جزا
شاهه مني اي رضا

۴. غلام محمد نال امامين، لهسين سِڪدِي سَزا
شاهه مني اي رضا

سر ليلان چنيسر

داستانو پهريون

(۱)

والي وارث وَلَها لائق لَيارِي
ڏي ڪو پاند پناھ جو ڍَڪي ڍيلارِي
دل ڪي دلـداري، دِلانَ ڏي ڪـا داسِڙا.[۱]

(۲)

ڏي دلاسو داسِڙا، ويچاريءَ واري
روئي هنجون رت جون ويٺي جَر هاري
سيئي ٿي ساري، ساڳيا سک سَرير ۾.

(۳)

آيم ڏک ڏهاڳ جو، ٿيم ڏُهيلو ڏيل
ويئي وجودان نڪري ساڳي سِک سبيل
چنيسر جو سِيل، پيڇم تان پُلڪار ٿي.

(۴)

هَي هَي ڪِيو هاءِ، هاڻ هٽان ٿي هٽڙا
مون ڪي مڪارن جو پيو ڪونہ سَمَاءَ
لِکيو جو قلماءَ، لوڙيان ٿي لِيئورَ ۾.

(۵)

هَي هَي ڪيو هاڻ، ويٺي هٽان هٽڙا
هن وَڙائتي وَر جي تن ۾ تاٽو تاڻ
ڄام چنيسر ساڻ، ميلو ٿيندو ڪَڏهين.

---

(۱) اصل. هِت توڙي هيٺ 'دانسڙا'

(٦)

مون کي حُجَّ هلاڪ ڪيو، ويساهي وينياس
چڏي وارث وَلَهو هَارَ، پُنيءِ پيئياس
چيتاري چينياس، ڪؤنرو ڪِينرَ قرب جا.[1]

(٧)

مون پانيو مون وَس، آهي وارث منهنجو
مور نہ ڪندو ڪڏهين پنهنجو ڏور ڏَرَس
وِيرا وير سَرس تيندي صحبت سُکَ جي.

(٨)

مون پانيون مون وٽ، هوندو وارث منهنجو
ڪندو ڪين ڪريم تي عيب صَواب اُپٽ
محبت سندو مَٽ، بخشيندو بدڪار کي.

(٩)

مون پانيو مون ساڻ، هوندو وارث منهنجو
ڪين ڇڏيندو ڪڏهين پلؤ لاهي پاڻ
ڏوڙا ڏيندو ڏاهَ کي وڏائي جا ڏاڻ
مون کي پنهنجي پاڻ، پيري هنيو پُونءِ تي.

(١٠)

مُڙسن سان ماٽا، متان ڪا مُنڌ ڪري
"اَلرِّجَالُ قَوّامُونَ عَلَي النِسَّاءِ" زور نہ زالاٽا
صاحب سيباٽا، سدا سالم سَنَرا.

(١١)

مون ۾ عيب اَپار، ليڪيان ليڪو ناهِ ڪو
ڪٽي ڪٽان ڪيتريون بديون بيشمار
ڍڪج ڍڪٺهار، انگ اُگهاڙي آهيان.

(١٢)

چنيسر جي چِت ۾ چڱيون چڱايون
مون ۾ لَڱايون، ڳَٽي ڳٽيان ڪيتريون.

---

(١) اصل ۾ هت توڙي هيٺ 'ڪئرو'

(۱۳)

ڏول ڏِلايون ڏَڪ، ڏيئي پاند پناہ جو
مون کي ڪيو پانهجي عقل عاقِي ڪَڪ
تيلاهون فلڪ، وِڌي فوج فراق جي.

وائي

مون کي آهي تڳا هِت تاري
تهدل تنهنجي توہ جي
۱. لوڏج ڪيم لِيئوڙَ مان، وارث ويل ويچاري
تهدل تنهنجي توہ جي
۲. عين ٻري آهيان، بخش بديون بيشماري
تهدل تنهنجي توہ جي
۳. جدائي جي جيءَ ۾ وينِي وسايان واري
تهدل تنهنجي توہ جي
۴. ڳِڻن ڳوپي اڳ ۾، آهي ڳچي ڳل ڳاري
تهدل تنهنجي توہ جي
۵. غلام محمد مُنڌ کي دوست ڏِهو دلداري
تهدل تنهنجي توہ جي

داستانو ٻئو

(۱)

مَٽيي وڏو مــچ ۾، حــاوي هنيو هــار[1]
ڪامان ڪوري وچ ۾ لُوءَ لُوءَ اُلان لار
مدايون معافي ڪري ٻرِي آءُ ٻتار
ٺاڪُرَ اڪينِ ٺار، ڪر ڪو غور غريب جو.

---

(۱) اصل، هاوي هيو

(٢)

مٽيي وڏو مچ ۾، حـاوي هـارِ هَنياس[١]
آرزُوَ زيوَر جي ڪاٽياري ڪِياس
هاٽي تان ٽياس، لڄي هن ليئور ۾.

(٣)

مٽيي وڏو مچ ۾ حاوي هار هنيو[٢]
مون تانِ پنهنجو پاڻ سان پاٽهي پاڻ ڪيو
ڪيم چُست چيو، هِن نِجاسي نَفس جو.

(٤)

ڪچو ڪم ڪيوم، وِرِسي وِڪيُمِ وَر ڪي
اوپالو آياڳ جو اچي پيش پيوم
حاوي هار هنيوم، مٽيي وڏو مامري.[٣]

(٥)

ڪَسيري جي ڪم تي ڏنم لک ڪروڙ
سُڄي سهاڳڻ تي ڪٽ ڏهاڳڻ ڏوڙ
رسي سختي سوڙ ڏوڙي لک ڏهاڳ جي.

(٦)

مَٽا مُور نہ ڪَن، وَرَ تي وَرن واريون
ماڻڪ موتي ڪانڌ تان گهوري گهورون ڪن
مَر سيئي مَرڪن، جي وِهن وَرن سامهون.

(٧)

ليلان لَکَنَ پانهنجا سارج سيپيئي
ٻُڪي پنهنجي هٿ جي هٿان تو پيئي
سمورا سيئي، آيا مهڻان منه ۾.

(٨)

ليلان لَکَڻ پانهنجا وڃايا تو سيپ
ڪري ڪونہ جهان ۾ ڪُوڙي ڪار اَليپ
عَرش زمينون اَپ، تُهِمتي تو ڏاهَ ڏي.

---

(١) اصل. هاوي
(٢) اصل. هاوي ..... هيو
(٣) اصل. هاوي

(۹)

مٺيي تي تو مَنّيو مُنّي پنهنجو وَر
ايڏو ڪري ڪانہ ڪا عورت روز زَبر
ڏيان چنيسر ڄام ڏي ڏُران ڏرِ
زري زيوَر زَر، صدقو تنه سردار تان.

(۱۰)

مٺيي تي تو مَنّيو مُنّي پنهنجو ڪانڌ
رُلي ٻيانِّيي راند، چاءِ چنيسر ڄامَ جو.

(۱۱)

ڄال چنيسر ڄام جي سيو سُک سهاڳ
آٺي جنهن تي آر تو پِري تنهن جو ٻاڳ
ڏسي ڏک ڏهاڳ، جا سهاڳڻ سُک جي.

(۱۲)

ڄال چنيسر ڄام جي سيوئي سينگار
مَرُ سا مَرڪي لوڪ ۾ آٺي جنهن تي آر
ٻُلي تي ٻُلڪار، ڏُران ڏري داسڙو.

(۱۳)

توکي ويسَهُ وِيسري وارث منهنجي وَسِ
مَتي مَتا وڪري رَهيو ايندو رَس
ٻائِڻ توکي بَس، پِيري هنيو پونءِ تي.

(۱۴)

توکي ويسه وِيسري وارث منهنجو حال
متي متا وِڪري ڪندو ڪانہ مَقال
تيلاهون وِصال، چني چِڏيو داسڙي.

(۱۵)

توکي ويسَهُ ويسري وارث منهنجي هَٿ
مَتي مَتّا وِڪري ڪانہ ڪندو ڪا ڪَٿ
اِهو آر اَرَٿ، مُور نہ وٺي وَر ڪي.

وائي

آهي چڱي سڀ چال، ڄام چنيسر جي چت ۾

١. تون ئي ڏاران داسڙا روئي وڃايم حَالَ
ڄام چنيسر جي چت ۾

٢. لَهِج لال لِئور ۾، صاحب منهنجي سنڀال
ڄام چنيسر جي چت ۾

٣. تهدل تنهنجي توه جا، ڀانيان ڀلايون ڀال
ڄام چنيسر جي چت ۾

٤. وارِ پريان جي پار جو والي وارُ وِصال
ڄام چنيسر جي چت ۾

٥. غلام محمد مُنڌ کي ڪِئڙو قرب ڪنگال
ڄام چنيسر جي چت ۾

داستانو ٽرئو

(١)

وَر ولِهي جا وَلَها، والي مُلڪ ليئور
ڏُتاري ڏوتِي نيو توکي منهنجا مور
ڪؤنرو ڪري ڪور، ويئي مون معذور ڪي.

(٢)

تنهنجي مون رِيءَ ٿي سري، منهنجي سري نہ مور
تيلاهون معذور، دانهون ڪري داسڙا.

(٣)

تو وهيٽيون ڪيتريون، تون نہ وهيٽو ڪَنِ
ڏي دِلاسو داسڙا واري ويچارين
ماريون جي مَڪَرنِ، سي ڪيئي ڇڏين سِڪ ۾.

(٤)

مون کي ڏک ڏھاڳ جِي، لُوءَ لُوءَ لڳي آڳ
ڪؤنرو منهنجي قرب جو پيري پڳو پاڳ
ڏي کو سُک سهاڳ، ويچاريءَ کي وَلَها.

(٥)

مون کي ڏُک ڏھاڳ جو لُوءَ لُوءَ منجھ لڳو
ڪؤنرو منهنجي قرب جو پيري پاڳ پڳو
لِکئو لوحَ لڳو، قابو ڪانُ ڪپار ۾.

(٦)

تو دَر چڏي داسڙا وڃان ٻي ڪنهن دَر
تون تان منهنجو وَلهو والي وارث وَر
لهج ڪميٽي ڪر، لائق هن لِئور ۾.

(٧)

تو در چڏي داسڙا وڃان ڪيڏاهين
جيڏه تنهنجو تڪيو تانگيان تيڏاهين
تهدل تون آهين، وارث منهنجو وَلَها.

(٨)

توريءَ ساريان ڪونه تي ڪنڏي ڪنارو
ٻُڏيس ڏُک ڏھاڳ ۾ وَري ڏي وارو
ڍِليءَ تي ڍارو، ڍارج ڍولَ پناه جو.

(٩)

تو وٽ وارث وَلَها لکين ليلائون
ڏسان ڪونه جهان ۾ تو جيهو آئون
سِيهي سين سائون، ڏنم سون هٿن سان.[1]

(١٠)

توسان رکن ڪيتريون سِياڪَت سيهو
ڏسن ڪون جهان ۾ جانِي توجيهو
ڪاٽياري ڪيهو، رکي آرو قرب جو.

(١) اصل. "سيهي سي سائ"

(١١)

حاجت ناهه حُجت جي چامر چنيسر ساڻ
نڪا 'مون تون' هُت هلي، نڪا ڪنهن جي ڪاڻ
پارس پنهنجو پاڻ، پرچي پالوڻن ڪري.

(١٢)

نڪا حاجت حَجَ جِي، نہ دَعويٰ دليلن
آهي پنهنجو پاڻ ڪي اولو عليلن
خِجلو خَليلن، ڪؤنروءَ جي ڪِردار جو.

(١٣)

ڪُڏي پنهنجي ڪانڌسين'مون تون'ڪَامَ ڪري
اگلي سگلي حال جو ڏُران ڏيان ڏري
ڍارو ڍول ڍَري، نماڻيءَ جي نِجهُري.

(١٤)

پنهنجو ڪَرُ متي ڪري، ليلان ٻانهہ مَ لوڏ
توسان هَڏي هوڏ، ڪؤنرو رَکي ڪَڇ ۾.

(١٥)

ليلان لُڏِي لاڏ ڪري، مُني مُور مَ هل
وڙهِي وچي ويسرِي گهَر ۾ گهوڙن گهل
وَڏِي فوج اَحَل، ڪؤنرو رکي ڪَڇ ۾.

(١٦)

ڪؤنرو تنهنجي هنج ۾ وينو ويني هار
رکي سُڌ سَرير ۾ ڪرين ڪوهُ قرار
متان تو ڀتار، مٿيي تي نِي مَٿ ڪري.

وائي

والي ڪيم وسار، پنهنجو ننگ نهار
مون ڏي وري آءُ وَلَها
١. پاڻ ڀَلائي پانهنجو، ڀيرو ڪج ڀتار
مون ڏي وري آءُ وَلَها

۲. جي اچين هِن ماڳ ۾، صدقو ٿيان سؤوار
مون ڏي وري آءُ وَلَها
۳. مهڻن ماري آهيَان، موٽ چنيسر يار
مون ڏي وري آءُ وَلَها
۴. ڪُر لڄايم پانهنجو، هَي هَي هاريس هار
مون ڏي وري آءُ وَلَها
۵. ڏوه ڪهين کي ڪو نڪو، قلم لکيو هو ڪپار
مون ڏي وري آءُ وَلَها
٦. غلام محمد مُئيءَ ڏي، آهن حرف هزار
مون ڏي وري آءُ وَلَها

سر ڏهر

داستانو پهريون

(۱)

وَڻ وِلهاڳُو وِيءِ، تو ڪيئن سَري سج ۾
بيٺو آهين بانٺ تي رِڃَ ۾ ريجي رِيءِ
جوڙي تنهنجي جيءِ، سُري سوراخا ڪِئا.

(۲)

وڻَ وِلهاڳُو ويڙ، تو ڪيئن سَري سج ۾
نڪا تَرهل تازَڪِي، نڪا ڇَنن ڇيڙ
بيٺو آهين بر ۾ مٿي ڏرتي ديڙ
هن ڪر ڪوڙا ڪيڙ، گَرِي هيٺ گنوائيا.

(۳)

بيٺو آهين بر ۾، وڻ وِلهاڳُو وِير
نڪا ترهل تازَڪِي، نڪا سائِر سِير
تتي تو تاثير، سڪي ويندو سج ۾.

(۴)

بيٺو آهين بر ۾ وڻ ولهاڳو وس
نڪو پاٽي پٽ ۾، نڪو گهاري گس[1]
تو مان ريجو رس، سڪي ويندو سج ۾.

(۵)

ڪنڊا ڪاريءَ ڪَر، بيٺو آهين بر ۾
جت نہ آب عَميق جو، نڪي ڇَنُون ڇَر
تتي تنهنجو تر، سڪي ويندو سج ۾.

---

(۱) اصل. گاري گس

(٦)

ڪنڊا پاڙ م پاءِ، هن اَسارِيءَ سچ ۾
واڍا تنهنجي لاءِ، وتن نِيَچ نوان ڪِيو.

(٧)

ڪڪا پن ٿئاءِ، ٿامن ٿهڪن چِڏيو
وَهِي ويل وِياءِ، چِلُون چوڏن چِڏِيُون.

(٨)

ڪنڊآ ڪاري ڪاٺ، بيٺو آهين بر ۾
اَرئو منجهه اَٽاٺ، سُڪي ويندُون سچ ۾.

(٩)

ڪنڊا کهڙي سانگ، بيٺو آهين بر ۾
ڪارا توتي ڪانگ، وينا آڪيرا ڪري.

(١٠)

ڪنڊا ڪاري رنگ، بيٺو آهين بر ۾
اُڏوهيءَ جا ڏنگ، لڳا تنهنجي تن ۾.

(١١)

ڪنڊا ڪاري روءِ، بيٺو آهين بر ۾
لڳو روبروءِ، سُرو تنهنجي سِرَ ۾.

(١٢)

اَڏوهي اوڏا، آندا تو ۾ تَڪِيَا
سُري سوراخا ڪئا جِڏائي چوڏا
لامن ڪي لوڏا، آيا ڏوڙي ڏک جا.

(١٣)

هڪ ٻئي ساڻ رفيق، ڪنڊا ٻُبَر ٻيريُون
متي آب عميق، ٻهڪن ٻيلا ٻاجهه سين.

(١٤)

تِتِر ڪِيمَ توار، ڏي تو باز بَوالِيُون
متان ڪهين وار، شاڪِل ٿيئي شِڪرو.

(١٥)

تتر تنهنجي ڪاڻ، باز وتن ٿا بڪئا
ڪيم اُڏامج ڪيڏهين ڪڍي پنهنجو پاڻ
متان توتي پاڻ، لڳي ڪو شهباز جو.

(١٦)

چَپي چُوٽو چُنبِ، تِتِر توکي ٿو چوان
ونيو تنهنجي ڪُنبِ، باز وتن ٿا بڪئا.

(١٧)

لَغڙ لُوهُون ڏي، تتر توکي تڪيو
چَپي پئو پُوڙن ۾، چُوٽو چوڳ چڏي
متان ويل وڏي، ڪٽي وجي ويڙ مان.

(١٨)

ڪتا وڄ هَٽي، ٻَهُڙا ٻاجهہ ڪري
چڏي گس گهٽي، ٿي ڏورانهون ڏوسِيَا.

(١٩)

ٻَهُڙو ڪري ٻاجهہ، گيوَر گِري آئيو
وات وجهڻ جا واجهہ، وڏا وجهي جيءَ ۾.

(٢٠)

گيوَر گِري آئيو سامهون ڪر سَڄ
ڏوران ڏيئي وڄ، پاسو تنه پليت ڪان.

(٢١)

ڪتا ڪارِي ڪَنبِ، ڦَٽيا ڦاڙ ۾ ڪپڙا
ماهو مُور مَر مَنبِ، ڏاڙهڻ ڪارڻ ڏيه جي.

وائي

منهنجو ساهُ سَلهاڙيو ساڻِ، وِجي ويڙ وَٽانَ ۾
١. چڏي هن ينپيور ڪي، هلي ڏونگر ڏوريان ڪاٽن
وجي ويڙ وٽانَ ۾

۲. ساعت سک نہ ساريان، منهنجو تن ظفيليو تاڻن
وجي ويڙِ وٽان ۾
۳. پَهري پُور پريت جو، اچي پَہ پئو کو پاڻن
وجي ويڙِ وٽان ۾
۴. آلون آتش عشق جون، سيني ۾ نہ سماڻن
وجي ويڙِ وٽان ۾
۵. غلام محمد مام ۾، سهڻي سونه صليب سيباڻن
وجي ويڙِ وٽان ۾

داستانو ٻئو

(۱)

لاکا لَکِي چام، عالَم تنهنجي اسري
عاصي عِصيانن جا ساري آيا سام
کامل ڏينهن قيام، پار لنگهائج پَکَڙا.

(۲)

لاکا لک چمار، کر کو غور غريب جو
سونه پِرئا سردار، عالم تنهنجي آسري.

(۳)

لاکا لکِي لال، کر کو غريب جو
انگ اگهاڙي آهيان اوڏ اگلِي حال
کامل قريب کمال، کِج کي کوڏارِن تي.

(۴)

لاکا لکيءَ لوڏ، کر کو غور غريب جو
پکا پاڙي تنهنجي آڏي وينا اوڏ
کوڏارِن جا کوڏ، صاحب تنهنجي آسري.

(٥)

اوڏا آڱلي آهِيان، ڪوجهي ڪاري روءِ
مون ۾ مِٺيءَ بوءِ، ڏوري ڏاڏاڻن جي.

(٦)

اوڏا اَڌُوهِي آهِيان، مٺيءَ پَريي مُنَهَ
سوڳنڌُ آهي سُنه، لائق لاڏاڻن جي.

(٧)

لاڪا توتي لڄ، هن اڱِلي اوڏ جي
منهنجو عيبن ڪج، تون سَرَ آهين سَڏرو.

(٨)

لاڪا تنهنجي لڳ، ڪڙيون ڪوڏارن جون
اوڏ اڱلا اڳ، توکي پرتا پَڳ- ڏٽي.

(٩)

لاڪا لڄ رکيج، انگ اگهاڙي آهيان
پارس پاند پناه جو اوڏڻ اوڏو ڏيج
ميرا مَلهائيج، ڍڪي ڍول ڍلائيون.

(١٠)

نہ مون حال نہ قالُ، نہ مون صورت سڦري
نہ مون عمل مال، نہ مون نِيّت نِمُرِيَ.

(١١)

لاڪا تو وٽ لک، صاحب حسن واريون
ڏِسِي سي ڏاتاريون، لڄي لڳي اک
ٽيِنديون تان نہ سرک، راٽين رُوءِ رُلاڪيُون.

(١٢)

اوڏڻ اوڏِي ويه، ڇڏي مِٺيءَ مامرو
لاڪي جي لاڪاڻ ۾، پٽون پائي پيه
اتي تنهنجو ڏيه، هت نہ جوڙج نِجهُرو.

(١٣)

اوڏڻ اوڏي وچ، چڏي پَکا پٽِيُون
محبت پائي من ۾ ميري منت مچ
پول سپئي پيچ، لاکي جي لاکاڻَ ۾.

(١٤)

اوڏڻ اوڏي آءُ، چڏي پکا پٽيون
لاکو تنهنجي لاءِ، جايون جوڙي جيءَ ۾.

(١٥)

اوڏڻ اوڏي اچ، چڏي پکا پٽيون
من ۾ ٻاري مچ، تي سهاڳڻ سک جي.

(١٦)

پکا پاڙان پٽ، جي تو اَڏيا ڏُور تِي
ڏرا ڏوراهينءَ جا ڏيئي لَٽُون لٽ
ڌوئي چِڏ وجود مان، مٿي مَلِي چَٽ
منجهان محبت مَٽ، عادت اَبالپ جِي.

(١٧)

گـڏهَ گُـڏي چـڏ، پيـري پيـچ کَجـاوڙا[1]
رکي لاکو من ۾ مور مَ مِٿي لڏ
تہ تنهنجو ٿئي هڏ، صاحب سخاوت جو.

(١٨)

مِٿي جَن جي مَن ۾ سي لاکو کين پچن
راتو ڏينهن لچن، کوجهو کَجاوَن سين.[2]

(١٩)

کَني مَٿي من ۾، کني لاکو چام
کَني راحت روح ۾، کني کاڻ قيام
کَني نانگو نام، کني سَتُر سُونه جو.

(١) اصل. گڏي (گ جي مٿان زبر)
(٢) اصل. اٿين

(۲۰)

منٿي مور م مَل، رکي لاکو من ۾
ٿي سهاڳڻ سک جي، ڏيئي جيءَ کي جل
هٿان هاٿي هل، چڙي پکا پٽيُون.

(۲۱)

اوڏا وهو اوڏ، آڏي پنهنجا پکڙا
پائي پٽولا پٽ جا لاهي چڙيو گوڏ
لڏو لاکي لوڏ، رَمِي راجائن سين.

(۲۲)

اوڏا اوڏ وهو، اڏي پنهنجا پکڙا
اهڙو سنگ سِهو، کونه ڏسندئو کو پيو.

وائي

تنهنجي نيه نوازي نوازي، هيءَ جا اوڏ آگلڙي

۱. ڪٿوري خوشبوءِ ٿي، چڙي غير غمازي غمازي
هيءَ جا اوڏ آگلڙي

۲. چُڪي کي چؤڏول ۾، چاڙهيو بره مجازي مجازي
هيءَ جا اوڏ آگلڙي

۳. نئي گڏيائون پاڻ سين، کري قرب کوازي کوازي
هيءَ جا اوڏ آگلڙي

۴. غلام محمد کي کيو، آٽي نيه نمازي نمازي
هيءَ جا اوڏ آگلڙي

داستانو ترئو

(۱)

هيراکو هيرات، تون کيئن آيُون کونجڙي[۱]
”اَلفِراقُ اَلفِراقُ“ وائي تنهنجي وات
مارِي ڏينهان رات، چاڙهيو وتي سِيگڙي.

---

(۱) اصل. هيراکو حيرات

(۲)

جايون جيسلمير، موڙ نہ تنهنجو ڪونجڙي
”حُبُّ الوَطن مِنَ لاِيمان“ هنيُون هِت مَ هير
سارج سُرَها سير، ڪکوريئي ڪابول جا.

(۳)

وَڳر واري وچ، هن آسارِي سُچ مان
هــل اڏامــي اوڏهين [جيڏهن ساريءَ سَچ]
پوري پيري پچ، لِيا لاڳاپن جا.

(۴)

وڳر واري وَر، هن آسارِي سچ مان
هل اڏامي اوڏهين، جيڏهن سائي سَر
تَرهل تازا تَر، سدا ساوَڪ سارِيين.

(۵)

وڳر واري وار، هن آساري سچ مان
هل اڏامي اوڏهين، جيڏهن سائي سار
توکي ڪيئن قرار، هِت اچي ٿو ڪونجڙي.

(۶)

ڪونج ڪَراڪِينَ ڪوه، هن آساري سچ ۾
وطن تنهنجو روه، توکي رزق رهائيو.

(۷)

ڪونج ڪَراڪَڻ چڏ، هن آساري سچ ۾
ساري سڳر پانهجا لاهي لِپا لڏ
[هِت نہ] تنهنجو هڏ، جاني جيسلمير ۾.

(۸)

قريبن جي ڪاڻ، هنجون هاري ڪونجڙي
رکي روح رهاڻ، رچ ۾ راماٽا ڪَري.

(۹)

رِچَ راماٽا چڏ، هل هنين سان اوڏهين
وچي وِهو گڏ، قابو ٿي ڪابول ۾.

(۱۰)

وطن تنهنجو روه، هت ڪيئن آئين ڪونجڙي
”ڪُلّ شيءٍ يرجع اِليٰ اَصلهِ“ رکي سک سَتوه
ڏک ۾ کهڙي ڏوه، ڏکيا ڏينهن گذاريئين.

(۱۱)

وَهِي ڪالهہ ويا، وڳر تنهنجا ڪونجڙي
توکي سپيرين ري سج ۾ آيو ساء
کهڙي سَگ سِيَاء، رهي راماٽا ڪرِين.

(۱۲)

رج راماٽا ڪن، ڪَرڳل ڪونجڙين جا
راتو ڏينهن رڙن، ساري سَڳر پاهنجا.

(۱۳)

ڪَرِڪي ڪونجَ ڪَهي، وايون وڇوڙن جون
سا ڪيئن رات رهي، ويهي ويلو وچ ۾.

(۱۴)

هَيراتان آئي، ڪالهہ ڪَهي ڪا ڪونجڙي[1]
”مَنْ شَغَلَ عَنْ سَبِيلِڪ هُوَ صَنمڪ“ ويچاريءَ وائي
رائي رهائِي، جهَلي جيسلمير جي.

(۱۵)

جيسلميرانْ جاء، ڪِيجهو جهَلي ڪونجڙي
پنهنجا سَگ سياء، ساري هل هيرات ڏي.

(۱۶)

مارِي ميري مَن، تَڪي تنهنجا تَڪِيا
ڪرڪا لائي ڪن، ڪر ۾ ڪوڙي ڪوڙِڪا.[2]

(۱۷)

نِرت نَوائِي رک، ڪَن قرارا ڪونجڙي
هن اَلڪي لَڪَ، چِني وڳر چِڏيا.

---

(۱) اصل. حيراتا آئي

(۲) اصل. ائين

(۱۸)

نرت نَوائي ڏار، ڪن قَرارا ڪونجڙي
سڳر پنهنجا سار، ماري ٿو مارا ڪري.

(۱۹)

ماري ميري مُنه، وتي توڪي تڪيو
سوڳند آهي سُنه، وڙهي ويندو ويسرو.

(۲۰)

ماري ميري حال، وتي توڪي تڪيو
متان تنهنجا بال، پيري هٽي ٻَنَ ۾.

(۲۱)

ماري شال مرين، رَڃ وَڃِني رَڇيُون
ڪيڏا ڪِيس ڪرين، ڪُهي ڪُونجڙين جا.

وائي

تنهنجا سڱ سياڪا سياڪا، هتان ڪالهہ لنگهي ويا

۱. "تَعَالوا تعالوا" لات لئِي ڪندا ويڙا واڪا واڪا
هتان ڪالهہ لنگهي ويا

۲. ويا اُڏامي تو وتان، سَڪا ماء پٽُو ڪاڪا ڪاڪا
هتانَ ڪالهہ لنگهي ويا

۳. وجي پهتا توڙ ڪي، ڏوري ڏونگر ڏاڪا ڏاڪا
هتان ڪالهہ لنگهي ويا

۴. وري ويا هيرات ڏي، ڏيئي ولر وراڪا وراڪا
هتان ڪالهہ لنگهي ويا

۵. غلام محمد مارئا، فراقن جي فاقا فاقا
هتان ڪالهہ لنگهي ويا.

داستانو چوٿون

(۱)

صاحب سندايون، توکي وارث وَلَها
منهنجون مَندايون، ميٺ محمّد کارَڻِ.

(۲)

مون ۾ عيب اپار، ليکيان ليکو ناه کو
کوڙين کم کچائيون، بديون بي شمار
ڍِکج ڍِکڻهار، ڏيئي پاند پناه جو.

(۳)

قَولين کوڙي آهيان، کچا کم کيام
عمر عصيانن ۾ ويهي وڃايام
مديني جا ڄام، ڍِکج ڍول ڍِلائيون.

(۴)

کرم کريم کريج، کري پال پلائيون
اچي آڏا ڏيج، هيڻن مٿي هٿڙا.

(۵)

تنهنجو توه تکو، وٺيو ويٺي وندران
صحي سک سکو، سوئي سورِينڍِي مران.

(۶)

تهدل تنهنجو توه، ساريو ويٺي ساريان
جيڏو جبل روه، تيڏو اٿم آسرو.

(۷)

ننگي توتي ننگ، هن اگهاڙي انگ جو
داتا تنهنجي در تي منگي ويٺي منگ
سندو محبت رنگ، ڏي کو ڏيجائو کري.

(۸)

ويِهي وڃايام، هَي حياتي ڏينهڙا
کوجها کم کيام، لوکان لڄي آهيان.

(۹)

توري ساريان ڪونہ، اجهو عاصيئڙن جو
هنيڙي آهي اُون، تهدل تنهنجي توه جي.

(۱۰)

ڍول ڍلايون ڍڪ، مون بُڇي بدڪار جون
مون ڪي ڪيو پانهنجي عقل عاقي ڪڪ
لاهي شُبها شڪ، آجو ڪج عِجزاهَ ڪي.

(۱۱)

ڍڪ ڍولايون ڍول، مون بُڇي بدڪار جون
ڪري ڪم ڪچائيون، ڪوڙا ڪيم قول
پنهنجا پائڻ پول، آيم موتي منه ۾.

(۱۲)

اَسُر ويل سهي، اُٿي جاڳو جيڏيون
اشـــارو "قُمُ اللَّيل" جـو ايندو وقت وهي[۱]
راتو رات رهي، هنجهون هاري اوريو.[۲]

(۱۳)

جاڳن منجهان جس، جُڙيو جاڳڻ وارين
رهجي آين رس، راتوڏو رحمان سين.

(۱۴)

وڻن ۾ وائي، پيئي پَکڙيَن جي
ستا جاڳو ننڊر مان ويلَ وَهِي آئي
سُمهڻ مان سائي، مور نہ ملي لِڪڙي.

(۱۵)

لکَ مِلي جي لوڪ ۾، تان موڪ ملي تو مال
قائم قيامت سين رهي رحمت حال
ڪري ظلم زوال، وري فيض فضل جو.

---

(۱) اصل. ٿيندو وقت وحي(؟)

(۲) اصل. رتو رات رهي

(۱۶)

اوجارا اوجار، ڏيئي پاهه پريت جو
لاهج ڪٽ قلوب تان صَيُقَل جا سردار
تو ۾ طمع دار، سَڳَر عاصيئڙن جا.

(۱۷)

ڪارو قلب ٿيوم، اکين اوجر ڇڏيو
وهي ويل ويوم، نرت نوائِي نہ وَرِي.

(۱۸)

هِت پڻ تنهنجو توهه، هُت پڻ تنهنجو تڪيو
ميٺ محمّد ڪارَٽي ڏهارِن جا ڏوهه
تنهنجي سڪ سَتوهه، هجي شاَل حضور ۾.

(۱۹)

تون تڪيو، تون توشڪي، تون وسيلو واهه
تون حمايت هاشمي اُمت جو همراهه
تون جياپو جاهه، وچ ۾ ويچارن جي.

وائي

آيو اُمت ڪارڻ ڪارڻ، ٿي حمايت هاشمي
۱. اچي محشر ماڳ ۾ ڪندو عاصن سارڻ سارڻ
ٿي حمايت هاشمي
۲. دهلِي دوزخ پاڻ ۾، آيو رونق هارڻ هارڻ
ٿي حمايت هاشمي
۳. ٿي سوالي دوست جو، چوري چنگ چارڻ چارڻ
ٿي حمايت هاشمي
۴. اڳيان عجيبن جي، گهرجي پنهنجو مارڻ مارڻ
ٿي حمايت هاشمي
۵. غلام محمد ڪي ٿيون، هت گهڙيون گهارڻ گهارڻ
ٿي حمايت هاشمي.

داستانو پنجون

(۱)

پُـجـان تـي پُلكـار، پيريءَ پيرَاَيَن ۾[1]
كِيلي هيٺ كٽڪ جي كوٺي كِئي كنگهار
جو واندِن ۾ واپار، سو لاكي لِڪَ نہ ليكيو.

(۲)

وانديون ويون ويهي، كاڇَن كاڇو ڇانئيو
جُڙي جا جَسراج كي، تكيائون تيهي
پَرارن پيهي، لاكو لَكِي آئيا.

(۳)

سَرَهي سنگهارن، كڏهين تان كانہ سُئي
سُمهي سک نہ ماڻيو وِرمي ويچارن
جي هنيا هاڃارن، سي وَڳ نہ كهين وارِيَا.

(۴)

سُئي جي سُوار، تو كَن قرارا نہ كيا
”اُخَرِجُوا مِن دِيَارِيَ“ پكن پيئي پچار
بَنِي ۾ بيهار، وري ويهہ مَ ويسرا.

(۵)

لڏين تان لڏ، صحي سنگهارن لڏيو
مٿان ويهين ويسرو گَرڙيي لاكو گڏ
مانجَهل مٿان مَڏ، ڦُلوپوٽو آئيو.

(۶)

سَهي كر سنگهار، هي كرڳُل كٽان اُٺيو
لاكي لوڙائن سين، آندو انڌوكار
كري كير قرار، كَڇ ۾ ويهي ويسرو.

---

(۱) اصل. ائين

(۷)

سنگهارن سَرواڻ، مُڪو تان معاف ٿئي
لاڪو لوڙائن سين وينو پَهي پاڻ
اوڏن مٿان ڏاڻ مُوراهِين معاف ٿيو.

(۸)

اوڏا ياڻ مَ ڏُور، لَمان وڃن لڏيو
جي حاضر منجهہ حضور، تن سِران سؤنچو نہ لهي.

(۹)

سنگهارن سَرنجام، سانباهو سفر جو
پاتائون پرڏيهہ جو، دوڪو منجهہ اندام
ڪونهي ڪو انجام، لاڪي لوڙائن جو.

(۱۰)

دُوارانَ دورنگ، ڪڏهن تان ڪونہ ٿيو
سمجهو ڪين سَرير ۾، سنگهارن جي سنگ
جي رَتا رائڪي رنگ، سي اَجِيرَنِ اُجارئا.[۱]

(۱۱)

اچين تان آءِ، رائُڪَ هيٺان راء جي
ٿُنهنجا سيڻ سِيا، لَمان سي لڏي ويا.

(۱۲)

سنگهارن سين سڪ، هوند راوَ ڪيا ٿي راڄ ۾
ڪو جو لڳن ڏڪ، وانڍيون وِلهاڳون ڪري.[۲]

(۱۳)

تـيلاهون تَجليس، ساڳو سنگهارن جو[۳]
وَدائون وِرد ڪري وُجودِي وَرَجِيس[۴]
واريو جن خميس، سي جمعي جمع نہ ٿيا.

---

(۱) اصل. ائين (۲) اصل. وِلاڱون ڪَري (۳) اصل. ساڳو (۴) اصل. وداءِ

(۱۴)

خاصي رات خميس جي واري ويچارن
اها آهي اصل کان سُکا سنگهارن
تيلاهون تارَن، ڏُوارانَ ڏُور کيا.[1]

(۱۵)

اَبڙاسيو عبرت، کري کوڏارِن جي[2]
معافِي تي مَضَرت، جي پکي پيهِي آئيا.

وائي

سائي پاسَ سَوارَ، صَحِيُ سنگهارن لڏيو
۱. لوڙو لوڙائن جو کيلي هيٺ کنگهار
صحي سنگهارن لڏيو
۲. لڏي ڏينهان ڏور ويا، بُڏي پؤ پلڪار
صحي سنگهارن لڏيو
۳. ڏانکو جن جو دڳ ۾، آيا سي هسوار
صحي سنگهارن لڏيو
۴. سانگي وِيَڙا سانگ تي، ڇڏي ڳوٺ ڳنوار
صحي سنگهارن لڏيو
۵. غلام محمد من ۾، نائي نيڻ نهار
صحي سنگهارن لڏيو.

داستانو ڇهون

(۱)

واڳڙ مٿان واڳ، واري راء رَيُون کري
ريباري رِجُنِ ۾ سانجهيءَ صبح سجاڳ
پِٽارَنِ جو پاڳ، لاکي لک لڏائيون.

(۱) اصل. ائين
(۲) اصل. ابڙاسو

(۲)

واڳڙ مٿان وَڳ، لاکو لُٽي آئيو
لاکي لوڙائن جو ٻُڏي ڏانکو دڳ
جوڳي وٽان جڳ، راتوڏا، رِڻ لنگهيا.

(۳)

جُهريي جُهڪِي جهوڪ، لاکي لوڙائن جي[۱]
لُوٽيي مٿان لوڪ، لمان سي لڏي ويا.[۲]

(۴)

گَرڙيي مٿان گس، لاکي لوڙائُن جو(۳)
اُٺيون اوٺارن جون وُٺي چَرن وس
ريبارِن سين رس، ڪڏهن تان ڪونہ ٿيو.

(۵)

ڏهُلِي آڏَ مَر ڏوُر، رهِي ريبارِن سين
مٿي جن قُصور، سي ڪَريُون چڏ ڪَراهِتِي.

(۶)

ڏهُلي مُور مَر آڏ، ڏيسارانَ ڏُور ڪري
وٽان تني لڏ، جي ڪيلي هيٺ ڪنگهار جي.

(۷)

ڏهُلِي ڪيم اڏيج، ڏيسارانَ ڏوُر ڪري
وٽان تن لڏيج، جي ڪيلي هيٺ ڪنگهار جي.

(۸)

لاکو لوڙائو، پُجان پُلي اُتِيَا
”مَا فِي السَّموات وَ مَا في الاَرض“ سا ڪِنٿا سائُو
ڪَچِي ڪاچائو، ٻئي مٿا ٻاجھہ ٿي.

---

(۱) اصل. جهري
(۲) اصل. لوٽي
(۳) اصل. لوٽي

(۹)

وايُوران وَرِي لاکو لوڙائو تيو
اها ڳالهه ٻري، لڳي لُهاڻن کي.

(۱۰)

زالون تيون ذليل، رڻ ريبارن جون
چِنائون چيت کري سائو گاه سبيل
ويـچارا رَحيل، کــرِي کَچان اُکِرِئا.[۱]

(۱۱)

ڏاڏُ وران تِي ڏُور، کرڳل کِيري رسيو[۲]
ٻِيرِئان ٻاٻُور، هلي هاجُورن جِي.

(۱۲)

کِينو متي کَچ، لاکي لوڙائن جو
"اُطلبُو رَبَّا سَوائِي" تي يُلکاري بَچ
ريبارن جا رَچ، رائـي پاس رهي ويا.[۳]

---

(۱) اصل. 'ويچارا رَهيل. کري کچان اکرئا'
(۲) اصل. کيري ('ک' هيٺان ۽ 'ر' هيٺان زير)
(۳) هن داستان پيان 'وائي' لکيل کانهي.

سر ڪاپائتي

داستانو پهريون

(۱)

اُتي آسارِي، ويئي وهامي راتڙي
تون ڪيئن ڪاتارِي، سڀيون راتيون سُمَهِين.

(۲)

ڪاتاري ڪِينَ ڪت، چوري چرکو چت ۾
ويهي وقت ڪتڻ جا ڪيم وڃايو وت
متان روئين رت، صُبح ساهيڙين ۾.

(۳)

سُجي توکي ساء، آيو سمهڻ سُک جي
ويهي ڪيم وِڃاء، وقت ڪتڻ جا ويسرا.

(۴)

پَهو پڃائي، ويهي وتج پُوٽيون
چرکو چوري ڪت ڪِينَ، پَهو هٿ پائي
ڪاپو ڪمائي، سونهين ٽيج صراف ڏي.

(۵)

سُتيون جي سڪ ٽي، ڪين ڪتيائون تند
تني اونڌا ڪنڌ، منهدان صرافن جي.

(٦)

محبت رکي من ۾ پڳو پورِي پير
سڀي سندي آسري ويهي ڪر مَ وير
اُٿن آتڻ واريون اسر ويل سوير
واري ڪَرِ مَ دير، ڪتڻ ۾ تر جيتري.

(۷)

محبت رکي من ۾ پيرِ پڳو پوري
سڄي سندو آسرو ڇڏي ڏي ڇوري
متان اڌوري، وڃي ويل هٿن مان.

(۸)

محبت رکي من ۾ پوري پيرِ پڳو
تاڙن کي تحقيق جو ٻَڌي سک سڳو
اچا توکي ڪِرت جو ڪو ڳُڻ ڪونہ لڳو[1]
تاري توهہ تَڳو، ڪتي کن ڪاتاريون.

(۹)

محبت رکي من ۾ پڳو پيرياڻون
پَهو پُوڻي هٿ مان مور نہ ڪيرياڻون
سنهي ٿلهي تند کي ويني سيرياڻون
ماٽڪ ميڙياڻون، ڪتي پنهنجي ڪم مان.

(۱۰)

محبت رکي من ۾ پڳو پيريو جن
تني سندي سُٿر جون سَڏون ساڏو ڪن
مڙيئي مَرڪن، سي صرافن سامُهون.

(۱۱)

سڄي سندي آسري وَهي وڃي ويل
پوري پڳو پير تون اٿي ويل سويل
متان روئين ريل، هاري هنجهون رت جون.

(۱۲)

سڄي سندي آسري ويلو وڃائين
پهو پيچارن ڪان مور نہ پڃائين
پوريون پڳي اَرٽ کي هٿ نہ سي لائين
سي ڪيئن سيبائين، سُچيون صرافن کي.

---

(۱) اصل. ڪو ڪُڻ (ڪ تي پيش) ڪونہ لڳو.

(۱۳)

سڄي سندي آسري وَهي ويل وڃينِ
ڪاپي ڪارڻ ڪو پيو نڪو ڏين وٽينِ
منهندا عيد اچينِ، گڏجي اگهاڙن سين.

(۱۴)

چرڪو رکي چِٽ ۾ چريون ڪِينَ چوريو
سنهي ٽلهي سُٽر ڪي ڏکيون ڏوريو
تَرازيءَ توريو، ساري نِيِّنِ صراف سو.

(۱۵)

چرڪو رکي چٽ ۾، جَنِي چوريو ڪال
سُٽر تني جو سال، پَسند صرافن ڪي.

(۱۶)

چرڪو رکي چٽ ۾ جني چوريو رات
تني ڪـي پريـات، پورهيو پَلي پِيٽڙو.[1]

(۱۷)

چرڪو رکي چِٽ ۾ جني چوريو اڄ
تني ساڻ سهڄ، سدا صرافن جو.

(۱۸)

ڪتيو ڪاتاريون، متان سمهو سُک ٿي
صبح آسَاريون، ڏينديون مٿي هٽڙا.

وائي

ڏيئي جِيءَ کي اوجاڳو، ڪيو ڪا ڪرت ڪتڻ جي
۱. جيڏيون هن جهان ۾ ناتو ننڌر جو نياڳو
ڪيو ڪا ڪرت ڪتڻ جي
۲. مور نہ موٽي سو اچي، ويلو ويو وري ساڳو
ڪيو ڪا ڪرت ڪتڻ جي

(۱) اصل. پُهريو پلي

۳. متان وهو ويسريون، ارٽ الاٽي ولهاڳو
ڪيو ڪا ڪرت ڪتڻ جي
۴. اُٿي پڳا پيريو پوريون، پِري مانَ ياڳو
ڪيو ڪا ڪرت ڪتڻ جي
۵. غلام محمد سپ جو، ٿيندو صبح سياڳو
ڪيو ڪا ڪرت ڪتڻ جي

داستانو ٻئو

(۱)

اٿو ڪتڻ وارِيُون، وجي ويل ٽري
اچي تان نہ وري، سا ئي ساعت هٿ ۾.

(۲)

اٿو ڪتڻ واريون وجي وهاٽي
ڪتيو ڪيئن ڪاتاريون آتڻ اُلاٽي
سا ئي سيباٽي، جنهن ڪي چرکو چِت ۾.

(۳)

ڇڏي ننڊر نياڳ جي، اٿي چرکو چور
سنهي ٿُلهي سُتر ڪي، راتو ڏينهان ڏور
تان تنهنجو اڻ- تور، ساري نِيَنِ صراف سو.

(۴)

سُتي آسارن، ويئي وهامي راتڙي
ڪَتي ڪاتارين، امل ماڻڪ ميڙيا.

(۵)

ڪتيو ڪيئن ڪاتاريون، چرکو رکي چِت
آهي وقت ڪتڻ جو، اوڳيون هاٽي هِت
ڇڏي ننڊر نياڳ جي، ڪيو ڪار ڪرت
تور تُرندي جت، تتي مرکو مُنُه ۾.

(٦)

مور نہ چڏيو هٿ مان، چوريون چني تند
متان وهو ويسريون اونڌا ڪري ڪنڌ
پرھ پُوَنڌو پنڌ، صَرافن جي سڌ جو.

(٧)

پَهو پُوٽي هٿ مان مور مَ چڏيو هڏ
ويهي آتڻ وچ ۾ ڪتي ڪيو گڏ
صبح ٿيندو سڏ، صحي صرافن جو.

(٨)

پهو پوٽي هٿ مان مور مَ چڏيو هاڻ
جني رکي ارٽ سين راتو ڏينهن رهاڻ
سي تہ صرافن ساڻ، مَرڪي ماٿو ڪندِيُون.

(٩)

چڏي آرس اوڳيُون، ڪاپو ڪمايو
متان وقت ڪتَڻ جا ويهي وڃايو
ڪِجو سَجايو، لايو پنهنجي لاڳ جو.

(١٠)

وڃي وهاٽي، هيءَ جا سُتي راتڙي
آتڻ اولاٽي، ڪتيو ڪتڻ واريون.

(١١)

اٿو آتڻ واريون، چڏي ننڊر نياڳ
اوڳيون ٻئي ڪُل ڪم ڪي ڏوڙِي ڏٿو آڳ
صبح سُک سهاڳ، ڏسو صرافن جو.

(١٢)

ڪاپو ڪري ڪيتريون سگهڙ سيباٽيون
تني جون ڪاٽيون، ڪڍڻ ڪتڻ واريون.

(١٣)

ڪاپو ڪري ڪيتريون ٿيون دنيا- دار
ڪري هار سينگار، سونهنِ سرتين وچ ۾.

(۱۴)
ڪاپو ڪري ڪيتريون دنيا- دار ٿيون
پسند پاڻ پيون، سگهڙ صرافن ڪي.

(۱۵)
اَرٽ تني جا اجرا، جي ڪتن راتو ڏينهن
نئون تني سان نينهن، سدا صرافن جو.

(۱۶)
ارٽ تني جا اجرا، جي راتو ڏينهن ڪتن
تَني ڪاڻ سڪن، سگهڙ صرافن جا.

وائي

جيسين رتو ٿيئي راس لو، پوري پير پڳلڙو
۱. ارٽ اُلاٽي ڪت ڪِينَ، رکي پرت پياس لو
پوري پير پڳلڙو
۲. مهندِ مَتّا مِيزان ۾، ڪندا ڪونہ قياس لو
پوري پير پڳلڙو
۳. هُجي تنهنجي سٽر جي، صرافن اُداس لو
پوري پير پڳلڙو
۴. غلام محمد مُلهہ جو ڪَتج ڪِيَمَ ڪِينَ ماس لو
پوري پير پڳلڙو

داستانو ٽرئو

(۱)
ڪتي ڪين ڪيوم، پهو پاڇي پاهنجو
وهي وقت ويوم، هاڻ هٽان ٿي هٽڙا.

(۲)

ڪتي ڪيم ڪينِ، ويم ويلو نڪري
مُنيءَ مون مسڪين، آيا متي هٿڙا.

(۳)

نڪي ڪَتيم ڪتٹو نڪي ڪتايومِ
نڪو آر ارٹ سين پهو پچايومِ
ويهي ويسارين ۾ ويلو وڃايومِ
هاٹي تـان آيوم، انگ اگهاڙپ اڳ جو.[۱]

(۴)

ويهي وڃايام، هَي حياتي ڏينهڙا
پلئي ۾ پايام، اَمُل عِصيانن جا.

(۵)

نڪي ڪتيم پاهنجو نڪو ڪتايم
قادر ڪرايم، ڪاپو پنهنجي ڪرم جو.

(۶)

نڪو ارٹ ڪپاهہ، نڪو پهو هٿ ۾
ڪتي ڄاٹان ڪينڪين، ڄاٹي هيڪ الله
سُهمي سُڪو ساهہ، پَسِي لَڪڻ پاهنجا.

(۷)

ڪاپو ڪري ڪيترو وڳا ويڙهيندياسِ
ماٹڪ ميڙيندياس، جي وارو ڏيندم وَلهو.

(۸)

ڪاپو ڪري ڪيترو پنهنجو پاريان پاڻ
قُوَّت ناهہ وجود ۾، ساڳي سُرت نہ ساڻ
جي ڪري وَرُ وَراڻ، تہ موڳيائي ماڻُ لهان.

---

(۱) اصل. اگ جو

(۹)

ڪاپو ڪري ڪيترو پنهنجو پاريان پيٽ
چِت چرڪي نہ لڳي، پڳي چيل چپيٽ
مدايون محتاج جون مالڪ منهنجا ميٽ
ڪِجو ڪا مَ اُميٽ، هن سَڀياري سُتر جِي.

(۱۰)

منهنجي موڙهي مت، خالي خيالن ۾
مور نہ وٺي من ڪي، جي سرتيون چوَنَم ڪَت
هاڻ رئان تي رت، ڏسي آتڻ واريون.

(۱۱)

مَر سيئي مرڪن، ڪُڏي ڪتڻ واريون
سُتر تني جو سقرو، پڙا پاڳ نہ ڪن
سمجهي صرافن، ذرو ضايع نہ ڪيو.

(۱۲)

جنهن ڪي ارٿ نہ آجڪو، نڪو ٽِڪ نہ مال
هٿين پيرين اگلي، مور نہ سَگلي حال
پلو پنهنجا پال، مَلهِي ڪندو تنهن سان.

(۱۳)

جنهن ڪي ارٿ نہ آجڪو، چيڙهہ نہ چاموٽي
ڪاڌي پيتي سَنَري، ڪتڻ ۾ ڪوٽي
تنهن تي ڪندو توهہ جي پارس پالوٽِي
رحمت جا موٽي، مٿي رکندو هٿڙا.

(۱۴)

جنهن ڪي ارٿ نہ مال، نڪي پها پوٽيون
تنهن سان پلو پال، ڪندو پنهنجي ڪرم جو.

(۱۵)

پال پَلايون پَل، تنهن پلي جي پال جا
هلي ڪري حَل، مشڪل محتاجن جا.

(۱۶)

لطف ليڪو ناھ ڪو، ڪوڙئين لک ڪروڙ
مور نہ پھچن پَدَمون، نيلون جاء نہ جوڙ.
عرب نہ اوڏي اوڙ، ويجھو غور نہ غرب جو.[۱]

(۱۷)

غربون غرق وجن، ڪر م مقابل هيڪڙي
ڳوليون ڪين لہن، لطف ساڻ لطيف جي.

(۱۸)

ڪَتي ڪتان ڪيترو، پوان نہ پوري
مالڪ معموري، ڏيندم پنهنجي توھ جي.

(۱۹)

ڪتي ڪتان ڪيترو، پوري پوان نہ مور
وڳا ويس سَمُور، ڏيندم ڏٽي ڏيھ جو.

وائي

هتان هاڻ هَلبو، سنيپاهي سُتر پانهنجو

۱. سعيو پنهنجي سڪ جو، ڪنهن سان ڪين سَلبو
سنيپاهي سٽر پانهنجو

۲. صرافن جي سڪ ۾ چڱيءَ چال چلبو
سنيپاهي سٽر پانهنجو

۳. ڪتڻ جي ڪم ڪار ۾ رکي جوش جلبو
سنيپاهي سٽر پانهنجو

۴. غلام محمد غم ۾، پنهنجو پاڻ پَلبو
سنيپاهي سٽر پانهنجو

---

(۱) اصل. 'غَور' (غ مٿان زبر). وڌيڪ صحيح 'غُور' (غ جي پيش سان)

داستانو چوٿون

(۱)

پوري پڳو پير، سڄي سندي آسري
پهو پائي هٿ ۾ تند سنهيري سپر
تان تون وِگل وير، مَرڪي ماٺو مَتئين.

(۲)

پوري پير پڳو، سڄي سندي آسري
توڪي ڪوڻ لڳو، ڪو ڳڻ ماٺي مَٺ جو.[۱]

(۳)

محبت پائي من، چرخو چورج چِت سين
تان سينءَ صرافن، سودو ٿيئِي سڦرو.

(۴)

آڏيءَ رات اُٿي، چرخو چورج چت سين
ڪنديءَ ڪيئن ڳُٺي، سودو صرافن سين.

(۵)

چرخو سانجهي سيئن، چورج چڳي چت سين
تن پڻ ڪتج تيئن، ڪتن جيئن ڪاتاريون.

(۶)

اُٿِي آڏيءَ رات، ڪتن ڪاپي واريون
نڪا سُرِيُر سَرتيين، نڪا وائي وات
پرهہ ڦٽي پريات، سَرهيون ٿين صراف سين.

(۷)

اُٿي اَرٽ اُلاڻ، ويهي آتڻ وچ ۾
سُٽر سنياڻج سڦرو صحي سرت ساڻ
متان ڪَچِي ڪاڻ، پوي تنهنجي پاند ۾.

---

(۱) اصل ائين. شايد صحيح 'ماٺي مٺ جو'.

(۸)

تَرازيءَ تورا، ڪانَ نہ ڪڍن ڪنهن جي
جي ڦوليندا ڦورا، تہ ڪاپيدار ڪَنبڊِيُون.

(۹)

ڪانيءَ ڪونهي ڏوھ، تورا تُراڙن ۾
تورڻ ويل تُرِيءَ ۾ لَمحو لِچي نہ لوھ
ترازيءَ جو توھ، ڪنهن سان ٿيندو ڪونہ ڪو.

(۱۰)

ترازي تڪرار، ڪنهن سان ڪندي ڪونہ ڪو
ڪانو ٻيئي پار، پُورا رکي ماپ ۾.

(۱۱)

ترازيءَ جي تور، تِرُ تفاوت نہ ڪري
سُئِي سِيُرُونَ سامُهين، پولو رکي نہ پور
هِي هِتي جا هور، هُت نہ حاج حساب ۾.

(۱۲)

تَرازيءَ تورا، ڪاڻ نہ رکن ڪڏهين
ڏس ڪاپائتي پانهنجا ڏهيُون ۽ ڏورا
جت ڦوليندا ڦورا، اُت وِڃا ويندِي وِسرِي.

سر گهاتو

داستانو پهريون

(۱)

رکي آس الله جي، گهاتو گهوٽ گهڙن
اُونهي وڃن اوهِري، ڇڏي تانگهه تَڙن
نـ ڪنهن جهوريا جهڪڙي، نـ ڪنهن گهاڙ گهڙن
لَمَحو ڪين لڙن، ڏسي دوَر درياهه جو.

(۲)

اونهي ويا اوهري، رکِي شوق شڪار
بُڏي موتيا ڪينڪين ڪُنن جا ڪڙڪار
تني جو دهڪار، دَهلائي درياهه کي.

(۳)

موڙي پنهنجا مَڇُوا، مڇيءَ پاس هلن
اوري رهن نـ راتڙي، پري پلڪ پلن
سا ڪيئن سِڪ سلن، جا مڇي مارڻ من ۾.

(۴)

اونهي ويا اوهري، جتي لهريون ليٿ
نڪو عُمَق عَميق جو، نڪو پاسو پيٽ
چِڪڻ جي چپيٽ، گهـڙِي گهاتـُو لنگهيا.[۱]

(۵)

اونهي ويا اوهري، جتي لهريون لس
نڪا ڪنڏي ڪُن جي، نڪو گهاڙو گس
تـني راحت رس، گهـٽي گهاتوئڙن کي.

---

(۱) اصل. چِڪُڙ (چ هيٺان زير، ڪ تي پيش)

(٦)

کونهي ڪُن ڪالاچ ڪي، ڪنڌي ڪنارو
نڪو عُمق عميق جو، نڪو نظارو
اونهي ڏي آرو، رکي گهاتو گهِڙِيَا.

(۷)

دَنگِي گهاتوئڙن جي هَلِي اوڏانهين
جيڏهن ڪُن ڪالاچ جو درياها داهين
لطف سان لاهين، پيڙي پاجهارن جي.

(۸)

گهاتو دَهِلن ڪينڪين، ڏسي دور درياهه
جو ڪاهي پون ڪنن ۾ رکي آس الله
سمنڊ جي ساجاهه، ملي ملاحن کي.

(۹)

گهاتو گهيڙان گهڙيا، ٻڌي ماٺيون مٿ
هلن آب عميق ڏي، رکي سر جي سٽ
پاٽي پَسَن پَٽ، پير نہ پُسي تن جو.[1]

(۱۰)

تَرُون ٻَڌي تار ۾ هلن هِٺائين
وڃن اونهي پار ڏي، جوکو جٺائين
تارُو تٺائين، مڇي ماري موٽيا.

(۱۱)

ترون ٻڌي تار ۾ گهڙن گهاتو گهوٽ
اونهي وڃن اوهري جتي چلڙ چوٽ
ڏسي دهليا ڪينڪين پاٽيءَ جي پالوٽ
اُتاهون اَٽموٽ، مڇي ماري موٽيا.

---

(۱) اصل. ائين

(۱۲)

ويا، مور نہ موٽيا، نہ کو خبر ڏي
ڪاري ڪُن ڪالاچ ڪي آيا تان نہ چڙهي
تهين ساڻ گڏي، گهڙي گهاتو هڪ ٿيا.

(۱۳)

مادر مور نہ موٽيا، پنهنجي ماڱ ملاح
وڃڻ جي ان پار ڏي، ڏنن ڪنهن صلاح
اچن ماڻ صباح، ويٺي واٽ نهاريان.

(۱۴)

ويا جي ڪالاچ ڏي، مور نہ موٽيا سي
ويٺيون روئن رت ڦڙا، مائرون سندن مي
تني منجهان ڪي، ڪونہ ڏسان ٿي ڪِٿهين.

(۱۵)

ڪَرڙو ڪُن ڪالاچ جو، ڏنگيون دهلائي
چڪيو آئي چڪ ۾، جتي تو پائي
ڪوڙيين ڪنبائي، ترون تار ترازيون.

(۱۶)

ترازيون تيزي، ڏسي موٽن ڪُن جي
ملي ملاحن ڪي مِلت آميزي
خَزينا خيرِي، رکن ڪُنجي ڪُن جي.

(۱۷)

ملت ملاحن ڪي اصل آب عميق
اونهي وڃن اوهري، رکي اوُ رفيق
شفقت شوق شفيق، گهر ۾ گهاتوئڙن ڪي.

وائي

اونهي آب عميق، گهاتو گهوٽ گنوائيا
۱. اَگهيري گرداب ڪي، طرف نہ طرح طريق
گهاتو گهوٽ گنوائيا
۲. ملاحن سين مامرو ڪئڙو تار عَتيق
گهاتو گهوٽ گنوائيا

۳. گهاتوئڙا هن گام ۾ رکن ڪونہ شريڪ
گهاتو گهوٽ گنوائيا
۴. وِيڙا جي ڪالاچ ڏي، رائي ساڻ رفيق
گهاتو گهوٽ گنوائيا
۵. غلام محمد مرد سي، دانَہ درست دقيق
گهاتو گهوٽ گنوائيا

داستانو ٻئو

(۱)

وائُٽا ولات جا ڪي جي ٻڌائون
ٻولي ٻَجهارَت جي، ٻهڳڻ ٻوليائون
اولن سين لائون، لهي گهاتو هليا.

(۲)

هليا هاڪاري، گهاتوئڙا گرداب ڏي
اَٿُونِري سير سمونڊ جي ڏڪا ڏيڪاري
ترازيون تاري، پهتا ماڳ مِلَت جي.

(۳)

موڙي هليا مَڪُرا جتي ميڇي مڇ
رکي شوق شڪار جو جوڙي پنهنجا رڇ
جت آچاڙا اڇ، تني مارين ميڇيون.

(۴)

ملاحن جا مَڪُرا، ماڳ نہ ڏسن ماء
مون کي گهاتوئڙن جا گهٽ ۾ گهاتا گهاء
وجي ڪين وجود مان سندن سرهو ساء
اچي پَهر پيا، وري وچ وصال جي.

(۵)

اڄ نہ گهاتوئڙن جا پڙ ۾ تازا پير
اوُنهي ويا اوهري، ڪري لال اُلير
جن سان هِنيَڙي هير، سي ڪڏهن ملندا مون پرين.

(۶)

اڄ نہ گهاتوئڙن جا گهرن ۾ گفتا
گويا سندن گوهَري، جِنَڙي جِي جُفتا
سيني سين سُفتا، سيئي سجڻ ساريان.

(۷)

گهرڙا گهاتوئڙن جا، جهنگن ۾ جهوپا
نڪو ظاهر زر جو، رنگ نڪو روپا
ڪَمائِيءَ ڪَوپا، خاوند خزانن جا.

(۸)

گهرڙا گهاتوئڙن جا جهنگن ۾ جهونا
گهيڙا آب عميق جا، بابوچي پُونا
تني جا اُونا، خاوند خيز خزانچِي.

(۹)

وني ڪُن ڪِنار، ويني نِت نهاريان
والي ولايتنِ جي واڳ ورائي وار
مُنِيءَ مور نہ وسري سندن سونهن سينگار
نوراني نروار، ڏسان شال اکين سين.

(۱۰)

ڪو جو ڪُن ڪالاچ ڪي، ويا تان نہ ورن
اَهنجو آب عميق جو تانگهو تار ترن[۱]
جيڪس جوش جَرنِ، گهاتو گهوٽ گنوائيا.

---

(۱) اصل ائين. شايد صحيح تہ: 'اهنجو آب عميق جو تانگهو تان نہ ترن'

(۱۱)

ويا تان نہ وَرِٺا، ويئي ويل ٽري
ميِڇي ڪارڻ مَلَ جي وينيون کوڙ ڪَرِي
پِري پاند زري، مور نہ موٽيا مَڪُرا.

(۱۲)

ڪالاچي جي ڪُن کي نہ ڪو ٻارِي ٻار
نڪا ڪندي اور جي، نڪو پريون پار
ني نَواڙا هيٺ ٿو ڪوڙين لک هزار
ٽري اهو تار، مور نہ موٽيا مَڪُرا.

(۱۳)

ڪالاچي جي ڪُن ۾ ڪو جو ويڌ وڏو
نِيائين گهاتوئڙن جو لهرين هيٺ لڏو
وري هَڏَ هڏو، ذرو ظاهر نہ ٿيو.

وائي

اونهي پاسِ وَهِي، گهاتو گهوٽ گهڙندا

۱. ٻڏي چمڙو چيلهہ سين، مانجهي مرد نہ مڙندا
گهاتو گهوٽ گهڙندا
۲. ڏسي تِرڪڻ تار جي تارو تِر نہ ٽڙندا
گهاتو گهوٽ گهڙندا
۳. ماڙي ڪارڻ مَڇ جي چابڪ چست چڙندا
گهاتو گهوٽ گهڙندا
۴. غلام محمد مام ۾ ڪامي کوڙ ڪڙندا
گهاتو گهوٽ گهڙندا

داستانو ٽرئو

(١)

ڪالاچي جي ڪن ۾ ڪو جو ڪِيَنَر ڪين
مثل "هَل مِنَ مَّزِيدَ" جي جوڪو عرش زمين
گهاتوئڙا گِرداب ۾ اڇلي پاڻ ڇڏين
پڌر پير نہ ڏين، ساموندي ساچاھ جو.

(٢)

ساچاهيا سورن جا ڪنهن ڪي سور سلن
اُبتا اَيُومِيَتَ ۾ لهي هيٺ هلن
پُري پنڌ پچن، ويجهائي جو اُجِهرِي.

(٣)

ويجها ويجهن وٽ، پَريان پنڌ پري
تني منجهان مِٺڙو، ورِي ڪونہ وري
ڪئا زاف ذري، موٽڻ مهٽو مڇ ري.

(٤)

ويجها ويجهن وٽ پريان پري پنڌ
"جَنَّاتُ عَدَنِ" عَدَن ۾ سهٽا سندن هنڌ
ڪِلي ڪٽنداً ڪنڌ، مهندان ملاحت ۾.

(٥)

پَريان پري پنڌ ٿيا اوريان اورين وٽ
ڪونہ ٻجهي ڪو ڪڍهين سندن پير تَرت
رکي سر جي سَٽ، ماريندا سي مڇ ڪي.

(٦)

غَواصي گِرداب جا آيا تان نہ وري
جيڪس اونهي آب ۾ ويا ماڳ مري
ڳٽي ڳالهہ ڳري، مُرڪي اٿيو مورڙو.

(۷)

موررڙي کي مامرو پيو مڇي ساڻ
ڏنائين سو ڪُن کي نيئي پنهنجو پاڻ
رکي سرت سڄاڻ، ماري مڇ کي موٽيو.

(۸)

گهر ڇڏي جر گهڙيا، سورهه ويل سوير[۱]
وڃي پهتا تار کي جتي ويريءَ وير
تتي پويون پير، مور نہ ڏنو ڏاڙهيين.

(۹)

جر ۾ جهوتون ڏينِ، مانجهي ڪارڻ مڇ جي
ڪاري ڪُن ڪالاچ ۾ نيئي هڏ گڏين
پويون پير نہ ڏين، سر ڏني ري سير ۾.

---

(۱) اصل. سويل

سر راڻو

داستان ٻيو

(۱)

الله ڪارڻ آءُ، واڳ وَرائي وَلها
ويٺي واٽ نهاريان سوڍا تنهنجي لاءِ
پيمِ ڪونہ سَماءُ، راڻا رُسامن جو.

(۲)

عيبن ٻيري آهيان، ڍول ڍلايون ڍڪ
لاهي شُبَها شڪ، موٽي آءُ هن ماڳ ۾.

(۳)

ڍاٽي ڍول ڍري، اچي ويهہ اڱڻ ۾
واري ڇپر ڍڪيان، وڃن ٽَپَ ٽري
توريءَ ماڳ مري، ويندس ميان مينڌرا.[۱]

(۴)

موٽي آءُ هِن ماڳ ۾ واڳون ورائي
توريءَ ڪيڻ خوشيءَ جو ساهہ نہ سيبائي
وِيُون ٻاهہ ٻِرهہ جي لُوءَ لُوءَ ۾ لائي
سوڍا تو آئي، ٿئن سپ سوَلِيُون.

(۵)

سوڍا تنهنجي سڪ، تن طُفيلي ڇڏيو
سارينديَ سَرير ۾ هَڏ نہ ٻيڃي هڪ
پلڪ پياري پِڪَ، پاڻ ڪڍي وِيُون پوئتي.

---

(۱) اصل. صورتخطي هت تورڙي هيئن 'مهندرا'

(٦)

مون کي مار مَ ميندرا جُدا جان ڪري

اچي ويهه وجود ۾ پرين پير پري

تو رِيءَ تان نه سري، ساعت سُکي ساه جي.

(٧)

موٽي آءُ هن ماڳ ۾ وارث واري واڳ

ڏي کو ڏکوئيءَ کي سوڍا مُک سهاڳ

هي جا لڳي آڳ، سا وسائج وصال سين.

(٨)

راڻا رَتُمِ رات، روئي رَئو رَت سين

هنجون هاريندي اچِي مٿان ٽي پريات

کو جو ڪِينَر ڪات، لڳمر هنيڙي وچ ۾.

(٩)

رات وهامي ڏينهن ٿيو، ڪنيو پره پاند

محل ماڙيون بنگلا، بيدِي پايان باند

موٺ مُئيءَ جا ڪانڌ، ڪَرَهُ ڪاهي ڪاڪ ٽي.

(١٠)

رات وهامي ڏينهن ٿيو، ڪنيو پاند پرهَ

تو ريءَ وارث وَلَها وِڏا ويڌ وِرهَ

نِيو نيهَ نِرَهَ، روُنَدي رَتولَن ۾.

(١١)

رات وهامي ڏينهن ٿيو، پره ٽي پيدا

پايان ڍاٽي ڍول ري ڪاڪَ سَڄي قيدا

پڄي اُميدا، جي اچين هن ماڳ ۾.

(١٢)

رات وهامي ڏينهن ٿيو، بانگ ڏني بانگي

ڍوليو ڍٽ رهائيو ڪَنهِ سَترائي سانگي

چڙهي آءُ چانگي، ڪامل ڏٽي ڪاڪ جا.

(۱۳)

رات وهامي ڏينهن ٿيو اجهاڻا
طول وهَاڻا پٽ جا ٿيا پلنگ پراڻا
موتي آءُ هن ماڳ ۾ سوڊل سياڻا
مُئن سين ماڻا، تو نَہ مناسِب سُپرين.

(۱۴)

رات وِهامي ڏينهن ٿيو، وِيو تيل ٻري
نهاريندي نِڪِٽنّان ويئي ويل ٽري
واري آءُ وري، ڪَرهُ ڪاهي ڪاڪ تي.

(۱۵)

رات وهامي ڏينهن ٿئو، ڪَتَا تيل قليل
ويٺي واٽ نهاريان ڪري آءُ اُڪيل
کوڙ قَنَاتُون ڪاڪ تي سوڊا ويل سويل
لايان عطر تيل، جي مون ملين مينڌرا.

وائي

سوڊا لڳ الله! راڻا لڳ الله!

واڳ ورائي آءُ ڪاڪ تي

۱. ايندا ويندا تي پُڇان، وٺيو ويٺي راه
واڳ ورائي آءُ ڪاڪ تي

۲. طول وهاڻا پٽ جا، ٽٽڙا سپ سياه
واڳ ورائي آءُ ڪاڪ تي

۳. ساريان ڪانہ سرير ۾ تو رءَ واهر واهَ
واڳ ورائي آءُ ڪاڪ تي

۴. غلام محمد حُبَ ۾ پُڄن شال پَساه
واڳ ورائي آءُ ڪاڪ تي

داستانو ٻيو

(۱)

راڻا ريجهي آء، موٽي محلاتن ۾
ويني واٽ نهاريان سوڍا تنهنجي لاءِ
اچي ويهه وجود ۾ جوڙي پنهنجي جاءِ
پير پلنگين پاء، ڏريا جي ڏورا ٽيا.[۱]

(۲)

ڏريا جي ڏورا ٽيا، طولون وهاڻا[۱]
گل گلابي ڪاڪ جي ڪُلي ڪُوماڻا
دَم نہ سري ساه کي توئي پڄاڻا
سوڍل سياڻا، موٽ تہ ماندائي لهي.

(۳)

سُونه صَلابَتَ سَڦرو راڻا تنهنجو رنگ
نڪا حد حسن جي، نڪو دهشت دنگ
نر نباهج ننگ، ناتو نماڻيءَ سين.

(۴)

سُونه صلابت سڦرو راڻا تنهنجو رُوءِ
هلي هاڪ حُسن جي هنڌين ماڳين هُوءِ
اچي رُوءِ بروء، پنهنجو پاڻ پساءِ تون.

(۵)

نڪا ڪنڌي ڪاڪ جي، نڪو لوڊراڻو
نڪو راڻو راڄ ۾، نڪو ڪو ماڻو
سو ئي ساماڻو، سو ئي مُومل مينڌرو.

(٦)

نڪا ڪنڌي ڪاڪ جي، نڪي باغ بهار
هِي هُو سڀ هَجي وِئا سوڍي رِيءَ آثار

---

(۱) اصل. ائين

باغيچا بازاريون سُجيون ريءَ سردار
چوڏس تي چوڏار، ٿيو مڙوئي مينڌرو.

(٧)

نڪا ڪنڌي ڪاڪ جي نڪا گلزاري
نڪي محل ماڙيون، نڪا بازاري
نڪو راڻو راڄ ۾ نہ مومل موچاري
چؤڏس چوڏاري، ٿيو مِڙو ئي مينڌرو.

(٨)

نڪي محل ماڙيون، نڪا ڪنڌي ڪاڪ
نڪا لوڪ لِياقتي، نڪا حُسن هاڪ
نڪو مينه مَلاحَتي، نڪا محبت ماڪ
وائي وَرئو وَاڪ، ٿيو مڙو ئي مينڌرو.

(٩)

رت نہ رتي تن ۾، سُڪي ساه ويوم
ويئي واڪ وجود مان، چُرڻ سپ چُڪيوم
ڪارو ڪاڪ ڪيوم، مُنه مَلاحت مينڌرا.

(١٠)

رت نہ رتي تن ۾، سڪي ويم ساه
هي جي محل ماڙيون، پايان سپ سياه
پچن شال پساه، سوڍا تنهنجي سڪ ۾.

(١١)

رت نہ رتي تن ۾، سُڪي ويم ماس
سوڍا تنهنجي سڪ ۾ راتو ڏينهن اُداس
شال پچي مون آس، موتي ملاقات جي.

(١٢)

سوڍا صبر نہ سهان، ساعت پايان سال
تو ريءَ ميان مينڌرا روئي وِڃايم حال
جيئري جيء جنجال، وجهي وِيون وَلها.

(۱۳)

سوڍا صبر نہ سهان، ساعت سال ٿيام
تو ريءَ ميان مينڌرا ڪاري رات قيام
پري پَل پيام، سيئي سيلها سُور جا.

وائي

مينڌرا موٽي، ڪڏهن ملندين مُئيءَ کي

۱. ڏيان ٻَئي هٿِ تنهنجي، چڳن سر چوٽي
ڪڏهن ملندين مُئيءَ کي
۲. توئي ٻاجهان جيءَ ۾ ورِهن ويلوٽِي
ڪڏهن ملَندين مُئَيءَ کي
۳. اصلئون آهيان تنهنجي خام نِڪرَ کوٽي
ڪڏهن ملندين مُئيءَ کي
۴. غلام محمد مُنڌ هي ڳُٽن ڳاموٽي
ڪڏهن ملندين مُئيءَ کي

داستانو ٽرئو

(۱)

سوڍا تنهنجي سڪ ۾ عُمر مون ويئي
ڪڏهن ملندين وَلَهَا ڏمر ٻن ڏيئي
منهنجون سپيئي، ڍڪج ڍول ڍلائيون.

(۲)

سوڍا تنهنجي سڪ ۾ هيٺو حال ٿيوم
سارينڊي سرير ۾ سُڪي ساه ويوم
ڪاڪيون ڪڪ ڪيوم، هن لِياڪي ڪاڪَ جي.

(۳)

سوڍا تنهنجي سڪ ۾ هيٺو ٿيم حال
جهوريءَ جدائي جي وڏو جيءُ جنجال
سگهي لهج سنڀال، مون وِلهيءَ جي وَلَهَا.

(۴)

سوڍا تنهنجي سڪ ۾ حال ٿيو هِيٺو
فيراقن فقير ڪيو جدائي جهيٺو
ڦٽيءَ تي ڦيٽو، وري وجهه ڪو وَلَها.

(۵)

ڪَره ڪاهي ڪاڪ تي آءُ سوڍا ويل سويل
ويٺي هنجهون هاريان تو ريءَ رتيون ريل
مون سان ٻڌي ٻيل، آڻي سُورن سڪ جي.

(۶)

ڪَرهُ ڪاهي ڪاڪ تي آءُ سوڍا سُونهَ صحي
مون ڪي محبت ماريو جٺن ماتي منجهه مَهي
وڃن ڏک لهي، جي مون ملين مينڌرا.

(۷)

ڪرهُ ڪاهي ڪاڪ تي آءُ سوڍا سُونهَ سبيل
مون کي ميان مينڌرا ڪيو عشق عليل
خاوند لڳ خليل، پنهنجو پاڻ پَساءِ تون.

(۸)

سوڍا تنهنجي سڪ ۾ آيو عزرائيل
اچي گوندر گڏيو، رکي خُوءِ خَليل
وڏا جوش جَليل، ويا ويچاريءَ وِسري.

(۹)

سوڍا تنهنجي سڪ ۾ آيو مٿي موت
وري ويچارو ويو سُٽي سُورن صَوت
پاڻ ويو ٿي فوت، ڏسي ڏکوئيءِ کي.

(١٠)

ماري ويون مينڌرا ماڻا مِنهَ ڪري
ڏوڙا ڏوراپن جا وڏا حرف ڌري
موتي آءُ هن ماڳ ۾ پرچي پير پري
تو ريءَ ڪير ڪري، پوئواري پينامر جي.

(١١)

ماري ويون مينڌرا رکي ڏوه ڏمر
تنهنجي روسامن جا سيني سُور سڌر
موٽ مُئيءَ جا ور. ڪره ڪاهي ڪاڪ تي.

(١٢)

ماري ويون مينڌرا رکي حرف حساب
مون کي ڪيو پانهنجي خودي خوءِ خراب
آهي عين عذاب، جدا جالڻ جيءَ کي.

وائي

راڻي کي رَجبُوت، سوڍي کي ثابوت،
ساري ڏيج سنيها
١. ڦوڙائي فراق جا، قاتل ٽٽڙم قوت
ساري ڏيج سنيها
٢. بابُل مون کي ڪاڪ تي هارُوتي ماروت
ساري ڏيج سنيها
٣. آهيان اَسفَل ۾ صحي، عاصين ساڻ صَفُوت
ساري ڏيج سنيها
٤. غلام محمد کي ڪرين، محبت ۾ مَسُروت
ساري ڏيج سنيها

داستانو چوٿون

(۱)

تون وارث تون وَلها، ڏاتي منهنجا ڏول
موٽي آءُ هن ماڳ ۾ راجا منجهه رتول
پارج پنهنجا قول، جي تو کيا ڪاڪ ۾.

(۲)

تون راڻو تون راء، تون ڏوليو ڏاتي ڏٿ جو
لُوءَ لُوءَ ۾ لائي ويون وڇوڙي جو واء
لالڻ تنهنجي لاء، ويني نِت نهاريان.

(۳)

تون راڻو راوَت راڄ جو، توکي ڪمي ڪانَ
تو وٽ سوين سوڍيون مون جيهون مزمان
مون تي مهربان، ٿيء ڪامل ڏٿي ڪاڪ جا.

(۴)

تون راڻو راوت راڄ جو، سوڍا سيني سُونهَ
والِي لڳ وِرُوّنهَ، ڪَرڪا وري وَلُها.

(۵)

سوڍا کير سِڪاءِ، ڏيئي فَلَڪُ فراق جو
موٽي محلاتن ۾ پير پلنگين پاءِ
جيڪي قول ڪياءِ، سي پرين پارج پانهنجا.

(۶)

تو رِيءَ ميان مينڌرا، مري موت ٿياس
ويو ريجُ رڳن مان مٽان جُسي ماس[۱]
پاسي پر پياس، نهاريندي نِڪٽِنان.

(۷)

ڪٿان سکيون مينڌرا، رَسڻ جون ريتون
پيالو پريت جو پرين آء پي تون
سي اڃي سِيء تون، جي وَڏَ فراقن وَڍيا.

(۱) اصل. ويو رِيجُ رڳن مان

(۸)

ڪٿان سکيون ميندرا، سندي رُسَڻ ريت
تو ريءَ بي پريت، باه برابر پائيان.

(۹)

ڪَرهُ ڪاهي ڪاڪ تي آءُ سوڍا سياڻا
توريءَ ميان ميندرا آتڻ اُجهاڻا
پايان تي پاڻا، هِي جي محل ماڙيُون.

وائي

منهنجا مير ملوڪ، مُومل ماڻن ماري

۱. آئي ويچارن جي ڪاڪ منجهان ڪُوڪ
مومل ماڻن ماري

۲. لنگهي ويئي وجود مان باري بِرهَ بندوق
مومل ماڻن ماري

۳. موتي آءُ هن ماڳ ۾ صاحب سونه سَلُوڪ
مومل ماڻن ماري

۴. غلام محمد مَن ۾، هَي هَي آهي هُوڪ
مومل ماڻن ماري

داستانو پنجون

(۱)

ڪرها ڪَرُ متي ڪري، ڏي لوڏائي تان لاه
مَيا موڙي چارِيَان توکي چندن گاه
پورا ڪج پساه، نيئي ڪناري ڪاڪ جي.

(۲)

ڪرها ڪَرُ متي ڪري هل ساجهر سويرو
هوندي رات هلي پسون دلبر جو ديرو
پره ڦٽي پيرو، لوڪ نہ لَکي پانهنجو.

(۳)

ڪرها ڪر متي ڪري، هل چڙهي ريڏائي
سائي سُونه هلي پسون لالي جنه لائي
ڪانهي ٻي وائي، محبت بنا ميندري.

(۴)

ڪرها ڪاهي ڪاڪ تي هونديءَ رات هليج
پَهُ پريان جي پنڌ جو ڪنهن سان ڪير سليج
پنهنجو پاڻ پليج، پَسي ڪنواريون ڪاڪ جون.

(۵)

ڪَرها ڪاهي ڪاڪ تي هونديءَ هلج رات
عاشق معشوقن ڪي ميل اڳي پريات
چندن جي چرهات، توڪي چانگا چارِيَان.

(٦)

ڪرها ڪاهي ڪاڪ ڏي تون چيتو رکي چل
پريان سندي پار ڏي ڪا وِڪ وڌندي هل
وڏا سورن سڪ جي سِيني اندر سل
هونديءَ رات هلي پسون موچاري مومل
تہ تنهنجي لاءِ جَمَل، جايون جوڙيان جيءَ ۾.

(۷)

هلو تان هلي پسون سوڍي جو سينگار
جهين ڪارڻ ڪاڪ ۾ تي نيڻان هاريان نار
سوئي سيپ چمار، ديکِيندي دَمُ ڏيان.

(۸)

هلو تان هلي پسون راڻي سندو رُوپ
جنه لاءِ دونهان ڏوپ، دُکي پيم دل ۾.

(۹)

هلو تان هلي پسون راڻي سندو رنگ
جهين سندي سڪ ۾ نسريو نينه نسنگ
سيني اندر سنگ، مُنه ڏيئي مون موريا.

(۱۰)

هلو تان هلي پسون راڻي جي رهاڻ
نکا 'مون' 'تون' هُت هَلي، نکا کَنه جي کاڻ
سيکا پنهنجو پاڻ، پڏر پسي پرينءَ کي.

(۱۱)

هلو تان هلي پسون، راڻي جي مجليس
نکو حَدَسُ هُت هلي، نکو رِئو رِيس
سيکا رِءَ وَرجِيس، پڏر پسي پرينءَ کي.

(۱۲)

سوڍي وٽان سرتيون کو سامي آيو سُودُ
روشن روحاني گهٽو، وحدت گڏ وجود
نمونو نابُود، ويو ڏيکاري ڏاه کي.

(۱۳)

سوڍي وٽان سرتيون کو آيو آديسي
آندي وٽان مينڌري محبت ماهيسي
جوڳيڙو جيسي، جوش ڏيئي ويو جيءَ کي.

(۱۴)

سوڍي وٽان سرتيون کو سامي آيو سچ
ٻاري ويو وجود ۾ سندو محبت مچ
کوڙ کڍي ويو کچ، ڏيئي سيکو سچ جو.

وائي

راڻي ساڻ رهي، سوڍي ساڻ صحي
کاک ککورئا کاپڙي
۱. جوڳي آيا جُوءِ ۾ "قالُوا" قول کهي
کاک ککورئا کاپڙي

٢. پائي مُونا منه ۾، وِيڙا وير وهي
ڪاڪ ڪَڪورِئا ڪاپڙي
٣. غلام محمد مينڌري، ڏنا ڏاڻ ڏهي
ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي

داستانو ڇهون

(١)

مِهر نہ مادر پِدِري، سَرُ نَہ مون سَهُرو
نڪو ڪاڪو ڪاڪ ۾، نُہُ نہ مون نُهرو
ڪانُ لڳم قهرو، راڻي جي رهاڻ جو.[١]

(٢)

ذَنبُ 'ذَوي اَلاَرحَام' ٿيا عُصَبَا سُور اَصَابَ
"اَلاَقَارِبُ ڪَالعَقَارِب"، ڪاڪيون ڪاڪ عِقاب
سوڍي رِيءَ صواب، ڪونہ ڏسان ٿي ڪو پيو.

(٣)

پِرهانَ پيش پِرائيو مون جُدائيءَ جو داڳ
پِتيون پاٽان پائيان، ماڙيون مَحل ماڳ
اَپاڳائي پاڳ، پينر مون پيڙو ٿيو.

(۴)

پرهان پيش پِرائيا مون سندا سورن سانٺ
اِڪيچار وجود ۾، نڪو ڪاٿو ڪانٺ
لَمحو ڪن نہ لاٺ، ڪاڪِيان جي قطاريا.[٢]

---

(١) اصل. 'ڪَانَر لڳم ڳهُرو'
(٢) اصل. ڪتاريا

(۵)

سوڍي سونہَ سَيت ۾، سَيت سوڍي سونه
وِرونهڻ وِرونہَ، منهُ مَلاحِي ميندري.

(۶)

سوڍي سوا نہ ٿئي، سونہَ سَلالي سِڪَ(۱)
پيتي پوري نہ پوي طَهُورا جي تِڪَ
اِيَ پرولي پِڪَ، پي تہ پسين پرينءَ کي.

(۷)

سوڍي سوا نہ ٿئي سيت سونه سِلالَ(۲)
دِلو داوُرَ دل ۾، مِٽي هٿ گلال
جيڪا مَن ۾ مِيندري، چَڪ ۾ اُها چال
مومل کي محال، ماڙي ۾ ملوڪ ري.

(۸)

ويڻي نت نهاريان راڻا تنهنجو رَندُ
موٽ، مرَان ٿي ميندرا، سائينءَ جي سوگندُ
سندا محبت بَنَد، پاءِ تہ پالهي نہ ٿيان.(۳)

(۹)

ٿِيَسِ ڪاڻياري ڪاڪ ۾، لڄايس لوڪان
قَوڙَائي فِراق جون مِنِ اندر موڪان
نيه سنديون نوڪان، لُوءَ لُوءَ ۾ لائي ويون.

(۱۰)

ٿيس ڪاڻياري ڪاڪ ۾، لوڪان لڄاياس
سورن ڪارڻ سرتيون جيڪس آئون ڄاياس
ناحق نپاياس، مادر مون معذور کي.

(۱۱)

سوڍي سوا سرتيون، ڪاري پايان ڪاڪ
سارينديِ سرير ۾ چڪي پيم چاڪ
خابَ خوشي خوراڪ، ويو ويچاريءَ وسري.

---

(۱) اصل. ائين

(۲) اصل. ائين

(۳) اصل. پهلي نہ ٿيان.

(١٢)

سوڍي سوا سرتيون ڪاڪ ٽيم ڪاري
آيم ڏاتي ڏول ري مَن ۾ مونجهاري
لڳم ڪاني قرب جي ڪُڙهه ۾ ڪاپاري[1]
زور ڪريان زاري، موٽ مران ٽي مينڌرا.

(١٣)

مون جو ڏٺو سرتيون، سوڍي جو سينگار
سوئي سڀ چمار، اورڻ اهوئي ٽيو.

(١٤)

ڪانہ ڏسان ٽي ڪِٿهين سوڍا تنهنجي سُونَهَ
ڦُوڙائي فراق جا ڏُکي پيم ڏُونَهَ
واليءَ لڳ وِرُونَهَ، ڪر وِلهِيءَ سين وَلَها.

(١٥)

من مٽان مون نہ لهي، سندي سوڍي سڪ
پياري پريت جي ڪا پانوَ ويو پڪ
لِيو پائي لِڪ، راڻو رات رَمِي ويو.

(١٦)

راڻو رات نہ آئيو پينر پيچ پني
ماري ويو مينڌرو ڳِٽن ساڻ ڳِني
لڳو پاند پريت جو چِڏيان تان نہ چِني
ڦوڙائي فراق جو سورن سُڌ ڏِني
ديسان ديس پِني، پسان ڏاتي ڏول ڪي.

(١٧)

پسان ڏاتي ڏول کي پينر پنيءَ رات
لائي ويو وجود ۾ ڪو جو ڪِيَنَرُ ڪات
سو ڏک پايان ڏات، جنهن سان مِلي مينڌرو.

---

(١) اصل. ڪُرَمِي ڪاپاري

وائي

سڪندي ٿِيَڙمِ سال، روئي وڃايم حال
سوڍا صاحب سپرين
١. توئي ٻاجهان جڳ ۾، جيئڻ منهنجو جنجال
سوڍا صاحب سپرين
٢. ڏي مُنيءَ کي مينڌرا، واليءَ لڳ وصال
سوڍا صاحب سپرين
٣. اندر آڙه عشق جا، لايا تنهنجي جمال
سوڍا صاحب سپرين
۴. غلام محمد غم ۾، سگهڙي لهج سنڀال
سوڍا صاحب سپرين.

داستانو ستون

(١)

ڍکيا ڍاٽي ڍول، ڍيڍَ سڀيئي ڏِٺَ جا
لاٿائين لُطف سين ڀيلن مٿان ڀول
جي آيا اَجهي اول، سي سوڍي سڀ سينگاريا.

(٢)

سوڍي جي سينگار، ڍٺ سڀوئي ڍڪيو
مومل جي ماڙن ۾ طَهُورا جي توار
پيئن پاڪيزا پاڻ ۾ راڻيون ۽ رهوار
عُسَرِتي آثار، ويا وِڃائين وسري.

(٣)

سوڍي جي سهاڳ، ڍٺ سڀوئي ڍڪيو
ڏسي ڍاٽي ڍول کي مَرڪن ماڙيون ماڳ
ڀولا ڀڄُ اياڳ، تَڪَر تيلي ڇڏيا.

(۴)

مومل جي ماڙيءَ کي چوڌِس دريون در
کوه ڄاڻان کهڙي ويو سوڍو ڄام سڌر
پُورج تهين پَر، جنهن پر پَسِين پرينءَ کي.

(۵)

مومل جي ماڙيءَ کي دريون دروازا
”فَاتّبِعُوْنِيَ يُحْبِبْكُمُ اللّٰه“ آيو آوازا
تيلاهون تازا، ڏِٺم مُنَهَ مَجازَ جا.

(٦)

مومل جي ماڙيءَ کي جَوارِيَ جارا
پسن پاڙي واريون پيهون پَسارا
ڏُولِـــي ڏُوارا، ڏاتـــي ڍکـــي هـلـيـو.[1]

(۷)

سارينديِ سرير ۾ اُپرئو تارو
ڏاتي ڍول نہ آئيو، وَرُ ويچاريءَ وارو
کاڪ اندر ڪارو، لڳم ڏُنَءَ ڏهاڳ جو.

(۸)

ڏاتي ڍول مَ ڏي، ڏکيءَ ڏُنَءَ ڏهاڳ جو
ڪر سهاڳڻ سپرين سوڍا ڄام سڏي
ڪو دم دوست گڏي، ويهہ تہ وِلهِي نہ ٿيان.

(۹)

ڪالهون ڪالهہ ويا، اڄ پڻ ڏينهن ويو
پورائو پريت جو ڪهين ڪونہ ڪِيو
نڄاڻان ٻِيو، ڪهڙو ٿيندو ڪاڪ ۾.

وائي

سوڍا سڪ ٿي ماري، ساريون راتيون ساري
آءُ رَهُ راڻا رات

(۱) اصل. ائين

۱. آءٌ وري هِت وَلها ميان وو، واڳ ولهيءَ تي واري
آءٌ رَهُه راڻا رات
۲. مُنه تُنهيجو مينڌرا ميانَ وو، ڏاتر مان ڏيڪاري
آءٌ رَهُه راڻا رات
۳. محبت تنهنجي مينڌرا ميان وو، جيءُ جڏو تي جياري
آءٌ رَهُه راڻا رات
۴. سڪنديءَ کي سرتيون ميان وو، سوڍل مان سنڀاري
آءٌ رَهُه راڻا رات
۵. مون کي ماتم ماريو ميان وو، ڪاري ڪاڪ ڪُواري
آءٌ رَهُه راڻا رات
٦. غلام محمد غم ۾ ميان وو، گولي ڪيئن گذاري
آءٌ رَهُه راڻا رات

داستانو اٺون

(۱)

ڪڏهن ايندم وَلَهو موٽي مٽي ڪاڪ
مون مٽي کي ماريو پنهنجي نينه نفاق
چِنا آسانگن جا سِپي سَڳ سِيَاڪ
تيلاهون تي طَاق، پيس پاٽان پڏري.

(۲)

ڪڏهن ايندم وَلَهو موٽي ڪاڪ مٽي
سوڍي ڪارڻ سرتيون وينيس سُور سٽي
تانڪون تان اُلٽي، ويني واٽ نهاريان.

(۳)

ڪڏهن ايندم وَلهو ڪاڪ مٽي ڪاهي
هِن ڏڪويي ڏيل جو آسانگو آهي

ڏيندمر سُک سهاڳ جو سوڍل سانباهي
لحظي ۾ لاهي، ڏکيءَ ڏک ڏهاڳ جو.

(۴)

ڪڏهن ايندمر وَلهو واڳ وري واري
جهين ڪارڻ ڪاڪ ۾ ساهُ سِڪي ساري
ڍُران تان تہ ڍول پسان ڍاٽي جي ڍاري
مون ڪي ٿي ماري، دُوئي دُوارَ دَرَ جي.

(۵)

ڪڏهن ايندمر وَلَهو واڳون ورائي
سُونه صَلابت سُپرين سيني سيبائي
دُوئي دُوائي، دُوَاران دُور ڪري.

(۶)

ڪَرهُ ڪاهي ڪاڪ تي آءُ ڍاٽي منهنجا ڍول
وَر ولهيءَ جا وَلَها، راجا منجهہ رَتول
هِي هُلاچا هول، لاهِ تہ لُوٽِي نہ ٿيان.

(۷)

لاه تہ لوٽي نَہ ٿيان، پولي جي پُلڪار
اڳڻ اُڪنڊين جي واڳ ورائي وار
اوڳڻ عيب اپار، ميٽ مُٺيءَ جا ميندرا.

(۸)

سوڍا ڪيمَر سِڪاءِ، ڏيئي فَلڪُ فراق جو
ڪوڙ قَناتون ڪاڪ تي پيرِ پلنگين پاءِ
لالڻ تنهنجي لاءِ، ويٺي واٽ نهاريان.

(۹)

سوڍا تنهنجي سڪَ، مَن مٺان مون نہ لهي
روئي رَتُمر رت سين چندن چولا چِڪَ
سارينديِ سَرير ۾ هَڏ نہ پڳي هِڪَ
ڟهُورا جي تِڪ، تَسيان ئي تار وَهي.

وائي

راڻي کي ڪا چِوَندي، سوڍل کي ڪا چوندي
حال مهينجو جيڏيون

۱. موٽ مران تي مينڌرا، تنهنجِي هيءَ بندي
حال مهينجو جيڏيون

۲. ڪانـ ڏسان تي ڪتهين، سونه تـ سوڍل سندي
حال مهينجو جيڏيون

۳. توئي ٻاجهان جيءَ ۾، ڪاڪ قيامت ڪندي
حال مهينجو جيڏيون

۴. غلام محمد غمر ۾ ساعت مُون نـ سَرندي
حال مهينجو جيڏيون

سر مارئي

داستانو پهريون

(۱)

اُتندي پيوم سؤنچو منجهہ سرير
متيو پايان سومرا سارو ملڪ ملير
تيلاهون تقدير، آٽي وڏو ڪوٽ ۾.

(۲)

فضا آنديس ڪوٽ ۾، ڪتي جي چاپاس
پينگهي پهنوارن جي مادر نپاياس
آٽي اڙاياس، لکيي لوح قلم جي.

(۳)

قضا آنديس ڪوٽ ۾، ڪتي جي چائي
ڪتي عمر سومرو، ڪٿ مارئڙا مائي[1]
آٽي اڙائي، قسمت قَيَد المَاءِ جي.

(۴)

قضا آنديس ڪوٽ ۾، منهنجو ملڪ ملير
جتي سانگيڙن جو صاف رهي ٿو سِير
ڪِليو پين پاٽ ۾ پاوَر جو پَنير
مونکي عمر مير، موٽائي مُنج اوڏهين.

(۵)

مونکي مارئڙن جي لُوءَ لُوءَ منجهہ لغار
وسري ڪين وجود مان پنهوارن پچار
صاحب ربّ ستار، ڀيڄ ڪڙولا قيد جا.

---

(۱) اصل. ڪتي عمر سومرا

(٦)

سُتي لڏم سهڻو، جاءِ نہ جسو جِيءُ
منهنجو مارُوئڙن ۾ ساهہ سُڪايو سِيءُ
واڙا واڙيون ويءِ، وسن ويڙيچن جا.

(٧)

ستي لڏم سهڻو ويا لِڳ لُڏي
اُڏاڻي ڪنهن پار جي مارن پاس گُڏي
نہ ڪنهن توڪ ٿُڏي، اچي پيئي پڙ ۾.

(٨)

توکي عمر سومرا هي نہ مناسب هوءِ
حق پرائو کوهہ تان ڪٽي آيون جوءِ
ڪونہ ڪندو پيو ڪوءِ، ايڏو ظلم ظالمي.

(٩)

مونکي لوئي لڄ جي ڏني اباڻن
سا ڪيئن ڇڏيان سومرا جا گڏي ساڻ گُڻن
بافِيندڙ اُن پار جا شُرَفَت ساڻ اُٺن
متان سانگ سٽن، تہ سَتي سَترُ ڇڏيو.

(١٠)

مونکي لوئي لڄ جي اباڻي آهي
سا ڪيئن ڇڏيان سومرا مٿي تان لاهي
اُڪنڊ تي ڪاهي، وري ويڙيچن ڏي.

(١١)

ويڙيچن سان وير، تنهنجو ڇا ڪي سومرا
هو ويچارا پَٽ پَهُون پُنيءَ مال مٿير
زوري ڪر مَ زير، ظالم مظلومن ڪي.

(١٢)

لوئي لڄ ڪري وڃان مانَ وري
محلن جي مَر ڏوئان سرتين ساڻ سَري
آهي ٻالهہ ٻري، جدا جالڻ جندڙي.

(۱۳)

عمر ماروئڙن کي ساريان سنجهه صبوح
جدا جهانگيڙن کان راس نہ اچي روح
هينئڙي منجهه ڦُروح، ڪُري قريبن ري.

(۱۴)

عمر ماروئڙن کي ساريان راتو ڏينهن
وُٺا موڪ ملير تي ميڙائي جا مينهن
لڄ شرم جو شينهن، مونکي مارڻ آئيو.

(۱۵)

جدا جهانگيڙن کان مونکي موت مرڪ
دليلن دَرڪ، آٽي ڏنو ڏڪ جو.

وائي

سومرا سائُون الا، مون مارن سان چونڊيو[1]

۱. سگُر سانگيڙن سان ڪاهڙ ۾ ڪائو الا
مون مارن سان چونڊيو

۲. لوئي لاڪي لال ڪري مون ڏي مڪائون الا
مون مارن سان چونڊيو

۳. ڏوٽي پنهنجي ڏيهه جو مونکي ڏنائون الا
مون مارن سان چونڊيو

۴. آنڪَرَ ڪنديس ڪينڪين پيهر پي آئون الا
مون مارن سان چونڊيو

۵. غلام محمد ماڙ ۾، مونکي سارياٽون الا
مون مارن سان چونڊيو.

---

(۱) اصل. 'سومرا سائون لا' (اسان 'لا' بدران 'آلا' ڪري لکيو آهي).

داستانو ٻئو

(١)
نڪو ’ڪُن فَيَڪُوَنُ‘ هو، نڪا جوڙ جبار
هيڪڙائي هيڪ هو نڪا ٻي پچار
تڏهانڪون اقرار، منهنجو ماروئڙن سين.

(٢)
نڪو ’ڪُنَ فَيَڪُوَنُ‘ هو، نڪا جوڙ جهان
هيڪڙائي هيڪ هو صاحب رب سبحان
مون تڏهانڪون مان، لڏو ماروئڙن سين.

(٣)
نڪو ’ڪُنَ فَيَڪُوَنُ‘ هو، نڪا هڪل هوءِ
نڪا جوڙ جهَت جي، نڪا رُوَيَتَ روُءِ
منهنجو تڏهانڪوءِ، وچن ويڙيچن سين.

(٤)
نڪو ’ڪُنَ فَيَڪُوَنُ‘ هو، نڪو مُلڪ مِلَت
هيڪڙائي هيڪ هئي واحد جي وحدت
منهنجي تنهن مُدَت، سنگت سانگيڙن سين.

(٥)
نڪو ’ڪُنَ فَيَڪُوَنُ‘ هو، نڪو دنيا دين
نڪو لوح قلم هو، نڪو عرش زمين
مون تڏهانڪون مِيَن، پاتو پهنوارن سينِ.(١)

(٦)
نڪو ’ڪُن فَيَڪُوَنُ‘ هو، نڪا ملڪيت مال
هيڪڙائي هيڪ هو، صاحب ذوالجلال
مون تڏهانڪون حال، ڏنو ڏوٿيڙن کي.

---

(١) اصل. ائين

(۷)

اَلَسّتُ اَرواحن کي جڏهن چيو جن
’قالوا بَليٰ‘ قلب مان کڍي کيائون کَن
مونکي محبت من، محڪم مارُئڙن جي.

(۸)

’اَلَسّتُ‘ ارواحن کي چيو رَبُ سُبحان
’قالُوا‘ کَهِي قلب سين آندائون ايمان
مون کي مسلمان، مارو ڪيو مام ۾.

(۹)

’اَلَسّتُ‘ ارواحن کي چيو رب ڪريم
’قالُوا‘ کَهي قلب سان ٿيا سڀ مليم
منهنجو حال حليم، جدا جهانگيڙن کان.

(۱۰)

پکا پهنوارن جا ساوڪ ۾ سونهن
مينهيون مارُئڙن جون چاهڪ گاهه چرن
ذوق رسي روحن، پَسِي پٽ پهنواريُون.

(۱۱)

پکا پکن سامهان آٿي گڏ اڏين
وڏيءَ ويلَ اَسورُ جو اُٿي ڏُڌ گڏين
تائين صبح سومرا ويسندَ وار نہ ڏين
چني ساهه چڏين، منهنجو سانگي سڪ سين.

(۱۲)

موٽائي مُنج سومرا مونکي اوڏاهين
جيڏانهن اباڻا ٿيا تانگهيان تيڏاهين
قيدي ڪيڏاهين، وڃي سگهي ڪينڪين.

(۱۳)

مور نہ وڻن سومرا تنهنجا تَهريون طعام
منهنجو مَن ماتام ۾ راتو ڏينهن تمام
ڪاڏو لڳي ڪام، سُمهڻ ساڙو سِرُ جو.

(۱۴)

تنهنجي ليکي سَنَري هندورنِ آهي
کندي وڳا پَٽ جاَ لوئي کِي لاهي
سينو ڇا ساهي، مون ساه وِهندِي ماروئي.

(۱۵)

عمر تنهنجا ماڳ، ملکيت محلا ماڙيُون
ڏيان تَني کي گڏي، وڏي ٻاري آڳ
کنديس کونہ سهاڳ، سوا سانگيءَ سومرا.

وائي

کوٽ ۾ قابو قيد کيو، وري ويندِيس کيئن

۱. سونهن وڃايم سومرا، اڇي هاٽي هيئن
کوٽ ۾ قابو قيد کيو

۲. وڃي شال گذاريان، سنگت سانگين سيئن
کوٽ ۾ قابو قيد کيو

۳. ڏُٽ ڏاڏاٽي ڏيهہ جو، تنهنجو طعام نہ تيئن
کوٽ ۾ قابو قيد کيو

۴. کينَديس کاوُڙَ ۾ وڃي جوڙَي جهانگين جيئن[1]
کوٽ ۾ قابو قيد کيو

۵. غلام محمَّد ماڙَ جي مران محبت مينهن
کوٽ ۾ قابو قيد کيو.

داستانو ٽرئو

(۱)

کوٽن کنباياس، مون اڳ نہ ڏٺا کڏهن
پکن ري پينگهن ۾ روح نہ اچي راس

---

(۱) اصل. 'جوڙِي' (ڙ جي هيٺان زير)

مونکي ماروئڙن جي راتو ڏينهن اداس
لوه لڳا الماس، ڪيِرا قابو قيد جا.

(٢)

ڪوٽن وهان ڪيئن، آءُ پَهنُورَ پٽ جي
مونکي مرڻ سيئن، اڪنڌ اباڻي پار جي.

(٣)

پڪن جي هيراڪ، سا ڪيئن وهي ڪوٽ ۾
اندر ڪيو چاڪ، جدا جهانگيڙن جي.

(٤)

سبيو سانگيڙن سان منهنجو سُئيءَ ساهه
پڪن منجهه پساهه، جسو زنجيرن ۾.

(٥)

سبيو سانگيڙن سان منهنجو سُئي سَڳ
وري وڃان اوڏهين آهيان جه جني مَڳ
هٿين پيرين رڳ، مونکي ماروئڙن جو.

(٦)

لوڪان لڄاياسِ، لقب لڳي سومرا
مادر ماروئڙن ۾ ناحق نپاياس
هوند نه جي ڄاياس، مارو پيا نه مامري.

(٧)

ميرو منهن ٿيوم، مر مٿان مون نه لهي
سهٽو حسن سومرا، اڇي هتِ ويوم
لوحان هو لکيوم، ٿکو ڪارو ڪَرمَ ۾.

(٨)

هاٿي ڪريان ڪيئن، ويو حسن سومرا
مونکي مرڻ سيئن، آيا مهٽا مُنه ۾.

(٩)

ٻن ڪتون، ٻن ماڙيون، ٻن خوراڪون ڪاڄ
مارو ملڪ ملير جا عمر منهنجو راڄ

ڏُونَرا پَسِي ڏيهہ جا، آٽي ڪيو ڪاڄ
لويون لاکيون لاڄ، مرڪ ماروئڙن جو.

(۱۰)

عمر آڇ مَ مون، جا تو مندي من ۾
مونکي ماروئڙن ۾ مارُوءَ سين لائون
توکي تيلاهون، پاءُ برادر پانئيان.

(۱۱)

لوئي لڄائي، ڪيئن پٽولا پائيان
سک نہ سانگيڙن کي عمر مون ڇائي
مونکي نپائي، مارو پيا مامري.

(۱۲)

هَي هَي هوند نہ هوءِ، مونکي حسن سومرا
ڪنهن نہ سڃاتو سونهن ري ڪهين ڪري ڪوءِ
هاڻي ساريان سوءِ، ويٺي قابو قيد ۾.

(۱۳)

مونکي حسن سومرا آٽي قيد ڪيو
ظالم زنجيرن ۾ اڇي پير پيو
جيڪي هو لکيو، سو مون پارڻ آئيو.

(۱۴)

مونکي حسن سومرا آٽي ڪيو قَيد
جسو زنجيرن ۾ ڏکي مثل بَيد
سورن سوگهو صَيّد، ٻڌي وڌو بند ۾.

وائي

منهنجا مارو ملڪ ۾ مشهور
ڪٽي آيون ڪوه تان ڪري کهڙو ڪَلُور[1]

۱. ظالم تنهنجي ظلم جو ملڪ ۾ مذڪور
منهنجا مارو ملڪ ۾ مشهور

(۱) اصل. ڪري کهڙو ڦُهور (ق تي پيش)

۲. ٿيندي يون ڏينهن قيامر جي محشر ۾ معذور
منهنجا مارو ملڪ ۾ مشهور
۳. دفتر تنهنجي ظلمر جو ظاهر ٿيندو ضرور
منهنجا مارو ملڪ ۾ مشهور
۴. غلامر محمد محبت ۾، موت نہ ماري مور
منهنجا مارو ملڪ ۾ مشهور.

داستانو چوٿون

(۱)

اسين پنهورَ پَٽَ جا مور نہ موچارا
ڪاڄ جني جو ڪنپيُون، سائون، سِيَارا
اهڙا جن پارا، سي ڪيئن جَهلِين سومرا.

(۲)

اسين سانگي سومرا سانگين ۾ سونهون
مور نہ وڻن ماڙيون طُولانِي ٿُوهون
وهون ويڙيچن ۾ دُڪائي دونهون
لُلُر آلُوهون، آٽـــي چاڙهيون چاهہ مـــان.[1]

(۳)

موٽائي مُنج سومرا، ويچاري واري
ساريو سانگيڙن کي ويني جر هاري
ماري مونجهاري، مارن بنا ماروئي.

(۴)

مونکي پنهوارن جو آيو هي پيغام
”وَلاَ تَجلَسَ فِي القُصُوَرِ“ ڪري کو آرام

---

(۱) اصل. للر آلهون

”وَلاَ تَلْبَسّ لِباسُهُ عَليٰ جَسَدِکِ“ آهي عين حرام
”کُل شَيءِ يَرجِعُ اِليٰ اَصِلِهِ“ تانگهي تن تمام
پيچي قيد ڪمام، موٽائي منج ماروئي.

(٥)

پيچ ڪڙولا قيدجا، صاحب رَبّ ڪريم
عمر ماري آهيان ڏيئي قيد قديم
ساعت ساهه سليم، مور نہ ماروئڙن ري.

(٦)

پيچ ڪڙولا قيد جا، صاحب ربّ قدير
عاجز ڪيو جان کي زوراور زنجير
فيراقن فقير، ڪيو منهنجو جندڙو.

(٧)

ويٺي سانگي ساريان، ڏاڏاٽا ڏيهي
جني ڏني روح کي راحت جي ريهي
قريبن جي [قرب جِي] ڳالهہ ڪريان ڪيهي
جيهي جي تيهي، ڪدي نيندا قيد مان.

(٨)

[مور نہ وسرن منهنجا] مَن مٽان مارو
[ڇيلا] ڇيڙن ڇانگ ڪري پيِنِ پَهارو
سانگي سنپارو، اڇي ٽيندم اوڇتا.

(٩)

ويٺي ساريان سومرا، سانگي ماٺهو سي
جَنب گذاريم جن سان، ويهي ورهہ ڪي
مانَ موٽائي ني، قسمت مونکي ماروئين.

(١٠)

ويٺي ساريان سومرا سرتيون سيبئي
پاپائي جون پينرون، قبيلا ڪيئي
ساريندي سيئي، وڃي ڏسان ڏيهہ ۾.

(١١)

جدا جهانگيڙن ڪان ساعت پايان سال
ساري سانگيڙن ڪي روئي وڃايم حال
سائين لڳ سنپال، سانگي لهندم سيگهه ۾.

وائي

سدا سانگيڙن جي آهي اڪنڊ اڪير
مونکي مارو ميڙيئين ميان مير
١. وڃي ويڙيچن سان ڪِيان ڪنڊون ڳنڍ ڪير
مونکي مارو ميڙيئين ميان مير
٢. سياڻو ٿي ميان سومرا، لاهه ظلم جا زنجير
مونکي مارو ميڙيئين ميان مير
٣. قضا آنديس ڪوٽ ۾، منهنجو ملڪ ملير
مونکي مارو ميڙيئين ميان مير
٤. ڪڍ بندياٽي بند مان پنهنوارن جا پير
مونکي مارو ميڙيئين ميان مير
٥. غلام محمد مانديءَ ڪي فراقن ڪيو فقير
مونکي مارو ميڙيئين ميان مير.

داستانُو پنجون

(١)

عمر شال ڏرين، آجي ٿيئي آجڙي[1]
ڪنگاليون ڪوٽن ۾ آٽي قيد ڪرين
نٿو ڏيان ڏرين، قادر رب قهار جو.

(١) اصل. 'شال مرين'. غالباً ڪاتب ائين لکيو. غلام محمد پاڻ شاه عبداللطيف جي نقشِ قدم تي هلندڙ آهي.

(۲)

عمر ڏرين شال، لهي لوڙو لوڪ تان
رهي اشرافن جو شُرَفتناڪِي حال
سپڪو خوش خيال، هجي پنهنجي ملڪ ۾.

(۳)

عمر تنهنجو ڪوٽ، وڃي پاڙان پٽجِي
جهين جهانگيڙن ڪي ڏوڙي ڏني چوٽ
جنهن ۾ ڪپت ڪوٽ، ويندو سو ويران ٿي.

(۴)

وطن ڪيئن وساريان جو ڏاڏاڻو ڏيهہ
ملي منهنجي روح کي ماروئڙن جي ريهہ
سدا سانگيڙن جو خوش وسي ساٽيهہ
اوڏو مور مَ ويهہ، مون کي عمر سومرا.

(۵)

ڪکرَ ڪيرُون ڪڏيُون مٿي ملڪ مليرَ
پنهنوارن جي پار جي آيم هنيَڙي هيرَ
سياٽو ٿي مچ سومرا، منهنجي منت مِيرَ
جيئري لاِهہ زنجيرَ، تہ ملان ماروئڙن کي.

(٦)

ڪکر ڪيرون ڪڏيون پنهنوارن جي پار
وُٺا مينهن ملير تي، سانوڻ ڪيا سُڪار
سرها ٿيا سنگهار، وسڻ ساڻ سرير ۾.

(۷)

ڪکر ڪيرون ڪڏيون، پنهنوارن جي پاس
وٺا مينهن اگوندرا چؤطرفا چوراس
راتو ڏينهن اداس، مونکي ماروئڙن جي.

(٨)

وُٺا مينهن ملير تي، موڪ لڳيون موڪون
جوڙي وينا جُوء ۾ جهانگيڙا جهوڪون
تني جون نوڪون، لڳم نينهن نراليُون.

(٩)

اڄ پڻ پنهنوارن ڏي ڪڪر ڪيرَ ڪري
هي ڪنگالي ڪوٽ ۾ تي ماڙين منجھ مري
موٽائي مُنج سومرا، توڪان سڀ سري
لوئي لال ڪري، وري ويڙهيچن وجان.

(١٠)

سڪان ساريان سومرا، سرتيون سڀيئي
ويٺي ڪانگ اڏائيان ڪالهاڪُون ڪيئي
موليٰ مون نيئي، پُورج پنهنوارن ۾.

(١١)

سڪان ساريان سومرا، ويڙيچا ويٺي
هي تا سورن سڪ جي چيتاري چيٺي
مانَ تيئي ڏيني، موٽي ماروئڙن سين.

وائي

ساريو ويٺي آءٌ ساريان، عمر ڇام سو ڪيئن وساريان
ڏٺ ڏاڏاڻي ڏيھ جو
١. جدا جهانگيڙن کان، ڪيئن گهڙيون هت گهاريان
ڏٺ ڏاڏاڻي ڏيھ جو
٢. ڪري مهڙ ملير ڏي، رويو هنجهون تي هاريان
ڏٺ ڏاڏاڻي ڏيھ جو
٣. وَڇون واڙن ۾ وجي ويڙيچن جون واريان
ڏٺ ڏاڏاڻي ڏيھ جو
۴. غلام محمد ماڙ ڏي ڪٽيو نيڻ نهاريان
ڏٺ ڏاڏاڻي ڏيھ جو

داستانو ڇهون

(۱)

اول آخر آهه، منهنجو منهن ملير ڏي
ڪوٽ ڪنبائِي آهيان، ڇاٽي هيڪ الله
سُرَهو ڏيانَ ساهه، پکي پنهنوارن جي.

(۲)

اول آخر هوءِ، منهنجو منهن ملير ڏي
جدا جهانگيڙن ڪان ٽيسِ جَرِيَدِي جوءِ
سومرا سندوءِ، قرب ڪَراهت پائيان.

(۳)

والي واري واڳ، تہ وڃان ويڙيچن ڏي
منهنجو ماروئڙن ۾ لوئِي لاڪي لاڳ
ٻَن سو سُک سهاڳ، سوا سانگيءَ سومرا.

(۴)

اڪنديو آهون ڪري منهنجو من مدام
”فَلاَ تَتَّبعُوا اخُطُواَتِ الشّيَطان“ آيو هي پيغام
ڪنديس ڪونہ سلام، سوا سانگي سومرا.

(۵)

ڏوٽي ڏور ٽيام، ڪَنهن سان وِرهه وِرُوُنُهيَانَ
جدا جهانگيڙن ڪان قائم ٿي قَيام
منهنجو من مدام، واڳيو ويڙيچن سين.

(٦)

اُڪنديو ارواح، ساري سانگيڙن ڪي
مولٰي ميل صباح، مونکي ماروئڙن ۾.

(۷)

منهنجو من ملير ۾ واڳيو ويڙيچن
سيئي ويڻي ساريان جَنَبُ گذاريو جن
هنيئڙو لائِي تَنِ، اُڪنديو آهون ڪري.

(٨)

ويٺي هٺان هاڻ، متي سَٿر هٿڙا
گهٽو اکنديِ آهيان ويڙيچن جي ڪاڻ
عمر ڇام اُماڻ، منهنجو مڙهه ملير ڏي.

(٩)

ويٺي هاڻ هٺان، متي سَٿر هٿڙا
ساريو سانگيڙن کي ڳايو ڳُڻ گهٽا
تيلاهون تَٽان، وري ويڙيچن ڏي.

(١٠)

ويٺي هٺان هاءِ، متي سٿر هٿڙا
لڳو ويڙيچن جي وڇوڙي جو واءِ
ٿر تي ٿورو لاءِ، موٽائي مُنج ماروئي.

(١١)

منهنجو مڙهه ملير ڏي موٽي مُنج ميان
وڃي ويڙيچن ۾ هيڪَند شال ٿيان
مَرُ تان ڪِيَنِ ڪِيَان، هڏا ڏوٿِيَڙن سين.

وائي

وڃي ويڙيچن ۾ هيڪاندي ٿيان جتي مارو تتي ميل ميان

١. ڏؤنرا ڏوٿيڙن سين، ڪاٿڙ منجهه ڪِيان
جتي مارو تتي ميل ميان

٢. ڪڍ بندياٺي بند مان، هتان هاڻ هِيَانَ
جتي مارو تتي ميل ميان

٣. پکي پنهنوارن جي، سرهو ساهه ڏيان
جتي مارو تتي ميل ميان

٤. وڃي ڪاٿڙ ڪيت ۾، کِلي کير پيان
جتي مارو تتي ميل ميان

٥. غلام محمد غم ۾، جڏي جِيءَ جِيان
جتي مارو تتي ميل ميان

داستانو ستون

(١)

’حَمَدُ‘ جني جو هندّ ٿيو، ’اَعُوَذ‘ نہ اوڏو سي
تسبيحون تَحليل جون مونوٽ پڙهي مي
قيد ڪشالا ڪي، ڪڏن ڪِريءَ وارِيُون.

(٢)

’حمد‘ جني جو هندّ ٿيو ’اعوذ‘ نہ اوڏيون هُوَنِ
تَقَاضا تسليم جي ويڙيچا نہ چُوَنِ
پاٿان پري پُوَنِ، پکا پنهنوارن جا.

(٣)

’حمد‘ جني جو هندّ ٿيو، ’اعوذ‘ اوڏو تن(١)
هو هندورا ماڙيون محل نہ ماڙيچن
مون ڪان مارو‍ئڙن، پري پکا ڪوڙيا.

(٤)

نڪي پکا پٽ ۾، نڪو پٽ پنهنوار
نڪو راڄا راڄ ۾، نڪو دَرُ دُوَار
جُهوپا جهُري جهنگ ٿيا، نڪو ڳوٺ ڳنوار
مالڪ هٿ مهار، وُٺي ويڙيچن جي.

(٥)

نڪو جهوپا جهنگ ۾، نڪو ڏي نيپُونَ
ڪاهي ڪَهين پار، ويا سَما سَمِيپُون
پاٽيءَ ري پَيپُون، جهلُون جهانگيڙن جون.

(٦)

نڪي جهوپا جهنگ ۾، نڪو نيپُون ڏي
ويا بئي ڪنهن پار ڏي ڏوٿيڙا لڏي
منهنجي جيء جڏي، سمهي سُک نہ ماٽيو.

(١) اصل. ائين

(٧)

جهوپو جهانگيڙن جو ڪونہ ڏسان ڪوئي
ڪيم آهہ الله کي روح اندر روئي
منهنجو اُهوئي، وچن ويڙيچن سين.

(٨)

هَيَهَات هَيَهَات جي وائي پيم وات
ساري سُتيس پانهنجا سَڳا سيڻ سيَات
آئي ڏکي ڏيل کي آڏر آڏيءَ رات
پرهہ ڦٽي پرڀات، سو مون سمر سومرا.

(٩)

هَيَهَات هَيَهَات جِي وائي وات پيام
ڏني ڏوٿڙن کي گهٽا ڏينهن ٿيام
جدائي جهانگين جي منهنجي ڪاڻ قيام
موليٰ لاهہ مَلام، تہ ملان مارُوئڙن کي.

(١٠)

وَالله وڏي وَس ويا جُوءِ ڇڏي جهانگي
لڳي ڏوٿيڙن کي اَرئو اڙانگي
سانگ ڪري سانگي، مارو مور نہ موٽيا.

(١١)

وَ اللهِ وڏيءَ وس ويا، جهانگي ڇڏي جُوءِ
ويڙيچن وسايو وچي وطن هُوءِ
سانگيڙن جي سُوءِ، وَسئون ڪين وسارِيَان.

(١٢)

وَ اللهِ وڏيءَ وس ويا، جهانگي جوءِ ڇڏي
پهتا پاوَر پار ۾ منجهان لوءِ لڏي
منهنجي جيءَ جڏي، سانگي پنهنجا ساريا.

(۱۳)

وَ اللهِ وڏي وس ويا سانگي ڪري سانگ
منهنجي ماروئڙن ڏي تن ۾ تازي تانگھ
هيءَ جا ڇني ڇانگ، مولىٰ موٽي ميڙئين.

(۱۴)

وَ اللهِ وڏيءَ وس ويا سانگي سانگ ڪري
وري ويڙيچن جو وانگي ڪونہ وري
محل منجھ مري، مارن بنا ماروئي.

وائي

اَلاَ نِيُندَمِ وٺي وَرُ واري
آءٌ ويـنديس پنهوارن جي پَکَڙين

۱. مارو ملڪ ملير جا، منهنجو ساه سدا ٿو ساري
آءٌ ويـنديس پنهوارن جي پَکَڙين

۲. پاريان سي پنهوار سان قول ڪيم جي ڪواري
آءٌ ويـنديس پنهوارن جي پَکَڙين

۳. مهي ماروئڙن سان مونکي پرور مانَ پياري
آءٌ ويـنديس پنهوارن جي پَکَڙين

۴. غلام محمد ماروئي هٿ رويو هنجهون ٿي هاري
آءٌ ويـنديس پنهوارن جي پَکَڙين

داستانو اَٺون

(۱)

والي واري وار، وري ويڙيچن ڏي
وسئون ڪين وساريان پاڙيچا پنهوار
اندر انڌوڪار، اٿم ٿاريلن جو.

(۲)

وسئون ڪين وساريان پنهنجا سيڻ سڱا
ونجهل ويڙيچن جي اٿم تن تڱا
لوهان لوھ لڱا، جي مون لاھ لطف سين.

(۳)

وسئون ڪين وسارِيان، سانگي پنهنجا سبڻ
وڻن ويڙيچن جا وڻگَ وَرنا ويڻ
ڪوءِ ڪٿون ٻَنِ ڪيڻ، مونکي مارُوئڙن ري.

(۴)

وسئون ڪين وساريان پاڙيچا پهنوار
ساريو سانگيڙن کي نيڻَ وهايان نار
ڏاتر مون ڏيکار، جهوپا جهانگيَڙن جا.

(۵)

جهنگ ۾ جُهنا جهوپڙا، جهانگيَڙا جوڙين
ڇيلا ڇيڪ ڇنن ۾ ڇُڳيريون ڇوڙين
وينيون ولوڙينِ، پَلُر پائي هٿڙا.[۱]

(۶)

جهنگ ۾ جُهنا جهوپڙا سندا جهانگيَڙن
محل ماڙيون سومرا، مرڪ نہ مارُوئڙن
جدا تان نَہ جُڙن، پڪا پنهنوارن جا.

(۷)

تِڙ تِڙ تي تنوار، جهنگ ۾ جهانگيڙن جي
ڏراڙن ڏڻ ڇوڙيا، اَسَرُ ويل سَوار
پنهنوارن پچار، من مٿان مون نہ لهي.

(۸)

تڙ تڙ تنوارين، پَهُونَ پنهنوارن جون
واري واڙن سامهيون ويڙيچا وارِين
مون کي تاَ مارين، سندس سانگين سڏڙا

(۱) اصل. پلڙ پائي هٿڙا

(۹)

وسري ڪين وجود مان وطن جو وصال
ونجهل ويڙيچن جي وڏو جيءُ جنجال
سندي ماڙ مَقال، ڪيان ويٺي ڪَنِ سين.

(۱۰)

مونکي مارُوئڙن سين موٽي ميڙِ ميان
وڃي ويڙيچن سين ڪِلي ڪير پيان
جَڏي جِيءَ جيان، ڏسي ڏوٿيڙن کي.

(۱۱)

منهنجو من اَمير، واڳيو ويڙيچن سين
هي جي زيور زر جا پايان ٿي زنجير
طُول وِهاٽا تير، تنهنجا اٿم سومرا.

(۱۲)

منهنجو مَنُ ملول، سوا سانگين سومرا
تِيرانَ تڪا پائيان تُنهنجا تَڪيا طُول
پوي مانَ قبول، صَدا منهنجي ساهُرين.

(۱۳)

سانگي اٿم ساهُرا، سڳورا سيئي
پرت جُني جي پارَ جي پِهرائين پيئي
تني ۾ نيئي، ڏيان ساهه سرير جو.

(۱۴)

سانگي اٿم ساهُرا سڳورا سردار
ٿاريلا ٿر-ڏٿي پاڳارا پنهنوار
وسري ڪين وجود مان سندي تن تنوار
پُڄي مانَ ڄمار، منهنجي ماروئڙن ۾.

(۱۵)

منهنجو منهن ملير ڏي، پيون پَنِ ڏيان
وڃي ويڙيچن سين هيڪاندي ٿيان
جانَڪِيتانَ جيان، هجان جهانگيڙن ۾.

(۱۶)

منهنجو مُنّهُ ملير ڏي مَر ڏيان پيا پن
”حُب الوُطن مِنَ اَلاِيمان“ تڳان تاري تن
وڃي شال گذاريان پاسي پنهنوارن
جيءَ ۾ وڏا جن، نوان نِيرَ نِيهَ جا.

(۱۷)

منهنجو مُنهُ ملير ڏي، ڏيان بَن پَيا
مونکي پنهنوارن سين پڪا پيچ پيَا
تاريلا ٿيا، سانگي منهنجا ساهُرا.

وائي

ويڙيچن سان ويهي، عمر ڄام! ڏوٿيڙن سان ويهي
ڪجهہ ڳِرهينديس ڳالهيُون
١. موٽي ماروئڙن ملان جيهي آيس تَيهي
ڪجهہ ڳِرهينديس ڳالهيُون
٢. جوڙي وهنديس جوء ۾ پنهنوارن سان پيهي
ڪجهہ ڳِرهينديس ڳالهيُون
٣. ڪِينَدَس ڪاوُڙ ۾ وڃي، ڏَٿ ڏاڏاٿو ڏَيهي
ڪجهہ ڳِرهينديس ڳالهيُون
۴. غلام محمد ماڙ ڄِي، ڳالهہ ڪريان آءُ ڪيهي
ڪجهہ ڳِرهينديس ڳالهيُون

داستانو نائون

(١)

’ڪُنْفانَ‘ قَولُ قَوِي، ڪيم قريبن سين
”مَن اسَتَطاعَ عَلَيَہِ سَبِيّلاً“ اها سونهن سَوِي
جتي راڄ رَوِي، تتي رهان راتڙي.

(۲)

’كُنّفانَ“ قول قرار، كيم قريبن سين
مونكي مارُوئڙن جو اندر انڊوكار
پاڙيچا پنهنوار، وسئون كين وسارِيَان.

(۳)

’كُنّفانَ‘ كيم قول، پنهنجا پنهنوارن سين
’انَّكَ اَخِي وَ اَنَا اُخْتُكَ‘ پيچ سِپيئي پول
’قُلْ مَتَاعُ الحياة الدنيا قليلا“ لاهه هُلاچا هول
لوئي لال رتول، كري ويڙيچن وچان.

(۴)

’كُنّفان‘ قول كيام، پنهنجا پنهنوارن سان
جدائي جهانگين جي منهنجي كاڻ قيام
’وَ قِنَا عَذاب هذالبَيّتِ‘ پني تي پينام
’لجنسُ مَعَ الجِنّسِ‘ هي هندورا دام
تيلاهون تمام، وهِڻ مونكي وِهُ ٿيو.

(۵)

تَرهل تي تنوار، سُيَمِ سانگيڙن جي
رويو تي رت هاريان نيڻن منجهان نار
صبح ويل سَوار، پسان پاڙي واريون.

(٦)

ساريو سانگيڙن كي روئان راتو ڏينه
وُٺا ملك ملير تي ميڙائي جا مينه
نِتِ نئون اتم نِيّهُ، من ۾ مارُوئڙن جو.

(۷)

بَنِ اَميرِي ماڙيون، كُوءِ كٽولا كٽ
سانگي سمهن سك تي پاسو ڏيئي پٽ
چِنا چائون چٽ، عَطرانَ اُتَم پائيان.

(۹)

ٻن اميري ماڙيون، ٻن هندورا هِي
جدا جهانگيڙن ري جاءِ نہ جسو جي
پنهنوارن جا پِي، پکن ميڙ پَکيڙِيُون.

(۹)

اڄ پڻ ملک ملير ڏي ککر کاري روءِ
وُٺي ويڙيچن تي بوند بهاري بوءِ
کڏهن روبرو، ٿيندي ساڻ سَرتئين.

(۱۰)

اڄ پڻ ملک ملير تي موک لڳيون موکون
جوڙِ وينا جُوءِ ۾ جهانگيڙا جهوکون
رقيبا روکُون، کر مَ کاڙِيُورَنِ کي.[1]

(۱۱)

اڄ پڻ ملک ملير ڏي ککر کيون کيرون
مينهن متي آنديون سَرِليءَ مان سيرون
وُٺيون ويڙيچن تي ملاري ميرُون
پوڄ پکا پيرون، پاسي پنهنوارن جي.

(۱۲)

عمر آڄ مَ ماڙيون، موٺي چئو مَ ويھ
سائون سگر ساوڙي، ڏٿ ڏاڏاٽو ديھ
سک وسي ساٿيھ، سدا سانگِيَڙن جو.

وائي

موليٰ مون کي ميڙ، پنهنوارن جي پکڙين
۱. سانگيَڙن سين سومرا، جهلون پاءِ مَ جهيڙ
پنهوارن جي پکڙين
۲. وسن ويڙيچن جا واڙا واڙيون ويڙ
پنهوارن جي پکڙين

(۱) اصل. ائين

۳. نيئي ڏوٿيڙن سان منهنجو ساه سَلهيڙ
پنهوارن جي پکڙين
۴. منهنجا ملڪ ملير ۾ ڪاڪا ڪاکيون ڪيڙ
پنهوارن جي پکڙين
۵. غلام محمد مانَ ملان جتي چيلن چيڙ
پنهوارن جي پکڙين

داستانو ڏهون

(۱)

ساهه سيباٽم سومرا، پِٽن پَرِ پاٽا
وسن ويڙيچن جا ٿرَن ۾ ٿاٽا
وسئون ڪين وساريان ڏوٿي ڏاڏاٽا
پکا پراٽا، ماڙين سان نہ مٽِيَان.

(۲)

ساهه سيباٽم سومرا پکا پنهنوارن
ساوڪ پاسي کوڙيا سُرها سنگهارن
واري ولهارن، ولر واڙن واريا.

(۳)

ساهه سيباٽم سومرا، مارو ملڪ ملير
وٽي ويڙيچن جي هنيڙي اندر هير
لهي ساهه سڏير، پاڙي پنهنوارن جي.

(۴)

سڪان ساريان سومرا، ويڙيچا ويني
ڪڏهن ٿيندو ٿر ۾ ڏاڏاٽي ڏيني
پکن آئون پيني، وٽن مور نہ ماڙيون.

(۵)

ٻن کٽون، ٻن ماڙيون، ٻن هندورا هي
منهنجو جسو جيء، واڳيو ويڙيچن سان.

(٦)

ڪيئن پٽولا پائيان، عمر هٿ آئون
لڏيم مارو چام سان، لوئيءَ ۾ لائون
ٻيهَر ٻِي آئون، اَنڪَرَ ڪنديس ڪينڪين.

(٧)

قضا آنديس ڪوٽ ۾، منهنجو ملڪ ملير
اتم ٿاريلن جي اندر منجھ اڪير
پاور جو پَنِير، پيان پنهنوارن سان.

(٨)

توبه تنهنجي ڪوٽ ڪان، توبه تنهنجو طعام
سُوا سانگين سومرا، قائم ٿي قيام
مون تان لاهِ مَلام، تہ ملان ماڙيچن ڪي.

(٩)

توبه تنهنجي ڪوٽ ڪان، توبه تنهنجا هنڌ
هٿ قضا جي قيد ۾ ٿيس بندياڻي بند
ڪيئن ڪٽنديس ڪنڌ، هُت ويهي ويڙيچن ۾.

(١٠)

طٰه يٰس سومرا ماروئڙن جو ماڳ
مونکي عمرڪوٽ ۾ جدائي جو داڳ
جي لَوَلاڪِي لاڳ، ملي تہ ماڙ مِلان.

(١١)

طٰه يٰس سومرا، ماروئڙا ماڻينِ
ڏٿ ڏاڏاڻي ڏيهہ جو آڻ ميو آڻين
ويڙيچا واڻينِ، جهلُنِ، پاسي جهوپڙا.

(١٢)

طٰه يٰس سومرا جهانگيڙن جي جوءِ
ڪوڙي پڪا پٽ ۾ وهَن روبروءِ
وطن جن جو هوءِ، سي سانگي سدا سنرا.

(۱۳)

طٰه يٰس سومرا، سانگيڙن جو سانگ
اتم ٿاريلن جي تن ۾ تارِي تانگھ
چوڙي ڇيلن چانگ، جَنَنِ پاسي ڇيڙِيَان.

(۱۴)

طٰه يٰس سومرا ٿاريلن جو ٿر
جوڙي وهن جهوپڙا پَلا پٽن پر
"تَجرِي مِنۡ تَحتِهَا اَلانهار" تَرَهَلَ تازا تر
پاٽيَ پوچ اَپَر، پين طَهُوراتَ جو.

(۱۵)

طٰه يٰس سومرا ويڙيچن جي وَس
سُڄي سانگيڙن جو جهُونِي جُوءِ جَرَس
صحرا پاس سَرس، وانڍيون ويڙيچن جون.

(۱۶)

طٰه يٰس سومرا ويڙيچن جي وِيَّ
مَوٽان مٿي پانئيان محلا ماڙيون هِي
جتي جوکو جيءِ، تتان ڏوٿي ڏور ويا.

وائي

مارن مان ڏي پيغام مُڪا، ڪي جو ڳالھ آلو
سانگين مان ڏي سلام مُڪا، ڪي جو ڪالھ آلو

۱. سارِيان سانگيڙن جا سائون ساڳُ سُڪا
مارن مان ڏي پيغام مڪا

۲. وٽن ويڙيچن جا جهوپا جَهنگَ جُهڪا
مارن مان ڏي پيغام مڪا

۳. ڪوءِ ڪتون، ٻن ماڙيون، طولون تِيرَ تُڪا
مارن مان ڏي پيغام مڪا

۴. ڏيندم ڏوٿي ڏيھ جا، طعنا ۽ ٽُنڪا
مارن مان ڏي پيغام مَڪا

۵. غلام محمد ماڙ ۾، پولَ نہ ٻي پُلَ ڪا
مارن مان ڏي پَيغام مڪا

داستانو يارهون

(۱)

نَڪي پڪا پَٽَ ۾، نڪا تَڙِ تنوار
ڪاهي کهين پار ويا پاڙيچا پنهنوار
جهانگيڙن جهونگار، ٿي ڏوراهين ڏيهه ۾.

(۲)

نڪي پڪا پٽ ۾، وائي نہ وانڱو
هن ڏوراهين ڏيهہ ۾ سگ نہ سِياڪو
ڪُڙمُ نڪو ڪاڪو، ڪنہ سان وِرهُ وِرُ ونّهِيان.

(۳)

نڪي پڪا پٽ ۾، نڪا وائي واڪَ
مون کي ماروئڙن جي فنا ڪيو فراق
تازا چِڪيم چاڪَ، ونهين ويڙيچن جا.

(۴)

نڪي پڪا پٽ ۾، واڪ نڪو وائي
وُٺي ويا اُڪري، جهانگيَڙا جائي
تَسيي تَوائي، مال نہ ماروئڙن جا.

(۵)

نڪي پڪا پٽ ۾، نڪو پٽ پنهنوار
نڪي واڙا واڙيون، نڪا تڙ توار
ويچارا وَلهار، وُٺي ويا اُڪِرِي.*

---

* هيٺ پنو خالي. اجان ڪي وڏيڪ بيت هئا پر لکڻ کان رهجي ويا.

سُر ڌناسري

داستان پهريون

(۱)

اول نام اَللهُ جو نسوروئي نور
موليٰ مُرَسَلُ موڪليو مُحمّد مڙني مور
حسن مير حسين جو ملڪن ۾ مذڪور
نورٌ اعليٰ نور، اعليٰ آلِ رسول جو.

(۲)

ميران محي الدين جو جلوو منجهه جهان
تابع تهين پير جا مَلڪ جِن انسان
هادي هدايت جو ڏٺي، والي مُلڪ مَنان
سپوئي سبحان، نالو تهين نر جو.

(۳)

ميران محي الدين تون بادل بغدادي
وسين سانوڻ مينهن جان هدايت هادي
وحدت جي وادي، واهِين ويرانن ۾.

(۴)

ميران محي الدين جا عرشن اوتارا
مناقبا نوري جا چوڏس چؤڏارا
نوري نظارا، پڏر پارس پير جا.

(۵)

ميران محي الدين تون بادل بهاري
سڪا وڻ ساوا ڪرين چؤڏس چَهُداري
تڳا ۽ تاري، تهدل تنهنجي توه جي.

(٦)

جوهر سڀ جهان جو جيلاني آهي
رسي عاصيئڙن کي، ڪَمَاحَقُونَ ڪاهي
ڇڏي نہ لاهي، پارس پاند پناه جو.

(٧)

پاڳارو ڪل پير جو جوهر جيلاني
جيڏس ڪونہ جهان ۾ لاشڪ لاثاني
اَمــن امانــي، مــلــي محي الدين کي.

(٨)

جيڏس ڪونہ جهان ۾ مِڙنا مٿاهون
مهندان بيٺا پير جي، پِير ٻڌي ٻانهون
اَجهو عاصيئڙَن جو دڙُو درگاهون
پارس پَناهون، ڏي هيٺن مٿي هٿڙا.

(٩)

دلان دستگير جو جيڪو جهلي پاند
آسودو ٿي سو ڪري سون رپي سين راند
وچان وسيلو واند. ويندو تنهن کي وسري.

(١٠)

دلان دستگير جو جيڪو پاند جهلي
مُلڪن منجهہ مَلهي، نالي تهين نَرَ جي.

(١١)

دامن دستگير جي وٺي جو جوڙي
مور نہ تنهن ڪان لِڪَ سين پارس منه موڙي
ڇڏي نہ ڇوڙي، تَنهن کي هٿان پاهنجي.

(١٢)

دامن دستگير جي تهدل وُٺو توڙ
تان نہ ڏسو ڪا ڪڏهين ذرو سختي سوڙ
ڪوڙين لک ڪروڙ، پَلي سندي پَالَ جا.

(١٣)

دامن دستگير جي تهدل وٺي جو
مور نہ ڏسندو ڪڏهن ڏينهن ڏکيو سو ڪو

ويندو تنهن کان وسري سپو سُور سِهو
نوريءَ نيه نِهو، تهدل هوندس تن ۾.

(۱۴)

ميان صاحب پير تون باطُوني بُرهان
توکي سمجي مون ڏني سارو ئي سبحان[1]
اَعَليٰ اُلوهيت ۾ سُفِلي مُلک مَڪان
شهُوُدِي ۾ شان، تنهنجو مثاهون ٿيو.

(۱۵)

ميان صاحب پير تون پارس پڳ ڏٺي
تنهنجي منهنجي من ۾ تهدل آه تَٺي
پيرن پاڪ پٽي، سُرمُو صورت جو ڪيان.

(۱۶)

ميان صاحب پير تون پارس پاڳارو
توکي ڪيو مون ڏٺي ڪل کان قرارو
عرش زمينين پڌرو، ولايت وارو
نوري نظارو، توٽي سِر سُبحان جو.

(۱۷)

ميان صاحب پير تون والي ولايت
حاصل ڪرين ڪل کي هادي هدايت
نوراني نگاه جي ناهي نهايت
ڪافي ڪفايت، ملي مريدن کي.

(۱۸)

ميان صاحب پير تون ولايت والي
تو ۾ سر سبحان جي خلوت خيالي
جلوو جوت جمال جو جوهر جلالي
ظلمت زَوالي، ويئي وجودان نڪري.

---

(۱) اصل. ائين

وائي

توکي پرتا پانڌي پنهنجا پير

١. اچن جيکي اُکير کيو سيئي صاف فقير
توکي پرتا پانڌي پنهنجا پير
٢. عيبن کان آجا ڪرين، ڏيئي کو اکسير
توکي پرتا پانڌي پنهنجا پير
٣. ظاهر باطن ۾ ٿيُون هيٺن جو آڌير
توکي پرتا پانڌي پنهنجا پير
۴. غلام محمد کي کيو تنهنجي ذوق ظهير
توکي پرتا پانڌي پنهنجا پير

داستانو پئو

(١)

پيرَ تہ منهنجو بادشاه مرشد موچارو
کيو قادر کُل کان ڪامل قَرارو
دانہُ ٿنيو دين جو فيض وڏي وارو
اندر اوجارو، صاحب صيقل سُونہ جو.

(٢)

پير تہ منهنجو بادشاه جُڙيو منجهہ جهان
اَيين پُونَيين پڌرو صورت جو سلطان
نرمل نور نشان، ڪامل ڪرامت جو ڏٺي.

(٣)

پير تہ منهنجو بادشاه مرشد ماه مُنير
آجهو عاصيئڙن جو داڙو دستگير
کين چڏيندو ڪڏهين پارس پنهنجو پير
پوچ پياري کير، طَهورا جي تِکَ مان.

(۴)

پير تہ منھنجو بادشاھ اَجھو عاصيئڙن
عيبن کان آجو ڪري حمايت ھيٺن
جِئاپو جِئڙن، جوھر جُنگ جھان ۾.

(۵)

عاصي تنھنجي آسري، پارسَ منھنجا پير
تھدل تنھنجي ھٿ ۾ ماڪي ڪنڊرون ڪير
ڪوثر جو اڪسير، تون پيارين پوڄ ڪري.

(٦)

اَجھو اولو آسرو ڪامل ڏينھن قيام
حامي محشر ماڳ ۾ ٿيندو مرد مدام
سَيّد سندي سام، جي آيا سي اَگھيا.

(۷)

شامل شريعت سين ڪامل ڪرامت
تابع طريقت جو سونھون سلامت
معرفت جي ملڪ ۾ رکي مرامت
مَھَندِي اِمامت، حاڪِي حقيقت جو.

(۸)

حاڪي حقيقت جو ڌڻي، ولايت والي
شريعت جي شان ۾ جلوي جمالي
ڪامل ڪمالي، رکي روحانيت ۾.

(۹)

حاڪي حقيقت جو مالڪ مُلاقي
معرفت جي ملڪ ۾ يقينا ياقي
سَقاين ساقي، رکي ڪاسو ڪوثري.

(۱۰)

ڪوثر ڪاسو ھٿ ۾ پوڄ پيياري جام
مَرُ سي مرڪن منھ ڪٽي جي آيا سيد سام
ڏوڙا ڏينھ قيام، ڏيجَ ڏياري ان ڪي.

(١١)

مرشد منهنجي دين جو ٻڏو دستارو
ڪامل ڪرسي جو ڏٽي سيّد سونهارو
سدا سوپارو، دادلو درگاه جو.

(١٢)

عيبن ڪان آجا ڪري ڪوڙين لک ڪروڙ
لاهي محتاجن تان سَپا سختي سوڙ
ٻڏي وهندو موڙ، مهندان محمد مير جي.

(١٣)

عيبن ڪان آجا ڪري ڏوڙا ڏهاري
چاڙهي چوڏولن ۾ پارس پيناري
سدا سرداري، ملي منهنجي پير کي.

(١۴)

پير تہ منهنجو بادشاه پارس پاڳارو
ياوُر يتيمن جو فيض وڏي وارو
دادلو درگاه ۾ ڪامل قرارو
صاحب جي سرڪار ۾ سدا سوپارو
دانہَ دستارو، ٻَڏِي آيو دين جو.

وائي

منهنجو ڪامل ڏينهن قيام

توتي ننگي ننگ آهي

١. مرڪائيج مريدن کي هلي محشر منجهہ امام
توتي ننگي ننگ آهي

٢. داڙو تي درگاه ۾ عاصين ڪارڻ عام
توتي ننگي ننگ آهي

٣. هجي شال وجود ۾ تنهنجي طلب تمام
توتي ننگي ننگ آهي

۴. غلام محمد کي ڪجو، نيئي پنهنجي در جو غلام
توتي ننگي ننگ آهي

سر شينهن ڪيڏارو

داستان پهريون

(۱)

ٻِلا ٻيلائِي، تو ٻَهڪين ٻيلاڻن ۾
وَتين تو وماسِئو ماس مرون ڪاٽي
سُڌ نہ تو ساَ ئي، جا مارِي جي من ۾.

(۲)

ماري تنهنجي پُٺ ۾، توکي سڌ نہ سا
تون تو ڪارڻ قوت جي تڪين ويچارا
مارَن تي مارا، ڪوڙين ڪرين ڪيترا.

(۳)

ماري ڪارڻ مال جي چنبا رکين سخت
سدا توسين نہ رهي هي بلندي بخت
اهو لَحظو لَخت، ويندو توکان وسري.

(۴)

جتي تنهنجي باس، اُتي چَرَن ڪينڪي
وڃن انهين جوءِ ۾ جت نہ پَرو پاس
تني ويچارن ۾ وجهين هول هراس
سا نہ پڇي تو آس، جا منڊِي تنهنجي من ۾.

(۵)

اُتي چَرَن ڪينڪي جتي تنهنجو مار
ويچارا ٻي جوءِ ۾ وڃي ڪن قرار
جت نہ دڙڪو ديو جو، نڪو شينهن شڪار
تني سان تڪرار، ڪري ڪرين ڪيترا.

(٦)

تُنهنجون ڪارڻ قوت جي پيلن ۾ پهڪُون
وُٺي واٺون ٺو وِهين سُڪائي سَهڪون
رُلائي رَهڪُون، چِنِي چڏين چانگ جون.

(٧)

ظلم ظالم ٺو ڪرين، ويچارا ماري
ڪري مارا ڪيترا ڍونڊ چڏين ڍاري
آخر ڪنه واري، ويندون مِرون مارجي.

(٨)

ڏيئي پُوڙا منه ۾ ڪري وهين لِڪَ
نڪا تنهنجِي مال ڪي پوي ڪَن ڪڙڪَ
هَٽِي چَنبو اوچتو ڪري تِڪَ تَڙڪَ
هيبتناڪ هِرڪَ، تنهنجي ڏسن تڏهين.

(٩)

ناپُون نَهُنَ سنديُون تنهنجون تکيون تيز
هارين ويچارن جون ريلا رتون ريز
طَنبيلا تَبريز، تـوتـي سِر سلطان جا.[١]

(١٠)

ڪُڏي ڪيڏا ڪرين، مچي متي واٽ
جايون تنهنجي لِڪ جون پيلاٽيون پيلاٽ
لڳِي ڪانہ لپاٽ، مرون توڪي مڙس جِي.

(١١)

ڪُڏي ڪيڏارا ڪرين، نڪو ڌرين ڌيان
متان پنيءَ مال جي ڪو هُجي نگهبان
ٽيندُون نيٹ زيان، هٿان ڌرارن جي.

(١٢)

پوڙيندو درياه، آخر تنهنجا تڪيا
جا ٺو روڪِي مال جي ڏيئي وراڪا راه

(١) اصل ائين. غالباً وڌيڪ صحيح: 'تنهنجي سر سلطان جا'

آجو ٿيندو جهنگ سو صحي منجهه صباح
ويندو تو وجود مان نڪري هي پساه
مرون تنهنجو ماه، ڪِينڊا ڪُتا ڪيت جا.

(۱۳)

پيلاٽيون پيلا، تو طفيلي ڇڏيا
وهايا تو رت جا رندن تي ريلا
ڳني جا ڪيلا، ايندا توتي اوچتا.

(۱۴)

پيلي ۾ ٻهڪار، تنهنجي ٻُجهي شينهڙا
ڪري ڪرين ڪيترا مال متي تون مار
توتي تيز ترار، پُلي ٿِي پُلڪار جي.

(۱۵)

تيغُون تيزابِي ڪِيُون لائي لُهارن
پئون تنهنجي مارَ جون شمُون شڪارين
شَڪيلا سرواهيون، ٻَڏيون تِرارن
پيلو پيلارن ايندو توتي پُلَ جو.

وائي

متي مال يتيم، مرون مارا تو ڪرين

۱. آهي ڪُلِني ڪان قوي، صاحب رب ڪريم
اي مرون مارا تو ڪرين
۲. رهندو ڪونه ڪريم بنا قائم تي ڪو قديم
اي مرون مارا تو ڪرين
۳. رکي خوف خداءِ جو تي حلامي حليم
اي مرون مارا تو ڪرين
۴. غلام محمد مور نه هوندو توسان هي ملڪ مقيم
اي مرون مارا تو ڪرين

داستانو ٻيو

(۱)

مرون مارا تو ڪرين، متي مال متار
توکي سجهي ڪونہ تو صاحب رب قهار
ايندو توتي وار، ويندون موڳا مارجي.

(۲)

تنهنجي ڪارڻ شينهڙا شاڪِل شڪاري
آهي توبچئن کي تهدل تياري
لڳا تنهنجي پٺ ۾ چاڪاسُو چاري
مُنجهائي مارِي، پيري هٽندءِ پَن ۾.

(۳)

ڏند رتا تو رت سين، رتو تنهنجو وات[1]
ڪاٽينا طُولان ۾ تکا تنهنجا ڪات
مِرون ڪرين ماٺ، ماري محتاجن کي.

(۴)

مرون مرين شال، پيجي وجني ڏند
رتا ويچارن جا تو رائي متي رند
خالي ڪرين نہ هنڌ، جتي رهين راتڙي.

(۵)

مرون شال مرين، آجو تئي جهنگڙو
آٽي ٻيلاٽِن ۾ ڍڳا ڍير ڪرين
نتو ڏيان ڌرين، ڌکيا ڌرارن جو.

(۶)

مرون مرين شال، لهي خوف خلل جو
وتين تو هن ماڳ ۾، پنهنجي خود خيال
ڪرين ٻيلاٽن ۾ مارو منثي مال
توتي هي بنبال، پِيندو ڏينه قيام جي.

---

(۱) اصل. ڏند رتا

(۷)

پيلاٽيون پيلا، تو طُفيلي چڏِيا
وهايا تو وات سان رتن جا ريلا
صبح سويلا، ايندا توتي توبچي.

(۸)

آخر ويندُون مارجي، مرون هٿان تن
جي تو وڳ گنوائيا سندا ڳنوارن[۱]
مور نه تن وسرن، نندا جن نپائيا.

(۹)

توکي آمَہَ موت جي مرون کنيو آه[۲]
ماري کارڻ مال جي وڏا ڏي تو لاه
لحظي منجهه پساه، ويندو تنهنجي نکري.

(۱۰)

جاسُوسِي چاکاس، رکن تنهنجي پٺ ۾
تون وتين تو ويسلو چڏي هور هِراس
کري کونه قياس، قابو کندءِ قيد ۾.

(۱۱)

تون تان شاکِل شينهن، ماري کارڻ مال جي
توکي شوق شکار جو آهي راتو ڏينهن
مماتي جو مينه، ايندو توتي اوچتو.

(۱۲)

مرون کر مَر مار، ڀلا پيلاٽن ۾
ڏادي ڀُجهي سخت تي صاحب جي سرکار
آٽي وجهندا اوچتي پَرِي جِي پَلتار
ٻيلي جي ٻهکار، ويندي توکي وسري.

---

(۱) اصل. گوارَن

(۲) "آمَہ" (اصل ائين) شايد صحيح ته: توکي آ مُنه موت جي(؟)

(۱۳)

تنهنجي ڪارڻ شينهڙا ٿا روهيءَ رُڪَ لڳن
تازي طنبيلن ٿا واڳن پاس وڳن
سي ڪيئن توڙ تڳن، جن پرائو پيٽ ۾.

(۱۴)

ماري تنهنجي پٽ ۾ وَتي راتو ڏينه
توکي شوق شڪار جي شاڪِل ڪيو شينه
نگاوت جو نيه، ويو وٽان تو وسري.

(۱۵)

شينهن نہ شاڪل ٿي، ڏسي گهاٽي جهنگ کي
وجي پيلِين پَل ڪري ويچارن جا وِي
پري رائي رت جا ڪيم پيالا پي
آخر حالت هي، ويندي توڪان وسري.

(۱۶)

قائم رهندو ڪينڪي ڪَهين سان هي حال
ڇڏي ويندو هرڪو خودي خوب خيال
صاحب ذوالجلال، حَقِي رهندو هيڪڙو.

وائي

مِرون مار مَ مال، ڏيان ڏريج ڏرارن جو
۱. متان پنهنجو پاڻ وجهين جئري جيءُ جنجال
ڏيان ڏريج ڏرارن جو
۲. متو آهين مار ڪري رکي خام خيال
ڏيان ڏريج ڏرارن جو
۳. ويندو وسري تو وٽان، هي سڀ حرڪت حال
ڏيان ڏريج ڏرارن جو
۴. غلام محمد مال جي، لهندا سار سنڀال
ڏيان ڏريج ڏرارن جو

سر بسنت

داستانو پهريون

(۱)

واهُوندن ورِي، منهنجو جيءَ جياريو
آئي بوءِ بهار جي، کولي دوست دري
چڱي ذوق ذري، برسي باغ بهارئا.

(۲)

باغيچا باغ ٿئا، ڪِدي ڪؤنَر ڪچا[1]
مرڪي موريون مکريون ٻڌي ٻور ٻچا
صاحب رب سچا، ميلو ڪج محبوب سين.

(۳)

آئي بوءِ بهار جي لٿو خوف خِزانَ
سڀيئي باغ بهارئا وسي پيا ويران
مالڪ مهربان، ميليندو محبوب سين.

(۴)

ورئا واهوندا، ٿيو خيز خِزانَ جو
باغائي باغن ۾ مرڪندا هوندا
لامن تي لُوندا، نوان نازڪ نِڱِئا.

(۵)

وٺي بوند بهار جي، چؤڏس چوڏاري
سُڪا وڻ ساوا ٿئا ڪئي گُلن گُلذاري
هلي هبڪاري، صَرِيحان سرهاڻ جِي.

---

(۱) اصل ۾. هت توڙي هيٺ ’ڪئور‘

(٦)

ڪري ناز نوازئا نرگس نور غزال
ڏسي سُنُبلُ ڪي ٿيو زلفن ذوق زوال
چَنبيلي جي چال، ڪونہ سڪيو ڪٿهين.

(٧)

عَباسي باغن ۾ بِيٺو چڳيءَ جوڙ
ڪيڏيا سورج پاهنجا، موگهٽ مٿي موڙ
لَؤنگي لايا لوڙ، ڏسڻ ساڻ عجيب جي.

(٨)

آئي عجيبن جي موريا مَخۡتُومِي
گلابي گلذار ٿيا، رَتايا رُومي
مِلي مخدومي، مهندان مون پرينِ ڪي.

(٩)

نزاڪت نَسرينَ جي نيلا نوازي
وجي وُجودانَ نڪري غمازِي غازي
سيلابي سازي باد بهارئا باغ ۾.

(١٠)

لالائـــي لالان جِـــي مَفۡتُونـا مـــوهي[1]
بلبلا باغن ۾ رنجايو روهي
ڪنيِ تني ڪوهي، جي رنگيلا رنگ جا.

(١١)

اَرغواني عُريان ٿيا نَيا نَسۡتَرن
حسن حبيبن جي ڪيڏايا سَتُرن
پاڻَ پَري پِئڙن، پِئِي پيرين پرينءَ ڪي.

(١٢)

نِيلافَر نوازيو خَبازي خَنۡدان
خَيري خاوند خلقيو، روحاني رَيۡحان
بهارَيا بستان، لٿو خوف خزانُ جو.

---

(١) اصل. لعلائي لعلان جي

(۱۳)

نَفشو نازک نگٿو، ڪَبوُدِي پائي
لالائي گلنار جي نَرما نَمائي
والي وسائي، عالَم ڪل آباد ڪِيو.

(۱۴)

ڪلٿا ڪيسو ڪينڪي ڪري گلذاري
گاوزباني ذوق ۾ رکي اظهاري
پارس پَرواري، ڏني واهوندن کي.

وائي

آئي بوء بسنت جي، آئي بوءِ بهار يار
ڪلٿا گل گلاب جا چمن ۾ چؤڏار يار

۱. نازبو نرگس نزاڪت سان ٿٿا نسري نسنگ
جاءِ گل گٿنٿا گلابي، نيه ڪيا نروار يار-
آئي بوءِ بسنت جي

۲. نارَوَن نَسرين ٻئي ٻانهون ٻڌي پيرين پيا
ساه کي صدقو ڪري ٿا سر ڏِين سؤ وار يار-
آئي بوءِ بسنت جي

۳. ٿيا سَمن سَروي صنوبر نور نرمائي ڪري
پيش پرينِ جي پياسي گل ڇڏي گلنار يار-
آئي بوءِ بسنت جي

۴. قرب سان ڪيسو ڪڪوريا قيصري صورت ڏسي
محوَ ٿيا مصري مسافر ڪيتڪي تہ قرار يار-
آئي بوءِ بسنت جي

۵. ڪر غلام محمد غلامي تي غلامن جو غلام
تان ڏسين سهٹو صحي سو حسن جو سردار يار-
آئي بوءِ بسنت جي

داستانو بيو

(۱)

گل ڦل سڀ بهاريا آئي عجيبن
ڪنٽهار ڪُلي پيا ڪئي گلڪاري گئنٽن
ڪٿوري خشبوءِ ٿي باري باغيچن
پاتا پاڪ پريت جا چيرا لال چمن
مڪريون موڙ ٻڌن، نوان نزاڪت جا.

(۲)

آئي مند بسنت جي ٽارن ٻڌا ٽئونڙ
موريا ڪچا ڪئونڙ، گلن جا گلذار ۾.

(۳)

آئي مند بسنت جي ٿيا باغ بهار
نوان نور نوازيا نوراني وَڻڪار
هر جاءِ ٿي هبڪار، ڪٿوري خشبوءِ جي.

(۴)

آئي مند بسنت جي وَريا واهوندا
نوان نازڪ نگيا لامن تي لُوندا
هٿن ۾ هوندا، تازا گل گلاب جا.

(۵)

باغائي پهار ۾ ٽام وني ٽهڪن
بلبلا باغن ۾ ٻُور ڏسي ٻَهڪن
پِرئو پؤنڙ پِرن، گلن جي گلڪار تي.

(٦)

ڏسي چال چمن جي چٽون تَوارين
ڪُمريون ڪئنرن تي نرگس نهارين
پؤنڙا پوارين، پري باغيچن ۾.

(۷)

وري واهوندن، نوان باغ بهاريا
لٿو باغيچن تان خِجلو خِزانِ
ٻُوڙا ٻُور ٻڌنِ، آئي عجيبن جي.

(۸)

آئي بوءِ بهار جي، لٿو خوف خزان
وُٺا ميگهہ ملهار ٿي بهاري باران
صاحب رب سبحان، سڪا وڻ ساوا ڪئا.

(۹)

لٿو خوف خزان جو، ٿي بهاري بارش
برپٽ سڀ بهاريا نوري نگارش
گلن گلذارش، رکي چال چمن ۾.

(۱۰)

چمن ۾ چوڏار، گلن گلذاري ڪئي
عنبر بوءِ بهاريا باغيچا بلغار
صاحب رب ستار، ڏنا ويس وڻن کي.

(۱۱)

سُڪا وڻ ساوا ٿيا ڪڍي ڪچا ڪؤنر
گلن جي گلڪاري ٿي پيرا پرن پؤنر
ٿهڪي بينا ٿؤنرا، ليمائي لامن تي.

(۱۲)

ڪلئا گل گلاب جا، لامن ٻڌا پور
بست باغيچن ۾ آٿي نايو نور
ذوقن جو مذڪور، ڪري ڪيان ڪيترو.

(۱۳)

باغيچا بهار ۾ ٿئن بهاري بوءِ
ڪٿوري خشبوءِ جي هنڌين ماڳين هوءِ
واهونڊين ويران جي وارِي رونق روءِ
راٽيون روبروءِ، حيرت ۾ حيران ٿيون.

(۱۴)

آئي بوءِ بهار جي، وڻن ڪيا ويس
مئا مَلاحَت جا لامُن کي لبيس
سونهنِ سبز سَريس، چوراسِي چمن ۾.

(١٥)

بارش بهاري رُتَ جي وسايا ويران
ويو باغيچن مان ڪري خيز خزان
صاحب رب سبحان، برسي باغ بهارئيا.

وائي

مند مينهنِ جي آئي آهي، برسي باغ بهاريا باري

١. رتا لعل گلابي گئنتا، سونه صليب سوائي آهي
ڪُلئا گل ڪري گلذاري، مُند مينهن جي آئي آهي

٢. چوڏس چارئي طرف چمن ۾ تازي تن تجلائي آهي
نوري نازڪ نَرما نارِي، مُند مينهن جي آئي آهي

٣. عجيب جيها جلوا جوڙي، بره بات بنائي آهي
هَٽي هوش صحي سڌ سارِي، مُند مينهن جي آئي آهي

۴. غلام محمد غم سڀ ويڙا، وهم واٽ وڃائي آهي
رکي يار يقينا ياري، مُند مينهن جي آئي آهي

سر ڍول مارُوئي

داستانُ پهريون

(۱)

هَم نهين، غم نهين، جس جا راجا ڍول

وِهو تَهين جي آسري ياٻِيا ڀِجي ڀول

ٻَڌي وينو ٻول، سانوڻ ساڻ سڪار جا.

(۲)

ٽيندا سانوڻ سڪ جا، ويندا ڏک لهي

ڪوڙيِ پکا پٽ ۾ وهو راڄ رهي

پِئو جام مَهي، ويجها ويهي ڍول جي.

(۳)

پکا پکن سامهان وهو گڏ اَڏي

مارُوئڙا ٻئي ملڪ ڏي وڃو ڪيم لڏي

ڍوليو ڏرارن ڪي چَنان ڪين چِڏي

سانگي سپ سڏي، ڏي دلاسا دادلو.

(۴)

موڪ وسندا مينهڙا، ساوا ٿيندا گاهه

ٿيندو ويچارن تي راضي پاڻ الله

ڏوڙا ڏينديون لاهه، چَاهَڪ چَري ڏُٻريون.

(۵)

ڍول ڍلايون نہ ڪري متي مارُوئڙن

تڳن تنه جي توهه، سين متي توڏ تڙن

سي وانجا وڙن، جي ڍريا ڍاري ڍول جي.

(٦)

دادلو دربار جو، ڏي دلاسا در
وهو ويجها مون، ياڳيا وٺي پر
ڪپي ڪِپُون ڪيت جون جهوپو جوڙي گهر
ڪندو ڪير ڪڪر، ٽيندا سانوڻ سڪ جا.[1]

(٧)

مَرُ سا ڄائي مارئي، جنهن سان ريڏو ڏول
سيئي آسودا ٿيا ياڳيا پيجي پول
راجا منجهہ رتول، ريجهي ويٺو راڄ سين.

(٨)

ڪري پنهنجو ڏول کي ياڳين پرئو ياڳ
مَرڪِي ويٺي مارئي مٿي سڪ سهاڳ
ڳِيجُهو لڳي آڳ، سُورن جي سيراهہ ۾.(٢)

(٩)

راجا ريڏو راڄ سان، سانگي سيڻ ڪري
هيٺن مٿي هٽڙا پارس پاڻ ڏري
پيو ڪير ڪري، ايڏو ڪرم ڪريم ٿِي.

(١٠)

سانگي سَگَيٽا ٿيا ريجهي راجا ساڻ
ويٺا اُجهي ڏول جي جوڙي پنهنجا پاڻ
تني ساڻ رهاڻ، سدا تنهہ سردار جي.

(١١)

ڏي دلاسا دادلو ڏوڙا ڏينهاٽي
پوڄ پَلِيندا تَسيا پٽن تي پاٽي[3]
لاهي لاڏاٽي، وهو منهنجي ملڪ ۾.

---

(١) اصل 'ڪيڙ' جي بدران 'ڪير' ('ڪ' جي هيٺان زير 'ي' تي جزم ۽ 'ر' تي زبر)

(٢) اصل. اٿين

(٣) اصل. 'پوڄ پٽيندا تسيا' (يا) 'پوڄ پِيندا تسيا'

(۱۲)

ڏي دلاسا دادلو ڏينهاٽي ڏوڙا
وسون ٽينديون ويس ۾ وهو ٽي سوڙا
سايُون چرندا ساوَڙِي گهوڙيون ۽ گهوڙا
لوڙيون ۽ لوڙا، ڏِينديون گهاٽي گاه ۾.

(۱۳)

ٽيا سانوڻ سک جا لٿا ڏک ڏکار
راجا سندي راڄ ۾ سائين ڪيو سڪار
وٺا مينهن اگوندرا، گاهن ڪيا گلذار
صاحب رب ستار، سانگي آسودا ڪيا.

وائي

راجا ڍول وو، راجا ڍول

لاهي هَلاڪت هول وو، راجا ڍول

۱. وهو سانگي سک ٿي، پاڳيا پيچي سپ پول
وو راجا ڍول

۲. جي نہ آيا اول ۾، سي تہ رليا رَڪَ رول
وو راجا ڍول

۳. غلام محمد مارُوئڙن تان، لحظي لٿا ڏک ڏول
وو راجا ڍول

داستانو ٻيو

(۱)

محبت پيئي مَن، ڪا جاراجي ڍول کي
سڏي سانگيئڙن کي معاف ڪيائين ڏن
وينا پنهنجي مال ۾ مارُوئڙا مرڪن
کلي ڪير پِيَن، نالي تهين نَر جي.

(٢)

سيپي راجا ڍول کي سانگي سيباٽا
اڏي پنهنجي ملڪ ۾ ڏي ياڳين کي ياٽا
مَلوڪي ماٽا، ميجي ماروئڙن جا.

(٣)

ريجهي راجا ڍول سان تِي سانگياٽِي سَر
هيري جَهوارات جي چوڙِ چڏي چر
سخاوت جي سير ۾ نکا کمي کر
ياڳين پيرٽا گهر، پائي مال عميق مان.

(٤)

ماڙيءَ ويني ماروئي ريجهي راجا ساڻ
لاهي لوئي لچ جي، ڪري ويس وڏاڻ
"لاَتُفَرِّقْ بَيْنِي وَ بَيْنَکَ" راتو ڏينهن رهاڻ
پائي پِئن پاڻَ، پاڪ پيالا پرت جا.

(٥)

نکا کمي قرب جي، نکا کمي پَل
مشڪل ماروئڙن جا هَلِي ڪري حَل
ڳهلا لائي ڳَل، ڪوجها ڪري پاهنجا.

(٦)

مشڪل محتاجن جا هلي حَل ڪري
هيٺن مٿي هٿڙا پارس پاڻ ڌري
هٿِي هيٺ تري، ڳيجُهو ڳاري ڳُجَهه ۾.

(٧)

قرب قرابت ڍول جو، سار سپوئي سک
"وَ نَحْنُ اَقْرَبَ اِلَيهِ مِنْ حَبْلِ الوَرِيْدِ" بکين لاهي بک
لٿو ڏوٿئڙن تان ڏوگاهي جو ڏک
جوڙي جاءِ اَجُڪ، سانگين ڪارڻ سج ۾.

(٨)

قُرب قَرابت ڍول جو سيوئي ساريج
ڪتي چاوا ڪٿ جا، ڪٿ ڏياري ڏيج
وسي ساونڻ مينهن جان رِج رِجائي ريج
سونهان چاڙهي سيج، اَسونهنِ کي آسرو.

(٩)

ڍوليو ڍڪي ڪل ڪي، ڏيئي ويس وڳا
ڪنجڪ ساڻ ڪريم جي وتن لوڪ لڳا
تارِي توه تڳا، ويچارن کي وَس جي.

(١٠)

ڍوليو ڍڪي ڪل ڪي، ڏيئي وڳا ويس
”مَن طَلَبَ شَيّئًا وجدَّ وَجَدَ“ سوئي ستت ڏيس
جيهو جتي ديس، تيهو تتي تن کي.

وائي

منهنجا عيب ڍڪيا سڀ ڍول، ڏيئي پاند پناه جو

١. انگ اگهاڙي آڳلي، چاڙهي متي چوڏول
ڏيئي پاند پناه جو

٢. موتي محتاجن کي چام پري ڏي جهول
ڏيئي پاند پناه جو

٣. وڳا ويچارن کي ڏيج ڏياري رتول
ڏيئي پاند پناه جو

٤. غلام محمد ملڪ مان ڏرت ويا ڏک ڏول
ڏيئي پاند پناه جو

ضميمو

ڪافيون

(۱)

اجان آدم هو تہ عدم

ووءِ ووءِ تڏهن عشق پلئي مون پيَڙو

۱. ”ڪُنَ فَيَڪُون“ نڪو هو پيدا، نڪو آدم هو هويدا
ووءِ ووءِ نڪو لوح قلم وو، قول تڏهاڪون مون ڪيڙو
اجان آدم هو تہ عدم

۲. دم دم دل تي برهہ جون باهون، ڪڃي ويڙيون راحت راهون
ووءِ ووءِ ويو هٿان مون ڪم وو، هنيو هوتن هِنيڙو
اجان آدم هو تہ عدم

۳. دونهون دل تي درد دکايو، اُلُونَ لونءَ لونءَ ۾ لالڻ لايو
ووءِ ووءِ جيءَ اندر جهَم جهَم وو، ناهي اُجهامڻ جهڙو
اجان آدم هو تہ عدم

۴. غلام محمد محب حقاني، مليو جيءَ جو جانب جاني
ووءِ ووءِ قادر ڪيو ڪرم وو، غم هم سڀ وِيَڙو
اجان آدم هو تہ عدم

(۲)

نيٽين وهايان تي نَيُون نَيُون، پاٽي پلڻ نہ جهڙو

۱. اگڻ تون منهنجي آءُ پيارا، ڳالهيون ٻَنڙي ڪي ڪيون ڪيون
پاٽي پلڻ نہ جهڙو

۲. پرچ پيارل پاڃيڻڙن سان، پيش اچي جيڪي پَيون پَيون
پاٽي پلڻ نہ جهڙو

۳. ڳالهيون تنهنجون چوڻ نہ جهڙيون، روح اندر ٿمر رهيون رهيون
پاٽي پلڻ نہ جهڙو
۴. غلامر محمد ڳالهيون ڳُڻ جون، اچي عجيبن چيون چيون
پاٽي پلڻ نہ جهڙو

(۳)

چوڙ دمر بي پرواهي دا، مئن تہ غلامر تُساڏا
۱. تون هَئِين صاحب رئيس اساڏا، ڪرڪو قياس سپاهي دا
وو مئن تہ غلامر تساڏا
۲. تون تان مارين دمر دمر ميڪون، گهن ڪَرڙِيا سَرواهي دا
وو مئن تہ غلامر تساڏا
۳. مئن تان گداگر در تيڏي دا، شان تيڏا هي شاهي دا
وو مئن تہ غلامر تساڏا
۴. غلامر محمد ڪون وَل مِلسين، تيبي لطف اِلاهي دا
وو مئن تہ غلامر تساڏا

(۴)

نِيه ڪيس نِيشان، هينئڙو حيران ٿيو مون
۱. ”نَحۡنُ اَقۡرَبُ“ قرب جو اشارو فرمايو فرقان
جيئري جِيدان ٿيو مون، نيه ڪيس نيشان
۲. محبت ڪارڻ تنهنجي سپرين جيءَ اندر جولان
جسو مستان ٿيو مون، نينه ڪيس نيشان
۳. اگڻ منهنجي آءُ عجيب تان جان ڪيان قربان
مِلڻ جندجانِ يو مون، نينه ڪيس نيشان
۴. غلامر محمد چوي گوليءَ سان گڏجي ڪيو گذران
سوين احسان ٿيو مون، نينه ڪيس نيشان

(۵)

مونکي محب منا هڪ واري، آچي دوست ڏيو دلداري

۱. جميعت ويئي جانِ مان ميان، آئي بيقراري
راتو ڏينهان روح ۾ آيو روئڻ زارو زاري
مونکي محب منا هڪ واري

۲. رُس مَ رُسڻ گهوريو ميان، گهوري ڳارن ڳارِي
پرچ پرين ڏس پاڻ ڏي، هيءَ ماڻن تنهنجي مارِي
مونکي محب منا هڪ واري

۳. راحت ويئي روح مان ميان، هينئڙي همت هارِي
سَرهو ڪر سرير ۾، جيئن باغن ۾ گلذاري
مونکي محب منا هڪ واري

۴. غلام محمد دوست لاءِ دل آسروند ويچارِي
ميڙيندو محبوب سي مونکي، صاحب ربّ سَتارِي
مونکي محب منا هڪ واري

(٦)

منهنجي عجيبن ساڻ، حاجت حجت ناهي

۱. خواب خوراڪ خوشي ويئي جيڏيون
هينئڙو هِيڙِي هاڻ، هوتن جي هٿ آهي
منهنجي عجيبن ساڻ

۲. بيشڪ بَر ۾ بنديءَ تي دلبر
پِرتئون پنهل پاڻ، ڪرهل ايندم ڪاهي
منهنجي عجيبن ساڻ

۳. ڪيچان قاصد آيو ڙَي سرتيون
پِرينِ جي پَرياڻ، غم وڏا سڀ لاهي
منهنجي عجيبن ساڻ

۴. غلام محمد پنڌ پيادت
جيڏيون جانب ساڻ، چلڻ ڇپر ۾ چاهي
منهنجي عجيبن ساڻ

(۷)

آءُ دِلئون دلدار، دردونديءَ جي ديري

۱. روز اَلَستُون الَستَ ۾ توسان، ڪيڙم قول قرار
قالوا بليٰ هڪ پيري، آءُ دلئون دلدار

۲. ڪيچان ڪاهي لعل لکن ۾، ورج ڪوهيارل يار
جوش پيا منجهه جيري، آءُ دلئون دلدار

۳. ڏاتر مانَ ڏيکاري ڏکيءَ کي دلبر جو ديدار
منجهه صبوح سويري، آءُ دلئون دلدار

۴. غلام محمد "مَنۡ لَّهُ الۡمَوۡليٰ فَلَه الۡكُلُّ" شمار
پول پيجي چڙي پيري، آءُ دلئون دلدار

(۸)

اچي ڏي ڪا ڪل وو، ڪانگل ڪويهارل جي

۱. مون کي محبوبن جا پور پون پَل پَل وو
ڪانگل ڪويهارل جي

۲. فِراقن جا جيڏيون سيني اندر سَل سَل وو
ڪانگل ڪويهارل جي

۳. جُدائيءَ جا جيءَ ۾ جوش پيا جَل جَل وو
ڪانگل ڪويهارل جي

۴. غلام محمد حب مان هوتن ڏي هَل هَل وو
ڪانگل ڪويهارل جي.

(۹)

نَهين نِباهو نــال کَهين دي

دنيا دا جنسار، وو ماهي يار

۱. ڪِٿ ڪِسري ڪِٿ تخت سُليمان، ڪٿ حاتم طيء دار
وو ماهي يار

٢. ڪٿ دارا ڪٿ مُلڪ سڪندر، ڪٿ حاڪم سردار
وو ماهي يار.
٣. ڪٿ شاهي فرمان فريدون، ڪٿ رستم دي تلوار
وو ماهي يار
٤. ڪٿ يوسف ڪٿ ذوق زليخا، ڪٿ مجنون منٺار
وو ماهي يار
٥. ڪٿ ليلان ڪٿ چاهه چنيسر، ڪٿ ڪؤنرو ڪٿ هار
وو ماهي يار
٦. غلام محمد در واحد دي، ڪر توبه تڪرار
وو ماهي يار

(١٠)

وچي تون مومل جو محل ماڻ، سچي صحبت ساڻ
محبت مان ميان مينڏرا
١. "قَالُوَا بَلىٰ" کي قلب مان منهنجا جاني، چيو اَلستئون پاڻ
محبت مان ميان مينڏرا
٢. "وَفِيۤ اَنۡفُسِڪُمۡ" سِڪي منهنجا جاني، سائين تون سڃاڻ
محبت مان ميان مينڏرا
٣. "فَاذۡڪُرُوۡنِيۤ اَذۡڪُرۡڪُمۡ" منهنجا جاني، هي پرين پرياڻ
محبت مان ميان مينڏرا
٤. غلام محمد حُب ري منهنجا جاني، مَ ڪِينَ ڄاڻج ڄاڻ
محبت مان ميان مينڏرا

(١١)

سُڻ تون بَندِي دا سوال، مينون خدا ميل ماهي
١. عرض بندي دا نہ وي ميان، سُن تون اهوئي نہ وو
جيءُ جَڙيا جهين نال، سو تون مِلا يا الاهي
سڻ تون بندي دا سوال
٢. هر دوجهان وچ وي ميان، ماهي جو ٻاجهئون نہ وو
مئن تان نماڻي دي نال، ڪير ڪري خيرخواهي
سڻ تون بندي دا سوال

۳. عقل اُتارا نہ وي ميان، ڇوڙ گيا اُٿاهون نہ وو
عشق جٽان ٿيا ڪمال، شوق ڪري بادشاهي
سڻ تون بندي دا سوال
۴. نال غلام محمد وي ميان، محبت ماهي دي وو
لُون لُون وِچون وال وال، روز الستئون دي آهي
سڻ تون بندي دا سوال

(۱۲)

جن جام پيتو وحدت جو، مست وتن سي مدام ميان
۱. عقل ڪُل جا جاذب ٿيئڙا، جُزيءَ ڪان سي وَهلو ويڙا
وو تن عيش نڪو عشرت جو، ٿئن نِيہ نظام ميان
جن جام پيتو وحدت جو
۲. محبت موهيو جن جي من کي، ”مُوتوا قبل اَلموتوا“
وو جن ٻول ٻڌو احدت جو، ڏيئي تن تمام ميان
جن جام پيتو وحدت جو
۳. ساجد ٿئڙا مَسجُودِيءَ جا، عبد عابد مَعبُوديءَ جا
وو تن حضر ٿيو حضرت جو، ڪري مام امام ميان
جن جام پيتو وحدت جو
۴. غلام محمد مُلڪ اَمُن جو، آهي ”ڪُفواً ڪو فواجن“ جو
وو تن بار نہ ڪو بَشرتَ جو، ٿِئن ڪُل ڪلام ميان
جن جام پيتو وحدت جو

(۱۳)

شمر قمر شرمائِي هي، نين سَجَڻ هِن هر دو تيرِي
۱. دام زلف هِن دلبري تيري، خوب بناءِ بَنائِي هي
ڦِر تَهين وچ ڦاسن عاشق، گل ڳِچي جَهين پائِي هي
نين سجڻ هن هردو تيري
۲. عشق ٿُماري تابَش ڪِيتِي، دل هماري چائِي هي
مينون اُسي ڪِي ڪل نہ ڪائِي، ناحق جان جَلائِي هي
نين سجڻ هن هردو تيري

۳. فرحت تَن کِي چوڙ سڏائي، باهہ بِرہ پڙڪائي هي
لُونءَ لُونءَ دي وِچ آگ لڳي ول، سا مئن چُم سِرچائِي هي
نين سڄڻ هن هردو تيري
۴. آک "غلام" رسول سچي ڪا سخن سلوڪ سچائِي هي
هي پَڳُ اِسي دَڳُ سوئي پائي جس ڪُون وحدت وائِي هي
نين سڄڻ هن هردو تيري

(۱۴)

تَونً ڪا رمز رَلائِي هي، دل ديواني دَرسن ڪيتي
۱. نِيہ نِسنگ تي ماريا نعرا، بِرهہ بِينَ وڄائِي هي
ڪيڏن عاشق پِڙ وچ پَلٽي، سسي جِنهِي هٿ چائي هي
دل ديواني درسن ڪيتي
۲. حُسن حَقانِي تيڏا جانِي، جهين جش جَلائِي هي
راتو ڏينہ آرام نہ آوي، لؤن ڍولڻ تو لائِي هي
دل ديواني درسن ڪيتي
۳. نَينَ تُماري خوني خنجر، پَڪڙ تو هَٿ چائِي هي
ڪَرن قهري ڪار قتل دي، عُشاقان سِر آئِي هي
دل ديواني درسن ڪيتي
۴. صورت ويک "غلام" رسولا، عجب حيرت آئي هي
حُسن دا سردار ڏٺوسي، حور پَرِي شرمائي هي
دل ديواني درسن ڪيتي

(۱۵)

نِت نَوِين نَوِين رُت اَونِدي هي
ڪِيُون نهين اوُندئين تون يار پيارا وو
۱. ڪَس نيتءِ دل دوست اساڏِي، ساعت ساعت سِڪ تُساڏي
اَلو ميان، سيني وِچ نہ سَمؤنِدي هي- نت نوين نوين
۲. "نَحۡنُ اَقۡرَبُ" قرب رباني، راتو ڏينهان دل ديواني
اَلو مينا، ڳُڻ سَڄڻ تيڏي ڳئُونِدِي هي- نت نوين نوين

۳. آءُ پيارا تا گڏ گذارون، ڏک ڏوراپي ورھ وِچارُون
اَلو ميان، جدائي نہ جُڳَنُدِي ھي- نت نوين نوين
۴. غلام محمد واءُ وَصُل دِي، طرفئون تيڏي روز آزل دي
ساھ جُسي ڪون سِيبُنُدِي ھي- نت نوين نوين

(۱۶)

ڏِس اِتاھُون جاني لِيا پايو، صورت ۾ سلطان سمايو
۱. صورت ۾ آھي حسن حقيقي، مَھِيَ ۾ جيئن مَکڻ رفيقي
اَصيلن ڪي سُونہُ سَلايو- صورت ۾ سلطان سمايو
۲. ”نَحَنُ اَقَرَبُ“ قُرب قَريبن، ڏنو اوڏو ڏس تہ عجيبن
پريَن پنھنجو پاڻ پَلايو- صورت ۾ سلطان سمايو
۳. حيف اُنھين ري اوري بيھڻ، آھي پَر ۾ پنھنجو پِيھڻ
جوش اَجائي جاني جيءُ جَلايو- صورت ۾ سلطان سمايو
۴. غلام محمد مرد اُھيئي، پَرُ پراھين ويا پر ڪيھي
ساڻ تني سِر جانَ اَلايو- صورت ۾ سلطان سمايو

(۱۷)

عشق جَھين وٽ اَچي اَچي وو جيڏيون
چيرَ وجھي سا پِل نَچي نَچي وو جيڏيون
۱. عشق حقيقت جو شاھ آھي، غرضئون بي پرواھ آھي
ڪم نہ رکي ساڻ ڪِچي ڪَچي وو جيڏيون
چير وجھي سا پلي نچي نچي
۲. باھ برھ جي ڪين اجھامي، غير تَھين منجھ ڪاميو ڪامي
ساڙِ نہ سا سون سَچي سَچي وو جيڏيون
چير وجھي سا پلي نچي نچي
۳. جَنہ ڪي مِلي مھميز برھ جي، وائي تَھين ڪي وات وِرھ جي
مُور نہ سا وري مَچي مَچي وو جيڏيون
چير وجھي سا پلي نچي نچي

۴. غلام محمد دل ديواني، بنا جانب جاوداني
پَر ۾ پيئي پَڇي پَڇي وو جيڏيون
چير وجهي سا پلي نچي نچي

(١٨)

في الحقيقت تون منصوري، متان تون منصور سڏائين
١. ٻولي لُونءَ لُونءَ ۾ اَنالحق جي، ناهي حاجت ما سَبقَ جي
لا اَحَوَصي سَجي سُورِي، متان تون منصور سڏائين
٢. مَرڪب محبت جي را ڪِب ٿيندا، وڃي وحدت ڏي اُهي ويندا
ساهه سسي ڏينداسي سموري، متان تون منصور سڏائين
٣. ”فَثَمّ وَجَهُ“ جهين وٽ آيو، ”قُم باذُني“ تَنه فرمايو
حاضر حضرت ۾ سي حضوري، متان تون منصور سڏائين
۴. ”مَنُ عَرَفَ“ جا جي عارف ٿيندا، اَنالحق جو سي سبق ڏيندا
ڪندا ڪثرت ۾ سي قصوري، متان تون منصور سڏائين
۵. غلام محمد رمز رباني، آهي بيحد بي بياني
ظاهر باطن سا ظهوري، متان تون منصور سڏائين.

(١٩)

مَنُ موهي مَستان، دِيدُن تنهنجن ڪيو ديوان
١. زلف ظالم مظلومن ڪي، ڪَرنِ پريشان
ديدن تنهنجن ڪيو ديوان
٢. اَنَفَ ڀِرُوَن ٻئي باب بندِيءَ جي، مثل ڪانَ ڪمانَ
ديدن تنهنجن ڪيو ديوان
٣. قد قداور سَروَئون سهڻو، رخ روشن رخشان
ديدن تنهنجن ڪيو ديوان
۴. غلام محمد صفت سڄڻ جي، سارو سِرُ سُبحان
ديدن تنهنجن ڪيو ديوان

(٢٠)

ٻول ڪانگا منِي ٻولي، منهنجا جاني ڪڏهن ايندا

١. آءُ انهن جي آهيان پلو ميان
الو ميان، ڇڏي ڏيندس سڀ سانگا
نمائي جي نال نيندا- ٻول ڪانگا منِي ٻولي

٢. ڪاهي ايندا ڪيچ ڪان پلو ميان
الو ميان، لنگهي لڪيون لَڪ لانگها
مُلاقي مُئيءَ ساڻ ٿيندا- ٻول ڪانگا منِي ٻولي

٣. اَسر وندي آهيان، پلو ميان
الو ميان، مَٿائي انگ اَڙانگا
نيئي گوليءَ کي گڏيندا- ٻول ڪانگا منِي ٻولي

٤. غلام محمد حب مان، پلو ميان
الو ميان، ڪيا جيڪي نِيهَ نانگا
تَنِي کي ڪين ڇڏيندا- ٻول ڪانگا منِي ٻولي

(٢١)

خدا کي ياد ڪر بندا، ڇڏي دنيا سندا ڌنڌا

١. دنيا ڪم ڪينڪي ايندي، وٽان تو هِي وَهي ويندي
پِشيماني اچي ٿيندي، ايندا ڪَم پيش شرمندا
خدا کي ياد ڪر بندا

٢. اَجل تان اوچتو ايندوءِ، وٺي هن ديس تان نيندوءِ
ادا ارمان پوءِ ٿيندوءِ، تہ هَي هَي حال مون سندا
خدا کي ياد ڪر بندا

٣. ڪٿي دارا سڪندر شاه، ڪٿي سلطان بي پرواهہ
ڪٿي موسيٰ سندي درگاه، لڏي ويا لوڪ هن هَنڌا
خدا کي ياد ڪر بندا

٤. غلام محمد ڏسو آڏا، ڪاڏي ويڙا اَبا ڏاڏا
جَنِي جا ٿي گهِڏيا گاڏا، ويا سڀ زاريون ڪندا
خدا کي ياد ڪر بندا

(٢٢)

تنهنجي قدمن تان قربان وڃان

١. هي جند جاني جي ڪم لائين، تان چشمن تي فرمان مڃان
تنهنجي قدمن تان

٢. رڪان تي سِرُ ساهُ سلامت، آهي ايءُ ارمان اڃان
تنهنجي قدمن تان

٣. لاهي لاڳاپا لوڪ ساري جا، پيري پَر مانَ پيچان
تنهنجي قدمن تان

٤. غلام محمد چئي محب منهنجا، لائي دوران اڃان
تنهنجي قدمن تان

(٢٣)

تنهنجي چشمن چُوٽڪَ لائِي يار

١. اکيون اڳهين ڪيف ڪڪوريون، پيو ڪجل جي تجلائي يار
تنهنجي چشمن

٢. صورت تنهنجي سهڻا سائين، حور پَري شرمائِي يار
تنهنجي چشمن

٣. ”اَلاَنسانَ سِرّي اَنَاسِرَہٗ“ رانول رمز رَلائِي يار
تنهنجي چشمن

٤. غلام محمد دل ديواني، گهُورن تنهنجن گهائِي يار
تنهنجي چشمن

(٢٤)

تنهنجي نازن ناٿ نَوايا يار

١. عشق تنهنجي ۾ جِيءَ جا جاني، جوڳن جيءَ جلايا يار
تنهنجي نازن ناٿ

٢. ڏسي سهڻي صورت تنهنجي، سامِڻ سور سمايا يار
تنهنجي نازن ناٿ

٣. در تنهنجي تي وردَ ويراڳين، ويهي ويراڳ وڄايا يار
تنهنجي نازن ناٺ

۴. غلام محمد مرد مدامي، گهُورن تنهنجن گهايا يار
تنهنجي نازن ناٺ

(٢۵)

موهيا موهيا مَن ميهار سَهيانڻ

لَٺُون لڳِي هي لُونڻ لُونڻ دي وِچ

١. رات انڌاري زور ظلم دي، گَجي جُهڙ وچ گاج اَجل دي
بجليان دا چمڪار سَهَيان، مِل آيا وه مِينه متي مَچ
موهيا مَن ميهار سَهيانڻ

٢. ڏاڍي هيبتناڪ ندَي دِي، وَهُڪ نال ڪپر ڪُون پئِندِي
ڪَرن ڪُن ڪَڙڪار سهيان، مرون مانگر مَڇ تهين وچ
موهيا مَن ميهار سَهيانڻ

٣. ڪٺ ماهي ڪٺ مال مَنجهين دا، نهين ويجها چيه ڪنڌي دا
رو وي زاروَ زار سهيان، ٻاري جهوري جان جگر ڳچ
موهيا مَن ميهار سَهيانڻ

۴. غلام محمد در واحد دي، راتو ڏينهان نال ادبان دي
ڪر توبه تڪرار، تان رسين تون سِير سَچي وچ
موهيا مَن ميهار سَهيانڻ

(٢٦)

سدا تو ساري الا، هِيون هوت حبيب ڪي

١. ڏک آلاپي ڏُکيءَ ڪي، ڏونگر ڏيکاري الا
هنيون هوت حبيب ڪي

٢. رويو وروهن وچ ۾، هنجهون هِيءَ هاري الا
هنيون هوت حبيب ڪي

٣. ڏوريان ڏونگر جن لاءِ، سي ڏاتر ڏيکاري الا
هنيون هوت حبيب ڪي

۴. غلام محمد حُب مان، قادر ڪر ڪاري الا
هنيون هوت حبيب ڪي

(٢٧)

ڏيجُ ڏکن جو ڏونگر، ڏير ڏيئي ويڙا ڏورو ڏکيءَ کي

١. ڏينه تَتو پُون ٽامِٽي، پيو ويتر واڻون ور
ڏير ڏيئي ويڙا ڏورو ڏکيءَ کي

٢. اَسُونهِين کي سُج ۾، ورج ولهيءَ جا وَر
ڏير ڏيئي ويڙا ڏورو ڏکيءَ کي

٣. ڏسان شال اکين سان، ڪيچ ڏٺي ڪَنه پَر
ڏير ڏيئي ويڙا ڏورو ڏکيءَ کي

٤. غلام محمد غم ۾ سور سُجيءَ کي سمر
ڏير ڏيئي ويڙا ڏورو ڏکيءَ کي

(٢٨)

وڙيندیس پنهنجو وَڙُڙي پيئر
ٽيندیس جَڳ ۾ جوڳياٽي

١. ڏسان شال اکين سان، وڃي دوستن جو در
ڙي پيئر

٢. آهيان هوت پنهل جي، ناڻو چڙهي نوڪر
ڙي پيئر

٣. اندر باهه برهه جي، ڪين اُجهامي ڪنه پَر
ڙي پيئر

٤. غلام محمد مُئيءَ کي پهچائيندو پرور
ڙي پيئر

(٢٩)

موٽي محب ملن، لاءِ جَن منهنجو جيءُ جُکي ٿو

١. مَن ۾ مچ مجاز جا، ٻاريا ٻاروچن
لاءِ جن منهنجو جيءُ جکي ٿو

٢. ماري مون معذور کي، سهٽي سونهَ سندن
لاءِ جن منهنجو جيءُ جکي ٿو

٣. پينر هن پوريءَ جي، کهل پوي ڪا ڪيچين
لاءِ جن منهنجو جيءُ جکي ٿو
٤. غلام محمد مُنڍ کي مَن ۾ مچ ٻرن
لاءِ جن منهنجو جيءُ جکي ٿو

(٣٠)

وٺ گورن جو گَسُ،
سسئي رس، سانگو سِرَ جو ڇڏي تون
١. ڏَسُ ڏنائون اوڏڙو، ڪاهي پرين کي پَسُ
سسئي رس، سانگو سِرَ جو ڇڏي تون
٢. حيف تہ اهڙي ننڊر کي، جاڳايو نہ جَرَسُ
سسئي رس، سانگو سِرَ جو ڇڏي تون
٣. وِهہ مَ وساري ويسَري، ور پنهنجو پنهنجي وَسُ
سسئي رس، سانگو سِرَ جو ڇڏي تون
٤. غلام محمد غم ۾، سِرجن سُورَ سَرَسُ
سسئي رس، سانگو سِرَ جو ڇڏي تون

(٣١)

پنهنجو ڪَن جي نا ڪَنِ،
تان پہ سندن آهيان گولن گولي
١. ڏيندا ٻُڪي ٻاجھہ جي، دارو دردوندن
تان پہ سندن آهيان گولن گولي
٢. اديون منهنجي درد جو، کهڙو ٻارُ ٻندن
تان پہ سندن آهيان گولن گولي
٣. موليٰ محب ميڙئين، دل گهريا گهُرندن
تان پہ سندن آهيان گولن گولي
٤. عاصي غلام محمد چوي، دوست ملي درماندن
تان پہ سندن آهيان گولن گولي

(٣٢)

پيُم ڪونہ سماءِ، پرين جي پوءِ وري وڃڻ جو
١. هيئن نہ پانيم ڇوري ڇڏيندا، نڏر نماڻي نال نيندا
وو ڪري ويندا، جدا، پرين جي پوءِ وري وڃڻ جو
٢. هٽئون هيٺي جي هوت جو ويڙو، جانب لاءِ جُڪي جيئڙو
ميڙيندم سو خدا، پرين جي پوءِ وري وڃڻ جو
٣. راتو ڏينهان در خدا جي، دانهون ڪنديس مثل گدا جي
ميجي مانَ صدا، پرين جي پوءِ وري وڃڻ جو
٤. غلام محمد محب ملندا، خير خوشي سان ساڻ مون ڪِلندا
ڪندو ڪونہ نندا، پرين جي پوءِ وري وڃڻ جو

(٣٣)

متان تيسين موت مارين، ڏسان جيسين يار جاني
١. جيهي آهيان نہ وو تيهي تنهنجي وو ميان
گڏ گوليءَ سان گذارين، ڪري ڪر مئون مهرباني
متان تيسين موت مارين
٢. فاذڪروني نہ وو اذڪُرڪُمُ وو ميان
متان هي حرف وسارين، مڪائين نيه نيشاني
متان تيسين موت مارين
٣. مَٽ محبن جو نہ وو ڪونہ ٿي پايان وو ميان
نڪو حورن ۾ نهارين، آهي سو حسن حقاني
متان تيسين موت مارين
٤. غلام محمد جو نہ وو عرض اُهوئي وو ميان
جو دم دوست جيارين، پسايو پاڪ پيشاني
متان تيسين موت مارين

(٣٤)

مولي محب ملايو، ٿيون شاديون شڪرانا
١. آئي عجيبن جي شاديون ٿِيَڙيون، وو ميان الو ميان
غم وهم موڪلايو، وڃيا شاهي شادمانا
موليٰ محب ملايو

۲. محبن مُئيءَ کي نہ پاڻ پَلائي، وو ميان الو ميان
آٽي ڳچي ڳل لايو، ويا ٿي وِره ويرانا
موليٰ محب ملايو
۳. حسن تہ تنهنجي نہ وو سهڻا سائين، وو ميان الو ميان
هر جا حڪم هلايو، مُنُجِي پنهنجا پروانا
موليٰ محب ملايو
۴. غلام محمد چوي نہ وو ڪر مئون پنهنجي، وو ميان الوميان
خدا رُوندن کي کِلايو، ٿِيا سي لطف رَبانا
موليٰ محب ملايو

(۳۵)

لاهي سِرَ جو سانگو، ڙي پينر پير پِرت پوءِ پايو
۱. جنهن کي سانگو سر جو ميان الا، الا عشق تَهين کي اڙانگو
پينر پَؤ پورِي کي پُلايو- لاهي سر جو سانگو
۲. محبت جي ميدان ۾ ميان الا، الا سر ڏيندي سا سهانگو
پينر نيه جَهين کي نَوايو- لاهي سر جو سانگو
۳. جي هجو لڄ واريون ميان الا، الا نيه ڪري ٿو نانگو
پينر لئون متان ڪا لايو- لاهي سر جو سانگو
۴. غلام محمد چئي حب مان ميان الا، الا مُلهہ محبت جو مهانگو
پينر معشوقن فرمايو- لاهي سر جو سانگو

(۳٦)

ڪر نہ وڇڻ جون وايون وايون
ڪيم جدا ٿي جانب جاني
۱. عرض تہ توکي ٿي چوان ووء ووء، پاند ڳچي ڳل پايون پايون
محب ڪيو پنهنجي مهرباني- ڪر نہ وڇڻ جون وايون وايون
۲. ماريو ڪيم مئيءَ کي ووءِ ووءِ، ڏيئي جِيءُ کي جدايون جدايون
من فراقن ڪيو فاني- ڪر نہ وڇڻ جون وايون وايون

٣. واري ورق وصال جا ووءِ ووءِ، ورق فراقي وڃايون وڃايون
ڳڏ ڳوليءَ سان تي ڳذرانِي- ڪر نہ وڃڻ جون وايون وايون
٤. غلام محمد مئيءَ ڪي ووءِ ووءِ، ڏيندا دوست واڌايون واڌايون
جيئندا جانب جاوداني- ڪر نہ وڃڻ جون وايون وايون

(٣٧)

توئِي بنان منهنجا جاني، ساعت سال ٿي پايان
١. يار تِيُون وڃي باقي، مُئيءَ ڪي ڪري وِيُون فراقي
وو پانڌيڙا ٿي پڇايان- توئي بنان مَنهنجا جاني
٢. لائِي ويُون يار لوري، جيءَ جُسي منجھ جھوري
وو نيڻان نِير وَهايان- توئي بنان منهنجا جاني
٣. ڪونہ ڏسان حال پائي، جنه سان ڪريان وِرھ وائي
وو رويو تي رين رهايان- توئي بنان منهنَجا جاني
٤. عرض غلام محمد جو، مَن ڪو ڏيو مَي مَنڌ جو
وو ڳُڻ لکين تنهنجا ڳايان- توئي بنان منهنجا جاني

(٣٨)

پرين پنهل پيارا، جاني جِيءَ جا جيارا
ڇوري ڇڏ مَ ڇپرين
١. نڪين سڳيٽي سڳ ۾، نڪين ٻاروڇي پارا
جيڪس منهنجي ذات جي پيئي پُٽَن پچارا
ڇوري ڇڏ مَ ڇپرين
٢. ڪنَه ڪي ٻُڌايان جيڏيون پنهنجي برن جو بارا
محبت منهنجي من ۾ ڪيا اندر اوتارا
ڇوري ڇڏ مَ ڇپرين
٣. هِيٽي ڪي هن حَب ۾ ڪونهي ڪامل قرارا
پھچ اچي پب ۾ ڪاهي ڪيچان ڪوهيارا
ڇوري ڇڏ مَ ڇپرين
٤. غلام محمد مُنڌ ڪي ٿيا مڙيئي مارا
ڪونہ ڏسانء تي تو بنان ڪوئي واهر وَهارا
ڇوري ڇڏ مَ ڇپرين

(۳۹)

مونکي ماڙين ۾ ٿيو ماتام، هِت نہ اچي مون مَن آرام
ڏي موڪل ميان عمر، مونکي ماڙين ۾ ٿيو ماتام

۱. سياڻو ٿي ميان سومرا، تون لاهي بندي تان دام
ڏي موڪل ميان عمر

۲. مارُن جي ميان سومرا، مونکي تن ۾ طلب تمام
ڏي موڪل ميان عمر

۳. قيدن مؤن مسڪين کي، ڪر آجو عمر ڄام
ڏي موڪل ميان عمر

۴. غلامر محمد ڪين مُڪا اچ، سرتين مان ڏي سلام
ڏي موڪل ميان عمر

(۴۰)

سانگياڻي جو سرور، هيڪر ڪر ميلو ماروئڙن سان

۱. ميڙ مون مسڪين کي ڏوٿيڙن سان ڏاتر
هيڪر ڪر ميلو ماروئڙن سان

۲. سياڻو ٿي ميان سومرا، زور ڇڏي زواور
هيڪر ڪر ميلو ماروئڙن سان

۳. ملان مان ملير ۾، ويڙيچن کي ڪَنہ پر
هيڪر ڪر ميلو ماروئڙن سان

۴. غلامر محمد ميڙئين، پنهوارن سان پرورَ
هيڪر ڪر ميلو ماروئڙن سان

(۴۱)

آهيان هِت آءٌ ماندي، اَمُر قضا جي آندي
ڏي موڪل ميان عمر، آهيان هت آءٌ ماندي

۱. عرض تہ سڻ تون صاحب سائين لڳ سائل جو
ڪيِ قيدن مؤن ميان عمر، ڪر عاجز کي آجو
فيراقن ڪؤن ڪَنہ پر ناهي دل مون واندي
ڏي موڪل ميان عمر

۲. مائٽ مُئيءَ جا ميان عمر، مارو ٿر ۾ ٿيا
ڪيئن ڪوٽن ۾ ٽِڪان سانگيئڙن ڪان سوا
ساڙو سمهڻ ٿيو سور سُڄيءَ سيراندي
ڏي موڪل ميان عمر

۳. ڪَنه حاڪم ڪونہ ڪيو مسڪينن سان زورو
سچ چوان ٿي ميان عمر تو حاڪم ڪي پورو
زور ڪري زوراور، تو عورت ڪَئِي باندي
ڏي موڪل ميان عمر

۴. غلام محمد چئي اٿم اميدون اڃان
هيڪر جيئري وري ويڙيچن ڏي وڃان
سانگياڻي جا سانگي ٿيندا ٿر ۾ ڪانڌي
ڏي موڪل ميان عمر

(۴۲)

آءُ تہ پَنهور پوچ پِٽَن جِي
وو هت ڪيئن ٽِڪان ڪوٽن ۾

۱. پَٽ پٽيهر پلنگ پنگهوڙا، سيئي سڙيان جهالر جهوڙا
ووءِ ووءِ هِيرڪَ ناهيان ڪٽن جي، سُونهان لوئي لَٽن ۾
آءُ تہ پنهور پوچ پٽن جي

۲. نڪي ڏاريون ديڳ ديڳيچا نڪي چوُنريون چاوَ مان چمچا
ووءِ ووءِ وَرجِس ناهي وَٽَن جي، پيون لَپ لوٽن ۾
آءُ تہ پنهور پوچ پٽن جي

۳. عمر جي هت عُود دُڪائين، پسند نا ٿم جيڪين ڪائين
ووءِ ووءِ پِلي بُوءِ پِٽَن جي، وارِي ويلوٽن ۾
آءُ تہ پنهور پوچ پٽن جي

۴. غلام محمد مُنڌ هِت ماندي، قيد ڪري تو عورت آندي
ووءِ ووءِ گهيٽيوال گهَٽن جي، جهوٽي ڪيءِ جهوُٽن ۾
آءُ تہ پنهور پوچ پٽن جي

(۴۳)

اَٿم اُميدون ايندم اباڻا

نِيندم وٺي شل ويندِيس وري وو

۱. ساعت ساعت سال تي پايان، ڳڻ مارن جا ڳايو ڳايان
ڪوٽ وهڻ تيم ڳالهہ ڳري- اٿم اميدون ايندم اباڻا

۲. مِينهَ وسي ڪيون ملڪ تي موڪون، جهانگيئڙن جون جهرجهنگ جهو
ٿاڏل ۾ ٿيا ٿاڻ ٿري وو- اٿم اميدون ايندم اباڻا

۳. نيٺ ننگي پنهنجو ننگ نہ ڇڏيندا، مِهرئون مان وٽ مارو ايندا
چاڪن جني جي ڪِيَس چري وو- اٿم اميدون ايندم اباڻا

۴. غلام محمد غم سڀ ويندا، مارو مونکي مور نہ مَٽيندا
آهن اباڻن ۾ آس ڌري وو- اٿم اميدون ايندم اباڻا

(۴۴)

جيئري لاهہ زنجير، سانگيئڙا تي ساريان

چام عمر مچ منٺ تون منهنجي

۱. اٿم اميدون ايندم اباڻا، ڏاڏي پوٽرا ڏيہ ڏاڏاڻا
جن لاءِ اُڪنڊ اُڪير، ويل نہ ڪنہ سي وساريان
چام عمر مچ منٺ تون منهنجي

۲. بَن ڏيان تنهنجا پلنگ پنگهوڙا، هي سڀ ساڙيان جهالر جهوڙا
ماڙيون محل امير، آءٌ تي قيد گذاريان
چام عمر مچ منٺ تون منهنجي

۳. مُلڪ اَباڻي ڦوڳ ڦلاريا، ساوا گاهہ گسن تي موريا
ڳاڳيون ڳم ڳنڊير، ڇيلا ڇَنن ۾ چاريان
چام عمر مچ منٺ تون منهنجي

۴. غلام محمد غم سڀ ويندا، مارو منهنجا مون وٽ ايندا
جن لاءِ دل دلگير، رويو هنجهون تي هاريان
چام عمر مچ منٺ تون منهنجي

(٤٥)

خواب ڏٺم هڪ رات
ڏوٿيئڙا وو، ملڪ ملير ۾ ڦيري پيئڙا
١. ساوا گاهه ٿيون گلزاريون بوند وُٺي برسات
ڏوٿيئڙا وو، ملڪ ملير ۾ ڦيري پيئڙا
٢. هلو هلو آهي لوءِ وڃڻ جي، وائي ويڙهيچن وات
ڏوٿيئڙا وو، ملڪ ملير ۾ ڦيري پيئڙا
٣. ساهه سيباڻم جهوپا جهانگين، ڀن ماڙيون محلات
ڏوٿيئڙا وو، ملڪ ملير ۾ ڦيري پيئڙا
٤. غلام محمد ماروئڙن ۾، شال پُڄي هي حيات
ڏوٿيئڙا وو، ملڪ ملير ۾ ڦيري پيئڙا

(٤٦)

ساريو ساري ساهَ، عمر ماروئڙا ساريو ساريان
١. وڃي ويڙهيچن ۾ ميان، نيئي پڄايان پساهه
عمر ماروئڙا ساريو ساريان
٢. وُٺا مينهَ ملير تي ميان، موريا گسن تي گاهه
عمر ماروئڙا ساريو ساريان
٣. جدا جهانگيڙن کان ميان، پايان بنگلا باهه
عمر ماروئڙا ساريو ساريان
٤. غلام محمد ماروئڙن ۾، ميڙيندم سو الله
عمر ماروئڙا ساريو ساريان

(٤٧)

چام عمر تي ماري ماري
مونکي پرت پنهوارن جي پار جي ميان
١. جدا جهانگيڙن کان ميان، ڪير گهڙيون هڪ گهاري گهاري
مونکي پرت پنهوارن جي پار جي
٢. قضا آنديس ڪوٽ ۾ ميان، لوح قلم جي لاري لاري
مونکي پرت پنهوارن جي پار جي

۳. مانَ ميڙائو مون ٿئي ميان، ويڙيچن ڏي واري
مونکي پرت پنهوارن جي پار جي
۴. غلام محمد ماروئڙن ڪي ميان، ساه سدا ٿو ساري ساري
مونکي پرت پنهوارن جي پار جي

(۴۸)

مَن ۾ اُڪنڊ اُڪير،
مونکي ماروئڙن جي ملڻ جي
۱. سياڻو ٿي ميان سومرا، لاهه ظلم جا زنجير
مونکي ماروئڙن جي ملڻ جي
۲. قضا آنديس ڪوٽ ۾، منهنجو ملڪ ملير
مونکي ماروئڙن جي ملڻ جي
۳. ڪڍ بندياڻي بند مان، پنهوارن جا پير
مونکي ماروئڙن جي ملڻ جي
۴. غلام محمد مُئيءَ ڪي، فيراقن ڪيو فقير
مونکي ماروئڙن جي ملڻ جي

(۴۹)

چام عمر ٿو ماري،
مونکي قيد قَوِي، هن وو ڪوٽ جو
۱. موتائي مُنج ماروئي، هُت ويڙيچن ڏي واري
مونکي قيد قَوِي هن وو ڪوٽ جو
۲. پاريان سي پنهوار سان، قول ڪيم جي ڪرُ ڏاري
مونکي قيد قَوِي هن وو ڪوٽ جو
۳. پٽ پهريندِيس ڪينڪي، لڄ لوئي جِي لَڄاري
مونکي قيد قَوِي هن وو ڪوٽ جو
۴. غلام محمد مارن ڪي، وهان ڪيئن وساري
مونکي قيد قَوِي هن وو ڪوٽ جو

(۵۰)

ماڻـي تنهنجي آهيان ماري، يار توسان زوراور زاري

۱. آيس تو در وو يار پيارا وو ميان
پائي ڳچي وو مواريان، پائي ڳچي ڳل ڳاري يار
توسان زوراور زاري

۲. اکڙيون اڙائي ني يار وو، دلڙي کسي ويون وو ميان
دوست ڏيو وو مواريان، دوست ڏيو دلداري يار
توسان زوراور زاري

۳. باهہ بره جي نہ وو، لايا اُلانبا وو ميان
تو جا تِکي وو مواريان، تو جا تکي وري ٻاري يار
توسان زوراور زاري

۴. عاصي غلام محمد جو ني وو، عرض اهوئي وو ميان
يار رکو وو مواريان، يار رکو مون سان ياري يار
توسان زوراور زاري

(۵۱)

جا تـي ڪوڙي عشق قناتون، تاتي ذات پُڇي نہ صفاتون

۱. شاهہ ڪري گهوڙن جا گاهي، گولن کي ڏي شرف شاهي
ووء ووء پاڻ ٿيئي اِثباتي، گُم ٿئن مصلحاتون
جاتي ڪوڙي عشق قناتون

۲. آري عشق جي جيڪو ايندو، هوش تهين کان ڇڏي ويندو
ووء ووء ٿيندو مثل مماتي، توڙي هجي افلاطون
جاتي ڪوڙي عشق قناتون

۳. قُوّة ناهي ڪَنہ کي ڪائي، واري عشق اڳيان جو وائي
ووء ووء دست ڏري جڏہ ڪاتي، بند ڪري سڀ باتُون
جاتي ڪوڙي عشق قناتون

۴. غلام محمد عشق شڪاري، محبت تنهنجي پنيان ماري
ووء ووء هيبتناڪ حياتي، مزا ماڻ مماتون
جاتي ڪوڙي عشق قناتون

(۵۲)

وَيسان پَل ناپَليسان، سَهيوڙي مئن رانجهن دي نال ويسان

۱. مادر ميڪون پَل نا پَل تون، وو مُور مِنَتْ نا مَنيسان
سهيوڙي مئن رانجهن دي نال ويسان

۲. پَٽ پوشاڪان زيور زر دي، وو سڀ اسباب سڙيسان
سهيوڙي مئن رانجهن دي نال ويسان

۳. رانجهن ميڏي سِر دا سائين، وو ڪيا ڪيڙي ڪون ڪريسان
سهيوڙي مئن رانجهن دي نال ويسان

۴. جيسين جِيسان دمر حياتي، وو گولي ٿي گذريسان
سهيوڙي مئن رانجهن دي نال ويسان

۵. غلامر محمد نال رانجهن دي، وو وچ منجهيان مئن چريسان
سهيوڙي مئن رانجهن دي نال ويسان

(۵۳)

نال ماهِي مايو ميڏا، وو نيهُ نهين نِبريندا

۱. اِن عِبادي نِوو ايا منادي نِوو، سوچي سگهي سَلڙيندا
نيه نهين نبريندا

۲. جو دمر جِيسان نِوو سنگت ٿِيسان نِوو، ٻن ويچا وچڙيندا
نيه نهين نبريندا

۳. ڪَرني غلامر محمد تون سعيا اهوئي نِوو، ساهر سسين سنبريندا
نيه نهين نبريندا

(۵۴)

ڪيچَ ڏٺي ڪان ڏار، ڙي آءٌ باهر پنهور ٿي پانيان

۱. هِن پنهور ۾ دوزخ دَهلي، مُئيءَ جو ماتمر محلي محلي
زاريون زاريون زار، ڙي آءٌ وَرَ ري ورهر وهايان
وو ڪيچ ڏٺي ڪان ڏار

۲. نڪر ونر گ مان جيئري جيڏيون، مُئي سان مزاقون ڪيائين ڪيڏيون
ڏيئي ڏڪيءَ ڏڪ ڏار، ڙي آءٌ پاند ٻڇي ٻل پايان
وو ڪيچ ڏٺي ڪان ڏار

٣. دمدم دل تي درد جون دانهون، ڪنه کي ٻڌايان هينئڙ جون آهون
نيٽين وهايان ٿي نار، ڙي آءٌ جوش ۾ جيءُ جلايان
وو ڪيچ ڏٺي ڪان ڏار
٤. غلام محمد منڊ هٿ ماندي، ناهي ويچاري وِرهه ڪان واندي
واڳ ولهيءَ تي وار، ڙي آءٌ ڪوڙڻين ڪانگ اُڏايان
وو ڪيچ ڏٺي ڪان ڏار

(٥٥)

جيئڻ جنجل جو تي جيان ڙي
جيڏيون! مونکي ماريو فيراقن
١. هينئڙو هٽي نيئي قيد ڪيائون، هاٽي ڪاڪيون ڪيئن ڪيان ڙي
جيڏيون! مونکي ماريو فيراقن
٢. هي سر صدقو يار سڄڻ تان، گهورون گهمائي نيئي ڏيان ڙي
جيڏيون! مونکي ماريو فيراقن
٣. دعا ڪيو اوهين سڱيون سرتيون، نيه نباهي شال نيان ڙي
جيڏيون! مونکي ماريو فيراقن
٤. غلام محمد غم وهم جا، پُر پيالا تي پيان ڙي
جيڏيون! مونکي ماريو فيراقن

(٥٦)

وسئون ڪين ڇڏيندا وساري، ايندا واڳ وري وَرَ واري
١. راتون ڏينهان يار سڄڻ کي، ساه سدا تو ساري
ايندا واڳ وري وَرَ واري
٢. گولي نيئي نال گڏيندا، ننگي ننگ نِهاري
ايندا واڳ وري وَرَ واري
٣. محبت جو ڪو پِرت پيالو، مانَ پيارل پياري
ايندا واڳ وري وَرَ واري
٤. غلام محمد محب تہ منهنجو، جِيءَ جڏا تو جياري
ايندا واڳ وري وَرَ واري

(۵۷)

دوست بنان دم ڪوئي، هت ڪاڪيون ڪيئن گذاريان

۱. هي جڳ جانب ٻاجهئون جيڏيون، ساريان سُور سپوئي
هت ڪاڪيون ڪيئن گذاريان

۲. حال جو پائي ڪونہ تي پايان، روح ريجهايان روئي
هت ڪاڪيون ڪيئن گذاريان

۳. ڪِيَنْ پِيَنْ سپ وسري ويڙا، ٽيڙم حال اِهوئي
هت ڪاڪيون ڪيئن گذاريان

۴. غلام محمد درمانديءَ جي، دوست ڪندا دلجوئي
هت ڪاڪيون ڪيئن گذاريان

(۵۸)

دلبر جو ديدار لو، مور نہ وسري

سڄڻ جو سينگار لو، مَنان مور نہ وسري

۱. او اندر آڳ عليل ڪي، لُونءَ لُونءَ منجهہ لغار لو
مونکي مور نہ وسري

۲. او ميخون محبت سنديون، لايُون لوه لهار لو
منان مور نہ وسري

۳. آءٌ ڪَيان ويهي ڪن سان گويائِي گفتار لو
مونکي مور نہ وسري

۴. غلام محمد غم ۾ ڪندو پال پتار لو
منان مور نہ وسري

(۵۹)

ويَڙا رات وري وو، جاڳان تان جَت جيڏيون

۱. اَندر آڳ عميق جا، پِيَڙا مچ ٻري وو
جاڳان تان جَت جيڏيون

۲. ڦوڙائي فراق جي، ڪولي دوست دري وو
جاڳان تان جَت جيڏيون

۳. هاڻي هن پنپور ۾ آهي ڳالهه ڳري وو
جاڳان تان جَت جيڏيون
۴. غلام محمد غم ۾ ويندي ماڳ مري وو
جاڳان تان جَت جيڏيون

(۶۰)

منهنجي جِتي جَڙي جند جان ڙي
آءُ وڃان وري اُن ڏيه ڙي
۱. حب وطن جي ڪاڻ قريبن، فائق جو فرمان ڙي
آءُ وڃان وري اُن ڏيه ڙي
۲. اصل هُيَڙيس عاق عقل جي، نينه ڪيس نيشان ڙي
آءُ وڃان وري اُن ڏيه ڙي
۳. ڏسڻ ساڻ سڄڻ تان صدقو، ساه سِسي سامان ڙي
آءُ وڃان وري اُن ڏيه ڙي
۴. غلام محمد غم محبن جي، من تِنم مستان ڙي
آءُ وڃان وري اُن ڏيه ڙي

(۶۱)

گوندر منجهه گولي الا، ڇڏي ڇوري ڇو ويا
۱. منهجي محبوبن سان ٻانهپ جي ٻولي الا
ڇڏي ڇوري ڇو ويا
۲. ڏني مادر مُنيءَ کي لکل جي لولي الا
ڇڏي ڇوري ڇو ويا
۳. راتو ڏينهان روح ۾، هَي هَي جي هولي الا
ڇڏي ڇوري ڇو ويا
۴. غلام محمد مُنڌ کي، ڇِيهاڙيون چولي الا
ڇڏي ڇوري ڇو ويا

(٦٢)

تيڏي چلڻ دي چال، ميڏا من موهيا

۱. مُنه مليح لَبين ڪُون لالي، جوڀن جوت جمال
ميڏا من موهيا

۲. زيور زردي مور نہ سُهندي، سهڻي حسن دي مال
ميڏا من موهيا

۳. عجب جيهي بي پرواهي، نڪا قيل مقال
ميڏا من موهيا

۴. غلام محمد دردوندي ڪُون، ڪيتا قرب ڪنگال
ميڏا من موهيا

(٦٣)

ڪونهي ڏکيءَ جو ڪو حال، آءُ لَهُہ ساجن سارسنڀال

۱. حال جو ڀائي ڪونہ تي ڀايان، ڪنه سان ڪَيان هي مقال
آءُ لَهُہ ساجن سارسنڀال

۲. اندر اداسي تو لاءِ آهي، محب مِٺا متوال
آءُ لَهُہ ساجن سارسنڀال

۳. توئي ٻاجهؤن جيءَ جا جاني، جيئڻ منهنجو جنجال
آءُ لَهُہ ساجن سارسنڀال

۴. غلام محمد مُئيءَ کي ماري، ڪيئڙو قرب ڪنگال
آءُ لَهُہ ساجن سارسنڀال

(٦٤)

نِيه ڊولڻ مون سان لايو آه

ٿيون شاديون لک شڪرانا

۱. اڳڻ آسروند جي سرتيون، پرينءَ پر گهمايو آه
ٿيون شاديون لک شڪرانا

۲. مليو محب لٿي ماندائي، والي وهم وڃايو آه
ٿيون شاديون لک شڪرانا

۳. ويهي وٺ مون ”اُسَرِيُّسَرا“ سهٽي سِر سمجهايو آه
ٿيون شاديون لک شڪرانا
۴. غلام محمد غم سڀ ويڙا، مولي محب ملايو آه
ٿيون شاديون لک شڪرانا

(٦۵)

سڻ ماهي ميڏيان مَقالڙيان
مقالڙيان ڪي ڏُون وو ڳالهڙيان
۱. عشق تيڏي ديان سيني دي وچ، نوڪان لڳيان ڪي نرالڙيان
سڻ ماهي ميڏيان مَقالڙيان
۲. ڏي دلاسا دوست تِني ڪُون، قرب ڪِيتيان جي ڪنگالڙيان
سڻ ماهي ميڏيان مَقالڙيان
۳. تيڏي ڪِيتي سهڻا سائين، سنجهہ صبوح سُوالڙيان
سڻ ماهي ميڏيان مَقالڙيان
۴. غلام محمد درماندي ديان، دست تيڏي تہ دُوالڙيان
سڻ ماهي ميڏيان مَقالڙيان

(٦٦)

نينه لايون نيون نوڪون، وو جِيءَ منهنجي منجهہ جائِي
۱. دوست مليو سون نِوو، سانوڻ ٿيڙا وو ميان
محبت جون لڳيون موڪون، وو جيءَ منهنجي منهہ جائي.*

(٦٧) سر سارنگ

سُونہ پريو سردار، پينر پَلين آيو
ڏيهن جو ڏاتار، اَديون پلين آيو
۱. سُرهو سَڱ ٿيم سڄڻن سان، واسيا سڀ وٽڪار
پينر پَلين آيو

* هن بعد صفحو خالي ڇڏيل آهي، يعني تہ ڪاتب ڪي ڪافي جون باقي مصراعون لکڻيون هيون.

٢. بَرين بَحرين شاديون ٿِيَڙيون، چوڏِس تي چؤڏار
پينر پَلين آيو
٣. طرحين طرحين ترهل ٿِيئڙا، برسي بوند بهار
پينر پَلين آيو
٤. غلام محمد غم سپ ويڙا، محب مليو منٺار
پينر پَلين آيو

(٦٨)

منهنجا مارو منجهه ملير عمر
آءُ ڪيئن هت گذاريان
١. موٽائي مُنج ماڙ ڏي، لوها لاهه زنجير عمر
آءُ ڪيئن هت گذاريان
٢. پيان پنهوارن سان وجي، ڪاوُڙ ڪلي ڪير عمر
آءُ ڪيئن هت گذاريان
٣. جدا جهانگيڙن ڪان سيني اندر سِير عمر
آءُ ڪيئن هت گذاريان
٤. غلام محمد غم ۾ ويٺي، نٽيئون نايان نِير عمر
آءُ ڪيئن هت گذاريان

(٦٩)

منهنجو مارن سين ميلو، موليٰ ڪندو ڪڏهن
١. والي ويڙيچن ڏي، اتم روح سندو ريلو
موليٰ ڪندو ڪڏهن
٢. وارث ڪنديس وطني، وجي ٿر ۾ ٿاريلو
موليٰ ڪندو ڪڏهن
٣. ڏکيو ڏيل ڏکيءَ جو، ڪيو ڏکن ڏُهيلو
موليٰ ڪندو ڪڏهن
٤. غلام محمد غم ۾ ڏسان سجن سَويلو
موليٰ ڪندو ڪڏهن

(۷۰)

گولين جي آهيان گولي، منهنجي لال ٻاروچي سين ٻولي
۱. ڪاڻ ڪوهياري ني وو ميان، پنڌ پيادي پلو الو
ڏونگر پايان ڏولي، منهنجي لال ٻاروچي سين ٻولي
۲. راتو ڏينهان ني وو ميان، جيءُ جسي ۾ پلو الو
هوت پنهون سندي هولي، منهنجي لال ٻاروچي سين ٻولي
۳. طعنا ٽُنڪا ني وو ميان، لوڪ ساري جا پلو الو
سي تہ جهليندياس جهولي، منهنجي لال ٻاروچي سين ٻولي
۴. عاصي غلام محمد چئي، محب پياري سندي پلو الو
نوڪر آهيان نرولي، منهنجي لال ٻاروچي سين ٻولي.

(۷۱)

مُئيءَ کي ٿيون مارين محب ميارون
تنهنجي ملڻ جون، هينئڙي ۾ آرون
۱. ڪَنه کي ٻُڌايان دانهَن درد جي
قرب ڪيو ڪيڏيون ڪُنل سان ڪارُون
مُئيءَ کي ٿيون مارين محب ميارون
۲. حال جو پائي ڪونہ ٿي پايان
ڪنهن سان ڪيان ولهي پرت پچارون
مُئيءَ کي ٿيون مارين محب ميارون
۳. آءُ ٿي گذاريان پوري پَنيورين
ڪرها ڪري ويا ڪيچ قطارون
مُئيءَ کي ٿيون مارين محب ميارون
۴. غرض غلام محمد جو آهي اهو ٿي
ڏي کو ڏکيءَ کي درد جون دارون
مُئيءَ کي ٿيون مارين محب ميارون

(٤٢)

ڳجهيون جي ڳالهيون ڪَنه کي ٻڌايان
ڪونہ ڏسان ٿي حال جو پائي
١. باه برهہ جي مَچ مچايو، لُونءَ لُونءَ ۾ جا لالڻ لائي
ڳجهيون جي ڳالهيون ڪَنه کي ٻڌايان
٢. محب بنا ٿيو هينئڙو اداسي ووءِ ووءِ سندي آهي وات ۾ وائي
ڳجهيون جي ڳالهيون ڪَنه کي ٻڌايان
٣. ساريو ٿي ساريان دم نہ وساريان جيءَ جُسي جا جڙ لڳي جائي
ڳجهيون جي ڳالهيون ڪَنه کي ٻڌايان
٤. غرض غلام محمد جو آهي اهوئي، ڏي نہ ڏکيءَ کي جاني جدائي
ڳجهيون جي ڳالهيون ڪَنه کي ٻڌايان

(٤٣)*

مون ڪتو نہ پورو پاءُ ڙي، صبح سڏيندا سير لاءِ
١. چرخو آهي صحيح سلامت، مونکي ماريو نفس جي شامت
چَوَن سرتيون اُتي پهو ڪَت، ناهي جُسو جَم جاءِ ڙي
صبح سڏيندا سير لاءِ
٢. اُتي سرتيون ڪَتن سويرو، سُتُر سنياهي سرس سنهيرو
مونکي ڪِيڙو ڪيپُ تہ ڪيرو، اتم سمهڻ جو ساءُ ڙي
صبح سڏيندا سير لاءِ
٣. سچ وچين کي ويجهو ٿيڙو، ڪَتي سرتين ڪاپو ڪِيڙو
عقل هوش هجي مون ويڙو، وريم وهڻ جو واءُ ڙي
صبح سڏيندا سير لاءِ
٤. جتي صراف صحي سُتُر پُڇندا، اُتي حرف حريف نہ ڪُڇندا
ليکي لاءِ لکين پيا لُڇندا، دعويٰ نہ هلندو داءُ ڙي
صبح سڏيندا سير لاءِ
٥. ڪتڻ جي مونکي پرت نہ پيڙي، توڙي سرتين چُستئون چيڙي
”رمضان واڍا“ وَيل نہ وِيَري، اُتي ڪَتڻ جي لاءِ ڙي
صبح سڏيندا سير لاءِ

* هن ڪافيءَ جو منڍ (ٿلهہ) رمضان واڍي جي مشهور ڪافيءَ جو آهي، جنهن تي مصراعون غلام محمد خانزئي جون جوڙيل آهن.

(۷۴) چيڙ

باروچن ٿون ڏار، ڏکيا ڏينه گذاريان

١. ڏسان شال اکين سان سونهن پريو سردار
ڏکيا ڏينه گذاريان

٢. ڏوري ڏسنديس ڏونگرين، ڪيچ ڏٿي ڪوهيار
ڏکيا ڏينه گذاريان

٣. ويهي ڪيئن وساريان، جانب جيءَ جيار
ڏکيا ڏينه گذاريان

۴. غلام محمد غم ۾، پيڙو تِيج پتار
ڏکيا ڏينه گذاريان

(۷۵)

وڙينديس وٽڪار، جتن ڪارڻ جيڏيون

١. اٿم هوت پنهل جو، اندر انڌوڪار
وڙينديس وٽڪار

٢. هلي هوت پنهل جا پنڌ پڇايان پار
وڙينديس وٽڪار

٣. ماري مون معذور ڪي ڏونگر جو ڏهڪار
وڙينديس وٽڪار

۴. غلام محمد هوت لئي روئان زارو زار
وڙينديس وٽڪار

(۷۶)

موٽ مران ماندي وو، ڇپرُ ڇيهو نہ ڪري

١. پيئر هن پنپور ۾ ايرادي آندي وو
ڇپرُ ڇيهو نہ ڪري

٢. ڪاهي تيندم ڪارڻي، ڪيچ ڏٿي ڪانڌي وو
ڇپرُ ڇيهو نہ ڪري

٣. جوڙي ڏني جيءَ کي، سُورن سيراندي وو
چيڙُ چيهو نہ ڪري
۴. غلام محمد غم ۾، دم نہ دل واندي وو
چيڙُ چيهو نہ ڪري

(۷۷)

ڪنه نون مئن آکان حال مايوڙي، مئن ڪَنه ڪُون آکان
ڪنه ڪون آکان، ڪنه نون مئن آکان
ڪنه نون آکان حال سهيوڙي، مئن ڪنه ڪون آکان
١. حسن رانجهن دي ڊِي نهين نهايت، عرب عجم دا جمال
ڪنه نون مئن آکان حال مايوڙي
٢. ڳُجهڙيان رمزان رانجهن لايان، پيم جِيءُ جنجال
ڪنه نون مئن آکان حال مايوڙي
٣. ڪٿ چَماڻ مئڏا ڪٿ گذران، ڪٿان جهنگ سيال
ڪنه نون مئن آکان حال مايوڙي
۴. غلام محمد مئن ماندي ڊِي، لهَسِي سجڻ سنڀال
ڪنه نون مئن آکان حال مايوڙي

مولود

(۱)

مولو ميلائـي، اَلا مالڪ ميلائـي
مونکي مير محمد مدني شل مولو ميـلائـي

۱. ڪيائين دين قَوِي، الا اسلام قَوِي، ٿيو قوم ڪُفر تي اَشَدّني
شل مولو ميـلائـي

۲. نظر ساڻ ڪري، الا نظر ساڻ ڪري، دوزخ تاب سرد ني
شل مولو ميـلائـي

۳. ’لا‘ ڪلمي جي ساڻ، ’لا‘ ڪلمي جي ساڻ، ڪيائين عزا لات ٻئي رد ني
شل مولو ميـلائـي

۴. عاصي عرض ڪري، الا عاصي عرض ڪري، غرضئون غلام محمد ني
شل مولو ميـلائـي

(۲)

سهڻو چڙهيو سفر تي وو نيزو ڪٽي نيشان لو
ٿيو سوار سَقبَ تي وو ساراهيو سبحان
منهنجو مرشد آيو جهنڊي وارو جوان، منهنجو مرشد آيو.

۱. مَرڪَ تہ محمد مير جو وو وڏي شاهي شان لو
آهي سَپنانَ سهڻو وو صورت جو سلطان
منهنجو مرشد آيو جهنڊي وارو جوان، منهنجو مرشد آيو.

۲. ظاهر باطن ۾ ٿيو وو ضعيفن جو ضمان لو
ڪين ڇڏيندو ڪڏهن وو اَڙيا منجهہ عِصيان
منهنجو مرشد آيو جهنڊي وارو جوان، منهنجو مرشد آيو.

۳. عاصي غلام محمد ڪي وو ڏياريندو ڏان لو
بخشيندو بدڪار ڪي وو دانہ دين ايمان
منهنجو مرشد آيو جهنڊي وارو جوان، منهنجو مرشد آيو.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

لولي (تيه اکري)

الف عَلِيلَن کي ڏِني خُمر خُماري
سُرکِي سَرِي صَرافَ جي جَني پِيتي پِيارِي
آيا "اَنا اَعرُف" مان تِي وِرهَ واَپاري
تَن کا ڏيکاري، مايا مُلک عَميق جي
لک تورا سچڻ لک تورا
تنهنجي موتِي تہ مِلڻ جا لَک تورا

بي بَس ٿيا بس ۾، جِتي بس نہ بَصِيرَن
فِکر فقيرن جو فنا، پَرک نہ پيرن
کَهلَ قُروبَت جِي، نکو عقل اُکِيرن
سُر نہ صَفِيرن، سُڌ نہ صَيادن جِي
لک تورا سچڻ لک تورا

تي تَن تازو ٿيو وچي ذوق ۾ ذاتي
اَصلُ سَمعُ سِکَ ۾ آيو فَسعُوا صِفاتي
کُڙهہ ۾ قريبن جي لڳي قرب جي ڪاتي
اَمُل مَماتي، جيئڻ جدا جَن جو
لک تورا سچڻ لک تورا

ثي ثَوابت سُپرين، سندا سُونَهَن سُونَهان
وڻڻ واٽ وصل جي ٿيئِي موتِي نہ مُونَهان
اندر در فراق جا، جانِي ڏُکئِم دونهان
لُونءَ لُونءَ منجهہ لونهان، لايُون اُلانَ عشق جي
لک تورا سچڻ لک تورا

جيم جدا ٿي جندڙو جَلي جوش ۾ جانِي
"جِي يَبصُربي يَسمَعُ" آهي سِرُ سُبحانِي
"بي يَمشِي" يار جِي، يَڪي نِينهَ نشاني
لَمُحو مُعانِي، سالِڪ سمجهن سُونهَ جا
لِڪ ٿورا سڄڻ لِڪ ٿورا

حي حَقِي حق هيڪڙو، ٻيو ٻِيِڻي ٻِئائِي
لاحَدّ لامَدّهُ لا وَصلُ وداعِي
لا اَسفَل عُلوي، لا وَلَهُ لِوائِي
خاڪَ نَمائِي، سُونَهَ سندا سُپرين
لِڪ ٿورا سڄڻ لِڪ ٿورا

خي خَرّ مُوسيٰ ٿِيو، تپِي طُور تي تازو
آيو طُوا مانِ تڪو ٿي فَخلَعَ آوازو
عرش مٿي اُستويٰ لايو غمزي غمازو
غير جو غازو، لاهه تان لَوائي وجي
لِڪ ٿورا سڄڻ لِڪ ٿورا

دال دوا دردَ جي ڏي موٽي مِيان مون
هينئڙو هيرڻ پَن جِينَ ڦُٽِي ٿيڙم ڦارون
تَن تُنبي تارُون ڪِيو، تِري عشقَ جي تاڪُون
منهنجو ميثاقون، سِينو سڪي سڪَ ۾
لِڪ ٿورا سڄڻ لِڪ ٿورا

ذال "ذُبَاب الذي لاَ ذوقُ لَهُ" جَنِ
لدت لُوزيناتَ جي جو سِرُ نہ صحي ڪَنِ
اَنڌن اڳيان آرسي صَفا مِثل سِفالَنِ
منهنجو موهي مَنِ، وِچ مَ پَراهون پرينِ
لِڪ ٿورا سڄڻ لِڪ ٿورا

ري راضي ٿِي آئيا پرين، مون ڏي پائي پيرَ
عطر عُودُ عَبير سانَ سَڀِي سُرها ٿيا سِيرَ
ماري مشتاقنَ کي ٿِي دلبر تنهنجي دير
هِنيَڙي سندي هيرَ، دَمُ نہ لهي دِل تان
لڱ ٿورا سڄڻ لڱ ٿورا

زي زَلزَلا زاريون پيئُون هِينَڙي منجهہ هزار
"لايَفُرَحُ" روح ۾ رهيو جِيءَ جُسي کان ڏار
حِرَقَ حَرارَت جي ٿي ناڙُ اعليٰ نار
چِيرو سڀ چمار، ٻَرن ٻيرا ٻاڦ ۾
لڱ ٿورا سڄڻ لڱ ٿورا

سين سُڪرُ سِڪَ جي کَئي دِلڙي ديواني
جَرح جدائيءَ ۾ کيا قرب جي کانِي
کونہ ڏسان کِٿهين ٿي توجيهو جانِي
دارُون دَوا نِي، کَر تہ قراري ٿيان
لڱ ٿورا سڄڻ لڱ ٿورا

شين شمع عشق جي جاني پئڙي جَن ٻَري
"لاَلَيل في قَلبِهِ اِلا يَومُ الدا" وُري
ويندا ڏُنوبَن جا ٿِي دَفع دَفترِي
وَرندو واءُ وري، وَصل جي پہ وصال جو
لڱ ٿورا سڄَڻ لڱ ٿورا

صاد صَدا سِڪَ جي کَيان ساجُهر سويرِي
جانِي جدا جِندڙو کامي ٿِيئڙم کيرِي
رَقيبو رقيبن جو وَرِي وِرهَ ۾ ويري
دلبر دَليرِي، ڏي تان تَوانِي ٿيان
لڱ ٿورا سڄڻ لڱ ٿورا

ضاد ضِيا وَرَضو تي راضِي رَهي هُوءِ
جهَت جهاتِي ويا، جتي 'وَجْهِيَ' وڏو رُوءِ
"لا رَيبُ فِي جَلِهِ" تِي جانِي سَندِي جُوءِ
بابُو 'بَلِيٰ' بُوءِ، آئِي عجيبن جي
لک ٽورا سڄڻ لک ٽورا

طوئي 'طٰه' 'يٰسين' ۾ صفا صفت سُپيرن
داخل دوا دارِهِ وَرِي ورهَ نہ ويرَن
ڪَعبو بِنا قَلب جي، ٿِئي پَسڻ نہ پيرَن
دَمُ نہ دَليرَنِ، دعويٰ دَلالَت جِي
لک ٽورا سڄڻ لک ٽورا

ظوئي ظِلّهُ ظِلّمتِي لا ظَلَّ لَهُ هوءِ
پَسڻ ڏاران پرينءَ جي جانِي پَلُ نہ پَري پوءِ
"كانَ لَهُ فَلَهُ" هُوءِ لالڻ سندي لوءِ
تان ڪِينَ وَٺان توءِ، دم نہ جُدائي ٿِئي
لک ٽورا سڄڻ لک ٽورا

عين 'عنهُ' اُن کان تي عَين عَنايَت
نافِي نَفخُ نِيهَ جي سان واسِين ولايت
مَحل مَوازِينَ جي ۾ حامِي حمايت
کافِي ڪِفايَت، ياڵ يلا يائِيان
لک ٽورا سڄڻ لک ٽورا

غين غَمُومَن ۾ ويا ورهَ ولهوڙي
اندر دردَ فِراقَ جي وڏا عَضوا اَلوڙي
منهنجا جيرا بُکيون جاني رکج تون جوڙي
مُنه مِنا موڙي وِجهُ مَ جهورِي جِندڙو
لک ٽورا سڄڻ لک ٽورا

في فنا فيراقَ ۾ ڪيو فَلڪُ فيراقِي
جانِي جُدا جِندڙو ڪري وَڃي ٿيوُن ياڪِي
ٿِيندوُن ڪَڏِه مُئِيءَ سان اچي مُحِبُ مُلاقي
سڄڻُ تِي ساقِي، ڏي ڪا سُرڪِي سِڪَ جي
لڪ ٽورا سڄڻ لڪ ٽورا

قاف قلمُ قرب جو جَڏِه والِي وَهايو
تڏِه حصو سِڪَ جو اَچِي سِيني سَمايو
نڪو تان ڪُن فَيڪُون هو نَڪو 'يُعَرَف' رايو
اوڏاهُون آيو، جاني جَڏي جيءَ جو
لڪ ٽورا سڄڻ لڪ ٽورا

ڪاف ڪَهفَ قلب ۾، ڪَئِي 'قالُوا' قراري
"ڪَيفَ بُني بَيِنَهُ" جوڙيو جبلُ جَباري
بيروُن بَر بَحرَ ۾ وَرِي وِره جِي واري
طلبَ جِي تارِي، پَٽُ تانَ پچان پرهَ ڪي
لڪ ٽورا سڄڻ لَڪ ٽورا

لام لُطف تنهنجا، جانِي ڳُڻ لکين ڳايان
نوڪر نِلِي نانُوَ جِي ساڳِي اِسمِ سَڏايان
رَئِي رَمِي رِجلَينَ جي لويو لِڱن لايان
نيٽين سَمايان، سُرڪِي سُڪرُ سِڪَ جي
لڪ ٽورا سڄڻ لڪ ٽورا

ميم منهنجي مَن تي لايُون عشق اُليلان
وينِي هنجهون هاريان، رويو رت جون ٽِي ريلانَ
والي وار ولهيءَ تي وَرِي وصل جون ويلانَ
تنهنجي طُففيلانَ، تارِي تڳان تَن ۾
لڪ ٽورا سڄڻ لڪ ٽورا

نون نِڌر نارَ جو ٿي نارَ نِوالو
حَطَب هَڏا هڏيون، سڙي سينو سِفالو
طلبَ طَهُورا متجهان ڪِجان اندر ڪي آلو
پِرت پيالو، ڏي تان تَسِي نہ ٿيان
لڪ ٿورا سڄڻ لڪ ٿورا

واو وَجۡهُ تنهنجو، جانِي منهنجو جياپو
بَدرُ الدُّجيٰ دِل تي، پيو ڪَرن ۾ ڪاپو
"اَنالَڪَ وَ اَنۡتَ لِي" جو آيو نِيهَ نياپو
محب ميلاپو، ڪر تان ڪَسائِي وجي
لڪ ٿورا سڄڻ لڪ ٿورا

هي حادي حقُ ميڙيين، جَنه لئي جُکي جِي
سو مِلي مون سپرين، جتي اکيون لڳيون هِي
ڪڏهن چُوندم چِت سين، اچي پُر پيالو پِي
صَلبُ سُڪُر سِينَ، ويندو وچان وسري
لڪ ٿورا سڄڻ لڪ ٿورا

الف اُلانَ عشق جي لايُون لُونءَ لُونءَ ۾ لاٽون
ٻرن ٻيرا ٻوٽيون ٽيا جهَٽڪي ۾ جهاٽون
لڳيون درد فراق ۾ اَچي اَندر اُساٽون
وِره جون واٽون، وٺيو ويڳاڻي وتان
لڪ ٿورا سڄڻ لڪ ٿورا

لا لائي تون سپرين، ويني واٽون واجهايان
لوهُو لال اکين جو لويو لڱن ڪي لايان
جاني جدائيءَ ۾ ٽي جيرا جلايان
پائِي نہ پانيان، جَنه سان ڪِجي ڳالهڙي
لڪ ٿورا سڄڻ لڪ ٿورا

يي ياري تو يار جي آهي ياوُر يتيمن
اَقويٰ آقالِيمَ ۾ ٿي ظفر ضعيفن
عاصي غلام محمد کي ڏي کلمون مَن
تَنه جي طَفيلن، تَن ۾ تواني ٿِيئي
لک ٿورا سچڻ لک ٿورا
تنهنجي موتي تہ ملڻ جا لک ٿورا
لا اِلـه الا الله محمّد رسول الله

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

مناصح المؤمنين

اي غلام محمد شروع ڪر هي ڪتاب
اَمر ٿيو تصنيف سِنڌي جو شتاب
اَمر ڪِيو مونکي ميان ڪارڻ ڪريم
سو ميان اُستذ مون 'عبدالحڪيم'
مُلڪ ريگستان 'ناري' جي ڪِنار
شهر 'چوٽياري' چوان اِي هوشيار
لقب تنهن 'ناري' سندو 'ڪارو' لِکن
سو ٿيو اُستاذ منهنجي جو وطن.

اِي جو نالو پاڪ تنهنجي تي شفا
زور نافعُ آهي ڏِنهَ جملي دوا
لا دوا وارو چٽي ڏنه درد رنج
جو وٺي نالو لهي سو صحت سنج
پڻ شفا دل جان جي هي نام پاڪ
ساڻ سيني ياد ڪر اي هوشناڪ
ڏنه منافق حال ۽ ڏنه شرڪ شڪ
ڏنه ريا اي نُور منهنجا مَردَ مَڪ.

نعمتن تنهنجن ڪنان اي بادشاه
خَلق عالَم کي وڏي آهي پناه
تا خوشي سان کين سي تَنه ڪؤن طعام
ساڻ رونق رُوءِ تازي مُنه تمام.

”قُل هو الله اَحدَ“ تنهنجي ثِي صفت
وصف تنهنجي ڪاڻ مون مذهب مِلّت
ڪرم پنهنجي سان ڪرين اَسباب خَلق
شُڪر ڪي شب روز ۾ آواز خَلق.

تون ڪريم آهين ڪرين ڪيڏا ڪرم
تون قوي قدرت ڪرين راحم رحم
تون شفاعت جو ڏٿي شافع شفيع
تون فتح مونکي ڏئين نافعَ نَفِيع
رحم منهنجي حال تي ڪر اي ڪريم
جو ڏکويو دل گهڻو آهيان، حليم
فضل ڪر ڪو اي ٻڌندڙ مون مٿي
تون سٽين سڏڙا سوالن جا سَٽي.

ثابتائي ۽ سچائي سين صفا
پيرَ پُورائي مٿي منهنجا رَڪا
تان پڄاڻي دين پنهنجي تي ڪريم
پيروي پيغمبري ڏي مستقيم
ساڻ پيغمبر سندس اولاد ساڻ
ڏينه محشر جي هُجي منهنجي وَراڻ
پاڪ پيغمبر مٿي سؤ لک صلوات
سي سندس اولاد تي بيحد برات.

سُرڪ پيالِي عشق پنهنجي جي پيار
پيروي تي پير مون قابو بِيهار
سُرڪ سان ڏي دل ديواني ڪي ڪثر
تان ٿيان تنه ڪان وڃي خود بيخبر
هي وڃن ويلا وَڏائِي جا وَهِي
تان سڃاڻا ذات تنهنجني ڪي صحي

اول ۽ آخر خدا خاوند جو
ظاهر ۽ باطن سڀجي سڀ هِنڌ جو.

سو خدا صاحب وڏائي ۾ وڏو
جنهِ ڪنيو سڀ لوڪ ساري جو لڏو
ذات پنهنجي تي سدا قائم ڪمال
لوڪ دنيا ۾ نہ آهي هيڪ حال
فهم ڪوته ڏنه حقيقت ذات پاڪ
فهم فاني ٿي ڪري سو هولناڪ
سا هميشہ ذات آهي لامڪان
بي مثل آهي نہ جهڙو هي جهان.

خلق جو خالق خدا خاوند سو
پاڪ آهي سو، نہ ڪَنه فرزند سو
ڪونہ ڄاڻو تنه منجهان مخلوق خاڪ
پاڻ آهي هيڪڙو سو پاڻ پاڪ
هيڪڙو حق آهي واحد لاشريڪ
سو قديمي ذات، سو اوڏو نزيڪ
پاڪ سو بي عيب آهي بي مثال
سو وڏائي ۾ وڏو بي قيل قال.

درد اَندر ۾ ٿيا منهنجي مقيم
ڪر دوا دردن سندي تون اي حڪيم
لطف پنهنجي سان اندر چوٽاءِ تون
خوف ڪان آجا ڪرين اَجزاء مون
فضل تنهنجي جي نهايت ناهہ ڪا
رحم تنهنجي ۾ نہ ٻِي پرواهہ ڪا
ڪرم پنهنجي سان سخي بخشيش ڪر
مون مٿي اي رحمتي منجهہ بحر برَ.

ذات تو اوڏي گهڻو مون کان گهڻي
تي چڪي تحقيق جي توڏي تَڻي
بلڪ تنهنجي ذات کي آهي بقا
بي بقا فاني اسان جو هي لقا
هي سپو باطل فان فاني وجود
ذات ذاتي کي کيو مَلڪن سُجود
تون آهين موجود تنهنجي ذات پاڪ
ٻيا سَپِي موجود فاني خونُ خاڪ.

رزق جو ضامن خدا سپڪنه سندو
ٻي شڪو بدنيڪ جو پيدا ڪندو
اُهو آهي رزق ڏيندڙ ڏينه رات
قوم کي قادر قوي سونهون صِفات
جو اِنهين سُونهين ڪنان ٿيندو شڪي
واٽ ويندي تنه وٺان پاسي پڪي
ٻن جهانن ۾ اهو ٿيندو خوار
جو ڪندو ٻي واٽ جي ٻيهر پچار.

جو جُهد پرهيزگاري ۾ ٿيو
تَنه وٺان غم درد آندوهِي ويو
سو چٽو لج شرم آخر جي ڪنان
جنه ڏُران ڏوئي چڏيا پاپِي پَنان
جنه ڇڏي دنيا دورنگي دين ڪاڻ
آخرت جو تنه ڪنيو سامان ساڻ
قرب جا سِرَ تي سَروپا سو ڪندو
جو ٿيو خالص خدا صاحب سندو.

نيڪ نحسي جي ستارا ڏينه رات
جي نجومي علم ۾ باري بَرات

جي قِرن ٿا مُنه مٿي هي آسمان
مرض گرمي سرد جا بيحد بيان
ري اَمُر ڪَنه جو نہ سي نالو وٺن
جي هجن عرشن مٿي توڙي پٽن
نام مولىٰ جو ضِراري ۽ قهار
نام نافعُ نُور سو صاحب ستار.

شُڪر مونکي جنه خدا خاوند پاڪ
خلقيو خاصو ڪري ڏنه خونُ خاڪ
نعمتون اسلام جون مون تي هزار
ظاهري پيدا ڪيون پروردگار
اُمتي مان مصطفىٰ جو آهيان
مير مرسل پانهنجو ساراهيان
ڏنه خدا خاوند راضي ٿو رهان
اَهنج سهنجو حال برسِر تي سهان.

سو سچو سالار سو والي وفا
بادشه سو مُرسلن جو مصطفىٰ
ڏينه محشر جي شفاعت جو ڏٽي
سا اُميد آهي گنهگارن گهٽي
سو محمّد مصطفىٰ نالي نَجيبُ
خلقيو خاصو خدا پنهنجو حبيب
ختم ٿي تنه تي نبوت بي گمان
ڪاڻ تنه پيدا ٿيا هر دو جهان.

شخص سو گمراه جو گمراه ٿيو
جو شريعت ۾ مخالف واه ٿيو
گم ٿيو گمراه ۾ گمراه ٿي
ويو وڃائي واٽ سو بي واه ٿي

سو ٿيو تابع شقي شيطان جو
پيروي ۾ نفس نافرمان جو
تنه سندي صحبت زهر قاتل سڃاڻ
ٿي پڄي بيزار تنه کان اي جوان.

طبع کي اسباب دنيا جو مَ ڏيج
دل منجهان پاڙئون پٽي ٻوٽو ڇڏيج
دوستي دل مان دنيا جِي دور ڪر
ٿي يگاني يار جو يار اي پِسَر
مکر ڪندڙ هي دنيا آهي حرام
لعنتي ڪئي مُلڪ جي مالڪ تمام
ٿي هٽي ڏاڙا دو رنگي واٽ ۾
واٽ حق جي ٿي جهَنّي سا جهاٽ ۾.

ظلم ظالم کي ڪري خامي خوار
ظلم سان ٿيندو وڃي سو سنگسار
درد مان جي ٿو ڪڍي مظلوم آه
تان ٻڌي سا دانَهَ ٿو تنه دم الله
ٿو ڏکي هي عرش هڪڙي آه سان
جي ڪري ڪو ظلم ٿو بيواه سان
عرش مان غلبو اُٿي ٿو هولناڪ
ظالمي ٿيندو ظلم سان خونُ خاڪ.

علم جي اک ساڻ ڏس تون ذات حق
تان وڃن تنهنجا سڀي هي شور شق
ڏس مثل تون درسني جي ٻئي جهان
تنه منجهان گم ٿي وڃن تنهنجا گمان
هر طرف الله باقي هيڪ آهه
سو ڏسين جيڪو نمازي نيڪ آهه

سا حقيقت تو متي پڌري ادا
جي ڪيون نيشانيون پيدا خدا.

ذات حق جي ڪان سواءِ ٻيو ڪين آه
جو ڏسين تو سو اُهو نابين آه
هي حديثن ۾ خبر تي معتبر
ٿول سڀ فاني فنا ۾ سربسر
ذات حق موجود دائم تي مدام
ذاتيون ٻيون تي فنا ويندون تمام
جي نهارين هر طرف آٿي يقين
تان ڏسين هڪ ذات حق ٻيو ڪين ڪين.

فهم پنهنجي فڪر ڪي ڇڏ اي جوان
عقل تجويزي جزا ڏي تو زيان
ڪر توڪل هي سَڀِي حيلا ڇڏي
جان دل جو ڪڻ سمر لوڪان لڏي
جو سوا حق جي هجي سو دور ڪر
ڪيم ڪين تَنه جو وري مذڪور ڪر
تنه پڇاڻا واڻ واحد جي وڻيج
واڻ ٻِي ڪُل ذات جي ڪان مُنه مٽيج.

اي نپائيندڙ تون اي قادر ڪريم
اي تون خالق خلق جو اعليٰ عليم
فيض تنهنجي روءِ روشن ڪيو جهان
ظاهري ۾ هي زمانو آسمان
ڏي شفا شافعُ گهُري تو هي غلام
ڪر ڪُلِي اِمراض ڪان آجو تمام
بخش ڪر ڏي روشني ايمان جي
ڏُور اوندهه ڪر ڪفر نادان جي.

پاڪ ڪلمون ڪر وظيفو پانھنجو
ڪيم تي ڪاھل قوي دل ڪانئہِ جو
پڙھ تون ڪلمون پاڪ سو دل جي حضور
سيکھين اوقات ۾ اي نيڪ نور
ساڻ ڪلمي 'لا' سندي لائي ترار
ڪُل عالم کي ڪپي ڪر سنگسار
پوءِ رکج دل ۾ تون اِثباتي خدا
سو خدا توکان نہ آھي دم جدا.

دوستي دنيا سندي ڇڏ اي جوان
دوستي حق جي جدائي ڏنه جھان
جو خدا جو دوست ٿيو خاصو خُلاص
سو محمّد مصطفيٰ جو دوست خاص
نعمتون تابع تھين جي ٿيون سَڀِي
ڪانڪا تنه کان جدا ھِي ڪا لِپِي
نعمتون نافع تَني جي دوستي
سا يقيناً قرب قادر جي رَتِي.

مڙس سو جو زال تي غالب ھجي
سو نہ چئبو زال جو طالب ھجي
زال سا جا تي اَمُر ۾ زيردست
سو چُتو ڏنه زال جي قَيدان ڪَست
چيا ھُجي ھو زال اي ھوشيار
نفس نافرمان شُومِي کي شُمار
ٿيو جھين کي نفس نافرمانِ
سو پَلين تنه جو مٿو ڏي ھيٺ پير.

ھي وڏائي حال نفساني سندو
ساڙ سو ڏيئي اُلانْ ماري مَنْدو

ٻُوڙ ٻئي اکيون هوا ۽ حرص کان
هي نصيحت هاڻ تو لاءِ لِکان
ڇڏ بخيلي کيم تي بُخلِي بخيل
ٿي سخي ڏي مال پنهنجو في سبيل
ڇڏ تڪبَّر بغض بازي ۽ ڏمر
تان ٿيئي روشن گهٽو تنهنجو اندر.

"وَهُوَ مَعَکُمۡ اَينَما کُنۡتُمۡ" سڄاڻ
آهيان هر جا اوهان جي ساهه ساڻ
اي ٿيو آهي خدا توسان جڏهن
تون ڦيرائي مُنه تهين ڏي ڪر تڏهن
ٿي طرح اهڙي ڇڏي هن نفس کي
آءُ اُڏامي پيچ قضا جي قفس کي
تان ٿئين واقف خدا جي راز جو
جي رکين پَر کو سچي پرواز جو.

هي دنيا آهي نہ راحت جو مڪان
تو جهنم ۾ وجهي جاهل جهان
چيو پيغمبر پاڪ "دنيا ساعَتون"
تَان مَ پنهنجو پيرِ تنه ۾ پاءِ تون
تي مثالي ڊونڊِ دنيا مَيِّتا
طالبو تنه جا ٿيا ڪُتيون ڪُتا
دوستي تنه جي وڏي آفات تي
ڇڏ صفائي سُونه کي تون ذات تي.

علم کي لازم ڪري وٽ روز شب
ڪر سخاوت سان عدالت جي طلب
ساڻ نِوڙت هو خدا جي خلق ساڻ
کيم تي مشغول دل ۾ دلق ساڻ

هو حَياسِين، ساڻ شفقت هو فقير
ڪيم ڪي تون ملڪ ۾ تي مِير پير
ڪر تون عادت پانهنجي مسڪين حَال
ڪيم تي حاسد حسد جو پائمال.

تون هتي آيُونُ دنيا ۾ اي ادا
تان سجاڻين پاڻ ۾ پنهنجو خدا
تي حقيقي ذات جو حَقُّ اليقين
ڪيم ڏس ڪنه ذات ٻي ڏي اي امين
ڏي خدا جي واٽ تي پنهنجي چمار
ڪر سخا ڏي مال پنهنجو بي شمار
دين جي تون اَمر ۾ تي رات ڏينه
ڪيم تي شيطان شومي شير شينه.

يا الاهي خير سان ڪج خاتمون
وقت آخر ڏيج ڪلمون وات مون
فضل رحمت ساڻ پنهنجي پاڻ تون
ڪيم ڏي مون کي ڪهين جي ڪاڻ تون
لطف پنهنجي ساڻ هي رضوي غريب
پانهنجو ڪِج نيڪ نامي ۾ نجيب
مُنه مَ ڏي مونکي نه ٻِي ڪنه تات جو
روز شب ڏي شوق پنهنجي ذات جو.

تي يَلائِي مصطفيٰ جي عام تي
جي پيغمبر امتي اِسلام تي
ٿِيو نبي صاحب سچو سردار سو
بار امت جو مٿي بَردار سو
پڻ محمّد جو سچو اولاد پاڪ
تن سندي پيرن چُمان پيزار خاڪ

ٿيو خدا جي مهر سان پورو ڪتاب
سؤ صلواتون مصطفيٰ تي چئو شباب.

جيڪڏهن سن سال هجرت جو پڇي
سَن تيره سئو، وَره پيو ٽا لِکن
هي مهينو ٽا لِکن ساري صفر
ٽي جَهين تاريخ معنيٰ مُعتَبر
جو پڙهي پورو مَناصِح ڪي ڪري
هٿ دعا جا ڏي دعا ڏيندڙ ڏري
بخش ڪر والي وِلهي جا والدَينِ
بخش بخشڻهار، يَاوُر نُور عين
بخش ڪر استاد جي جاني جهان
وقت آخر ڏيج مون ڪلمون زبان.

بس پورو ٿيو ڪتاب مناصح المؤمنين
تاريخ پنڌرهين مهيني رمضان مبارڪ
سن تيره سؤ ٽري ۱۳۰۳ھ
هٿان غلام محمد جوڙيندڙ
جي بس

غزل

اچي ساقي سِڪاين کي ڀري ڏي مَي سندا پيالا
تہ جيرا جوش جانب جي جلايون جان ۾ جالا
سِڪاين مِهر موليٰ جي وسي برسات ٿي دائم
جَني تي مينھ محبت جو تني جا نيڻ نِت نالا
وٺي جي واٽ وحدت جي ايا ميدان ۾ مانجهي
زِره جولان جيَ پائي ڪندا چوگان ۾ چالا
سُتي سڪ سوز صحبت جي جَني پيتي منجهان محبت
وجي سيئي وِصالَت ۾ ٿيا خوشنود خوشحالا
تَرن جي تار ريءَ تُرهي بحر عرفان ۾ عارف
تَني کي ڇا سَمُندر دريا، ڍنڍون ڍورا نديون نالا
جَني کي لئون سندي لالڻ لڳي لُونءَ لُونءَ اندر لوري
ويا تَن کان سيئي وسري دنيا دولت مڏيون مالا
ڇڏي هي ملڪ لاهوتي لَڪاپُور ڏي لڏي وِيڙا
رَمي تَنه راز کي رسيا جتي نا قيل کو قالا
سدا ڏُک درد دلبر جو رکج دل ۾ "غلام محمد"
سِوا سِڪ سوز ساجن جي رُلن منجھ روھ ريزالا.

O

مَي محبت جي منجهان ساقي اچي ڏي سُرڪ کا
ڪيم کي تون عاشقن کي مُرڪ کان ساقي سِڪا
جي سدا ديدار تنهنجي لئي اُيا بانهون ٻڌي
تَن ڪنان منهنجا پرين تون ڪيم کي مُنھ کي لِکا

ڪي منجهان جانِي مسلماني ٿيا مومن مدام
ڪي وجهو جَٽيا وتن ٿا تلڪ جا لايو ٽِڪا
ڪي مُنڌل محبوب ڪان موڳا مدامي بي خبر
ڪن ڪي مالڪ مُلڪ جي پيغام پلپل ۾ مُڪا
ڪن منجهان مئي جام جي پيتو شريعت جو شراب
ڪي وٺي وينا بداعت ۾ ڪٽي چِلمون حُقا
ڪي عبادت ۾ مدامي ٿا عمر ڪي صرف ڪن
ڪي ڪٽيون پنگي وجهن ٿا پنگ ۾ ڏويو ڏُڪا
ڪي ٽڪو پئسو ڪري ڪن سور سين سوڙهي دنيا
ڪن سندا چوڙيو وڃن ڪي هِمياٽي مان ٽَڪا
ڪي ڪَپڙ ڪورو وڃايو ٿا وتن ڪيو چاڪ چاڪ
ڪي آڌوراٽا سَڄا ڪن سُئِيءَ سان ڏيئي ٽُڪا
معرفت جي مُلڪ جا جامان ڍڪيا جي عارفن
ڪن ڪيا ڪارا ڪُلهن تي، ڪن ڪيا ساوا سڄا
ڪي وتن ٿا ذوق ظاهر جي غلام محمد مدام
ڪي وتن ٿا لوڪ ۾ هو لال لاهوتي لِڪا.

O

عشق جي آزار ڪي چيو طبيبن لادوا
ويچ سپ ورچي ويا حيلا حبيبن جي ڪيا
عاشقن ڪي عشق جو آزار جاڳيو جان ۾
شاد ٿيا تنه درد ۾ تنه جو نہ ڪن دارون دوا
جي وڏيل محبوب جا سي ڪيئن طبيبن ڪان ڇُٽن
تن وٽان حاذق هٿي دارون دوا واري ويا
ڪينڪي ڪنه پر ڪڍن اُوهي طبيبن جو غرض
پاڻ پنهنجو پوءِ ڇڏي جي پيش پرين جي نِيا
سي وري سالم نٿا ٿيئن طبيبن جي هٿان
جي نياپي نيه جي هو نَرَ نهوڙي نا نِ

درد ۾ همدم تہ ٽيندو ڪو قريبن مان قريب
ماءُ ٻيُو ڀائر سڳا توڙي هجن سَوتر ۽ سِيا
درد پِنهنجي جي دوا ڪر ٿي غلام محمد طبيب
'الف' جو علاج ڪر تون 'مِيم' مان معجونيا.

O

آءُ تون عجيب اوري صاحب سدا سوڀارا
وِهہ تون اچي اڱڻ ۾ اوڏو اڏي اوتارا
صورت پسي پرين جي ڦاٽا پڪي پرت ۾
ڏوران ڏسيو ڏين ٿا لائي لقا لامارا
عاشق سدا اداسي تو لاءِ ٿيا سناسي
ڏي ڪو دلئون دلاسو تن کي پرين پيارا
تون سِر سچو سخا جو، تنهنجا سوين سوالي
سائل سدا سڪندر تو در مدام دارا
پائي لِيو پرت مئون ڏي ڪو پرين ڏِکالو
تنهنجي هِڪي ڏسڻ تان صدقو بلخ بخارا
لاءِ وصال تنهنجي صاحب سوين سڪن ٿا
جيئن ٿا وتن ٿرن ۾ روجهون هرڻ اُجارا
صورت سچي پرين جي ڏس تون غلام محمد
محبن جو مَٽ نہ ڪوئي سج چنڊ ڪتيون تارا.

O

پرين جي اڳيان ڇا وڏي بخت وارا
سڪندر تہ مسڪين درويش وارا
سدا سي مَيا مير مخمور مست
جني جام پيتا منجهان مئي جَلارا
پيالا جني پرت مان پاڪ پيتا
تني کي ڪندا ڪوه آرهڙ سيارا

اَجهي هوتَ جي چانُوَ ويٺا اڏي
وسن ٿا تني جا اوطاقون اوتارا
کي مومن مسلمان ايمان سين
کني پڻ ڪفر جا ڪيا ويس ڪارا
ٿئن ٿوڪ پيدا مڙيئي مُند تي
ميوا کن مُنديتا ليسُوڙيون لِيارا
غلام مِحمد رکج هوشداري
انهين واٽ تان پيي پليا هوش وارا.

O

مَ تي دم کو تون جاني جُدا
تو لاءِ دل تي جو ساري سدا
جيڪا نيڪي بدي منهنجي حق ۾
سا تان لوحان لکي ازل اَبدا
آءُ تون عجيبا اگڻ اسان جي
جان ڪيان آءٌ توتان فدا
تون تان سدائين صاحب سخا جو
آءٌ تان تنهنجي در جو آهيان گدا
عشقئون غلام محمد کي
ويا سور سيي هاٽي وسري اَدا.

منهاج العاشقين

[شاه عبداللطيف جي رسالي يا ٻين رسالن ۾ مختلف سُرن هيٺ جيڪي قصن وارا ٿاٽا ۽ اهڃاڻ آيل آهن، تن ۾ سُلوڪ جي لحاظ سان جيڪا تمثيلي معنيٰ سمايل آهي، تنهن جو تفسير هن رسالي جي مصنف پنهنجي هڪ جدا فارسي ڪتابڙي 'منهاج العاشقين' ۾ ڪيو، جنهن جو پوءِ تحت لفظي ۽ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائين. ان اصلوڪي سنڌي ترجمي کي، مرحوم ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي ٺوري ڦيرقار سان سنواري سنہ ۱۹۳۴ع ۾ 'منهاج العاشقين' جي نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو. هيٺ اسان ڊاڪٽر دائودپوٽي مرحوم وارو متن قائم رکيو آهي. جو ان کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ وڌيڪ سولائي ٿئي ٿي. البت مصنف جي اصل ترجمي کي (جيڪو سنہ ۱۳۰۲ھ (۸۵-۱۸۸۴ع) جو ڪيل آڳاٽو ترجمو آهي) ذهن نشين ڪرائڻ خاطر ان جي پهرئين صفحي جو عڪس ڪتاب جي شروع ۾ شامل ڪيو ويو آهي - ن.ب.]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

بي انت ساراه جڳائي ان صاحب کي، جنهن کان سواءِ ٻيو ڪو ساراهہ جو لائق نہ آهي، ۽ صفت تنهين رسول ڪريم ﷺ جن کي، جو الله تعاليٰ جني پوين ۾ پويون پيغمبر آهي؛ ۽ رحمت خدا جي نازل هجي سندس اولاد پاڪ تي، جي دين ۽ دنيا ۾ حضرت نوح نبيءَ جي ٻيڙيءَ مثل آهن، ۽ سندس صحابن سڳورن تي، جي هميشہ اونداهيءَ رات ۾ تارن وانگر گمراهن کي سونهپ ڏيندڙ آهن. ڪنان هن ٻانهي ٻانهَن جي، غلام محمد بن خان محمد خان زئي، جنهن هي رسالو 'منهاج العاشقين' جو جوڙي راس ڪيو.

ڪو سائل سوال ڪري تہ مجنون ۽ ليليٰ، پنهون ۽ سسئي، ميهار ۽ سهڻي، عمر ۽ ماروئي، راڻو ۽ مومل، راءِ ڏياچ ۽ سورٺ، رانجهو ۽ هير، چنيسر ۽ ليلان، چام تماچي، چام جکرو ۽ چام سپڙ، ۽ ٻيا عاشق، جي اول ڪان وٺي اڄ تائين شاعرن ۽ عام ماڻهن جي وات ۾ آهن، ۽ جن جي مهما اڃا تائين ڳائبي اچي ٿي، تنهن جو سبب ڪهڙو آهي، ۽ منجهائن ڪهڙا ڪنايا يعني مرادون وٺبيون؟

جواب هن سوال جو تہ، جزوي عقل يعني زماني جي عقل ڪي انهن ڳالهين جو علم ۽ نتيجو معلوم نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن عاشقن جي نالن ۽ سرودن ۾ مراد ۽ معنيٰ اصل علحدي رکيل آهي. جيئن تہ الله تعاليٰ پنهنجي حڪمت سان جهان ۾ ڪيترائي مثال انساني نفس جي لذتن ۽ فرحتن وٺڻ واسطي خلقيا آهن، جي زماني جي ماڻهن ڏٺا ٻڌا نہ هوندا. انهيءَ فڪر ۾ وجهڻ پنهنجي پروڙ ڪي غرق ڪرڻ آهي. بيت

درين ورطه ڪشتي فر و شد هزار ڪہ پيدا نہ شد تختہُ بر ڪنار

(انهيءَ اوڙاه ۾ هزارين ٻيڙا هيٺ هليا ويا، جو ڪنڌيءَ تي نالي جو هڪڙو ڦرهو بہ پيدا نہ ٿيو). هن حال جو اصل مطلب خدا تعاليٰ جلّشانہ ٿو ڄاڻي، ڇو تہ انسان جو مُورانهين ويسارو آهي، سو الله تعاليٰ جي حقيقت ڇا معلوم ڪري سگهندو. ڪابہ طاقت نٿو رکي، پنهنجي قدرت موجب گهٽائي پرَ ۽ ڪنيڙاٽيون هڻندو پر عنقا ڪي نہ رسندو. دانائن چيو آهي تہ پچندڙ ڪي پنهنجي ناقص عقل موجب جواب ڏيڻ شرط آهي، اگرچہ جواب باصواب ۽ پورن دليلن سان اهو ڏئي سگهندو. جنهن ڪي رسول ڪريم ﷺ جهڙو عقل ڪُل عطا ٿيل آهي. ٻين ڪي سمجهہ ۽ پروڙ اهڙي پوندي جهڙي سنهي سُئي اونهي سمنڊ ۾. پر سيڪو شخص پنهنجي عقل ۽ علم موجب جواب ڏئي سگهي ٿو. جيئن تہ ظاهري عقل لاءِ معنوي حقيقت جو جواب ڏيڻ بي حيائي ۽ بي شرمي آهي. تنهن هن نيازمند ڪي پڻ انهيءَ سوال جي جواب ڏيڻ مان شرم ٿو اچي. ڇاڪاڻ تہ معلوم نٿوٿئي تہ خدا تعاليٰ وٽ انهن ڪناين (اشارن) جو اصل سبب ڇا آهي، شايد متان ڪو

بيان غلط ٿي پوي. آدمي ننڍي ابهم ۽ بي فهم ٻار وانگر حقيقي ماءُ جي جهوليءَ ۾ تنجڻ ۾ ٻڌل ۽ هيٺي ڪِرليءَ جيان تقدير جي ٿالهي تي سيڪنهن طرف ڊوڙندڙ حيران ۽ سرگردان آهي: ۽ "تَڪَلّمُوا النَّاسِ عَليٰ قَدَر عَقُولِهمر" (ماڻهن سان سندن عقلن موافق ڳالهايو) سندس شان ۾ آهي. انهيءَ مضمون مان ثابت ٿيو، تہ انسان جو وِساري جي زنجير منجهہ قابو آهي، ۽ صاف بي پروڙ ۽ بي فهم آهي، تنهن لاءِ هي مٿيون گفتو ٿوري لکڻ ۽ بيان ڪرڻ ۾ پورائي نہ ڪري، پر عالي جناب وڏي خطاب حضرت پير صاحب جهنڊي واري جي فرمودي پرماڻي هي مختصر بيان پنهنجي ڪوتاه عقل موجب لکجي ٿو:

حديث شريف ۾ آيو تہ "كُنّتُ كنزاً مخيفاً فَاحْبَبُتُ اَنُ اُعَرَفَ ثُمَّ خُلقتُ الخلَّقَ"- يعني قول ذات پاڪ جو تہ "آءٌ هوس هڪ لڪل ڪاڻ، پوءِ حُب پئي مون کي تہ سڃاتو ٿيان، پوءِ خلقيم خلق کي." اول ۾ سڀ قسم، جسم، نالا، ذاتيون ۽ صفاتون هڪ جاءِ ۾ ڪاڻ يا خزاني جي نالي جمع (ڪٺيون) هيون، ۽ ڪنهن ۾ بہ تفريق يا جدائي ڪانہ هئي. جڏهن ذات پاڪ ڪثرت يعني گهڻائي جي لحاظ سان عشق جي شوق جو اُلونءُ انهيءَ ڪَنز ۾ هنيو، تڏهن هرهڪ صفت جدا ٿي پئي. پوءِ پنهنجي حڪمت سان ڪيتريون فريقون ۽ قسم پيدا ڪيائين. جن مان ڪي ڪي فريقون ۽ قسم زماني جي ماڻهن کي سمجهہ ۽ سڃاڻ ۾ اچن ٿا، باقي ٻيون ڪيتريون قومون اهڙيون آهن، جن جو انسان نالو نشان بہ نہ ڄاڻن. تن جو علم ۽ حقيقت فقط خدا تعاليٰ ٿو ڄاڻي، ۽ سواءِ خدا تعاليٰ جي ٻئي ڪنهن کي بہ خبر نہ آهي: ۽ جڏهن وري روحن جي فريق خلقيائين، تڏهن اُنهن مان پڻ فريقون ڪيائين: هڪڙا نبي، ٻيا اولياءَ، ٽيان مؤمن، چوٿان ڪافر ۽ ٻيا عام ماڻهو، جن مان ڪن کي بهشتي ڪيائين ۽ ڪن کي دوزخي، جئن تہ قرآن ڪريم ۾ آهي: "**فريقٌ فِي الجَنة وَ فَرِيقٌ فِي السَّعِير**" يعني تہ هڪڙي ٽولي بهشت منجهہ آهي ۽ هڪڙي دوزخ ۾. اهو آهي منجهہ شان روحن انسانن جي. پوءِ هرهڪ روح کي جدا جدا درجا نصيب ڪيائين. هڪڙن کي

عشق ۽ حسن ڏنائين، تہ هڪڙن کي سخاوت بخشيائين وغيره وغيره. ”لَقَد خَلقنا الاِنسان فِي اَحسَن تَقوِيمَ“ (يعني: خلقيو اسان انسان کي منجهہ زور موچاري جوڙ) اهو پڻ انسان جي شان ۾ چيل آهي. سڀڪنهن روح کي جدا جدا لذت ۽ عيش ڏنائين: ۽ عشق جو اُلو، جنهن بابت فرمايل آهي: ”اَلعِشقَ نارَ يُحَرِقُ ماسِوا الله“ (يعني: عشق آگ آهي، جا سواءِ الله جي سڀ کي ساڙي ٿي)؛ سو ڪن جي نفسن ۾ زياده رکيائين، ۽ ڪن کي وري پنهنجي حُسن جي خزاني مان حسن جو بهرو بخشيائين. انهيءَ حقيقي حسن مان خاص حصا پنهنجي ازلي ارادي موجب هرهڪ کي جدا جدا عطا ڪيائين. ڪني کي اِهو حسن ۽ عشق زياده ڏنائين، جئن حضرت يوسف ۽ بيبي زليخا کي، ۽ انهن عاشق معشوقن کي جن بابت مٿي سوال ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح عشق جي حصي جا وري ڀاڱا ڀاڱا ڪيا ويا، پر مٿين عاشقن کي حقيقي عشق جي شعلي مان زياده پتي پلءِ پئي.

عشق ٻن قسمن جو آهي: هڪڙو حقيقي، ٻيو مجازي. حقيقي عشق کي بقا آهي، ۽ مجازي عشق بي بقا آهي. مجازي عشق مثل وڻ جي آهي ۽ حقيقي عشق مثل ڦَر جي. اِتي ڪيترا دليل ۽ مثال آهن، پر سڀبان گهٽائيءَ ڪلام جي ايترو چوڻ ڪافي آهي، جو دانائن چيو آهي تہ پلو ڪلام اهو آهي جو ٿورو ۽ دليلائتو هجي. مثلاً: حقيقي عشق سج وانگر آهي، ۽ مجازي عشق ڏياتيءَ وانگر. خدا تعاليٰ جل شانه پنهنجي ازلي خواهش موجب حقيقي عشق جو خاص حصو مٿي سوال ڪيل جهڙن عاشقن جي قلب جي ڪُل ۾ ٻاري ٿو، جو بنا پاڇولي سج وانگر ڏينهن قيام تائين روشن رهندو. جيڪڏهن اهو من جو منگل قضا الاهي فنا ٿي ويندو، تان پڻ انهيءَ جي يادداشت جي پرتوي جو حرف بہ زماني هستيءَ جي ڦرهيءَ تان ڏينهن قيام تائين ميٽجي نہ ويندو. مجازي عشق جو عام ماڻهن سان لاڳاپو آهي، سو پاڇولي دار ڏياتيءَ وانگيان آهي. جيڪو بہ ٿول پاڇولو رکي ٿو، سو بي بقا آهي ۽ آخر فنا ٿي ويندو. مثلاً: ڏياتي جا هيٺ پاڇولو ٿي موڪلي، سا پڻ فنا ٿي ويندي آهي. جي ورائي ڪٽي ٻاربي آهي تہ ٻري

پوندي آهي، پر سج مدامي روشن آهي. ٻيو تہ امل ماڻڪ قد ۾ ننڍو ۽ روشنيءَ ۾ پڻ ڏياتيءَ کان گهڻو گهٽ آهي؛ تڏهن بہ ٻَها ۾ ڏياتيءَ کان گهڻو مهانگو ۽ تعظيم ۾ وڏ آهي، ڇا کان جو پاڇولو، دونهون ۽ ٻاھ نٿو رکي، ۽ ڏياتي جا عشق مجازيءَ جو مثال آهي، سا توڙي اَمل ماڻڪ کان وڏي آهي ۽ روشنيءَ ۾ پڻ گهڻو ڀلي، پر ٻَها ۽ عزت ۾ گهڻو گهٽ آهي، ڇا کان جو پاڇولو، دونهون ۽ ٻاھ رکي ٿي.

هي عقلي دليل ۽ مثال ڪافي نہ آهن. خداتعاليٰ اول کان وٽي پنهنجي حڪمت سان جو عشق حقيقي جو اُلو مٿي سوال ڪيلن عاشقن ۽ ٻين جي قلبي ڪُل ۾، ۽ حسن حقيقي جو تجلو حسين معشوقن جي منهن ۾ اڄ تائين روشن ڪيو، سو قيامت تائين روشن رهندو؛ تان جو هاڻي تائين زماني جا ماڻهو انهن عاشقن جي ڪلام ۽ نالن مان لذت ۽ حظ وٺن ٿا. هيءَ سڀائي جهان جي مالڪ جي حڪمت آهي. جئن تہ خيال ٿو ڪجي تہ نبين جي روحن مان پڻ فريقون ڪيائين. اوليائن جي روحن مان پڻ فريقون ڪيائين ۽ مؤمنن خواه ڪافرن ڪُلني جي روحن منجهان فريقون جدا جدا ڪيون اٿس. ڇا کان جو سڀئي هڪ جهڙا، هڪ وزني، هڪ صورت ۽ هڪ درجي نہ خلقيا اٿس. ڪني کي بادشاهي ڏنائين، جهڙو سڪندر ۽ دارا؛ ڪني کي سخاوت ۽ پهلواني بخشيائين، جهڙو حاتم طائي ۽ رستم، ڪني کي عدل ۽ انصاف عطا ڪيائين، جهڙو نوشيروان ۽ ڪنين کي وري حسن ۽ عشق ڏنائين. هي نصيب جي ورڇ سڀڪنهن روح کي جداجدا ميثاق جي ڏينهن کان حصي وار ملي. اها حقيقي بادشاھ جي بخشش هن دنيا جي حاويليءَ ۾ سڀڪنهن ڏني ۽ ٻڌي، ٻيا باقي بہ ڏسندا ۽ ٻڌندا. ازانسواءِ مٿيان عاشق معشوق، جن بابت سوال پڇيو ويو آهي ۽ ٻيا جيڪي سُئا ٻڌا آهن، سي سڀ ازل جي ڏينهن جا حصو ڪٽندڙ آهن. پائنجي ٿو تہ اصل کان وٺي حق تعاليٰ جي اهڙي خواهش هئي جا ٿي، ۽ اڃا بہ پيئي ٿيندي. هاڻ جيڪي ڪنايا ۽ اشارا مٿي سوال ڪيل عاشقن ۽ معشوقن بابت آهن، سي پنهنجي ناقص عقل موجب سمجهايا ويندا. والله اعلم بالثواب (سچي حقيقت خدا ٿو بهتر ڄاڻي).

• ڪنايا مجنون ۽ ليليٰ جا

ليليٰ مجنون جو ظاهري قصو ٿورو ڪي گهڻو زماني جا ماڻهو سمجهن ٿا، پر معنوي قصي جي منجهه جي سواءِ خدا تعاليٰ جي ٻئي ڪي چاڻ نہ آهي. ان ۾ هي هي جدا رمزون آهن:

مجنون مان مراد آهي ”ذات پاڪ“. ڇا ڪان جو سڀني مخلوقن جو اصل (بنياد) ڪَنُز (گنج يا خزانو) آهي، يعني سڀئي ڪَنُز جي پيٽ مان پيدا ٿيا، ۽ ڪنز خود ذات پاڪ جو ڪنايو آهي. يا مجني مان مراد ”مرشد ڪامل“ جي ونجي، جو خلق کي هدايت جي طرف سڏيندڙ آهي، ۽ يقين واري جماعت جو اڳواڻ آهي. يا مراد ”محمد ڪريم عليه الصلواة والسلام“ جي ونجي، ڇاڪاڻ جو ذات جي ڪشش صفات جي طرف گهڻي آهي.

ليليٰ: مان مراد آهي ”مؤمنن ۽ مومنياڻين جي جماعت جا روح“.

مڪو مبارڪ جنهن جو مجنون وينل هو، تنهن مان مراد آهي ”ملڪ وحدانيت جو.“

مصر جو شهر جنهن جي ليليٰ ساڪن هئي، تنهن مان مراد آهي ”هي جهان“.

مجني جو مصر ۾ اچڻ: تنهن مان مراد آهي ”ذات پاڪ جي قروبيت طرف صفات جي.“ جنهن ڪنهن جاءِ صفت آهي اتي ذات شامل آهي.

قاضي مدرسي جو، تنهن مان مراد آهي ”عقل جزوي“.

قاضيءَ جي ليليٰ کي مجني کان منع ڪرڻ: تنهن مان مراد آهي تہ عقل جزوي جو مدرسي منجهہ گذران جي پروڙ ۾ آهي، سو ذات جي طرف هرگز مائل نہ ٿيندو.

ليليٰ جي محبت ڪان زهر پيئڻ: تنهن مان مراد آهي ”مؤمنن توڙي ٻين ماڻهن جا ناپسند ۽ غير شرعي ڪم“. نبي ۽ اولياءَ ان ۾ داخل نہ آهن.

جدائي وجهڻ ۽ ليليٰ جو مجنيءَ کي بر ۾ بيهارڻ: تنهن مان مراد آهي تہ ”عقل جزويءَ جي حالت، جا ليليٰ جي دل ۾ واقع ٿي.“

ليليٰ جو پنهنجي قبيلي سان سفر تي نڪرڻ: تنهن مان مراد آهي تہ ”جيستائين عقل کل اچيئي اچي، تيسين عقل جزوي ناقص ۽ پٽڪندڙ آهي.“

مجنيءَ جو بر ۾ بيهڻ: تنهن مان مراد آهي ”ذات پاڪ جي بيهڪ“. جيڪڏهن بي عام خلق يعني صفاتي ماڻهو قولن پنهنجي ۽ ڪم ڪارين ۾ ڦرندڙ آهن، تڏهن بہ ذات پاڪ پنهنجي سَتاري، رزاقي ۽ قَيُومي صفت تي قائم ۽ برقرار آهي، تنهن ۾ هڪ ترِ جو تفاوت ناهي.

ياڳو ٻنارو: تنهن مان مراد آهي ”الاهي وهب (ڏات) جو سبب، جو صفت کي ذات ڏانهن رجوع ٿو ڪري.“

ڪهاڙو: تنهن مان مراد آهي ”همت جو اوزار جو خلق کي سڏڻ جو ڪارڻ ٿو بڻجي.“

ياڳو ٻناري جي ليليٰ کي خبر ڏيڻ: تنهن مان مراد آهي ”ذات پاڪ جو صفات کي غيبي يا هاتفي سڏ ڪرڻ.“

ليليٰ جو خبر کي ٻڌڻ: تنهن مان مراد آهي ”اِلاهي ڏات“ يا ”مرشد ڪامل جو ارشاد.“

ليليٰ جو مجنيءَ وٽ اچڻ: تنهن مان مراد آهي ”دنيا جا علائقا ڇڏڻ ۽ نفس کي حال حياتيءَ ۾ مارڻ.“

ليليٰ جو ولين کي ڏسڻ جي مجنيءَ کي ويڙهي ويون هيون: تنهن مان مراد آهي ”پردو ماسوا الله جو.“ غير جو پردو، جو ذات ۽ صفات جي وچ ۾ واقع آهي.

ليليٰ جو ولين کي ڇنڻ: تنهن مان مراد آهي ”عين اليقين جي درجي کي رسي، ماسوا الله يعني غير جا پردا ڏور ڪرڻ.“

ليليٰ جو مجنيءَ کي ڏسڻ ۽ مرڻ: تنهن مان مراد ”فنا في الله جي درجي کي رسڻ.“

انهن کان سواءِ خيال ٿو ڪجي تہ پيون بہ ڪيتريون ئي معنائون نڪرن ٿيون، پر هن ٿوري بيان تي بس ڪجي ٿي.

• ڪنايا پنهون ۽ سسئيءَ جا

پنهون مان مراد آهي "مطلوب" يعني محبوب حقاني.

سسئي مان مراد آهي "طالب حق" جي. اول طالب عدم جي پردي ۾ ناپيدا هو. جڏهن پيدا ٿيو چائو، تڏهن "هئڻ" جي مڪان ۾ آيو.

صندوق مان مراد آهي "طالب جي بي خبري ۽ بي فهمي"، جنهن ۾ ويڙهيل ۽ سانديل هجي، ۽ درياءَ جي دهشت جي ڪل نہ رکي.

درياءَ مان مراد آهي "حقيقي ماءُ جي جهولي"، جا پناه وارن کي پناه ۾ رکندڙ ۽ امن امان ڏيندڙ آهي.

ڀنڀور مان مراد آهي "هيءَ دنيا يا جهان."

رنگريز يعني ڪتيءَ مان مراد آهي "مرشد ڪامل"، جو طالب کي پنهنجي گهر يا پَرَ ۾ نپائي ٿو، ۽ جڏهن نپجي وڏو ۽ پختو ٿو ٿئي، تڏهن ڪيس پنهنجي گهر جو مالڪ ٿو بنائي.

سسئي جي حسن مان مراد آهي "عمل صالح" يعني موچارا ۽ نيڪ ڪم.

سسئي جي بالغ ٿيڻ مان مراد آهي "مرشد ڪامل مڪمل جي حالت ۾ هڪجهڙو ٿيڻ" يعني "فنا في الشيخ" (مرشد ۾ گم ٿيڻ) جي درجي کي رسڻ.

ڪتيءَ جي پائرن جو ڪائنس سسئيءَ جو سڱ گهرڻ تنهن مان مراد آهي "دنياوي ۽ نفساني خيالات".

پنهون جي منشيءَ جو ڀنڀور ۾ اچڻ: تنهن مان مراد آهي "محبوب حقانيءَ جو طالب حق جي طرف خواهش جاري ڪرڻ جو سبب". ڇا ڪان جو ان جي پهچڻ ڪري طالب حق جي ڪشش مطلوب جي طرف پاڻان گهٽي ٿيندي. جڏهن پنهونءَ جي منشيءَ يعني حق جي خواهش

طالب کي قولن ۽ فعلن ۾ مرشد ڪامل منجهہ محو ڏٺو، ۽ ان کي پنهون يعني حقيقي بادشاهہ جي لائق پاتائين، تڏهن ڪيچ طرف خبر لکيائين.

ڪيچ مان مراد آهي "ملڪ وحدانيت جو" يعني "قرار جي حاويلي".

آري ۽ سوناريءَ عورت جو پنهونءَ کي وچ ۾ مانع ٿيڻ تنهن مان مراد آهي "طالب جا اڳوڻا ناپسند ۽ غير شرعي عمل". جڏهن طالب کي مطلوب قولن ۽ فعلن ۾ تمام سچو ۽ ثابت قدم ٿو ڏسي، تڏهن اهي وچ وارا عارضا (رنڊڪون) لتاڙي سچي طالب وٽ رسي ٿو.

ڪٿوري ۽ قافلا جي پنهونءَ تنها سسئيءَ جي دوستيءَ خاطر ڪنيا ۽ جي جنهن جاءِ تان لنگهيا ٿي تنهن کي خوشبوءِ سان ٿي واسيائون: تنهن مان مراد آهي "نيڪي". جيڪو حق جو طالب پنهنجي محبوب حقيقي جي طرف سچو ۽ ثابت قدم آهي، تنهن واسطي مطلوب حقيقي جهان منجهہ نيڪيءَ جي خوشبوءِ پکيڙي ٿو.

پنهونءَ جو رنگريز ڪان سسئي جو سڱ گهرڻ: تنهن مان مراد آهي "ذات جي ڪشش ٿيڻ طرف صفات جي".

البت نہ مڃڻ رنگريز جو: تنهن مان مراد آهي "مطلوب کي طالب جي طرف پڪي ويساهہ ۽ يقين وارو ڪرڻ ۽ مرشد ڪامل جي طالب لاءِ حق کي سفارش ڪرڻ."

پنهونءَ جو ڪپڙا ڌوئڻ : تنهن مان مراد آهي "طالب ۽ مطلوب ۽ مرشد جي هڪڙي حال ۾ ٿيڻ."

پنهونءَ جو سسئيءَ ساڻ شادي ڪرڻ: تنهن مان مراد آهي "طالب ۽ مطلوب جو وصال."

پنهون جي ڀائرن جو ڀنڀور ۾ اچڻ: تنهن مان مراد آهي "اهي زماني جا حادثا" يعني "نفساني فاسد خيال" جي هميشہ حق جي طالب مٿان واقع آهن ۽ ڪڏهن بہ اڇيو سر تي ڪڙڪن.

سسئيءَ کي ننڊ اچڻ: تنهن مان مراد آهي "طالب جي غفلت طرف مطلوب جي."

نشو ڏيڻ پائرن جو پنهون کي: تنهن مان مراد آهي ”مطلوب کي طالب جي غفلت جو احوال رسائڻ.“

پائرن جو پنهون کي نيڻ: تنهن مان مراد آهي ”طالب ۽ مطلوب جي وچ ۾ جدائي ۽ فراق“. ناپسند ۽ غير شرعي ڪمن جي سببان جدائيءَ جو تفرقو پوي ٿو.

سسئي جو ننڊ مان سجاڳ ٿيڻ: تنهن مان مراد ”طالب جو غفلت مان هوشيار ٿيڻ.“

سسئيءَ جو ڪيچ طرف ڪاهڻ: تنهن مان مراد آهي ”طالب جو ناپسند ڪمن کان پشيمان ٿيڻ ۽ حق جي طرف موٽڻ.“

سسيءَ جو سفر کي قبول ڪرڻ ۽ اهنجائي واٽ ۽ جبلن ۽ لڪن جي: تنهن مان مراد آهي ”طالب جو رات ۽ ڏينهن شريعت جي راه ۾ سعيو ڪرڻ.“

ڏرار جو سسئيءَ کي واٽ ۾ رسڻ: تنهن مان مراد آهي ”شيطان ملعون يا نفس امارو“ (جو طالب کي حق جي راه کي لالچائي گمراه ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري).

ڏرار جي خوف کان سسئيءَ جو ڏرتيءَ ۾ داخل ٿيڻ: تنهن مان مراد آهي ”موتوا قبل آن تموتوا“ (مرڻ کان اڳي مرو) يعني حياتيءَ جي حال ۾ پاڻ کي فنا ڪرڻ.

پلؤ ڪپڙي جو باقي مٿي منهن زمين جي رهيو: تنهن مان مراد آهي ”فنا پڇاڻا اثباتي“ يعني بعد فنا جي باقي ٿيڻ.

موٽڻ پنهونءَ مطلوب جو طرف سسئيءَ طالب جي: تنهن مان مراد آهي ”غير کان موٽڻ ۽ حق جي طرف رجوع ٿيڻ. ۽ طالب جو پنهنجي نفس کي حق جي طلب ۾ تلف ڪرڻ.“ (هتي مطلوب خود طالب جي صورت وٺي ٿو).

وفاتي پنهونءَ جي ۽ سسئيءَ جي مقبري منجهه دفن ٿيڻ: تنهن مان مراد آهي ”يُوصَل الحَبِيبُ الي الحَبِيبُ“ (دوست کي دوست

سان گڏجايو ويندو). طالب ۽ مطلوب جو هڪ حالت ۾ گڏجڻ، جئن پاڻي پاڻيءَ ۾، کير کير ۾. وچ ۾ ڪو ويڇو نہ رهڻ، ۽ طالب جو "فنا في الله" جي درجي کي پهچڻ. والله اعلم بالصواب.

• ساهڙ ۽ سهڻي جا ڪنايا

ساهڙ مان مراد آهي "مطلوب".

سهڻي مان مراد آهي "طالب".

ڏم مان مراد آهي "نفس امارو".

درياه مان مراد آهي "شريعت جي واٽ ۾ پنڌ" ۽ "متابعت محمدي (ص)".

درياه جي هيءَ ڪنڌي: تنهن مان مراد آهي "هي جهان" ۽ "پنهنجي وجود (هئڻ) جو دنيا منجهہ اثبات ڪرڻ."

درياه جي هوءَ ڪنڌي: تنهن مان مراد آهي "فنا في الله" يعني "حاويلي قرار ۽ بقا جي" يعني "پاڻ کي فنا ڪرڻ؛ ذات جي اثباتي، ۽ گم ٿيڻ صفات جو."

سهڻيءَ جو رات کي وڃڻ: تنهن مان مراد آهي "جاهليءَ جو جهان."

ڪچو دِلو: تنهن مان مراد آهي "غير شرعي ڪم ڪري يا خيال ڏاري شريعت ۾ رخنو وجهڻ"؛ جهڙوڪ ڪفر ۽ بدعت جا بڇڙا ڪم، جي ظاهر ۾ پسند پيا ايندا، پر باطن ۾ بدعت ۽ بي ديني آهن. جئن شيخ عطار (رحمة الله عليه) فرمايو آهي:

زهر دارد در درون دنيا چو مار — گرچہ بيني ظاهرش نقش و نگار

(دنيا اندر ۾ بلا وانگر زهر ٿي رکي، توڙي جو ٻاهران چِٽ اٿس).

ڪنڀار جو دڪان: تنهن مان مراد آهي "آدميءَ جو اختيار".

حڪمت جي پردي ۾ دلا خواه ٻيا ڪيترا ٿانو ڪچا پڪا ڪنڀر جي دڪان جي اڱڻ ۾ انبار ٿيا رکيا آهن. جنهن کي جيڪو وٽي سو کڻي، ڪنهن کي

منع ناهي. جيڪڏهن پڪو دِلو ڪٽي، جنهن مان شريعت يا متابعت محمدي (ص) جي مراد آهي، تان پڻ اڳيان ميدان ۾ پڌرو ڏريو آهي. ۽ جيڪڏهن ڪچو دِلو ڪٽي، جنهن مان مراد بدعت ۽ ڪفر واري گمراهيءَ جي واٽ آهي، تان پڻ پڌري پٽ پيو آهي. جيڪو پسند ڪري سو وٺي (يعني ڪٽي)، ڪنهن کي منع ناهي. ڪم جي وقت ڪچي پڪي جي آزمائش معلوم ٿيندي.

متي دلي ڪچي ۽ پڪي جي: تنهن مان مراد آهي "رمز ڏيکارڻ هر ڪنهن طالب کي."

ڪچي ۽ پڪي دِلي جا رنگ ۽ چٽ: تنهن مان مراد آهي "سيو ڪم نيڪي ۽ بديءَ جو" ۽ "واٽ شريعت جي ۽ غير شريعت جي". حقيقت ٻنهي طريقن جي حڪمت جي پردي اندر رکي اٿس.

غرق ٿيڻ سهڻيءَ جو منجهہ درياه ۽ ڪچي دِلي جو پرڻ: تنهن مان مراد آهي "غير شريعت جي واٽ وڃڻ، ۽ رخنو بدعت ۽ غير شريعت جو متابعت محمدي (ص) منجهہ وجهڻ."

سهڻي جو ميهار جي اک ۾ ڦلو ڏسڻ: تنهن مان مراد آهي "مرشد جي قولن ۽ فعلن يعني گفتار ۽ ڪم ڪار ۾ ناپسندي ۽ غير شرعي نظر ڪرڻ."

سهڻيءَ جي ٻڏڻ پڇاڙان ساهڙ جو نهارڻ: تنهن مان مراد آهي "خاص شفاعت ۽ رجوع ٿيڻ مطلوب جو طرف طالب جي". يعني تہ ظاهر ۾ فراق جي تفرقي ڪري سو جدا آهي، پر باطن ۾ خاص شفاعت ڪري ازلي شفقت جي پاڇولي هيٺ رهي ٿو. والله اعلم بالصواب.

• عمر ۽ مارئيءَ جا ڪنايا

عمر مان مراد آهي "نفس امارو" (يعني نفس سرڪش جو بد ڪمن جو امر ڪري).

مارئي مان مراد "حق جي ابدالن جي روحن منجهان هڪڙو روح"، جي اَلَسْتَ واري ڏينهن ذات پاڪ جي ديدار منجهہ مست ٿيا هئا.

مارئي جو مگيندو: تنهن مان مراد آهي "ذات پاڪ" (جنهن سان ازل ۾ ابدالن جي روح لائون لڌيون هيون).

پنهوار ۽ سانگي: تن مان مراد آهي "حق جي سڄڻي ابدالن جا روح"، جن جي ذات ۽ صفات ۾ ڪو فرق ناهي. جيئن تہ فنا في الله جي درجي تي آهن ۽ هن جهان جي "هئڻ" جي خبر نٿا رکن، ۽ ظاهر توڙي باطن ۾ دل جو ڪشف حاصل اٿن (يعني تہ الاهي اسرارن ڄاڻڻ لاءِ سندين دل هميشہ کليل آهي)؛ تنهين واسطي انهن حق جي ابدالن جي ذات ۽ روحن وچ ۾ ڪو فاصلو ۽ فرق نہ آهي.

ملڪ ملير: تنهن مان مراد آهي "ملڪ وحدانيت جو".

مال ماروئڙن جو: تنهن مان مراد آهي "قرب ذات جو طرف صفات جي."

پيئڻ کير ۽ ڏوري ۽ لسيءَ جو ۽ انهن مان لذت ۽ وٺ وٺڻ: تنهن مان مراد آهي "ياد رکڻ ۽ دور ڪرڻ سبق 'اَلَسۡتُ بِرَبِّكُمۡ قَالُوا بَلٰي' جو".

پڪا ۽ جهوپا پنهوارن جا: تنهن مان مراد آهي "لاَ مَكَانَ لَهٗ اِلا هُوَ" (يعني سواءِ ذات پاڪ جي انهن واسطي ڪو مڪان ڪونهي). ڇاڪاڻ تہ سانگين کي هڪ جاءِ ٽڪاڻو نہ آهي: جتي پنهنجو مال خوش ڏسن، اتي پنهنجو جهوپو جوڙين. يعني تہ ابدالن جا روح جتي بہ ڪين ذات پاڪ جي قرب‌يت حاصل هوندي، اتي خوش ۽ هڪ حال هوندا.

ملڪ تر ۽ پٽون: تنهن مان مراد آهي "قلب جي لطافت ۽ نرمي" جنهن ۾ ڪا سختي ۽ ڏاڍائي نہ آهي.

سانگين جو ڏٺ: تنهن مان مراد آهي "هن جهان جا ڏک" جي سيئي پاڻ تي سهي، هڪ ٻئي ۾ جدائيءَ جو تفرقو نٿا وجهن.

ماروئي جو حسن: تنهن مان مراد آهي "متابعت محمدي (ص) سان گڏ عمل صالح".

ڪوه مان مراد آهي ”شيطان جي لشڪر جو پڙ“، جيڪو سوا وسيلي جي اتي ايندو، سو ڦرجي مارجي ويندو، جئن شيخ سعدي (رحمة الله عليه) فرمايو آهي:

درين ره بجز مرد راعي نرفت گم آن شد ڪہ دنبال داعي نرفت

(هن واٽ ۾ ڪوبہ سواءِ مڙس سُونهين جي نہ ويو؛ گم اهو ٿيو جو پنيان سڏيندڙ جي نہ ويو). ڇاڪاڻ تہ ”مَنۡ لاَ شَيۡخ لَه فَشَيۡخُہُ الشَّيطَانُ“ (جنهن کي مرشد نہ آهي، ان جو مرشد شيطان آهي). اتي هڪڙي عميق رمز رکيل آهي، پر ٿوري ڪلام تي ڪفايت ڪئي وڃي ٿي.

ڪوه جو پاڻي: تنهن مان مراد آهي ”رباني رحمت“ يعني پاڻيءَ ۽ هِت جي حالت وچ ۾ شيطان جو ميدان واقع آهي.

عمر جو ڪوه تي اچڻ ۽ مارئيءَ کي ڪڻڻ: تنهن مان مراد آهي ”ڦُر جي جاءِ ۾ اچڻ ۽ شيطان يا نفس اماري جي هٿان لُٽ ٿي وڃڻ، ۽ گناهن ۽ فسادن جي حويليءَ ۾ گرفتار ٿيڻ“.

قبيلي کان جدا ٿيڻ تي ماروئي جي فريادي ۽ زاري ڪرڻ: تنهن مان مراد آهي ”پنهنجي گناه ۽ فساد جي ڪم کان پشيمان ٿيڻ ۽ پنهنجي اصل جي طرف موٽڻ“ جئن تہ ”كُلّ شَيۡءٍ يَرۡجِعُ اِلَيٰ اَصۡلِه“ (سڀڪو ٿول پنهنجي اصل جي طرف موٽي ٿو) انهيءَ جي شان ۾ آهي.

ڪوٽ مان مراد آهي ”هي جهان“ ۽ ڪوٽ ۾ جيڪي ماڙيون ۽ محلا، پوشاڪون ۽ ڪپڙا، زيور ۽ هندورا، پلنگ ۽ ڪٽون ۽ ٻيا انيڪ سامان موجود آهن، تن مان مراد آهي ”دنيا جو اسباب“، جنهن کان حق جي ابدالن جا روح پڇندڙ ۽ بيزار آهن، جي دنيا ۾ خواه دنيا جي جنسار ۾ راحت نٿا وٺن. اهي پکيءَ وانگي قضا جي پڃري اندر قيد آهن، جنهن وقت اهو قضا جو قفس ڀڃندو، تنهن وقت پنهنجي اصل آکيري ڏي اُڏامي ويندا.

شيخ جامي (رحمت ڪريس خدا) فرمائي ٿو:

دلا تا ڪي درين ڪاخ مجازي ڪني مانند طفلان خاڪبازي
بيفشان بال و پرز آميزش خاڪ ٻبر تا ڪنگره ايوان افلاڪ
چرا زان آشيان بيگانہ گشتي چو دو نان جغد اين و برانہ گشتي

(ترجمو: اي دل ڪيستائين هن مجاز جي ماڙي اندر ٻارڙن وانگر مٽيءَ ۾ راند ڪندينءَ؟

ڏوڙ ۾ پريل ڪنپ ۽ ڪنپڙاتيون ڇنڊ، ۽ آسمان جي اڱڻ جي ڪنگرن تائين اُڏامر.

تون ڇاڪاڻ انهي آڪيري ڪان آواڙي ٿي آهين ۽ خسيس ڇپ وانگر اچي هي ويرانو وسايو اٿئي؟) هي گفتو ڪنڻ جو نہ آهي.

ماروئي جو عمر ڪان پاڻ ڪي پرهيز ۾ رکڻ: تنهن مان مراد آهي ”حق جي ابدالن جي روح جو بيزار ٿيڻ دنيا جي غلاظت ۽ اسبابن ڪان، ۽ پاڻ کي نفس سرڪش ڪان ڏور رکڻ.“

ماروئيءَ عمر کي ڀاءُ ڪري ڪوٺيو: سو انهيءَ ڪري جو انسانن جي پيدائش خاڪ مان آهي، جا گويا سندين حقيقي ماءُ آهي؛ تنهنڪري عمر ماروئيءَ جو ڀاءُ ٿيو.

ماروئيءَ جي مڱيندي جو اچڻ ۽ ماروئي کي نيڻ: تنهن مان مراد آهي ”وَهب“ يعني ذات الاهي، جا سواءِ گهريي ۽ طلبيي ملي. سچيءَ طرح پشيمان ٿيڻ ۽ پنهنجي حق خاطر سيل بچائڻ ڪري، سندس اصل حق وٽس اچي ٿو، ۽ کيس پنهنجي اصل وطن ۾ پهچائي ٿو، ۽ هن جهان جي غلاظت ڪان آجو ڪري ٿو، ۽ انهيءَ ڪري الستي روحن سان وري ورونه ونڊي ٿي.

عورتن سيڱن ۽ هڪجيڏين جو ماروئيءَ کي طعنا ڏيڻ ۽ ماروئيءَ جو زهر کائي مرڻ: تنهن مان مراد آهي ”حال حياتيءَ ۾ پنهنجو نفس مارڻ“. جئن چيو ويو آهي تہ ”مُوتُوا قَبلَ اَنْ تَمُوتُوا“ جٺريئي صفاتي گم ڪرڻ ۽ ذات پاڪ جي اثباتي ثابت رکڻ. والله اعلم بالصواب.

• ڪنايا راٺي ۽ مومل جا

راٺي مان مراد آهي ”ذات پاڪ“ يا ”رسولِ خدا (ص) “ يا ”مرشد ڪامل“ يا ”عمل صالح“.

مومل مان مراد آهي ”طالب، جو ڪوجها ڪم ڪري ۽ شريعت جي برخلاف هلي.“

ڪاڪ مان مراد آهي ”هي جهان“.

ماڙيون ۽ اسباب: تنهن مان مراد آهي ”دنيا“. جڏهن راڻي مومل سان دوستي ڳنڍي ڪو فرق نہ رهيو.

ڍٽ: راڻي جو ملڪ، تنهن مان مراد آهي ”ملڪ وحدانيت جو“. ٻنهي جي دوستيءَ سببان ٻئي ملڪ هڪ ٿي پيا. ڪاڪ پڻ ڍٽ ٿي پئي ۽ وچان فرق هليو ويو.

سومل جا مومل سان ستي: تنهن مان مراد آهي ”بدعتي ۽ غير شرعي عمل ڪرڻ“. ڇاڪاڻ تہ حقيقي راڻي ۽ پاڪ روح جي وچ ۾ ’غير‘ نٿو ماپي. جڏهن سومل وچ ۾ ’غير‘ واقع ٿيو، تڏهن راڻي ڪيس جدائيءَ جو داغ ڏنو.

مومل جو ڪاڪ جي ماڙين ڪي نہ ڇڏڻ: تنهن مان مراد آهي ”دنيا جي قروبيت“. ڪاڪ ۽ ماڙين ڇڏڻ ڪان سواءِ فريادون ۽ زاريون ڪرڻ رڳو مڪر ۽ رياءُ آهي.

راڻي جو مومل وٽ وري نہ اچڻ: تنهن مان مراد آهي ”دنيا جو علاقو نہ ڇڏڻ.“ مطلب تہ جڏهن ڪاڪ کي ترڪ ڪري موڪل ٻاهر ايندي، تڏهن راڻو مٿس راضي ٿيندو، ۽ ٻئي اڳيئين وانگر ڪنڊ ڪير ٿيندا. جيسين مومل ڪاڪ منجهہ آهي ۽ راڻو ڍٽ منجهہ، تيسين ملڻ محال آهي. تنهن ڪري اي طالب مومل! ڪاڪ وارا ڪوجها ڪم ڦِٽا ڪر، تان حقيقي راڻي کي رسين. نہ تہ اهي ناحقي مڪر جون فريادون ۽ زاريون ڪيم ڪر، متان جدائي وڏي پوي. والله اعلم بالصواب.

• ڪنايا راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جا

ڏياچ مان مراد آهي ”صالحن جي روحن مان هڪڙو روح.“

سورٺ مان مراد آهي ”نَفس مُطمَئِنّہ“ يعني تڏو ٿانهريو ڇيو ڪندڙ نفس.

ڪوٽ گرنار جو: تنهن مان مراد آهي ”هي جهان“.

جنهن بادشاه متو ڏياچ جو گهرايو تنهن مان مراد آهي ”ذات پاڪ بادشاه حقيقي جي.“

سر ڏيڻ راءِ ڏياچ جو: تنهن مان مراد آهي ”يقين ۽ خوشيءَ سان دل ڏيڻ، مرڻ کان اڳ دنيا جا تڳا توڙڻ ۽ پنهنجو ’هئڻ‘ (هستي) مارڻ ۽ ’نه هئڻ‘ (نيست يا عدم) جي پردي اندر داخل ٿيڻ، ۽ ڪئن ڪڇاڙو وڃائڻ.“

بيجل مان مراد آهي ”اهو سببن جو سبب، جو صفات کي ذات ڏي ڇڪي ٿو، ۽ ”هئڻ“ جي حاويليءَ مان ڪڍي ”ملڪ فنا باقي بالله“ ۾ ٿو رسائي.

سورٺ جا منع ڪندڙ هئي: تنهن مان مراد آهي ”عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ فراق ۽ جدائيءَ جو پردو“. ڇا ڪان جو نفس مطمئني کي سر ڏيڻ جي ماهيت جي خبر نه آهي، جو هو اجا ’هئڻ‘ جي مڪان ۾ آهي، مگر روح پنهنجي اصل ڏي مائل آهي ۽ ان جي ذري پرزي خبر ٿو رکي.

آواز ڪماچ جو: تنهن مان مراد آهي ”الست بربکم قالوا بلىٰ جو آواز.“

مال ڏيڻ سورٺ جو بيجل کي مٿي جي عوض: تنهن مان مراد آهي ”حيلو ڪرڻ نفس اماري جو نفس مطمئني جي هٿان.“

ڪنگهار پيءُ راءِ ڏياچ جو: تنهن مان مراد آهي ”حقيقي خزاني جي دروازن جي ڪنجي.“

تڙ ڪرڻ راءِ ڏياچ جو: تنهن مان مراد آهي ”دنيا جي غلاظت ۽ پنهنجي ’هئڻ‘ کان پاڪ ٿيڻ.“

ڪناري مان مراد آهي ”ڪلمو پاڪ توحيد جو“ ۽ ”لا اِلٰه اِلاالله“ ان جي تڪائي يا پاٽي آهي.

ٿال مان مراد آهي ”قروبيت ۽ وصال جو سبب.“

سر ڏيڻ راءِ ڏياچ جو: تنهن مان مراد آهي "فنا في الله" يعني صفات کي فنا ڪري باقي ٿيڻ، ۽ ذات سان سمائجي وڃڻ. جڏهن ذات سان ملي هڪجهڙي ۽ هڪ ٿئي، تڏهن صفتون سڀ گم ٿيو وڃن. والله اعلم بالصواب.

• ڪنايا هير ۽ رانجهوءَ جا

رانجهي مان مراد آهي "ذات پاڪ".

هير مان مراد آهي "ازلي عاشقن جي روحن مان هڪڙو روح".

سرڪي ڪير جي جا هير پيتي: تنهن مان مراد آهي "الست بربکم قالوا بلیٰ جو دور ياد ڪرڻ."

جهنگ سيال: تنهن مان مراد آهي "هي جهان".

هير جو ڪڙم قبيلو: تنهن مان مراد آهي "دنيا جا لاڳاپا ۽ نفساني خيال".

منع ڪرڻ ۽ ماءُ ۽ عزيزن جو هير کي تنهن کان مراد آهي "شيطاني لشڪر".

کيڙو جو هير جو مڙس هو: تنهن مان مراد آهي "ماسوا الله" يعني غير خدا سان گڏ هجڻ ۽ غير سان دوستي رکڻ. جيتوڻي نڪاح ماسوا الله ساڻ هوس تان پڻ سندس اصل ذاتي اصل سان ڳنڍيل ۽ لڳل هو.

مال ۽ منيهون رانجهي جون: تنهن مان مراد آهي "قروبيت تحويلات جي" يعني اهي معاشي يا گذران جا ٽول جن سان روح کي راحت ۽ فرحت رسي ٿي.

کير پيڻ هير جو رانجهي هٿان: تنهن مان مراد آهي "وصال جي لذت ۽ حظ وٺڻ."

هير جو جهنگ سيال کي ڇڏڻ: تنهن مان مراد آهي "هن جهان جا علائقا ڇوڙڻ ۽ حال حياتيءَ ۾ 'مُوتُوا قَبۡلَ اَنۡ تَمُوتُوا' جي درجي کي رسڻ، ۽ ماسوا الله جا خيالات پٽي ڦٽا ڪرڻ.

رانجهي ۽ هير جي هڪ ٻئي سان دوستي رکڻ: تنهن مان مراد آهي "فنا ٿيڻ صفات جو ذات ۾، ۽ ماسوا الله جو حرف 'هڻڻ' جي ڦرهي تان ميساري ڇڏڻ. والله اعلم بالصواب.

• ڪنايا چنيسر ۽ ليلان جا

چنيسر مان مراد آهي "ذات پاڪ".

ليلان مان مراد آهي "ماڻهن جي روحن مان هڪڙو حرص وارو روح".

نڪاح ڪرڻ چنيسر جو ليلان ڪي:تنهن مان مراد آهي "ذات پاڪ کان 'الست بربڪم' جو صادر ٿيڻ، ۽ حريص ۽ صفاتي روح جو 'قالوا بليٰ' چوڻ". انهي حالت ۾ نڪاح جي عقدبندي ٿي.

ڪونروءِ مان مراد آهي "صفات جو امتحان (آزمائش) ذات جي هٿان."

هار مان مراد آهي "بهشت ۽ ان جو سينگار". جڏهن بهشت جو سينگار ۽ جنسار ڏنائين، تڏهن پنهنجي حق کان (جنهن مان مراد آهي 'ذات') دل ڪٽي انهيءَ ظاهري ۽ فريبي زيب و زينت تي عاشق ۽ مست ٿي هئي، ۽ جدائي جو طوق پنهنجي ڳچيءَ ۾ وڌائين. اهو ڪوڙو ڏيک پاڻيءَ جي ڦوٽي وانگر لحظو ڪن جلوو ڏيکاريندڙ آهي، جو آخر نابود ٿي ويندو. تنهنڪري جڳائي تہ هرڪو پنهنجي اصل ڏي مائل ٿئي، جو اصل ڪي بقا آهي ۽ فصل (نقل) ڪي بقا نہ آهي ۽ فاني فريب کان ملاحظو ڪري ۽ پاڻ کي گمراهيءَ جي کڏ ۾ نہ وجهي. جئن چيو اٿن تہ "طالب الدنيا مونثٌ و طالب العقبيٰ مَحنثٌ و طالب المَوليٰ مُذَڪَّرٌ" (دنيا جو طالبو عورت آهي ۽ آخرت جو طالبو کدڙو آهي ۽ مولا جو طالبو مڙس آهي) اهو انهيءَ باب ۾ اشارو آهي، ڇاڪاڻ تہ عورت جو روح اڪثر ڇٽن ۽ رنگن تي عاشق ۽ چريو ٿيندو آهي، جئن تہ شيخ عطا فرمايو آهي:

همچو طفلان منگر اندر سرخ و زرد　　چون زنان مغرور رنگ و بو مگرد

(ٻارڙن وانگر ڳاڙهي ۽ ڦڪي منجهہ مَ نهار ۽ زالن وانگر رنگ ۽ بوءِ تي موهت نہ ٿي وڃ). آخرت ۽ بهشت جو ڳولائو ڪدڙو انهيءَ ڪري آهي جو هميشہ پنهنجي آسودگيءَ جو خيال اٿس ۽ ڪدڙن وانگر خوراڪ ۽ پوشاڪ جي فڪر ۾ مشغول ۽ سعيي وارو آهي. موليٰ جي طالب ڪي مرد انهي ڪري سڏجي ٿو جو هميشہ ذات ڏي رجوع اٿس، ۽ آخرت جي مزن جو هرگز اونو نہ اٿس.

شهر لٽور مان مراد آهي ”ملڪ وحدانيت جو“. اهو روح جو پنهنجي ذات کان ٿهندڙ ۽ صفات جي طرف رجوع ڪندڙ آهي، سو وحدانيت جي ملڪ جو لائق نہ آهي. انهيءَ ڪي حقيقي چنيسر پنهنجي ملڪ ۾ جاءِ نہ ڏيندو.

فريادين ۽ زاريون ڪرڻ ليلان جون چنيسر جي ملاقات واسطي: تنهن مان مراد آهي ”پنهنجي نالائق ڪمن کان ليلان جو پشيمان ٿيڻ ۽ دنيائي لاڳاپن سبب پنهنجي حق جي ملاقات کان نااُميد ٿيڻ“. والله اعلم بالصواب.

• ڪنايا جام تماچي جا

جام تماچيءَ مان مراد آهي ”محمد ڪريم ﷺ.“

نوري مان مراد آهي ”جماعت مسلمانن مومنن جي“.

منڇر مان مراد آهي ”هي جهان“.

سون مياڻي مان مراد آهي ”مڪان دين متين محمدي (ص) جو، جڏهن پنهنجي مومنن جي اُمت تي عاشق ٿيا“. پوءِ جيڪي بہ نوريءَ جا گندرا عزيز قريب هوندا، يعني جاهل بي دين، سي سڀان شوق اُمت مومنن جي عام ۽ خاص بخشش هيٺ ايندا، ۽ جيڪي بہ نوريءَ جا پاڙوسي هوندا سي برڪت ڀلائيءَ ڀلي جي ڇٽندا، جئن تہ شيخ سعدي (رحمة الله عليه) ٿو فرمائي:

شنيدم کہ در روز اميد و بيم بدان را بہ نيکان بہ بخشد کرم

(مون ٻڌو آهي تہ قيامت جي ڏينهن جڏهن سڀڪو آس ۽ ڊپ ۾ هوندو، تڏهن رب ڪريم بڇڙن کي بہ نيڪن جي سببان بخشيندو). ٻي معنيٰ هن ريت آهي.

ٻي معنيٰ

ڄام تماچي مان مراد آهي ”ذات پاڪ“.

نوريءَ مان مراد آهي ”مومنن جا جهان“.

منڇر مان مراد آهي ”هي جهان“.

سون مياڻي مان مراد آهي ”الله تعاليٰ جي رضامندي جو ميدان“. جيڪو بہ الله تعاليٰ جي رضامندي هيٺ ايندو، سو اوليائن جي جماعت سان ٿيندو. جو الله تعاليٰ جلشانه فرمايو آهي:”اِنّ اُولِيَاءَ اللهِ لاَ خَوفٌ عَلَيْهِمْ وَ لاَ يَحْزَنُونَ“ (تحقيق الله جي پيارن تي نڪو خوف آهي نڪو ڏڪ). ۽ الله تعاليٰ فرمايو آهي: ”رَضِيَ الله عَنْهُمْ وَ رَضُوا عَنْهُ“ (خدا انهن کان راضي رهيو ۽ اهي کانئس راضي رهيا). ٻين ماڻهن جا روح جي جهالت جي درياہ جي اونده ۾ غرق آهن، تن مان مراد آهي ”عزيز قريب نوريءَ جا“ جي نوريءَ جي قرابت سببان ڄام تماچيءَ جي عام ۽ خاص بخشش هيٺ ايندا.

مڇي جا ميربحرن جي قوت آهي:تنهن مان مراد آهي ”وحدانيت جو تصور ۽ خيال دل ۾ ڪرڻ“. اهو آهي ’الاَّ اللهُ‘ ۽ ’الاَّ هُوَ‘ چوڻ ۽ ’ماسوا الله‘ کي ’لا‘ جي ترار سان وڍي ڇڏڻ ۽ ’قالوا بليٰ‘ جو لقمو اشتها واري روح لاءِ رات ڏينهن قلب جي تارونءَ ۾ روزيني طور رکڻ، ڇاڪاڻ جو اهو ذات جي خوراڪ جو بکيو آهي.

مير بحرن جو چار:تنهن مان مراد آهي ”وحدانيت جي روزيني جوڙي آڻڻ جو سبب.“ يعني ’هڪڙائي جي قوت حاصل ڪرڻ جو سبب‘. مثلاً روزو ۽ نماز ۽ حج ۽ زڪوات وغيره وغيره.

ٻانڌي مان مراد آهي ”تحقيق ۽ قرار وارو اعتقاد رکڻ“ يعني پنهنجي عقيدي کي ڪلمي پاڪ ’لا الـہ الا الله‘ سان برقرار رکڻ، ڇاڪاڻ جو ان جي پيچ ۾ بکايل روح لاءِ ڪلي غذا موجود آهي.

چام تماچيءَ جو نوري سان ناتو: تنهن مان مراد آهي "ذات جي ڪشش طرف صفات جي ۽ ان کي پنهنجي وجود ۾ آڻڻ ۽ جدائيءَ جو مفاصلو وچان ڏور ڪرڻ."

نوريءَ کي زيورن ۽ ڪپڙن سان سينگارڻ: تنهن مان مراد آهي "مَنۡ لَهُ الۡمَوۡليٰ فَلَهُ الۡكُلّ" (اهو شخص جنهن واسطي سردار آهي، تنهن واسطي سڀئي آهن) ۽ "و مَنۡ كَانَ لِلّٰهِ كَانَ اللّٰهُ لَه" (جو شخص الله واسطي آهي، الله بہ تنهن جي واسطي آهي). انهيءَ قول ۾ وار جو بہ فرق نہ آهي.

منڇر جو ملڪ معاف ٿيڻ: تنهن مان مراد آهي "ذات ۽ صفات جو هڪ ذات ٿيڻ، خواه لاريبي حساب ۾." والله اعلم بالصواب.

• ڪنايا چام جکري جا

چام جکري مان مراد آهي "رسولِ خدا (ص) جي تقديري حڪم جو غلبو."

اُنڙ مان مراد آهي "نفس امارو سرڪش" يا "شيطان جو لشڪر."

ملڪ ڪڇ مان مراد آهي "ملڪ محمدي (ص)" "دارالسلام" يا "دارالقرار".

انڙ جو ملڪ جو رڻ جي ٻئي طرف آهي: تنهن مان مراد آهي "زلزلي وارو ملڪ جنهن ۾ پٽيل ۽ هنيلو نفس امارو راڄ ڪندڙ آهي" يعني "جهالت جو ملڪ جتي شيطاَن جي فوج داخل آهي."

رڻ مان مراد آهي "حق جي طالبن لاءِ امتحان جو ميدان."

انڙ جو ڪڇ تي لشڪر ڪڍڻ: تنهن مان مراد آهي "شيطان جو حملو، جو مومن محمدي (ص) جن جي قلب ۾ واهمو وجهي ٿو."

انڙ جو ڪڇ مان لشڪر سان ڀڄڻ: تنهن مان مراد آهي "دينِ محمدي (ص) جن جي غلبي ڪان شيطان ۽ سندس همراهن جو ڀڄڻ."

ڪڇ جي رعيت: تنهن مان مراد آهي "مومنن جا روح".

ڪڇ جي رعيت کي امن ۽ امان ۾ رکڻ: تنهن مان مراد آهي "دينِ محمديءَ (ص) جي پناھ ۾ ٿيڻ". جتي دين متين محمدي تقويت وارو هوندو، اتي شيطان جو لشڪر ضرور ضعيف هوندو.

جيڪي جڪري جي جهنڊي هيٺ آيا: تنهن مان مراد آهي ”جيڪي فنا في الرسول ٿيا (يعني جيڪي ان جي ذات مبارڪ ۾ محو ٿيا) سي زماني جي حادثن کان امن ۽ امان ۾ رهيا.“

جيڪي جڪري ڪنان ڏور ٿيا: تنهن مان مراد آهي ”جهل، ڪفر ۽ بدعت جي جماعت“ جا شيطان ۽ نفس جي چنبي ۾ گرفتار آهي، ۽ ڦرجي لٽجي رهي آهي. والله اعلم بالصواب.

• ڪنايا ڇام سپڙ جا

ڇام سپڙ مان مراد آهي ”ذات پاڪ“.

مگٽهارن مان مراد آهي ”روح مومنن ۽ عام ماڻهن جا“.

آواز سرود جي مان مراد آهي ”الست بربکم قالوا بلیٰ“.

طلب پڌڻ سرود جي مان مراد آهي ”الست بربکم“.

ساراهڻ مگٽهارن جو ڇام سپڙ کي تنهن مان مراد آهي ”دل جي يقين سان ڪلمو پاڪ پڙهڻ.“

خيرات جو ڏيڻ: تنهن مان مراد آهي ”صراط الذين اَنعمت عليهم غَير المَغضوب عليهم ولاالضالين“(يعني: واٽ انهن جي جن کي تو نوازيو، نہ اُنهن جي جن تي تون ڏمرئين، ۽ نہ انهن جي جي گمراھ ٿيا)“.

هزار مگٽهارن جا ڳائيندڙ: تنهن مان مراد آهي ”سڀئي مخلوق پنهنجي پر ۾ سپڙ يعني ذات پاڪ جي ثنا ۽ ساراه ڪن ٿا، ۽ هو سڀڪنهن جي ٻولي سٺي ۽ سمجهي ٿو.“

ٻي معنيٰ

ڇام سپڙ مان مراد آهي ”محمد مصطفيٰ ﷺ.“

مگٽهار مان مراد آهي ”جماعت مومنن جي.“

سرود مان مراد آهي ”آمَنت بالله و ملائکة و کُتبه و رُسلهِ و القدر خيره و شرّه من الله تعاليٰ و بعد الموت و اليوم الآخر و اَشهد اَنّ لا اَلـه الا الله و اَن محمّداً عبدُه و رسولُہ“ (ترجمو: ايمان آندو مون الله تي، سندس ملڪن تي، سندس ڪتابن تي: تورات، انجيل، زبور ۽ فرقان ۽ ٻيا صحيفا:

سندس رسولن تي، هن تي تہ نيڪيءَ ۽ بديءَ جي تقدير الله کان آهي؛ موت پڄاڻا وري جٿري ٿيڻ تي؛ پوئين ڏينهن يعني قيامت تي؛ ۽ شاهدي ڏيان ٿو تہ سواءِ هڪ الله جي ٻيو ڪو پوڄا جي لائق نہ آهي ۽ شاهدي ٿو ڏيان تہ محمد (ص) سندس ٻانهو ۽ نياپو آڻيندڙ آهي.")

خيرات ڏيڻ ڄام سپڙ جو: تنهن مان مراد آهي "دينِ محمديءَ (ص) جي متابعت (پيروي)". اهي شخص جي سچا طالب آهن، تن کي سخاوت جو حصو زياده ٿو ملي، ۽ جي شخص سچي ويساه وارا نہ آهن تن کي سخاوت جو حصو انهيءَ قدرت موجب ٿو ملي.

اهڙي طرح قياس ڪجي تہ ڪيتريون ئي معنائون ذڪرن ۽ فڪرن جون ٿيون اچن، پر هن ٿوري بيان تي پورائي ڪئي وڃي ٿي. والله اعلم بالصواب.

پورو ٿيو ڪتاب "منهاج العاشقين"

شاه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪن بيتن جي معنيٰ

(۱)

مَڪِين هاڙهي هَلُ، مَڪِين ويهُ ڀنڀور ۾
ڪوڙي ڪِج مَ ڪنهن سان، سچي ساک مَ سَلُ
جانَب ڪاڻِ مَ جَلُ، سُکُ وسار مَ سسئِي.

معنيٰ بيت جي هن دستور تي معلوم ٿئي:

هاڙهي مان مراد آهي ”ملڪ شريعت جو، متابعت محمدي ﷺ“.

ڀنڀور مان مراد آهي ”هي جهان“. جڏهن هاڙهي ۽ ڀنڀور ٻنهي ڪنان منع ٿو ڪري، تڏهن اشارو ٿو ڪري ”فنا في الله جي واٽ ڏي.“

ڪوڙي ڪج م ڪنهن سان: تنهن مان مراد آهي ”ذات پاڪ جي اثباني“. جڏهن (طالب) فنا في الله جي درجي کي رسيو ۽ پنهنجي حقيقي پنهونءَ کي قلب منجهہ ڏٺائين، تڏهن ماسوا الله (خدا کانسواءِ) سڀ دفع ٿي ويو. تهان پوءِ هاڙهو ۽ ڀنڀور ٻئي ”هئڻ“ جي ڦرهيءَ تان ميٽجي ويا. پوءِ جڏهن حال ”هئڻ“ جو ويو ۽ ذات جي اثبات ٿي، تڏهن حقيقي پنهون جي ذات اثبات ڪرڻ سو پڻ عين ڪوڙ آهي، خطا آهي، غلط آهي. انهيءَ دليل تي هڪڙي بزرگ بيت ڏنو آهي:

ڪلمو پڙهان تہ ڪافر ٿيا، ڪلمو پڙهي ڪيرُ؟
جيڏنه راه رسول جي، تيڏنه پريان نہ پيرُ
مون تنين سان وير، جنين محمّد مجيو.

يعني: **ڪلمو** آهي ”اثبات ڪرڻ ذات الله پاڪ جي: ۽ **راهہ رسول** جي آهي شريعت يعني پيروي رسول ڪريم ﷺ جي. مطلب تہ جڏهن (طالب) فنا في الله جي درجي کي پهتو، سڀ صفت وڃي هڪ ذات ۾ ذات ٿي، جزو گم ٿيو، ڪل اثبات ٿيو. همہ اُوست همہ اَزوست جو حال اوري رهيو، تڏهن ذات جو اثبات ڪرڻ، الله چوڻ ۽ محمّد ﷺ چوڻ شريعت چوڻ نٿو

جڳائي. ڇا کان جو الله تعاليٰ جلشانه ناهي جدا محمّد ڪريم ﷺ کان، ۽ محمّد ڪريم ﷺ جدا ناهي الله تعاليٰ کان، ۽ واٽ محمّد ﷺ جي ناهي جدا محمّد ﷺ کان. جئن تہ شاہ عبداللطيف ڀٽائي (رحمة الله عليه) فرمايو آهي:

سو پڙهڏو سو سڏ، وَرُ وائيءَ جو جي لهين
هؤا اڳهين گڏ، پر ٻڌڻ ۾ ٻہ ٿيا.

تنهنڪري ڪو سمجهي في الحقيقت هڪ آهي، پر هاڻ هت عقل جزويءَ وٽ سڀڪو ٿول جدا جدا آهي. مثال هي تہ "ڪانو، پن، گُريون، ٿُه، داٽا سڀ گڏ هڪ داٽي ۾ جمع هئا" پوءِ 'هئڻ' جي جهان ۾ جدا جدا نالي وارا ٿيا. پر هن حال کي باطني علم جو صاحب سمجهي، ظاهر جو عام هن حال گفتار کان اعتراض ڪندو.

سچي ساک م سل: يعني جڏهن ذات جي ڳُجهي رمز، صفاتي سيني تي پڌري ٿي، تڏهن اها ڳالهہ علم سان ظاهر ڪرڻ غلط آهي.

جانب ڪاڻ م جل: جڏهن فنا في الله جي درجي کي رسي ۽ حقيقي پنهون سان هڪ ذات ٿي، تهان پوءِ اُن جي طلب ۾ جلڻ پڻ غلط آهي.

سک وسار م سسئي: جڏهن هڪ ذات ٿي، تهان پوءِ 'هئڻ' جي زماني جو غم ۽ ڏک گم ٿي ويو. ذات ۾ ڪو غم نہ آهي، سڀ خوشي ۽ سک آهي. تنهن ڪري جو سک ذات جي هڪ ٿيڻ ۾ آهي، سو سک نہ وسارج. جڏهن ذات ۽ صفات ٻئي هڪ ٿيون، تنهن کان پوءِ غم ڪرڻ ڪچائي جي حالت آهي. اها حالت اڃا فهمايش جي محتاج آهي، پر جا حالت پڪي حال ۾ آهي، تنهن کي فهمايش ڏيڻ جي حاجت ناهي. اها حالت پنهنجي پاڻ فَاهِم (سمجهندڙ) آهي: والله اعلم بالصواب.

(۲)

جَنين ڪِتو ڪالهہ، سي پاٽان پيبون مامري
جنهن ارٿ نہ مالهہ، سَرهيون سي صراف سين.

معنيٰ هن بيت جي هن دستور معلوم ٿي ٿئي:

جڏهن عورتون سُٽ ڪَتي مَٽا جي واسطي صراف وٽ ويندي يون آهن، تڏهن صراف ضرور سُٽ جون تندون تندون ڪولي ڏسندو آهي، ۽ چوندو آهي تہ هي چڱو آهي ۽ هي خراب. پوءِ ڪن جو سُٽ پسند ڪندو آهي، ڪن جو ناپسند. پوءِ انهن کي صراف سان جواب سوال ۽ وهنوار ڪرڻو پوندو آهي. پر جن کي نہ اَرٽ آهي نہ مالهہ، يعني جن اصلي نہ ڪِتو آهي، سي صراف سان سَرهيون هونديون، ڇا ڪان جو هنن کي ڏيڻ وٺڻ جو معاملو نہ آهي.

ٻي معنيٰ

جنين ڪتو ڪالهہ: انهيءَ جو تعلق عام ماڻهن جي روحن سان آهي، ۽ نہ ابدالن جي روحن سان؛ ڇا ڪان جو عام ماڻهو ئي سُٽ ڪتيندڙ آهن، جنهن مان مراد آهي "عبادت ڪندڙ يا طالب دنيا يا بهشت جا."

ارٽ مان مراد آهي "اوزار شريعت جو، جهڙو نماز، روزا، حج ۽ زڪوات ۽ ٻيا چڱا ڪم."

مالهہ مان مراد آهي "متابعت محمدي ﷺ". جيئن مالهہ کان سواءِ جا ارٽ تي پوري ويڙهيل آهي ارٽ جو ڪم برابر نہ ٿئي، تيئن متابعت محمدي ﷺ کان سواءِ سڀ چڱا ڪم بي فائدي آهن.

ڪلهہ مان مراد آهي "روز ميثاق" جو اڳي لنگهيو آهي.

سي پاٽان پيون مامري: تنهن مان مراد آهي تہ "جڏهن الله تعاليٰ انساني روحن کي خلقيو، ۽ انهن کي فرمايائين "الست بربڪم" (مان نہ آهيان اوهان جو پالڻهار؟)، تڏهن جواب ۾ چيائون "هائو" "قالوا بَليٰ". انهيءَ جواب ڪري ٻانهپ جي قيد ۾ آيا، پر پوءِ البت فڪر وارا ٿيا. جڏهن الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان ڏٺو تہ روح البت مونجهاري ۾ ڦٽيءَ ۾ پيا آهن، تڏهن ڇا ڪيائين جو دنيا ۽ بهشت کي سينگاري آڏي اڳيان ٻيهاريائين. گهڻا روح دنيا کي اختيار ڪري ان ۾ داخل ٿيا ۽ گهڻن تہ بهشت قبوليو. باقي روح نڪي دنيا ۾ داخل ٿيا نڪي بهشت ۾، ذات پاڪ

جي ديدار ۾ مشغول رهيا ۽ سواءِ ذات پاڪ جي ٻيو هر گز پسند نہ ڪيائون. جيئن تہ فرمايو اٿن: ”طالبُ الدنيا مونث و طالبُ العقبي مخنث و طالب المولىٰ مذڪر“. اهڙي طرح مڙني روحن جي وچ ۾ فرق واقع آهي. جيڪي دنيا ۽ عقبيٰ يعني بهشت جا ڳولائو هئا، تن ميثاق جي ڏينهن دنيا ۽ بهشت اختيار ڪري پانهپ جو طوق ڳچيءَ ۾ پاتو ۽ هن آيت سڳوري جي حڪم هيٺ آيا ”وما خلقتُ الجن و الانس الا ليعبدونِ“ (يعني تہ نہ خلقيو مون جنن ۽ انسانن کي مگر پنهنجي عبادت واسطي). پوءِ جڏهن ڪثرت جي جهان ۾ داخل ٿيا، تڏهن الله تعاليٰ جا حق ۽ حدون، فرض، واجب ۽ مستحب مٿن لازم ٿيا، ۽ شريعت جي واٽ متابعت محمّدي ﷺ سان پڻ مٿن لازم ٿي. ”أطيعوا الله و أطيعوا الرسول“ (الله ۽ رسول جي اطاعت ڪريو) اها آهي مراد ”سٺ ڪتڻ“ جي. پوءِ انهيءَ ذمي جو سوال جواب ضرور حقيقي صراف سان ڏيڻو پوندو.

جنين ارٽ نہ مالهہ: تنهن مان مراد آهي ”حق جي ابدالن جا روح“، جي اصلاً دنيا ۽ بهشت جي طرف رجوع نہ ٿيا.

چرخو مالهہ: جنهن مان مراد آهي ”شريعت يا متابعت محمد ﷺ“ تنهن کان بي احتياج آهن، ۽ سيئي امر ديني ۽ دنيوي هنن تي حرام ٿيا. ڇاڪاڻ تہ (انسان) جيسين عقل جزوي ۾ داخل آهي، تيسين ديني ۽ دنيوي حڪمن هيٺ آهي. جڏهن عقل جزوي گم ٿيو، تنهن کان پوءِ اهي امر سڀ حذف ٿي ويا. يعني جڏهن انهيءَ پدويءَ تي پهتا تڏهن. انهن کي ”ڪتڻ“ يعني شريعت جي پيرويءَ جي ضرورت نہ آهي. جيڪڏهن شريعت ۾ مداخلت رکندا، تہ اهي ابداليءَ جي درجي کي اجا نہ رسيا آهن. ڇاڪاڻ تہ مُوبِتَ جي مڪان ۾ (لاَ مَکَانَ لَہَ الاَّھُوَ يعني ان لاءِ هُوَ کان سواءِ ٻيو مڪان نہ آهي) هلڻ چلڻ ۽ ڪيڻ پيڻ نہ آهي، جيئن تہ سعدي (رحمة الله عليه) فرمايو آهي:

بدرد يقين پر هاي خيال نماند سرا پرده الا جلال

(يقين خيال جا پردا ڦاڙي ٿو ۽ سواءِ هڪ ذات الله تعاليٰ جي ٻيو ڪو پردو باقي نٿو رهي).

سوال: جيڪڏهن ڪو سوال ڪري ته جنهن صورت ۾ ابدالن جي ارواحن پڻ "قالوا بليٰ" چيو، تنهن صورت ۾ عقل جي تقاضا آهي ته اهي به "وما خلقت الجن و الانس الا ليعبدون" جي حڪم هيٺ اچي ويا. پوءِ ڪهڙي طرح ديني ۽ دنيوي امر مٿن معاف ٿيا؟

جواب: هي ديني ۽ دنيوي حڪمن جا حق ثابت آهن عقل جزوي تي. ابدالن جا روح جزوي عقل کان ٻوڙا ۽ گونگا آهن ۽ عقل ڪل منجهه سٽندڙ ۽ ڏسندڙ آهن. انهي ڪري ديني ۽ دنيوي تڪليف مٿن معاف آهي. پر ابدالي درجي ۾ پڻ فرق آهي: هڪڙا مٿئين درجي وارا ۽ هڪڙا هيٺئين درجي وارا. برابري نه آهي، هڪڙا عُروجي درجي ۾ آهن ٻيا نزولي ۾. پوءِ جي نزول ۾ قائم مقام ٿيا، سي ٿا بيعت جو ارشاد ڪن. اهي هُلوي (مٿئين) توڙي سُفلي (هيٺئين) علم جا عالم آهن ۽ علم جا مبتدي (شاگرد). ٽيون درجو علوي ۽ سفليءَ کان اعليٰ آهي، تنهن جو عروج ۽ نزول ذات پاڪ ڄاڻي، تن جي ڳالهه بيان ڪرڻ کان مٿي آهي. تنهن کان پوءِ عروج ۽ نزول جا ڪيترا درجا اوري ۽ پري وارا آهن. اول درجو عروج وارو آهي "فَنَا في الشَّيَخِ" (مرشد ۾ محو ٿيڻ)؛ ٻيو درجو نزول وارو سو نزول کان مٿاهون آهي. اهو آهي "فنا في الرسُّول" (رسول ۾ محو ٿيڻ) ۽ ٽيون درجو عروج ۽ نزول کان اڳاهون آهي. اهو آهي "فنا في الله" (الله ۾ محو ٿيڻ). عروج ۽ نزول واري درجي ۾ مرشد توڙي مريد کي خوف آهي، پر ايترو معلوم ٿو ٿئي ته عروج واري درجي ۾ خوف گهڻو آهي، ۽ نزول واري ۾ ٿورو آهي. ۽ ابداليءَ وارو درجو سو ڪل درجي کان مٿي آهي. "لاَ خَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَ لاهُمۡ يَحۡزَنُوۡنَ" انهن جي شان منجهه آهي. انهيءَ ۾ ڪلام تمام دقيق ۽ اونهو آهي. هن علم کي عقل ڪل وارو سمجهي. هيترو چوڻ ڪافي آهي.

سرهيون سي صراف سين: تنهن مان مراد هي آهي ته جڏهن علوي يا سفلي درجي کي رسيو، تڏهن ان جي لاءِ خوشي آهي، ۽ حقيقي صراف ان ساڻ سواءِ قروبيت جي ٻيو ڏي وٺ جو حساب نٿو رکي. ٻيو هي ته جيڪڏهن **ارٿ ۽ مالهه** مان مراد دنيا ۽ بهشت جي وٿبي ته جيڪي روح

دنيا ۽ بهشت جي حرص کان پاڪ آهن اهي صراف حقيقيءَ جي حساب کان پڻ بي خوف آهن: ۽ اهي روح جي روز ميثاق جي دنيا ۽ بهشت جا طالب ٿيا، سي پاڻ مامري ۾ پوندا. تنهن جي مراد آهي تہ ميثاق جي ڏينهن کان وٺي ويندي مماتيءَ جيڪي بہ هن عالم ڪثرت ۾ دنيا ۽ بهشت خاطر ڪيائون، تن جي ڪائنن پڇا ٿيندي: جهڙو منڪر نڪير سان سوال جواب، پل صراط تان گذر، تُر ميزان (عملن جو ترارو) قيامت جي ميدان ۾ سج جي گرمي وغيره وغيره. پر اهي روح جي دنيا ۽ بهشت کان اصلاً بيزار ٿيا ۽ ذات پاڪ جي لقاءِ منجهہ مشغول رهيا سي سڀڪنهن قسم جي باز پرس کان ڇٽا، ۽ "انّ اولياءِ الله لا خوف عليهم ولاهم يحزنون" جي درجي هيٺ آيا- والله اعلم بالصواب.

ڪن انوکن لفظن جي معنيٰ

[داستانن هيٺ ڄاڻايل ڏنگين ۾ نمبر بيتن جا آهن]

سر ڪلياڻ

داستان-١

(١) آلو= اوزار
پاڙهورو=
(١٥) ويڳيا= موڳا، چريا
(١٦) آڏوهي=بي ڏوهي
(١٧) سپوجهي (سپوجهڻ)= وڏي سمجهه سان، وڏي ڏيان سان

داستان-٢

(١٦) سيراه= سيراپ، دپ، هيبت

داستان-٣

(١٦) ويسند=وتي، ساهي
(١٠) اُرانگ= ارانگڻ، اورانگهڻ
(١٢) ضَمُ ڪري= گڏي، گڏ ڪري، ملائي
(١٥) سُورُ (ع)= حضرت اسرافيل واري

داستان-٤

(٤) پهلو= پالهو(؟)
(٦) دير= مجوسين يا ڪرستانن جي پاٺ پوڄا جي جاءِ

سر جمن

داستان-١

(٤) وُوءُ= ونء، وڃ
مَڃڻ= متان
(٧) رنجا= رنجيا، رنجائيا، ڏکويا
(٨) ناري= ناڙي، نبض
(١٣) ٿُڪا= پَها (ملم جا)

داستان-٢

(٢) سَرڪُ= سرس، وڌيڪ سکر، چڱو
(٤) جائي= پڪي، پوري بلڪ صحيح
(٨) سينون= سينو
(٨) سڳرين= ساٿين، رفيقن کي
(١٠) ويڌ= مصيبت، سختي
(١١) سيلهو= سڌو تير
(١٣) چِڪِي= باهه، ڪوري
چؤسول= چئن انگهن واري سيخ جنهن ۾ گوشت جو وڏو پيرو پچي
ڪُر= سخت پَني يا سخت هڏ واري ذري
(١٦) ڪَالمَيتُونَ (صحيح ڪَالمَيّتِين)= مئن مثال
(١٧) قِصابن، قصاب= ڪاسائي

داستان-٣

(٣) خيز= چڙهاءِ
(٦) تانگ= تانگهه، سِڪ
(٧) طهورا تيزابَ= صاف شراب

(۸) وانئا= حصا، ڀاڱا
چَنڊُون= چني ڪان، ميخاني ڪان
(۹) سانئو= سؤدو

داستان-۴

(۱) لوڪَ= لوڪ جي لئن مان، ماڻهن جي نظرن مان
(۴) ذائِقو= ذائقو ونندڙ، چکندڙ
(۵) چندان= اصلي سندن، بلڪل صحيح سندن
وِچا= صحيح ڄاڻ واري دوا
وِهاڻِن جِي= وهاڻيلن جي
(۱۱) حَلاوَتِ= ميناج

داستان-۵

(۱) هَري= هلڪائي
توءِ= تہ هوند، جيڪر
(۲) مَلاحَتِي= ملاحت وارو، ڏيا ۾ نمڪ وارو
(۵) حاڪي= حال جي سڌ ڏيندڙ، حال ڀائي
(۶) ڏئِڻ ڪَن قواليين= ٺلهين. ڳالهين ڪندڙن جي ڳالهين تي ڪن ڏيڻ
(۷) وٽجارا= وهائو، سهٽي صحبت ڳوليندڙ، قدردان
گويا گڏ= گفتار ڪر، پنهنجي حال جي ڳالهہ ڪر

داستان-۶

(۱) جوڙ= تندرست، خوش سڪيو سلامت
(۲) جِيءُ= سڪيو، صحتمند، نِمَرو
(۹) پَرُوڏو= پروڙيو
(۱۰) پَڳَہَ= ستا، ٿها
(۱۳) ڪيڙ= قطار
(۱۷) تَبَ= گرمي، تاب
(وائي) اُلُون= شعلا ڳاڙها ذرا
الوانا= رنگين ڳاڙها رتل
(باه ۾ پچڻ سببان)

داستان-۷

(۵) لِيڏ= نئين لڌل شيءِ
کوجنا(Discovery)
ورسيا= رهجي ويا، وانجيا
(۷) سيڏڻ= سڃاڻڻ، صحيح صورت ۾ ڏسڻ
ليڏڻ= ڳولي هٿ ڪرڻ
وِيڏڻ= سور سختي سهڻ
وِرَ= وڏو اونهون ڦٽ، زخم
(۸) پَرياڻ= پار پتا
هينين سان هٽڻ= دل سان هنڊائڻ
(۹) اکين ۾ موءِ= اکين ۾ وار، پروار
(۱۰) آزاڪي= جن وٽ زڪوات جيتري بچت ناهي، غريب
مَيا= متارا

سر سرراڳ

داستان-۱

(۳) ڪينان= 'ڪِين' جي اوڙڪ

(٦) اگهيري= جنهن جي گهيري جي حد ٿي نہ هجي، بيحد گهيري واري
گرداب=ڪُن
جوپڻ= ڪشي پڌڻ

(۷) سَتوهَ= سختي

(۸) نِيران= نير مان، پاڻي مان
نجابت= وڏ گردائي سان

(۱۱) چوهو=مينهن سان گڏ سخت تکو واءُ
ڪيلا= ڪِلا

(۱۲) سيمان= پاڻي جا سمنڊ ليڪا
صلابت= پختائي، پڪائي

(وائي) مِئڙا= ميئڙا، ملاحڙا

داستان-۲

(۱) نمائي= ڏيکاريندڙ، سونهون

(۳) ڇاڇ= ڇيڇ، وڏو وسيع پاڻي، سمنڊ
ڏراڇ= ناپسنديدگي

(۸) مُشترِي= خريدار
طِلا= سون
سيماءِ= چاندي

(۵) مهاڙٿا= مهاڙيو ٿي ورتا، خريد ڪيا

(۱۱) ڪيڇَل= ڪچ

(۱۲) ڪَري= سچي

(۱۴) تاڪي= پوري، بند ڪري

(۱۵) پاڻي پرڪٽا= سچي آيل پاڻي کي پرڪيندڙ

(وائي) اِرُ= نقص، عيب

داستان-۳

(۳) امليا= جن جو ملھ ڪري نہ سگھجي
ڪَالسَّمک فِي البَحر= جيئن مڇي سمنڊ ۾
نهارو= ڳولائو
نوڻ= اونهائي

(۱۷) مَسمُوعن= ٻڌندڙن
صَمُومَن= ٻوڙن

سر سامونڊي

داستان-۱

(۴) ٻاري= سمنڊ ۾ درياءَ جي چوڙ واري جاءِ، ٻيڙي جي بندر ڪرڻ لاءِ سلامتيءَ واري جاءِ

(٦) ٻاريءَ جهل= ٻاريءَ لڳ
نَل= نار، اکين مان ڳوڙهن جو لڳاتار وهندڙ پاڻي

(۱۰) واڻ= وڏا ٻيڙ

داستان-۲

(۱) بسم الله مَجرَيها= الله جي نالي سان انهن (ٻيڙين) جو هلڻ

(۲) ڪيڙا= ڪيڙائو،
هاڪاريندڙ، ملاح

داستان-۳

(۱) ڪَٿان= ڪٿون، فتحون،
ڪاميابيون

(۱۳) مُلِيّدڙا= وڏي ملهه وارا؟

داستان-۴

(۱) لڪائو= لڪا (لنڪا) يا
سيلان ويندڙ، پَرلڪا
(پرلڪ)، يا سوماترا ويندڙ

(۳) سفرڻ= سفر تي وڃڻ
سفريا= سفر تي ويندڙ

(۱۵) ساڳا= ساڳ (ٻيڙن جا)

داستان-۵

(۹) لڪائي= لڪا وارا، پرلڪا
ويندڙ
لاڳا=لاڳاپا

(۱۱) پَرار= پرئين پار جو

داستان-٦

(۳) لَڪَائِن جي= لڪا
(پرلڪ) ويندڙن جي

(۵) مويا ٿيو مسيت= مويا
وارو ڏوراهون بندر به ايترو
ويجهو جيترو پاهران مسيت
اموئي=ڳجهه ڳوليندڙ،
نوان ديس ۽ بندر دريافت ڪندڙ

(٦) نَوائي=چپ چپات، رات جي
لڙڻ وقت

(وائي) چوءِ= چوي

داستان-۷

(۱) مويا= بندر جو نالو(؟)
منڊن= هڪ ٻئي لڳ ٺاهي
لنگرانداز ڪن

(۲) آهو= آسرو
پرپر= ويتر وڌيڪ، گهڻو

(۳) سافرو= سفر ۾

(۴) اڳيئي پرياٽ= پرياٽ ڪان
اڳيئي

(۵) ڪِر واه= ڳالهائڻ جو هلڪو
آواز
ٻَهير= ٻيڙين جي قطار

داستان-۸

(۲) ناريون= ٻيڙيون، ناتاريون

(٦) ڪيڙائن= ڪيڙائن سين،
سامونڊين سين

سر سهڻي

داستان-۱

(۱) بِرهه نبات= عشق جو سَلو،
محبت جو بنياد

(۸) اُڙهي= وُڙهِي

داستان-۲

(۳) لغور= بي همت، گيدي

داستان-۳

(۱) سيڄاهو= سامهون، واقف

(۹) سِڄَڻ= سِڄَهِڻ، پورا ٿي
چڪي وڃن

داستان-٤

(٣) آمَه= جوش، چاڙهه (درياء جو)

(٦) تاڪا= تڪڻ وارا ورڪن وٽن

(١٣) طُفيلي چڏڻ= (ڏاڍي جو هيٺي ڪي) پنهنجي هٿ وس ڪري ڇڏڻ

داستان-٥

(٨) آرِيءَ= ڪارائي

(١٧) مُسَتَسقِي= اجارو، پيئڻ لاءِ آتو

داستان-٦

(١) سَمُن ٻڏڻ= ملڻ جو انجام ٻڏڻ

رَيني= رنڙ، بنا وارث وسيلي جي

(٢) پَرنيون= گڏوگڏ

(٨) ڪُر= مائٽي، عزازت

(١٠) طلب= خواهش

(١٢) هور هڙڪَ= ڊپ ڊآءُ

(١٤) لاس= لغار، اثر

داستان-٧

(١) مويا= پاٽي

(٢) اِصَبرَ= صبر ڪر

سلال= سُنُوالا، وڏا پڪا (سڌ ساهڙ جا)

(٧) سِهو= گڏجاڻي، سچاٽپ

سر سسئي آبري

داستان-١

(٩) فِجَارُون= فغارون(؟) دانهون

١٢ مستوراتيون= گجهيون، ڍڪيل

(١٣) وَسال= وَسَ، برسات

(١٩) لُهَاٽون= لوهاٽو درياء

(١٤) ولَهاگو= اڪيلي، سچي(؟)

(١٥) ڪِيرَ اُلاڻ= بيهار نہ، چوڙي نہ چڏ

داستان-٢

(١٣) سِيَاڪَٽَ= مائٽي

داستان-٣

(٣) سَلَتِي= سَلِي، ٻڌائِي

داستان-٤

(٤) عاق= بي نتيجي، لاوارث، نافرمان، باغي

ورجيس= رٺ پهت

تَدريس= مطالعو

تجِنيس= هڪ جيهائي

(٥) وڙَ= ڪميٽا

(٧) شِينهن شمائِل= عادتن ۾ شينهن جهڙو

داستان-٥

(١) ڏاه= خبر

ڏري= ڏر واري، خوفائتي

(١٠) ڏاڻ= انعام

داستان-٦

(٤) ڪاف= جبل، روهه

(٦) هوري= هلڪي

جاڏي= وڏي ڏکيي

(٧) مڻ= هل، ڏور

داستان-۷

(۳) قَذَفُ= بهتان

زير زراف= هيٺان چڙهي لاءِ 'زراف' (جانور) آهي.

چڪ ۾= هڪ سٽ ۾

(۴) لَليجِيُون= ٺڳ، ڪوڙيون

(وائي) چرپٽا= سرجٽا

داستان-۸

(۳) چَران= مُنڊان

(وائي) باب= جوڙ، مٽ، جوڳي

ڏمو ويئي ڏموچ= حشمت هلي ويئي(؟)

داستان-۹

(۱۰) ڪُورَ= انڌيون

(۱۳) قِردَةَ= ٻولڙو

داستان-۱۰

(۱۰) ڪِياءِ= ڪٿان

داستان-۱۱

(۱) مُحِيْطي= چوڌاري گهيرو ڪندڙ

نَمر= نئن

(۱۰) ڪيس= رنگ

(۱۲) هيچي= هچندڙ

(۱۴) رَهِي= جيڪا پويان رهجي وڃي

رَمَهَ= رلي ويندڙ(؟)

سيچاهو= سڄاڻ جيڪي سيني کي سنڀالين

ڇيڪڙي= ڇيڪ ٽيل اڪيلي

داستان-۱۲

(۹) جويا= گولا

دستان-۱۳

(۹) ڪيرون= ڪيرن جا وڻ جن هيٺ ويهي ساهي ڪٽجي

(۱۰) پڻُ پڻُ= پرين پرين

(۱۲) ڪَيٽَن= ڪيٽان، ڪين

داستان-۱۵

(۷) دم پيچڻ= گهڙي ڪن ساهي ڪٽڻ، ترسڻ

داستان-۱۷

(۲) اولِي= اوليل، پٽڪيل

سر معذور

داستان-۲

(۱) لوحان= لوح محفوظ کان

داستان-۳

(۵) سير= اڻ لڪا پيچرا

(۱۲) جاف= سڪل، ڪوڪو

داستان-۴

(۹) وانگِي= ڪا پهر، ڪو ماڻهو

(وائي) جرس= گهنڊ، گهڙيال، ڪنهن ڪُڙڪي

داستان-۵

(۱) قساوت= تڪليف، سخت دل، ڏک سور، مصيبت

ڪاري= سخت

سر ديسي

داستان-۱

(۱) ڪيڻ= طعام، ڪاڏا

داستان-۲

(۳) هُرَ= اٽنڻ

(وائي) مَدَ= شراب

لُعاب= ڳارو

داستان-۵

(٦) تسي=خوش ٿئي، خوشيون ڪري

داستان-٦

(۱) رَمالِي= واريءَ واري

(۱۲) آڏِيرُون= دلاسا، دلداريون ٿيڪون

سر ڪوهياري

داستان-۲

(۹) ڦِري پوڻ= اُٿلي پوڻ (ڦٿن جو)

(۱۸) سائون= سنئون، برابر

داستان-۷

(٦) جاءِ=(اردو ۾ جائو) وچ

سر حسيني

داستان-۵

(۱) رُويت= تصوير، منهن

داستان-٦

(۴) جولاهَنِ (هت معنيٰ) ڪوريئڙن

داستان-۷

(۵) ڏوسيا= پير مرد

داستان-۱۴

(۱) ڪِٺائون= ڪِٿائون

سر ڪنڀات

داستان-۳

(۹) لَوحان= لوح محفوظ کان وٺي

(۱۳) حَلاوتِي= مِٺو

داستان-۴

(۴) نا گو= ناقو، اٺ

(۸) مَزات= مازاد، ماءُ پيٽان تازو ڄايل، ننڍو گونرو

(۱۲) ڇاهَڪ= ساوڪ

ڇاهُڪ ڇِڳَ= ساوڪ مُٺ

سر بلاول

داستان-۱

(۴) دزي= مٽيءَ ۾ ملي(؟) مِٽي، ڌُوڙ

(۸) پَرَ تي= پراون تي، ڌارين تي

داستان-۲

(۱) اُماٺون= امانتون، سامون

(٦) ترهلون= هيڻاهيون، ڇَنون

(۷) ڏِهو= ڏيو

بروئو سنڌي

(۸) سَليندي= سوراخ ڪيندي

داستان-۳

(۱) اِستسقا= ڪيتري به پاڻي پيئڻ سان اُڃ نہ لهڻ

داستان-۴

(۱) خِيَز ڪَري= ڪُڏ ڪري، خوشيءَ سان

(۳) ايريو= سخت ڪڙائي (ايريي جهڙي)

(۵) پوتڻ= پوتيون پوتيون ڪرڻ

سر سارنگ

داستان-۱

(٦) ڏوگاهو= ڏڪار

(۸) آڳُوندرا= سٽاوا، وڏي فائدي وارا

داستان-۲

(۵) خضرات= ساوڪ

(۸) پاچُوها= (؟)

داستان-۳

(۲) آلوڙيون لوڙين= ڪير واريون ڳايون پڪريون ڪائين

(۱۴) نِيرَت ڏي ناسِين= مينهن جي پاٽي ڏي واجهائڻ

سر آسا

داستان-۱

(۱) اَستَا= نِستا، هيٺا، ضعيف (عاشق)

لاتِي= لات، وائي (محبت جي)

داستان-۲

(۱۱) نوش= پيالو، جامر

سر سورٺ

داستان-۱

(۷) مَنگهِ= گهُرَ، اِچِپا، ڏات

داستان-۲

(۳) مُرسَل= موڪليل (ڪنهن جو موڪليل)، اُماڻيل

(۷) لَڪَ= تو لاءِ

لِي= مون لاءِ

(۹) ويئي= هُلي وئي، مشهور ٿي وئي

(۱۲) گِريو= روچ

(۱۴) عُسرَتِ= ڏکي حالت

مسرت= خوشي

(وائي) خُذ هٰذا= وَٺ هيءُ (سر)

داستان-۳

(۱) عَبيثيُون= اجايون

(۱۰) فرداتي جو فامر= انفراديت جو احساس

سر پرڀاتي

داستان-۱

(٦) زِير بَمي آواز= هيٺ ۽ مٿي واري وجت

(۱۲) ڳانج= ڳاچ، راڳ

سر ڪاموڏ

داستان-۱

(۸) لُڳا لِير= ڦاٽل ڪپڙا

(١٦) ڪُوَڙا= ڪوجهي وڙ وارا، گهٽ سونهن وارا

داستان-٣

(١۵) ڪِيروليُون= مثال ڪُر جي پاڙن وارو گول قر

سر ڪاريهل

داستان-١

(٦) هَري= هلڪي، گهٽ

(٨) هَنجَهر= بدڪ جو قسم

(١٣) سانهِ= سانءِ (پکي جو قسم)

سر ڪاموڙي

داستان-١

(٦) نيِچ= اوزار

(١١) پا گهلا= پو گهلا، اياڻا

داستان-٢

(١٠) ڪانتو= مالڪيءَ جو حق

داستان-۴

(٣) تَمر= ختم

سر رپ

داستان-١

(١٠) اورانيو= سڪ، پيار

داستان-٢

(٩) سُڏيون= گوشت جون مُشڪون

داستان-٣

(١٣) غاسِل= غسل ڏياريندڙ

(١٨) اُليل= اُڏمو، اُچل (سِڪَ مان)

سر رامڪلي

داستان-١

(١) تاڪي= پوري

روڪائي جي روڙ= روڪ ۽ دير جو اثر

(١٠) ڏساندر= ڏيساندر، پراهون ڏيهہ، پرڏيهہ

داستان-٢

(۴) تيلاهون= تنهن ڪري

تٺن= تاٺين، سڪ رکن

(۵) سُوتي= سُٽ جي (سيلهي)

(١٧) حاڪِي= حڪايت ڪندڙ

داستان-٣

(٦) جوازان= جوازمان، جائز هجڻ واري تصديق مان

داستان-۴

(٩) قبر قِيلو= قبر جي پچار

داستان-۵

(۵) اُڏند= اُڏامندڙن

(٩) پٺُر= پيالو، جمن

داستان-٦

(١) ڏماچي= (؟)

(٨) دار= گهر

ڏُواري= رهڻ جي جهوپڙي

جَواري= پاڙيسري

(١٠) پهر= جتي ڪا پهر هجي، وسئون

داستان-۷

(۲) ڏڙڪيون= رَليون

داستان-۸

(۷) جالين= جلائين
نالين= هٿ ڪن

(۹) آکو= آکو، منتر، مَنڊ

(۲۳) پريو= سولو ٿيو، وريو

(۲۸) پاپوهيندي مُونه= منهن مُرڪندي

داستان-۹

(۱) صَنَم= بت (جنهن جي پوڄا ڪجي)
سَمُن= ملڻ جو وعدو

سر ليلان چنيسر

داستان-۱

(۱) لَيارِي= ليئور جو(؟)

داستان-۳

(۹) سائون= سنئون، برابر

سر ڍهر

داستان-۱

(۲۱) ماهو منڍڻ= جنگ جوتڻ

داستان-۲

(۴) ڪوڏارن= ڪوڏر وارن (اوڏن)

(۸) ڪِڙيون= پڪڙا، جهوپڙيون

(۱۰) نمري= صحيح، سالم

(۱۷) ڳُڏي چڏ= ختم ڪري ڇڏ

داستان-۳

(۱) هيرات= هرات (مُلڪ) جي

(۲۰) بال= ڪنپ

داستان-۴

(۱) سندايون= سهٽايون

داستان-۵

(۴) ٻني= ڪڇ جو هڪ مشهور علائقو

(۵) گرڙيي= گرڙيي ۾ (گرڙيو ابڙاسيو ڪڇ جو اُتر اولهنديون علائقو)

(۱۳) تجليس= وِهڪ

داستان-٦

(۱) واڳڙ= ڪڇ جو اڀرنديون هڪ علائقو

(۳) جُهريو= ڪڇ ۾ ٻني علائقي جي مٿان هڪ جبل
لوٽيو= سنڌ کان ڪڇ ڏانهن ويندڙ واٽ تي رڻ جي ٻئي طرف جو ڳوٺ

(۹) وايُوران= نالو ماڳ جو

(۱۵) رَحيل= لڏي وارا

سر ڪاپائتي

داستان-۳

(۹) اميٺ= نہ مٽڻ (؟)

داستان-۴

(۱) وڪل= هيڪلائي

(۸) تورا= توريندڙ

سر گهاتو

داستان-۱

(۳) مَجُوا= مڇي مارڻ لاءِ نِنديڙيون بيڙيون

(۷) دنگي=بيڙيءَ جو قسم

(۱۰) تَرَ (جمع) تَرون= ڪکن جو ٻڌل ترهو

(۱۵) ترازيون= بيڙيون

داستان-۲

(٦) جِيئڙي جِي جُفتا= ساهه جا ساٿي
سُفتا= سِيتَل، سِيبَيل، سمايل

داستان-۳

(۲) مِتُڙو= ميڙو، گهاتو، ميربحر
زاف= ضعيف، هيٺا

سر راڻو

داستان-۲

(وائي) نِکَر= ناقص، خام

داستان-۵

(۱۱) حَدَسُ= حسد

داستان-۷

(۲) عُسرتِي= ڏک وارا

سر مارئيءَ

داستان-۱

(۹) بافيندڙ= اٽندڙ

(وائي) آنڪر= هائوڪار، رضا

داستان-۴

(۹) وَلاتَجلس فِي القُصُور= ماڙين ۾ نہ ويهہ
وَلا تَلبِس لِباسُہُ عَلَيٰ جَسدِکِ= سندس لباس پنهنجي جسم تي نہ پاءِ ڪُلّ شيءٌ يَرجِعُ اِليٰ اَصلِه= سيڪا شيءِ پنهنجي اصل ڏي موٽي ٿي.

داستان-۷

۵ نيپُون (واحد نئن)= وسڪاري واري پاڻي جا وهڪرا

(۱۰) وَاللهِ= قسم الله جو، سچ تہ

داستان-۹

(۱) ڪُنفان= ڪُنْ فَيَڪُون کان، پيدا ٿيڻ واري مهل کان
زوي= هلچل، رسم

(۵) تَرهَل= هيناهين جُوءِ، چَنَ

داستان-۱۰

(۱۵) جَرس= چڙو، چڙي جو آواز

(وائي) ماڙ= مارواڙ، ٿر

سر ڏناسري

داستان-۱

(٦) کَماحَقُون= جيئن جو تيئن، گهرجي تيئن

(۸) داڙُو= سنگهار، واهرو

(١٣) نِهو= بڻ، بنياد، سلسلو

سر شينهن ڪيڏارو

داستان-١

(٩) ناپُون= نُهندُون، ڇُهنبون
طنبيلا= طبلا، طبل، دُهُل
تَبريز= بريز بريز، ڏڙڪا تاب

(١١) ڪيڏارا= حملا، هنگاما

(١٥) شَمُون= باسون، بُويون

(١٣) طفيلي ڇڏڻ= پنهنجي وس ڪري ڇڏڻ، مطيع ڪري ڇڏڻ

داستان-٢

(١٢) پري جي پَلتار= شڪار ۾، پَرو جهلي قطار ڪري هڪل ڪرڻ

سر بسنت

داستان-١

(١) واهُوندن= سياري جي خاتمي تي ڏکڻ- اولهہ طرفان لڳندڙ هوائن

(١٣) راٽيون= رات جون راٽيون

سر ڏول ماروئي

داستان-١

(٥) وانجا ڪين وڙن= احسانن ۽ انعامن کان محروم نہ ٿيا

داستان-٢

(٧) اَجُک= جوکي کان خالي، سلامتي واري

اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ جي سهڪار سان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ريسرچ فائونڊيشن جا ڇپيل ڪتاب

01 سنڌ جو ذهين ڀار- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ليکڪ: پروفيسر محمد عمر چنڊ

02 سنڌ جا پاڳارا پير - ليکڪ: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

03 سنڌي لوڪ ادب جو اڀياس - (ڊاڪٽر بلوچ جا لوڪ ادب جي ڪتابن تي لکيل مقدما)

04 املهه موتي جلد - 1 (ڊاڪٽر بلوچ جا مختلف ڪتابن تي لکيل تعارفي، تحقيقي مقدما، پيش لفظ ۽ مهاڳ)

05 املهه موتي جلد - 2 (ڊاڪٽر بلوچ جا مختلف ڪتابن تي لکيل تعارفي، تحقيقي مقدما، پيش لفظ ۽ مهاڳ)

06 سڄڻن ڪي ساريوم - (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا لکيل خط)، سهيڙيندڙ: محمد ارشد بلوچ

07 سنڌ جي تاريخ (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا تحقيقي مقالا)، سنڌيڪار: عنايت بلوچ

08 تاريخ بلوچي (فارسي جو سنڌي ترجمو) ، تحقيق ۽ ترتيب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

09 باقيات از احوال ڪلهوڙا (فارسي جو سنڌي ترجمو) ، تحقيق ۽ ترتيب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

10 شاهه جو رسالو (ٽن جلدن ۾) محقق: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

11 ڊاڪٽر بلوچ جون تقريرون (جلد ٻيو)، سهيڙيندڙ: محمد ارشد بلوچ

12 سنڌ جون شخصيتون (مضمون ۽ مقالا)، ليکڪ: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري

13 قاضي قادن جو رسالو- تصحيح ۽ ترتيب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

14 سنڌ جا تاريخي ماڳ مڪان ۽ سنڌ جون تاريخي لائبريريون _ تحقيق: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

15 سيف الملوڪ عرف سيفلنامو- مقدمو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

16 سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ- تحقيق ۽ تصنيف: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

17 خطوط بنام ڈ اکٹر نبی بخش خان بلوچ

18 سوانح ڈ اکٹر نبی بخش خان بلوچ- مرتبہ: محمد راشد شیخ

19 گلشنِ اردو- (ڈ اکٹر نبی بخش خان بلوچ کے اردو مقالات اور دیگر تحریریں) جمع و تدوین: محمد راشد شیخ

20 GREAT BOOKS OF ISLAMIC CIVILIZATION

21 BILAL: THE ESTEEMED CHILD OF LIBERTY

22 FATAHNAMAH-I-SINDH